دیار دل

ء

داستان محبت

مصنف

جي- ایم- سید

ديار دل

ءِ

داستان محبت

ملڪ دل جو موڪرو، جنهن جو عرش زمين آسن.
(چتو فقير سانگي)

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: ۴۵-۰۰ روپيا
(پنجيتاليهه روپيا)

ڊسمبر ۱۹۷۳ع

مصنف
جي- ايم- سيد

فهرست

پيش لفظ		٥
فصل پهريون	محبت جي ماهيت	٦٥
فصل ٻيو	عشق مجازي جو ابتدائي دور	١٠٩
فصل ٽيون	مجاز جو سن بلوغ	١٧٩
فصل چوٿون	مجازي عشق جي جواني	٢٣٢
فصل پنجون	مجاز جي پيري	٣٠٠
فصل ڇهون	حقيقت جو انڪشاف	٣٧٠

مون کي ”سنڌو ديش“ جي
مهان اڳواڻ شري جي-ايم - سيد
جو ”ديار دل ۽ داستان محبت“
ڇپائيندي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي. شري
جي-ايم- سيد جنهنکي سنڌ ۾ سائين جئيم سيد
سڏين ٿا، هڪ بهادر سنڌي اڳواڻ آهي. هن
ڪتاب ۾ سندس عشق جو داستان آهي جيڪو تصوف
جي رمزن سان مجازي عشق کان هلي وطن
جي عشق تي پهچي ٿو. مونکي پورو وشواش
آهي ته هند سنڌ جا سنڌي، ماتر ڀومي
جي هن مهان قومي اڳواڻ جي
نيا پي کي هنئين سان هنڊائيندا.

کيرت ٻاٻاڻي

انتساب

مادري سنڌوءَ جي چرنن ۾

پنج هزار سالہ شاندار ماضيءَ واري سنڌو ديش کي اقوام عالم ۾
سندس جائز مقام حاصل ڪرائڻ لاءِ جن عاشقان سنڌ پنهنجون
زندگيون صرف ڪيون آهن، تن جي لسٽ ۾ پنهنجو نالو
داخل ڪرائڻ لاءِ هي ستر سالہ ڪوجنائن جو داستان محبان
سنڌ جي خدمت ۾ انهي اميد سان پيش ڪريان ٿو تہ
سن هي ساوا پن تحفہ درويش طور منجهن سياسي
شعور، قومي غيرت ۽ جذبہ آزادي پيدا ڪرڻ
لاءِ ڪارآمد ٿين.

ٽوٽي ٽـون وڏي ٿـي، توءِ اٿي آتڻ آءُ،
ٿي پيڙي پيڙ موورائين، ٻي هڏ ڪرمڪاءِ،
تہ صراف تو صباح، ڪوٽي ڪا تارن سين.

١٠- جولائي ١٩٧٣ع

(غلام مرتضيٰ)

پيش لفظ

در قلم آورد حافـظ قصہ لعل بش
آب حيوان مي رود هردم زاقلامم هنور
(خواجہ حافظ)

معنيٰ- جڏهن ڪان حافظ ان جي محبت جـي قصہ ڪي لـکڻ شروع ڪيو آهي. ان وقت ڪان اج تائين سندس لکيت مان زندگي پنڪي رهي آهي.

مذهبي معلومات بنسبت هڪ ڪتاب **”جيئڻ ڏنو آهہ مون“** نالي سان اڳي لکيو اٿم. جو سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ڇپجي چڪو آهي. ۽ گهڻي ٿي نقطہ چينين جو باعث بنيو آهي.

هاڻ جڏهن عشق جي مسئلي تي پنهنجي تجربـن ۽ معلومات جو ذڪر قلمبند ڪيم ٿي تہ خدشو پيدا ٿيو تہ خبر نہ آهي ان ڪي الاجي ڪهڙي نموني ورتو ويندو.

گهڻي وقت ڪان مذهبي، روحانـي، نفسياتـي ۽ سياسي مسئلن کي اهڙيءَ طرح ورهائي پيش ڪيو ويو آهي، جو اهي زندگي جي علحده مسئلن جي حيثيت وٺي ويا آهن.

مذهب: ملن، پنڊتن ۽ پادرين جي ميراث بنجي پيو آهي، جنهن ۾ هنن کـان سواءِ ٻـي ڪنهن جـي دست اندازي برداشت نہ ٿي ڪئي وڃي.

روحانيت پيرن، جوڳين، راهبن ۽ فقيرن جو ورثو ٿي پئي آهي، ان ۾ بہ ڪنهن جي دخل ڪرڻ جي جاءِ ڪانہ ٿي ملي.

نفسياتي مسئلن کي هڪ طرف پريم ۽ محبت جا نالا ڏئي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويو آهي، تہ ٻي طرف ان کي لاهي بازاري درجي تي آندو ويو آهي.

سياست ملڪ خطرناڪ صورت اختيار ڪري پاڪستان اندر مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي مانوپولي ٿي ويئي آهي. ان ۾ بہ ڪنهن کي برداشت نٿو ڪيو وڃي.

مذهب تي ڪتاب لکڻ ڪري ملن کان ڪفر جي فتوي ملي.

سياست تي آزاد راءِ جي اظهار ڪري ملڪ دشمني جا خطاب مليا ۽ ١٣ سال جيل يا نظر بنديءَ جون صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيئون. هاڻ حضرت عشق تي قلم کڻڻ ڪري خبر نہ آهي تہ ڪهڙو انعام يا سزا ملي.

اڪثر عاشق ۽ صوفي چئي ويا آهن تہ عشق جي رازن کي مخفي رکجي جو اهي عام جي سمجهہ کان مٿي هئا. حافظ شيرازي فرمائي ٿو تہ:—

مصلحت نيست کہ از پرده برون افتد راز،
ورنہ در مجلس رندان خبر نيست کہ نيست.

معنيٰ- صلاح پري ڳالهہ نہ آهي ڳجهن رازن کي پرده کان ڪڍي ٻاهر ڪجي. نہ تہ رندن جي سنگت کي هر قسم جي معلومات آهي.

شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ:

نهائين کان نيهن، سک منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

باوجود انهن هدايتن ۽ خوف خطرن جي دل جهلي هي ڪتاب لکي رهيو آهيان.

گرچہ بدنامي است نزديڪ عاقلان،
مانمي خواهيم ننگ و نام را.

معنيٰ- جيتوڻيڪ ظاهري عقل وارن جي اڳيان اهي ڳالهيون عيب واريو آهن، پر اسان ننگ ناموس جي طالبن مان نہ آهيون.
آئون بنيادي طرح جذباتي رهيو آهيان، ڪتاب ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ جي ابتدا ۾ لکيو اٿم تہ:

”ننڍ پڻ کان وٺي قدرت اثر پذير دل عطا ڪئي هئي، قدرت جا عمده نظارا، مٺا ۽ سريلا آواز، سهڻيون شڪليون ۽ شيون دل تي گهرو اثر پيدا ڪنديون هيون. سٺو ماحول خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري موج ۾ آڻي ڇڏيندو هو. هر دردناڪ آواز، واقعو، قصو ۽ نظارو دل کي مغموم بنائي وجهندو هو.

جذبہ دل سان گڏ اڪثري غور ۽ فڪر جو مادو بہ شامل حال رهندو هو، ان ڪري بعضي اهڙي حالت ٿيندي هئي جو ويٺي ويٺي ڪنهن ڳوڙهي خيال ۾ گم ٿي ويندو هوس. آس پاس ڇا وهندو واپرندو هو تنهن جو پتو نہ پوندو هوم، پڙهندي پڙهندي ڪتاب سيني تي رهجي ويندو هو جنهن جو پتو ڪجهہ وقت کان پوءِ پوندو هو، تہ ڪنهن خيال ۽ فڪر وچ ۾ پئي پڙهڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ڇڏي هئي.

بعضي ڳالهين ڪندي سلسلہ ڪلام وچ ۾ قطع ٿي ويندو هو ۽ خاموشي طاري ٿي ڪنهن ڏن ۾ گم ٿي ويندو هوس.

ان وقت اڪثري دوست سجاڳ ڪري پڇندا هئا تہ ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهين. مطلب تہ جذبات ۽ فڪر جي تصادم يا انتشار ڪري نہ گفتگو ۾ رابطو رهندو هو نہ طبيعت ۾ اعتدال.

آئون اڃان سورنهن مهينن جو هوس تہ والد شهيد ٿي ويو هو گهر ۾ پيو ڪوبہ مرد ماڻهو نہ بچيو هو. خاندان ۾ اڪين اڳيان اڪيلو پار هئڻ ڪري گهر جي عورتن ڳوٺ کان ٻاهر پڙهڻ لاءِ نہ ڇڏيو،

ان ڪري تعليم اڌوري رهجي ويئي. سن جي سنڌي اسڪول ۾ ڇهه درجا پڙهڻ بعد مون کي پارسي ۽ عربي پڙهڻ لاءِ قاضي محمد هاشم وٽ وهاريو ويو.

ان وقت ڏاري شاهه جو رسالو ۽ ديوان حافظ پڙهڻ لاءِ موقع مليو. اهڙي طرح ڪجهه ڪتابن ۽ ڪجهه صالحن جي صحبت مان پتو پيو ته انسان جي زندگيءَ جو ڪمال خدا جي سڃاڻپ ۾ مضمر آهي. خدا جي سڃاڻپ پاڻ سڃاڻڻ بعد حاصل ٿي سگهندي. اهي ڳالهيون ڪيئن حاصل ٿي سگهنديون ان لاءِ مون کي ٻڌايو ويو ته هيٺيان ٽي رستا ان راهه جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا.

(١) تقويٰ يا پرهيزگاري

(٢) تزڪيه نفس يا اندر اجارڻ

(٣) صحبت صالحان يا ست سنگ

بهتر آهي ته انهي ٽنهي طريقن جي ان وقت ڏسيل معنيٰ ۽ مفهوم بابت ڪجهه ذڪر ناظرين جي معلومات لاءِ پيش ڪريان.

(١) تقويٰ يا پرهيزگاري

ان مان سندن مقصد، بدن صاف رکڻ، ڪپڙا صاف پاڪ پائڻ ڪاڏو سليس ۽ پوتر کائڻ، زنا کان پرهيز ڪرڻ، حلال جي روزيءَ تي گذر ڪرڻ، نشيدار شين جي استعمال کان گوشو ڪرڻ، ٺڳي ۽ چوري نه ڪرڻ، گلا ۽ ڪوڙ کان پرهيز ڪرڻ وغيره ڳالهيون شمار ڪيون وينون ٿي.

(٢) تزڪيه نفس يا اندر اجارڻ

ان لاءِ عبادت ڪرڻ لازمي قرار ڏني ٿي ويئي، مسلمانن ۾ پنج وقت نماز، تهجد اشتراق، شب بيداري، ورد ۽ وظائف، چله ڪشي، روزه رکڻ، ذاتي ذڪر ڪرڻ وغيره ڳالهيون نهايت ڪارآمد سمجهيون ٿي وينون.

سندن چوڻ هو تہ اندر اجرڻ بعد نور الاهي جون تجليون ڏسڻ جو آسرو هو. جن جي وسيلي اٺ ڏنل ۽ اڻ ڀڏل رازن جي کلڻ جو امڪان هو.

(٣) صحبت صالحان يا ست سنگ

خدا شناسي لاءِ درويشن ۽ سنتن جي صحبت جي هدايت ڪئي ٿي ويئي جن مان ڪن کي رهبر يا گرو وٺي ان جي رهبري هيٺ خدا جي ويجهو ٿيڻ لاءِ راهہ هموار ڪرڻي هئي.

اهي طريقا گهڻو ڪري هر مذهب جي پوئلڳن ۾ مروج هئا.

هندن ۾ برهمنن جو زور صفائي تي گهڻو هو، روز شنان ڪرڻ ڏيهاڻي ڪپڙا ڌوئي پائڻ، ڪاڌي ۾ ماس ۽ مڇيءَ کان پرهيز ڪرڻ، هر قسم جي نشي ورتائڻ، چوري ۽ ٺڳي کان پاسي رهڻ، گلا نہ ڪرڻ، مکيہ ڳالهيون شمار ڪيون ويئون ٿي. هندن جي ڪن فرقن صرف زنا کان پاسي رهڻ جي تلقين ٿي ڪئي تہ ڪي افراد هرشهواني خواهش يا مباشرت کي پليت سمجهي جوڳي ۽ سنياسي ٿي گذاريندا هئا.

ڪرستانن ۾ نفساني خواهش کي ايترو خراب سمجهڻ ۾ ايندو هو جو ڪيترا پادري ۽ عورتون ساري زندگي مجرد (جتي ستي) رهي عبادت ۾ گذاريندا هئا.

مسلمانن ۾ پنج وقت نماز لاءِ وضو ڪرڻ، ڪپڙن کي غلاظت کان صاف رکڻ، نشيدار شين کان پرهيز ڪرڻ مکيہ ڳالهيون شمار ڪيون وينديون هيون. ليڪن انهن ۾ ڪي قلندر ۽ جتي فقير عمر پر چڙها رهيا ٿي. جيتوڻيڪ مسلمانن جي اڪثريت شادي ڪندي هئي چاڪاڻ تہ پيغمبر خدا خود اهڙي زندگي گذاري هئي. پر غير عورت ڏي بدنيت سان نهارڻ ۽ زنا ڪرڻ جي سخت منع هئي. خاص ڪري طريقت جي پانديڙي کي اتان ٿڙڪڻ جو امڪان پڌايو ٿي ويو.

ان ڪري مسلمان عورتن ۾ برقعي ۽ پردي جي سختيءَ سان پابندي ٿيڻ لڳي. مسلمانن ۾ گوشت مڇي ورتائڻ جي منع نہ هئي پر

ڪي جانور، پکي ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ ساهوارا کائڻ ناجائز قرار ڏنا
تي ويا.
کاڌو گهٽ کائڻ، روزا رکڻ، پنج وقت نماز پڙهڻ هر فرد
تي لازمي هو. مسلمانن ۾ چوڻي هئي تہ:

"اندر زطعام خالي دار، کہ درد نوز معرفت بيني"
(سعدي)

معنيٰ- اندر گهٽي کاڌي کان خالي رک، تہ ان ۾ روحاني راز
ڏسي سگهين. منجهن مرشد طرفان خداشناسيءَ لاءِ جداجدا ورد
۽ وظيفا تسبيحن تي مريد کي پڙهايا ويندا هئا. قرآن شريف
جو دور ڪرڻو هو، اڪثر باوضو رهڻ جي هدايت ڪئي
ويندي هئي.
شب بيداري يا راتيون جاڳي عبادت ۽ غور فڪر ڪرڻ، اندر
اجرڻ ۽ روياڻي صادق لاءِ ضروري سمجهيا ويندا هئا.

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام اچي آتڻ ان جي.
(شاهہ)

مرشد طرفان مريد کي ذڪر ذاتي ڪرايو ويندو هو.
مسلمانن ۾ صالح ۽ قسمن ۾ ورهايل هئا.
هڪڙا زنده اهل الله هئا، ٻيا اهل مماتيءَ وارا هئا.

مسلمانن جي عقيده سوجب روح سدائين جيئرا هئا. خاص ڪري
ولي الاهن جون درگاهون فيض ملڻ جو مرڪز سمجهيون هيون. جتي
ورد وظيفا ڪيڻ، چلہ ڪشي ڪرڻ، استخارائون ڪيڻ فائد يمند
سمجهيا تي ويا. انهيءَ لاءِ مون حق شناسي جي ڳولا ۾ سڀ نمازون
پابنديءَ سان پڙهڻ، رمضان جا روزا رکڻ، تورو ۽ پاڪ صاف کاڌو
کائڻ شروع ڪيو. ڪو وقت تہ ماس مڇي بہ نہ ورتائيندو هوس،

راتيون جاڳي تهجد پڙهڻ، چلا ڪڍڻ، وظيفا پڙهڻ، بزرگن جي مزارن جون زيارتون ڪرڻ، ختما ڏيارڻ، عرس ۽ خيرات ڪرڻ ۽ درويشن جي صحبت سان زندگي شروع ڪيم.

جن زنده بزرگن جي صحبت مان مستفيض ٿيس سي هيٺيان هئا:

(١) قاضي مخدوم بصرالدين عليه	سيوهاڻي
(٢) سخي قبول محمد فاروقي	درازا
(٣) ميرزا قليچ بيگ صاحب	ٽنڊو ٺوڙهو حيدرآباد
(٤) علامه آءِ-آءِ-قاضي	حيدرآباد
(٥) خواجه حسن نظامي	دهلي
(٦) راڌها سوامي گرو	الهٰ آباد
(٧) ڪرشنا مورتي	مدراس امريڪا
(٨) مولانا حسين احمد مدني	دهلي
(٩) خواجه محمد حسن جان سرهندي	ٽنڊو سائينداد
(١٠) مولوي غلام احمد صاحب ملڪاڻي	دادو
(١١) پير ميان محمد شاهه ذڪري	سڪرنڊ
(١٢) دادا چيتمل پرسرام	ڪراچي
(١٣) ميان عبدالرحيم صاحب درس	ملاڪاتيار

١- قاضي مخدوم بصيرالدين عليه سيوهاڻي:

هي بزرگ سيوهڻ جي قاضين مان هڪ گوشه نشين درويش هو. اڪثر سيوهڻ وڃڻ بعد هن جي ملاقات ڪندو هوس. ڪيس سون بار بار عرض ڪيو ته مون ڪي سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ روحاني تسڪين نٿي اچي بلڪ نالي، ناموس، عزت ۽ معتبري جي خواهش پيدا ٿئي ٿي. دشمنين ۽ حسد سان واسطو پوي ٿو. مون کي شڪ هو ته انهن ڳالهين ذريعي خدا شناسي حاصل ٿيڻ محال هئي. تنهن ڪري

دل پئي گھريو تہ انھن کي ترڪ ڪري سڌو روحاني ترقيءَ ذريعي خدا کي نزديڪ ٿيان ان ۾ منھنجي رھبري ڪريو."

ان تي فرمايائين تہ "روحاني تجلي بجلي وانگر ھئي جا روشن ٿيڻ تي ٻين کي بہ روشن ڪري ٿي. اھا وٿس ايتري مقدار ۾ نہ ھئي جو سندس مصرف کان وڌيڪ ٻين جي ڪم اچي سگھي." وڌيڪ چيائين تہ "تنھنجي خدمت خلق جو ڪم تو لاءِ باعث نجات ٿيڻ وارو آھي. جي تون نيت صاف سان لالچ ۽ خود غرضيءَ کان پري رھي ڪم ڪندو رھندين تہ توکي نسالو ناموس، عزت ۽ دشمنيون راھ ھدايت کان گمراھ ڪري نہ سگھنديون. پر جي ھرو ڀرو ذڪر ذاتي پچائڻ جو شوق دامنگير اٿئي تہ ان ڏس ۾ ٻہ بزرگ تنھنجي مدد ڪري سگھن ٿا.

١- چشمہ جو بزرگ ڪوئيٽا وارو
٢- خواجہ محمد حسن جان سرھندي ٽنڊہ سائينداد وارو.
پاڻ پوئين بزرگ وٽ وڃڻ کي ترجيح ڏنائين.

(٢) صوفي سخي قبول محمد صاحب عليہ درازا

ھي صاحب درازن واري صوفي درگاھ خواجہ صاحبڏنہ عليہ فاروقي، حضرت سچل سرمست عليہ جو سجادہ نشين ھو. ھنھي بزرگن جو ڪلام اڳي پڙھيو ھوم" ھي وحدت الوجودي بزرگ ھئا.

شاھ عبداللطيف عليہ ڀٽائي لاءِ چوندا آھن تہ جڏھن پاڻ درازن ۾ ويا ھئا تہ ان وقت سچل سرمست ننڍو ھو، ان کي ڏسي فرمايو ھئائين تہ :

"مون جيڪو ڪنو چاڙھيو آھي ان جو ڍڪڻ ھي نوجوان کڻندو."

يعني "شاھ صاحب جيڪي وحدت الوجودي ذڪر سلوڪي انداز ۾ پيش ڪيو ھو تنھن کي ھو کولي منصوري انداز ۾ پيش ڪندو."

٦- آڪٽوبر ١٩٦٤ع تي شيخ بهاوالدين سان گڏجي آئون سخي صاحب جي ملاقات ۽ سچل سرمست جي زيارت لاءِ درازا ويس جتي سخي صاحب سان ملاقات ٿي. هي صاحب گهڻو وقت استغراق جي حالت ۾ ڏٺم.

سندس خانقاه تي هندو مسلم ٻئي يڪسان ايندڙ هئا.

پهريون دفعو زندگي ۾ هندو مسلم اتحاد جو نظارو اتي ڏٺم.

بعد ۾ جڏهين ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ وڃڻ لڳس ته اهو ابتدائي اثر غالب رهيو. وچ ۾ فرقيوارانه ۽ تعصبي اثرن هيٺ آيس ليڪن وري هن وقت ڪثرت مذاهب ۾يان وحدت ڪي پرکڻ لاءِ هي ابتدائي اثر گهڻي قدر ڪارآمد ٿيا آهن.

سياست ملڪ ۾ مسلمانن جي جداگانه قومي نظريه کي ترڪ ڪري سنڌي وطن جي بنياد تي قوم جي تصور لاءِ هي ئي اثر جوابدار آهن.

هي جايون محبت جا ميخانا آهن جتي انساني اتحاد ۽ امن جا سبق سکجن ٿا.

(٣) ميرزا قليچ بيگ عليه ـ ٽنڊو ٺوڙهو حيدرآباد

هي صاحب سنڌ جي ميرزا خاندان مان رٽائرڊ ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو. هن سوها ڪتاب مختلف مضمونن تي لکيا هئا جن مان ڪيترا ٻين ٻولين مان ترجمه ڪيا هئائين ڪي پاڻ لکيا هئائين. قريباً هر مضمون تي ڪتاب لکيل هئس. مذهب، فلسفه، تاريخ، قصا، ناول، ناٽڪ، تصوف وغيره تي ڪتاب لکيا هئائين. هو صاحب اعليٰ پايه جو شاعر به هو. ڪيترا ڪتاب شعر تي لکيائين. هو اديب ۽ شاعر ته هو ليڪن سڀ کان وڏي صفت اها هيس ته هو صاحب دل هو. آئون جڏهين به حيدرآباد ويندو هوس ته سندس ملاقات مان مستفيض ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هوس سندس صحبت بابت شاه صاحب جو هيٺيون بيت ٺهڪي اچي ٿو.

ويئـــي جنين وٽ ڏڪندو ڏور ٿئي،
تون تنين سان ڪٽ اوڏو اڏي پڪڙا.

اهو سنڌس صحبت ۽ ملاقاتن جو اثر هو جنهن منهنجي ادبي ذوق ۾ اضافو ڪيو. جنهنڪري ڪتابن پڙهڻ جو شوق زياده ٿيو. شاه لطيف جي حياتيءَ تي ڪتاب، لطيفي لغات، شاه جو رسالو لکي هن ان دور ۾ شاه ڏي پڙهيل ماڻهن کي راغب ڪيو هو، هو قديم سنڌي تهذيب جو مجسم هو، سنڌس مجلس ۾ وهڻ مان ساڻ ايندو هو. هن ۾ تعصب جي ذرا به بوءِ نه هوندي هئي.

هندو، مسلمان، ڪرستان سڀئي سنڌس صحبت مان يڪسان مستفيض ٿيندا هئا. ان وقت سنڌي زبان ۾ لکيل ڪتابن جي ڪمي هئي، چند هندو مصنف ۽ هي ئي هئا جن حال آهر ان ڪمي کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

هن شعر ۾ عشقيه ڪلام کان علاوه، ناصحانه، عارفانه شعر چئي سنڌي شعر جو ميدان وسيع ڪيو هو.

٤ـ علامه آءِ آءِ قاضي

قاضي ميان امداد علي صاحب جا وڏا انصاري خاندان مان اصل پاٽ ضلع دادو جا وينل هئا. علامه صاحب جي والد ميان امام علي سرڪاري ملازمت سانگي لڏي اچي حيدرآباد شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي سنڌ، بمبئي ۽ عليگڙهه مان تعليم حاصل ڪري انگلنڊ ڏي ١٩٠٧ع ۾ تعليم وٺڻ ويو. جتان باريسٽري پاس ڪري ١٩١١ع ۾ موٽي سنڌ ۾ آيو.

پهرين عدالتي ڪاتي ۾ نوڪري ڪري پوءِ مطالع ۽ غور و فڪر ۾ مشغول رهيو. سائس منهنجي واقفيت ١٩٢٩ع کان ٿي.

سنڌس صحبت ۽ ملاقاتن مون تي نهايت گهرو اثر ڪيو. زندگي جي هر مسئلي ۾ هن منهنجي رهبري ڪئي. مذهب جي صحيح معنيٰ

سمجهائڻ، علم کي وسيع ڪرائڻ ، عملي زندگيءَ ۾ هدايتون ڏيڻ، عشق جي ڳنڍين کولڻ ۽ اسرار ٻڌائڻ ۾ هي منهنجو مرشد ، استاد، ليڊر ۽ رهبر هو. منهنجي زندگيءَ جي هر مسئلہ تي هي حاوي هو. سندس صحبت بعد مون کي هيٺين ڳالهين جي پروڙ پيئي.

(١) ڪائنات رتنا ۽ مقصد سان وجود ۾ آيل هئي.

(٢) مسئلي وحدت الوجود (ويدانت) جي هر شعبہ تي اثر جي ساڃاهہ ۽ واقفيت حاصل ٿي.

انهي مطابق هر شيءِ جو مرڪز ذات الاهي هو. ٻيون سڀ شيون ان جي صفات، تجلي يا پرتو هيون. انهي تعليم ذريعي سنڌ جي صوفيائي ڪرام جهڙوڪ شاهہ عنايت، شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست وغيره جي ڪلام جي معنيٰ ۽ مطلب جو پتو پوڻ لڳو.

(٣) ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت

اهو قاضي صاحب جي صحبت جو فيض هو، جتان معلوم ٿيم تہ انسانذات لکن ورهين کان هن دنيا ۾ پيدا ٿيل هئي، ان جي پيدائش کان وٺي، انسانن ۾ ڪي عقيدا، رسمون، رواج ۽ عبادتن جا طريقا مروج پي رهيا هئا . جن مختلف زمانن، ملڪن ۽ قومن جي ضرورتن ۽ تقاضائن مطابق جدا جدا صورت اختيار ڪئي هئي، ۽ آهستہ آهستہ ئي عالمگير مذهب بنيا هئا.

اهي سڀ ڳالهيون قانون ارتقا (فطرت) موجب مختلف دورن جي ذهني معيارن، وقتي ضرورتن ۽ سماجي تقاضائن مطابق هڪ ئي زنجيري سلسلہ جون ڪڙيون هيون. اسلام انهي نقطہ نگاهہ جي افشائي راز جو پيغام آندو هو.

جنهن ظاهر جي ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏيکاري تسلسل حيات، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي اشيا جو راز سمجهايو ٿي.

(٤) اسلام-

(قانون فطرت) کي محدود ۽ مڪمل ڄاڻڻ روح اسلام جي

خلاف هو.

دنيا جي هر شي مسلسل ارتقا پذير هئي، دور بدلبا رهن ٿا. جهڙوڪ ابتدا ۾ پٿر جو دور هو. پوءِ ڪٽ جو دور آيو. ان کان پوءِ لوهه جو دور ٿيو. وحشيانه دور، بدويانه دور، زراعتي دور، تجارتي دور، هنري دور، سائنسي دور هڪ ٻئي جي پٺيان ايندا رهيا. هر دور جا دستور، قانون ۽ عقيدا مختلف هئا. تنهنڪري انهن قانونن، دستورن ۽ عقيدن کي محدود ۽ مڪمل ڪري ڇڏڻ انهي ارتقائي قانون جي خلاف هو.

اسلام جو ڪمال قانون ارتقا جي راز جي پروڙ ۾ هو ۽ نه ان کي چند شرعي قانونن، عقيدن ۽ عبادتن جي مجموعي ۾ محدود ڪرڻ ۾.

(٥) دين وحدت خيال ۽ عمل جو مجموعو هو:

ان موجب هر صالح ماڻهو جو ظاهري طرح ڪهڙي به مذهب جو پوئلڳ هو مسلمان شمار ٿيڻ جو حقدار هو ۽ هر غير صالح ماڻهو پوءِ ظاهري طرح هو مسلمانن جي جماعت ۾ ڇو نه شامل ٿيل هجي غير مسلم شمار ٿي سگهڻ جو اهل هو. سندس انهي تعليم ڪري مونتي هي راز افشا ٿيو ته اسلام جو انسانذات ماں ننڍ وڏائي، ذات پات، رنگ ۽ نسل جا تفاوت مٽائڻ ۽ مختلف مذهبن ۽ فرقن جي نالي ۾ ماڻهن جي وچ ۾ ڪڙي ڪيل ديوارين کي ڊاهڻ آيو هو سو ڪهڙي طرح جدا گروه يا قوم بنجي اختلاف، اڳرائي، تشدد ۽ هڪ هٿي جو باعث بنجي سگهيو ٿي.

(٦) سرزمين سنڌ جي رهاڪن کي انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ خاص پيغام هئا:

انهي پيغام جو مقصد مشرق جي روحاني تعليم ۽ مغرب جي مادي سائنسي تجربن ۽ تعليم ۾ امتزاج آڻي انساني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ حاصل ڪرڻ هو.

اتحاد انساني جي ڪنجي محبت ۽ مساوات جي هٿ ۾ هئي. چونڊيل ماڻهو ۽ قوم جو تصور اتحاد انساني جي راه ۾ رڪاوٽ هو.

سنڌ زماني قديم کان قولاً فعلاً عدم تشدد جي پرچارڪ رهي هئي سنڌ بقائي باهمي جو سبق ٻين کي سيکاريو.

قاضي صاحب جي صحبت مونکي ريءَ مان سون بنائڻ جو رستو ڏيکاريو. هن جي وسيلي مونکي حضرت رسول خدا محمد مصطفيٰ عليه جي درجي رحمت العالمين جي شناخت ٿي. هو فنا في الرسول بزرگ هو. اهو درجو تڏهن حاصل ٿي سگهندو جڏهن انسانذات جي محبت بنا امتياز رنگ، نسل، مذهب ۽ قوم جي دل ۾ سمائجي ويل هجي. سندس صلاحن ۽ رهبريءَ جو زياده احوال جدا جدا فصلن ۾ ڏبو.

(٥) خواجہ حسن نظامي عليہ دهلوي

هي صاحب خواجہ نظام الدين عليه چشتي جي خادمن مان هو. ڪيترن ڪتابن جو مصنف ۽ چشتيہ طريقي جو ڄاڻو هو. خواجہ نظام الدين عليه خواجہ معين الدين عليه اجميري جي سلسلہ چشتيہ سان واسطو رکندڙ هو. اهي بزرگ ۽ سندن درگاهون اتحاد انساني جون پيغام رسان هيون. انهن سان واقفيت يا لاڳاپو ڪتابي معلومات کان گهڻو مٿي هو. ساڻس منهنجو ٢١ نومبر ١٩٢٧ع تي ڪراچيءَ ۾ ملڻ ٿيو. هن کان هيٺيان سوال پڇيم:

(١) حضرت آدم کان اڳي ماڻهو هئا يا نہ؟

(٢) روح جو سڀ کان گهٽ درجو ڪهڙو هو ۽ سندس ارتقا ڪيستائين ٿيڻ واري هئي؟

(٣) قيامت ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڳالهين جو مفهوم ڇا هو؟

(٤) نظريہ تناسخ مطابق چوراسي لک جوڻين جي چڪر-ڪرمن جي ايندڙ زندگيءَ تي اثر- ۽ اڳين زندگيءَ جي تجربن جو نئي جوڻ ۾ ياد نہ پوڻ بابت سوال پڇيم.

(٥) ننڍي هوندي ۽ وڏي هوندي جي عقل ۾ تفاوت جا ڪارڻ دريافت ڪيم.

(٦) روح آواگون چڪر مان ڪيئن نڪرندو.

جواب ڏنائين جي رواجي ملن کان زياده معلومات وارا هئا.
ليڪن سوال ڪيل مسئلن تي پوري روشني نہ وجهي سگهيا.

پيو دفعو ڪيس دهليءَ ۾ ۱۹۳۰ع تي مليس. سندس ڪتاب پڙهندو رهندو هوس. جن مون تي ڪافي اثر ڪيو ۽ معلومات ميسر ڪئي. خاص ڪري سرمد شهيد جي سوانح عمري جنهن جو ديباچو مولانا ابوالڪلام آزاد لکيو هو. روزانه ڊائري ته اڳيئي لکندو هوس پر هن جي ڊائري جا رسالي ۾ لکندو هو مون کي ڊائري لکڻ جي زياده تحريص ڏياري.

(٦) راڌا سوامي گرو الهه آباد:

راڌا سوامي مت جو باني ۱۸۱۸ع ۾ آگره جي شهر ۾ پيدا ٿيو هو. ۱۸۷۸ع ۾ وفات ڪيائين. ان جي وفات کان پوءِ سندس تعليم جا ٻه مرڪز ٿيا هڪ آگره ۽ ٻيو الهه آباد ۾. هن مت جا پوئلڳ نهايت منظم طريقي رهڻ ۽ پرچار ڪن ٿا. انهن ۾ هندو، مسلمان ۽ ڪرستان داخل آهن. آگره جو مرڪز مون وڃي ڏٺو جو هڪ وڏي ڪالوني ۾ هو. ان جو واسطو نه صرف ساڌن جي تعليم ۽ تربيت سان هو پر انهن جي رهائش، گذرمعاش، سماجي زندگي، هنر وغيره تي مشتمل هو. اتي هڪ سنڌي هندو ان جو سيڪريٽري هو. آءُ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو جڏهن پريزيڊنٽ هوس ته ڪراچيءَ ۾ گهڻو وقت رهندو هوس. انهي وقت ڏاري الهه آباد وارو گرو ڪراچي آيل هو. جو ڪلفٽن جي هڪ بنگلي ۾ اچي رهيو هو. ڪراچيءَ جي هڪ هندو دوست ريجهومل آڏواڻي جو انهي گروءَ جي معتقدن مان هو، جي معرفت سنت صاحب جي صبوح گاهي ڪلاسن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. ان جي تقريرن ذريعي تصوف جي مختلف پهلوئن جي واقفيت ٿي انهي وٽان چند ڪتاب به پڙهڻ لاءِ مليا جهڙوڪ:

۱- سنت مت ڪيٽيڪزم
۲- راڌا سوامي سهائي نج اپديش
۳- راڌا سوامي مت سنديش
۴- مسار بچن نثر
۵- مسار او پديش راڌا سوامي

سندنُ خاص زور، شبد، جي رموز جي سمجهاڻي تي هو. سندن چوڻ هو ته ڪائنات شبد (آواز) ذريعي وجود ۾ آئي هئي ان ڪري شبد يا ذڪر ذاتي جي معنيٰ پروڙڻ رموز خلقت ڪائنات معلوم ٿي سگهندا.

سندن تعليم سوالن جوابن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. مثال طور ان جي ٻن سوالن ۽ جوابن کي هتي بيان ڪريان ٿو.

سوال (١) سنت مت يا راڌها سوامي پنٿ ڇا کي چئجي ٿو.

جواب — سنت مت (تصوف) تمام روءِ زمين جي مذهبن جو جوهر آهي. تمام علم حڪمت جو اخذ آهي، جنهن کي فقرائي ڪامل بي شمار تجربن ۽ تعليم بعد حاصل ڪيو آهي. جنهن جي ذريعي سچي مالڪ جي ڄاڻ، ان جي ملڻ جو رستو ۽ منزلن جو پتو پئي سچي خوشي ۽ نجات حاصل ٿئي ٿي. هن طريقي جو ڄاڻ انهن ماڻهن واسطي مفيد آهي جي حق جا ڳولائو ۽ روح جي نجات ۽ ترقي جا فڪر رکندڙ هوندا آهن. ليڪن جن ماڻهن مذهب کي ذريع روزگار، بحث مباحثه، دل وندرائڻ، تفريح طبعي جو شغل بنايو آهي تن کي هي مت نه فائدو ڏيندو نه انهن جي سمجهه ۾ ايندو. درويشن ان کي سرت شبد جوڳ جي نالي سان سڏيو آهي.

سوال (٢) سرت (فهم — ادراڪ) ڇا کي چئجي ٿو.

جهڙي طرح تصوف تمام مذهبن جو جوهر آهي اهڙي طرح سرت تمام جسم ۽ موجودات جو جوهر آهي. ان کي روح يا جيو آتما به سڏبن ٿا. انهي جي طاقت سان جسم، دل، حواس خمسه وغيره ڪم ڪن ٿا. ان ۾ ساري دنيا جا علم ۽ هنر لڪل آهن پوءِ جيڪو به ماڻهو سچي دل سان محنت ڪري انهي جي ڪنهن به راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته دل جي مراد پائي ٿو.

جسم اندر روح جو اصلي مقام اکين جي پويان آهي. ان جو

مخزن اد شبد يعني ازلي آواز ۾ آهي.

اهڙي طرح وري ازلي آواز ڇا آهي، ان جو جواب ڏنو وڃي ٿو.

(٧) شري ڪرشنا مورتي آمريڪا

هي صاحب ٿياسافيڪل سوسائٽي جي صدر ڊاڪٽر اينيءَ بيسنٽ جو چونڊيل ۽ تربيت يافته بزرگ آهي. جنهن کي ڊاڪٽر صاحبه عالم جي استاد جي نالي سان سڏيو هو.

ڊاڪٽر صاحبه انڪيون نالي سان ان کي سڏي سندس اڳين جوڻن جي ذڪر ۾ هڪ ڪتاب به لکيو آهي.

هن صاحب سان ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ سان تعلق رکڻ سبب ڪراچيءَ ۾ به ٽي دفعا ملڻ جو موقعو مليو آهي. هي ڪراچي اچڻ وقت سندس جاءِ رهائش تي مخصوص ماڻهن سان گفتگو ڪري سوالن جا جواب ڏيندو هو. جي سڀ سندس سيڪريٽري لکي ڇڏيندا هئا. جن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويندو هو. هو اصل مدراس جو هو پر هاڻ امريڪا ڪئليفورنيا ۾ رهيو ٿي. هن جي اکين ۾ الستي خمار هو. جن ۾ نظر ڪرڻ سان اهل دل کي نشو چڙهي ويندو هو.

هن جي ڪلاسن وقت گفتگو غير معمولي فڪر انگيز هوندي آهي. جي ڳالهيون اڳي سمجهه ۾ نٿي آيم تن جو پتو سندس گفتگو ذريعي پيو. هي صاحب، علم لدنيءَ جا راز سمجهائڻ جو ماهر آهي.

سندس ڪتاب ۽ ليڪچرن جا رسالا اڳيئي پڙهيا هئم پر قلم بند ڪيل ڪتابن ۽ روبرو جي صحبت ۾ اثر ۾ وڏو تفاوت هو.

ڳڙ نه سڃاڻي ڳالهڙين، جان جان ڳڙ نه کاءِ

سندس ڪتاب پاٿ (راه حق) پڙهڻ بعد سسئي جو پنهون لاءِ ڪيل سفر شاه صاحب جي ڪلام ۾ ذنل ياد آيو ۽ خواجه فريدالدين عطار جو منطق طير جديد زبان ۾ سمجهه ۾ آيو.

سندس ڪتاب ڪمينٽريز آن لائيف (زندگيءَ جا تغير) هڪ مضمون جي اختصار سان پتو پئجي سگهندو ته عشق ۽ عقل کي ڪهڙن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو.

”فڪر (عقل) سندس جذبـاتي معلومات سان عشق نـہ آهي.
عقل عشق جو انڪار آهي. عقل حافظي جي پيداوار آهي، عشق حافظہ
نہ آهي. جڏهن تون ڪنهن پيار واري ماڻهوءَ کي ياد ٿو ڪرين تہ
اهو خيال يا ياد عشق نہ آهي، تـون دوست جـي عادتن، اخلاق ۽
مزاج بابت غور ٿو ڪرين تہ اهو عشق نہ آهي. عقل جـدائيءَ جي
پيداوار آهي.

زمان، مڪان، فراق سڀ عقل مان پيدا ٿين ٿا، پر جتي
عقل جي انتها ٿئي ٿي اتي عشق شروع ٿئي ٿو.

سندس ڪتاب فرسٽ ۽ لاسٽ فريـڊم مان هڪ ٽڪرو معلومات
لاءِ ڏيان ٿو. جنهن جـو سرو آهي تہ ”عقل ذريعي زندگيءَ جا مسئلا
حل ٿي سگهن ٿا؟“

”عقل ڪـي مسئلا حل ڪري نہ سگهيو آهي ۽ آءٌ سمجهان
ٿو تہ نہ آئينده ان ذريعہ حل ٿي سگهڻا آهن . اسان هـن وقت تائين
عقل تي زندگيءَ جي منجهيل مسئلن کـي حـل ڪرڻ لاءِ مدار رکيو
آهي. جيتري قدر عقل وڌيڪ آهي اوتري قـدر مختلف دستور ـ نظريہ
۽ خيال پيدا ٿين ٿا، پر انهن نہ مسئلن کي حل ڪيو آهي نہ آئينده
انهن مان حل ٿيڻ جي اميد رکي سگهجي ٿـي. عقل مان حل نہ ٿـو
نڪري. عقل اسان کي مشڪلاتن مان ٻاهر نہ ٿو ڪڍي. جيستائين
عقل جو عمل ڪم ڪري ٿـو ان وقت تـائين عشق حاصل نہ ٿيندو.
زندگيءَ جي مشڪل مسئلن کي صرف عشق حل ڪري سگهي ٿو.“

اهو ڪرشنا مورتيءَ جـو ڪرشمو هـو جنهن مـون کي مجاز
وقت سبليمٽ (ڪثيف مان لطيف) ڏي ڇڪيو. ظلمات مان نور ڏي
نيو، تزڪيہ نفس ۽ ذڪر ذاتي ذريعي جن ڳالهين جـي معلوم ڪرڻ
جي تمنا هئي تن کي فڪر جي گهوڙي تـي سوار ڪري انهي دنيا
ڏي وٺي ويو جنهن لاءِ شاعر چيو آهي تہ:

آنانکہ خاک را بنظر ڪيمائي کنند، آيا بود کہ گوشہ چشمہ بما کنند.

(٨) مولانا حسين احمد مدني عليہ

هي صاحب دارالعلوم ديو بند جو مدرس اعليٰ هو. ديو بند هندستان جي مسلمانن لاءِ ترقي پسندانہ مذهبي عقيدن ۽ حريت پسند سياست جو مرڪز رهيو آهي. اڳين بزرگن بابت صرف ڪتابن ۾ پڙهيو هوم پر انهيءَ مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ هي پهريون صاحب هو جنهن سان ملاقات ١٩٢٠ع جي خلافت تحريڪ وقت ٿي. هي صاحب نہ صرف اسلام جي جديد تشريح ۾ ماهر سمجهيو ويندو هو پر هڪ حد تائين پير طريقت بہ شمار ڪيو ويندو هو.

انهيءَ وقت ڌاري مذهب ۾ ذڪر ڪيل ڪيترن ئي مسئلن تي ڪي سوال پيدا ٿيندا هئا، جي قلمبند ڪري ڇڏيندو هوس ۽ غور فڪر يا ڪتابن پڙهڻ ذريعي حل نہ ٿي سگهندا هئا تہ هڙن بزرگن کان اهي سوال پڇي معلومات ۾ اضافو ڪندو هوس.

٢٧- آڪٽوبر ١٩٢٧ع ڌاري شيخ عبدالمجيد سنڌي سنڌ جي مسلمانن جي اصلاح لاءِ هڪ تنظيمي ڪانفرنس ڪراچي ۾ سڏائي هئي ان ۾ مولانا حسين احمد مدني بہ آيل هو. جنهن کان هيٺين مسئلن تي سوال پڇيم:

سوال ١. روح پهرين کان خلقيل هئا يا بدن ۾ سرجڻ يا ڄمڻ مهل وجود ۾ اچن ٿا، جي اڳ پيدا ٿيل هئا ۽ بدن ۾ اچڻ کان اڳ ڪڏهين پيدا ٿيا هئا ۽ بدن ۾ اچڻ کان اڳ ڪٿي رهيل هئا؟

سوال ٢. روح اصل ۾ هڪ شيءِ آهي يا جدا جدا آهن؟

سوال ٣. جاندار يا ماڻهوءَ جي مرڻ کان پوءِ روح زنده رهي ٿو يا نہ؟ جي ها تہ ان جو جسم سان ڪهڙو واسطو رهي ٿو. ان جو قبرستان سان لاڳاپو رهي ٿو يا نہ؟ ختم ۽ خيرات مان روح کي ڪو فائدو پهچي ٿو يا نہ؟

سوال ٤. قيامت ڏينهن وري جيئري ٿيڻ وقت روح کي ساڳيو قالب ملندو يا نئون ملندو؟

سوال ٥. ميدان قيامت هن زمين تي ٿيندو يا ڪنهن ٻئي هنڌ؟
سوال ٦. روح خلق آهي يا امر؟
سوال ٧. عالم برزخ ڇا هو؟ منڪر نڪير، پلصراط، ميزان، روز ميثاق، بهشت ۽ دوزخ ڇا هئا؟
سوال ٨. جن، شيطان، ملائڪ ڇا هئا ۽ ڪٿي هئا؟
سوال ٩. حضرت آدم ڪڏهين پيدا ٿيو، ان کان اڳ ماڻهو هئا يا نه؟
سوال ١٠. ياجوج ماجوج ڪير هئا ۽ ڪٿي هئا؟
سوال ١١. طوفان نوح ڪٿي واقع ٿيو هو، ايراضي ڪيتري هيس ۽ ڪڏهين ٿيو هو؟
سوال ١٢. مسئله همه اوست تي سندس ڪهڙو رايو هو.

پاڻ حتي الامڪان قديم روايتي اعتقادن کي نظر ۾ رکي عقل جي ذريعي انهن مسئلن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪيائين. ليڪن اهي جواب جديد زماني جي تعليم يافته ماڻهوءَ کي تسلي ڏيڻ ۾ ڪافي نه هئا.

وڌيڪ احوال معلوم ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڪتاب پڙهڻ جي هدايت ڪيائين:

١. الطاف قدس — شاه ولي الله
٢. عوارف المعارف — شهاب الدين سهروردي
٣. ابريز شاه — عبدالعزيز دهلوي

سياسي مسئلن تي سندس ننڍي ڪتاب ”قوميت جي مسئلي“ مونکي گهڻي معلومات ميسر ڪئي.

مذڪور بالا سوالن جي هڪ جيد عالم کان پڇڻ مان معلوم ٿيندو ته زندگيءَ جي مختلف مسئلن سمجهڻ لاءِ نه صرف ڪتابن مان فائدو حاصل ڪندو آيس. پر مشهور معروف بزرگن کان تفتيش به ڪيم ٿي. جيڪڏهين ”جيئن ڏنو آهي مون“ تي نقطه چيني ڪندڙ

حضرات مٿئين ذڪر ڪيل سوالن جي پس منظر ۾ ان ڪتاب ڪي ڏسن ته ممڪن آهي ته گهٽ سخت رويہ اختيار ڪن.

(٩) خواجہ محمد حسن جان سرهندي عليہ

هي بزرگ خواجہ عبدالرحمان مجددي عليہ جو فرزند ۽ حضرت امام غلام احمد رباني عليہ جي اولاد مان هو. ٽنڊي محمد خان لڳ ٽنڊي سائينداد ۾ رهندو هو. سندن سلسلہ طريقت نقشبندي هو ۽ سندن مذهبي اعتقاد فلسفہ وحدت الشهود سان تعلق رکندڙ هئا.

پڙهندڙن کي معلوم هوندو تہ مونکي ننڍ پڻ کان قرب الاهي، روحاني ترقي ۽ رموز مخفي جي معلوم ڪرڻ جي سڌ ستائيندي رهي ٿي. ان لاءِ ڪتابن جي پڙهڻ، پرهيزگاري، تزڪيہ نفس ۽ صحبت صالحان جا ذريعا سڀ آزمائيندو رهيس ٿي. ان وچ ۾ عشق مجازي جو نسخو بہ تجربي هيٺ اچي چڪو هو. مون تي اهو اثر ويٺل هو تہ جهڙي طرح عشق مجازي ماڻهوءَ جون لڪل قوتون تحرڪ ۾ آڻي ٿو، اهڙي طرح ممڪن آهي ڪي بزرگ اها طاقت رکندا هجن جي دل جي دري کولي اسرار الاهي ۽ قرب خداوندي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن.

مون تي اهو اثر ويٺل هو تہ ذڪر ذاتي هڪ ڪنجي هو جنهن جي جاري ڪرڻ سان دل جي دري کلي پوندي ۽ مٿهو نہ ٻڌل نہ سٺل ڳالهيون معلوم ڪري سگهندو. ان ڪري انهيءَ نسخي جو بہ تجربو ڪرڻ ضروري ڄاتم. ان وقت ذڪر ذاتي جاري ڪرڻ وارن بزرگن ۾ خواجہ صاحب جي فرزند صاحبزاده عبدالستار جان سان دوستانہ تعلقات هئا. ان ڪري سندس معرفت سيپٽمبر ١٩٣٧ع تي ڪوئيٽا ۾ وڃي خواجہ صاحب کان نقشبندي ذڪر (الله) جي تلقين ورتم. خواجہ صاحب شريعت جو سخت پابند هو. هن پهرين مونکي ڏاڙهي رکارائي، پوءِ فجر نماز کان پوءِ کٻي طرف دل تي هٿ رکي (الله) جو ذڪر ڏسي تصرف وڌو. ان کان پوءِ هر روز تهجد کان پوءِ ذڪر ذاتي پچائڻ جو حڪم مليو.

ڪوئيٽا ۾ سخت سردي هئي، تڏي پاڻيءَ سان استنجا ۽ وضو ڪرڻو پوندو هو. جاءِ ۾ گرميءَ جو انتظام ڪونه هو. دنبي جي گوشت کائڻ ڪري اسهال ٿي پيا. ليڪن باوجود ان جي روحاني مدارج طي ڪرڻ جي آسري تي سبق پڙهندو رهيس. مونکي پتو هو ته منهنجو ضمير وحدت الوجود جي خمير سان ڳوهيل هو، پر باوجود ان جي خدا شناسيءَ جي شوق بنا تميز جي نيئي وڃي خواجه صاحب وٽ نمايو. اتي ڪجهه وقت رهڻ بعد ذڪر پچائڻ جي هدايتن سان واپس ورڻ جي اجازت وٺي پوئتي موٽيس.

جڏهن اتي هوس ته برادرم پير علي محمد شاه راشدي مونکي ڪوئيٽا ۾ هڪ ڊگهو خط لکيو جو سندس خطن جي ڇپيل ڪتاب جي صفحي ٣٤ کان ٣٧ تائين ڏنل آهي. ان جا ڪي ٽڪرا ملاحظه لاءِ پيش ڪريان ٿو:

”سچ چوان ته مونکي انهن ماڻهن جي روحانيت ۾ اعتبار ڪونه آهي، جي روحانيت وڪڻڻ لاءِ دڪان ڪڍيو ويٺا آهن. پيغمبر خدا روحانيت جو مکيه سرچشمو هو. ليڪن هن ڪڏهن به اڄڪلهه جي روحانيت جي دعويدارن وانگر شخصي مشتهري ڪري **روحانيت کي پيشو** نه بنايو هو.

مون خواجه صاحب کي ڏٺو آهي پر هن مون تي ڪو به اثر نه ڪيو آهي. سندس سارو ماحول تجارتي منڊيءَ وارو ڏسڻ ۾ آيم. هو اڪثر پرهيزگاريءَ جي نمائش ڪري ٿو...

”منهنجي خيال موجب خواجه صاحب نهايت چڱو هوندو؟ پر مونکي پڪ آهي ته هي اهو نه آهي جيڪي ماڻهو کيس سمجهن ٿا. هن جي رهڻي ڪرڻي سان تصنع جي جهلڪ پيئي نظر اچي...“

”ازانسواءِ آءٌ زندگيءَ کي ڪنهن به تقويٰ جي ضابطي هيٺ مقيد رکڻ جو قائل نه آهيان، پوءِ ڪٿي ان کي کهڙن به سٺن لفظن سان پيش ڪيو وڃي.

زندگي ۽ روح غير محدود ۽ بي انت **آهن**. انهن کي ڪن مقرر رستن ۽ رڪاوٽن سان محدود بنائڻ منهنجي جذبہ آزاديءَ ۽ روح انقلاب جي خلاف آهي...“

”جيستائين مونکي يقين نہ ڏياربو ويو آهي، تيستائين خدا جي وصال ۽ نزديڪيءَ لاءِ **ملا يا پير جي شاهدي يا مدد** ضروري نٿو سمجهان. خدا سان منهنجي تعلقات جو نازڪ ترين رستو آهي. مونکي ان لاءِ ٺياڪر جي ضرورت نہ آهي.“

”مذهب جيئن ان جي ملن تشريح ڪئي آهي يا پيرن پيش ڪيو آهي، تنهن انسانذات جي مشڪلاتن کي گهٽائڻ بدران وڌايو آهي. آءٌ انهن جي پيروي ڪرڻ بدران دل جي هدايتن ۽ دماغي روشنيءَ جي رهبري کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿو. اهي **ملان ۽ پير** منهنجي هدايت ڪرڻ جا اهل نہ آهن. آءٌ ان غير محدود ۽ بي انت طاقت جو جزو آهيان، جنهن کي محدود ڪرڻ سندس شان ڪبريائي جي خلاف ٿيندو. منهنجي زندگي ماڻهن جي ٺاهيل دستورن ۽ قانونن خلاف جهاد ۾ پئي گذري آهي.“

”منهنجا پيارا سيد، زندگيءَ جو لطف ٺي وڃي هليو جڏهن ان کي ماڻهن جي ٺاهيل قانونن جو تابع بنائجي ٿو. ان کي آزاد ڪرڻ سان ئي جاودان بنائڻو آهي.

بدريا غلط با موجش در آويز،
حيات جاودان اندر ستيز است.

......

معنيٰ – سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي لهرين سان ٽڪر ۾ اچ
دائمي زندگي جدوجهد ۾ لڪل آهي.

”دستورن جي متابعت ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ موج نہ آندي آهي. اهو انقلاب ئي آهي جو ان ۾ دائمي تازگي پيدا ڪري ٿو. جيڪڏهين يانئين تہ دائمي سرور حاصل ڪريان تہ پاڻ کي انقلاب جي ڪن ۾ اڇلي ڇڏ، زندگي چرپر جو ٻيو نالو آهي.

موجيم ڪہ آسودگيءَ ما عدم ما است،
ما زنده بہ انيم ڪہ آرام نہ گيريم.

......

معنيٰ - اسين اها لهر آهيان جنهن جي زندگيءَ جو مدار طلاطم تي آهي. ان جي آسودگي ۽ آرام ان جي موت برابر آهي. بيٺل نبض زندگيءَ جو اظهار نٿي ڪري سگهي."

"سچ چوانءِ جي دل ۾ نہ ٿئي، تہ مونکي تنهنجي عابدانہ زندگيءَ گذارڻ مان ڪو فائدو نٿو نظر اچي. تون بجاءِ ڪنهن ٻئي جي پوئلڳي ڪرڻ جي پاڻ کي دستورن ۽ شريعتي پابندين کان آزاد ڪري اندر جي رهبريءَ پٺيان هل."

ان تجربي کي گهڻو وقت گذري چڪو آهي تاريخ جي ڪسوٽي ۽ حقيقتن جي تجربي بعد اسين هن نتيجي تي پهتو آهيان، تہ خواجہ صاحب جي صحبت مان مونکي خدا شناسي، روحاني ترقي يا رموز الاهي حاصل نہ ٿيا. پر منهنجي مذهبي عقيدن ۽ سياسي زندگيءَ تي سالن جا سال ان جو اثر هلندو رهيو. مون سان گڏ ڪيترا ساٿي بہ ان ڳالهہ جو شڪار ٿيا. وبندي پير علي محمد شاه راشديءَ تائين جنهن مونکي انهيءَ تصنع ۽ شريعتي ڪوڙڪي ۾ ڦاسڻ کان منع ٿي ڪئي.

جيڪڏهين منزلگاه جهڙي بوسيده ۽ غير آباد مسجد حي آزاديءَ کي سياست ملڪ جو جزو بنائي نادانستہ هندو مسلم فسادن جو ڪارڻ بنيس تہ ان لاءِ وقت گذرڻ بعد انهيءَ اثر کي جوابدار ڄاڻان ٿو. منزلگاه مسجد تحريڪ جي سر پرستي ڪرڻ وقت سنڌ جا صوفي منش مسٽر جمشيد مهتا ۽ دادا چيٺمل پرسرام مونکي سمجهائڻ آيا تہ "اهو طريقو تنهنجي روايات جي خلاف هو." پر مون تي ان وقت مذڪور بالا اثر ڪري فرقہ پرستيءَ جو ڀوت سوار هو، سو درست ٿي نہ سگهيس. بعد ۾ جمشيد مرحوم هڪ دوست سان گفتگو ڪندي ظاهر ڪيو تہ "سيد جي عابدانہ زندگي کيس نور الاهي جي تجلي حاصل ڪرڻ جي عيوض ڊارڪ فورسز (ظلمت) جي سايہ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي."

جڏهين ان کان پوءِ مسلمانن جي جداگانه قوم جي غلط نظريه هيٺ هندو مسلم نفرت جي بنياد تي پاڪستان جي حصول لاءِ جدوجهد ڪيم ته به ان جو ڪارڻ اهوئي اثر هو.

منزلگاه تحريڪ سون هندو مسلمانن جي قتل ۽ لکها روپين جي جائداد جي تباهيءَ جو ڪارڻ بني.

پاڪستان هلچل لکها هندو مسلم جي قتل، ڪروڙها هندو مسلمانن جي جلاوطني، اربها روپين جي جائداد جي تباهه ٿيڻ جو باعث بني.

اهي ڳالهيون منهنجي خدا شناسيءَ جي راهه جو تجربو هيون.

خواجه صاحب جي جد امجد جي پيروي ۽ اثر ڪري اورنگزيب اها راهه اختيار ڪئي جا هندوستان ۾ مسلم (مغل) شهنشاهيت جي خاتمي جو باعث بني.

انهيءَ تعليم جي اثر هيٺ علامه اقبال هندو مسلمانن جي جدا قومن جي نظرئي کي ايجاد ڪري صدها ورهين جي صوفيائي ڪرام جي اتحاد انساني جي جذبي هيٺ پيدا ڪيل محبت تي پاڻي ڦيري نفرت جو ٻج پوکيو ۽ انهيءَ اثر هيٺ اسان گمراهه ٿي ملڪ جو ورهاڱو ڪرايو ۽ پاڪستان قائم ٿيو. انهيءَ اثر هيٺ بينگالين کي سندن جائز حق نه ڏيڻ سبب جدا ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو ۽ خبر نه آهي اهي اثر رهيل پاڪستان جو ڪهڙو حشر بنائيندا؟

(١٠) مولوي غلام احمد صاحب ملڪاڻي رحمة دادو

هي صاحب دادوءَ جي پڙ ۾ ملڪاڻين ۾ رهندڙ هو، وڏو عالم ۽ ٽن سلسله طريقت هرهڪ نقشبندي، قادري، سهروردي مان مستفيض ٿيل هو. سندس طريقه اثر اندر مولود چوارائي رقت قلب پيدا ڪري پوءِ ذڪر ڪرڻ ۽ اثر وجهڻ جو هو.

پويان ڪيترا خليفه ڇڏي ويو آهي جي ماڻهن کي روزه، نماز ۽ ذڪر جي تلقين ڪن ٿا. مون کي خبر نه آهي سندس سلسله طريقت مريدن ۾ اخلاق ۽ روحانيت ڪيتري قدر پکيڙڻ لاءِ ڪارآمد ٿيو آهي.

مون مولوي صاحب سان هڪ ٻه دفعو ملاقات ڪئي هئي. مون تي سندس صحبت ڪو اثر ڪونه ڪيو. هي سنڌ جي ان وقت ۾ ذڪراذڪار ڏيڻ وارن بزرگن مان هڪ هو. سنڌ جي وڏن اوليائن جا سجاده نشين سندن بزرگن جي پيروي وساري چڪا هئا. هي صاحب طريقت جي سلسلہ کي قائم رکيو آيا. ممڪن آهي مريدن جي اخلاق جي درستيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري سگهيا هجن پر خدا جي شناخت، روحاني ترقي ۽ رموز الاهي جي لاءِ منهنجي سمجهہ آهر هو گهڻو ڪجهہ ڪري نہ سگهيا هئا.

(١١) پير ميان محمد شاهہ ذڪري عليہ رحمتہ سڪرنڊ

هن صاحب جا وڏا اصل ڪشمير جي طرف جا ويٺل هئا. جي گهڻي وقت کان سنڌ ۾ اچي رهيا هئا.

هن صاحب ڀرين بدين پوءِ سڪرنڊ تعلقہ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي، سن جي نزديڪ هئڻ ڪري ساڻس گهڻيون ملاقاتون ٿينديون هيون. هو ڏاڍي آواز ۽ سر سان ”لا الله الا لله“ جو ذڪر ڪندو ۽ ڪرائيندو هو. سارو وقت سندس مجلس ۾ ذڪر جاري رهندو هو. هي صاحب نماز پڙهائڻ بعد ذڪرڪري مريدن تي تصوف وجهندو هو جنهن ڪري انهن مان ڪيترا وجد ۾ اچي زمين تي ليٽندا هئا، ڪيترا هو هو ڪندا هئا، ڪيترا مٿو جهولائيندا هئا، ڪيترا سر پٽين يا زمين سان ٽڪرائيندا هئا. هن ڪيترائي ماڻهو مريد ۽ معتقد بنايا سندس اثر اڪثري ڪثيف طبع ۽ دهقاني ماڻهن تي زياده پوندو هو.

ذڪر ذريعي وجد ۾ اچڻ، شريعت جي پابندي ، اخلاق جي درستي، سندس مطمح نگاه هوندا هئا. قرب الاهي روحاني ترقي يا رموز معرفت مريدن کي حاصل ٿيندا هئا يا نہ ان جو پتو نہ آهي پر قوي گمان اهو ٿي نڪريو تہ سندس مريدن جي لياقت ايتري نہ هئي.

ڪشمير ۾ شوڌرم جو گهڻو اثر رهيو هو. جو جلالي مت هو. ناقوس ۽ نقارن جو وڄائڻ، ان تي رقص ڪري وجد ۾ اچڻ ان مت جي پوئلڳن جي خاص صفت هئي. قلندر شهباز جا ٽانگا بہ انهي طرح سان وجد ۾ ايندا آهن.

ممڪن آهي هي طريقو مولويہ طريقہ ۽ شومت جي گڏ تعليم جي پيداوار هجي. مطلب تہ سلوڪ جي گولائو لاءِ ان مجلس مان ڪي نئي سبق حاصل ٿي سگهيا ٿي. مون کي ڪو خاص فائدو نہ پهتو پر وڏين درگاهن جي اڪثري سجاده نشينن کان هي ملاقاتون وڌيڪ ڪارآمد هيون.

(١٢) دادا چيتمل پرسرام گلراجاڻي ڪراچي

هي صاحب حيدرآبادي عالمن جي گلراجاڻي پاڙي مان هو. هن ننڍي هوندي کان ست سنگ جو شوق هئڻ ڪري درويشن جي صحبت مان گهڻو پرايو.

هن شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست، سامي، دلپت، بيدل، روحل فقير وغيره سنڌ جي شاعرن جو گهڻو اڀياس ڪيو هو. ازانسواءِ هندوستان جي درويشن جهڙوڪ- گرونانڪ، ڪبير ڀڳت، ميران ٻائي، ڪاليداس جي ڪلام مان بہ واقفيت هيس. نہ رڳو ايترو پر يورپ جي مکيہ شاعرن شيڪسپيئر، شيلي ٽينسين، گوئٽي وغيره جي ڪلام کي بہ پروڙيو هئائين، پارسي شاعرن مان رومي، حافظ، خواجہ فريدالدين عطار ۽ منصور جي تعليمات جي بہ ڄاڻ هيس.

هن دنيا جي مکيہ مذهبن جو اڀياس ڪيو هو. سناتني ڌرم، صوفي مت، سک پنٿ، ٻڌ ڌرم ۽ ڪرشچنٽي مان چڱي واقفيت هيس. قرآن شريف، ويد، شاستر، گيتا ۽ بائيبل تي خاصو عبور هوس.

هن ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ ڪري روم ۽ يونان جي قديم روحاني تعليم مان بہ سبق پرايا هئا، انهي کوجنا بعد هو انهي راز کي پروڙي ويو هو تہ جملي مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل هئي

هن سنڌي شاعرن ۽ درويشن جي تعليم ۾ انهيءَ پيغام جو جوهر سمايل ڏٺو هو هن جو چوڻ هو تہ **سنڌو ديش** کي انهيءَ ڏس ۾ دنيا لاءِ خاص پيغام هو. هن سڄي عمر انهيءَ پيغام جو مشنري ٿي گذاريو،

هن سياست ملڪ ۾ ڀ چڱو ڀرو ورتو. هن جي ساري زندگي ملڪ ۽ قوم لاءِ وقف ٿيل هئي.

هن ڪيترا ڪتاب لکيا، منهنجي خيال موجب هي پهريون ماڻهو هو جنهن سنڌ جي جداگانہ ملڪ ۽ قوميت جي نظريہ کي ظاهر ڪيو. جڏهن هندن جي اڪثريت بمبئي کان سنڌ جي جدائي جي مخالفت هئي هي سنڌ جي آزادي جو حامي هو.

منهنجي ساڻس واقفيت ۱۹۲۹ع ۾ ٿي. سندس صحبت مون تي گهڻو اثر ڇڏيو. سچ چئجي ته مون کي شاه لطيف ۽ سچل جي ڪلام جي سمجهه سندس صحبت ۾ وڌي. هو منهنجو سياسي مددگار ۽ صلاحڪار تصوف ۾ استاد ٿي رهيو هو. هو بنيادي طرح 'آسرم لاهيج' جو قائل هو. ۽ توڪل جو وڏو قائل هو.

جتي ساريءَ دنيا کي ڪارن ڪڪرن ۾ اونڌه اندوڪار ڏسڻ ۾ پئي آيو اتي ب هن کي روشنيءَ جو ترورو پيو نظر آيو. مون کي سندس صحبت مان هيٺيون ڳالهيون نصيب ٿيون.

(۱) ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت
(۲) سنڌ ملڪ ۽ قوم کي دنيا لاءِ خاص پيغام
(۳) لاتقنطو من الرحمت‌الله جي معنيٰ ۽ مفهوم
(۴) مذهبن جو روح عشق ۽ محبت هو
(۵) آئيڊيسلٽ ۽ پرئنٽيڪل سياستدان جو تفاوت ۽ پهرين جو تفوق
(٦) سائيهہ جي اڪيچار محبت
(۷) حسن کان متاثر ٿيڻ وڏي ۾ وڏي غذا ۽ نعمت هئي.

(۱۳) ميان عبدالرحيم صاحب درس عليہ ملاڪاتيار

هي صاحب ملاڪاتيار جو ويٺل هو. سندس ڏاڏو ميان محمد قاسم عليہ حضرت غوث بهاوالحق عليہ سهرورديءَ جي سلسلہ طريقت سان واسطو رکندڙ هو. ليڪن سندس والد ميان ولي محمد

عليه لنواري واري بزرگن کان نقشبندي سلسله جا سبق ورتا هئا. هي به انهي سلسله طريقت سان وابسته هو.

هي ٽورڳالهائو هو. سندس ا کيون ري نشي جي الستي خمار سان پرڪيف رهنديون هيون. هن سان به ٽي دفعا ملاقات ٿي. پاڻ ڪيترن ورهن کان پنهنجي دائره خانقاه کان ٻاهر نه نڪتو هو. هو گوشه نشين درويش هو. باوجود ان جي هن جي سياسي معاملي فهمي ايتري قدر وسيع هئي، جنهن جو پتو سندس مون سان پهرين گفتگو مان پئجي سگهي ٿو.

هن کي سيد حاجي عبدالحڪيم شاه جهرڪن ۾ منهنجي اليڪشن ۾ مدد ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو. جتي مون کي چيائين ته:

”مون کي سياسي ڳالهين سان دلچسپي نه آهي ليڪن مون کي هيٺين ڳالهين لوڙهي چڏڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.

(١) حاجي عبدالحڪيم شاه جهڙي پيرمرد، باهمت ۽ بااخلاق سيد اچي صبوح سان سنت ڪئي ته لوڙهي کان ٻاهر نڪري اليڪشن ۾ توکي مدد ڪريان. اسان کي فيض رسول جي دروازه تان مليل آهي، ان جي اولاد کي انڪار ڪري نه سگهيس.

(٢) مون کي ٻڌايو ويو آهي ته جنهن اميدوار جي مدد ڪرڻ آيو آهيان اهو خلق خدا جو خادم ۽ بااخلاق نوجوان آهي.

(٣) هو حڪومت جي دٻاءَ سامهون سر نمائڻ کان انڪار ڪري ٿو. پوءِ مون ڏي رخ ڪري فرمايائين ته:

”خلق خدا جي خدمت جو ڪم هٿان نه ڇڏج، **سنڌي سباجهڙا** اٿئي تن جي پارت هجيئي، انهن جي خدمت ڪندي جي مشڪلاتون سامهون اچنئي تن جو مڙس ٿي مقابلو ڪج. **لالچ ۾ لڙهي ۽ دڙڪي ۾ ٻچي** نه وڃج. سچ جي ٻيڙي لڏندي پر ٻڏندي نه آهي. الله جي مدد ۽ اسان درويشن جون دعائون توسان شامل رهنديون.“

مون واعدو ڪيو. ان وچ ۾ ڪيترن مقابلن کي منهن ڏيڻو پيو آهي پر خدا جي لطف ۽ درويشن جي دعا سان همت نه هاري اٿم.

ڪمزوريءَ وقت هن جون پرخمار اکيون اچيو سامهون بيهي ڪمزور ڪي نوشدارو جو ڪم ڏين ٿيون. مونکي سندس صحبت مان هيٺيان سبق حاصل ٿيا.

(١) هو حب الوطن جو مجسم هو. سنڌين جي محبت ڪيس ايمان ڪامل عطا ڪيو هو. روحاني ترقي ايمان ڪامل جو حصو هئي.

(٢) گهٽي غور ۽ فڪر بعد جو سرور ماڻهوءَ کي حاصل ٿئي ٿو انهيءَ جو پتو خماريل اکين مان پوي ٿو.

(٣) سنڌ ۽ سنڌين جي محبت ۽ خدمت لاءِ جو حڪم ڏنائين ان مان مونکي قرب الاهي ۽ روحاني ترقي حاصل ٿيڻ جو پتو ڏسيو هئائين.

(٤) لالچ ۽ خوف جهڙي طرح روحاني طالب جي راهه ۾ رڪاوٽون هيون ساڳي طرح اهي عملي دنيا ۾ وڏيون رنڊڪون بڻجي سگهيون ٿي.

(٥) معشوق جي اکين جو خمار ۽ خدا رسيده بزرگ جي اکين جي جوت ٻنهي کي ساڳي سرچشمه مان ٻخرو مليل آهي.

اهل مماتيءَ مان فيض حاصل ڪرڻ جي ڪوشش

نه رڳو زنده درويشن ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪري انهن جي صحبت مان مستفيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اهل مماتيءَ سان ملاقات ڪرڻ يا انهن کان فيض وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪندو آيس. مون کي ٻڌايو ويو ته اهي بزرگ دنيا مان ڪٿي وڃي ستا هئا، انهن جو ديدار ڪرڻ سان ڪيئي اسرار معلوم ٿي سگهيا ٿي.

سڀ کان بهتر ديدار رسول اڪرم جو هو پر اهو درجو مٿانهون هو، ان ڪري ٻهرين ولين جا ديدار حاصل ڪري انهن معرفت رموز حقيقت معلوم ڪجن. مونکي اهو به ٻڌايو ويو ته کليل اکين سان سجاڳيءَ ۾ روحن جو مشاهدو (لقا) ڪرڻ دشوار هو. ان ڪري صرف خوابن ذريعي انهن جي ملاقات حاصل ڪري سگهبي. جنهن لاءِ هيٺين ڳالهين جي پوئواري ڪرڻ ضروري هئي:

(١) ڪاڏو گهٽ کائجي، جيڪي کائجي اهو پاڪ صاف هجي، جي

ٿي سگهي ته گوشت، مڇي يا ساهه وارين شين جي کائڻ کان
پرهيز ڪجي.

(٢) غسل ڪري صاف ڪپڙا پهري، خوشبوءِ لڳائي آڌي رات جو تهجد نماز بعد ٻڌايل وظيفو پڙهي ڪنهن خاص درويش جي ملاقات جو خيال رکي سڄو هٿ سيراندي رکي سمهي پئجي ته ان درويش جو ديدار ٿيندو.

اهي ٻئي طريقا آزمايم، پر خواب ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيو. بعضي بنا ڪوشش جي خواب ۾ سٺو نظارو يا چڱن ماڻهن جي ملاقات ٿيندي هئي. پر اهي ڳالهيون اتفاقي نصيب ٿينديون هيون. جيئن ته هڪ دفعي اتفاقاً پنهنجي جد بزرگوار شاه حيدر عليه رحمة جي ملاقات ٿي. هڪ رات اوچتو سپنو ڏٺم، جنهن ۾ هڪ وڏي خانقاه ڏسڻ ۾ آئي، جنهن مان چاندوڪيءَ جهڙي روشني نظر پئي آئي. ان کي چوڌاري وڏيون ديوارون هيون، جانچ ڪرڻ بعد معلوم ٿيو ته ان ۾ اندر درويش ويٺل هئا. واقفيت کان سواءِ اندر وڃڻ جي اجازت ڪانه هئي. واقف ماڻهوءَ ڏي نياپو موڪلڻو هو جو ٻاهر اچي اندر وٺي وڃي سگهيو ٿي. ان تي مون هڪ ماڻهوءَ کي جو دربان معلوم ٿيو ٿي، عرض ڪيو ته اندر شاه حيدر عليه رحمة هجي ته کيس پيغام وڃي ڏي ته تنهنجي اولاد مان فلاڻو ٻاهر بيٺو آهي ۽ اوهان سان ملڻ گهري ٿو. ان پيغام پهچڻ کان پوءِ هڪ بزرگ سفيد ريش قد ۾ پورو پنو، سفيد ڪپڙن سان ٻاهر نڪري آيو، جو مونکي ٻاهر کان چوديواريءَ جي اندر وٺي ويو. ان کان پوءِ اندر هڪ ٻي وڏي محلات جهڙي جاءِ ڏسڻ ۾ آئي. اندر هلي مون کان اچڻ جو سبب پڇيائين. مون چيو سانس ته خدا شناسيءَ لاءِ حضرت پيغمبر خدا محمد مصطفيٰ عليه الصلوات والسلام جي زيارت جو شوق اٿم. هن جواب ڏنو ته اندر رسول مقبول جي دربار هلي رهي هئي. ان ۾ وڃڻ لاءِ پهرين تياري کان سواءِ اجازت ملي ڪانه سگهندي.

ان تي مون پڇيو ته اها تياري ڪهڙي قسم جي هئي.

پاڻ فرمايائين ته ”توُن سنڌ ملڪ ۽ قوم لاءِ بنا امتياز

مذهب جي خدمت ڪندو رهه، وقت گذرڻ تي توکي وڏيڪ هدايتون ملنديون رهنديون."

مون عرض ڪيو ته "گهڻي ڪوشش بعد به اوهان سان ملاقات ٿي نه سگهي هئي. اڄ اتفاق سان ديدار ٿيو آهي، وري اوهان سان ڪڏهين ۽ ڪهڙيءَ طرح سان ملي سگهان ٿو."

ان تي پاڻ هڪ لفظ ٻڌايائون ته اهو واچ ورد جو ڪم ڏئي مونکي سائس ملڻ جو موقعو ميسر ڪندو.

مونکي اهو به ٻڌايو ويو ته سنڌ جي حفاظت ۽ رهبريءَ جي واڳ هيٺين ٻارهن ارواح مقدس جي سپرد هئي:

١. شاه صدرالدين عليه رحمة، لڪي
٢. مخدوم بلاول عليه رحمة، باغبان
٣. سيد خيرالدين شاه عليه رحمة، سکر
٤. سيد حيدر عليه رحمة، سن
٥. مخدوم نوح عليه رحمة، هالا
٦. سيد عالي عليه رحمة، ٺٽو
٧. قلندر شهباز عليه رحمة، سيوهڻ
٨. سيد شاه عبدالڪريم عليه رحمة، بلڙي
٩. شاه عبداللطيف عليه رحمة، ڀٽ شاه
١٠. سچل سرمست عليه رحمة، درازا
١١. شاه عنايت عليه رحمة، جهوڪ
١٢. گرونانڪ عليه رحمة، پنجاب

انهن مان ڇهريان ڇهه سنڌين جي اخلاق ۽ تزڪيہ نفس جي چارج ۾ هئا ۽ ٻوين ڇهن کي سنڌين جي ذهني صلاحيت، رواداري ۽ محبت پيدا ڪرڻ جو ڪم سپرد ٿيل هو.

ان خواب لهڻ کان پوءِ مختلف وقتن تي گهمي مذڪور بالا درگاهن جي زيارت ڪيم سواءِ گرونانڪ عليه جي.

انهيءَ خواب ڪان پوءِ مون مخدوم ظهيرالدين عرف پرو چام عليه ۽ قاضي اسدالله شاه عليه ٽکڙائي سان مشورو ڪيو ته ڪهڙي طرح سان سنڌين جي بنا امتياز مذهب جي خدمت ڪري سگهان ٿو.

هنن صلاح ڏني ته ان لاءِ بهترين ذريعو اهو هو ته سنڌ جي سيدن ۽ پيرن کي منظم ڪري انهن جي اصلاح ذريعي ماڻهن ۾ اخلاق، تزڪيہ نفس، ذهني صلاحيت، رواداري ۽ محبت پيدا ڪجي. چاڪاڻ ته سڄو ساري سنڌ کي پهچڻ مشڪل مسئلو هو. مذڪور بالا ماڻهو درگاهن جي چارج ۾ هئا ۽ اثر رکندڙ هئا. انهن جي ذريعي مطلوبہ مقصد جلد حاصل ٿي سگهڻ وارو هو. ”جنهن صورت ۾ ساري سنڌ جي سيدن، پيرن کي هڪ جاءِ تي ڪٺو ڪرڻ مشڪل مسئلو هو. ان ڪري ابتدا ٽنياري خاندان جي سيدن ۽ پيرن سان ڪر.“

انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ ١٧-مارچ ١٩٢٣ع تي سن ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ٽنياري سيدن جي ڪانفرنس سڏايم. جنهن کي وڌائي ساري سنڌ جي پيرن، فقيرن ۽ سيدن جي ڪانفرنس ۾ تبديل ڪرڻو هو.

انهيءَ ڪانفرنس جي مقاصد ۽ نتائج جو مختصر احوال پنهنجي ڪتاب ”**پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني**“ سان هيٺ ڏيان ٿو:

”انهن جي بزرگن جون درگاهون، خانقاهون ۽ دائرا اڃا تائين عوام جون زيارتگاه هيون. باوجود ان جي جو سندن اولاد جي اڪثريت عياشي، خود غرضي، اخلاقي مرضن جو شڪار بنيل هئي، عام ماڻهن اڃا تائين سندن توقير ۽ عزت ٿي ڪئي.

هن طبقي کي بد اخلاقي ۽ انتشار جي کڏي مان ڪڍي منظم ڪرڻو هو. کين اخلاق ۽ صحيح تعليم سان ملبوس ڪري صحيح خادم خلق جي صورت وٺائڻي هئي. پهرين هڪ گروه کي منظم ڪري پوءِ ساري سنڌ جي سيدن، پيرن ۽ فقيرن جي فيڊريشن ٺاهڻي هئي.

ٽنياري سيدن جون ٻه مجلسون ٿيون، پر اها ڪوشش هيٺين سببن ڪري ناڪام ثابت ٿي.

(١) تاريخي ارتقا ڪري نسلي يا فرقيوار نظام ۽ اصلاحي ڪوششون

بعد از وقت تي ويون هيون. تنهنڪري جا ڳالهه زماني جي رفتار جي موافق نه هئي اها ڪامياب ٿيڻ مشڪل هئي. پوءِ ڪٿي اها ڪهڙن به عمدن ارادن سان شروع ڪئي ويئي هجي.

(٢) سماجي اصلاح ۽ ترقيءَ جي جماعت ۾ سياسي معاملن کي ٿاپائي آڻڻ نقصانڪار ثابت ٿيو.

(٣) اصلاحي ڪمن لاءِ پيسي جي ضرورت هئي. شاهوڪار ۽ پيسي وارا سيد پير اهڙن ڪمن لاءِ پيسي خرچ ڪرڻ واسطي تيار نه هئا. غريبن وٽ پيسو ڪونه هو.

(٤) هر تحريڪ جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪن فردن جي بي لوث خدمت ۽ انهيءَ لاءِ زندگي وقف ڪرڻ جي ضرورت هئي. اسان اهڙا ماڻهو پيدا ڪري نه سگهياسون.

سيدن جي جماعت سازيءَ کي ڏسي بلوچن، سماٽ ۽ ٻين قبيلن به جماعتون ٺاهڻ شروع ڪيون پر انهن جو حشر به ساڳين سببن ڪري ساڳيو ٿيو ۽ ڪابه تحريڪ ڪامياب ٿي نه سگهي."

انهيءَ سال جي آخر ۾ ٣٠- ڊسمبر ١٩٢٣ع تي شاه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاه تي وڃي هيٺين دعا گهريم:

خدا جا پيارا بزرگ، درگاه خداونديءَ مان منهنجي هيٺين مقاصد جي حصول لاءِ دعا گهر:

(١) دنيا جي ظاهري جدا جدا مذهبن ۾ بنيادي طرح وحدت سمايل آهي، جنهن جو مقصد انسانذات ۾ محبت، اتحاد، سک، سلامتي آڻڻ آهي. انهيءَ حقيقي سبق کي وساري ماڻهو فرقه بندي ۾ ورهائجي ويا آهن. جنهنڪري دنيا ۾ نفاق ۽ فساد پکڙجي ويو آهي، تو ڪثرت پويان وحدت ڏسي ان جو پرچار ڪيو آهي. مونکي توفيق ڏياراءِ ته انهيءَ راهه تي هلي محبت ۽ امن جو آواز ڪيندو رهان.

(٢) دنيا جي مغربي ملڪن جون قومون استعمال غرضي خاطر مشرق جي ڪمزور قومن کي غلام رکيو ويٺيون آهن. مساوات ۽ آزادي

هر فرد ۽ قوم جي جنم جو حق آهي. تو ساريءَ جي عمر جي قيدمان آزاد ٿيڻ جون دعائون گهريون آهن. هي ڪروڙها ماڻهو ڏاڍ ۽ ظلم جي چنبي ۾ گرفتار آهن تن جي آزادي لاءِ دعا گهر ۽ مونکي درگاه الاهي مان دعا گهري طاقت عطا ڪراءِ ته ڏاڍ ۽ ظلم خلاف لڙندو رهان.

(۳) انساني عقل هزارها سالن جي مسلسل ڳولا ۽ ڪوشش جي باوجود ڪائنات جي اونهن اسرارن، حقيقي رازن ۽ صحيح حقيقت کي پوريءَ طرح معلوم ڪري نه سگهيو آهي، اڃا منڌي ماڪوڙي وانگر کوه مان اڀ پيو ڪڇي. آءٌ راه حقيقت جو ڳولائو آهيان. مونکي حقيقي مال مان ماسو هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪر.

(۴) دنيا امن جي عيوض مختلف ملڪن ۽ قومن جي باهمي اختلاف جو آکاڙو بنيل آهي. تو سڀ عالم آباد ٿيڻ، سنگهارن جي سرهي رهڻ لاءِ دعائون گهريون آهن مونکي توفيق عطا ڪراءِ ته دنيا جي اتحاد، امن ۽ سک لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهان. جيئن ماڻهو هڪ نظام ۾ شريڪ ٿي صحيح بين الاقوامي اداره قائم ڪن.

(۵) دعا گهر ته آءٌ مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ جتي وڃان آواز اٿاريندو رهان، جيسيتائين جيترو هجان انهي اصولن تي قائم رهان. تو سنڌ جي سرسبز ٿيڻ لاءِ دعا گهري آهي، اها ڪافي نه آهي هر هڪ سنڌيءَ کي مذڪور بالا مقصدن تي هلڻ لاءِ دعا گهر."

اهڙي طرح نمازون، ورد، وظائف، چله ڪشي هڪ طرف ڪندو رهيس ته ملڪ ۽ ماڻهن جي حتي الوسع خدمت ٻي طرف ڪندو رهيس.

ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊجڻ بعد مون ڳوٺ سڌار هلچل جو بنياد وجهي ڪراچي ضلع جي ڳوٺاڻي سروي ڪرڻ ۽ سڌاري لاءِ تجويز تيار ڪرڻ واسطي پهرين اپريل ۱۹۲۹ع تي ڪراچي ضلع جو گشت شروع ڪيو. ۲۵ اپريل ۱۹۲۹ع تي شاه عنايت صوفي عليه رحمت جي زيارت ڪيم. ان کان اڳي به زيارت ڪري چڪو هوس. پر هن زيارت کانپوءِ مون هيٺيون خواب ڏٺو ته " هڪ وڏي مسجد نما محل ۾ داخل ٿيو آهيان. جتي سوها ماڻهو

ويٺل هئا. ان جاءِ ۾ مسجد جي محراب وانگر ڪيترائي محراب هئا.
جن سان هر هڪ جي سامهون ڪيترائي ماڻهو ويٺل هئا. جن جدا
نموني عبادتون پئي ڪيون ۽ باهمي گفتگو ۾ مشغول هئا. آءٌ جدا
محرابن کي ڏسندو پي گهميس ۽ اتي هڪ ماڻهوءَ کان پڇا ڪيم ته
هي ڪهڙي جاءِ هئي. جنهن جواب ڏنو ته هي دنيا جي مذاهب جو
مرڪزي هال هو جتي سڀڪو مذهب وارو سندس محراب جي سامهون
ويهي عبادت ڪري رهيو هو.

بهتر آهي ته رلڻ جي عيوض تون به هڪ محراب جي سامهون
ويهي رهه. جنهن تي مون کان جواب آيو ته، "اهي سڀ محراب
منهنجا هئا آءٌ هڪ جاءِ تي ويهڻ جي عيوض سڀني جاين جو سير
ڪري معلومات وڌائيندس."

انتي ڪن ويٺل ماڻهن مونتي نقط چيني ڪئي جنهن مون کي
مغموم ڪري ڇڏيو عين ان وقت هڪ هاتفي آواز ٻڌڻ ۾ آيم ته:

"فڪر نه ڪر تو صحيح رستو ورتو آهي، خدا توکي ان راه
تي استقامت بخشيندو."

آهستي ڪري مون متي ٻڌايل جملي درگاهن جون زيارتون
ڪيون ۽ راهه هدايت لاءِ دعا گهرندو رهيس.

ان کانپوءِ ١٨ کان ٢١ جون ١٩٣٢ع تي سيد ميران محمد شاه
پٽ شاه جي ميلي تي ڪيتريون ڪانفرنسون سڏايون. مون به ان ۾
سندس مدد ڪئي. انهي موقعي تي مون رات جو هيٺيون خواب ڏٺو:

"جنهن ۾ شاه عبداللطيف عليه رحمت کي پري کان بيٺل ڏٺم
آهستي ٿي اها تصوير نزديڪ آئي. ان تي مون کين عرض ڪيو ته
مهرباني ڪري خدا شناسي جي راهه ڏسيو، جنهن تي پاڻ فرمايائين ته
ان راهه ۾ "توکي جذبه حب الوطني، مذهبي رواداري، سماجي ڀلائي
جا ڪم گهڻو مدد ڏيئي سگهندا."

"ڀهرين سنڌ جي محبت ۾ مستغرق ٿيڻو پوندءِ پوءِ ساري عالم
جي اتحاد امن ۽ سک لاءِ پاڻ پتوڙڻو اٿئي."

مون کيس عرض ڪيو تہ ڪيترا دفعا ملاقات لاءِ واجهايو

هوم، نمازون ۽ ورد پڙهي ديدار لاءِ ڪوشش ڪئي هئي پر اها نصيب نہ ٿي هئي هاڻ اتفاق سان اوچتو ملاقات ٿي آهي وري ملاقات لاءِ ڪو رستو ڏسيو ان تي پاڻ هڪ ڪليدي اسم ٻڌايائون جنهن پڙهڻ بعد ننڊ ۾ ملاقات ٿيندي هئي. بعد ۾ اهو اسم ڪيترا دفعا پڙهي ملاقات لاءِ ڪوشس ڪيم پر ڪانہ ٿي.

١٩٣٤ع جي اپريل کان آءٌ عجيب ذهني ۽ نفسياتي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويس. هڪ طرف آزاد سنڌ اندر سنڌي سياست کي شخصي اقتدار پرستيءَ جي دائره کان ڪڍي ڪن اصولن جي بنياد تي پروگرام تيار ڪري پارٽي ٺاهي نئي سنڌ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪم ڪرڻ جو سودا سمايل هو.

ٻي طرف سياسي اختلافن ۽ دشمنين، مالي مشڪلاتن، جنگ اقتدار جي مها چار کان تنگ ٿي سياست کي ترڪ ڪري جذباتي ۽ ثقافتي زندگي گذارڻ لاءِ سوچي رهيو هوس.

پوئين قسم جي خيالن کي مضمونن جي صورت ۾ قلمبند ڪندو ويس. جن جا سرا تاريخ وار هيٺ ڏيان ٿو. اهي خيال منهنجي عشق مجازي مان حاصل ڪيل تجربن جا نتيجا هئا:

(١) دوست سان ٻہ ٿي ڳالهيون	١- مئي	١٩٣٤ع
(٢) فراق جون گهڙيون	٥- مئي	١٩٣٤ع
(٣) تنهن جي غلاميءَ جا ڏينهن	٧- مئي	١٩٣٤ع
(٤) قريب جو قرب	٩- مئي	١٩٣٤ع
(٥) محبوب جو مڪتب	١٠- مئي	١٩٣٤ع
(٦) برهہ جو بحر	٣١- مئي	١٩٣٤ع
(٧) دوست کان دور	١- جون	١٩٣٤ع
(٨) پرين جي پلاند ۾	٤- جون	١٩٣٤ع
(٩) پير کان پير تائين	٢٠- جون	١٩٣٤ع
(١٠) عشق جي راهہ ۾	٢- آڪٽوبر	١٩٣٤ع
(١١) مجاز جو نقشو	١٤- جنوري	١٩٣٥ع

سياست ۽ مجاز ٻنهي کي ڇڏي نہ سگهيس ۽ هلندو آيس.
درويشن جي هدايت موجب خداشناسي جي حصول لاءِ سماجي ۽ سياسي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هيم. پر ان راهہ ۾ مشڪلاتون ڏسي ان کان جند ڇڏائي مجاز جو مزو وٺڻ گهريم ٿي. ٻئي ڳالهيون هلڻ مشڪل مسئلو نظر ٿي آيم.

تنهنڪري هڪ کي ڇڏي ٻئي کي وٺڻ لاءِ دل پئي گهريو پر جنهن صورت ۾ ٻئي ڳالهيون گڏ هلائڻ قسمت ۾ لکيل هو ان حالت ۾ ٻنهي سان ٿوريندو آيس.

مجاز جي عين وچ ۾ هڪ خواب ١٩٣٣ع ڌاري ڏٺم. ”جنهن ۾ پري کان چوڏهين جو چنڊ سندس حسن جي ڪمال سان آسمان منجهہ ڏسڻ ۾ آيو. ان ۾ چتائي ڏسڻ بعد اهو بدلجي هڪ خوبصورت عورت جي شڪل اختيار ڪري ويو. جنهن آهستي آهستي ٿي منهن جي ويجهو اچي چپن تي چمي ڏني. ان بوسي ايڏو سرور پيدا ڪيو جو مان ننڊ جاڳي پيس وهاڻو خوشيءَ جي ڳوڙهن سان پريل نظر آيم. خواجہ حافظ جو هيٺيون بيت زبان تي هو ۽ سارو ڏينهن ڪراچيءَ جي بنگلي جا دروازا بند ڪري اهو بيت پڙهي سرور خوشيءَ ۾ روئندو رهيس.

در ازل داده ست مارا ساقي لعل لبت،
جرعہ جامي کہ من سرگرم آن جا مم هنوز.

اهو بيت ايترو سر تي سوار ٿي ويو جو ذري گهٽ جنون جي حالت تي وڃي پهتس. پوءِ نماز پڙهي ان حالت مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ دعا گهري حافظ مان فال ورتم تہ هن بيت تي نظر پئي.

ساقيا يک جرعہ ده زان آب آتش گون کہ من
درميان پختگان عشق تو خامہ هنوز.

معنيٰ- اي ساقي انهي آتشين نشي مان اجا بہ وڌيڪ
ڏي ڪ پيار جو تنهن جي عشق ۾ اجان تائين
آئون ڪچو آهيان.

ان ڪانپوءِ سرور جو نشو گهٽيو ۽ اهو راز معلوم ٿيو تہ اها سرور جي ابتدا هئي پختہ ٿيڻ لاءِ، اهڙا ڪيئي پيالا وقت بہ وقت پيڻ جي ضرورت هئي.

خوابن جي دنيا ۽ درويشن جي صحبت مان پرايل علم جي بيان ڪرڻ بعد غور ۽ فڪر ذريعي حاصل ڪيل احوال پنهنجي ڪتاب "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" مان ڏيان ٿو:

"اول ۾ آدم جي بهشتي زندگي وانگر سادگي ۽ اڻ ڄاڻائي ڪري پڪو اعتقاد ويٺل هوم تہ ساري ڪائنات خدا سائين پيدا ڪئي آهي. ماڻهن جي پيدا ڪرڻ، رزق ڏيڻ، ڏک سک سان واسطو رکندڙ ۽ مارڻ سڀ سندس هٿ ۾ هئا ۽ انهن جو ڪاروبار سندس نگرانيءَ هيٺ هلي رهيو هو. جي ڪنهن تي هو راضي ٿئي ٿو تہ مالامال ڪري ڇڏي ٿو ۽ جي ناراض ٿئي ٿو تہ خانو خراب ڪري ڇڏي ٿو.

"انساني روح خدا سائين روز اول جي پيدا ڪيا هئا جي انهيءَ وقت کان عالم ارواح ۾ رهندڙ هئا. جتان مقرر وقت تي دنيا ۾ تقدير جي لکئي موجب وقت گذارڻ بعد مرڻ کانپوءِ ڪجهہ وقت عالم برزخ ۾ رهي، قيامت ڏينهن حساب ڪتاب ڏيڻ بعد سندن عملن جي عيوض بهشت يا دوزخ ۾ وڃن ٿا.

هر ماڻهوءَ جي روزمره جا ڪم ٻہ ملائڪ ڪراماً ڪاتبين لکي رهيا هئا. مرڻ کان پوءِ قبر ۾ منڪر ۽ نڪير سوال جواب ڪرڻ وارا هئا، جي ماڻهو عبادت ڪري خدا کي خوش رکندو تہ هن دنيا ۾ بہ کيس نفعو حاصل ٿيندو ۽ آخرت ۾ بہ نجات جو مستحق ٿيندو.

"بهشت جون باغن ۽ نهرن سان سجايل عاليشان محلاتون، سهڻيون حورون، عمده غلمان، طرح طرح جا ميوا ۽ ڪاڏا خاص ذڪر جي لائق ڳالهيون هيون. جي ڪنهن خدا جي عبادت نہ ڪئي يا شريعت جي حڪم موجب نہ هليو تہ انهي جي پاداش ۾ کيس پهرين قبر ۾ عذاب ڏنو ويندو پوءِ دوزخ ۾ موڪليو ويندو. جتي آنش جا آڙاهہ لڳا پيا هوندا. نهايت خطرناڪ فرشتا گرز کڻيو گناهگارن کي عذاب ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن مشغول هوندا.

غريب انسان مشڪلاتن ۾ قائـل هو، جـن سان هڪ تقدير هئي جنهن روز ميثاق کـان سندس هٿ بند ڪري ڇڏيا هئا، ان لاءِ اڳي مقدر ۾ لکي ڇڏيو هو.

باقي جيڪا ذرو پرزو ماڻهوءَ کي چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ آزادي مليل هئي، ان کان کيس ڪـارڻ لاءِ شيطان هـر وقت حيلا هلائـي رهيو هو.

"جيتوڻيڪ هر ماڻهوءَ کي هن دنيا ۾ سندس ذاتي عمل ۾ خدا جو رضامندو جنهن جو گهڻو مدار عبادت تي رکيل هو، ڪم اچڻ وارا هئا. پر سندس پوين جا ڪم به فائدو ڏئي سگهيا ٿي. ان ڪري قرآن جا ختما پڙهائـڻ مري ويلن جي نالي ۾ خير خيرات ڪرڻ ۽ مانيون کارائڻ جو دستور به مروج هو."

"اهي سڀ ڳالهيون اعتبار ۾ آيل هيون. ان ڪري خدا جي رضامندي لاءِ عبادت ڪرڻ، شرعي حڪمن جـي پيروي ڪرڻ، ختمه درود ڏيـارڻ، خير خيرات ڪرڻ ۾ دنيا ۽ آخـرت جـي نجات تصور ڪندي مذهبي زندگي گذاري رهيو هوس. پر ٿوري وقت کان پوءِ مختلف مذهب جي ماڻهن سان ملڻ، بحث مباحثه ڪرڻ، مختلف علمن جا ڪتاب پڙهڻ، غور فڪر ڪرڻ بعد انهي خوش اعتقادي جي آهني ديوار ۾ آهسته ٿي شڪن جا شگاف پوڻ لڳا.

جن سوالن منهن جو توجهه ڇڪايو سي هيٺين قسمن جا هئا:

١- ڪائنات جي پيدا ڪندڙ، پاليندڙ، فنا ڪندڙ خدا سائين جـي صورت ڪهڙي آهي ۽ ڪٿي رهندڙ هو.

٢- ڪائنات جي وجود، روح، ماده وغيره جي معلومات جا سوال.

٣- ساهه وارين شين جي پيدائش جا ڪارڻ.

٤- حيات بعدالممات جي حقيقت ۽ ان بابت مختلف نظريا.

٥- جبر ۽ قدر جو مسئله.

٦- گناهه ۽ ثواب ڪهڙا هئا ۽ انهن جي تقرر جو مسئلو.

٧- مذهب هڪ هو يا گهڻا هئا. انهن جا بنيادي مٿا ڪهڙا هئا.
٨- مذهب ۾ اجتهاد ۽ تقليد جو مسئلو.
٩- حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ جي پرکا.
١٠- ڪثرت ۽ وحدت جي تشريح ۽ لاڳاپو.

انهن سوالن جي فيصل ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي پڙهڻ، عالمن ۽ صالحن جي صحبت ۽ غور فڪر ڪرڻ بعد جن نتيجن تي پهتس ان جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

(١) خدا جو تصور:

"آهستي ٿي خدا جو پهريون شخصي تصور ختم ٿي نئون تصور ذهن نشين ٿيو. جنهن سوجب هو هرجا حاضر ناظر، بي رنگ بي مثال بي صورت، مڪان ۽ زمان هو ۽ فهم ۽ خيال ۾ سمائجڻ کان مٿي هو. انهي خيال سائنس ۽ فلسفي جي پيدا ڪيل ڪن اعتراضن کان جان آزاد ڪرائي ليڪن اڳوڻي يقين ۽ وبساه ۾ خلل پئجي ويو.

هڪ مقرر ڪيل جڳهه تي، خاص صورت واري هستيءَ جو تصور سولو هو، ليڪن قياس، گمان ۽ فهم کان مٿي هستي سمجهه ۽ نظر کان مٿي هئي.

ڪنهن وقت دنيا ۾ ڪروڙها انسانن کي بک بيماري ۽ مصيبتن ۾ مبتلا ڏسندي ذري گهٽ سندس رزاقي، شافعي، عادل صفتن مان اعتقاد گهٽجي ٿي ويو. ليڪن قرآن جي آيت "ما خلقت هذا باطلا" يعني ساري ڪائنات مقصد کانسواءِ نہ پيدا ڪئي ويئي آهي. سدائين ڪنن ۾ گونجندي رهي ۽ جنهن مذهب جي بنيادي دائره کان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنو.

(٢) روح ۽ مادہ وغيرہ جي معلومات

"ان مسئلي تي مون ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" ۾ مفصل روشني وڌي آهي هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ انهي مسئلي تي غور ۽ فڪر قديم اعتقادن ۾ تبديلي آڻي وسيع معلومات ميسر ڪئي،

تنهنڪري ان جي بنياد تي برپا ڪيل مذهبي دستورن ۾ گهٽو رولو پئجي ويو.

(٣) ساهہ وارين شين جي پيدائش جا ڪارڻ

”انهي ڏس ۾ پڙهڻ، ٻڌڻ، غور ڪرڻ بعد مغربي مذهبن ۽ شرقي مذهبن طرفان پيش ڪيل نظريا گهڻون بدلجي ويا. آدم کي ٺاهي ان ۾ روح ڦوڪڻ جو تخيل بدلجي ويو. سائنس جي ذريعي نئي معلومات ميسر ٿي جنهن موجب هن ڌرتيءَ تي لکها ورهين کان زندگي موجود هئي. ماڻهو لکها ورهين جي ارتقا جي پيداوار هو. اهو به مختلف ادوار مان ارتقا ڪندو پي آيو آهي. سندس مستقبل اجا پردي غيب ۾ لڪل هو.

(٤) حيات بعد الممات بابت تفتيش

”روح بابت مختلف مذهبي عقيدن ۽ نظرين جي ڇنڊ ڇاڻ بعد اڄون هن خيال جو ٽيندو ويس ته جهڙيءَ طرح ماده جا مختلف عناصر گڏجي جانور جو جسم بنائين ٿا اهڙي طرح زندگي (روح) به پنهنجي عالم مان اچي وقت گذاريو تجربه حاصل ڪري وري موٽي پنهنجي دنيا ۾ ملي هڪ ٿي وڃي ته اها ڳالهه خلاف قياس نه ٿي ڏسڻ ۾ اچي. پر انهي اصول مڃڻ بعد مذهبن طرفان پيش ڪيل نظريہ جهڙوڪ، ڪرمن جو ڦل، روز محشر جو حساب ڪتاب، بهشت ۽ دوزخ ۽ ان سان متعلق ڳالهيون ختم ٿي ويئون ٿي.

(٥) جبر ۽ قدر جو مسئلو

انهيءَ سوال مذهبي عقيدن جي ترڪيب ۾ گهٽو حصو ورتو آهي. هڪڙن ماڻهوءَ کي بيوس بنائي ڪٽي قسمت جي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيو هو. پوءِ وري مذهب جي ناليءَ ۾ ڪيس هدايتون ٿي ڪيون ته پاڻ کي گناهن ۾ پسڻ کان بچائي.

ننڍي هوندي کان ٻڌندو آيو هوس ته ”لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي.“ يا ”لا تحرڪ شيءً الا باذن الله“ اهي ڳالهيون اهڙيون هيون جن ۾ ماڻهو ويچارو بيوس ڏسڻ ۾ ٿي آيو.

ٻئي طرف اهڙا خيال پيش ڪيا ٿي ويا جنهن ۾ انسان اهڙو مڪمل هو جو خود خدا بہ سندس مشوري سان ڪم ٿي ڪيو.

پهرئين جو مثال اڄڪلهہ جي ڪميونسٽ سوسائٽيءَ ۾ فردن جهڙو هو جنهن ۾ شخصي آزادي نهايت محدود هئي، اتي نہ خيال جي آزادي هئي، نہ عمل جي. خيالي دنيا ۾ سوسائٽي يا خدا جي حڪمن جي پٺيان هلڻو هو. وري ٻئي نظرئي مطابق شخصي آزادي انهيءَ حد تائين آزاد هئي جو هر شخص پنهنجي راءِ ۽ مفاد خاطر جيڪي وڻيس ٿي سو ڪيائين ٿي. جهڙيءَ طرح هن وقت سرمائيدار ملڪن جي حالت آهي. جتي هڪڙا ڪروڙ پتي ٿي عيش ۽ آرام ۾ گذاري رهيا هئا، ٻيا بکون ڪاٽي رهيا هئا. جتي ننگو ٿي گهمڻ ۽ جماعتي نظام جي هر ڳالهہ جو مذاق اڏائڻ ڪي عيب نہ ٿي سمجهيو ويو. انهن ٻنهي متضاد نظرين تي غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد اچي ان راءِ جو ٿيڻ لڳس تہ اهي ٻئي نظريا انتها پسنديءَ جا پيداوار هئا. ممڪن آهي انهن جي ميلاپ مان ڪو معنيٰ خيز نتيجو نڪري سگهي.

(٦) گناہ ۽ ثواب جو مسئلو

ننڍپڻ کان فقهي ملا کان معلوم ٿيو هو تہ ماڻهو چوٽيءَ کان پيرن تائين سارو گناهن ۾ غرق هو. ان کان ٻاهر نڪرڻ خدا جي مهرباني کان سواءِ ناممڪن هو. هندو ۽ ٻڌ مت وارن ان کي پنهنجي اڳين جوڻن جي ڪرم جو نتيجو ٿي ڄاتو تہ عيسائي مت انسان کي پيدائشي گناهگار ڄاڻايو هو. مسلمانن ۾ جيتوڻيڪ بنيادي طرح روح پاڪ پيدا ٿيل هو پر پوءِ مذهب ان تي ايڏيون پابنديون ٿي وڌيون جن کيس مجبور محض ڪري ڇڏيو هو. جنهنڪري خود درويشن کي ائين چوڻو پيو تہ

"عدل آهي نہ ڇٽڻي، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو."

يا

"ٻجرو ٻاٻن جو، سو چوٽيءَ تائين چور."

آخر ملا جي شريعت طرفان عائد ڪيل پابندين جي بہ ڪا حد هئي!

(۱) ڀيڏيءَ کان هيٺ سٽڻ پائڻ گناهه هو.
(۲) ويٺي پيشاب ڪرڻ گناهه هو.
(۳) قبله يا ڪنهن بزرگ طرف منهن ڪري پيشاب ڪرڻ يا پير ڊگها ڪري سمهڻ گناهه هو.
(۴) غير محرم مرد يا عورت جو منهن ڏسڻ گناهه هو.
(۵) دير سان نماز پڙهڻ گناهه هو.
(۶) ويٺي پاڻي پيئڻ گناهه هو.
(۷) پيشاب کان پوءِ وٽ نه چيئڻ گناهه هو.
(۸) ڪن جانورن جو گوشت کائڻ گناهه هو.
(۹) خاص نموني ۽ نالي کان سواءِ ڪٺل گوشت کائڻ گناهه هو.
(۱۰) مٿو اگهاڙو ڪري نماز پڙهڻ گناهه هو.

مطلب ته ڳڻ ڳاڻيٽو ڪونه هو عصيان بي اپار هئا. پين مذهبن ۾ به ڪم و بيش ساڳيون بندشون پيل هيون. ملا، پنڊت، پادري، ربي مذهب کي اهڙيءَ طرح جڪڙي ڇڏيو هو جو هر ڳالهه ۾ ماڻهو محتاج ۽ گناهن ۾ قائل هو. اهو سڀ خدا ۽ بزرگن جي نالي ۾ چيو ٿي ويو. ماڻهن کي اها اجازت نه هئي ته انهيءَ ڳالهه تي غور ڪن ته جنهن شيءِ کي اخلاقي قانون سڏيو ٿي ويو ۽ جنهن جي آڌار تي گناهه ۽ ثواب مرتب ڪيا ويا ٿي، سو بيٺل پاڻي وانگر ڪن حدن ۾ محدود نه هو. ان جو ملڪي ماحول، قديم روايات، معاشري جي ضرورتن، ماڻهن جي ڀلائي ۽ برائي سان تعلق هو. تنهنڪري اهي گناهه ۽ ثواب جا مقرر ڪيل نظريا حالتن مطابق بدلجي سگهيا ٿي.

مذهب انسانذات جي محبت، امن، ترقيءَ جا ذريعا هئا. تن کي مذهبي مهندارن ماڻهن کي محڪوم ۽ مجبور ڪري سندن طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب پئي آندو آهي. انهيءَ طبقي مذهب کي اهڙو مضحڪه خيز بنائي ڇڏيو هو جو هر آزاد خيال ماڻهوءَ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي. مونکي به اهي حالتون ڏسي مذهبي اعتقادن لاءِ رد عمل پيدا ٿيو. جنهنڪري اهو سندس منظم اثر سون تان وڃائي ويٺو.

(٧) مذهب هڪ هو يا گهڻا

”تاريخ مذهب جي پڙهڻ بعد معلوم ٿيو ته مذهب اصل ۾ خوف ۽ وهم جي پيداوار هئا. جنهن ۾ اڳتي هلي عالمگير مذاهب جي باني محبت ۽ عقل جا اضافا ڪري ان کي انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقي جي اصولن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن انهن به اصل مذهبن جي ڪيترن عقيدن کي ڪڏهن ڇڏڻ کان پاسو ڪيو. ڇاڪاڻ ته ڪين ڏپ هو ته ماڻهو بنيادي طرح قدامت پسند هئڻ ڪري متان سڀني نين ڳالهين جي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿين. اها حالت قريباً هرهڪ عالمگير مذهب جي هئي.

مذهب اسلام به اهڙين خامين کان خالي نه رهيو. جهڙوڪ

(١) جانورن جي قرباني.

(٢) ڪعبي جي چوطرف طواف ڪرڻ، شيطانن کي مينا ۾ پٿريون هڻڻ، صفا مروه ۾ ڊڪون پائڻ وغيره.

(٣) روز قيامت، پلصراط، ميزان، حساب ڪتاب، بهشت ۽ دوزخ جا عقيدا.

(٤) مري ويلن کي ختما ڏيارڻ، بيمارين يا ڪن ڪمن جي حصول لاءِ تعويذ ۽ ڌاڳا ٻڌڻ، مزارن تي عرس يا ميلا لڳارائڻ وغيره.

(٥) بزرگن جي ڪتابن کي الهامي، بيعيب ۽ آخرين سمجهي انهن جي انڌي تقليد ڪرڻ وغيره.

(٦) اسلام ۾ سوها فرقا پيدا ٿي ويا هئا، جن مان هرهڪ جي اها دعويٰ هئي ته اهو حق تي هو ۽ ان جا مڃيندڙ نجات يافته هئا ۽ ٻيا ناحق تي ۽ سندن پوئلڳ دوزخي هئا.

انهن ڳالهين مونکي اهڙو منجهائي ڇڏيو هو جو ذري گهٽ مذهب کان منحرف ٿيڻ کي ويجهو هوس. علامه آءِ. آءِ. قاضي مونکي انهيءَ مونجهه مان ڪڍي اهو ذهن نشين ڪيو ته مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. انهن جا بنيادي اصول اتحاد، امن ۽ ترقي انساني جو حصول هئا.

مذهب فطرتاً ابتدا کان ملڪي حالتن، ضروريات زندگي، ذهني ارتقا مطابق ترقي ڪندو آيو هو. اهي گهٽا ڪوڙ هٿا سندن ظاهري گهٽائي پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. انهن ۾ چند اصولي ڳالهيون هيون جي ساڳيون هيون باقي فروعي ڳالهيون هيون، جي بدلجي سگهيون ٿي، سي بدلبيون آيون هيون. تنهنڪري اسلام کي چند عقيدن ۽ روايات جي بنا تي ڪنهن جماعت ۾ محدود ڪرڻ روح مذهب جي خلاف هو.

(٨) مذهب ۾ اجتهاد ۽ تقليد جو مسئلو

مذهب ۾ ملا، پنڊت، پادري ۽ ربي وغيره سندن هڪ هٺي قائم ڪري اجتهاد جو دائرو ايترو تنگ ڪيو هو جو ڪنهن به شخص کي غور ۽ فڪر ڪري آزاد پاليسي اختيار ڪرڻ جو حق نه ٿي ڏنو ويو. مذهب اسلام به انهن خامين کان بچي نه سگهيو هو، قرآن ۽ حديث کي بنياد بنائي ملا ان جي جيڪا تشريح ڪئي ٿي ان جي صداقت کان ڪنهن به ماڻهوءَ کي انڪار ڪرڻ جي اجازت ڪانه هئي. سواءِ ٿورن جي ڪنهن به ماڻهوءَ خدا، حيات بعدالممات، سزا ۽ جزا، بهشت ۽ دوزخ، قرباني، حج، نماز، روزه وغيره ڳالهين جي رد ڪرڻ جي همت نه ساري. ان مان جديد علم جي چاڻن اهو نتيجو ٿي اخذ ڪيو. مذهب صرف تقليد هو.

مون انهن ڳالهين تي غور ڪري انڪار ۽ تقليد جي عيوض اعتدال کان ڪم ورتو.

(٩) حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ جي پرکا

ابتدا کان وٺي جدا جدا مذهبن، سندن فرقن ۽ ماڻهن جي جدا گروهن جي وچ ۾ صحيح ۽ غلط، سچ ۽ ڪوڙ بنسبت اختلاف پئي رهيا آهن. مسلمانن جو مذهب اسلام جنهن کي دنيا جو آخري ۽ مڪمل دين سڏيو وڃي ٿو سو به ٣٥٠ فرقن ۾ ورهاڳجي ويو جن مان هرهڪ پاڻ کي صحيح ۽ ٻئي کي غلط پئي سمجهيو. قرآن ۾ ان

مسئلي تي صاف وضاحت سان چيل هـو تہ "نصارا يهودين کي ناحق تي ۽ پـاڻ کي حق تي. اهـڙي طرح يهودي پاڻ کي حق تي ۽ نصارن کي ناحق تي سڏيندا هئا. اهڙي طرح پيا بہ ساڳي روش اختيار ڪندا هئا." ان تي خدا سائين پيغمبر کي چوي ٿو تہ "کين سمجهاءِ تہ حق ۽ ناحق جـو فيصلو خدا ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن جو پتو تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پئجي سگهندو." تنهنڪري بهتر رستو اهـو هو تہ رواداريءَ جو اصول قبول ڪري بقائي باهمي مطابق اختلاف راءِ ۾ هڪبين جو احترام ڪجي.

حق ۽ ناحق کي ڪنهن قـوم، فـرقہ، مذهب ۽ شخص جي هڪ هٽي بنائڻ قانون فطرت جي خلاف هو.

(١٠) ڪثرت ۽ وحدت جي تشريح

وحدت ۽ ڪثرت کي جدا جدا نالن سان تعبير ڪيو ويو آهي صوفين ڪثرت کي صفات، جز، مايا جي نالي سان منسوب ڪيو آهي. وحدت کي ذات، ڪل ۽ حقيقت ڪوٺيو آهي. فلسفين جي هڪ گروه انهن کي جوهر ۽ جسم سڏيو آهي تہ ڪن اصول ۽ فروع جا نالا ڏنا هئا. هـر مسئلي ۾ انهن نقطن جي سمجهڻ ۽ انهن جي هڪبين سان لاڳاپي جي معلوم ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي.

صفات، جز، مايا ايتري قدر پلائيندڙ آهن جو انهن جي پويان وحدت کي ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪبي تہ زندگيءَ جو ڪو بہ مسئلو پوريءَ طرح حل نہ ٿي سگهندو. اڄڪلهہ جي دنيائي اختلافن جو مکيہ ڪارڻ انهن کي پوريءَ طرح نہ سمجهڻ آهي."

مذهبي دنيا جي تجربي مان اهو پتو پيو تہ انفرادي ۽ مجموعي ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺيون ٽي ڳالهيون زندگيءَ ۾ مددگار ٿي سگهيون ٿي.

(١) علم يا عقل

(٢) عمل يا ڪرم

(٣) عشق يا پريم
انهن جي واقفيت ۽ تجربو معاشري جي ترقي ڏيارڻ لاءِ رهبر راهه ٿي سگهيو ٿي.

(١) علم (عقل)

دنيا جي مختلف ملڪن ۽ زمانن ۾ ڪيترن ماڻهن تجربي، غور، فڪر، سير سياحت ۽ صالحن جي صحبت بعد معلومات جو ذخيرو گڏ ڪيو آهي، جن کي قلمبند ڪري پوين لاءِ مشعل راهه طور ڇڏي ويا آهن. علم ان جو نالو آهي، جو ذهانت وذانڻ جو باعث بنجي ٿو. ذهانت ۽ عقل ساڳي شيءِ جا نالا هئا.

اهڙيءَ طرح ڪٺي ڪيل معلومات جي پڙهڻ ڪري ماڻهن کي هزارها ورهين جي گڏ ڪيل ذخيري جو پتو پوي ٿو ۽ هنن جي ذهني ارتقا ٿئي ٿي.

علم کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو اٿن: (١) ظاهري علم (٢) باطني علم. ظاهري علم جون ڪوجنائن بعد سوها شاخون پيدا ٿيل آهن، جن مان مون ڪجهه واقفيت حاصل ڪئي آهي، سي هيٺيون آهن:

(١) مذهبي علم
(٢) فلسفه
(٣) ادب
(٤) تاريخ
(٥) ساز ۽ آواز
(٦) سياست
(٧) اقتصاديات
(٨) تصوف

(١) مذهبي علم

هن جون مکيه شاخون ٽي آهن: (١) الاهيات (٢) اخلاقيات (٣) عبادات.

پهرينءَ جو واسطو ڪائنات جي خلقت ۽ ان جي رازن معلوم ڪرڻ سان آهي.

ٻي جو واسطو ماڻهن جي باهمي تعلقات ۽ معاشري جي بهتري ۽ ڀلائي سان آهي.

ٽئي جو واسطي خدمت خلق ۽ تزڪيه نفس سان آهي.

(٢) فلسفه علم

هن کي ڇهن مکيه تشريحن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

(الف) فلسفه وحدت‌الوجود .

(ب) فلسفه وحدت شهود .

(ت) فلسفه تثليث

(ث) فلسفه دهريت

(١) فلسفه وحدت‌الوجود

عام طرح سان دنيا جي اڪثر عالمگير مذهبن انهي نقطه نگاه موجب سوسائٽي جي تعمير لاءِ ان ڪان ڪم ورتو آهي ۽ انسان ذات جي اتحاد لاءِ انکي سنگ بنياد ڪري ڪتب آندو آهي. هندن انکي ويدانت سڏيو آهي. عيسائن مونوٿيسنزم ۽ مونيزم نالو ڏنو آهي. مغربي فلسفين پئن ٿيسزم شمار ڪيو آهي. مسلمانن ۽ يهودين انکي توحيد سڏيو آهي.

رواجي طرح ان جو الحاق الاهيات سان ڪيو وڃي ٿو پر جي ڇنائي نظر ڪبي تہ زندگيءَ جي هر شعبہ تي ان جو اثر رهي ٿو جهڙوڪ سياست، اقتصاديات، ادب، اخلاق، عمل وغيره تي انجو اثر خاص رهنمائي جو ڪم ڏئي ٿو. ان لسٽ ۾ عشق کي انڪري داخل نہ ڪيو اٿم جو عشق وحدت وجود جو ٻيو نالو آهي.

(ب) فسلفه وحدت الشهود

دنيا جي ڪيترن مذهبن ان نظريه کي ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ جي اختلافن کي سمجهائڻ لاءِ ڪم آندو آهي. پارسي مت جي پيغمبر زراسٽر ان کي نهايت واضح انداز ۾ پيش ڪيو آهي. دنيا جي هر شي جا هن ٻہ پهلو ڏيکاريا آهن.

هڪ طرف نور هو، ٻي طرف ظلمت هئي.
هڪ طرف حق هو، ٻي طرف ناحق هو.
هڪ طرف روح هو، ٻي طرف مادو هو.
هڪ طرف ظلم هو، ٻي طرف انصاف هو.

مطلب تہ دنيا جي هر شيءِ جا ٻہ پهلو ڏيکاريا ويا هئا جي ٻئي متضاد هئا.

انهي نظريہ مطابق مذڪور بالا حقيقتون علحده هيون، جن جا وجود بہ جدا هئا اهي ٻئي گڏجي نئي سگهيا ايتري قدر جو خدا بہ ٻہ هئا، هڪ اهرمن ٻيو اهرمزد جي خير ۽ شر جي صفتن سان موصوف هئا. جيتوڻيڪ آخري طرح خير جي فتح ٿيڻ جو دلاسو ڏنل هو پر شر جو وجود خير جي سڃاڻپ لاءِ ضروري ڄاتو ٿي ويو.

مسلمانن مان بہ ڪن انهي نظريي کي نئون روپ ڏئي روح ۽ ماده، خالق ۽ مخلوق، ذات ۽ صفات جي نالن سان پيش ڪيو. اهو نيٺ وحدت‌الشهود جي صورت اختيار ڪري ويو.

(ت) فلسفہ تثليث

هن نظريہ مطابق روح ۽ ماده کان علاوه روح القدس بہ هو. جنهن ٽنهي کي گڏڻ جو ڪم ٿي ڏنو. ڪرستانن طرفان ان کي پيءُ، پٽ ۽ روح‌القدس جو نالو ڏنو ويو هو. يعني خدا بنده ۽ مسيح ٿي قوتون دنيا جي هر ڪاروبار ۾ دخل انداز هيون.

هندن ان کي ٿمورتي سڏي برهما، وشنو ۽ شو جي نالن سان ظاهر ڪيو هو. يعني پيدا ڪندڙ، پاليندڙ يا زندگي بخشيندڙ، ٿي فنا ڪندڙ طاقت هئي. دنيا جو ڪاروبار انهن ذريعي هليو ٿي. مسلمانن ۾ بہ مختلف نموني ان ۾ اعتماد رکيو ٿي ويو. ا ل م. خدا - محمد - جبريل يا خدا جسم ۽ روح مان اها معنيٰ ڪڍي ٿي وئي.

(ث) فلسفہ دهريت

ان فلسفہ ۾ ظاهري حواسن ذريعي معلوم ٿيندڙ اجسام کي حقيقت سمجهي. ان کانسواءِ فهم ۾ نہ ايندڙ ۽ نامعلوم اشيا جي وجود

ڪان انڪار ڪري زندگيءَ ۽ انسان سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي ماده جون مختلف صورتون سمجهي ساري معلومات کي ان تائين محدود ڪيو ويو هو.

ان فلسفہ جي ابتدا يونان کان ٿي ان کان پوءِ ٻين ماڻهن بہ ان نظريي ۾ اعتماد رکيو. هاڻ انکي سائنٽيفڪ نموني ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. اڻ سڌي طرح چين جي ڪنفيوشس ٻڌ ڌرم جي نروان ۽ صوفين جي نفيءَ واري گروه ان جي حمايت ڪئي ٿي.

(٣) علم ادب

علم ظاهري ۾ ادب کي نمايان درجو حاصل آهي. ان جون گهڻيون شاخون آهن جن جو اظهار نثر ۽ نظم ۾ ڪيو ويو آهي. تهذيب انساني سان واسطو رکندڙ هر ڳالهہ کي ان ذريعي پيش ڪيو وڃي ٿو

(٤) علم تاريخ

علم تاريخ گذشتہ سياسي، اقتصادي، ادبي، معاشرتي، مذهبي، نفسياتي واقعات جي ذخيره کي گڏ ڪري ماڻهن جي معلومات لاءِ وڏو مواد ميسر ڪيو آهي. تاريخ صاحب نظر ۽ عقل وارن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رهبري جو ڪم ڏي ٿي.

(٥) علم ساز ۽ آواز

هن کي انساني تفريح طبعي، روحاني راحت ۽ ترقي ۽ جذبات کي متاثر ڪرڻ جو هڪ ذريعو ڪري سمجهيو ويو آهي. هن وقت اهو ترقي ڪري هڪ مکيہ علم جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. مشرق ۽ مغرب ۾ ان خاصي ترقي ڪئي آهي.

(٦) علم سياست

ملڪي آئين سازي، قومي مسئلن کي نبيرڻ، ملڪ جي اندروني ۽ بيروني معاملن ۽ امن امان رکڻ، ترقي ۽ تعمير سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي خوش اسلوبي سان نبيرڻ جي علم کي سياست جو علم

سڏجي ٿو. اڄڪلهہ اهو علم ترقي ڪري سائنس جي درجي تي پهچي ويو آهي. انجون ڪيئي شاخون بنجي ويون آهن.

(٧) علم اقتصاديات

گذر معاش، ملڪي ترقي ۽ تعمير، ڪارخانن، زراعت، تجارت، وغيره سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي اقتصاديات يا معيشت جو علم سڏيو وڃي ٿو. جيئن دنيا ترقي ڪندي وڃي ٿي انجا ڪاروباري مسئلا بہ وسيع ۽ پيچيده ٿيندا وڃن ٿا. انڪري انهن جي ڇاڻ بہ وڌندي وڃي ٿي. هاڻ اهو علم باقاعدي هڪ سائنس بنجي ويو آهي انجون ڪيتريون شاخون بنجي ويون آهن جن مان مکيہ جاگيرداري، سرمائيداري، اشتراڪي نظام آهن.

(٨) علم تصوف

علم تصوف امتزا جي ڪم سرانجام ڏئي ٿو هن کي اڄڪلهہ جي زبان ۾ بقائي باهمي جي محرڪ جذبي سان تعبير ڪيو وڃي ٿو اهو ايتري قدر وسيع ٿيندو وڃي جو ان جو اثر نہ صرف مذهبي عقيدن تي پوي ٿو پر زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر معاملي جي ان مان رهبري ٿي سگهي ٿي.

علم باطني

مٿي ظاهر علمن جو مختصر ذڪر ڪيو اٿم. هاڻ باطني علم بابت احوال پيش ڪريان ٿو. انکي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي ذڪر ڪندس.

(١) الوهيت

(٢) وجداني حالت (الهام).

(٣) عشق جو علم.

(١) الوهيت

قديم وقت کان وٺي دنيا ۾ اهو عقيدو هليو اچي ٿو تہ ڪي اهڙا روحاني ذريعا هئا، جن خدائي ذخيره علم مان ڪي هدايتون ۽ خبرون آڻي ڪن چونڊيل ماڻهن کي پهچايون ٿي جي رسول يا پيغمبر جي

نالي سان سڏيا ويا ٿي. انهي ذريعي کي وحي جي نالي سان سڏيو ويو آهي.

(٢) وجداني حالت

گهڻي وقت کان مختلف قومن، مذهبن ۽ ماڻهن ۾ اهو عقيدو به ويٺل آهي ته وحي کان گهٽ هڪ ٻي طاقت به آهي. جنهن ذريعي ولين، درويشن، شاعرن، فيلسوفن، حڪيمن ۽ ڏات وارن ماڻهن کي ڪي راز معلوم ٿيا ٿي جي عام طرح حاصل ٿي نه ٿي سگهيا ۽ غير شعور دنيا سان واسطو رکندڙ هئا.

(٣) عشقي علم

گهڻن ماڻهن روحاني رمزن پروڙڻ ۽ عقل کان مٿي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ عشق ذريعي به علم حاصل پئي ڪيو آهي. جيئن هڪ شاعر چيو آهي ته:

عشق سيکاريون نيون نيون ڳالهيون سلڻ نه جهڙيون

٢- عمل يا ڪرم

زندگيءَ ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ علم سان گڏ عمل کي وڏو دخل ڏنو ويو آهي. قرآن شريف ۾ عمل صالح کي راه نجات جو ذريعو ڪري ٻڌايو ويو آهي.

عمل کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

١- عمل صالح يا خير ٢- عمل ناصالح يا شر

پهرين مان ترقي حاصل ٿئي ٿي. ٻيو تنزل ۽ ادبار ڏي ڇڪي ٿو. هاڻ سوال اٿندو ته عمل صالح ۽ عمل بد جي وچ ۾ تميز ڪيئن ڪجي. ذرا غور ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو ته:

عمل صالح خوشي، مجموعي فائدي، ترقي، اتحاد ۽ امن جو باعث بنجي ٿو ۽ عمل بد رنج، نقصان، تنزل، نفاق، بدامنيءَ ۽ فساد پيدا ڪري ٿو. عمل کي ٻيو نالو خدمت يا عبادت ۾ ڏنو وڃي ٿو.

عمل کي ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي:

(۱) گذر معاش سان واسطو رکندڙ کم:

جي وري اقتصاديات، هنر، سائنس، زراعت ۽ مزدوري ۾ ورهايا وڃن ٿا.

(۲) سماج سان واسطو رکندڙ کم:

جي سماجي، سياسي، ڪلچر ۽ مفيد عام پراپڪاري معاملن ۾ ورهايا ويا آهن.

(۳) عبادت الاهي جا کم:

جي ظاهري ۽ باطني عبادتن ۽ تزڪيہ نفس جي ڪمن سان واسطو رکن ٿا.

(۴) زندگيءَ جي بچاءَ جا کم:

جي شادي، اولاد جي پرورش، باهمي تعلقات، بقائي باهمي، ناحق خلاف لڙڻ، حق جي حفاظت ڪرڻ سان واسطو رکن ٿا.

۳- عشق يا پريم

ان کي محبت، پريم، لو وغيره نالن سان سڏيو وڃي ٿو. انساني ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي وڏو درجو ڏنو ويو آهي. انهي پنڌ جي پانڌيئڙن جو چوڻ آهي تہ علم ماڻهوءَ جي معلومات ۾ اضافو ڪري صحيح ۽ غلط، حق ۽ ناحق، اعليٰ ۽ ادنيٰ ڳالهين جي تميز پيدا ڪري ٿو. ليڪن تميز پيدا ٿيڻ بعد علم ۾ ڪابہ اهڙي طاقت نہ آهي جو ماڻهو کي صحيح راه تي هلائي مفيد ڪم ڪرائي سگهي. اهو ڪم عشق جي سپرد آهي تہ تميز بعد محرڪ جذبہ ٿي ماڻهوءَ کي ناجائز ڪشش يا غلط رستن کان پاهر ڪڍي صحيح مقصد ۽ رستي تي آڻي. انهيءَ مقاصد ۽ راهہ جي وچ ۾ جي رنڊڪون ۽ مشڪلاتون پون تن جو مرد ٿي مقابلو ڪري. عشق کي اهل تصوف ٻن قسمن تي مشتمل ڪيو آهي. (۱) مجازي عشق (۲) حقيقي عشق

مجازي عشق

هن کي ٽن درجن ۾ ورهايو اٿن:

(١) درجو شخصي، جزوي، محدود دائره واري عشق جو آهي.
(٢) درجو قومي، ملڪي، وسيع دائره واري عشق جو آهي.
(٣) درجو نوع انسان جي دائره جو عشق آهي.

(١) شخصي عشق

اهو عشق به ٽن سببن ڪري پيدا ٿئي ٿو.

(١) ظاهري صورت ۽ جنسي ڪشش ڪري.
(٢) هم طبقي رفاقت، زندگيءَ ۾ مددگار جي حصول جي خواهش ڪري.
(٣) همخيالي ڪري باهمي امداد، ذهني سڪون جو حصول.

مٿي ذڪر ڪيل فرد واحد جو عشق به چئن مرحلن مان گذري ٿو.

(١) صغير پڻ – معصوميت
(٢) سن بلوغ – سمجهه جو اچڻ
(٣) جواني – سيمابي طبيعت
(٤) پيرسني – سڌن جو مرڻ.

جيئن ته انهي سڀني ڳالهين جو ذڪر ڪتاب جي متن ۾ ڏنو ويندو ان ڪري وڌيڪ احوال هتي نٿو ڏيان. آءٌ قومي ۽ نوع انساني جا عشق به عشق مجازي ۾ شمار ڪريان ٿو. انهن جي سون پنهنجي صوفيانه خطبن ۾ فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول سان تشبيه ڪئي آهي. اهي سڀ ڳالهيون عشق مجازي جا مختلف درجا آهن.

عشق حقيقي مجازي مرحلا طي ڪرڻ بعد شروع ٿئي ٿو. خدا جي سڃاڻپ لاءِ ميدان مجازي عشق ۾ هموار ٿئي ٿو تنهنڪري مجاز ۽ حقيقت کي جدا ڪري نٿو سگهجي اهي رڳو عشق جا مختلف مرحلا آهن.

مذهب، علم - عمل ۽ عشق زندگي جي ارتقا لاءِ جدا صيغا آهن. انهن جي وچ ۾ توازن ۽ ميلاپ آڻڻ ۾ ئي روحاني ڪمال

جو راز سمايل آهي. زندگيءَ جو ڪمال پاڻ سڃاڻڻ ۾ مغمر آهي، پاڻ سڃاڻڻ جا ٻه درجا ٿين ٿا.

فرد ڪي زندگيءَ جي مقاصد ۽ فرائض جي ڄاڻ پهريون درجو آهي ان ڪانپوءِ فرد ڪي قوم سان فرائض ۽ جوابدارين جو پتو ڪڍڻو آهي. جهڙيءَ طرح شخصن ڪي پاڻ سڃاڻڻ جي ضرورت ٿئي ٿي اهڙي طرح قومون به پاڻ سڃاڻڻ لڳن ٿيون ته ڪين پتو پوي ٿو ته هو انسان ذات جي بحر جا جزا يا قطرا آهن. جهڙي طرح فرد واحد قومي قالب ۾ سمائجڻ ڪانسواءِ غير مڪمل آهي اهڙي طرح قومون به انسان ذات ۾ سمائجڻ ڪانسواءِ غيرمڪمل رهن ٿيون.

خداشناسي جي راهه ۾ پهرين مون مذهب ڪي ذريعه ڪري شروعات ڪئي ان بعد ٻي درجي ۾ علم وسيلي ان منزل تي پهچڻ جي ڪوشش ڪيم، جنهن ۾ مختلف مذاهب ۽ علمن جي ڪتابن پڙهڻ ۽ صحبت صالحان شامل هئا ان ڪانپوءِ خدمت خلق لاءِ سماجي ۽ سياسي زندگي ۾ پراپڪاري جا ڪم ڪيم پر خداشناسي مشڪل مسئلو نظر آيو.

بي مثل، بي شڪل، لازمان، لامڪان، تصور ۽ گمان ڪان برتر ۽ بالا هستيءَ جي شناخت ۽ سڃاڻپ مون جهڙي ناقص ماڻهوءَ جي وسعت ڪان مٿي هئي.

ظاهري علم ان تائين پهچائڻ ۾ مدد نه ڪئي، علم باطني ميسر تي نه سگهيو. نه عبادتون نه ورد وظائف ڪم آيون. تقويٰ، تزڪيه نفس ذريعي اندر جون دريون نه کليون. عشق بابت ڪتابن ۾ پڙهيو گهڻو هوم پر جهڙي طرح سائنسي ٿيوري جي صرف پڙهڻ ڪري ڪو فائدو نٿو ٿئي سواءِ ليبارٽري ۾ تجربي جي اهڙي طرح عشق جي درسگاهه ۾ تجربه جي ضرورت هئي. پر چيو ويو تي ته عشق اتفاق يا حادثه ذريعي حاصل ٿيو ٿي. ان تي زور بار ڪونه هو. اهو ذات الاهي هو، محنت ۽ مشقت ذريعي حاصل ٿي نٿي سگهيو. جهڙي

طرح خدا جي مجاز مشڪل هئي اهڙي طرح سندس عشق ۾ ڏکيو هو.

عشق نہ آهي راند جا کيڏڻ گهرو،
جيءَ جسي ۾ جان جي پڇي ٿو هيڪاند،
سي نيزي پاند اچل تہ اڌ ٿئي.
(شاه)

ان ڪري عشق حقيقي کان شروعات ڪرڻ جي عيوض هيٺان مجاز کان شروعات ڪرڻي هئي. نيٺ اها ٿي.

مجاز پهرين مون کي فرد واحد ذريعي ڏيکارو ڏنو. جنهن جي تجربي بعد معلوم ٿيم تہ اهو پيدا ٿيڻ بعد جدا جدا مرحلن مان گذري ٿو ابتدائي مرحلہ صغيري يا معصوميت جو هو جنهن ۾ بناتميز جي هڪ ڪشش پاڻ ڏي ڇڪي رهي هئي.

ٻيو مرحلو سن بلوغ يا سمجهہ جو آيو جنهن ۾ تميز پيدا ٿي خواهشن ۾ سڏن سان هرڪنار ڪري پلصراط وانگر ٻہ ڌاري تلوار تي پيهاري ڇڏيو.

ٽيو مرحلہ جواني يا تحرڪ جو هو جنهن ۾ تيز گهوڙي وانگر هل هلان هئي.

چوٿون مرحلہ پيرسنيءَ جو هو جنهن ۾ سڏن جي گهٽجڻ ۽ شخصي مجاز جي بي ثباتي ۽ فاني پڻي جو احساس پيدا ٿيو. پوءِ فرد واحد جي مجاز بدلجي ٻي صورت اختيار ڪري قومي مجاز جي صورت ۾ رونما ٿيو. فرد واحد جو عشق مومل جو راڻي لاءِ راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ وانگر هو.

ملڪي ۽ قومي محبت مارئي جي مارن ۽ ملير لاءِ واجهائڻ جي مثل هو. ان کانپوءِ انسان ذات جي عشق ۽ محبت جو تجربہ حاصل ڪرڻو هو، اها منزل اڃا پري آهي. هڪ درجو پورو ڪري پوءِ ٻي تائين پهچڻو آهي. آءٌ اڃا فرد جي عشق جو تجربو پورو ڪري ملڪي ۽

قومي محبت جي درجي ۾ داخل ٿيو آهيان جتي ڪيئي تجربا ڪيا اٿم ۽ شايد اڃا به ڪرڻا پون.

هتي هي چوڻ ضروري آهي ته جهڙي طرح فرد واحد جا جسم ۽ روح ظاهر ۽ باطن ٻه پهلو هئا اهڙي طرح عشق جي هرمرحلي ۾ ٻنهي پهلن کي دخل هو. جيئن جسم ۽ روح علحده ڪونه هئا ان وانگر مجاز ۽ حقيقت ساڳي وقت گڏ تجربا ٿيا ٿي.

صورت جي پويان سيرت ان جي پويان خيال لڪل هئا، جڏهن قطره قلزم حقيقي مان جدا ٿي عالم صفات يا مايا ۾ سير ڪرڻ شروع ٿو ڪري ته ان کي زندگي سڏيو وڃي ٿو. ان جي ابتدا ڪڏهن ٿي ان جي انتها ڪٿي ٿيندي ان جو پتو پوڻ مشڪل آهي.

کس ندانست که منزل گه معشوق کجاست
اين قدر هست که بانگ جرسي مي آيد

معنيٰ - ڪنهن کي پتو نه پيو آهي ته معشوق جي آخري منزل ڪٿي آهي ليڪن ايترو پتو پوي ٿو ته، ازغيبي آواز ٻاڻ ڏي چڪي رهيو آهي بانگ جرس مان اهو پتو پوي ٿو ته قطره کي نيٺ قلزم ۾ سمائجڻو آهي.

خبر نڪو خواب نڪو اوني آئيو،
هتي جي هتي اڃي ڏنو ڪنهن نه جواب،
حميرن حساب ڪوه ڇاڻان ڪهڙو ٿيو!
(شاه)

ان جو جواب ملي ٿو ته:

اتان اوني آئيو خبر اڄ ڪٿي،
وسارج م ور کي پنج م منڊ مري،
ويندئن ات وري ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾.

زندگي عرصه دراز کان زمين تي مختلف مدارج طي ڪندي ائي آهي. جمادي، نباتي، حيواني تجربا حاصل ڪري انسان جي

صورت ۾ نمودار ٿي آهي، ان زماني ۾ ڪيس جسماني، نفسياتي، ذهني اخلاق ارتقا لاءِ تجربا حاصل ڪرڻا آهن. پهرين شخصي سچائپ ۽ ڪمال حاصل ڪرڻو اٿس پوءِ جماعتي سچائپ ۽ ڪمال لاءِ ڪوشش ڪرڻي اٿس. زندگيءَ جو آخري مقصد خدا شناسي ۽ جز جو ڪل ۾ سمائجڻ آهي پر شروعات هيٺان ڪرڻي اٿس.

ان لاءِ مذهب معصوميت وارو تجربو آهي. علم تميز يا سچائپ جو ڪم ڏي ٿو جنهن ڪي سن بلوغ سڏي سگهجي ٿو. عمل جواني جو دور آهي جنهن ۾ زندگي سندس تگ و دو ۾ مشغول رهي ٿي. عشق مجاز حقيقت ڏي نيڻ ۽ نئي زندگي سان روشناس ڪرڻ جو مرحلہ آهي. جهڙي طرح عمل کانسواءِ زندگي بيجان ۽ بيڪار آهي اهڙي طرح عشق کانسواءِ زندگي بي مقصد آهي.

واٽون جدا جدا ٿين ٿيون پر منزل مقصود ڪمال جو حصول هو.

مجاز حقيقت جو ڏاڪو هو جتان چاڙهي چڙهي حقيقت کي پهچڻو آهي.

مجاز جسم آهي	حقيقت جوهر آهي.
مجاز محدود آهي	حقيقت غير محدود آهي.
مجاز صورت آهي	حقيقت بي شڪل آهي.
مجاز بدلجندڙ آهي	حقيقت لازوال ۽ دائمي آهي.
مجاز صفات آهي	حقيقت ذات آهي.

اڳتي اهو معلوم ٿيو ته اهي ٻئي ڳالهيون جدا نہ هيون، هڪ شيءِ جا ٻہ پاسا هيون. فلسفہ وانگر محبت جو اطلاق بہ جدا جدا ڳالهين تي ٿئي ٿو. جيئن فلسفہ، مذهب، سياست، اقتصاديات، نفسيات ۽ اخلاق جي مسئلن ۾ ذهني رهبري ڪري ٿو.

اهڙي طرح عشق بہ مذهب جي اونهن اسرارن سمجهڻ، سياسي مسئلن ۾ صحيح رهبري ڪري پراپڪاري جي راهہ تي هلائڻ، اقتصاديات کي مرڪزي نقطہ رفاح ۽ فلاح عام لاءِ ڪتب آڻڻ،

نفسيات ۾ يڪسوئي ۽ يڪجهتي پيدا ڪرڻ، اخلاق کي خلق ۽ عظيم جي درجي تي پهچائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

مون مذهب کان محرڪ جذبو حاصل ڪيو. علم کان اکيون ۽ روشني حاصل ڪئي جنهن مان صحيح ۽ غلط رستو ڏسڻ جي تميز پيدا ٿي. عمل زندگي جو عملي ثبوت ڏنو. عشق، مون کي منزل مقصود جي راهه جي شناخت ڪرائي. ان ڏانهن هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مون کي عشق مذهب جي معنيٰ اتحاد انساني، امن عالم ۽ انساني ارتقا ذهن نشين ڪرائي. مون کي عشق سياست ۾ فرد کي قوم ۾ مدغم ٿي مجموعي نفعي لاءِ پاڻ پتوڙڻ سيکاريو.

عشق معشوق جي هرخيال، ناز، خواهش ۽ غمزه جي پوري ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو پوءِ اهي ڀالهيون فردن جون هجن يا قوم جون. عشق مون کي پاڻ تي رضاڪارانه پابنديون وجهڻ سيکاريون جن اخلاقي قدرن جي صورت ورتي.

عشق مون کي ذهن نشين ڪيو ته احد علم ڪل آهي. احمد عمل هو. پاڻ وچ وارو م يا پردو آهي جنهن جي ذريعي ڪثرت ۾ وحدت ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

عشق مون تي ظاهر ڪيو ته برهما (پيدا ڪندڙ) علم يا شبد هو. وشنو (پاليندڙ) حسن هو، شو (مارينڌڙ) عمل هو جنهن ذريعي فنا ۾ بقا حاصل ٿئي ٿي.

عشق مون کي ان راز کان واقف ڪيو ته حقيقت علم ڪل هو ۽ زندگي (عمل) مجاز هئي، هو ٻنهي کي ڳنڍيندڙ پل هو.

جڏان عشق دل وچ نـہ مايس پـوش فقيري پايس
دليان لٿاوڻ دي ڪيتي جـانب جوڳـي ٿي آيا.

(خير محمد فقير)

عشق مون کي ان حقيقت کان واقف ڪيو ته مشرق علم جو مخزن هو ۽ مغرب عمل جو اظهار هو، سنڌ عشق جي پيغام سان ٻنهي جي ڳنڍڻ لاءِ پل جو ڪم ڏيڻ واري هئي.

عشق جي ڪيما سنهنجي ڏاسي ڪي سون جي جلا ڏني.

راڻا هيس رئڱ تو سائين مون ڪي سون ڪيو
سنهنجي سدايــــن جـو حــــال اٿئي هـــيءَ
ڏوليا ڏڪڻ ٿــــيءَ ڪامل ڪچايـن جـو.

جهڙي طرح الله يا حق - جــي نہ ابتدا هئي نــہ انتها آهي.
اهڙي طرح عشق جو پرو پاند پوڻ مشڪل هو.

نڪو سنڌو سور جو نڪو سيڙهو سڪ،
عدد ناهــي عشق پڇاڻــي پــاڻ لهي. (شاه)

خواجہ حافظ فرمائي ٿو.

در هرطرف ڪه رفتم جز حيرتم نيفزود
فرياد زيـــن بيابان وزراه بــي نهايت. (حافظ)

معني- جيڏانهن بہ ويس تہ صرف حيرت وڌي انهي بــي انت
بيابان جي اڻ ڪٽ راه پر دانهن نڪريو ٿي ويئي.

انسان نسلن بعد نسل انهي راه جا پانڌيئڙا ٿي تجربا ۽ ڪوجنائون
ڪندا آيا آهن.

ڪين روز نوان نيا پا ۽ نيون ڳالهيون معلوم ٿينديون رهن ٿيون.
سفر طويل آهي، شاه صاحب جي چوڻ مطابق.

"قيامت ملن تہ بہ ويجها پانئج سپريــن،
تنهان پوءِ سڄڻ واڌايـون وصال جون."

زندگي (روح) جو محرڪ جذبہ عشق، عميق سمنڊ جي سمان
آهي انهي جي شيوا ڪرڻ بعد جي ماسو مال جو بہ پراپت ٿئي ٿو نہ
پوچارو پر ٿيو وڃي.

فصل ٻهريون

محبت جي ماهيت

حوصلو حيرت جو، آهي نه متي عام،
سندي محبت مام، ڪور پروڙي ڪينڪي.
(شاه)

هن باب جي سري ۾ ٻه لفظ ڪتب آيل آهن. هڪ محبت ۽ ٻيو ماهيت.

محبت کي عشق، پريم، نينهن، دوستي، لو (انگريزي) جي نالن سان به سڏيو وڃي ٿو. ڪنهن به شيءِ سان لاڙي يا ڪشش کي محبت سڏيو وڃي ٿو.

ماهيت ٻن اکرن جو مرڪب لفظ آهي. هڪ ما ۽ ٻيو هي يعني هي ڇا آهي؟ هن جي اصليت ڇا آهي يا هن جي معنيٰ ڪهڙي آهي.

محبت جا محرڪ جذبا هيٺيان آهن:

(١) جنسي خواهش
(٢) صحبت، هم نفسي يا دوستيءَ جي خواهش
(٣) همخياليءَ جو جذبو
(٤) سرور يا خوشيءَ جو حصول
(٥) فائدو، مدد يا پراپڪاري جي تمنا

اهل تصوف ان کي ٻن قسمن ۾ وراهيو آهي:
(۱) مجاز
(۲) حقيقت
مجاز کي ٽن شين سان منسوب ڪن ٿا:
(۱) جسماني
(۲) ظاهري
(۳) فاني

جسماني شيون انهيءَ کي چيو وڃي ٿو جي پنجن حواسن جي ذريعي محسوس ٿي سگهن. يعني جن کي اکين سان ڏسي، ڪنن کان ٻڌي، وات سان چکي، نڪ سان سنگهي، هٿ سان ڇهي سگهجي ۽ مڪان، زمان ۽ اسباب ۾ سمائجي سگهي.

ظاهري شيون اهي شمار ڪيون وڃن ٿيون جي صورت، سيرت، مشتهري، اقتدار، وصال، فراق، رقابت وغيره سان واسطو رکندڙ هجن.

فاني شيون اهي آهن جي ازلي ۽ ابدي نه هجن. عارضي طرح وجود ۾ اچي پيدا ٿي وري ڪجهه وقت کان پوءِ گم ٿي وڃن.

حقيقت جوهري شين کي سڏيو وڃي ٿو. اهي جي پنجن حواسن ذريعي معلوم ٿي نه سگهن. زمان، مڪان ۽ اسباب ۾ سمائجڻ کان بالا هجن. اهي ازلي، ابدي، دائمي ۽ قائم بالذات ٿين ٿيون.

مجازي محبت ۾ هيٺين قسمن جي محبت شمار ڪري سگهجي ٿي.
(۱) شخصن جي محبت
(۲) قوم جي محبت
(۳) انسانذات جي محبت
(۴) عورت جي محبت
(۵) سيرت سان محبت
(۶) جنسي خواهش جي ڪشش
(۷) نالي ناموس جي سڌ
(۸) مال ملڪيت جي محبت
(۹) اقتدار سان محبت

حقيقي محبت ۾ وري هيٺيون ڳالهيون شمار ڪري سگهجن ٿيون.
(١) الله سان محبت
(٢) رسولن سان محبت
(٣) مذهبي عقيدن سان محبت
(٤) اعليٰ اصولن سان محبت
(٥) علم سان محبت
(٦) عشق جي محبت
(٧) عمل صالح سان محبت

مجازي محبت جو مفصل ذڪر

مجازي محبت ۾ ڪي ڳالهيون اعليٰ ۽ ڪي ادنيٰ شمار ڪيون وڃن ٿيون.

مجازي محبت جون اعليٰ ڳالهيون هيٺيون آهن:
(١) شخصن جي محبت
(٢) ملڪ ۽ قوم جي محبت
(٣) انسانذات جي محبت
(٤) صورت جي محبت
(٥) سيرت جي محبت

مجازي محبت جون ادنيٰ ڳالهيون هيٺيون آهن:
(١) ناجائز جنسي خواهش
(٢) نالي ناموس جي سڌ
(٣) مال ملڪيت جي گڏ ڪرڻ جي خواهش
(٤) اقتدار جي سڌ

پهرين مجازي محبت جي اعليٰ ڳالهين جو ذڪر ڪندس.

(١) شخص جي محبت

اها ٽن سببن ڪري پيدا ٿئي ٿي.
(١) جنسي خواهش
(٢) هم نفسي جي تقاضا
(٣) هم خياليءَ جو تعلق

(۱) شخصي محبت جي جنسي خواهش

ماڻهوءَ کي حيوان ناطق (ڳالهائيندڙ جانور) سڏيو ويندو آهي. تنهنڪري جي جبلتون جانورن ۾ رهن ٿيون، سي هن ۾ به آهن. جهڙوڪ (۱) زال ۽ مرد جي وچ ۾ جنسي خواهش جو پيدا ٿيڻ فطري تقاضا آهي. انهيءَ ذريعي اولاد پيدا ٿئي، نسل پيدا ٿئي، نوع انساني جي بقا جو ذريعو بنجي ٿو. ليڪن جانور ۽ انسان ۾ تفاوت اهو آهي ته جانور وقتي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ بنا سنڌي سيڙهي هلن ٿا. جهڙيءَ طرح ڪا ڪاڌي جي شيءِ ڏسي يڪدم ان کي بنا تميز جي ڪري پيٽ ڀرين، پاڻي بي اڃ مارين ٿا. اهڙيءَ طرح جنسي خواهش به پوري ڪن ٿا. جن لاءِ ڪي پابنديون يا قاعدا قانون وٽن نه آهن. پر انسان جماعتي زندگيءَ جي اسن، نسل جي پاڪيزگي، ديرپا تعلقات ۽ زندگيءَ ۾ رفيق بڻائڻ جي سببن ڪري جنسي خواهش جي پوري ڪرڻ سان گڏ ڪي دستور، سنڌا سيڙها، اخلاقي قانون مقرر ڪري شادي ڪن ٿا، ته پوءِ ان خواهش جي پورائيءَ کي جائز شمار ڪيو وڃي ٿو.

(۲) شخصي محبت ۾ همنفسي جي تقاضا

انسان کي ولرن ۾ رهڻ وارن جانورن جي گروه مان شمار ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري اها سندس فطري تقاضا آهي ته همطبيعت ۽ همنفس ساٿي ڳولي، انسان زندگي بسر ڪري، سگهر ساٿ کان اڪيلو رهڻ سندس لاءِ قيد تنهائي مثل آهي. ليڪن چوڻي آهي ته

ماڻهو مـڙيئي نه سهڻا، پکي مـڙيئي نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.
(شاه)

تنهنڪري همنفس، همطبيعت ساٿي ڳولي لهڻ ۽ انسان دوستي، محبت ۽ پيار رکڻ ديرپا ۽ پروسي جهڙو ٿئي ٿو. رواجي طرح جي واقفيت ۽ دوستي بي پروسي ۽ عارضي ٿئي ٿي. چونڊيل دوستي وڻ جي ٿڌي ڇانو ۾ گرمي وقت آرام وٺڻ جي مثال آهي. اهي دوست ڏک سک

۽ هڪٻئي کي ڪم اچن ٿا. هڪٻئي جي عيبن ۽ ڪوتاهين کي ڏسي رنگ نٿا مٽائين، منجهن برداشت ۽ قربانيءَ جو مادو پيدا ٿي وڃي ٿو. شاه لطيف ان لاءِ چوي ٿو ته:

سنيهنجي سداين جي ڪل پريان پيئي،
ڪڏهين ڪوسا نه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساجن سيئي، ڏکيم ڏول ڏلائيون.
(سر آبرور سنڌي)

شخصي محبت ۽ همخياليءَ جو تعلق

جنسي طرح به ڪو ماڻهو ڪوشش ڪري ۽ طبيعت ۾ ٺهڪي اچي، پر جيستائين همخيالي پيدا نه ٿي آهي ان وقت تائين لاڳاپا پائدار رهي نه سگهندا. جنسي خواهش جانورن ۾ به آهي، ولرن ۾ جانور به رهي سگهن ٿا. ليڪن ماڻهو اشرف‌المخلوقات هئڻ ڪري عقل ۽ خيال جي صفتن سان موصوف آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪي ماڻهو همخيال ٿين ٿا ته منجهن معاملي فهمي ڪري اختلاف پيدا ٿيڻ جو گهٽ امڪان ٿئي ٿو. ازانسواءِ باهمي تبادلي خيال سان هڪٻين کان تجربو پرائي، معلومات ۾ اضافو آڻي سگهن ٿا. شخصي ڪشش مذڪور بالا ٽن ڪارڻن ڪري پيدا ٿئي ٿي. ڪن کي هڪ سبب ڪري ڪن کي ٻن سببن ڪري ٿئي ٿي. پر جي اهي ٽيئي وصفون ڪري وجود ۾ اچي ٿي ته اها نهايت بلند ۽ بالا شمار ڪري سگهجي ٿي. اهڙي دوستيءَ لاءِ شاعر چيو آهي ته

اين سعادت بزور بازو نيست
تا نبخشد خدائي بخشنده.

—

ويئي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سان ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

شخصي محبت جا مرحلا

شخصي محبت سدائين يڪسان نٿي رهي، اها مختلف درجن

سان گذري ٿي. جيئن ماڻهو جمڻ کان پوءِ پهرين ٻارپڻ جو زمانو گذاري ٿو، جنهن جا تجربا، جذبا ۽ خيال جدا ٿين ٿا جنهن کي معصوميت جو نالو ڏنو ويو آهي. ان ۾ سڌون پيدا نه ٿيون آهن. ان ڪانپوءِ محبت جي سفر ۾ هڪ اهڙو دور اچي ٿو جنهن کي سن بلوغ سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي. ان ۾ تميز پيدا ٿي جنسي خواهش، وصال، فراق، قبض وغيره.

خواهش سان منهن مقابل ٿيڻو پوي ٿو. ان ڪانپوءِ محبت جو اهڙو دور اچي ٿو جنهن ۾ فيصلہ ڪن قدم کڻڻا پون ٿا. انکي جواني سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي. آخر ۾ اهڙو دور اچيس ٿو جنهن ۾ تجربہ ۽ علم جي وڌڻ ۽ سڌن خواهشن جي جهڪي ٿيڻ ڪري اڳي مقرر ڪيل قدرن ۾ تبديلي اچي ٿي ان کي پيرسني سڏي سگهجي ٿو. ان ڪانپوءِ شخصي محبت کي نئين جنم وٺڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. جيئن ته ان جو مفصل احوال جدا فصلن ۾ ڏنو ويندو ان ڪري هتي ايتري تشريح تي اڪتفا ڪريان ٿو.

ملڪ ۽ قوم جي محبت جو تجربو

محبت جڏهن شخصي تجربا طي ڪري ٿي ته ترقي ڪري نئون قدم ملڪ ۽ قوم جي دائره ۾ رکي ٿي. عشق کي هر مرحلہ ۽ مڪان ۾ جدا جدا مسئلن سان منهن مقابل ٿيڻو پوي ٿو، پر جيئن انجو دائرو وسيع ٿئي ٿو تيئن ان جون جوابداريون، ڏک، سک ۽ تجربا به وڌيڪ ٿين ٿا. هيٺ مختصر ملڪ ۽ قوم جي تشريح ڪري پوءِ ان سان محبت جي دوران مختلف تجربن جو ذڪر ڪندس.

ملڪ جي تشريح

ائين ته سڄي دنيا هڪ آهي پر جاگرافيائي طور ڪي خطہ زميني هزارن ورهين بعد ڪي خصوصيتون حاصل ڪري خاص نالا اختيار ڪيو وڃن. جتي جا رهاڪو انهي نالي سان جدا قومون سڏجن ٿا، جي خاص ٻولين، ڪلچر، تاريخي روايات، اقتصادي ۽ سياسي مفاد

جون وارث بنجن ٿيون. انهن ملڪن جا رهاڪو سندن سياسي آزادي اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪري ملڪ ۾ رستن، عمارتن، درسگاهن، تفريح گاهن، ڪارخانن، واپار، اسپتالن وغيره جي تعمير ڪري مهذب ۽ ترقي يافته ٿيو وڃن.

قوم جي تشريح

مختلف جاگرافيائي خطن ۾ هزار ورهين جي سيلاب بعد قومون ٺهن ٿيون، جن جا ماڻهو اصل ۾ مختلف قبيلن، نسلن، زبانن، روايات ذندڪتائن، دستورن جا حامل ٿين ٿا. سي آهسته آهسته ٿي هڪ زبان گڏيل روايات، هڪ ڪلچر ۽ دستور ٺاهي قومي يڪجهتي ۽ عصبيت حاصل ڪري وڃن ٿا. جن ڪي قومون سڏيو وڃي ٿو. جن جا مجموعي، سياسي ۽ اقتصادي مفاد يڪسان ٿين ٿا. اهڙي طرح ملڪ ۽ قوم جي محبت جو مطلب اهو ٿئي ٿو ته ماڻهو ان خطه زمين جنهن ۾ ڄائو نپنو هجي ۽ جتي دفن ٿيڻو اٿس جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪوشش ڪري ۽ جن ماڻهن ۾ رهي ۽ جا ٻولي ڳالهائي تن ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ پاڻ پتوڙي. مثلاً

اسان جو وطن ”سنڌ“ آهي. ان ۾ رهاڪو ماڻهو ”سنڌي قوم“ آهن. زبان ”سنڌي“ اٿون. ڪلچر ”سنڌي“ رکون ٿا. روايات ”سنڌي اٿون“. ”پيغام“ سنڌي آهي. سنڌ جي شاندار ماضي جي خبر اٿون. موجوده پست پيل حال جو پتو اٿون ۽ انجي روشن مستقبل بنائڻ جو ارادو رکون ٿا.

اهڙي حالت ۾ اسان قوم پرست سنڌي سنڌ ۽ سنڌي قوم جا عاشق سڏائي سگهون ٿا. مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد انجا غاصب آهن. اسان ۾ ڪي دودا آهن ته ڪي چنيسر آهن.

سنڌين ۾ ڪي خاميون آهن جن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي اٿون سنڌين جي اختلافن کي ڪيڏو آهي سندن خوبين کي تقويت وناڻي آهي.

سنڌي قوم ۾ هيٺيون خاميون آهن

١. قبائلي زندگي پوري طرح نہ ٽٽي آهي، بدامني باهمي اختلاف، جهالت ۽ بدرسوم هليا اچن ٿا.
٢. صحيح قومي شعور پيدا ٿي قومي عصبيت ۽ همجنسيت پيدا نہ ٿي سگهيا آهن.
٣. مٿانهين طبقي جي خود مطلبي ۽ باهمي اختلاف قومي ڪمزوريءَ جو باعث بنيا آهن.
٤. سندن احساس ڪمتري بزدليءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي.
٥. وهم پرستيءَ ۾ ڦاٿل هئڻ ڪري عوام اجا تائين پير، ملا ۽ وڏيرن جو محتاج رهندو اچي.

سنڌين ۾ اختلاف جا مکيہ ڪارڻ

١. مال، زالن جي چورين ۽ اغوا ڪري پيدا ٿيندڙ اختلاف.
٢. زمين جي مالڪي، قبضي، پاڻيءَ جي ورهاست ڪري اختلاف.
٣. زميندارن ۽ سياستدانن جا مختلف اسباب ڪري اختلاف.
٤. پيرن جا هڪٻين سان اثر رسوخ ۽ باهمي تعصب ڪري اختلاف.
٥. ملن ۽ مولوين جا عقيدن، شخصي تعصب، پوئلڳن ڪري اختلاف.
٦. مختلف قبيلن جي وچ ۾ زمين، چورين، فسادن، خونن ۽ زالن تان اختلاف.
٧. شهري ۽ دهقاني ماڻهن جي وچ ۾ اقتصادي نا برابري ڪري اختلاف.
٨. ڪاموري ڪلاس ۽ عام پبلڪ جي وچ ۾ مختلف سببن ڪري اختلاف.
٩. ٻاهران آيل ماڻهن جا مڪاني ماڻهن تي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي قائم ڪرڻ ڪري اختلاف.

سنڌين جون خوبيون

١. ساده مزاجي ڪري وفاداري
٢. بي ضرر ۽ ڪم آزار پاليسي

۳. حياءَ ۽ ادب
۴. مهمانڻوازي
۵. محبت ۽ رواداريءَ جو جذبو.

مذڪور بالا خامين ۽ اختلافن جي دور ڪرڻ ۽ خوبين کي تقويت وٺائڻ لاءِ صدق دل سان ڪم ڪندي ماڻهو ملڪ ۽ قوم سان محبت جو عملي ثبوت ڏئي سگهي ٿو.

(۳) انسانذات جي محبت

مجازي دنيا ۾ شخصي محبت جو درجو ابتدائي تعليم جي مثل آهي. اتان ترقي ڪري جڏهن ماڻهو قومي محبت جي درجي تي اچي ٿو ته محبت جي ابتدائي ۽ ثانوي درس کي پورو ڪري پريم جي ڪاليج ۾ داخل ٿيو آهي. پر اها تعليم به مڪمل نه چئبي جيستائين اتان ترقي ڪري ماڻهو انسانذات جي محبت سان پاڻ کي نه سينگاريو آهي. اهو مجازي محبت جو اعليٰ درجو آهي، جنهن کي يونيورسٽيءَ جي تعليم سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي.

اها قومي محبت جا انسانذات جي مجموعي فلاح ۽ بهبوديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنجي، جا هڪ قوم کي ٻيءَ جي خلاف ڪري يا جنهن ۾ طاقتور قوم ڪمزور تي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبو قائم ڪري، اها روح محبت جي خلاف سڏبي. پوءِ ڪٿي سامراجي انهيءَ تسلط کي ڪهڙن به خوبصورت نظرين يا عقيدن سان ملبوس ڪري جائز قرار ڏين. هن وقت دنيا ۾ بدامنيءَ جا باعث هيٺيان آهن:

۱. فردن جا خود مطلبي ڪري باهمي اختلاف ۽ دشمنيون.
۲. هڪڙين قومن جو ٻين قومن تي تسلط ۽ غلبو.
۳. هڪڙن طبقن تي ٻين طبقن جو استحصال.

جهڙيءَ طرح شخصي محبت ٻن ماڻهن ۾ اتحاد آڻي کين يڪ جان دو قالب بنائي ٿي؛ اهڙيءَ طرح قوم ۾ يڪجهتي ۽ اتحاد آڻڻ لاءِ قومي محبت جي نشي ۾ مدهوش ٿيڻو ضروري آهي. ساڳي ڳالهه

اتحاد انسانيءَ لاءِ بہ ضروري آهي. درويشن محبت کي انسانذات جي هر مرض جو علاج سمجهيو آهي.

مرض جي علاج کان اڳ ان جي تشخيص ضروري آهي. جيڪڏهن اوهان غور ڪري ڏسندا، سنڌي قوم جي خود شناسي، اتحاد، آزادي ۽ ترقيءَ جي راھ ۾ اوهان کي هيٺيون ڳالهيون نقصانڪار ڏسڻ ۾ اينديون.

١. مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو.
٢. پاڪستان جو وجود.
٣. مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو سامراج.
٤. مذهبي نظام حڪومت.
٥. سرمائيدارانہ نظام.
٦. فسطائي نظريہ سياست.

جيستائين انهن مرضن کي دور نہ ڪيو ويو آهي، سنڌي قوم جو درخت بارآور نہ ٿيندو. ان لاءِ سنڌين کي هيٺيون ڳالهيون علاج طور ڪتب آڻڻيون پونديون.

١. بقاءِ باهمي جو جذبو.
٢. رواداري جو جذبو.
٣. پراپڪاري جو جذبو.
٤. شخصن جو قوم جي بهتريءَ لاءِ قربانيءَ جو مادو.

(٤) صورت جي محبت

مجاز ۾ صورت يا شڪل جي محبت کي خاص مقام حاصل آهي. خوبصورتي حسن آهي. عربي مقولو آهي تہ "ان الله جميل ؕ يحب الجمال" (يعني الله پاڻ حسين آهي، تنهنڪري حسن پسند ڪري ٿو.) اهو حسن جو جلوو هر جاءِ پرتو ڏيکاري ٿو. افراد، قوم، انسانذات ۾ جدا جدا حسن جا نشان موجود آهن. ظاهري خوبصورتي هڪ قسم تي مبني نہ آهي. مجازي ملڪ جي خوبصورتي جو قلمي نقش نگار رکي ٿي. ان جي مختصر تشريح هيٺ ڏجي ٿي:

(۱) شخصي حسن جو نقش نگار
(۲) قومي حسن جون صفتون
(۳) انساني حسن جو دائره وسعت ۽ برتري.

(۱) شخصي حسن جو نقش نگار

ان جي تشريح ڪندي شاعرن، اديبن ۽ عاشقن معشوق جي قد - بت، اکين، ڳلن، ڪاڏي، ڏندن، زلفن، سيني، ڪمر وغيره کي ان نقش نگار ۾ شامل ڪيو آهي. مطلوب جي رفتار ۽ گفتار به ان ۾ شامل آهي. جيئن ته انهن جو مفصل ذڪر ايندڙ فصلن ۾ ڪيو ويندو ان ڪري زياده هتي بيان نٿو ڪجي.

(۲) قومي حسن جون صفتون

جيئن هر ماڻهوءَ جي خاص نقش نگار عاشقن جي گرويده بنائڻ لاءِ ڪشش رکن ٿيون، ان وانگر هر قوم ۾ ڪي خصوصيتون ٿين ٿيون جن کي قومي ڪردار جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. مثلاً مون سنڌي قوم جي عشق ۾ منجهس هيٺيون خوبيون ڏٺيون آهن:

(۱) وفاداري
(۲) ڪم آزاري
(۳) مهمانوازي
(۴) حياء ۽ ادب
(۵) رواداري
(٦) غيرت
(۷) پيغام محبت ۽ امن.

سنڌي عاشق جو اهو فرض ٿي پوي ٿو ته پنهنجي معشوق سنڌي قوم جي مذڪور بالا خوبين کي جلاگر ڪري معاشري جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻي. طالب کي هر منزل تي صحيح ۽ غلط جي تميز ڪرڻ لازمي آهي، جهڙي طرح سان صرف ظاهري خوبصورتي تي موهجي ماڻهو ڪن بي وفا، اخلاق کان ڪريل شخص جي پيار

۾ ڏوهه ڪائي تجربي کان پوءِ پڇتائين ٿا اهڙي طرح قومن ۾ ڪن غلط ۽ ڏوهي جي خصوصيتن ۽ پلجي ان کي حقيقي سمجهي نقصان سهن ٿا.

جيئن هٽلر جرمن قوم کي دنيا جي چونڊيل قوم قرار ڏني نطشي جي نظريي مرد ڪامل جي ماتحت جنگيون ڪرائي تباهي جو ڪارڻ بڻايو هو. تيئن هتي برصغير هند ۾ مسلم قوم کي چونڊيل سمجهي علامه اقبال جي نو ايجاد فلسفي جي بنياد تي ملڪ کي ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪرايو ويو. جنهنڪري لکها ماڻهو قتل ٿيا. ڪروڙها ملڪ بدر ٿيا. اربها جائداد جي تباهي ٿي. انهي نظريي جي بنياد تي هندن ۽ مسلمانن ۾ نفرت ڦهلائي ويئي. انهيءَ نظريي جي آڌار تي اڄ ڪلهه سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ جي قوميتن جي وجود کان انڪار ڪيو وڃي ٿو. جنهنڪري سنڌ جي شيدائن کي نظريه پاڪستان، فسطائي طرز حڪومت مذهبي نظام حڪومت کان نفرت پيدا ٿيندي وڃي ٿي. تنهنڪري ملڪ ۽ قوم جون خوبيون انهن ڳالهين کي سمجهڻ گهرجي جن مان ملڪ ۽ قوم ۾ فلاح ۽ بهبودي، اتحاد ۽ امن پيدا ٿيندو هجي ۽ نه اهي ڳالهيون جي منجهن نفرت، نفاق، ڌارين جي غلامي اڳيان سر جهڪائڻ، پنهنجي زبان، تهذيب، قديم روايات جي نفي ٿيندي هجي.

انسانذات جي حسن جي محبت

انسانذات جي محبت جي ڪسوٽي اها ٿي سگهي ٿي ته شيخ سعدي جي چوڻ مطابق:

بني آدمي اعضائي يکديگرانه۔ که در آفرينش زيڪ جوهراند،
اگر يک عضوه بدرد آورد روزگار۔ هم عضو هارا نمانند قرار.

معنيٰ: ”جملي انسان هڪ ٻئي جا عضوا آهن ڇاڪاڻ ته بنيادي طرح ساڳي جوهر مان ٺهيل آهن. ان وانگر جيڪڏهن هڪ عضوي کي درد ٿو رسي ته جملي عضوا درد ڪرڻ لڳن ٿا.“

تنهنڪري انسانذات جي محبت تڏهن حاصل ٿي سگهندي جڏهن هر هڪ قوم انهي مرڪزي نقطي کي مدنظر رکي پنهنجي قومي

مفاد کي مجموعي نفع خاطر ڪن حدن اندر رکندي.

اڄ ڪلهه ان لاءِ پنج شيلا نالي اصول ئي راهه هموار ڪئي ويئي آهي.

پنج شيلا جا اصول

(۱) **نان اگريشن** (اڻ اڪرائي) زور زبردستيءَ جي پاليسيءَ کي ڇڏي سڀ مسئلا باهمي گفتگو ۽ اقوام متحده جي معرفت فيصل ڪرائجن.

(۲) **سڀني قومن جي حق خود اختياري** جي اصول کي قبول ڪجي. يعني هر اها قوم، جا جديد قومي نظريه مطابق قوم سڏجڻ جي حقدار هجي. انهي جي عوام کي حق خود ارادي ڏنو وڃي. ڪنهن به طاقتور قوم کي ٻي قوم جي آزادي سلب ڪرڻ جو حق نه هجي.

(۳) **ڪوآپريشن (باهمي تعاون)** سڀني ملڪن کي هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ گهرجي. جيئن پوئتي پيل ملڪ ترقي ڪري سگهن، ۽ سامراجي تسلط هيٺ آيل ملڪ آزاد ٿي سگهن.

(۴) **نان انٽرفيئرنس** ٻين ملڪن جي گهرو معاملن ۾ دست اندازي نه ڪجي. جنهن ڪري جهڳڙا ۽ جنگيون ٿين ٿيون.

(۵) **Co-existance** (بقائ باهمي) جنهن موجب مختلف نظرين، قومن ۽ ملڪن جو باوجود اختلافن جي هڪ ٻئي سان رواداري سلوڪ قائم رکيو وڃي ٿو. ڪو به نظريه ڪنهنجي مٿان زوريءَ مڙهيو نٿو وڃي.

انهيءَ مقاصد جي حل ڪرڻ جو ذمون اقوام متحده تي هئڻ گهربو هو پر ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته اقوام متحده وڏين طاقتن جي راءِ خلاف ڪم ڪرڻ جي طاقت نٿي رکي. جهڙوڪ:

(۱) امريڪن حڪومت ويتنام، لائوس، ڪوريا ۾ زوريءَ سندن عوامي راءِ خلاف پنهنجي پسنديده گروهن جو تسلط قائم

ڪرڻ لاءِ خونريزي ڪري رهي آهي پر ڪنهن کي مجال نه آهي جو انکي روڪي سگهي.

(٢) مغربي ملڪن اسرائيل کي هڪ خط زمين تـي مسلط ڪيو ۽ امريڪا انکي سندس سامراجي مفاد خاطر طاقتور بنائي رهي آهي، انڪري هن عرب جا وڏيڪ ٽڪرا فتح ڪري انهن تي قبضو ڪيو آهي. دنيا هـن کي انهيءَ قبضي کـان خـالـي ڪرائڻ لاءِ مجبور آهي.

(٣) افريقا ۾ پورچوگال، ڏکڻ افريقا جا گورا، روڊيشيا جا سفيد فام رهاڪو، مغربي ملڪن جي آذار تي ڪثرت تعداد ڪارن باشندن تي سندن تسلط قائم رکي استحصال ڪري رهيا آهن پر اقوام متحده ڪجهه دادرسي نه ڪري سگهي آهي.

(٤) هتي برصغير هند ۾ انگريـزن جي سامراجي گـروه مسلم اقليت وارن صوبن ۽ پنجاب جي مستقل مفاد جي نفعي خاطر ٻن قومن جي غلط نظريـ جي بنياد تي ملڪ کي ورهائي ٽڪرا ڪيو ۽ نئين ورا هيل ملڪ پاڪستان کي مهاجـر پنجابـي مستقل مفاد جي تسلط هيٺ رکيو آهي. هن وقت بـه امريڪا ۽ چين بـاوجود سندن وڏين دعوائن جي انهي تسلط کي قائم رکڻ لاءِ مدد ڏيئي رهيا آهن.

بنگلا ديش وڏين مصيبتن بـرداشت ڪرڻ بعد جدا ٿي ويو آهي ليڪن سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ايراضي انهي ظلم ۽ تشدد جو اڃا تائين شڪار ٿي رهيون آهن.

انسانذات جي محبت تڏهن سرانجام ٿيندي جڏهن ان ۾ مظلوم ماڻهن جو داد ٿي سگهي ۽ ماڻهن جي سياسي مساوات، اقتصادي برابري، سياسي آزاديءَ جي حصول لاءِ مدد ڪئي وڃي ۽ ملڪن ۾ جمهوري حڪومتن جو دور قائم ٿئي.

سيرت جي محبت

مجازي ملڪ ۾ پسنديده شيءِ جي سيرت ۽ اخلاق جي صحبت کي وڏو درجو ڏنل آهي. ان ۾ نهايت خبرداريءَ سان ڪم وٺڻو آهي،

بعضي ماڻهو وفور محبت ۾ اوڳڻن کي ڳڻ سمجهيو وڃن ٿا. ان ڪري ڳڻن ۽ اوڳڻن جي وچ ۾ تميز ڪرڻ لاءِ ڪسوٽيون مقرر ڪرڻيون پونديون. ان سيرت جي محبت جو اطلاق بہ مجاز جي ٽنهي مرحلن سان ٿئي ٿو. جهڙوڪ:

(۱) شخصي سيرت
(۲) قومي سيرت
(۳) بين الاقوامي سيرت

هيٺ انهي مان هر هڪ تي مختصر روشني وجهندس.

(۱) شخصي سيرت

ماڻهن جي صورت جيستائين سيرت (اخلاق) سان مزين نہ آهي تہ ان جي محبت غلط، غير يقيني، نقصانڪار ۽ ڏوڪو ڏيندڙ ٿئي ٿي. جنهنجو وڌيڪ ذڪر ناجائز جنسي خواهش، نام ناموس جي سڌ، مال ملڪيت جي تمنا ۽ اقتدار جي خواهش جي سرن هيٺ بيان ڪندس.

هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ صفاتي دنيا دلپذير آهي ان ۾ ڪيئي ڳاڙها ڳل پڪڙيا پيا آهن انڪري صرف ظاهري صورت تي موهجي ان جي اخلاق جاچڻ کانسواءِ محبت ڪرڻ ۾ دوکي کائڻ جو انديشو آهي. اهي اخلاقي صفتون ڪهڙيون آهن جي ظاهري صورت کي پائدار ۽ املهہ بنائين ٿيون. منهنجي نظر ۾ اهي هيٺيون ٿي سگهن ٿيون.

(۱) حياءُ ۽ ادب
(۲) وفاداري
(۳) قربانيءَ جو مادو
(۴) سادگي
(۵) نياز

بهتر آهي تہ انهن صفتن جي مختصر تشريح ڪريان.

(۱) حيا ۽ ادب

انجي معنيٰ اها ٿيندي مطلوب ماڻهو پاڪدامن، اٿڻ وهڻ جي

فضيلت ڳالهائڻ جي سليقي وارو، ظاهري تصنع کان آزاد، صاف دل، نگاهه ۾ شرميلو، معصوم طبيعت، ٿورو ڳالهائو هجي.

(٢) وفاداري

انهيءَ صفت وارو ماڻهو اعتماد، ڀروسي نه ڏيندڙ- صاحب اخلاق، سوچ سمجهه بعد وعده ڪندڙ يا دوستي رکندڙ هجي. تلون مزاج نه مستقل مزاج هجي. زندگيءَ ۾ سنجيده، اهل دل، انساني اعليٰ قدرن جو حامل هوندو آهي.

(٣) قرباني جي مادہ وارو

محبت جي دنيا سوداگر واري نه آهي، هن ۾ ڏي وٺ نه ٿيندي آهي، چوڻي آهي:

”پنهنجي توڙ نباهه ان جي اورچائي.“

جو جذبو رکڻو آهي. ان ۾ درگذر ڪرڻ، غلطيون معاف ڪرڻ، عيب نه اپٽڻ سخا جو پندار رهڻ. انساني همدردي، اخلاص، نرم دلي، نيڪ گماني جهڙيون صفتون ضروري آهن. ان ۾ پاڻ وڃائي ٻي جو پلو ڪرڻو پوي ٿو.

(٤) سادگي

سادگي وڏي ۾ وڏو حسن آهي. تصنع ۽ نمائش قباحت آهي.
سادگي فطرت جي ذات آهي، تصنع ۽ نمائش عيبن جو لڪائڻ آهي.
شاهه لطيف انجو ماروئيءَ جي زبان سان هيئين طرح اظهار ٿو ڪري:

جهڙي آيس جيئن، جي تهڙي وڃان تن ڏي،
ته لالائي جا لطيف چئي، ڪر مندن اڻا سينهن.

وري شاهه صاحب ظاهري نمائش کي نندڻ لاءِ چوي ٿو ته:

سٽئين تي سوهجي هاري ڳيڙءَ هار،
ڪوڙين ڪيا ڪيترا انهين خرخوار،
پري وبو پتار، آئي ڏنءَ ڏهاڳ جو.

وري چوي ٿو ته:

پيلي پلائي پسي چٽ چري ٿي

(٥) نياز

معشوق استاد آهي عاشق شاگرد. معشوق امام آهي عاشق مقتدي. معشوق مرشد آهي عاشق مريد. معشوق معبود آهي عاشق عابد آهي. معشوق شمع آهي عاشق پروانو.

معشوق هڪ ٿئي ته عاشق هزار. تنهنڪري معشوق جو هر صفت موصوف هئڻ لازمي آهي. وڏي ۾ وڏي صفت نياز ۽ تواضع آهي. شاه سائين ان جي تعريف هن طرح ڪري ٿو:

نوريءَ جي نياز جي، عجب اجهل هوءِ،
سمو سر سڀن ۾، سي موريچيو سوءِ،
اچيو اڀيـن پوءِ، ججت پڳي راڻين.

پارسي ۾ چوڻي آهي ته:

تواضع زگردن فرازان نڪوست،
گدا گر تواضع ڪند خوئي اوست.

معنيٰ: تواضع جو وڏن ماڻهن ۾ هئڻ ضروري آهي گداگر جو ته اهو پيشو آهي.

شمع به جڏهن ٻري ٿي ته پروانو پاڻ جلائي ٿو.

فخر، وڏائي، گهمنڊ، سفلي مزاجن کي سونهي ٿو. ميوه سان ڀريل شاخ، هيٺ نميل هوندي آهي.

نوريءَ ڄام تماچيءَ کي انهي ڪري نوايو هو جو هن جي من ۾ گيرب ۽ گاٽ ڪونه هو.

شخصي محبت جا مقصد پائدار دوستي، رفاقت، باهمي تعاون ۽ هڪ ٻئي کان سبق پرائڻ ٿين ٿا. ليڪن جڏهن ماڻهو بنا تميز جي صرف ظاهري شڪل شباهت تي سوهجي محبت ڪرڻ لڳي ٿو ته مٿي ذڪر ڪيل چارئي مقصد حاصل ٿي نه سگهندا.

صورت گهڻو سهڻا، پر ٽاٽا سندن تن،
ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪاسي مري. (شاه)

......

”سيرت کے ہم غلام ہيں، صورت ہوئی تو کيا،
سرخ و سفيد مٹی کی، مورت ہوئی تـو کيا۔“

(۱) ناجائز جنسي خواهش، (۲) عـارضي خوشي، (۳) قبضي جي خواهش ڪري محبت پائدار ٿي نہ سگهندي۔

شخصي محبت کي پاڪ صاف رکڻ ۽ پاڪ بنائڻ لاءِ مذڪور بالا ٽن ڳالهين کي هيٺين طرح درست ڪري سگهجي ٿو۔

(۱) **جنسي خواهش** کي حدن ۾ رکڻ لاءِ سوسائٽيءَ کي قاعدن ۽ دستورن جي تابع بنائڻ ضروري آهي۔

(۲) **عارضي خوشي** جي بي بقا حيثيت نـاپائداري محسوس ڪري انکي دائمي خوشي جي حصول لاءِ قربان ڪرڻ سگهجي.

(۳) **قبضي جي خواهش** معشوق صرف جسم نہ آهي پر روح بہ آهي. روح جي رضامندي کان سواءِ جسم رام ٿي نٿو سگهي. قبضي جي خواهش مان تشدد جي بوءِ اچي ٿي. خواجہ حافظ فرمائي ٿو:

عنقا شکار کس نـہ شود دام بـاز چين،
کہ اين جا هميشہ با ديدست است دام را۔

معنيٰ: (عنقا) نامعلوم شي شڪار نـہ ٿي سگهندي ان لاءِ دام ڦيڪڙڻ بيسود آهي۔

۲- قومي سيرت

جهڙي طرح فردن ۾ ڪي خصوصيتون ٿين ٿيون اهڙي طرح قومن ۾ بہ خاصيتون ٿين ٿيون. جن جي تقويت وتائڻ سان هو اندروني توڙي بيروني اتحاد، امن ۽ تـرقي حاصل ڪري سگهن ٿيون. قومن لاءِ جي اخلاقي قانون ڪارآمد ٿي سگهن ٿا سي منهنجي نظر ۾ هيٺين ٻـن ڀـاڱن ۾ ورهائي سگهجن ٿا:

۱- قوم جي اندروني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪي اصول.

۲- قوم جي بيروني تعلقات لاءِ ڪي بنيادي اصول.

قوم جا اندروني معاملا

منهنجي نظر ۾ سنڌين جي يڪجهتي ۽ اتحاد. امن امان، اصلاح ۽ ترقيءَ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

(١) بقائي باهمي جو جذبو.

(٢) پراپڪياري جو جذبو.

(٣) رواداري جو جذبو.

(٤) باهمي تعاون جو جذبو.

(٥) عدم تشدد جو جذبو.

هيٺ آئون مذڪور بالا ڳالهين جي مختصر تشريح ڪريان ٿو.

(i) بقائي باهمي

دنيا جي ٻين ملڪن وانگر سنڌ ۾ به مختلف طبيعتن، مذهبي عقيدن، مفاد، روايات، سياسي نظرين ۽ نسلن جا ماڻهو رهن ٿا. قومي يڪجهتيءَ جي تقاضا اها رهي ٿي ته سڀ ماڻهو متحد ٿي هڪ قومي قالب ۾ سمائجي مجموعي مفاد لاءِ ڪوشان رهن. ان لاءِ دنيا ۾ ٻه طريقه ڪار مروج آهن.

(١) ڪي مضبوط طبيعت، طبقاتي مفاد، مذهبيعقيدن، روايات، سياسي نظرين ۽ قبيلن جا ماڻهو مختلف طريقن سان جن ۾ پرچار، اخلاق حسنه، تشدد وغيره اچي وڃن ٿا، ٻين ماڻهن کي پنهنجو همخيال ۽ همعمل بنائي قومي يڪ جهتي لاءِ ميدان هموار ڪن ٿا.

(٢) ٻيو طريقو اهو آهي ته رواداري کي ملحوظ رکي سڀني طبيعتن، طبقاتي مفاد، مذهبي عقيدن، روايات، سياسي نظرين ۽ قبيلن جي ماڻهن سان بقائي باهمي جي اصول تي گڏجي گذارجي ۽ ڪس رس ڪڍائي گڏيل مفاد لاءِ ڪم ڪجي.

دنيا جي اڪثر ملڪن، قومن، مذهبي عقيدن، وغيره جي ماڻهن پهرين طريقي کي آزمائي ڏٺو آهي ليڪن ان مان خاطر خواه نتيجو نه نڪتو آهي. جيئن پوءِ تيئن زياده نفاق وڌندو وڃي ٿو. تيرهن سؤ ورهيه اڳي قرآن ۾ حڪم آيو ته "لڪم دينڪم ولي دين."

معنيٰ- هرهڪ کي پنهنجن خيالات رکڻ جي اجازت آهي.
جنهن کي مغربي ملڪن هن وقت 'بقائي باهمي جي نالي سان سڏي ان تي عمل درآمد ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

اسان جي مٿان نئون آيل حڪمران گروه پنهنجي خود ساخته نظريه پاڪستان، غلط مذهبي عقائد، فسطائي نظريه سياست ذريعي مسلط ٿي اسان جي هزارها سالن جي قومي وجود، مذهبي عقائد، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي نقصان پهچائڻ گهري ٿو. اسان کي عارضي طرح نقصان برابر پهچي رهيا آهن 'پر سندن اهي ڪوششون ڪامياب نه ٿينديون. بلڪ ان تي زور ڏيڻ ڪري مورگهو بنگله ديش وانگر سنڌي به پاڪستان کان ٻاهر نڪري ويندا.

سنڌ جي اصلي باشندن کي به بقائي باهمي جي ذڪر ڪيل نموني تي هاڻ مان فائدو حاصل ٿيڻو آهي. انهي ڪري ئي قومي يڪجهتي حاصل ٿي سگهندي.

(٢) پراپڪاري جذبه:

ڪوبه گهر يا ڪابه قوم يڪجهتي ۽ اتحاد حاصل ڪري نه سگهندا جيستائين انهن جي ڀاتين يا افراد خود مطلبي ڇڏي مجموعي مفاد لاءِ ايثار ۽ پراپڪاري جو جذبه پيدا نه ڪيو آهي.

قومي اتحاد جو راز افراد جي مجموعي مفاد لاءِ خود مطلبي کي ترڪ ڪرڻ ۾ سمايل آهي. جيستائين سنڌ جا عاشق گهڻا نه ٿيا آهن ان جذبه جو پيدا ٿيڻ مشڪل آهي.

مغربي ملڪن ۾ آهسته آهسته ٿي شخصي خود مطلبي گهٽ ٿيندي وڃي هاڻ معاشي ڪلاسن، نظرين ۽ سياسي گروهن ۾ معاشره ورهائجي ويو آهي ليڪن هتي پاڪستان ۾ برصغير جي ورهاڱي بعد خود مطلبي انهي حد تي وڃي پهتي آهي جو هرڪو ماڻهو پاڻ کي شاهوڪار بنائڻ، اقتدار حاصل ڪرڻ، ۽ پي تي تسلط قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشان نظر اچي ٿو. ماڻهن جو اخلاق گهڻي قدر هيٺ ڪري پيو آهي جو:

(١) شين ۽ ملاوت
(٢) چور بازاري
(٣) سمگل ڪرڻ
(٤) گهٽي نفع خوري
(٥) استحصال
(٦) فحش ڪاري
عام جام ٿي پيا آهن.

پاڪستان آيل حضرات سنڌن مذڪور بالا حرڪتن جي جواز ۽ سياسي تسلط قائم رکڻ، اقتصادي استحصال، ڪلچرل غلبه قائم رکڻ لاءِ مذهب ۽ فلسفه جي غلط تشريح ڪن ٿا.

(٣) رواداري:

پيو اصول جو قومي يڪجهتي، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪارآمد ٿئي ٿو سو تعصب ڪڍي رواداري اختيار ڪرڻ جو آهي.

سنڌ مان مذهبي تعصب ڪي صوفين گهڻو گهٽائي ڇڏيو هو. پر خلافت وقت پٺن اسلامزم جي نظريه زور ورتو ڪان پوءِ مسلمانن جي جدا قومي نظريه جي پرچار ڪري تعصب ايتري قدر پڪڙي ويو آهي جنهن جو حد حساب نه آهي.

هندن خلاف تعصب، غيرمسلم ليگين خلاف تعصب، قوم پرست سنڌين خلاف تعصب، سنڌي زبان خلاف تعصب، زميندار خلاف تعصب، ڪميونسٽ خلاف تعصب جو دور دوره آهي.

جيسيائين دليون تعصب کان پاڪ نه ٿيون آهن ان وقت تائين نفرت ۽ نفاق جا مرض قومي بدن ۾ هليا ايندا.

تنهن ڪري قومي سالميت پيدا ڪرڻ لاءِ رواداري سکڻ ضروري ڳالهه آهي.

(٤) باهمي تعاون جو جذبو:

جنهن قوم ۾ تعصب، نفاق، خود مطلبي ۽ خود فريبي دخل ڪري ويل هوندا سا يڪجهتي ۽ اتحاد حاصل ڪري ترقي ڪري

۽ سگھندا.

باهمي تعاون صرف مذڪور بالا خامين جي نڪرڻ بعد ئي سگهي ٿو. اهو قومي ترقي ۽ تعمير لاءِ لازمي امر آهي.

سنڌين لاءِ باهمي تعاون هيٺين مسئلن واسطي ضروري آهي.

(١) اصل سنڌين جو سنڌ دشمن عناصر خلاف تعاون

(٢) سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ تعاون.

(٣) سنڌ جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ تعاون.

(٤) مسلمانن جي جدا قوم، مذهبي نظام حڪومت، مهاجر پنجابي سامراجي استحصال خلاف تعاون.

(٥) عدم تشدد:

انهي اصول تي هلڻ لاءِ نہ صرف هڪ ٻين تي ڏاڍائي ڪان گوشو ڪرڻو آهي. پر پنهنجي قول، فعل، سياسي نظرين، مذهبي عقيدن باهمي لاڳاپن جو بنياد اهنسا جي اصول تي رکڻو آهي.

بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي قيام بعد هن ملڪ اندر هرڳالهہ ۾ تشدد ڪان ڪم ورتو وڃي ٿو. جهڙوڪ

١- سياسي مخالفن خلاف تشدد جو استعمال.

٢- هندن خلاف " " "

٣- حڪمران طبقہ جي سياسي نظرين، مذهبي عقيدن خلاف راءِ رکندڙ لاءِ تشدد جو استعمال

٤- سنڌو ديش جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقي لاءِ گفتگو ڪندڙن خلاف تشدد جو استعمال.

حڪمران طبقہ جا سياسي نظريہ فسطائي آهن . مذهبي عقيدا تعصبي آهن جيڪو انهن سان شامل راءِ نٿو ٿئي. يا آزاد راءِ جو اظهار ڪري ٿو. انهي تي سختي ڪري سزا ڏني وڃي ٿي.

جتي تشدد آهي اتي صحيح جمهوريت قائم ٿي نہ ٿي سگهي.

هاڻ مجازي محبت جي ادني ڳالهين جو ذڪر ڪجي ٿو.

(١) ناجائز جنسي خواهش:

جنسي خواهش هڪ حيواني جبلت آهي جا ماڻهن ۽ جانورن ۾ يڪسان ٿئي ٿي. جانورن ۾ اها ڪنهن خاص موسمن ۾ پيدا ٿئي ٿي. ليڪن ماڻهن ۾ ان جو مدو يا موسم مقرر نہ آهي. اها هر وقت ذرا تحريص تي پيدا ٿيو وڃي.

ان جا محرڪ جذبا ٻہ آهن.

(١) نسل پيدا ڪرڻ جي خواهش

(٢) عارضي سرور يا خوشي

جانور ان ڪي بنا تميز ڪم آڻين ٿا. ماڻهن ان ۾ تميز آڻي جماعتي دستورن جي ماتحت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شخصي محبت يا ڪشش ۾ جنسي خواهش ڪي وڏو دخل آهي. پوءِ اهو مختلف ماڻهن تي ڇڏيل آهي تہ ان ڪي معاشره جي مقرر ڪيل قانونن مطابق هلائين يا جانورن وانگر خواهش ڪي پوري ڪرڻ لاءِ سنڌي سيڙهي جو خيال نہ رکن.

عام طرح ڪيترن درويشن انهيءَ خواهش سان نقصان پهچڻ جي انديشي ڪان ان ڪي ٽبو (ممنوع) ڪري ڇڏيو آهي.

ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪاڏي پاڻي ڪان وڌيڪ ايتري ڪشش ٿئي ٿي جو نشي وانگر ماڻهو جي تميز جو ماده بي حس ڪري اڪثر معاشري جي دستورن خلاف قدم ڪڻائي ٿي.

جنسي خواهش حيواني جبلتن مان هڪ طاقتور خواهش آهي جا عقل، مت ۽ شرم نهوڙي نيڻ جي قوت رکي ٿي. انهي خواهش تي ضابط رکي ان مان پيدا ٿيل جذبہ ڪي بلند ۽ پاڪيزه ڪري ڪتب آڻڻ مڻهوءَ جي فڪر ڪي قوت وٺائي لڪل لياقتن ڪي بيدار ڪري ٿو.

(٢) نام ناموس جي سڌ:

جانورن وانگر ماڻهن ۾ نمائش جي جبلت رهي ٿي، جيئن مور ڍيل ڪي راضي ڪرڻ لاءِ نچي ٿي، پڇ پکيڙي حسن ۽ فن جي

نمائش ڪري ٿو. ان وانگر ماڻهو به انهي جبلت ڪي هيٺين مقصدن لاءِ ڪتب آڻين ٿا:

(١) مــردن ۽ زالن جي چنڊ ڦـوڪ، ويس وڳا، سينگار، ناز نخرن ۾ هڪٻئي ڪي پــاڻ ڏي ڇڪڻ يا ملتفت ڪرڻ جي سـڌ سمايل ٿئي ٿي.

(٢) وڏن ماڻهن، سياستدانن، پيرن، ملن جا قيمتي وڳا، جبا ۽ دستارون، لذيذ کاڌا، مــوٽر، بنگلا، ضيافتون، سـواريون، وعظ، فصاحت ۽ بلاغت سڀ ماڻهن تي رعب ۽ اثــر وجهڻ جــا ذريعا ٿي ڪتب اچن ٿا.

(٣) ناچ، راڳ، نشا وغيره جي هڪ طرف عارضي سرور لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا ته ٻئي طرف ان ذريعي نالي ناموس وڏائڻ ۽ مــاڻهن ڪي پاڻ ڏي راغب ڪرڻ لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا.

جهڙي طرح شخص سندن نـالي نـاموس لاءِ انهن ذريعن ڪي ڪتب آڻين ٿا. اهڙي طرح قبيلا، طبقا ۽ قومون به پنهن جي برتري، رعب ۽ اثر وجهڻ لاءِ انهن ڪي ڪتب آڻين ٿا.

انهن طريقن ذريعي حاصل ڪيل عــارضي خــوشي ڪم ظرف ماڻهن قبيلن ۽ قــومن جي وقتي سرور جو باعث بنجي ٿو.

(٣) مال ملڪيت جو حصول

مال ملڪيت ڪٺي ڪرڻ جي خواهش حيواني جبلتن مان هڪ آهي ان جا محرڪ جذبا ٻه ٿين ٿا.

(١) ذاتي آسائش، گذر معاش ۽ مهل سر ڪم اچڻ خــاطـر ملڪيت جو گڏ ڪرڻ.

(٢) ٻين تـي بــرتري، بـزرگي ۽ عياش زندگي گــذارڻ لاءِ استحصال ڪرڻ. پهريون جذبو قناعت سان عمل ڪرڻ ڪري فطري ۽ هڪ حد تائين جائز عمل آهي. ٻيو جذبو خود مطلبي جي پيداوار آهي جنهن مان سياسي تسلط ۽ اقتصادي استحصال پيدا ٿي معاشره ۾ فساد، بدامني، نفاق، نند وڏائي ۽ غربت جو باعث بنجي ٿو.

ساڳي خواهش قبيلن طبقن ۽ قومن ۾ پيدا ٿي، معاشره ۾ نفاق غربت ۽ استحصال جو باعث بنجي ٿي. ان ڪري شاهوڪار طبقه غريبن جو استحصال ڪري پاڻ عياش زندگي گذارين ٿا. طاقتور قومون بين تي پيسي ۽ ان ذريعي حاصل ٿيندڙ ذرائع وسيلي ڪمزور قومن تي سياسي تسلط قائم ڪن ٿيون. اهڙي طرح هڪڙيون قومون ترقي يافته ٿيو وڃن ۽ ٻيون پسمانده ۽ مسڪين رهجيو وڃن.

(۴) اقتدار جي تمنا

اقتدار جو حصول به هڪ قسم جي فطري خواهش آهي اها به ٻن جذبن هيٺ پوري ڪئي وڃي ٿي.

(۱) ذاتي وڏائي ۽ طاقت حاصل ڪري ڪمزور کي پنهنجي مطلب لاءِ ڪتب آڻڻ ۽ وڏائي سان ملندڙ خوشي حاصل ڪرڻ لئي ٿو.

(۲) طاقت جو حصول پراپڪاري جي ڪمن- ملڪي ۽ قومي نظم نسق، خدمت خلق ۽ ملڪي مفاد جي ڪمن لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ پيدا ٿئي ٿي.

اهي خواهشون شخصن، قبيلن، طبقن ۽ قومن ۾ مختلف طرحن سان پيدا ٿي جدا نتيجن جو باعث بنجن ٿيون. هڪ وقت اهو به هو جو جماعتي زندگي اچا ابتدائي دور ۾ هئي جنهن ۾ لائق، طاقتور ۽ هوشيار شخصن جو وجود غنيمت ڄاڻي انهن جي پوئلڳي مفيد سمجهي ويندي هئي.

اهي شخصي سردار، بادشاه، ڊڪٽيٽر، مذهبي رهنما، روحاني پيشوائن جي نالن سان ڪاروبار هلائيندا هئا.

گهڻي وقت جي تاريخي تجربي مان ثابت ٿيڻ لڳو ته اهڙن ماڻهن جي اڪثريت خود مطلب، ظالم، استحصالي، عياش ۽ بداخلاق هئي انهن خرابين کان بچڻ لاءِ جهيڙن فسادن بعد نيٺ ماڻهن جمهوري سرشته کي ايجاد ڪيو. پر انساني ذهنيت بعضي ايترو هيٺ ڪري پوي ٿي جو چونڊيل ليڊرن ۾ خود مطلبي

يا خود فريبي ڪري ساڳيون خرابيون پيدا ٿيو پون جيڪي سردارن، بادشاهن، ڊڪٽيٽرن، نااهل مذهبي رهنمائن ۽ روحاني پيشوائن ۾ هونديون هيون. ڪوبہ ماڻهو پاڻ کي عقل ۽ سونهن کان خالي نٿو ڄاڻي.

اهڙي نموني طرح طرح قسمن سان سياستدان جمهوريت کي بيڪار بنائين ٿا. عوام جي اڪثريت پوري سياسي نہ هئي جاهل، غريب، ڪمزور، منتشر ۽ غير منظم هئڻ ڪري سندن مدد سان طاقت ۾ آيل ماڻهن کي اصولن تان ڦري وڃڻ بعد سهوليت سان طاقت کان هٽائي نٿي سگهي. ساڳي حالت پير طبقہ جي آهي هيڪر ماڻهو سندن ڄـﭑـني ۾ اچي وڃن ٿا تہ پوءِ ان مان اخلاقي ڪمزوري، قدامت پسندي ۽ خود مطلبي ڪري ذهني آزادي حاصل ڪرڻ مشڪل سمجهن ٿا.

اهڙي نموني ملا بہ پنهن جي علمي برتري ڪري خدا ۽ مذهب جي نالي ۾ هيڪر ماڻهن تي اثر وهاري ڇڏين تہ پوءِ ان مان آزاد ٿيڻ مشڪل مسئلو ٿيو پوي.

اها ساڳي حالت قومن جي آهي. هيڪر جي ڪي سامراجي قومون پين ڪمزور قومن تي مسلط ٿيو وڃن تہ انهيءَ مان جان ڇڏائڻ بہ مشڪل مسئلو ٿيو پوي.

جهڙيءَ طرح موجوده مهاجر پنجابي سامراجي، اسلام - پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ تي تسلط حاصل ڪري ويا آهن ۽ سنڌين جو آزاد ٿيڻ ڏکيو پيو نظر اچي.

هن وقت دنيا ۾ چئن قسمن جون سامراجي طاقتون ڪم ڪري رهيون آهن:

(١) پيسي، هنر ۽ سائنس ۾ ترقي يافتہ قومون جي مسڪين، بي هنر ۽ پٺتي پيل قومن تي سياسي ۽ اقتصادي تسلط قائم ڪن ٿيون.

(٢) جنگجو ذهنيت، جنگي مهارت، جديد هٿيارن سان ملبوس ۽ ذهني برتري رکندڙ قومون، صلح ڪن، ڪمزور، جديد هٿيارن کان

خالي، جاهل ۽ پنتي پيل قومن تي زوريءَ تسلط قائم ڪري استحصال لاءِ ڪم آئين ٿيون.

(۳) نظرين جي بنياد تي هوشيار ۽ چالاڪ گروه، طبقا ۽ قومون ماڻهن کي برغلائي پنهنجي ماتحت رکن ٿيون.

پهرين گروه ۾ امريڪا، انگلنڊ، فرانس، جرمني، اٽلي، جپان ۽ ڪئناڊا اچي وڃن ٿيون. ٻئي گروه ۾ پورچوگال، اسرائيل، سائوٿ افريقا اچن ٿا. ٽئين گروه ۾ چين، رشيا، پاڪستان جا مهاجر پنجابي سامراجي گروه شمار ڪري سگهجن ٿا.

پاڪستاني سامراجي گروه سندن سياسي تسلط، اقتصادي استحصال، ڪلچرل غلبي خاطر نظريہ پاڪستان، اسلامي نظام حڪومت ۽ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ سنڌين، بلوچن، پٺاڻن تي قابض ٿيو ويٺا آهن.

(۲) حقيقي محبت

حقيقي محبت جي زمري ۾ منهنجي سمجهہ موجب هيٺئين قسم جي محبتن کي شمار ڪري سگهجي ٿو:

(۱) الله جي محبت
(۲) رسولن جي محبت
(۳) مذهبي عقيدن جي محبت
(۴) اعليٰ اخلاقي اصولن جي محبت
(۵) علم جي محبت
(۶) عشق سان محبت
(۷) عمل صالح سان محبت

مذڪور بالا عشق حقيقي جي جدا قسمن جي تشريح هيٺينءَ طرح ڪري سگهجي ٿي.

الله بي مثل، بي صورت، مڪان، زمان ۽ اسباب کان بالاتر، قياس ۽ گمان کان مٿي آهي. شيخ سعدي بجا طور ان طرف فڪر ڪندي فرمايو آهي ته:

اي بر ترا ز خيال و قياس و گمان و فهم
و ز هرچه گفتند - شنيديم - ديديم
مجلس تمام گشت بپايان رسيد عمر
من همچنان در اول اين وصف تو مانده ايم

معنيٰ - اي خيال، قياس، گمان ۽ سمجهه کان مٿي هستي
۽ جيڪي چيو ويو آهي، ٻڌو اٿم يا ڏٺو اٿم باوجود ان جي
زندگي اچي پوري ٿي آهي ۽ مجلس ختم ٿيڻ کي ويجهي آهي
آءٌ اڃا تائين تنهنجي چاڻ ۾ اهڙو ئي آهيان جهڙو هوس.

الله ذات مقدس آهي، ان کان سواءِ ٻي سڀ ڪائنات سندس
صفات آهي. جهڙيءَ طرح سندس ذات سمجهه کان بعيد ۽ بالاتر آهي
اهڙيءَ طرح ان جي محبت به اهڙي مشڪل ڳالهه آهي. حافظ شيرازي
ان بابت ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

در هر طرف که رفتم جز حيرتم نيفزود
فرياد زين بيابان و ز راه بي نهايت

معنيٰ - (راز حقيقي) جي ڳولا ۾ جنهن طرف به ويس ته
سواءِ حيرت جي واڌاري جي ڪجهه معلوم نه ٿيو.
نيٺ ان بي انتها بيابان ۽ اڻ کٽ پنڌ کان دانهن
نڪري ويئي.

شاه لطيف فرمائي ٿو ته:

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سيڙ هو سڪ،
عدد ناهه عشق، ٻچائي پاڻ لهي.

باوجود ان جي به هرڪو پيغمبر، درويش، ساڌو سنت، راهب
الله جي محبت جو ذڪر ڪندو آيو آهي. ان جي معنيٰ ڪهڙي ٿيندي؟
جيتري قدر مون ان مسئلي تي غور ڪيو آهي ته اها محبت مجاز جي
ذريعي حاصل ٿي سگهندي. قرآن فرمائي ٿو ته:

"ان في خلق السموات والارض واختلاف الليل والنهار والفلك التي تجري في البحر بما ينفع الناس و ما آنزل الله من السماء من ماءٍ فاحيا به الارض بعد موتها و بث فيها من كل دابة و تصريف الريٰح والسحاب المسخربين اسماء والارض لايت لقوم يعقلون ٥"

(معنيٰ – بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي خلقڻ، رات ڏينهن جي تبديلي، جهازن جو سمنڊ ۾ ماڻهن جي نفعي لاءِ هلڻ، ڪڪرن مان بارش پوڻ ۽ زمين جي سرسبز ٿيڻ، طرح طرح جي جانورن جي پيدا ٿيڻ، مختلف هوائن جي لڳڻ، ڪڪرن جو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ هلڻ مان عقل وارن لاءِ خدا جي سڃاڻپ جون نشانيون آهن."

سنڌ جي صوفي شاعر سيد مهدي شاه چيو آهي ته:

"سڌي راهه صورت جي، پيون واٽون سيئي ور."

عربيءَ ۾ چوڻي آهي ته

"المجاز قنطرة الحقيقت."

حقيقت تائين پهچڻ لاءِ مجاز چاڙهي (پل) آهي. ان ڪري الله جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ مجازي محبت جا مرحلا طي ڪرڻ بعد ئي ڪو حل حاصل ٿي سگهندو.

ٻڌ فلاسافي ان کي صحيح عمل ذريعي نرواڻ پد حاصل ڪرڻ سڏيو آهي. هندو فلاسافي روح جي ڪمال لاءِ جمادي، نباتي، حيواني مرحلا طي ڪرڻ کي ضروري ڄاتو آهي. ڪن ماڻهن آسمانن ۾ انساني صورت جي فوق الفطرت خدا جي عبادت ذريعي دل کي تسڪين ڏني آهي. ليڪن باوجود ان سڀ جي خدا سائين سمجهه ۽ محبت جي دائري ۾ سمائجي نٿو سگهي. حافظ فرمائي ٿو:

عنقا شڪار کس نشود، دام باز چين،
ڪه اين جا هميشه باد، بدست است دام را.

معنيٰ – نامعلوم پکي ڪنهن جو شڪار ٿيڻ وارو نه آهي، ڄار کڻي ڇڏ ڇاڪاڻ ته ان ڄار ۾ سواءِ هوا جي ٻيو ڪجهه هٿ نه ايندو.

البت حيرت ۽ فنا ان جي محبت جا ابتدائي درجا ٿي سگهن ٿا.
بيدل سائين فرمائي ٿو ته

سک رمز وجود وڃاوڻ دي، نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

(٢) رسولن جي محبت

مسلمانن ۾ حضرت محمد صلعم جي محبت، ڪرستانن ۾ حضرت عيسيٰ عليه جي محبت، هندن ۾ رام ۽ ڪرشن جي محبت کي خدا جي شناخت ۽ محبت لاءِ ضروري ڄاتو ويو آهي. انهن جي محبت کي پڻ حقيقي محبت ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ بهتر آهي ته رسول جي محبت جي ماهيت معلوم ڪريون.

مونکي ذهن نشين ڪرايو ويو آهي ته رسول جي محبت علم ڪل جو حصول آهي، جنهن جي ذريعي رب الاعليٰ جي حضور تائين سڃاڻڻ جي راهه هموار ٿئي ٿي. ان تي وري سوال اٿندو ته علم ڪل جي سمجهه تصور کان بالاتر آهي. تنهنڪري ان تائين پهچڻ لاءِ ٻيا مجازي مرحلا طي ڪرڻا پوندا.

رسول انسانذات جي رهنمائي ۽ هدايت لاءِ آيل هئا. حضرت محمد صلعم جو هڪ لقب رحمة العالمين آهي، جنهن جي صحيح ترجماني ان طرح ٿي سگهندي ته رسول جي محبت انسانذات سان محبت وسيلي حاصل ٿي سگهي ٿي.

جيڪي ماڻهو رسول مقبول کي هڪ جماعت جو ليڊر سمجهي ماڻهن جي مخصوص گروه جي خدمت ۽ محبت ذريعي رسول پاڪ جي محبت جي دعويٰ ڪن ٿا سي گمراه آهن. اهو رستو رسول کي نزديڪ آڻڻ بدران ان کان دور ڪري ٿو.

جهڙيءَ طرح ڪن ماڻهن الله اڪبر جي نعري سان ماڻهن کي ڪهڻ ۽ قتل ڪرڻ ۾ الله سان صداقت جو اظهار ڪري ان کي راهه هدايت سڏيو آهي، اهڙيءَ طرح ڪن ماڻهن رسول جي محبت جي نالي ۾ هڪ گروه جي سر بلندي ۽ رست خيزي جي دعويٰ ڪندي انسانذات کي پلائي ڇڏيو آهي.

رسول مقبول جي محبت جي نالي ۾ پاڪستان جي هڪ مستقل مفاد مسلم قوم جي دعويٰ ڪندي جو رستو اختيار ڪري سندن گروه کان سواءِ هر ماڻهوءَ کي نفرت سان ڏسڻ شروع ڪيو آهي. اهو پيو ڪجهه به هجي پر رسول ڪريم جي محبت ۾ شمار ٿي نٿو سگهي.
منهنجي ناقص سمجهه موجب اهو ماڻهو رسول جو سچو عاشق ٿي نٿو سگهي، جو مسلمانن کي جداگانه قوم تسليم ڪري، رسول ڪريم کي پست پيل، بداخلاق، ظالم ۽ استحصالي گروه جي ليڊر سان منسوب ڪري ٿو.

رسول سان محبت ڪرڻي آهي ته بنا تميز مذهب، ملت، ذات پات، عقيده ۽ ملڪي پابندين جي انسانذات سان محبت ڪرڻي پوندي.

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.
(شاه)

اهائي مجازي چاڙهي آهي جا ماڻهوءَ کي حقيقت محمدي تائين پهچائڻ جو ذريعو ٿي سگهي ٿي.

(٣) مذهب جي محبت

مذهب جي محبت کي حقيقي محبت جي زمره ۾ شمار ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته خدا جي شناخت لاءِ مذهبي رهبري کي ڪارگر سمجهيو وڃي ٿو. مذهبن جا موجد خدا جا پيغمبر هئا. جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته انهن تي خدا جا وحي يا الهام نازل ٿيا هئا، جنهنڪري سندن رابطو خدا سان منسلڪ هو. جنهنڪري ئي مذهب خدا جا ڏسيل رستا شمار ٿيل هئا. انهن جي پيروي ۽ صدق دل سان پوئلڳي سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح خدا جي شناخت ۽ محبت طرف راغب ڪندڙ هئي. انهيءَ نقطہ نگاه کان ڏسڻو پوندو ته مذهب ڪهڙين ڳالهين تي مشتمل هئا.

غور ڪري ڏسبو ته اڪثري مذهب ٽن صيغن ۾ ورهايل هئا. جهڙوڪ (١) الاهيات (٢) اخلاقيات (٣) عبادات.

پهرين جو واسطو علم سان آهي. ٻي جو واسطو عمل سان آهي. ٽي جو لاڳاپو عشق سان آهي.

انهن ٽنهي جي ماحصل تي نظر ڪبي ته ان جو مقصد انسانذات جو اتحاد، امن ۽ ترقي ٿيندو.

اتحاد محبت ذريعي حاصل ٿيندو، امن، اتحاد جي نتيجي ۾ پيدا ٿئي ٿو، ترقي انساني اتحاد ۽ امن جي حصول بعد ٿي سگهي ٿي.

هاڻ ڏسڻو آهي ته مذهبن جي حقيقي مقصدن کي ڪهڙي طرح حاصل ڪري سگهبو. ان لاءِ وري ٻه مجاز کي ئي ذريع ڪري ڪتب آڻڻو آهي.

جهڙي طرح رسول جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ انسانذات جي جي اتحاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو اهڙي طرح مذهبن جي حقيقي ترجماني تڏهن ڪري سگهبي، جڏهن انهن تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ ڪن مخصوص خط زمين ۾ قومي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ماڻهو ڪوشش ڪندو.

پاڪستان ۾ مذهب اسلام جو مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين طرفان پيش ڪيل تصور حقيقي اسلام کان ايترو پري آهي جيترو ڪفر اسلام کان آهي.

اسلام محبت جو پيغام آندو هي نفرت کي اسلام سمجهن ٿا. وطن ۽ ان جي بنياد تي تعمير ٿيل قومن جو انڪار ڪن ٿا. وطن کي رسول جي چوڻ ته "حب الوطن من الا يمان" جي باوجود بت سمجهي ڌڪارين ٿا. جيتري قدر مونکي سمجهه ۾ آيو آهي ان موجب سنڌ جو رهاڪو ان وقت تائين صحيح مسلمان ٿي نه ٿي ٿو سگهي جيستائين سنڌ سان محبت نٿو ڪري ۽ سنڌي قوم جي بنا تميز مذهب جي اتحاد امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم نٿو ڪري.

مسلم قوم جو تخيل ۽ ان جي بنياد تي ٺهيل پاڪستان صحيح اسلامي تعليم جي خلاف آهي.

صحيح مسلمان بنجڻ ۽ اسلام سان محبت ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم کي تسليم ڪرڻ ۽ سنڌو ديش جي آزادي لازمي ڳالهيون آهن.

(۴) اعليٰ اصولن جي محبت:

اصولن سان لاڳاپو بہ محبت حقيقي جو جزو شمار ڪرڻ گهرجي هاڻ ڏسڻو آهي تہ ڪهڙن اصولن سان دلچسپي ۽ پيروي محبت حقيقي ۾ داخل ٿي سگهي ٿي.

اصول اعليٰ نظرين، عقيدن ۽ صحيح دستورن تي مشتمل ٿين ٿا. انهن جي پيروي ڪرڻ ۽ باوجود مشڪلاتن ۽ رنڊڪن جي انهن تي مستقل مزاج ٿي رهڻ ڪي انهن سان محبت جو اظهار سڏي سگهجي ٿو.

ائين تہ مذهب بہ اعليٰ اصولن تي مشتمل شمار ڪري سگهجن ٿا، ليڪن هتي منهنجو مقصد اهي اصول نہ آهن جي فوق العقل ياالهامي اختيارين تي بڌل هجن. بلڪ اهي اصول آهن جي جماعتي زندگي جي اتحاد امن ۽ ترقي لاءِ سمجهي سوچي رٿيا وڃن ٿا.

هيٺ اٺون ڪن مکيہ اصولن جو ذڪر ڪندس.

(۱) مساوات انساني يا جمهوري طريقہ زندگي.
(۲) اقتصادي خوشحالي يا سوشلزم.
(۳) اتحاد انساني- قومي يا بين الاقوامي زندگي.
(۴) باهمي تعاون يا عدم تشدد ذريعي معاملات جو فيصل ڪرڻ.
(۵) بقاءِ باهمي يا (Co-existance)

هيٺ آءٌ مذڪور بالا اصولن جي مختصر تشريح ڪريان ٿو.

(۱) جمهوريت:

انساني معاشره ڀن گروهن ۾ وراهيل ٿئي ٿو.

هڪڙا حالتن جي مساعدت، محنت ۽ ڪوشش ڪري خاص لياقتن جا حامل ٿي وڃن ٿا. جنهن ڪري سياسي اقتدار، دنياوي مال

ملڪيت يا ذهني صلاحيت جا مالڪ ٿيو وڃن.

پيا حالتن جي نامساعدت، سستي ۽ ڪاهلي ڪري پست حالت ۾ رهي محڪوم، مسڪين ۽ جاهل بنجيو وڃن.

رواجي طرح ٿوربون گروه پاڻ کي اعليٰ ۽ ارفع سمجهي ٻي گروه تي حڪمراني، مالي استحصال ۽ ذهني فوقيت کي جائز ڄاڻي پنهنجو تسلط ڄمائي ٿو. گهڻي وقت تائين معاشره انهي اصول تي مشتمل رهيو آهي ليڪن چند برگزيده بڙپڪاري شخصن انسانذات کي هڪ جوهر يا هڪ وڻ جون ٽاريون سمجهي انهن مان اهي فرق مٽائي مساوات پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ اهڙي اصول کي هڪ نظريه جو روپ ڏئي ان کي جمهوريت جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو. جنهن مطابق سياسي طرح سڀني کي هڪ جهڙو ۽ اقتصادي طرح خوشحال ۽ ذهني طرح لائق بنائڻ جو پروگرام رٿيل هو.

جمهوريت جي نالي ۾ ڪيئي نظريا يا تجويزون سروج ٿي ويون آهن پر مثالي جمهوريت جنهن ۾ جملي سوسائٽي مان سياسي وڏ ننڍائي اقتصادي طرح غربت ۽ شاهوڪاري نڪري ذهني ترقي حاصل ٿئي. اڃا پوريءَ طرح حاصل ٿي نه سگهي آهي.

اها غيرمساويت نه رڳو افراد، گروهن ۾ موجود آهي پر قومون به ان مرض کان آزاد ٿي نه سگهيون آهن.

جنهن ڪري جاگيردارانه، اميرانه، آمرانه ۽ سرمائيدارانه نظام اڃان تائين ڪثرت تعداد ماڻهن مٿان مسلط رهن ٿا.

انهي نابرابري کي ٽوڙي معاشري کي هڪ ليول تي آڻڻ صحيح جمهوريت جو مقصد آهي. جڏهن ڪي ماڻهو خود مطلبي کي ڇڏي ان مقصد جي حصول لاءِ زندگي صرف ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳن ٿا ۽ ڪيترين مشڪلاتن دونڌي ٻه ان راه ۾ پسوٽي نتا هٽن ته ان وقت انهن کي ان اعليٰ اصول جو شيدائي يا محب وطن سڏي سگهجي ٿو. جا محبت ڪنهن دنياوي، مجازي، خود مطلبي کان مٿي هئڻ ڪري حقيقي سڏي سگهجي ٿي.

تنهن ڪري جمهوري اصولن سان محبت کي حقيقي محبت شمار ڪري سگهبو.

(٢) سوشلزم:

گذراني خوشحالي سوشلزم جو ٻيو نالو آهي. اهو آهو اصول آهي جنهن ۾ معاشره جي هرهڪ فرد کي روٽي، ڪپڙو، اجهو، صحت، علم ۽ امن جي ضمانت ميسر ڪئي وڃي. اهو مقصد پيسي، زمين، ذريع پيداوار ۽ ورهاست کي عوام جي گڏيل مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿو.

ان ۾ ماڻهن جي ضروريات زندگيءَ جي مهيا ڪرڻ جو ذمون گڏيل جماعتي نظام هيٺ، منصوبه بندي ذريعي، ڪيو ويندو آهي.

ان جي صحيح طور رائج ڪرڻ لاءِ سياست کي مذهب کان علحده رکڻ ضروري ٿيندو ۽ معاشي مسئلن کي عوامي مفاد لاءِ عقل سليم جي بنياد تي فيصل ڪرڻو پوندو.

جيسين تائين ماڻهو گذراني ڪشمڪش ۽ روزگار جي تڪاليف مان ڪجهه قدر واندو نه ٿيو آهي ان وقت تائين سندس ذهني، روحاني ۽ اخلاقي ترقي پوريءَ طرح ٿي نه سگهندي. انهن جي تڪميل زندگي جو مقصد ٿي سگهي ٿي.

ان ڪري مجموعي انساني زندگيءَ جي تڪميل واسطي ذرايع ميسر ڪرڻ لاءِ بيلوث، پراڪاري طور جدوجهد ڪرڻ کي جيڪڏهن حقيقي اصولن جي محبت ۾ شمار ڪبو ته بجا طور ٿي سگهندو.

(٣) اتحاد انساني:

انساني زندگي ٻن پهلوئن تي مشتمل آهي هڪ داخلي (Subjective) ٻيو خارجي (objective) آهي.

پهرين جو واسطو افراد جي ذهني، روحاني ۽ اخلاقي ترقي ۽ تڪميل سان آهي. ٻي جو واسطو افراد جي سماجي، سياسي ۽ معاشي معاملات سان آهي، جنهن صورت ۾ ماڻهو جسم ۽ روح جو مجموعو آهي ان ڪري ٻنهي جو هڪ ٻي تي اثر پوي ٿو.

اها ۾ حقيقت آهي ته داخلي پهلو خودي ۽ خود مطلبي کي وڌائي ٿو ۽ ٻيو پهلو بي خودي ۽ پراپڪاري ڏي مائل ڪري ٿو.

جهڙي طرح قطري جو معراج قلزم جي سمائجڻ ۾ مضمر آهي اهڙي طرح افراد جي ترقي قومي ۽ انساني اتحاد ۾ ڇپيل آهي.

ماڻهو حيوانن جي انهي گروه سان آهي جنهن جي فطرت ولرن ۾ رهڻ تي هريل آهي تنهنڪري جماعتي زندگي گذارڻ سندس سرشت ۾ سمايل آهي. محبت انهي اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري جزو آهي ان ڪري اتحاد واسطي وک وڌائڻ لاءِ ڪوشش جي محبت ۾ حقيقي شمار ڪري سگهبي.

٤- باهمي تعاون

انساني ترقي ۽ تعمير لاءِ ٻن درجن سان لنگهڻو پوي ٿو، پهريون درجو مقابلي يا چٽاپيٽيءَ جو آهي جنهن کي بقائي اصلح جي نالي سان ۾ سڏيو وڃي ٿو. جنهن مطابق بهترين ۽ صالح شيون باقي رهن ٿيون ۽ غير صالح ۽ ڪمزور فنا تي وڃن ٿيون. اهو حيواني دور کان شروع ٿيل آهي ۽ اڃا تائين ڪثير تعداد حيوانن ۽ ماڻهن تي انهي جذبه جو اثر قائم آهي. ٻيو درجو باهمي تعاون جو آهي جنهن ۾ مقابلہ جي عيوض هڪ ٻئي سان مدد ڪري ترقي ڪرڻي آهي. اهو ترقي يافتہ ماڻهن جو شعار ٿي سگهي ٿو.

پهرين ۾ تشدد جو استعمال ٿئي ٿو ٻئي ۾ اهنسا جو عنصر اثر انداز رهي ٿو.

پهرين کي جديد زبان ۾ جهنگل جو قانون سڏجي ٿو ٻئي کي مهذب معاشري جو قانون شمار ڪجي ٿو.

هر هڪ فرد، گروهه ۽ قوم ۾ ڪي خاميون آهن ۽ ڪي خوبيون آهن. مقابلي ۾ هڪ فرد، گروه ۽ قوم جي ڪاميابي ٻي جي خاتمي جو ڪارڻ بڻجي ٿي. تنهنڪري باهمي تعاون سان اهو نتيجو نڪرندو ته خاميون ڪڍي خوبين سان افراد، گروه ۽ قومون تڪميل پائينديون.

شاه صاحب ان ڏي اشارو ڪري فرمائي ٿو ته:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پنهنجي،
پسو پکيڙن، ماڻهو نهان ميٺ گهڻو.

ان ڪري باهمي تعاون لاءِ تحريص ڏيارڻ يا ان طرف ڪم ڪرڻ کي اصولن جي محبت ۾ شمار ڪري سگهبو.

(۴) بقائي باهمي

مٿي ذڪر ڪيل بقائي باهمي تعاون جو اصول ان وقت تائين حاصل ٿي نہ سگهندو جيسيتائين بقائي باهمي جي اصول کي اختيار نہ ڪيو ويو آهي.

دنيا ۾ هن وقت جنهن ڳالهہ جي سڀ کان زياده ضرورت آهي سو اهو اصول آهي.

مذهبن، سياسي ۽ اقتصادي نظرين، ماڻهن جي طبيعتن، قومن ۽ طبقن ۾ قديم وقت کان اختلاف هلندا آيا آهن. ۽ آئينده بہ هن عالم ڪثرت ۾ اهي اختلاف هلندا رهندا.

اهيئي اختلاف آهن جي نفاق، نفرت، فساد ۽ باهمي جنگ جدال جو ڪارڻ بڻيا رهن ٿا.

جيڪڏهن هڪ طرف اختلافن ڪري نقصان ٿيندا آيا آهن تہ ٻئي طرف پيغمبرن، حڪيمن ۽ درويشن انهن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. انهن اختلافن دور ڪرڻ لاءِ ٻہ رستا آهن. هڪ رستو اهو هو تہ بقائي اصلح جي آڌار تي بهترين مذهب - سياسي ۽ اقتصادي نظريہ طبقہ ۽ قوم قائم رهندا ۽ ان جي مقابلي وارا گروه يا فنا ٿي ويندا يا صالح ۽ مضبوط گروهن ۾ مدغم ٿي ويندا. اها چٽاپيٽي اڄا تائين هلندي اچي ٿي.

رواداري ان جو مکيہ ستو آهي قرآن شريف ۾ ارشاد ٿيل آهي تہ

"لڪم دينڪم ولي دين"

معنيٰ: "تنهنجي لاءِ تنهنجا مٽا ۽ منهنجي لاءِ منهنجا عقيدا." ان ڪري انهي اصول تي هلڻ ۽ ماڻهن کي ان لاءِ راغب ڪرڻ بہ حقيقي محبت ۾ شمار ڪري سگهبو.

(۵) علم سان محبت: علم انسانذات جي رهبري ۽ هدايت

لاءِ روشن راهون ڏسي ٿو ليڪن علم ٻہ ٻن قسمن جا آهن. (١) صحيح علم (٢) غلط علم.

صحيح علم اهو آهي جو ماڻهن کي محبت، اتحاد، امن ۽ ترقي ڏي رهبري ڪري ٿو. غلط علم ان کي چئبو آهي جنهن مان نفرت، نفاق، فساد ۽ تخريب پيدا ٿي ٿئي. جهڙي طرح ڪائنات ۽ زندگي بحر جي پاپان مثل آهن. اهڙي طرح انهن جو علم بہ بي انت آهي. مادي يا دنياوي شيون کپائڻ يا صرف ڪرڻ سان ختم ٿيو وڃن ليڪن علم جي صرف ڪرڻ سان اهو پاڻ وڌي وڃي ٿو. حضرت علي عليہ السلام فرمايو آهي تہ:

رضينا قسمة الجبار فينا ـ لنا علم وللجهال مالو،

فان المال يفني عنقريباً ـ و ان العلم يبقا لا يزالو.

يعني: ”آءٌ ورهاست ڪرڻ جي ان ڳالهہ ۾ راضي آهيان تہ مونکي علم عطا ڪيو اٿس ۽ جاهلن کي مال ۽ ملڪيت. مال ملڪيت فنا ٿيڻ واريون شيون آهن ليڪن علم لازوال آهي.“ علم حاصل ڪرڻ کانسواءِ زندگي اونداهي ۾ گذارڻ يا جهالت ۾ رهڻ جي برابر آهي.

زندگيءَ جي تنگ ودو، جي تجربا ڪرائي ٿي، اهي تجربا، دنيا جا حقائق، تاريخي واقعات، سائنسي کوجنائون، غور ۽ فڪر جا نتيجا سڀ علم لاءِ مواد ميسر ڪن ٿا.

زندگي مسلسل ارتقائي رفتار جو نالو آهي. ارتقا جز جو ڪل تائين پهچڻ، فرد جي جماعت ۾ مدغم ٿيڻ، جمود کان روانگي طرف هلڻ، ناقص مان ڪمال طرف وڌڻ کي سڏجي ٿو. علم ان راهہ ۾ رهبري جو ڪم ڏئي ٿو.

علم جا ٻہ پهلو آهن، هڪ روحاني ٻيو مادي. مشرقي ممالڪ اندر اڳ، روحاني ترقي ۽ قدرن طرف زياده توجهہ ڏيڻ سبب مادي ۽ دنياوي ترقيءَ ۾ پوئتي رهجي ويا آهن. مغربي دنيا مادي ۽ دنياوي ترقيءَ طرف زياده توجهہ ڏيڻ ڪري روحاني ۽ اخلاقي قدرن ۾ خاطر خواہ ترقي ڪري نہ سگهي آهي. ٻئي رجحان تنها مفيد ٿي نٿا سگهن. ٻنهي جو سنگم لازمي آهي. جو صرف محبت يا عشق ذريعي

تي سگهي ٿو.

مشرقي رجحان جا علمبردار ملڪ ڀارت، سنڌ، ايران ۽ عرب آهن. مغربي رجحان جا مير ڪاروان ملڪ يورپ، امريڪا ۽ چين شمار ڪري سگهجن ٿا. (چين کي ان لسٽ ۾ ان ڪري شامل ڪيو اٿم جو اڄ ڪلهه اهو مغربي فلسفه دهريت جو پوئلڳ آهي.)

جهڙي طرح هر شي ابتدا، شروعات يا ڄمڻ بعد صغيرپڻ جي دور مان گذري سن بلوغ، جواني ۽ پيريءَ جي درجي تي پهچي هڪ شڪل بدلائي ٻي وٺي ٿي. اهڙي طرح علم به مختلف درجن مان ترقي ڪري نئين سر نئون پيغام، معلومات ۽ حقيقتن جو اظهار ڪري ٿو. هڪ علم ترقي- روشني، سچائي طرف ڇڪي ٿو. ٻيو علم تنزل- اونده، غلط رو يي ڏي مائل ڪري ٿو. هڪ جو رجحان اتحاد، تعمير ۽ ترقي طرف آهي. ٻي جو رجحان نفاق، تخريب ۽ تنزل طرف آهي.

دنيا هن وقت دوئي جي دور مان گذري رهي آهي. هڪ طرف جدا قومون وجود ۾ آيون آهن ۽ سندن جماعت "اقوام متحده" جي نالي سان ٺهي آهي. نين ايجادن جهڙوڪ تارن، بنا تند تارن ريڊين، ٽيليويزن، ريلن، موٽرن، هوائي جهازن وغيره جي ذريعي انساني زندگي کي سهل ۽ معلومات سان مالامال بنايو ويو آهي. ٻي طرف نفرت جي پرچار- سامراجي تسلط، فسطائي نظرين، تشدد ۽ خوفناڪ هٿيارن ايجاد ڪرڻ انسانذات کي تباهي جي ڪناري تي اڇلايو آهي.

تنهنڪري اهو ضروري آهي ته علم ۾ تميز پيدا ڪري صحيح ۽ ڪارآمد علم کي انسانذات جي بهبوديءَ لاءِ ڪتب آندو وڃي.

(٦) عشق سان محبت: اڳ مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته عشق ڪنهن شيءِ ڏي ڪشش يا لاڙي ۽ وصال جي خواهش آهي، اهو به ٻڌايو اٿم ته ان جا ٻه درجا آهن. (١) مجازي (٢) حقيقي. ٻنهي ۾ مطلوب شي کي معشوق يا مقصد جي نالي سان سڏبو آهي. ليڪن ٽئي قسم جي عشق جو ذڪر به ڪيو ويو آهي جو بنا مقصد ۽ معشوق جي ٿيندو آهي.

مذڪور بالا ٻنهي عشقن ۾ وصال ۽ فراق لازمي جزا سمجهيا ويندا آهن. هن قسم ۾ اهي ٻئي ڳالهيون عدم موجود ٿين ٿيون.

ان ۾ عشق جي حقيقي معنيٰ يا مطلب معلوم ٿيڻ بعد اهو پتو پوي ٿو ته "عشق علم ۽ عمل کي ملائڻ جو ذريعو آهي."

بي ڪيف زندگيءَ ۾ سرور پيدا ڪرڻ جو وسيلو آهي.

ان ڪري عشق بذات خود هڪ ڪيفيت آهي جنهن جي موجودگي ٽامي کي سون بنائي ٿي. خاڪ کي ڪيميا جو درجو ڏئي ٿي.

ان ۾ مقصد يا مطلوب جو حصول ٿئي يا نه پر انهي رنگ ۾ رڱجڻ ڪافي انعام آهي. شاهه لطيف ان لاءِ چوي ٿو ته:

چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪياڙون پور-
آيو سو آتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون.

تنهن ڪري ان قسم جي عشق جي قائلن جو چوڻ آهي ته عشق براءِ عشق بهترين عشق آهي اهو مقصد يا مراد کان بالاتر آهي.

انهي لاءِ هڪ شاعر هي تشريح ڪئي آهي.

مے سے غرض نشاط ہے کس رو سیاہ کو،
ایک گونہ بیخودی مجھے دن رات چاہیے

بيدل فقير ان لاءِ هي فرمائي ٿو:

سک رمز وجود وڃا ونڄ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

انهي قسم جو عشق فنا، بي خودي، نرواڻ پد طرف نيئي جملي خواهشن کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.

ان ۾ وصال، فراق، خوشي، غم جي حالتن سان واسطو نٿو پوي، ماڻهو هڪ غنودگي، نشي ۽ حيرت جي ڪان تي وڃيو پهچي ٿو. جتي هر قسم جون سڌون ۽ خواهشون ختم ٿيو وڃن.

ان درجي کي مهاتما ٻڌ نروان پد سڏيو آهي. جنهن ڪري زندگيءَ جي چڪر سان واسطو رکندڙ جمله ڳالهين سان روح آزاد

ٿيو وڃي. ان کي نجات، سالويشن ۽ ڇوٽڪاري جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو. هڪ شاعر ان لاءِ چيو آهي.

”جڏان پيتو سي ڪيف ڪلال ڪنون،
جند ڇٽ پئي غير خيال ڪنون.“

(غلام علي فقير)

درويش جو چوڻ آهي ته روح پنهنجي اصل کان جدا ٿيڻ بعد ڪجهه وقت بي خبري جي حالت ۾ رهي پاڻ وساري ڇڏي ٿو پر ان کي جڏهن ڪشش پيدا ٿئي ٿي ته هن کي اصل جو يادگيرو پيدا ٿئي ٿو ۽ اصل کي ملڻ لاءِ آتو ٿئي ٿو ان تائين پهچڻ جي رستي ۾ هن کي ڪيئي مرحلا طي ڪرڻا پون ٿا. جهڙوڪ جمادي، نباتي، حيواني دورن مان گذرتو پوي ٿو. انهي مدارج طي ڪرڻ ۾ هن کي ڪيئي خواهشون ۽ سڌون آڏو اچي اصل کان دور رکڻ لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪن ٿيون.

انهيءَ ڪري طالب کي ”سڌون ماري سڌ ڙين وانگر ڪم ڪرڻو آهي.“ اهوئي رستو نجات جو آهي.

(۷) **عمل صالح سان محبت**: هن عالم ناسوت ۾ جنهن کي عالم صفات به سڏيو اٿن، ماڻهوءَ جو واسطو جسم سان رهي ٿو. اهو محدود آهي. جنهن جي شناخت پنجن حواسن، مڪان، زمان ۽ اسباب جي ذريعي ٿئي ٿي.

روح جڏهن عالم ذات مان نزول ڪري هيٺ صفات ۾ سفر ڪرڻ شروع ڪري ٿو، جنهن لاءِ حافظ شيرازي فرمائي ٿو ته:

دوش از مسجد سوئي ميخانه آمد پيرما،
چيست ياران طريقت بعد ازين تدبيرما،
درخرابات مغان باپيرهم منزل شويم،
کاينچنين رفت ست در عهد ازل تقديرما.

معنيٰ- ”ڪالهه منهنجو مرشد مسجد مان نڪري شرابخاني ۾ آيو، اي طريقت جي رستي جا ساٿيو هاڻ ڪهڙي صلاح آهي ته

اسان ڇا ڪريون. ها اسان کي ٻه شرابخاني ۾ مرشد ساڻ گڏ رهڻ گهرجي.

ڇاڪاڻ ته اسان جي سرشت ۾ ائين ئي سمايل آهي."

ان حالت ۾ ماڻهوءَ کي خلقت جي تقاضا موجب ڪسب (عمل) ڪري سفر طي ڪرڻو آهي.

شاه سائين ان لاءِ فرمائي ٿو ته:

جان ڪتين تان ڪت، هي هڏ وهائي،
ڪا پائتي سيڪا، ڪتي سيبائي،
جاتو جن جائي، تن پهي هٿان نه ڇڏي.

ان ڪري مقصد رٺي، ان جي حصول لاءِ ڪم يا عمل ڪرڻ کان سواءِ ڪمال کي پهچڻ مشڪل سمجهيو وڃي ٿو.

ڪيترن مذهبي رهبرن ٻه ان لاءِ هدايت ڪئي آهي.

قرآن شريف ته عمل صالح کان سواءِ نجات جو حصول ناممڪن ٿو ڄاڻائي جدوجهد کي زندگي سان تعبير ڪيو ويو آهي.

گيتا ۾ ٻه زندگي کي ڪرم کان سواءِ بيڪار سمجهيو ويو آهي. درويشن جو چوڻ آهي ته علم راهه ڏسي ٿو. عشق راهه تي هلڻ لاءِ امادگي ۽ همت پيدا ڪري ٿو. پر عمل نتيجن جي ويجهو ڪري ٿو عمل زندگيءَ جو ٿل آهي. شاعر چيو آهي:

عمل سے زندگی بنتی ہے جہنم بھی جنت بھی، (اقبال)

زندگيءَ ۾ روزمره جا ڪاروبار، سياسي معاملا، خدمت خلق خوشحال زندگي جي حصول لاءِ ڪوششون، نسل جي بقا، ترقي انساني سڀ عمل صالح مان حاصل ٿين ٿا.

عمل صالح انساني اتحاد ۽ امن لاءِ ميدان هموار ڪري ٿو. عمل صالح ماڻهوءَ کي ڪمال تي پهچائي ٿو. ان مان روحاني تسڪين حاصل ٿئي ٿي. عمل صالح ناپخته انسان کي پخته بنائي ٿو.

زندگي خود عمل سان وابسته آهي. عمل نه آهي ته زندگي بيڪار آهي.

موجيم کہ آسودگيءَ ما عدم ماست،
ما زنده بانيم کہ آرام نگيريم.

معنيٰ- اَسين درياءَ جي لهر مثل آهيان جنهن جو بند ٿيڻ ان جي وجود جي خاتمي برابر آهي.
اسان زنده انهي لاءِ آهيون تہ آرام نہ وٺون (سدائين هل هلان ڪريون) شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ:

تتيءَ ٿڌي ڪاھہ ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداھ پير نہ پسين پرين جو.

عمل صالح ٻن قسمن ۾ وراهيل آهن.
(۱) فڪر جي دنيا جو پنڌ.
(۲) ظاهري ناسوتي دنيا جو پنڌ.
ٻئي عمل آهن.

فڪر جو پنڌ

جيئن جبل ظاهري طرح ماٺ ۾ آهن ليڪن سندن اندر ۾ عمل جا اوڙاھہ پيا ٿا ٻرن. اگر، سون، چاندي، تيل ۽ پيا ڌاتو سڀ انهي لڪل عمل جي پيداوار آهن.

اهڙيءَ طرح سان جڏهن ڪي پيغمبر، درويش، راهب ۽ ساڌو هڪ هنڌ ويهي محبت جو مچ مچائي سڙن ٿا تہ منجهان ڪچ نڪريو سچ پيدا ٿئي ٿو پوءِ اهي دنيا کي اهو خزانو ميسر ڪن ٿا جو ان جو ماسو مال بہ مسڪين کي ٻر ڪري ڇڏي ٿو.

تنهن ڪري اهو بہ عمل آهي ان کي صوفين جهاد اڪبر جي نالي سان سڏيو آهي.

ظاهري دنيا جو پنڌ

دنيا ۾ ملڪ ۽ قوم جي محبت ۽ ان جي آزادي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ جدوجهد ڪرڻ بہ عمل صالح آهي.

اهڙيءَ طرح سان انسانذات جي ڀلي لاءِ خدمت خلق ۾ زندگي گذارڻ بہ ڪار ثواب ۾ داخل آهي.

ماڻهن کي تعليم ۽ تربيت ڏئي راهه هدايت ڏسڻ به عمل صالح آهي. اعليٰ مقصد کي پهچڻ لاءِ ڏک ۽ ڏاکڙا سهڻ به عمل صالح آهي. پرين جي وصال لاءِ پاڻ ماري پرزا ڪرڻ به عمل صالح آهي. خود مطلبي ۽ خودي کان مٿي چڙهي پراپڪاري جا ڪم ڪرڻ به عمل صالح آهي. حق کي ڳولي لهڻ ۽ ان کي ڏسڻ بعد ان جي راهه ۾ ناحق سان مقابلو ڪرڻ به عمل صالح آهي. حلال گذر معاش لاءِ مزدوري ۽ محنت ڪرڻ به عمل صالح آهي. ٻين جي سک لاءِ پاڻ ڏکن ۾ وجهڻ به عمل صالح آهي.

مطلب ته عمل صالح ڪنجي آهي مطلوب کي پهچڻ جي.

فصل ٻيو

عشق مجازي جو ابتدائي دور

شاد باش اي عشق خوش سودائي ما، اي طبيب جمله علتهائي ما،
اي دوائي نخوت و ناموس ما، اي تو افلاطون و جالينوس ما.
(رومي)

—

معني- خوش رهج اي عشق، اي سهڻا خيال، دردجو آهين طبيب باڪمال
اي وڏائي جي دوا ۽ ناموس جي، اي تون افلاطون ۽ جالينوس ٻيي
(ترجمه مولوي اديب)

حق شناسي ۽ روحاني ترقي جي راه ۾ مون مجازي مرحلا هيٺين چئين ذريعن وسيلي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

(١) مذهبي زندگي.
(٢) علمي ڪوجنا.
(٣) علمي زندگي.
(٤) عشق جو تجربو.

هيٺ آئون مذڪور بالا چئني ذريعن بابت پنهنجي تجربن جو احوال پيش ڪريان ٿو.

(١) مذهبي زندگي: درويش جي گهرائي سان تعلق رکڻ ۽ فقيرن استاد جي وسيلي مون تي ابتدا کان اهو اثر ويٺل هو ته

بهترين مقصد حيات خدا شناسي ۽ تڪميل روحاني هو. جنهن راهہ ۾ عبادت الاهي مددگار ٿي سگهي ٿي.

انهي نقطہ نگاهہ کان مون خدائي پاڪ جي عبادت ڪرڻ شروع ڪئي ليڪن ابتدا ۾ منهنجو خدا بابت تصور مجازي هو. جنهن مطابق هو ستين آسمان ۾ تان تخت ڪبريائي تي ويٺل هو. جتان ساري ڪائنات جي نگهباني ۽ سنڀال ڪري رهيو هو. هو عبادت ڪرڻ تي راضي ٿيو ٿي ۽ گناهہ ڪرڻ تي ناراض ٿيو ٿي. سندس رضامندو ڏائي چڏڻ وارو هو ۽ ناراضگي تباهہ ڪن هئي.

سندس راضپي حاصل ڪرڻ ۽ عبادت جي قبوليت لاءِ ٽي رستا ضروري چاٽا ويا ٿي.

(۱) پرهيزگاري.
(۲) اندر اجارڻ.
(۳) ست سنگ يا صحبت صالحان.

هرهڪ رستي بابت جيڪي هدايو ويو ۽ ان موجب مون جي ڪوششون ڪيون سي هيٺ ڏيان ٿو:

(۱) پرهيزگاري: ان بابت مون کي هدايو ويو تہ اها مذڪور ذيل شعبن تي مشتمل هئي:

(۱) پاڪيزگي يا صفائي.
(۲) کاڌي پيتي جو احتياط.
(۳) زنا کان پرهيز.
(۴) جائز گذر معاش.
(۵) نشي کان گوشو.
(۶) وفاداري.

بهتر آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل هرهڪ شعبہ جي تشريح ڪري ان بابت ڪيل تجربن ۽ نتيجن جو احوال مختصر طور پيش ڪريان.

۱- پاڪيزگي يا صفائي: ان ۾ بدن صاف رکڻ لاءِ طهارت، وضو، غسل ڪرڻ، خوشبوءِ جو استعمال، صاف ڪپڙا پائڻ،

رهڻ جي جاءِ کي پاڪ صاف رکڻ سپ اچي ٿي ويا. مون اول ۾ ان کي پرهيزگاريءَ جي علامت ۽ خدا جي رضامندي جو ڪارڻ سمجهي اختيار ڪيو. ان وقت خيال هوم ته جيترو پاڪ صاف هوندس اوتري قدر مون تي تجلي الاهي جي پوڻ جو امڪان هو.

شڪر آهي ته خلافت ۽ ڪانگريس هلچل وقت گانڌي جي جي کاڌي (ڪپڙا) پائڻ ۽ سادگي اختيار ڪرڻ جي تربيت مون کي سادگي واري صفائي سان مانوس ڪرايو. نه ته اڪثري ماڻهو انهيءَ ذريعه پنهنجي بزرگي ۽ برتري قائم رکڻ خاطر نمائشي ويس وڳا پهري عمده محلاتن ۾ رهڻ کي به ان جي شاخ سمجهن ٿا.

ان صفائي ۽ پاڪيزگي ذريعي مون تي تجلي الاهي جو نزول ڪونه ٿيو ليڪن اڳتي هلي مون کي ان ڳالهه جو بيو پهلو معلوم ٿيو ته انساني تڪميل ۽ ترقيءَ لاءِ تهذيب ۽ تمدن جو حصول ضروري هئڻ ڪري صفائي جي هدايت ڪئي ويئي هئي. ازانسواءِ اها تندرستي لاءِ به مفيد هئي.

رواجي طرح جيڪڏهن غير ترقي يافته ماڻهن کي چئجي ته صفائي ڪري اوهان مهذب ۽ تندرست ٿيندا ته ممڪن هو ته اهي ان طرف رغبت نه به ڏيکارين تنهن ڪري ريفارمرس (مصلحن) طرفان ماڻهن کي مهذب ۽ تندرست بنائڻ لاءِ خدا جي رضامندي ۽ اسرار الاهي معلوم ڪرڻ جو رستو ٻڌائي ترغيب ڏياري ٿي ويئي.

جهڙي طرح ٻارن کي تندرست رهڻ لاءِ ورزش ڪرائڻ واسطي رانديڪن يا مٺائي جي لالچ ڏياري هنن کان ورزش ڪرائبي آهي، اهڙي طرح مذهبي رهبرن به ماڻهن کي صفائي جي تحريص ڏيارڻ لاءِ خدا ۽ تجلي الاهي جو ذڪر ٿي ڪيو.

٣- کاڌي پيتي جو احتياط: کاڌي پيتي لاءِ به مذهبي رهبرن پاڪ، سادو ۽ سٺو کاڌو کائڻ ۽ صاف پاڻي پيئڻ جي هدايت ڪئي هئي. مون به اول ۾ ان ذريعه اندر جي پاڪيزگي ۽ خدائي نور جي تجلين نمودار ٿيڻ لاءِ گهڻو احتياط ڪيو. صاف ۽ سٺي ٿانو ۾ کير

ڏاڍڻ، صاف سنو اٽو، چانور، گيهه وغيره استعمال ڪرڻ ڪجهه وقت لاءِ مڇي ۽ ماس کائڻ کان پرهيز ڪرڻ، روزن ۽ چلا ڪشي وقت کجور ۽ کير تي اڪتفا ڪرڻ ۽ گهٽ کائڻ جا تجربا ڪيم.

ليڪن اڳتي هلي مون کي معلوم ٿيو ته انهن ڳالهين جو خدائي نور جي تجلين پوڻ ۽ اندر جي پاڪيزگي سان گهٽ واسطو هو. ان جو لاڳاپو تندرستيءَ جي مهذب زندگي گذارڻ سان زياده هو تندرستي هزار نعمت هئي ان ڪري ماڻهو بيمارين کان محفوظ ڪم ڪرڻ جي لائق ۽ غور فڪر ڪرڻ جو اهل ٿي سگهيو ٿي.

٣- زنا کان پرهيز: جنسي خواهش کي ڪيترن مذهب پليت ۽ گناه ڏي مائل ڪندڙ ڄاڻايو هو. هندن ۾ سناسين، جينن ۽ ٻڌ يوگين، ڪرستانن ۾ راهبن، مسلم صوفين ۽ قلندرن موڙهو جنسي خواهش کي گناه ڄاڻي شادي کان پاسي رهڻ گهريو هو.

جن مسلمان درويشن نسل برقرار رکڻ يا نفساني خواهش کي ضابط ۾ رکڻ لاءِ شادي ڪئي ٿي تن به پرائي عورت يا نامحرم زال ڏي نگاه ڪرڻ ۾ گناه سمجهيو ٿي.

منهنجي ننڍپڻ ۾ شادي ٿيل هئي جنهن جاءِ پناه جو ڪم ڏنو پر مذهبي اثر ايترو گهرو ويٺل هو جو جنابت جي حالت ۾ ماني کائڻ، ڪتبخاني ۾ وڃڻ، مسجد يا قبرستان جي پرسان لنگهڻ، نماز وارا ڪپڙا پائڻ به مناسب نه سمجهندو هوس. ان اثر مونکي جديد زماني جي فحش زندگيءَ کان بچائڻ لاءِ گهڻو ڪم ڏنو. اڳتي هلي جڏهن منهنجو تعلق شخصي مجاز سان ٿيو ته به انهي اثر مونکي ناجائز جنسي خواهش پوري ڪرڻ کان بچائي ورتو. انهي اثر مونکي جماعتي اخلاق جي پابندين تي مستحڪم رکيو. جنسي خواهش بعض اوقات نهايت خطرناڪ صورت اختيار ڪيو وڃي. ان مان پاڻ بچائڻ ڪرامت جي مثل آهي. پر جو ماڻهو ان کان پاڻ بچائي وڃي ٿو ان کي ٻيون ناجائز ڳالهيون جهڙوڪ ناجائز طريقه ملڪيت گڏ ڪرڻ، لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي اصول ترڪ ڪرڻ، خود مطلبي خاطر پرائو حق غضب ڪرڻ وغيره جهڙيون لالچون گهٽ گمراه ڪري سگهن ٿيون.

٤- گذر معاش: زندگيءَ جو تگ ودو قيامت جي نفسي نفسي جهڙو ميدان آهي، جنهن ۾ سيڪنهن کي پنهنجي سر جي لڳي ٿي. روزگار جي تڪليف کان تنگ اچي ماڻهو چوري، دغا، سمگل، چور بازاري، استحصال وغيره جا رستا اختيار ڪرڻ کي عيب نٿو سمجهي. اهڙي حالت ۾ ڪي ٿورا ماڻهو پيدا ٿين ٿا جي جائز گذرمعاش تي اڪتفا ڪن ٿا. جيتوڻيڪ مونکي معمولي مائٽاڻي ملڪيت گذرمعاش جي تڪليف ۾ مبتلا ڪرڻ نه ڏنو ته به زندگيءَ ۾ ڪيئي موقعا هئا جن ۾ دنياوي مرغزار جي سرسبز لالچن کان پاسي رهڻ ۾ انهي مذهبي اثر ۽ قناعت جي دامن پڪڙڻ مونکي ايماندارانه زندگي بسر ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏني آهي. سياسي طرح به انهي پرهيزگاريءَ جي جذبه مونکي لالچ کان پري رکڻ ۾ مدد پئي ڪئي آهي. زندگيءَ ۾ شيخ سعدي عليه رحمت جا هيٺيان قول منهنجا رهبر راه رهيا آهن.

هفت اقليم اربگيرد بادشاه - همچنان دربند اقليم دگر،
نيم نان گورد مرد خدا، بزل درويشان کيز نيم دگر،
اي قناعت تونگرم گردان، که ورائي توهيچ نعمت نيست.

معنيٰ- بادشاه جيڪڏهن ستن ملڪن جو مالڪ ٿئي ٿو ته به وڌيڪ ملڪن جي حصول جي خواهش رهيس ٿي. ليڪن خدا واري درويش کي هڪ ماني کائڻ لاءِ ملي ٿي ته اڌ پاڻ کائي، اڌ ٻين کي ڏئي ٿو.

اي قناعت مونکي سيراب ڪر. چاڪاڻ ته تو کان ڪوبه وڌيڪ وڌيڪ انعام نه آهي.

٥- نشي کان پرهيز: زندگي مشڪلاتن ۽ غمن کان خالي نٿي رهي ايتري قدر جو غالب مرحوم چئي ڏنو ته:

قيد حيات بند غم، اصل ميں دونوں ايک،
موت سے پهلے آدمی، غم سے نجات پائے کيوں.

انهي ڪري اڪثر ماڻهو غم کي ٽارڻ، عارضي سرور حاصل ڪرڻ، عياش زندگي گذارڻ لاءِ نشي جو استعمال ڪن ٿا. ايتري قدر

جو اُج ڪلهه وڏو ماڻهو بنجڻ لاءِ نشي جو واپرائڻ ضروري ٿا ڄاڻن. هڪ انگريز دوست مسٽر گلبرٽ جو چوڻ هو تہ ڪامياب سياستدان ٿيڻ لاءِ:

(۱) نشو پيئڻ، (۲) جوا کيڏڻ، (۳) شڪار ڪرڻ، (۴) عشق ڪرڻ، نهايت ڪارآمد ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. چاڪاڻ تہ سياستدان کي ڪڏهن ڪاميابي ڪڏهن ناڪامي جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. اهڙي طرح جوا، شڪار ۽ عشق ۾ بہ ڪاميابي يا ناڪامي سان منهن مقابل ٿيڻو پوي ٿو. تنهن ڪري انهن ڳالهين سان مانوس ماڻهو دل نہ لوڙهي سياست ۾ هارائڻ مهل تڪ جهلي سگهي ٿو.

نشو غمنار جو ڪم ڏئي ٿو. شراب، ڀنگ، چرس وغيره جا نشا عارضي ٿين ٿا پر زندگي جي مشڪل سهلن تي غم ٽاري جو ڪم ڏئي سگهن ٿا، سون کي اڪثر مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو ٿي، ۽ پتر ڪراچيءَ ۾ رهڻ بعد قوي امڪان هو تہ سياستدانن يا وڏن ماڻهن جي صحبت ۾ نشي جي عادت پوي ها پر اهو مذهبي اثر هو جنهن سونکي ڪراچي ڪلب ۾ ميمبر ٿيڻ کان بچائي، صحبت لاءِ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ داخل ڪرايو. اُتي هلي مجازي عشق ۾ جو نشو پيدا ٿيو تنهن عارضي نشن کان بي پرواه ڪري ڇڏيو.

بقول حافظ شيرازي:

مست مي بيدار گرد نيم شب، مست ساقي روز محشر بامدار.

معنيٰ: شراب جو نشو اڌ رات تائين هلي ٿو. ساقي ذريعي مليل نشو قيامت تائين قائم رهڻو آهي.

٦- **وفاداري:** زندگيءَ ۾ ابن الوقتي، خود مطلبي، ڦير گهير جي وقتي طرح ڪارآمد سمجهي ڪيترا ماڻهو انهن خواهشن جي پوئواري ۾ سياست عملي جي زندگي گذارڻ فائديمند ڄاڻن ٿا.

سون کي بہ انهي ترڪڻ ۾ ڦسلجي وڃڻ جي گهٽين آزمائشن مان گذرڻو پيو. ليڪن سونکي انهي مذهبي پرهيزگاريءَ جي اثر هيٺ ابتدا ۾ حاصل ڪيل پابنديءَ گهٽين ڳالهين کان بچائڻ ۾ مدد ڪئي. نہ تہ عارضي نفع، ذاتي يا طبقاتي فائدا، نامساعد حالتن جي تقاضا،

خانگي معاملات جي ضرورتن، ياري دوستي جي رشتن ، شخصي لڳ لاڳاپن ڪري ڪيترا ئي تارو انهي ٽر ۾ ٻڏي ويا هئا.

مون ڪي ابتدا ۾ مذهبي اثر، بعد ۾ عشق مجازي جي پرتوي وفاداري سان اهڙو مانوس ڪري ڇڏيو جو بقول:

زمين جنبد نہ جنبد گل محمد

وانگر وقتي نقصان، يارن دوستن جو ڇڏي وڃڻ، عهدا ۽ مالي لالچون، مقرر ڪيل اصولن کان ٽيڙي نہ سگهيا. جيتري قدر اصول پرستي، پراپڪاري، مستقل مزاجي جون صفتون مون ۾ سرايت ٿيل آهن تہ اهي سڀ مجازي عشق جون عنايت ڪيل نعمتون هيون.

”راڻا هيس رئي تو سائين مون سون ڪيو.“

(٢) اندر اجارڻ (تزڪيہ نفس) خدا ئي رضامندي جي حصول لاءِ هي پيو رستو هو جنهن لاءِ مون کي ذهن نشين ڪرايو ويو هو تہ روحاني رمزن معلوم ڪرڻ ۽ خدا شناسي لاءِ اندر جو اجارڻ نهايت ڪارآمد هو. ان لاءِ درويشن جو چوڻ هو تہ هيٺيان طريقا ڪارآمد ٿي سگهيا ٿي.

(١) نمازون ۽ وظيفا پڙهڻ، (٢) روزا رکڻ ۽ گهٽ طعام کائڻ، (٣) ذڪر الاهي ڪرڻ، (٤) راڳ سرود ٻڌڻ ، (٥) گلا ۽ ڪوڙ کان پرهيز ڪرڻ.

مذڪور بالا طريقن جي تشريح ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي تجربن ۽ انجي نتيجن جو ذڪر هيٺ مختصر طور پيش ڪريان ٿو.

(١) نمازون ۽ وظيفا پڙهڻ: مون کي ٻڌايو ويو هو تہ نمازن ۽ وظيفن ڪري خدا راضي ٿيو ٿي. آخرت موچاري ٿيڻ واري هئي، اندر اجري ان ۾ تجلي الاهي جي نمودار ٿيڻ جو امڪان هو ۽ ان مان رموز ڪائنات جي معلومات حاصل ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ذريعي ڪيترا مشڪل مسئلا بہ حل ٿي سگهيا ٿي.

ان ڪري مون نہ رڳو پنجن نمازن تي اڪتفا ڪئي، پر تهجد ۽ اشراق جي اضافي سان اهي پڙهڻ شروع ڪيون. چلہ ڪشي ڪري ان ۾ لکا آيتون ۽ اسمائي الاهي جا وظيفا پڙهيم. ليڪن تجربي بعد معلوم ٿيو تہ ان ڪري اندر اجري رموز ڪائنات معلوم نہ ٿي سگهيا.

نہ وري انکري مشکل مسئلن حل ڪرڻ ۾ مدد ملي. خدا جي رضامندي، ديدار ۽ آخرت موچاري ٿيڻ جو پتو پوڻ مشکل هو ليکن بعضي پيدا ٿيندڙ هيجان قلبي يا پريشان طبعي وقت قلب جي اطمينان ۽ دلجمعي عارضي طور حاصل ٿي ٿي. البت انهن ڳالهين وقت جي پابندي ۽ اخلاقي تربيت لاءِ ماحول هموار ڪيو ٿي.

(۲) روزا رکڻ ۽ گهٽ طعام کائڻ: مون کي هدايو ويو هو تہ گهڻي طعام کائڻ سبب غنودگي پيدا ٿي، غور ۽ فکر ۾ رکاوٽ پيدا ٿي ٿي. تنهن ڪري روزا رکڻ ۽ گهٽ طعام کائڻ ڪري نور معرفت ڏسڻ جا موقعا ميسر ٿي روياءِ صادقہ حاصل ٿيڻ جو امکان هو. ازانسواءِ روزه نفس حيواني رام ڪرڻ، رموز الاهي معلوم ڪرڻ، گناهن جي ڪفاره ڏيڻ ۽ تندرستي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪارآمد ٿي سگهيا ٿي.

ليکن تجربہ بعد معلوم ٿيو تہ ان ڪري نہ نور معرفت حاصل ٿيم نہ روياءِ صادقہ نصيب ٿيم. نہ رموز الاهي معلوم ٿي سگهيا، مورڳو تندرستي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ بہ روزه ڪارگر ثابت ٿي نہ سگهيا. گناهن جي ڪفاره جو سوال تہ منهنجي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ روزه رکڻ ڪري ڪهڙي طرح گناه معاف ٿي سگهيا ٿي. البتہ ذهني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ رمضان جي مهيني ماحول سازگار بنائڻ لاءِ موقع ميسر ٿي ڪيو. تجربہ اهو بہ معلوم ڪرايو تہ جهڙي طرح گهڻي کائڻ ڪري غنودگي پيدا ٿي غور ۽ فکر ۾ رکاوٽ پيدا ٿي ٿي، اهڙي طرح گهڻي بک ۾ بہ ڪمزوري ۽ سستي ڪري فکر جو ماده گهٽجي ويو ٿي. اندر جي اجرڻ ۽ خدا شناسي لاءِ روزن وسيلي ڪو خاص فائدو حاصل نہ ٿيو.

(۳) ذکر الاهي: خدا ۽ روحاني هستي جي نالن کي بار بار اچارڻ ۾ اکثري مذهبي رهبرن طرفان معجزانہ اثرن جو ذکر ڪيل هو. مسلمانن ۾ خدا جي ۹۹ نالن جي ذکر ڪرڻ ۽ صلوات پڙهڻ

جي هدايت ڪيل هئي. ذڪر ٻن قسمن جا بيان ڪيا ويا ٿي. هڪڙا ظاهري ذڪر (جلي) ٻيا قلبي (خفي) ذڪر هئا.

ظاهري ذڪر سوها دفعا نمازن کانپوءِ يا اڪانت ۾ پڙهڻ جي تلقين ڪئي ويئي ٿي. قلبي ذڪر مرشد جي معرفت ان جي تصرف ۽ تلقين وسيلي پچائڻو هو.

ان لاءِ چيو ويو ٿي ته انهي وسيلي ڇهه لطيفا کلي معرفت جو درجو حاصل ٿيڻ وارو هو. لطيفن جا نالا هيٺيان هئا.

(١) لطيفه اول نفس جو هو، ان جو جاءِ وقوع دن جو مقام هو.

(٢) لطيفه دوم قلب جو هو، ان جي جاءِ دل هئي جا کٻي ٿڃ هيٺيان هئي.

(٣) لطيفه ٽيو روح جو هو، ان جي جاءِ سينه جي ساڄي پاسي ٿي هئي.

(٤) لطيفه چوٿون سيري هو، ان جي جاءِ سينه جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي جي وچ ۾ ختم معده وٽ هئي.

(٥) لطيفه پنجون خفي هو، ان جي جاءِ پيشاني ۾ هئي.

(٦) لطيفه ڇهون اخفيٰ هو، ان جي جاءِ مٿي جي پويان ڪياڙي جي مٿان هئي.

پهرين مون ظاهري ذڪر يا وظيفه پڙهڻ شروع ڪيا. جن مان "الله هو – الا الله – سبحان الله – والحمد الله – والله اڪبر – لا اله الا انت سبحانڪ اني ڪنت من الظالمين" (صلوات شريف) خاص هئا.

آيت الڪرسي ۽ ياسين جا ورد ٻه گهڻا ڪيم. پر ان مان حسب دلخواه فائدو يا نتيجو نه نڪرڻ ڪري قلبي ذڪر طرف رجوع ٿيس. ان لاءِ ان وقت جي بزرگ خواجه محمد حسن جان سرهندي عليه کان ذڪر ذات وٺي پچائڻ جي ڪوشش ڪيم پر ان مان ٻه نه ڪي اسرار الاهي معلوم ٿيم نه خاص رنگن جي تجلين جو ديدار ميسر ٿيو. انهي ذڪرن ذريعي اندر نه اجريو. البت ڪن لفظن جي تسبيح بعد فڪر جو ماده ڪهڙي طرح کليو ٿي ان جو ذڪر اڳتي ايندو.

(۴) **راڳ ۽ سرود:** اڪثر مذهبن ۾ راڳ ۽ سرود کي خاص درجو ڏنــو ويو آهي. مسلمانن جي بہ چشتي ۽ مولويہ وغيره سلسلہ طريقن ۾ انهن کي اهميت ڏني ٿي وئي.

شاہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، سچل سرمست ۽ ٻين ڪيترن سنڌ جي صوفين عارفانہ ڪلام ذريعہ مــاڻهن تي اثــر وجهڻ لاءِ راڳ ۽ سرود کي ڪتب آندو هو.

مون بہ راڳ ۽ سرود ذريعي عــارفانہ ڪلام پئي ٻڌو آهي ڪيترن ماڻهن تي ان ڪري رقت قلب پيدا ٿي ڳري، جاري ٿيندو آهي جنهن ڪري دل نرم ٿي ٿي. ڪيترا تہ ان ڪري وجد ۾ اچي حال کان بي حال ٿي نچندا ڏسڻ ۾ آيا هئا.

مون کي راڳ ۽ سرود مان سرور بلاشبہ حاصل پئي ٿيو ليڪن نہ انڪري وجداني حالت پيدا ٿي هئي نہ روحــاني رمزون معلوم ٿيون هيون. البت اڳتي هلي محسوس ٿيو تہ ان مان روح کي راحت پهچي ٿي. ڪلچر (ثقافت) جي ترقي ۾ راڳ ۽ سرود کي خاص مقام حاصل هو. دنيا جي مهذب ملڪن ۾ راڳ ۽ سرود کي تــرقي ونــائي ڪلچر ۾ اضافو ڪيو ويو آهي.

(۵) **گــلا ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ:** اڪثر مذهبن ۾ گلا ۽ ڪوڙ کي قلب جي ڪاري ٿيڻ سان مشابهت ڏني وئي آهي. چيو وڃي ٿــو تہ گلا ڪندڙ ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ مــاڻهوءَ جي هي دنيا بہ خراب ٿئي ٿي ۽ آخــرت بہ بڇڙي ٿيڻ واري هئي. اهــڙي ماڻهوءَ کي قرب الاهي حاصل ٿي نہ سگهندو. تنهنڪري اندر اجارڻ لاءِ انهن ٻنهي ڳالهين کان پرهيز ڪرڻ ضروري هئي.

مون ان ڏس ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي تہ گلا ڪرڻ کان حتي الامڪان پاسو ڪريان. گلا عام طرح ڪنهن ماڻهوءَ جي پر پٺ عيب جوئيءَ کي سڏيو وڃي ٿو. ليڪن جنهن سياسي دنيا ۾ آءٌ داخل ٿي چڪو هوس، جنهن کي نجات جو ذريعو ٿي ڄاتم ان ۾ اختلاف راءِ لازم ملزوم هئا. اڳتي هلي مونکي اهو محسوس ٿيو تہ جيڪڏهن

سياسي مخالف خلاف سندس غلط ڳالهين جو اظهار گلا ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي ته پوءِ ته منهنجي سياسي زندگيءَ جو گهڻو حصو ان ڳالهين ۾ گذريل سمجهڻ ۾ ايندو.

ٻئي طرف ڪوڙ ڳالهائڻ کان ٻه سون حتي الامڪان پرهيز پئي ڪئي. پر سچ ۽ ڪوڙ ڇا هئا؟ اهو فيصلو ڪرڻ نهايت مشڪل مسئلو هو. هڪڙا ماڻهو جنهن ڳالهه کي سچ ٿا سمجهن، ٻيا ان کي ڪوڙ سمجهن ٿا. قرآن ۾ آهي ته "يهودي نصارن کي ناحق تي سمجهندا هئا ۽ نصارا يهودين کي ناحق تي ڄاڻندا هئا."

اهڙيءَ طرح سان مسلمانن ۾ سوها فرقا موجود هئا جن مان هرڪنهن پاڻ کي حق تي ۽ ٻين کي ناحق تي ڄاتو ٿي. ليڪن ڏٺو ويو آهي ته ساڳيا ماڻهو جنهن ڳالهه کي هڪ وقت صحيح سمجهندا هئا سي تجربي بعد ان کي غلط سمجهڻ لڳن ٿا.

جيڪڏهن انهيءَ نقطہ نگاه کان ان مسئلي تي نگاه ڪبي ته اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو ته حق ۽ ناحق جا سنڌا ۽ حدون ڪهڙيون هيون. انهيءَ ڳالهه کي مدنظر رکي جڏهن آءٌ پنهنجي زندگيءَ تي نگاه ٿو ڊوڙايان ته آءٌ زندگيءَ ۾ وڏن ڪوڙن جو حامي رهيو هوس. پر سمجهندو ائين هوس ته سچ تي هلي رهيو هوس. جهڙوڪ **مسلمانن جي جداگانه قوم** کي خيال ۽ عمل جي وحدت تي هلندڙ - مثالي قوم سمجهي نہ رڳو ان ۾ ويساه ڪندو هوس پر ان جي بزرگيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ وڏو پرچار ڪندو وتندو هوس. انهيءَ سلسلي ۾ هنن کي جدا وطن حاصل ڪرائي ان ۾ ڪين نظريہ حيات موجب قلڻ ۽ ڦلڻ لاءِ سارو وقت ڪوشش ۾ مشغول رهيس. ليڪن تجربي ۽ صحيح معلومات ٿيڻ بعد معلوم ٿيڻ لڳو اٿم ته اهو تصور وڏو ڪوڙ ۽ ڏوڪو هو. تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ مسلمان نہ هم خيال رهيا هئا نہ وري سنجهن قومي يڪجهتي رهي هئي. هنن هڪٻئي جا رت وهايا هئا. سنجهن ڪي زاني، شرابي، چور، غاصب هئا ته ڪي پرهيزگار ۽ خدا ترس هئا. جملي مسلمانن جي وحدت ۽ قوميت جو تصور هڪ وهم هو جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونہ آهي.

اهڙيءَ طرح اسلامي آئين ۽ نظام حڪومت جي نظريہ جو ہہ هڪ وقت آءُ قائل هوس. جي اسان کي دنيا ۾ حڪومت الاهي قائم ڪرڻي هئي. پاڪستان ۾ مسلمانن جي اهڙي اسلامي حڪومت قائم ڪرڻي هئي جنهن ۾ "قرآن شريف جي احڪامن موجب سڀني ماڻهن کي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي هڪجهڙائي حاصل رهڻ واري هئي. جنهن ۾ حڪومت هلائڻ جون واڳون سچن ۽ پرهيزگار ماڻهن جي هٿن ۾ رهڻ واريون هيون. جنهن ۾ غير مسلمانن جي حقوق جي خاص طرح حفاظت ڪرڻي هئي. جتي حڪومت جو پهريون فرض ملڪ مان غربت، ظلم، بي عاملي ۽ طبقاتي مفاد جي استحصال کي بند ڪرڻو هو. جتي جوا، زنا، شرابخوري ۽ وياجخوري قانوناً منع ٿيڻ واري هئي. جنهن ۾ عدل ۽ انصاف ماڻهن کي مفت ميسر ٿيڻو هو. جنهن ۾ عزت جو معيار طاقت ۽ پيسي تي نہ پر چڱن اخلاقن تي مقرر ٿيڻو هو."

پاڪستان جي قيام بعد تجربي ۽ صحيح معلومات جي ميسر ٿيڻ بعد هاڻي اهو پتو پوڻ لڳو آهي تہ اهي عقيدا دنيا جي حقيقتن خلاف، علم جي گهٽتائي ۽ جهالت تي مبني هئا. اهڙي ڪوڙ ۽ ڏوڪي جو آءُ نادانستہ شڪار رهيو آهيان.

ڪو وقت هو جو جناح صاحب کي آءُ اسلام جو علمبردار ڪري سمجهندو هوس. هڪ وقت جڏهن ڪنهن خاڪسار مٿس حملو ڪيو هو ۽ افواه ڦهلجي ويو هو تہ هو قتل ٿي ويو هو تہ سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ مونکي رئندي هڏڪي پئجي ويئي هئي. پر هاڻ تجربي ۽ وڌيڪ معلومات ميسر ٿيڻ بعد آءُ راءِ بدلائي چڪو آهيان ۽ هن کي آءُ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جو ايجنٽ سمجهان ٿو. منهنجي راءِ موجب هو ذاتي اقتدار خاطر چاڻي واڻي اصولن کي قربان ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو. "هن جي سياست ڪري هندوستاني مسلمانن کي اهڙو نقصان پهتو جهڙو چنگيزخان ۽ هلاڪوخان جي دور حڪومت ۾ بہ نہ پهتو هو."

ڪو وقت هو جو پاڪستان جي حصول ۽ قيام کي آءُ زندگيءَ جو منزل مقصود ۽ انسانذات جي بهتريءَ لاءِ ضروري ڄاڻندو هوس.

ليڪن پاڪستان جي قيام بعد، ان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي استحصال ، سنڌين جي حق تلفي ، ان جي قيام بعد پيدا ٿيل خرابين کي نظر ۾ رکندي ان راءِ جو ٿيو آهيان ته ان جو وجود برصغير هند جي سياسي جسم ۾ ناسور آهي.

ڪو وقت هو جو آءٌ ملا طرفان پيش ڪيل اسلام کي دين مڪمل سمجهي انسانذات جي نجات جو باعث سمجهندو هوس. ليڪن تجربي ۽ تعليم بعد هاڻ معلوم ٿيڻ لڳو آهي ته موجوده وقت ۾ ملا ۽ ان جي حامي سياستدان جي طرفان اسلام جو پيش ڪيل نظريو دنيا ۾ فساد، نفرت ۽ تشدد جو پکيڙيندڙ آهي.

انهيءَ تبديليءَ بعد آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته گلا ۽ ڪوڙ کان پري رهڻ ، دنيا ۾ رهندڙ ماڻهوءَ لاءِ ناممڪن آهي. شاه سائين فرمائي ٿو ته

مون کي مون پرين ، ڏٺي وڏو ڀار ۾ ،
اپا ائين چون، ته متان پاند پسائين.

(٣) ست سنگ يا صحبت صالحين: عبادت جي قبوليت ۽ خدا شناسيءَ لاءِ ٻيو ذريعو صحبت صالحين ٻڌايل هو. جنهن جي حصول لاءِ ٻه طريقا ڏسيل هئا.

(١) هڪ مرشد ولي ان جي ذريعي راه حق تي پهچڻ.
(٢) مختلف صالحن جي صحبت مان علمي ۽ اخلاقي سبق حاصل ڪرڻ.

انهن ٻنهي طريقن تي پنهنجي ڪيل تجربن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪريان ٿو:

(١) مرشد ولي: جيئن ظاهري تعليم لاءِ استاد ولي جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي، اهڙيءَ طرح راهه حق تي پهچڻ لاءِ صاحب طريقت رهبر راه ڪري ان جي معرفت روحاني ترقي حاصل ڪرڻ جو گهڻو ڪري سڀني مذهبن ۾ رواج آهي. هندن ۾ ستگرو ولي، مسلمانن ۾ مرشد ڪامل ولي جو دستور گهڻي وقت کان چالو

هو. آئون مٿي ذڪر الاهي جي سري هيٺ بيان ڪري آيو آهيان ته مون کي ٻڌايو ويو هو ته مرشد ذڪر ذاتي ڏئي اندر جا دروازا کولڻ جو ڪم ڏئي ٿو. ليڪن تجربہ بعد مون کي انهي طريقي ذريعي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهتو هو.

ٻيو ڪم مرشد ذريعي حاصل ٿي سگهڻ بابت ڏسيو ويو ٿي سو اهو هو ته سندن آشرمن يا خانقاهن ۾ رهي نفسياتي ۽ اخلاقي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سگهجي ٿي. ليڪن گهڻي کوجنا بعد مون کي ڪوبہ اهڙو ادارو ڏسڻ ۾ نہ آيو جتي رهي روحاني تعليم پرائي تزڪيہ نفس ڪري اخلاقي تربيت پرائي سگهجي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته مسلمانن ۾ نہ رڳو هاڻ پر عرصہ دراز کان انهن ادارن جي ڪمي محسوس ٿيل هئي جنهن کي ڏسي هڪ شاعر چيو هو ته:

حريفان بادها خوردند رفتند،
تهي خمخانها ڪردند رفتند.

معنيٰ- ساٿي محبت جا ڍڪ پي گذر ڪري ويا آهن.
اڄ سندن ميخانہ خالي پيا آهن.

شاه لطيف بہ فرمايو هو ته:

ويا سي وينجهار هيرو لعل وڻڌين جي،
تنين سندا پوٺيان شيهي لهن نہ سار،
ڪنين ڪٽ لهار تنين سندي پيٺين.

تنهن ڪري منهنجي نظر ۾ اهي ادارا يا ته هئائي ڪونہ جي هئا ته بہ بند ٿي چڪا هئا. باقي رهيل جاين تان مقصد حاصل ٿيڻ جي اميد ڪانہ هئي.

(٢) مختلف صالحن جي صحبت: ان بابت پيش لفظ ۾ گهڻو ڪجهہ بيان ڪري آيو آهيان تنهنڪري دوباره ان کي دهرائڻ مناسب نٿو ڄاڻان. چوڻي آهي ته سبق سبق جو استاد ٿيندو آهي ان وانگر مون بہ گهڻن صاحبن جي صحبت مان فائدا پرايا هئا ان

لاءِ گهڻي ۾ گهڻو فائدو مون کي علامہ آءِ آءِ قاضي چيتمل پرسرام ۽ ڪرشنا مورتي مان پهتو هو. ليڪن اهو فائدو زندگيءَ جي مختلف مسئلن جي سمجهڻ جو هو ۽ نہ اندر جي پوريل دروازن کي پردي پويان رازن جي معلوم ڪرڻ جو هو.

روحانيت کي در ڪنار رکي جيڪڏهن سياست مختلف مذهبي نظرين، اقتصادي مسئلن جي سمجهڻ جو ذڪر ڪندس تہ مون کي گهڻئي استادن کان رهبري نصيب ٿي هئي جهڙوڪ:

سرسيد احمد خان، علامہ محمد اقبال، مولانا حسين احمد مدني، مولانا عبيدالله سنڌي، هشو ڪيولراماڻي، چيتمل پرسرام مونکي مذهبي ۽ سياسي نظرين جي سمجهڻ لاءِ گهڻو مواد ميسر ڪيو.

(۲) علم ذريعي رهبري حاصل ڪرڻ: روحاني تڪميل، ترقي ۽ حق شناسي لاءِ مذهب کان علاوه ٻيو ذريعہ جو مون کي پڌايو ويو هو سو علم جو هو.

ماڻهوءَ کي حيوان ناطق سڏيو ويو ٿي. کيس اشرف المخلوقات جو لقب بہ ڏنو ويو آهي. ان جو ڪارڻ سندس ترقي يافتہ دماغ هو. جنهن کي عقل سان سينگاريل چيو ويو ٿي. عقل جي وڌائڻ جو ذريع علم کي قرار ڏنو ٿي ويو. جو مختلف ذريعن سان حاصل ٿيو ٿي. جن ۾ مکيہ ذريعا هيٺيان هئا.

(۱) سيروسياحت، (۲) زندگيءَ جا تجربا، (۳) پڙهڻ لکڻ، (۴) علم وارن جي صحبت، (۵) غور ۽ فڪر ڪرڻ.

مٿي ذڪر ڪيل ذريعن جي مختصر تشريح هيٺ ڏجي ٿي.

(۱) سير و سياحت: قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ:

"فسيروا في الارض" "زمين جو سير ڪري، قدرت جا ڪم ڏسو.

شيخ سعدي عليه رحمت ان جو زياده تفسير هن طرح ڪري ٿو تہ:

برگ درختان سبز در نظر هوشيار
هر ورق دفتريست معرفت ڪردگار

معنيٰ- صاحب نظر وٽ ساوڻ وڻن جو هڪڙو هڪڙو پن خدا جي سڃاڻپ جو دفتر آهي.

ان ڪري ملڪ گهمي، هر شيءِ کي تپاسي ڏسڻ ۽ مختلف ماڻهن سان ملڻ سان وسيع معلومات ميسر ٿي عقل ۾ اضافو ٿئي ٿو.

(٢) زندگيءَ جا تجربا: زندگيءَ ۾ تجربا علم ميسر ڪن ٿا. برهمو سماج جي عالم ۽ مصلح ڪيشب چندرسني جو چوڻ آهي ته "هر ماڻهوءَ جي حياتي جيئري ويد برابر آهي."

قرآن جي معنيٰ به پڙهڻ آهي. پيغمبر خدا تي جڏهن پهرين دفعه وحي نازل ٿيو ته پهريان اکر جي ڪيس پڏايا ويا سي هئا ته "اقرء باسم ربڪ."

معنيٰ- "خدا جي نالي سان پڙهه."

فرقان جي معنيٰ غلط ۽ صحيح جو فرق معلوم ڪرڻ آهي. اهو فرق به تجربه بعد معلوم ٿئي ٿو. غلط ڪم نقصان پهچائين ٿا ۽ صحيح فائدو ڏين ٿا.

گهڻي وقت کان پير مڙدن جي عزت ۽ احترام ڪيو ويندو آهي. ان جو سبب ڪارڻ به اهو آهي ته حياتيءَ ۾ تجربه سان حاصل ڪيل سبق سکي اڪثري سمجهدار ٿين ٿا. زماني جا شاگرد اسڪولن جي پڙهيلن کان وڌيڪ قابل ٿين ٿا.

(٣) لکڻ پڙهڻ: انساني زندگيءَ ۾ انهيءَ دور نئون ڦيرو آندو جڏهن کان لکڻ پڙهڻ جو دستور مروج ٿيو. اڳي جي ماڻهو سير و سياحت، زندگيءَ جي تجربن، غور فڪر ۽ عالمن جي صحبت سان سبق حاصل ڪندا هئا سي سندن حياتيءَ تائين قائم رهندا هئا. يا سندن صحبت ۾ سبق پرايل ماڻهن ذريعي سينه بسينه پيڙهين تائين هلائيندا هئا پر ڪجهه زماني گذرڻ کان پوءِ ان طرح حاصل ڪيل علم يا ته وسري ويندو هو يا ان ۾ ڪيئي تبديليون ٿي وينديون هيون. جيئن اڳين پيغمبرن جي ڪتابن يا رسول ڪريم صلعم جي حديثن ۾ ٿيون هيون.

لکڻ جي ايجاد ٿيڻ بعد علم جو ذخيره ڪتابن ۾ گهڻو گڏ ٿي ويو آهي ۽ روز بروز وڏي ماڻهن جي معلومات ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. دنيا جا وڏا ڪتب خانا هزارن ورهين ۾ مختلف ماڻهن جي محنتن جو ذخيرو آهن.

انهن جي ذريعي ماڻهو گهڻو پرائي سگهن ٿا.

موجوده دور جا اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون سڀ انهي ذخيره مان مستفيد ٿين ٿا.

(۴) علم وارن جي صحبت: هڪ شاعر جو چوڻ آهي ته:

"يڪ زمانا صحبت با اوليا، بهتر از صد ساله طاعت بي ريا."

يعني- هڪ گهڙي خدا رسيده بنده جي خدمت ۾ گذارڻ سؤ سال بي ريا عبادت کان مٿي آهي.

شاهه عبداللطيف عليه به فرمايو آهي:

صحبت سپريان جي وڏي پانئج هاج،
قضا ڪج نماز وقت ورائڻ مترو.

سنڌ ۾ عام چوڻي آهي ته "جهڙي صحبت تهڙو اثر" چڱن ۽ صالحن جي صحبت ڪري ماڻهو سٺا لچڻ ۽ گهڻي معلومات حاصل ڪري سگهي ٿو.

برن جي سنگت چڱن جي اولاد کي به ڪاريو ڇڏي.

شيخ سعدي عليه فرمايو آهي ته:

"پسر نوح بابدان بنشت، خاندان نبوتش گم کرد."

معنيٰ- حضرت نوح جي فرزند خراب صحبت ڪري پيءُ جي نبوت کي بدنام ڪري ڇڏيو.

اها حقيقت آهي ته سٺي سنگت يا صحبت وڏي وٿ آهي ڪن خوش نصيب ماڻهن کي ميسر ٿي سگهي ٿي.

(۵) غور ۽ فڪر: قرآن شريف ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ وارن کي وڏي درجي وارو شمار ڪيو ويو آهي.

ڪتاب پڙهڻ، علم وارن جي صحبت ڪرڻ، سير و سياحت مان

مستفيد ٿيڻ زندگي جا تجربا حاصل ڪرڻ سڀ سٺيون ڳالهيون آهن پر جيڪڏهن ڪنهن ساڌو انهن تي غور فڪر ڪري نتيجا نہ ڪڍيا تہ گهڻو فائدو حاصل ٿي نہ سگهندس.

شاه صاحب فرمائي ٿو:

پڙهيو تا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوهہ چڙهن جيئن ورق وارين ونرا.

اهو ئي ذريعو آهي جو حق ۽ ناحق، غلط ۽ صحيح، بري ۽ ڀلي جي تميز ڪرائي ٿو.

اهو ذڪر مختلف قسم جي علم حاصل ڪرڻ جو ڪيو اٿم ليڪن درويشن ۽ علماء حق، علم کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي.

(۱) ظاهري علم: هن علم جو واسطو دنيا جي حقيقتن سان آهي جنهن کي مادي يا جسماني علم بہ سڏي سگهجي ٿو.

(۲) باطني علم: هن علم جو واسطو بنيادي نظرين ۽ فڪر جي نتيجن سان ٿئي ٿو. جنهن کي روحاني علم بہ سڏيو ويو آهي.

هيٺ آئون مختصر طور ٻنهي علمن جي مختلف شاخن جو ذڪر ڪريان ٿو. هتي صرف انهن علمن جو ذڪر ڪندس جن سان منهنجو واسطو پيو.

(۱) ظاهري علم: ظاهري علم جون شاخون سون تائين وڃي پهتيون آهن. جن سڀني جي تشريح ڪرڻ منهنجي طاقت کان مٿي آهي هتي آئون انهن علمن جو ذڪر ڪريان ٿو جن جي ڪجهہ مون کي معلومات ميسر ٿي آهي.

(۱) مذهبي علم، (۲) فلسفہ جو علم، (۳) تصوف جو علم، (۴) تاريخ جو علم، (۵) سياسي علم، (۶) اقتصادي علم، (۷) نفسياتي علم، (۸) عام معلومات جو علم.

انهن علمن جي مختصر تشريح ڪري پوءِ آئون انهيءَ ڏس ۾ حاصل ڪيل معلومات جو ذڪر ڪندس.

(۱) مذهبي علم: ان ۾ مون کي ٻڌايو ويو ته دين اسلام آخري دين هو. اهو مڪمل ضابط حيات جو حامل هو. ان ۾ ابتدا کان آخر تائين زندگيءَ لاءِ راهہ هدايت ڏسيل هئي. انهيءَ جي وسيلي روحاني ترقي ۽ نجات حاصل تي سگهڻ واري هئي. ان جي تعليم جو منبع قرآن هو.

ان ڪري مذهب کي سمجهڻ لاءِ پهرين قرآن شريف معنيٰ سان مولوي محمد صالح عباسي ۽ مولوي الهہ بخش دادو وارن کان پڙهيم پوءِ ان جا هيٺيان شرح پڙهيم.

(۱) مولوي محمد علي لاهوري جو انگريزي ترجمہ
(۲) مارماڊيوڪ پڪٿال „ „
(۳) علامہ يوسف علي „ „
(۴) قرآن شريف جي ڪن سيپارن جا سرسيد احمد خان جا ترجمہ
(۵) مولانا ابوالڪلام آزاد جو ترجمان القرآن
(٦) تفسير حسيني
(۷) تفسير پير رشدالله شاه راشدي

باوجود انهن جي پڙهڻ جي اسلام جي پوري پروڙ نہ پئجي سگهي. ان کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ مون کي حديثن پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويئي جنهن تي مون صحيح بخاري پڙهي پورو ڪيو ليڪن اڃا بہ مذهبي معلومات اڌوري رهجي ويئي.

ان تي اسلام جي جدا جدا فرقن طرفان مذهبي تشريحن تي ڪتاب پڙهيم. جنهن ۾ اهل سنت، اهل تشيعت قادياني، اهل حديث ۽ مختصر طرح اثنا عشري سڀني فرقن بابت معلومات حاصل ڪيم.

ليڪن باوجود ان جي بہ دل کي تسڪين ڪانہ آئي، جنهن تي مون کي چيو ويو تہ ٻين مذهبن جي تقابلي تعليم حاصل ڪريان پوءِ پتو پوندم تہ ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. انتي پهرين هندو ڌرم جا هيٺيان ڪتاب پڙهيم:

(۱) ڀڳوت گيتا، مها ڀارت، رامائڻ، منوسمرتي يوگ وشست ويدانت تي چند ڪتاب، سوامي وويڪانند جا

امريڪا ۾ مذهب تي ليڪچر، سوامي رام تيرٿ جا ليڪچر، برهمو سماج تي چند ڪتاب. راڌا سوامي مت تي چند ڪتاب، چداڪاشي مت جو ڪتاب، رام ڪرشن مت تي ڪجهه ڪتاب پڙهيم.

(٢) مهاتما ٻڌ جي حياتيءَ ان جي ٨ احڪامن تي ڪي ڪتاب پڙهيم.

(٣) جين ڌرم جي مختلف فرقن جو احوال پڙهيم خصوصاً يوگين، ڏگامبرن ۽ آڏوتن جو مختصر ذڪر.

(٤) پارسي مذهب جي عام معلومات ۽ ان جي ماني، مزدڪ ۽ زراشتر متن جو احوال پڙهيم.

(٥) ڪرشچنٽي تي، بائبل (اولڊ ۽ نيوٽيسٽامينٽ) ڪئٿالڪ، گريڪ چرچ سينٽورين، جيزسٽ پراٽسٽنٽ، مونيزم، يونيٽيرزم فرقن تي ڪتاب پڙهيم.

(٦) چين جي تائوزم ۽ ڪنفيوشش مذهبن جو مختصر احوال پڙهيم.

(٧) گرونانڪ، ڪبير ڀڳت جي تعليمات جو به مختصر مطالع ڪيم. پر جيئن پڙهندو ويس تيئن مونجهارو وڌندو ويو.

حضرت بلا شاهه، اهڙي حالت جي ترجماني هيئين لفظن ۾ ڪئي آهي.

اوردي تسبيحان چهوٽيان چهوٽيان، بابي سائين دا بڙا جهپال
پڙهندي پڙهندي عمر گئي، ڪتا ايڪ نه بال.

شاه عبداللطيف به ان لاءِ هيئين طرح فرمايو آهي:

ساست نه سارين، الف جنهن جي اڳ ۾،
ناحق نهارين ٻنا ٻيا پرين لاءِ.

(٢) **علم فلسفو:** جڏهن مذهبي ڪتابن طرفان دلي تسڪين يا تشفي نه ٿي سگهي ته مون کي پڌايو ويو ته مذهبن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ لاءِ فلسفه جي واقفيت نهايت ضروري هئي. ان ڪري انتي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. مغربي فلسفه تي پليٽو، ارسطاطاليس، فيثاگورس، نيو پلاٽانزم، هيگل، پسنوزا، ڪارل مارڪس ۽ ٻين جا

ڪجهه ڪتاب نظر مان ڪڍيم، مشرقي فلاسافي تي راڌا ڪرشنامينن جي انڊين فلاسافي - ابن عربي، شاه ولي الله، امام غزالي وغيره جا ڪتاب پڙهيم.

انهن جي پڙهڻ بعد مذهب جي وهم پرستيءَ کان آزاد ٿي، عقل جي بنياد تي مذهب تي سوچڻ لڳس.

ان کانپوءِ وحدت الوجود، وحدت الشهود، مٽيريلزم جا تفاوت سمجهڻ لڳس. ٿيسز، انٽي ٿيسز ۽ سنيٿزس جي نقط نگاه کان مختلف مسئلن تي غور ڪرڻ لڳس ان مان مونکي معلوم ٿيو ته مذهب ۽ زندگيءَ جي مسئلن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ فلسفي جي ڄاڻ نهايت ضروري هئي.

اڄ ڪلهه فزيڪل سائنس، ٽيڪنالاجي - ميڪنزم، ميڊيسن ۽ انجنيرنگ، ائگريڪلچر وغيره علمن ڏي زياده توجهه ڏيڻ ڪري ماڻهو مادي ترقي ڪندا وڃن ٿا. ضروريات زندگي کي انهن جي حصول سهل ڪري ڇڏيو آهي. ليڪن فلسفه طرف گهٽ توجهه ڏيڻ ڪري بنيادي ڳالهيون جهڙوڪ، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ڪلچرل ترقي ۾ گهٽو ڪجهه تي نه سگهيو آهي نتيجي ۾ قومي اختلاف، بدامني، بداخلاقي، جنگيون گهٽجي نه سگهيون آهن. فسفي جي ڄاڻ نه رکو منهنجي مذهب ۾ رهبري ڪئي پر سياست - اقتصاديات، سماجي زندگي، نفسيات ويندي عشق جي معاملن ۾ گهڻي معلومات ميسر ڪئي.

آخر ۾ هلي مونکي معلوم ٿيو ته: فلسفه علم جو جوهر هو ان کانسواءِ علم بي جان هو. ليڪن عشق جي رهبريءَ کانسواءِ فلسفو اڌورو هو.

فلسفي مون کي مذهب ۾ وهم پرستي ۽ خدا شناسي جي وچ ۾ تميز جو ماده عطا ڪيو.

فلسفه مون کي سياسي زندگيءَ جو مقصد ۽ مراد سمجهڻ ۾ مدد ڪئي.

فلسفه مون کي معصوميت جي بهشت کان ٻاهر ڪڍي شڪن جي دنيا ۾ ڌڪيلي ڇڏيو.

فلسفہ مون کي سچ ۽ ڪوڙ، غلط ۽ صحيح، عارضي ۽ دائمي ڳالهين جي مختلف پهلوئن کان واقف ڪيو.
فلسفہ منهنجي سماجي ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي راهہ ۾ رهنمائي ڪئي.
فلسفہ مونکي اخلاق جي منجمد ۽ محدود دائره مان ڪڍي انجي ارتقائي ۽ پراپڪاري مقاصد جو پتو ڏياريو.
فلسفہ مونکي اقتصاديات جي مختلف نظرين جي وچ ۾ تميز پيدا ڪرائي.
فلسفہ مونکي عشق جي معني ۽ مطلب سان شناخت ڪرائي.
فلسفہ مونکي تقليد مان ڪڍي اجتهاد ۽ انقلاب طرف راغب ڪيو.
فلسفہ مونکي ذهني اونده مان ڪڍي عقل جي روشني سان روشناس ڪيو.
فلسفہ مونکي مٽيريازم ۽ آئڊيلزم جي جدا نقطہ نگاهن کان واقف ڪيو.
فلسفہ مونکي سياست جي مختلف نظرين جهڙوڪ، جمهوريت، آمريت وغيره جي فائدن ۽ نقصانن جي معلومات ميسر ڪئي.
فلسفہ مونکي جاگيرداري، سرمائيداري، اشتراڪيت جي اقتصادي نظرين جي معلومات ميسر ڪري استحصال ۽ ڪڏيل مفاد جي مسئلن تي روشني وڌي.
جيڪڏهن مذهب مون کي زندگيءَ جي ابتدائي مسئلن ۾ ٿيسز (بنيادي مواد) ميسر ڪيو تہ علم فلسفہ انجي مقابلي ۾ انٽني ٿيسز پيش ڪيو. فلسفہ مذهبي دنيا ۾ اهو ڪم ڏنو جو پيغمبر زردشت حقيقت شناسي لاءِ ڏنو هو.
(۳) تصوف: مذهب مون کي زندگيءَ جي ٿيسز (نظرين جو ابتدائي مواد) کان واقف ڪيو ۽ فلسفي مون کي زندگيءَ جي انٽني ٿيسز (تضاد تقابلي) جي تميز عطا فرمائي پر اجا آءٌ دوئي جي دنيا مان شڪن کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو هوس. ڪڏهن جمهوريت، ڪڏهن آمريت، ڪڏهن سرمائيداري، ڪڏهن سوشلزم، ڪڏهن

آئڊيلزم، ڪذهن مٽيريلزم، ڪذهن اخلاق، ڪذهن چڙواڳي، ڪذهن حق ۽ ناحق جي تميز ۾ حيران ۽ سرگردان پئي رهيس.
بقول حافظ شيرازي:

ڪس ندانست ڪہ منزل گہہ معشوق ڪجاست،
ايـن قـدر هست ڪہ بـانگ جرس مي آيـد.

معنيٰ- ڪنهن کي پتو نہ هو تہ معشوق جي منزل ڪهڙي جاءِ تي هئي سواءِ هن ڳالهہ جي تہ هڪ ازغيبي آواز چڪيندو رهيو ٿي. وانگر پتو نٿي پيو تہ آخري منزل ڪهڙي هئي، چاڪاڻ تہ مذڪور بالا مختلف ۽ متضاد نظريا مڪمل ۽ حرف آخري نہ هئا. اهي بہ ارتقا پذير ۽ تبديل ٿيندڙ نظر آيا ٿي.

تنهن ڪري سون کي ٿئي ڪنهن اهڙي ڳالهہ جي ضرورت پئي محسوس ٿي جنهن ذريعي آءٌ روئي جي دريا کان ٻاهر نڪري آزاديءَ جو ساهہ کڻي سگهان. ان راهہ ۾ تصوف مون کي گهڻي مدد ڪئي. پهرين مون تصوف ۾ ڪتاب پڙهيا.

اسلامي ڪتابن مان احياء العلوم، ڪيمياءِ سعادت، سرالعالمين غزالي جا پڙهيم، منطق الطير ۽ ٻيا ڪتاب خواجہ عطار جا نظر مان گذريا. فصوص الحڪم ۽ فتوحات مڪي ابـن عـربيءَ جـا پڙهيم. نفحات الانس ۽ زليخا مولانـا جامي جـا بمع ڪليات جامي پـڙهيم. حجة الله البالغة، شاه ولي الله جو پڙهيم. ڪشف المحجوب داتا گنج جو مطالع ڪيم. مڪتوبات امام ربـاني سڪينة الاولياء. سيرالاوليا، مزج البحرين دارا شڪوه جا ڏٺم. عوارف المعارف سهروردي- مثنوي مولانا روم، شاه جو رسالو، سچل سرمست وغيره جا ڪلام پڙهيم.

هندن جا يوگ وشت، گيان پرڪاش، گيتا، شري مديا ڀوت، رام ڪرشن، اپديش وغيره ڪتاب نظر مان گذريا.

اهڙي طرح ٿياسافيڪل سوسائٽي جا مختلف ڪتاب سيڪريٽ ڊاڪٽرينس، مئڊم بلئو وسڪي، آڪلٽزم وغيره تي ڪتاب پڙهيم.

ان کان پوءِ غور ۽ فڪر ذريعي ڪجهہ معلومات حاصل ڪيم. جنهنجو ذڪر اڳتي هلي باطني علم جي سري هيٺ بيان ڪندس.

انهن سڀني ڳالهين مون کي هر ڳالهه ۾ ڪثرت پوبان وحدت جو درشن ڪرايو.

مذهبن جي بنيادي وحدت، سياست ۾ اعتدال جو رستو اقتصاديات ۽ سوشلزم ۾ شخصي احترام ۽ آزادي، عشق ۽ مجاز ۽ حقيقت جي امتزاج، علم ۽ عشق جي امتزاج، آئيڊيلزم ۽ مٽيريلزم جي وچ ۾ لڪل ڳانڍاپي جو ڪجهه ڪجهه پتو ڏنو.

نظريه وحدت الوجود نه رڳو مذهب جي راهه ۾ رهبري ڪئي پر سياست، ماده ۽ جسم تي به ان جي اثر کان واقف ڪيو.

(۴) **تاريخي علم:** تاريخي معلومات مون کي انساني زندگي جو نشيب ۽ فراز کان آگاهه ڪيو. ان جي پڙهڻ بعد آءُ ائين محسوس ڪرڻ لڳس ڄڻ ته هماليه جبل جي چوٽيءَ تان بيهي دنيا جي هزار ورهين جي ڪارگذاري کي سئنيما وانگر ڏسي رهيو هوس.

ان سون کي زندگيءَ جي هر مسئلي بابت مفيد معلومات ميسر ڪئي.

تاريخ مون کي مختلف افراد جي جدا جدا رجحانات ۽ ڪارڪردگي جو علم عطا ڪيو.

تاريخ مون کي قومن جي نشيب ۽ فراز، ترقي ۽ تنزل ۽ ان جي اسباب سان روشناس ڪرايو.

تاريخ مون کي انسانذات جي ارتقائي مدارج کان واقف ڪيو.

تاريخ مونکي زمين جي صدين کان لڪل خزانن جي خبر ڏني.

تاريخ مون کي مذهبن جي ابتدائي مدارج، ارتقا ۽ انهن جي انسانذات تي ڪارڪردگي کان واقف ڪيو.

تاريخ مون کي دنيا جي دائمي ۽ عارضي اشياء حقائق کان آگاهه ڪيو.

تاريخ مون کي نظرين ۽ عقيدن جي زماني ۾ حقيقتن جي آڌار تي ٿيندڙ تبديلين جي خبر ڏني.

تاريخ مون کي آگاهه ڪيو ته ويد، بائبل، مهاڀارت، قرآن ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب، علم ۽ سائنسون، سڀ زماني جي لکها ورهين

جي تجربہ ۽ تبديلي واري ڪتاب جا ورق هئا.

تاريخ مون کي ذهن نشين ڪيو تہ هوءَ قدرت جي ڪاروبار جي وقايہ نويس هئي.

زماني لاءِ قران ۾ چيل هـو تہ انکي گھٽ وڌ نہ ڳالھايو جو اهو خدا جو ڪرتب هو.

تاريخ کان مون کي پتو پيو تہ:

"فنظروا ڪيف ڪان عاقبة المڪذبين"

معنيٰ- "نظر ڪري ڏسو تہ غلط ڪارن جو حشر ڇا ٿيو." جو معنيٰ ۽ مطلب ڪهڙو هو.

تاريخ مون کي حق ۽ ناحق جي ڪسوٽيءَ جو ڪم ڏنو.

تاريخ مون کي عارضي ۽ ديرپا اشيا جي ماپڻ جي گز جـو ڪم ڏنو.

تاريخ مون کي ٻڌايو تہ جهڙي طرح زندگي لاانتها ابدي ازلي هئي اهڙي طرح ان جي تاريخ بہ ابدي ۽ ازلي هئي. جن قومن تاريخي هدايات تـي عمل ڪرڻ کان منهن موڙيو يـا هدايت نہ ورتي اهي تباهہ ٿي ويئون.

تاريخ مون کي ذهن نشين ڪرايو تہ دنيا جي هر مادي شي جـي ابتدا بہ هئي تہ انتها بہ هئي. هـن صفاتـي دنيا جـي ڪا شيءِ لازوال نہ هئي.

(۵) **سياسي علم:** معاشري جـي جوڙجڪ ۽ انتظام سـان واسطو رکندڙ معاملن جي علم کي سياست سڏبو آهـي. جوڙجڪ ۾ سياسي جماعتون، لوڪلبا ڊيز، اسيمبليون اچـي وڃن ٿيون.

انتظام ۾ حڪومت جو آئين، قائدا قانون ۽ هلائڻ جا طريقا شمار تـي سگهن ٿا. آءُ ۱۹۲۰ع کان جڏهن ۱۶ ورهين جي عمر جو هوس انهن ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳس. جنهن جوڪجهہ احوال عمل جي سري هيٺ ڏنو ويندو. هتي صرف ان جـي علم بابت احوال پيش ڪريان ٿو.

جڏهن ١٩٢٨ع ڌاري ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيس ۽ علامہ آءِ-آءِ- قاضي وٽ وڃڻ لڳس تہ هن مون کي مشورو ڏنو تہ انهن ادارن ۾ عام ماڻهن وانگر بنا ڪنهن ڄاڻ جي صرف نالي ناموس ۽ اقتدار جي هوس خاطر دلچسپي وٺڻ کان بهتر هو تہ سياسي نظرين جي معلومات حاصل ڪريان. سندس چوڻ هو تہ ان وقت تائين ملڪن جي سياست جو علم وسيع ذخيره جو حاصل ٿي ويو هو. ان جي بنيادي متن ۽ مقصدن جي واقفيت کان سواءِ سياست ۾ ڪم ڪرڻ اونڌھ ۾ ٺاڦوڙا هڻڻ جي برابر هو. تنهن ڪري بهتر هو تہ ان مان ابتدائي ڄاڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪي ڪتاب پڙهان. پوءِ هن چونڊي پهريون مونکي هڪ ننڍو ڪتاب ارسطا ليس جو لکيل پڙهڻ لاءِ ڏنو. ان کان پوءِ پليٽو جي ريپبلڪ پڙهيائين بعد ۾ روسو سياست تي سرسري معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي ڪتاب ڏنائين. اهڙي طرح ڪتابن پڙهڻ بعد شوق جاڳيو ۽ سياست جي مختلف پهلوئن تي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. جنهن مان معلوم ٿيو تہ سياست ملڪ هڪ وسيع سائنس ٿي چڪي هئي.

ان مان پتو پوڻ لڳو تہ قبائلي نظام، اميرانہ نظام، بادشاهي نظام، شهري حڪومت، شاهوڪاري نظام حڪومت، آمريت، عوامي آمريت، جمهوريت ۽ انهن جي مختلف قسمن ۾ ڪهڙو تفاوت هو، انهي قسم جي مختلف سياسي نظامن دنيا جي جدا جدا جاگرافيائي خطن ۾ ڪهڙي طرح ڪم ڪيو هو يا ڪيو پيو، انهن مان ڪهڙا فائدا ۽ ڪهڙا نقصان هئا.

انهن جي تقابلي مطالع ۽ تحقيق منهنجي سياسي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪيو، پوءِ آهستہ ٿي سياست ۾ منهنجو ذهن شخصي مفاد ذاتي اقتدار، عزت ۽ ناموس جي دائره کان نڪري ملڪي مفاد، خدمت خلق، قوم ۽ عوام جي ڀلي تائين وسيع ٿيڻ لڳو. هاڻ شخصي سياست ۽ خود مطلبي ڪمن مان معاشره کي نقصان پهچن تا ان جو پتو پوڻ لڳو. ۽ مجموعي مفاد، پراپڪاري ۽ انساني همدرديءَ جي جذبہ سان سياست

۾ ڪم ڪرڻ ڪري معاشره کي جو فائدو پهچي ٿو ان مان واقفيت ٿيڻ لڳي. ان بعد سياست کي عبادت وانگر زندگيءَ جي مقاصد ۾ شمار ڪرڻ لڳس. قرآن جي آيت:

"وما خلقت الجن والانس الاليعبدون"

معنيٰ- اسان جنن ۽ ماڻهن کي خدمت لاءِ پيدا ڪيو آهي.

جي معنيٰ سمجهه ۾ اچڻ لڳي. ۽ مون لاءِ سياسي سرگرمي عبادت جو جزو بنجي پيئي. اڳي جو شخصي خود مطلبي جي تري مان بيهي ان مسئلي تي نظر ڪندو هوس. ان جي عيوض متاهين چوٽيءَ تان بيهي ملڪ، قوم ۽ انسانذات جي نقطہ نگاہ کان ڏسڻ لڳس.

اڳتي هلي سياست جي ڪارڪردگيءَ ۾ جي لالچون يا گمراهيون سامهون آيون ان کان دامن ڇڏائڻ لاءِ مون کي عشق جي معرفت حاصل ڪيل خود فراموشي ۽ قرباني جي جذبي گهڻي مدد ڪئي.

ابتدا ۾ سياست ملڪ ٻاراٽي راند ڏسڻ ۾ آئي پر اڳتي هلي معلوم ٿيو ته:

"عشق ٿي آسان پانيم پر نيهن هو اوکو اديون"

سياست مان سونکي معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ان جو صحيح استعمال عبادت سمان هو تہ ان جو غلط استعمال اسفل السافلين ڏي گهلي نيندڙ هو.

سياست جيڪڏهن هڪ طرف گلن جي سيج هئي تہ ٻي طرف ڪنڊن جو بستر بہ ٿي سگهي ٿي.

سياست ملڪ جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪارآمد بہ ٿي سگهي ٿي تہ ٻي طرف سياست ماڻهن ۾ نفاق، نفرت ۽ تخريب جو باعث بہ بنجي سگهي ٿي.

سياست ۾ گهڙڻ بعد معلوم ٿيو تہ ماڻهو پهاڙ جي چوٽيءَ تي بيٺل هو. جتان جي سنڀالي نہ هليو تہ اوڙاهہ ۾ ڪرڻ جو امڪان هوس.

اها پلصراط هئي جا تلوار کان تکي ۽ وار کان سنهي هئي. ان راهہ ۾ "سڌون ماري سڌڙين وانگر ڪم ڪرڻو هو."

(٦) **اقتصاديات علم:** هن علم وسيلي دولت جي پيدائش

۽ تقسيم بابت معلومات ميسر ٿئي ٿي.

ماڻهو ساهه وارن جانورن مان آهي ان ڪي کاڌي، ڪپڙي، جاءِ رهائش، بيماري وقت دوا ۽ ٻي گذرمعاش لاءِ ڪم ڪرڻو پوي ٿو، جنهن مان هن کي ضروريات زندگي حاصل ٿين ٿا.

ابتدا ۾ ماڻهو، جانورن جي گوشت، مڇلين، وڻن جي پنن ۽ ڦلن تي گذران ڪندا هئا. زندگي ساده گذارڻ ڪري هن کي معاشي گذر لاءِ ڪن خاص پابندين کان آزادي نصيب هئي، پر جيئن معاشرو ترقي ڪندو ويو ته گذرمعاش جا سوال به پيچيدگي حاصل ڪندا ويا. نتيجو اهو نڪتو جو مختلف سببن ڪري ڪن ماڻهن کي وافرو سائل حاصل ٿيا ته ڪي نادار ۽ مفلس رهڻ لڳا. دنيا ۾ جهيڙن، جهڳڙن، بدامني ۽ فسادن لاءِ ٻين ڳالهين سان گڏ معاشي مسئلا به ڪارڻ بڻيا آهن.

آخر ۾ جيئن معاشره جي مهذب ٿيڻ بعد ٻين مسئلن لاءِ ڪي دستور ٺهيا تيئن معاشي مسئلن تي به مختلف نظريا ٺهي نظام وجود ۾ آيا.

سياست ۾ دلچسپي وٺڻ بعد اقتصادي مسئلن جي ڄاڻ جي ضرورت محسوس ٿي. علامه آءِ۔ آءِ۔ قاضي ۽ مسٽر ڇيتمل پرسرام جي صحبت مون کي ان مسئلي تي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف نظرين تي ڪتاب پڙهڻ جو موقع ميسر ڪيو. اڳتي هلي معلوم ٿيو ته اقتصادي مسئلن جو مدار ٽن مکيه اجزا تي هو. محنت، هنر، موڙي. جن جي پيدا ڪرڻ ۽ تقسيم بابت مختلف نظريا ايجاد هئا جن مان مکيه هيٺيان هئا.

(١) فيوڊلزم (زميندارانه نظام).

(٢) ڪئپيٽلزم (سرمائيدارانه نظام).

(٣) سوشلزم (منصفانه پيداوار ۽ ورهاست جو نظام).

جن جون تشريحون ڪيون ويون ٿي. هن وقت ان ڏس ۾ مکيه ٻه گروه وڃي رهيا هئا. (١) سرمائيدارانه نظام (٢) سوشلسٽ نظام.

اهو علم هڪ سائنس جي صورت اختيار ڪري ويو آهي، ملڪي سياست جا اڳي جدا حيثيت رکندڙ هئي. اڄ ڪلهه جي معلومات ان کي معاشيات جي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ ائين چوڻ ۾

اچي ٿو تہ هر مسئلي جي پاڙ گذر معاش جو مسئلو آهي. فساد ۽ امن، غربت ۽ آسودگي، نظام ۽ بدنظمي لاءِ معاشيات کي وڏو دخل آهي. اقتصاديات جي انهيءَ مختصر معلومات بعد سياست جو زندگيءَ جي نظام ۾ صحيح مقام معلوم ٿي سگهيو. اڳتي هلي هي معلوم ٿيو تہ مساوات انساني سياست جو آخري مطمع نگاه هو. اها مساوات معاشي انصاف کان سواءِ ميسر ٿيڻ مشڪل هئي.

(٧) علم نفسيات: ان کي انگريزي ۾ سائڪالاجي سڏجي ٿو. اهو علم هن وقت وسيع ٿي ويو آهي. ان جون جدا جدا شاخون آهن. هڪ جو واسطو فلسفي سان آهي. تہ هڪ جو تعلق سوشل معاملات سان آهي. هڪ جو واسطو بدن جي مختلف رجحانات سان آهي.

مون ابتدا ۾ ان طرف توجهہ نہ ڏنو ليڪن اعصابي بيماريءَ وقت ڊاڪٽرن منهنجو توجهہ چڱائي ڪتابن پڙهڻ لاءِ هدايت ڪئي. جن جي پڙهڻ بعد مون کي ان بابت معلومات ٿي ۽ پتو پيو تہ زندگيءَ جي هرمسئلي ۾ جذبات يا نفسيات کي دخل هو. جيڪڏهن ڳڻتي، ڏک، ڪاوڙ، هاضمي کي هڪ طرف خراب ٿي ڪيو تہ انهن ڳالهين خيالات کي مضطرب ڪرڻ ۾ بہ گهڻايو ڪونہ ٿي. باهمي جهيڙن، فسادن، نفرت تشدد ۾ نفسيات کي وڏو دخل هو.

مذهب، علم، عمل ۽ عشق ان جي ڪارڪردگيءَ کان جدا ٿي نہ ٿي سگهيا. شخصي زندگيءَ جي تڪميل، سوسائٽيءَ جي امن، علم کي بامقصد بنائڻ لاءِ ان جي ڄاڻ ۽ ان جو صحيح استعمال ضروري هئا.

(٨) جنرل ناليج يا عام معلومات جو علم: جيئن معاشرو ترقي ڪري تمدن ۽ تهذيب سان روشناس ٿيندو وڃي ۽ زندگيءَ جا مسائل وسيع ٿيندا وڃن. تيئن ان جي وسيلن جي معلومات ۾ اضافو ٿيڻ لازمي ٿيو پوي.

ان ڪري مختلف مسئلن سان واسطو رکندڙ ڳالهين جو علم بہ ضروري ٿيو پوي. شهري ۽ مهذب زندگي گذارڻ واري ماڻهو لاءِ ڪيترين ڳالهين جي ڄاڻ ضروري آهي ورنہ ان جي حالت اها ٿئي ٿي جهڙي جهنگ جي ماڻهوءَ کي شهر ۾ ڇڏڻ بعد ٿيندي آهي.

آءٌ هڪ ڳوٺاڻو هوس اتي نہ پڪو رستو، نہ بجلي، نہ موٽر، نہ طرح طرح جا ڪاڌا، نہ سئنيما، نہ عمده گهر ۽ جديد فرنيچر، نہ جديد ويس وڳا، نہ تعليم يافتہ ماڻهن جي صحبت، نہ زالن ۽ مردن جو گڏيل جديد معاشره وغيره ڳالهيون موجود هيون.

شهر ۾ اچڻ بعد آهستي آهستي ٿي مذڪور بالا ڳالهين سان واسطو ۽ علم حاصل ٿيڻ لڳو. تجربي بعد مختصر علم حاصل ڪرڻ هڪ ڳالهہ هئي. پر ڪتابن، رسالن، اخبارن، ۽ علمي ليڪچرن ذريعي علم حاصل ڪرڻ ٻي ڳالهہ هئي. ان ڪري سون معاملن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ جاگرافي، انگ اکر، قصا، سير و سياحت جي ذريعي معلومات حاصل ڪرڻ شروع ڪئي.

ان لاءِ ٿياسافيڪل سوسائٽي ۽ ٻين جاين تي وڃي ليڪچر ٻڌڻ. سنڌ جي مختلف حصن جو سير ڪرڻ، انگن اکرن ۽ سياحت تي ڪتابن پڙهڻ، مختلف ادارن ۾ ڪم ڪرڻ، مردن ۽ زالن جي گڏيل سوسائٽيءَ ۾ گذارڻ، سياسي معاملن سان واسطو رکندڙ ڳالهين جهڙوڪ چونڊن، فتح شڪست، انتظامي ڪم ڪرڻ، چورين، خونن ۽ فسادن جي حقيقتن ۽ فيصلہ ڪرڻ منهنجي معلومات ۾ ڪافي اضافو ڪيو.

اها ابتدائي معلومات هئي، اڳتي هلي جڏهن دنيا جي مختلف ملڪن جا سير ۽ سفر ڪيم ۽ صوبائي ۽ برصغير هند جي سياسي جماعتن سان واسطو پيو تہ ان منهنجي معلومات ۾ ڪافي اضافو ڪيو.

(٩) باطني يا روحاني علم: باطني علم کي مسلمان درويشن ٽن قسمن ۾ ورهايو هو:

(١) الوحيت (٢) الهام (٣) ادارڪ

پهرين علم کي خاص مخصوص ڪيو هئائون پيغمبر خدا حضرت محمد صلعم سان سندن چوڻ مطابق ٻيو ڪوبہ ماڻهو انهي علم کان مستفيد ٿيل ڪونہ هو.

ٻئي علم الهام کي بہ پيغمبرن لاءِ مخصوص ڪيو هئائون تنهنڪري ان کي بہ عام ماڻهوءَ جي دائره کان ٻاهر رکيو ويو هو.

ٿين علم بابت سندن چوڻ هو ته محنت يا عنايت الاهي سان انجي ماڻهن کي واقفيت ٿي سگهي ٿي.

انهن تنهي علمن کي فوق العقل قرار ڏنو ويو هو.

هن ڳالهه کان انڪار ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو ته پيغمبرن، درويشن، حڪيمن، شاعرن کي جيڪا غير معمولي معلومات ميسر ٿي ٿي اها رواجي عقل وارن ماڻهن کي حاصل ڪانه ٿي ٿئي.

ان معلومات کي نعمت الاهي سڏيو يا حادثه ڪري وٺو پر ان مان اندر جي اکين مان پردو کڃي، نه پڙل، نه ڏٺل ۽ نه محسوس ڪيل ڳالهيون معلوم ٿيون ٿي.

ان پوئين علم حاصل ڪرڻ لاءِ مون گهڻي ڪوشش ڪئي روزا رکيم وظيف ڪڍيم، مرشد وٺي ذڪر ڪيم، پر ڪو خاص فائدو حاصل نه ٿيو. انهي قسم جي معلومات لاءِ ٻيو طريقو خوابن جو ڏسيو ويو ٿي جن کي روياءِ صادقه جي نالي سان سڏيائون ٿي.

خوابن جون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جدا تعبيرون ڪيون ويئون هيون. جديد نفس جي ماهرن جو چوڻ هو ته دماغ سمهڻ کان پوءِ مختلف سببن جي بنا تي خواب ڏسي ٿو. جو ڪاڏي، گذريل ڏينهن جي واقعات، خواهش وغيره ڪري آکاڻي ڻاهي منظر پيش ڪري ٿو.

ڪن درويشن ان کي ملڪوتي دنيا جو سير سڏيو هو. سندن چوڻ هو ته تزڪيه نفس، ذڪر اذڪار، وظيفن يا مرشد جي تصرف ذريعي حسب خواهش خواب ڏسي روحن جون ملاقاتون ڪري نامعلوم ۽ پراسرار مسئلن بابت احوال معلوم ٿي سگهيا ٿي.

مون ان لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪيا پر خاطر خواه نتيجو نه نڪتو. جڏهن به ڪي مکيه خواب ڏٺم ته اهي اتفاقي هئا ۽ ڪن طريقن ذريعي حاصل ٿي نه سگهيا هئا.

ان بابت ٻيو رستو غور فڪر جو هو. ان بابت مون ٽن ذريعن سان تجربا ڪيا.

(١) اوچتو ڪنهن حادثي، نظاره يا پڙهڻ بعد ڪنهن خاص فقره تي ڌيان چڪجي وڃڻ بعد ڪي ڳالهيون معلوم ٿي ٿيون.

(٢) رات جو ننڊ ڦٽڻ بعد ڪو مسئلو ويچار هيٺ اچي ان جو حل معلوم ٿيندو هو.

(٣) نماز پڙهڻ بعد ڪن خاص مسئلن تي غور فڪر ڪرڻ بعد ڪي ڳالهيون ذهن نشين ٿينديون هيون.

انهن ٽنهي طريقن منهنجي معلومات ۾ اڪثر اضافو ڪيو آهي. مثال لاءِ اهڙي طرح حاصل ڪيل معلومات لاءِ چند نڪتا هيٺ پيش ڪريان ٿو.

٢٣- فيبروري ١٩٢٨ع مطابق پهرين رمضان ١٣٤٦هه صبوح جو روزو رکي فجر نماز پڙهي ساڍي ٧ بجي صبح جو فڪر ڪرڻ بعد جا معلومات ميسر ٿي سا ان وقت نوٽبڪ ۾ درج ڪري ڇڏي هيم اها هيٺين آهي.

خيال صبوح (سن)

زڪوئي ميڪده برگشته زراه خطا،
مراد گرز ڪرم دوره صواب انداز.

معنيٰ- خطا کان ميخاني جي راهه کان ڦري ويو آهيان،
مهرباني ڪري وري مون کي سڌي راهه تي آڻ.

صبوح جي نماز پڙهي رهيو هوس ته جاءِ کان ٻاهر ڪتي، ڪڪڙ پنيان هلان ڪئي. اهو ڪتي جو ڪڪڙ پويان جوش مان هلان ڪرڻ ۽ ڪڪڙ جي ڀڄڻ جو آواز مون اندران جاءِ مان ٻڌو ان تان مون کي هيٺيان سوال دماغ ۾ پيدا ٿيا.

(١) ڪتي جو ڪڪڙ تي هلان ڪرڻ جو سبب ڪهڙو هو؟

(٢) ڪتي اها اوچتي ۽ بي اختياريءَ جي هلان ڇو ڪئي؟

(٣) ڪتي کي ان هلان ڪرڻ لاءِ ڪهڙا سبب هئا؟

(٤) ڪڪڙ ڇو ڀڄو؟ ۽ ڪهڙي جذبي هن کي ڀڄڻ تي آماده ڪيو؟

(٥) حملي جي طاقت ڇا آهي؟ ڇو پيدا ٿي ٿئي؟

(٦) ڪڪڙ جو ڀڄڻ ڇاجي لاءِ هو؟

(٧) مقابلو ڪرڻ يا سامهون ٿيڻ ڇا آهي؟

(٨) ٻنهي مان فائدي مند جذبو ڪهڙو آهي ۽ اهو ڪهڙي طرح حاصل ٿي سگهيو ٿي؟

انهي مسئلي تي هڪ ڪلاڪ کن غور فڪر ڪرڻ بعد جي جواب ان وقت معلوم ٿيا سي ٻه قلم بند ڪيا هئم ۽ هيٺ ڏجن ٿا.

١-٢-٣ سوالن جا جواب: ڪتي کي نگهباني، سنڀال ۽ شڪار جي جبلت عطا ٿيل آهي. ان ڪري هو بنا سوچ ويچار جي انهن جي پورائي لاءِ قدم کڻي ٿو. ڪڪڙ کي سندس حد ۾ ٻي جا دخل اندازي ڪندي ڏسي يڪدم غصي ۾ اچي هن جي ڪڍڻ لاءِ حملو ڪيو هو.

٤-٥-٦ سوالن جو جواب: ڪڪڙ کي بچاءَ جي جبلت عطا ٿيل آهي جڏهن هن پاڻ کان طاقتور جانور کي حملو ڪندي ڏٺو ته بچاءَ لاءِ هن ڀڄڻ شروع ڪيو.

٥-٦-٧ حملو غصي جي حالت ۾ تشدد تي آمادگيءَ کي چئبو آهي اها حيواني جبلت آهي. ڀڄڻ بچاءَ جي جبلت آهي جا ڪمزور بچاءَ لاءِ ڪتب آڻي ٿو.

٧-٨ سوال جا جواب: مقابلو ڪرڻ ٻه بچاءَ جي خواهش آهي جا بعضي مجبوريءَ جي حالت ۾ بعضي قوت جي نمائش طور ڪتب اچي ٿي.

اهي ٻئي موقعي جي مناسبت تي ڪتب اچن ٿا. اها موقع جي مناسبت تميز جي مدد سان ميسر ٿي سگهي ٿي جا عقل ۽ علم وسيلي حاصل ٿي سگهي ٿي.

دل را کہ مرده بود حیاتے نـورسید،
تابوئي از نسیم میـش در مشام رفت.

معنيٰ- مرده دل کي نئي زندگي ملي، جڏهن کان ان جي دماغ ۾ شراب جي بوءِ پهتي.

تاريخ ۲۴-۲-۱۹۲۸ع مطابـق ۲ رمضان ۱۳۴٦ھ
بروز جمع ۴۵-۷ صبوح

خيال صبوح (۲) (سن)

بنوش جام صبوحي بنالہ دف و چنـگ،
ببوسہ غبغب ساقـي بنغمہ نـي ورود.

معنيٰ- صبوح جي شراب جو پيالو دف ۽ چنگ جي آواز تي پيءُ، ۽ ساقـيءَ جـي غبغب کـي انهيءَ آواز تـي چمي ڏي.

اڄ صبوح جو ڪتاب نيپولين بونا پارٽ، سي ايبٽ جي تصنيف مترجم سيد معين الدين جو چوٿون جلد پڙهي رهيو هـوس. جنهن جي آخر ۾ نيپولين کي فان ٽين بلو جـي محل مـان سلطنت تـان معزول ڪري جزيره ايلبا ڏي موڪليو ويو ٿي. ان وقت سندس ساٿي شاهي گارڊ هن کان موڪلائي ٿو. جنهن تي نيپولين ۽ حاضرين کان ڳوڙها ڳڙي پون ٿا. ان تي خيال ڪري رهيو هوس تہ اها حالت ڪهڙي هئي ۽ چو پيدا ٿي؟ تہ ان وقت ۱۰ فيبروري ۱۹۲۸ع تي ساڳي قسم جو واقعو ياد پيو.

ان تاريخ تي شيخ عبداللطيف عرف ميان دانہ هڪ عمر رسيده بزرگ مجاور شاه حيدر وفات ڪئي هئي. ان جي عذر خواهي لاءِ وڃڻ ويو هوس، جتي ان جو پيو ياءَ ميان حسين روئي رهيو هو. شاه حيدر جي مجاورن مان هي ياثر پوڙها ۽ بي نسل هئا. اهو موقعہ افسوسناڪ هو پر مون تحمل کان ڪم ورتو، ان جـذبہ هيٺ تہ انساني روح عدم کان اچي پنهنجو دوره سفر طي ڪري ٿو، هـي فـرد بہ پنهنجو سفر طي ڪري وڃي ٿو. اها روز مره جي ڳـالهہ هئي. ان تي افسوس

۽ غم ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور هو. ان وقت دل اهڙي مضبوط هئي جو پڪ هيم ته ان وقت جيڪڏهن ڪهڙو به نظارو ڏسان ها ته اثر نه پوي ها.

عين انهي مهل سندس وڏي ڀاءُ کي ماڻهن چيو ته سندس ڀاءُ جو جنازو ٻاهر ڪڍي رهيا هئا ان جو هلي آخري ديدار ڪريو. ان تي هن رقت آميز آواز ۾ چيو ته شي مالڪ گهرائي ورتي، هاڻ منهن ڏسي ڇا ڪندس. انهي مون کي ٻنهي ڀائرن جي مدت تائين تعلقات محبت ۽ يادگيرين جو نظارو پيش ڪيو. سرحوم جو حشر ڇا ٿيڻ وارو هو تنهن بابت صرف ايترو اندازو هوم ته هي سفر پورو ڪري وري ڪنهن ٻي دنيا جو سفر شروع ڪيو هونداڻين. هنن جا تعلقات ڇڻا، هنن جي دائمي جدائي يڪدم منهنجي مضبوط دل تي اهڙو اثر ڪيو جو يڪدم ڳوڙها وهي نڪتا. ان وقت به انهيءَ راز جي معلوم ڪرڻ بابت ڪيئي سوال پيدا ٿيا هئا پر ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. اڄ هن واقعي جي ساهون اڇڻ بعد هيٺيان سوال پيدا ٿيا جن کي حل ڪرڻ لاءِ وينس.

(۱) بي اختيار روئڻ ڇو اچي ٿو؟
(۲) صدمون ڇا کي چئجي ٿو؟
(۳) ان جو بنياد ڪهڙو آهي؟
(۴) نيپولين واري صدمي ۽ هن فوتي جي صدمي ۾ ڪهڙو تفاوت هو جن رواڙيو ٿي؟
(۵) ڪي بهاريءَ ۾ خوش ۽ خزان ۾ غمگين ڇو ٿا رهن؟
(۶) خوشي ۽ رنج ڇا آهن؟

مٿين سوالن جا غور ڪرڻ بعد هيٺيان جواب آيا.

(۱) بي‌اختيار روئڻ جو ڪارڻ حساس دل آهي جا فراق جي صدمه ڪري غم ۾ پاڻيءَ وانگر پلتجيو پوي.
(۲) صدمه وصال جي اوچتو ٽٽڻ، اميدن جي خاتمي يا ناقابل تلافي نقصان جي پهچڻ، تعلقات جي ڇڄڻ ڪري پهچي ٿو.

(٣) صدمہ جو بنياد جدائي، نا اميدي، نقصان جو احساس ٿئي ٿو.

(٤) نيپولين جو صدمو، سندس سلطنت جو خاتمو، سندس تجويزن ۽ اميدن جو ختم ٿيڻ هو. ۽ شيخ صاحب جو صدمون پڻ يائرن جي جدائي ۽ لاڳاپن جو ٽٽڻ هو.

(٥) پکي بهاريءَ ۾ خوش، حالات سازگار هئڻ ۽ گلن جي وصال ڪري ٿين ٿا ۽ خزان ۾ انهي حالات جي بدلجڻ ۽ گلن جي عدم موجودگي ڪري غمگين ٿين ٿا.

(٦) خوشي وصال آهي، غم فراق آهي.

ان جي تشريح ۾ هي نوٽ لکيو هوم.

انساني روح دريائي وحدت مان نڪري هيٺ عالم ڪثرت ۾ سفر طي ڪرڻ ۽ تجربا حاصل ڪرڻ لاءِ هتي آيل آهي. ان مان وصال ۽ فراق جو پتو پوي ٿو.

دريائي وحدت ۾ وصال هوس ۽ عالم ڪثرت ۾ فراق اٿس، ليڪن قادر ان کي سفر سهنجو ڪرڻ لاءِ پين ڳالهين سان گڏ غفلت جو پردو عطا ڪيو آهي.

ماڻهوءَ جي فطرت ۾ وصال لاءِ محبت سمايل آهي. هتي جڏهن هو ان فطري تقاضا مطابق ڪن شين سان رغبت يا لاڳاپو رکي سفر سهنجو ڪرڻ گهري ٿو ته صفات جي بي ثباتيءَ کان بي خبر هئڻ ڪري ان ۾ اهڙو محو ٿيو وڃي جو جڏهن ان لاڳاپي کان جدائي ٿيئس ٿي ته ڪمزور ٿيو پوي. روئڻ، فراق ۾ ڪمزوري جو احساس آهي.

فراق جا گهڻا درجا ٿين ٿا جن جو مدار محبت جي گهرائي تي رهي ٿو.

جيترو محبت يا لاڳاپو وڌيڪ گهرو هوندو اوترو ان جي جدائي جو صدمون بہ سخت ٿئي ٿو.

منهنجي خيال موجب روح جي ترقيءَ جو ذريعہ ڏک ۽ فراق آهي. انساني روح ڪل جو جزو آهي. هن کي ڪاروبار عالم جي پراسرار ڪيفيت جي واقفيت نہ هئڻ ڪري ڏکي وانگر وهڻو پوي ٿو.

اها ڪمن جي مشغوليءَ ڪيس اصل ڪان وسري ڏني سفر ڪي سڦلو ڪري ٿي نہ تہ جدائي جو فراق ايترو عميق آهي جو زندگيءَ کي ختم ڪري سگهي ٿو.

خوشي وصال جو لطف آهي غم فراق جو علم آهي.

هر وقت خوش ڪہ دست دهد مغتنم شمار،
ڪس راوقوف نيست ڪہ انجام ڪار ڪيست.

معنيٰ- جيڪو خوشيءَ جو موقع ملي غنيمت ڄاڻ، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن کي پتو نہ آهي آئينده ڇا ٿيندو.

۱۲ رمضان ۱۳۴٦ھ مطابق ۵ مارچ ۱۹۲۸ع بروز سومر

خيال صبوح (۳)

در هر طرف ڪہ رفتم جز حيرتم نيفزود،
فرياد زين بيابان دز راه بي نهايت.

معنيٰ- جيڏانهن بہ ويس تہ حيرت وڌي، هن بيابان ۾ ان جي اڻ ڪٿ راهہ کان دانهن نڪريو وڃي.

صبوح جو قرآن شريف پئي پڙهيم. هن آيت جي مطالع بعد يڪدم خيال مٿي چڪجي ويو. "قالوا اتخذالله ولداً انح" سورة بقر ۱۴ رڪوع پڙهڻ اتي رهجي ويو جي غور فڪر بعد نتيجا ڪڍيم سي قلم بند ڪريان ٿو.

گهڻي وقت کان خدا ۾ پنهنجي لاڳاپي بابت خيال پچائيندو رهندو هوس پر پوريءَ طرح خبر نہ پوندي هئي. ڪثير مدت تائين ان بابت پتو نہ پيو هڪ وقت ان نتيجہ تي پهتو هوس تہ جيڪا ڳالهہ انساني سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي يا ان ۾ اچڻ کان بالاتر آهي سا "خدا هوندي!"

ان کان پوءِ پيو خيال اهو آيو تہ "ڪائنات جي خالق ۽ حڪمران طاقت خدا هوندي." پر اهي سڀ ڏنڊلا خيال هئا.

مون جڏهن هن مقولہ تي ڌيان ٿي ڏنو تہ:
"من عرف نفسه فقد عرف ربه"

يا حيات بعد الممات ڏي خيال تي ڊوڙايم ته خدا جي سڃاڻڻ سان گڏ پنهنجي سڃاڻڻ لاءِ به غور ڪندو هوس.

روح مرڻ کان پوءِ علحده حيثيت ۾ زنده رهيو ٿي يا نه؟

جي ها ته هن کي ڪهڙا مرحلا طي ڪرڻا هئا.

خوابن بابت به سوچيندو هوس ته اهي صرف خيالي تصور هئا يا انهن کي ڪا حقيقت هئي؟

ماڻهوءَ جو ڳالهائڻ، خيال ڪرڻ، خواب ڏسڻ ڪهڙيءَ ريت هلندڙ آهن؟ انهن مسئلن تي غور ڪرڻ بعد آءٌ هن نتيجي تي پهتو هوس ته خدا سمنڊ مثل هو اسان انجا قطرا هئا سون. جيئن پاڻي سمنڊ مان ٻاڦ وسيلي چڙهي ڪڪرن جي صورت ۾ جبلن، زمينن ۽ دريائن جو دورو ڪري ٻيهر اچيو سمنڊ ۾ پوي ٿو. تيئن روح به ان وادي وحدت مان نڪري سفر طي ڪري وري اچي سمنڊ ۾ گڏجن ٿا.

اهو احوال هڪ دفع حاتم علوي سان ڪيو هوم، ان چيو ته هن هڪ سوامي کان سوال پڇيو هو ته وري جڏهن قطره وڃي سمنڊ ۾ ملندو يعني انساني روح وڃي خدا سان ملندو ته ان وقت هن کي علم ڪل حاصل ٿيندو يا نه؟ جنهن جو سوامي جواب ڏنو هو ته "اهو ضروري نه هو ته هرو ڀرو هن کي علم ڪل حاصل ٿئي" منهن جو ان تي رايو "اهو هو ته جز ڪل ۾ ملڻ بعد عين ڪل ٿي پوندو. ٻي ماڻهوءَ جو چوڻ هو ته باوجود انهي علم جي ادب ملحوظ رکيو هو. جنهن لاءِ وري منهن جو جواب هو ته ان کي بي ادبي شمار نه ڪرڻ گهرجي بلڪ اهو حقيقتن جو اظهار ٿيندو.

وري ١٥- رمضان ١٣٤٧ء مطابق ٢٦ فيبروري ١٩٢٩ع لوبو اسٽريٽ آئي سيڪيورا بنگله ڪراچيءَ تي هيٺيون فڪر جو نتيجو نوٽبڪ ۾ درج ڪيم.

"اڄ صبوح جو ٤ بجه ڌاري اٿي روزو رکي معمول مطابق وظيفه پڙهڻ ويٺس سوا ڇهه بجه ڌاري دري پٽيم ته ٻاهر چانڊوڪيءَ جو چڱو نظارو ۽ سڪون نظر ۾ آيم. عجيب فطري پاڪيزگيءَ جو

راڄ هو. جنهن مخفي زبان ذريعي هدايت ڪئي ۽ وضو ڪري مصلي وڇائي ان پاڪ مخفي خزانہ جي ڳولا طرف رجوع ٿيس. نماز ۾ وڏيڪ لطف ملي رهيو هو ان ڪري ان ۾ سهوون بہ ٿيون. دل خوش هئي حافظ جو هي بيت پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو هو.

رونق عمر شباب است دگر بستان را،
مي عهد مزده گل بلبل خوش الحان را.

”باغ ۾ وري بهاري جي رونق هئي- گل بلبل کي خوشخبري پي ڏني“ نماز بعد آيت الڪرسي پڙهي تسبيح سبحان الله پڙهڻ شروع ڪيم. اڪيون پورجي ويون خيالات جي ڏن ۾ غرق ٿي وبس ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ وڏي سمنڊ جي وچ ۾ وچي پهتو آهيان. جتي سانت جي عالم ۾ لهريون ميرانجهڙي ماڪ جهڙي صبوح صادق جي چاندوڪي روشني ۾ حسن جو نظارو ڏيکاري رهيون هيون.

جيتوڻيڪ تسبيح پوري ٿي تہ بہ سبحان الله جو ذڪر اچاريندو رهيس. اتي ڪي سوال پيدا ٿيا جن جي جوابن لاءِ فڪر ڪيم.

(۱) سبحان الله (الله پاڪ آهي) ڇا هو؟
(۲) سمنڊ جو هي نظارو ڇو ٿي وٽيو؟
(۳) خراب ۽ چڱيون شيون ڪهڙيون هيون.
(٤) چڱي ۽ خوبصورت شي ڏي رغبت ڇو ٿي ٿي؟
(۵) آءٌ ڇا هوس؟
(٦) هي جو سمنڊ جو نظارو خدا جي تسبيح وقت پسند آيو ٿي ان جي معنيٰ ڪهڙي هئي؟
(۷) خدا جو قرب ههڙي فطري نظارن ۾ زياده آهي ڇا؟

انهن سوالن جا جواب وڻنا هئا پر هرهڪ سوال تي غور ۾ ڪيئي نوان سوال پيدا ٿي ٿيا. تن جي اڻ ڳڻت پيچيدگين منهن جي خيالي طاقت ڪمزور ڪري ڇڏي.

شب تاريڪ بيم موج گرداب چنين حائل،
ڪجا دانند حال ما سبکساران ساحل ها.

يعني ”رات اونداهي ڪنن جا ڪڙڪا ۽ لهرين جا ڏپ ان جي ڪنڌيءَ تي ويٺل آرام وارن کي ڪهڙي خبر“

پڙهي قدرت کي پاڏايم. ان طرفان اشارو مليو ته هل ته توکي ڪجهه سير ڪرائي رازن کان واقف ڪريان. پوءِ توکي جواب ميسر ٿي ويندا. اتي زباني جوابن جي جاءِ نه هئي.

سگهوئي محويت جي حالت ۾ اچي آءٌ نه رهيس رڳو سمنڊ ڏسڻ ۾ آيو. آئون پاڻ کي سمنڊ سمجهڻ لڳس. ان جي پينگهي جهڙين لهرين مان لطف اندوز ٿي رهيو هوس. اوچتو سج ايري تابش ڏيکاري جنهن سمنڊ ۾ بيقراري پيدا ڪري ويرن رستي پاڻيءَ جي ڪجهه حصن کي سمنڊ مان ٻاهر ڪڍي جدا ڪيو.

مون پاڻ کي ان جدا ٿيل حصي ۾ ڏٺو. وير ۾ هزارها قطرا گڏ هئاسون پوءِ وير مان ڪجهه پاڻيءَ جو حصو واپس سمنڊ ۾ ويو. ڪجهه زمين چهي ويئي ڪجهه باقي بنجي ستي ڪڪر بڻيو. مون پاڻ کي وري ڪڪرن واري حصه ۾ ڏٺو. اتان ڪيترا سير ڪيم. وري بجلي چمڪي جنهن بارش جي صورت ۾ اسان کي زمين تي هيٺ لاٿو. ان کان پوءِ ڪيترا قطرا گڏجي وهڪري ذريعي اچي هڪ تالاب ۾ ڪٺا ٿياسون.

جتي ير ۾ وڻن، گلن ۽ سبزه جي صحبت نصيب ٿي. اسان مان ڪن قطرن ماڪ جي صورت اختيار ڪئي. اتان بلبل جي پيٽ ۾ ويا ته ڪي وري وڻن، گلن ۽ سبزه ۾ جذب ٿي ويا.

باقي جيڪي تالاب ۾ رهيا، تنهن مان جانور پاڻي پيئڻ آيا. جن جي ڪثرت ڪري وقت کان پوءِ تالاب گندو ٿيڻ لڳو. آخر اهو تالاب اهڙو گندو ٿيو جو خود جانور به ان کان پري ڀڄڻ لڳا. ان کان پوءِ آزمائش جو دور شروع ٿيو.

انهي منظر ڏسڻ بعد ٿوري غور کان پوءِ مذڪور بالا سوالن جا هيٺيان جواب ذهن آيا.

(١) سبحان الله جي ذڪر بي خوديءَ جو نظارو قائم ڪيو.

(۲) سمنڊ جي نظاري ۾ وحدت الاهي جو منظر نظر آيو ٿي.
(۳) قطرن جو سمنڊ ۾ گڏ رهڻ عالم وصال هو، جو خوبصورت ٿئي ٿو. ليڪن اهي سا ڳيا قطرا جڏهن ماده جي ملاوت سان ڪثيف ٿي تالاب ۾ رهيا ته اهي بدصورت ۽ بدبودار بنجي پيا هئا.
(۴) حسن جي ڪشش وحدت الاهي جي ڪشش جو جزو هئي.
(۵) آءٌ وحدت الاهي جو قطرو هوس. سمنڊ وحدت الاهي مثل هو.
(٦) ذڪر الاهي سمنڊ جي لهرين وانگر محويت ۾ گم ٿي ڪيو.
(۷) سمنڊ قطرن جو مجموعو هو. جو ڪثرت جي وحدت ۾ ميلاپ جو نظارو هئڻ ڪري پسند آيو ٿي. قدرت جا اڪثر نظارا خالق حقيقي جي ياد تازه ڪن ٿا.

(۳) عملي زندگي: منهنجي طبيعت کي جيڪڏهن مذهب ۽ علم سان رغبت هئي ته ان سان گڏ قدرت عملي زندگي طرف بہ ميلان پيدا ڪيو هو.

مون ۱۹۱۸ع ڌاري جڏهن ۱۴ ورهين جو مس هوس ان ڏس ۾ سن جي شهر ۾ هندن جي پنچات وانگر ڳوٺ جي مسلمانن جي اتحاد ۽ سماجي ڪمن لاءِ انجمن قائم ڪرائي. سماجي سڌارن لاءِ ڪوشش ڪئي هئي. جنهن ۾ شادين، غمين جي موقعن تي فضول خرچين تي روڪ وجهارايم، مردن کي وڏن پٽڪن، وڏين شلوارن ۽ ڊگهن وارن خلاف مشوره ڏنم ۽ سڌارا آندم.

زالن مان نٿن، ڪنن ۾ گهڻي تعداد ۾ پنڙا پائڻ، هس، ڪڙين ۽ بانهين پائڻ جي رواج کي بند ڪرايم.

ڳوٺ ۾ عام ماڻهن کي باهمي اختلافن لاءِ ڪورٽن ۾ فيصلا ڪرائڻ جي عيوض باهمي سمجهوته سان فيصلہ ڪرائڻ جي ترغيب ڏنم.

۱۹۲۰ع ڌاري خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺي سياست ۾ پير پاتم. ان کان پوءِ خلافت ۽ ڪانگريس جي اجلاسن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيم. ۱۹۲۰ع مارچ ڌاري سن ۾ خلافت ڪانفرنس جو اجلاس مولوي فتح محمد سيوهاڻي جي صدارت هيٺ سڏارايم.

۱۹۲۴ع ۾ سن جي شهر ۾ مثياري سيدن جي ڪانفرنس سڏارايم.
ساڳي سال جي آخر ۾ حيدرآباد جي سنڌ تعليمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيم.

۱۹۲۵ع ڌاري تعلقه لوڪلبورڊ مانجهند جو پريزيڊنٽ ۽ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ ضلع لوڪلبورڊ اسڪول بورڊ جو ميمبر چونڊجي ضلع جي تعليم ۽ ٻين تعميري ۽ سماجي ڪمن ۾ ڪم ڪيم.

۱۹۲۶ع تي سن ۾ شاهه حيدر عليه رحمت جي ميلي جي موقعي تي ادبي ۽ سماجي ڪانفرنس سڏائڻ جو دستور وڌم.

۱۹۲۸ع جي آخر ۾ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊجڻ بعد ضلع جي تعليمي ۽ تعميري ڪمن ۾ دلچسپي ورتم.

ان بعد هيٺيون انجمنون ٺاهي ان جي معرفت ڪم ڪرڻ لڳس.

(۱) ضلع لوڪلبورڊ جي جملي ڪاميٽين ۾ حصو وٺڻ، آفيسرن ۽ آفيس عملي جي عدم تعاون ۽ رنڊڪن هوندي ضلع جي تعميري ڪمن ۾ ڪم ڪندو آيس.

(۲) ڪراچي ميونسپل ۾ ايڪس آفيشو ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ ان جي ميٽنگن ۾ وڃڻ ۽ ڪم ۾ حصو وٺڻ.

(۳) ڪراچي ميونسپالٽي جي گارڊن ڪميٽي ۽ ميوزم ڪميٽي جي ميمبر طور ڪم ڪيم.

(۴) سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي مکيه ڊائريڪٽر طور ان جي جملي ڪميٽين ۾ ڪم ڪيم.

(۵) ملير ڪوآپريٽو سوسائٽين جهڙوڪ: ڪريڊٽ سوسائٽي، سيڊ سوسائٽي ۽ سيل سوسائٽين ۾ ملير جي آبادگارن کي سندن مالي مشڪلاتن کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪم ڪيم.

(۶) ڪراچي ضلع جي ڳوٺ سڌارڪ هلچل جي سيڪريٽري طور تحريڪ جو پيغام ضلع جي ڳوٺ ڳوٺ تائين جلسن ذريعي پهچايم.

(۷) فري ميسن جماعت ۾ ميمبر طور تربيت ورتم.

(٨) ڪراچي ضلع جي زميندار ۽ آبادگار ايسوسيئشن جي سيڪريٽري طور ڪم ڪيم.

(٩) ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿي ان جي مختلف برانچن ۾ ڪم ڪيم. جهڙوڪ: يوٿ ليگ، ايسو ٽيرڪ سيڪشن، ڪومينسري ذريعي معلومات وڌايم.

(١٠) ڪراچي ضلع ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ مسٽرجمشيد ميهتا جي چيرمينيءَ هيٺ قائم ڪري ان جي سيڪريٽري طور ضلع ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ جو پيغام پهچايم ۽ اقتصادي سروي ڪرايم.

(١١) سنڌ ۽ بمبئي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽس جي ميمبر طور انهن ۾ دلچسپي ورتم.

(١٢) انجمن ترقي اردو ڪراچيءَ جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ تي ڪم ڪيم.

(١٣) سنڌ جي جدائي واري تحريڪ ۾ حصو ورتم.

(١٤) ڪراچي ينگ مينز ايسوسيئشن ۾ دلچسپي وٺي ميمبر ۽ صدر طور ڪم ڪيم.

(١٥) سنڌ مدرسه بورڊ تي ميمبر طور سالها سال ڪم ڪيم.

(١٦) سنڌ محمدن ايسوسيئشن ۾ ميمبر طور ڪم ڪيم.

(١٧) ڪانگريس ڪميٽي سن جو پريزيڊنٽ طور ڪم ڪيم.

(١٨) مسلم جيمخانه ڪراچيءَ جو ميمبر ٿي رهيس.

(١٩) ايڊاريو ويلفيئر ايسوسيئشن جو ميمبر ٿي ڪم ڪيم.

(٢٠) شاهه لطيف جي ميلي تي ادبي ۽ ڪلچرل ڪانفرنس ۾ ميران محمد شاهه سان گڏ ڪم ڪيم.

(٢١) سنڌ هاري ڪميٽيءَ کي ١٩٣٠ع تي ميرپور خاص ۾ جمشيد ميهتا، چيئمل پرسرام ۽ شيخ عبدالمجيد جي شموليت سان برپا ڪرائي سيڪريٽري طور ڪم ڪيم.

(٢٢) ڪراچي ضلع جي مالدار ايسوسيئشن جو بنياد وجهي مالدارن جي تڪليفن دور ڪرائڻ لاءِ دلچسپي ورتم.

(٢٣) ڪراچي ضلع جي سيربحرن جي ايسوسيئشن جو بنياد وجهي انهن جي تڪليفن دور ڪرائڻ ۽ حالت سڌارڻ جي ڪم ۾ دلچسپي ورتم.

(٢٤) مدرسه هاشميه سجاول جي ٽرسٽي طور ڪم ڪيم.

(٢٥) ضلع لوڪلبورڊ دادوءَ جي رستن وغيره جي تعمير لاءِ وائيس پريزيڊنٽ طور ڪم ڪيم.

ان وقت انگريزن خلاف آزاديءَ جي هلچل هلي رهي هئي ان جي پوٽ ليگ ۽ ڪانگريس اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ ڪري انگريزي عملدارن جي دشمنيءَ جو ڪارڻ بڻيس.

١٢ مئي ١٩٢٩ع ڌاري اهي اختلاف وڌي ويا. انهن جو پڙاڏو پڌي سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري هڪ خط موڪليو ان مان ان وقت جي حالتن تي روشني پوڻ خاطر ان جا ٽڪر هيٺ ڏيان ٿو.

من از بيگانگان هرگز نه نالم
که باما هرچه کرد آن آشنا کرد.

"آءٌ ڌارين جي ظلم کان دانهون نٿو ڪريان
مون سان پنهنجن ويڌن وهايا آهن.

اوهان کي خدائي عطا ڪيل استقلال جي مبارڪ هجي پيو ڪو هجي ها ته هيتري چڪ تاڻ تي هوند بزدل ٿي پوي ها. اميد ته اوهان انهن سڙني تڪليفن کان لنگهي وڃي پار پوندا. انهي ۾ اوهان کي زياده مضبوط ڪرڻ لاءِ شايد خدائي خواهش آهي. دشمنن جا منهن اميد تي سياه ٿيندا. وڏو چار پڪڙيل هو. هي خار مغيلان آهن انهن جو فڪر نه ڪيو. اوهان کي سچ جي سندري مضبوط ڪيو آهي. جو روز بروز مضبوط ٿيندو ويندو."

عبدالرحيم شاه

انهي وقت ڌاري ٢٦ جون ١٩٢٩ع تي ڳوٺ خط لکيم جو ان وقت جي تاثرات جي عڪاسي ڪري ٿو. اهو به پيش ڪريان ٿو.

” ڳوٺ ڪان گهڻو وقت ٻاهر رهڻ ڪري ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ عزيز خويش، ڳوٺ راڄ وسري ويا اٿم. پر هتي ملڪي خدمت جي جنون ۾ مشغول رهڻ ڪري ڳوٺ خط پٽ بہ ڪونہ لکي سگهيو آهيان. جيتوڻيڪ حالت اها آهي تہ هتي خدمت جي عيوض سورڳو دشمنين جو شڪار بنجڻو پيو اٿم. عوام ۾ بيداري ڪانہ آئي آهي. وڏن رڏون سڀ ٻوٽ ڪاريون آهن.

حافظ شيرازي انهيءَ ڪي مدنظر رکي چيو آهي تہ:

معرفت نيست درين قوم خدايا مددي،

تابرم گوهر خودار بخرو مدار دگر.

معنيٰ- هن قوم ۾ سياڻپ جو ماده نہ آهي، خدا سائين مدد ڪر. ڇا آءٌ پنهنجي علم ۽ خدمات ڪي ٻين درن تي وڃي وڪڻان؟

انهن مشڪلاتن ۽ رنڊڪن هوندي بہ مون ان وقت پاڻ ڪي سماجي، ثقافتي، اقتصادي، سياسي ۽ لوڪلباڊيز جي ڪمن ۾ مشغول رکيو هو. چوندو هوس:

موجيم ڪہ آسودگي ما عدم ماست،

ما زنده بانيم ڪہ آرام نگير يم.

معنيٰ- آءٌ اها لهر آهيان جنهنجي زندگيءَ جو مدار سندس طلاطم تي آهي. سنهنجي آسودگي يا آرام موت برابر آهي.

انهيءَ وقت ڏاري شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڪي بمبئي ڪائونسل ۾ بيهاري انجي ڪاميابيءَ لاءِ ورڪ ڪيم، اهو ڪامياب ٿيو. انتي حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري هيٺيون خط موڪليو:

”شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي عظيم ڪاميابيءَ جون لک لک مبارڪون هجنو. حقيقت ۾ اها ڪاميابي اوهان صاحبن جي ڪوشش جو نتيجو آهي. خدا صاحب جا بيشمار احسان آهن جنهن غريب طبقي جي عيوضي ڪي فتح حاصل ڪرائي.“

عبدالرحيم شاه

انهي وقت باوجود ڪثير سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ اقتصادي مشغولين جي بہ رمضان جو مهينو ڳوٺ رهي عبادت ۽ مطالع ۾ مصروف

رهندو هوس. حاجي عبدالرحيم شاه سجاول وارو پرهيزگار، عابد، مذهبي رجحان جو بزرگ هو. ان جي خط جي ٽڪري کي ثبوت ۾ پيش ٿو ڪريان.

"عبادت لاءِ گوشه نشين ٿيڻ ٺيڪ آهي پر اوهان جيڪا خلق جي خدمت ڪري رهيا آهيو سا به عبادت آهي. تنهن ڪري اوهان جهڙن ماڻهن کي ڪجهه وقت لاءِ به گوشه نشين ٿيڻ جي ضرورت نه آهي."

باوجود اهڙين هدايتن جي آءٌ عبادت، مطالع ۽ غور فڪر ۾ مشغول رهندو آيس. مون کي مخدوم بصرالدين اڳي فرمايو هو ته بي لوث عوام جي خدمت به عبادت هئي. جنهن قومي خدمت جو جوش خروش، ملڪي تعمير جي نيڪ خواهشن ۽ ارادن سان هن سياسي صحرا ۾ پير پاتو هوم تنهن سفر ۾ ڪيترين ئي مالي، علمي، سياسي، طبعي ۽ عملي مشڪلاتون سامهون آيم.

"عشق تي آسان پانيم، نيٺ ٿيو اوکو ادبون."

انهي زماني کي گهڻو وقت گذري چڪو آهي هن دور دراز عرصي ڪانپوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته عملي دنيا ۾ ٿڙڪڻ کان بچائڻ ۾ مونکي چئن ڳالهين گهڻي مدد ڪئي.

(۱) حق شناسيءَ لاءِ عبادت ۽ رياضت (۲) علم جي مختلف شاخن (۳) صالحن جي صحبت (۴) حضرت عشق جي نوازش.

عملي زندگيءَ ۾ آءِ-آءِ-قاضي، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، جمشيد ميهتا، دادا چيتمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد سنڌي جهڙا مخلص ڪارڪن منهنجا سرپرست، همدرد ۽ محسن هئا. باوجود بي انتها مشڪلاتن جي رٿيل ڪم کان نه ٿڙي خدمت خلق ۾ لڳي رهڻ لاءِ سندن همدردي ۽ محبت جو اثر هو. مثال لاءِ علامه قاضي ۽ مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ جي خطن جا ٽڪرا پيش ڪريان ٿو.

۱۳- فيبروري ۱۹۳۰ع

"اسان تنهنجي سرگرمين جو احوال گهريءَ دلچسپي سان پڙهي رهيا آهيون. ازانسواءِ تنهنجا بهترين مضمون پرڪاش اخبار ۾

پڙهيا اٿوَن. جزاڪ الله خير!

خدا تنهنجو ان پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ مددگار ٿيندو. تون سندس ڪم ڪري رهيو آهين. تنهنجي مخالفن جو تعداد به ٿورو نه آهي انهن کي خدا راهه هدايت بخشي پر انهن لاءِ خدا جو لقب خيرالما ڪرين ڪم ڏيندو.

دشمن چه کند چو مهربان باشد دوست

خدا شل توتي برڪتون ۽ مددون موڪليندو رهي.

امداد قاضي

٦- مارچ ١٩٣٠ع

ڪوبه خوف نه ڪر، خدا وڏو مهربان آهي، جنهن صورت ۾ اسان صرف غريب ۽ جاهل عوام جي خدمت ڪريون ٿا ۽ انهن جي دک دردن دور ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون ته اهڙي حالت ۾ اسان کي خدا جي مدد تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي."

امداد قاضي

انهي وقت ڏاري مولوي فتح محمد سيوهاڻي صاحب هڪ خط لکي سنهنجي ڪوتاهين طرف توجهه ڏياريو هو ان جي جواب ۾ سائس عقيدت جو اظهار ڪيو هوم جنهن تي هيٺيون جواب موڪليائين.

"اوهان جي مهربانين، عنايتن، قربن ۽ عزت ڀريل خط پهتو. رب سلامت رکندو اوهان جي اخلاق محسنين مان اهڙو توقع هو."

جيتوڻيڪ عملي زندگيءَ کي عبادت سمجهي ڪم ڪندو ٿي آيس پر ان طويل سفر جي مشڪلاتن ۽ عوام ۽ خواص جي بي قدري ڪڏهن دل سست به ڪري وجهندي هئي. پر خدا جي مهرباني ۽ مذڪور بالا بزرگن جي دلاسن ۽ همدردي ڪري دل جهلي پي هليس.

جڏهن عملي زندگيءَ جي ڪارڪردگيءَ تي نظر ٿو ڪريان ته هي ڳالهه ظاهر ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان ته:

عملي زندگي مونکي ٿيوري ۽ پرئڪٽس يعني خيالي دنيا ۾ عملي ڪارگذاري جي وچ جا تفاوت معلوم ڪرائڻ ۾ مدد ڏني.

عملي زندگي مونکي سياست ۽ عبادت جو باهمي تعلق ڏياريو.

عملي زندگي مونکي حق ۽ ناحق ڳالهين جي وچ ۾ تفاوت معلوم ڪرڻ لاءِ مواد ميسر ڪيو.

عملي زندگي مون کي فرد ۽ جماعت جي باهمي تعلقات جي ڇنڊڇاڻ سمجهائي.

عملي زندگي مون کي پاڻ سڃاڻڻ، پاڻ سڌارڻ ۽ مشڪلاتن ۾ مقابلي ڪرڻ جي همت عطا ڪئي.

عملي زندگي مون کي خودمطلبي جي تنگ دائره مان ڪڍي قوم ۽ ملڪ جي سڃاڻپ ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ راه هموار ڪئي.

عملي زندگي مون کي دوست ۽ دشمن يا موافق ۽ مخالف ۾ تميز ڪرڻ لاءِ سبق سيکاريا.

عملي زندگي مون کي عملي دنيا جي عجائب گهر ۾ ماڻهن جي هيٺين قسمن سان روشناس ڪرايو

جنهن ۾ (١) ڪيترا ماڻهو ظاهري صورت ۾ سهڻا پر ڏاڍا (عملن) ۾ ڪوجها هئا.

" (٢) ڪيترا ماڻهو ظاهري ڏيک ۽ ڏيل ۾ وڏا ۽ رعبدار هئا پر اندر ۾ کوکلا ۽ خالي هئا.

جتي (٣) وفادار، ابن الوقت، دغاباز ۽ خود مطلب ماڻهن کي هڪ ئي صف ۾ بيٺل ڏٺم.

" (٤) تصنع ۽ ريا جو جبو ۽ دستار پهريل بداخلاق ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا.

" (٥) بي دين ماڻهن کي مذهب جا علمبردار بنايو ويو هو.

" (٦) ڏاڍائي، شاهوڪاري ۽ اقتدار جي ديوتائن جا مسلمان پوڄاري ڏٺم.

" (٧) جتي هندن جي لباس ۾ اسلامي عقيدن جا پيروڪار ڏٺم.

" (٨) ظاهري حسن ۽ تهذيب جي پوشاڪ اندروني بدصورتي ۽ بي وفائي جي صورت ڏسڻ ۾ آئي.

" (٩) روحاني ۽ مذهبي ادارن جا مالڪ بداخلاقيءَ جا مجسم ڏٺم.

" (١٠) بهادر نرم دل ڏٺم ۽ بزدل ڪٺور دل ڏٺم.

" (١١) پنهنجي صورت ۾ پراوا ڏٺم ۽ پراوَن ۾ پنهنجن جهڙا ڏٺم.

" (۱۲) ٺوڪيباز ڪامياب ڏٺم ۽ ايماندار ناڪامياب ڏٺم.
عملي زندگي ۾ مون سکن جي سهاڳ پوبان ڏکن جو ڏهاڳ اکل ڏٺو.
عملي زندگي ۾ مونکي ڏکن ذريعي پرينءَ جو پند ڏيکاري، حياتيءَ جو سفر سولو ڪيو.
عملي زندگي مونکي ڪوٺاريءَ ۾ ڪاڙهي ڪچ ڪڍڻ لاءِ مدد ڪئي.
عملي زندگي پاڻ وڃائڻ جو سبق سيکاري مجاز کان حقيقت جو رستو ڏيکاريو.
زندگي مون لاءِ ويد ۽ قرآن ثابت ٿي. ان ۾ مون سري جيئڻ جو مزو چکيو. حافظ فرمائي ٿو:

بيا بميکده و چهره ارغواني کن،
مرو بصومع کانجا سياه کارا نند.

معنيٰ- زندگيءَ جي نشي ۾ مست ٿي منهن کي ڳاڙهو ڪر. زهد، نظريہ عقيدن جي جاءِ پناهہ ۾ نہ وڃ چاڪاڻ تہ اتي ٺوڪيباز ويٺل آهن.
شاه سائين ان لاءِ فرمايو آهي:

پکوڙي پير جانسين رتوراس ٿئي.
بري بيکاريءَ سين، هاري پاڻ م هير،
ڪت ڪتنديون ڪير، نئين سين نہ چائجي.

(۴) **عشق جو تجربو:** مذهبي، علمي ۽ عملي زندگيءَ ۾ جنهن تندهي سان ڪم ڪندو آيس اهو پڻ هڪ قسم جو عشق هو. پر جنهن عشق جو نالو ٻڌندو آيو هوس تہ اهو ماڻهوءَ کي هوش کان بي هوش ڪري ٿو. زمين کان آسمان ڏي نئي ٿو. اهو زمان ۽ مڪان جا سنڌا سيڙها مٽائي ڇڏي ٿو وصال جي باغ جا ميوا چکائي خوشيءَ کي دائمي بنائي ٿو. ۽ فراق جي باهہ مان لنگهائي ريءَ کي سون ڪري ٿو. ان جو تجربو ڪونہ ٿيو هوم.
اڪثري عشق مجازي جنسي خواهش مان پيدا ٿئي ٿو. پر

جنهن صورت ۾ منهنجي شادي ننڍپڻ ۾ ستن سالن جي عمر ۾ ٿيل هئي ان ڪري جنسي خواهش جي پيدا ٿيڻ جي ڪشش گهٽ هئي.

منهنجي شخصي محبت جي شروعات ۱۹۳۲ع کان ٿي جڏهن ڏوه جوانيءَ ۾ هوس، اها به اوچتي ٿي ۽ سڌي نه ٿي. عشق به وچڙندڙ مرض آهي. جنهن جي لهس اچڻ بعد جبل به جليو وڃن .

منهنجي زندگيءَ تي ٽن عورتن اثر وڌو جن جا نالا ڏيڻ جي عيوض انهن جو م - س - ت جي نالن هيٺ ذڪر ڪندس.

شاه لطيف فرمايو آهي ته:

پلي ڪري ٿيوم هي سنگ پاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏنوم پٽي لڳي ان جي.

م جي محبت جو مذڪور: هي تعليم يافته مهذب سوسائٽيءَ جي عورت هئي. ان سان عوامي ادارن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ بعد واقفيت ٿي. هن سان لاڳاپو اکين جي اڙڻ يا ٻين سببن ڪري نه ٿيو. ڪجهه وقت ملاقات بعد معلوم ٿيو ته اها عورت هڪ دوست جي محبت ۾ گرفتار هئي، دوست به شادي شده ۽ اولاد وارو هو ۽ هيءَ به شادي شده اولاد واري هئي. مون کي آهستي ڪري هن حال محرم ڪري اندر جو راز ڏنو. درد دک اورڻ بعد منهنجي همدردي حاصل ڪري نزديڪ ٿيندي ويئي.

سينہ خواهم شرح شرح از فراق،
تا بگويم شرح درد اشتياق.

يعني- ”مون کي اهڙو صاحب دل ساٿهو کپي جو منهنجو درد محسوس ڪري سگهي.“

هن کي سندس محبوب جي بي قدري جي شڪايت هئي. مون کي عوام جي بي حسي جي گلا هئي.

شاه صاحب جي چوڻ مطابق:

اچو سورن واريون ڪريون سورن پچار،
ڪن گهٽا ڪن ٿورا ڪانهي سورن ڌار،
ڏنا جي ڏاتار سي مون جهولي پاتي جهليا .

ابتدا ۾ هن جي مدد ڪرڻ، درد دل ونڊڻ، ساٿس غمخوار ٿيڻ جو

جذبو ڪارآمد هو پر آهستي ٿي آءٌ بہ ان مرض جو بيمار ٿيڻ لڳس. مونکي ڪهڙي خبر تہ ٿي- بي کان زياده وچڙندڙ مريض عشق جي تيمارداري ڪرڻ خطري جو باعث بڻبي. عشق باهہ آهي جنهن جي نزديڪيءَ ۾ رهڻ ڪري لوهہ وانگر سڀ باهہ جون صفتون حاصل ٿيو وڃن. باهہ جو رنگ ڳاڙهو آهي تہ لوهہ بہ ڳاڙهو ٿيو وڃي. باهہ ساڙي ٿي تہ لوهہ بہ ساڙڻ لڳي ٿو. باهہ روشني ڏي ٿي تہ لوهہ بہ روشني ڏي ٿو. اهڙي طرح آءٌ هن عشق ۾ گرفتار ٿيل عورت جي صحبت ۾ اهي سڀ صفتون جي مريض عشق ۾ نمودار ٿين ٿيون، مان خود اثر پذير ٿيڻ لڳس.

هن ڪي حد درجي جو سوز هو مون ڪي بہ اهو پيدا ٿيو.
هن ۾ حد درجي جو سيماب پڻ هو مون ۾ اهو پيدا ٿي پيو.
هن ۾ حد درجي جي قرباني جو جذبو پيدا ٿي پيو هو مون تي ان جو اثر ٿيو.
هن ۾ روح ڳاڙو هو مون کي بہ ان کان ورثو مليو.

ان وقت سندس صحبت ۾ سندس حال جي ترجماني ڪندي ڪي مضمون لکيا اٿم جن جا ٽڪر موقع ۽ محل تي پيش ڪندس. ڪجهہ وقت کان پوءِ مون ڪي انهي ساري ماجرا کي مختصر طور "مجازي مرحلا" نالي مضمون ۾ پيش ڪيو آهي. ان جا ڪي ٽڪرا هيٺ پيش ڪريان ٿو، اميد تہ ان مان منهنجي مجازي محبت جي ترجماني ٿي ويندي. مضمون مجازي مرحلا جو ٽڪرو "١٩٣٢ع جو زمانو هو، عمر ٢٨ سال هئي، سياسي زندگيءَ ۾ داخل ٿئي ١٣ ورهيہ گذريا هئا، سياسي سڌن جي صحرا ذري گهٽ ٽڪائي ڇڏيو. عزت جي اڻ ڍاپندڙ اڃ ۽ طاقت جي حصول جي بک بدن بي حال ڪري ڇڏيو هو. مخالفت ۽ دشمنيءَ جي ڊوڙ طبيعت کي پريشان بنائي وڌو هو. مزاج امن پسند هئڻ ڪري ڪڏهن پور پوندا هئا تہ ڇو ناحق اچي هن سياسي مهاڄار ۾ پاڻ ڦاسايو هوم. عين انهيءَ وقت قسمت چڪي وڃي نينهن جو نشانو بنايو. هر ڪمزور کي نوشدارو جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. منهنجي ڪمزوريءَ کي ميخاني (محبت) جي

سرڪ يڪسر بدلائي ڇڏيو. هڪ نئي دنيا سان روشناس ٿي ويس. جنهن جي هرشيءِ جو رنگ ۽ ڍنگ نرالو. سياسي مقصدن جي عيوض محبوب مقصد بنجي پيو.

نئون نينهن لڳوس ڳري ۽ ڳالهيون ڪري

وارو عالم هو. انهن ڏينهن ۾ ويهي غور فڪر ڪرڻ بعد (پنهنجي نئي حالت بابت) ڪي ڳالهيون قلمبند ڪرڻ لڳس. انهن مان هڪ ۷ مئي ۱۹۳۴ع تي لکيم ان جو سرو "تنهنجي غلامي جا ڏينهن" هو ان جا ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو.

(اي محبوب) پنهنجي اظهار ڪرڻ جي ارادي سان نوماڻهن مان معشوق ذاري ملڪ ۾ پنهنجي محبت جو دام پکيڙيو. آءٌ جو شهر ڪاروبار جي گوشه ۾ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ مشغول هوس سو به ان دام محبت ڪان بچي نه سگهيس.

تنهنجي دام محبت ۾ ڦاسڻ بعد تنهنجي قرب مون کي وحشي سان ماڻهو بنائڻ شروع ڪيو. ان وقت آئون غلام هوس تون منهنجو سائين هئين. سچ ته تنهنجي غلاميءَ جو لطف پنهي جهانن جي بادشاهي ڪان وڌيڪ هو. تنهنجي دام محبت جو قيدي دنيا جي پئي هر دام ڪان آزاد ٿئي ٿو.

مون سان به اها حالت ٿي، پر سائين رکي نه سگهيس. تنهن ڪري دنيا جي غلامي ڪان تنهنجي کي ترجيح ڏنم.

درحقيقت تنهنجو مون کي غلامن جي لسٽ ۾ داخل ڪرڻ هڪ نعمت عظميٰ هو اهو درجو به ڪن خاص ماڻهن کي ملي ٿو.

'مومل ماري مير آهيڙين کي آڪري' (شاهه)

ها! اهي گهڙيون نه مزي جون هيون. جڏهن ڏينهن جا ڏينهن تنهنجي پاڪ حضور ۾ ويهي تنهنجي معشوق جون ڳالهيون تنهنجي اڳيان اچاريندو هوس. اهي ٻڌي تون خوش ٿيندي هئين. تنهنجي خوشيءَ سان مون کي خوشي نصيب ٿيندي هئي. مون کي خبر هئي ته:

تخت هزاري دا سائين جانب جوڳي ٿي آيا،
دليان لٿا وڻ دي ڪيتي چاڪ اقب جا لايا.

(خير محمد فقير)

مون خوشيءَ جا ميوا ڀڏا هئا، پڙهيا هئا پر عملي طرح سندن دنيا ۾ وڃي ان جو سواد نہ چکيو هو. تنهنجي صحبت مون کي خوشي ۽ رنج جي رازن کان واقف ڪيو.

ها! جڏهن تون پنهنجي معشوق جو اميد افزا احوال ٻڌي خوش ٿيندو هئين تہ تنهنجي مجلس پرلوز ۽ جلوه افگن ٿي اندر کي اجاري ڇڏيندي هئي. ان ۾ ابر باران وانگر مثل دلين کي جيارڻ جو تاثير سمايل هو.

اي منهنجا سائين، مون دنيا جي خشڪ بيابان ۾ رهي پاڻ کي پريم جي پاڻيءَ کان محروم بنائي نيم مرده ڪري ڇڏيو هو. منهنجي احساس جا جزائي مدهم پئجي ويا هئا.

اها تنهنجي حضور جي خوشي هئي جنهن منهنجي نيم مرده دل کي پريم جو پاڻي پياري نئون ساهہ وڌو. اها تنهنجي رخ انور جي تجلي هئي جنهن مون جهڙي ڪم همت ۽ ڊرپوڪ ماڻهوءَ کي بي انتها قوت ارادي بخشي با همت مردن جي قطار ۾ داخل ڪيو.

اهو تنهنجي دربار جو شان هو جنهن مون جهڙي اڻ گهڙيئي ڪاٺ کي تراشي مجلس ۾ رکڻ جهڙو مجسم بنايو. اهي سڀ تنهنجي خوشيءَ جا ثمر هئا.

تنهنجي ارمان ۽ افسوس جو ڪهڙو بيان ڪريان جڏهن تون پنهنجي بحر بي پايان جهڙين ڪوششن ۾ بار آور ۽ ڪامياب نہ ٿي ٿين تڏهن تنهنجي درد ۽ غم مان اها آتش پيدا ٿي ٿي جنهن

بقول خواجہ معين الدين اجميري.

صدر هزاران پرده بوده اندر ميان ما و دوست،
جملہ از يڪ شعلہ آه و فغان من بسوخت.

معنيٰ- لکها پردا منهنجي ۽ دوست جي وچ ۾ حائل هئا،
سڀ منهنجي دانهن جي باهه ساڙي ڇڏيا ٿي.

جو ڪم ٿي ڏنو. آءٌ ناچيز، عيبدار هوس منهنجي خامين جو ڪٿو نه هو. پر هي آتش سڀني خامين کي ساڙي ڪچ ڪڍڻ لاءِ ڪافي هئي. ان درجي جي آتش منهنجي خامين کي ميڻ وانگر رجائي ٿي ڇڏيو. قوي گمان هو ته اها آتش مون سان سڀ غير ڪيدي، وجي سچ ڇڏي ها پر جنهن صورت ۾ آءٌ سچو عيبن ۽ خامين سان پريل هوس ان ڪري اهو خوف دامنگير رهڻ لڳو ته متان صفا رجي ختم ٿي وڃان ۽ باقي بچان ئي ڪونه. سون تنهنجي پيروي ۾ ڪارا ڪپڙا ڪيا. جي ماتم جي نشاني هئا.

اي دوست، آئون پتنگ وانگر تنهنجي حسن جي تجلي تي سون ميلن جي مسافت طي ڪري يڪدم ڪراچي پهچي ويندو هوس.

اهو منهنجي عشق جو ابتدائي زمانو هو جنهن کي صغير پڻ جي نالي سان ياد ڪيو اٿم.

ان ۾ ڪا لالچ يا لوڀ، اميد ۽ آسرو سواءِ تنهنجي خدمت جي جذبه سمايل ڪونه هو.

انهي زماني ۾ (م) کان آيل هيٺيون خط به پيش ڪريان ٿو.

٦- مئي ١٩٣٣ع ڪراچي انگريزي مان ترجمو

ايک ہوک دل سے اٹھتی ہے اور درد جگر میں ہوتاہے،
ہم چپ کے چپ کے روتے ہیں جب سارا عالم سوتاہے.

پيارا پاءَ-

هي خط ساڳي ماٺهوءَ هٿ موڪليان ٿي، جنهن تنهنجو خط هو. آئون تنهنجي عمده خط جو ڪيترو ٿورو مڃان. ان خط منهنجي زخميل دل تي مرهم جو ڪم ڏنو.

اميد ته منهنجي ڳالهه دل تي اهڙي هنڊائيندين جهڙي طرح آءٌ تنهنجي خط جو قدر ڪريان ٿي.

آءٌ تنهنجي شڪرگذار آهيان جو تو سون بدنصيب جي ياد گيري ڪئي آهي. ائين نہ ٿئي جو منهنجي ڏک ڪري تون بہ ڏکوئجي پوبن.

تنهن ڪري سون کي وساري ڇڏ، توکي خبر نہ آهي تہ آءٌ تنهنجي خط جو قدر ڪريان ٿي.

تون ظاهري دنيا ۾ صرف هڪڙوئي دوست آهين جو منهنجو درد ڀريل دل جو احساس رکين ٿو.

پيارا ڀاءٌ - اهو ان ڪري آهي جو خدا سائين توکي حساس دل عطا ڪئي آهي. جا ٻي ٻي جي درد کي محسوس ڪري سگهي ٿي. خدا توتي مهربان ٿئي. آءٌ هاڻ اهڙي جاء تي وڃان ٿي جتي سون کي ڪوبہ ڏسي نہ سگهندو. ان ڪري جيئن آءٌ دوست جي راهہ ۾ رنڊڪ نہ ٿيان. هن جو وجود سون کان وڌيڪ ڪارآمد آهي.

جيڪڏهن آءٌ مري وڃان تہ منهنجي قبر تي گلاب جو وڻ پوکي ڇڏج. چاڪاڻ تہ جڏهن آءٌ دکي ٿيان ٿي يا هن جو خيال ڪريان ٿي تہ سون کي گلاب جي خوشبوء اچي ٿي. ان کان پوء دل کي سڪون اچي ٿو، ۽ هو سون کي ملي ٿو. اهو خيال تصور نہ آهي، بلڪ حقيقت آهي. رات بہ ساڳي حالت گذري. مهرباني ڪري منهن جي لاءِ دعا نہ گهر سون کي حال تي ڇڏي ڏي. هن لاءِ دعا گهر آءٌ بہ هن لاءِ دعا گهران ٿي. تہ هن دنيا ۾ جيڪي بہ سک ملي سو هن کي ملي. سون سندس لاءِ خوشي ڪانہ آندي آهي.

منهنجي غم جي قرة العين جو هي شعر ترجماني ڪندو.

آءٌ ۲۸ مئي ڏاري ممڪن آهي ڪراچيءَ موٽي اچان ورنہ خدا حافظ، سون تي ڏک ايترو اثر ڪيو آهي جو ملڪ ڇڏڻ بهتر سمجهان ٿي. خدا توتي راضي ٿئي ۽ خوش رکي مهرباني ڪري تون هن جي نظرداري ڪج. مرد سگهوئي وساري ڇڏين ٿا. جڏهن تون هن سان ڳالهائين يا هن جي خوبصورت اکين ۾ نهارين تہ منهنجو ياد گيرو ڪج.

منهنجا خدا رسيده ڀاءُ - تون اعليٰ انسان آهين. جيئن تو کي مهجور تي ان کان گهڻو وڏو آهين. دنيا ۾ هن کان سواءِ تنهنجو مٽ نه آهي. خدا توتي رحمت ڪري.

وڏيڪ لکي نٿي سگهان دل ويهي وڃي ٿي. دل جون نبضون ٽٽي رهيون آهن. جلد ڪراچي نه اچڄ جو آءٌ ٻاهر هونديس خدا سندس ۽ تنهنجو نگهبان رهي. خدا حافظ وناصر، تنهنجي شڪرگذار (م)

قرت العين جو شعر

خيز و بيار ساقيا، باده بده سبوسبو،
جام و صراحي و قدح آربدون گفتگو.
يار عزيز مهوشم مست همينم آرزو،
گربتو افتدم نظر ديده بديده روبرو.
شرح دهم غم تورا نکته به نکته هوبهو
ازسر زلفت اي صنم، دام بيادنهاده ام،
وزلب لعل دلڪشا همدم جام باده ام،
بهرطلب نمودنت چشم زسرکشاده ام،
از پئي ديدن رخت همچو صبا فتاده ام،
خانه بخانه دربدر کوچه بکوچه کوبکو.
بهرجمال اقدست دل زجهان بريده ام،
شب زفراق تا سحر ناله بسي کشيده ام،
رحم بکن بحال من بين چه رنج ديده ام،
ميرودا زفراق تو خون زدو ديده ام،
دجله به دجله يم بيم چشمه بچشمه جو بجو.
عشق تو گشته جلوه گربردل وجان عاشقان،
شب به شب همي کنم گريه وناله وافغان،
از تو چگونه بگذرد اين تن زار ناتوان،
مهر تو در دل حزين يافته درقماش جان،
رشته به رشته نخ بنخ تار بتار و پو بپو.

قلب حزين ناتوان راتو بده مئي صفا،
هست حلال عاشقت ظاهر و فاش و برملا،
يار عزيز مهربان سهل بود مكن جفا،
درد دل خويش ظاهره، گشت نديد جز ترا،
صفحہ بصفحہ لا بـلا پرده بپرده تو بتو" *

مون کي مجاز ان طرح ڏکائي ڏني جنهن ۾ جنسي خواهش کي ڪوبہ دخل نہ هو. پين جي درد دکن ڪري آءٌ ان رنگ ۾ آهستہ ٿي رنگبو ويس. ابتدا ۾ خبر نہ هئي تہ انهي مڪتب عشق ۾ خوشي ۽ غم جا سبق ڪهڙي طرح مونکي حاصل ٿيندا رهيا . ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ منهنجي دل اڳئي ان سبقن سکڻ جي مشتاق هئي رڳو ڪنهن طرف کان آگ لڳڻ جي ضرورت هئي.

انهي مسئلي تي زياده روشني وجهڻ کان اڳ ساڳي عورت جو پيو خط هيٺ ڏيان ٿو.

......

٢٦- جون ١٩٣٣ع   ڪراچي   انگريزيءَ مان ترجمو

منهنجا عزيز ترين پاءُ -

آءٌ چا لکي پڏايانءِ تہ منهنجي سر تان ڇا ڇا نہ گذري رهيو آهي هڪ مصيبت مٿان ٻي نازل ٿي رهي آهي، مون کي ماڻهو اڻ ڄاڻائي کان هن بابت خبرون پڌائي رهيا آهن جي ڳالهيون مون کي هن جي اخلاق جو پيو رخ ڏيکاري مون کي ڏکيو ڪن ٿيون.

منهنجا پاءُ - هاڻ آءٌ محسوس ڪري رهي آهيان تہ هي مون سان سچو نہ آهي جڏهن هو پنهنجي درد جو ذڪر ڪري ٿو يا تون ڪيس عشق جا شعر پڙهي پڌائين ٿو تہ هي ان وقت ڪنهن ٻي بابت سوچي رهيو آهي.

تون ۽ آءٌ بي عقل ٿي سمجهون ٿا تہ هي وفادار آهي.

هاڻ جڏهن منهنجي دل مان آخري اميد ختم ٿي رهي آهي،

---

* فارسي بيتن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهي.

ته آءٌ مرڻ گهران ٿي، صرف تنهنجي اچڻ تائين ترسيل آهيان. تون سمجهي سگهين ٿو ته ڪهڙي نه بي‌صبري سان تنهنجي اچڻ جي انتظار ۾ هونديس. توکي پتو نه آهي ته، مون هر گاڏي تي تنهنجي خبر لهڻ لاءِ ماڻهو موڪليو آهي ۽ وڏي درد دل ۽ انتظار ۾ ترسي پيئي آهيان. ته ”تون ڪڏهن ٿو اچين.“

جڏهن پتو پوي ٿو ته تون اچا ڪونه آيو آهين ته نااميدي گهيريو وجي ٿي. چاڪاڻ ته دنيا ۾ تون اڪيلو شخص آهين جو منهن جي درد دل جي گهراين کان واقف آهين پيا ته منهنجي حالت تي ڪلي ٽوڪون ڪن ٿا، چاڪاڻ ته اهي درد دل نٿا رکن.

مون کي وچ واري ماڻهوءَ کان پتو پيو آهي ته هن جي بي التفاتي جو ڪارڻ بي ڪنهن سان تعلقات آهي.

مهرباني ڪري يڪدم اچ ته ڪجهه وقت توسان گڏ گذاري هن حالت مان ٻاهر نڪري سگهان. دل جا حال ٻه اوري سگهان. چاڪاڻ ته دل گهڻو مضطرب اٿم. مهرباني ڪري هن کي نه ٻڌائج ته توکي هن راز جو پتو آهي. ممڪن آهي هن کي اها ڳالهه ٻڌي ارمان ٿئي، جو آءٌ نٿي چاهيان ته هن کي پتو پوي. جيڪڏهين منهنجي خبر غلط آهي ته يا اندازو صحيح نه آهي خدا مون کي معاف ڪري پر جيڪڏهن هو بي ڪنهن سان خوش آهي ته پلي خوش رهي.

چاڪاڻ ته هن جي خوشي منهنجو مقصد آهي. پوءِ ڪٿي ان جي نتيجي ۾ آءٌ مري وڃان. آءٌ هن تان خوشيءَ سان صدقي ٿيڻ گهران ٿي. ممڪن آهي منهنجي قرباني هن جي تڪليفن ۽ مصيبتن کي گهٽائي. ڪنهن جي بيماريءَ وقت ماڻهو قرباني ڪندا آهن ته هو چڱو پلو ٿئي.

مون جهڙي انسان جي قرباني وڏي اهميت واري ٿيندي ممڪن آهي ان ڪري هن جون سڀ مصيبتون دور ٿي وڃن ۽ هو خوشيءَ سان زندگي گذاري. لطف ان ۾ ٿيندو ته هن کي پتو پوندو ته جا عورت هن لاءِ قربان ٿي تنهن شڪايت نه ڪئي ۽ سدائين هن لاءِ

دعا گهرندي ۽ پيار ڪندي رهي. اهڙي شدت سان جهڙي منصور خدا جي راه، ۾ ڏيکاري هئي يا مجنون ليلا لاءِ ڏيکاري هئي.

آءٌ تـوکي هـي ساري حقيقت لکي رهي آهيان جو مون کي پتو آهـي ته تـون دل ۾ سمجهه رکين ٿـو ۽ غلط فهمي جـو شڪار نه ٿيندين.

آءٌ ان لاءِ نه لکي رهي آهيان ته تون هن وٽ منهنجو نقطه نگاه پيش ڪر. يا منهنجي درد دور ڪرڻ ۾ مددگار ٿي. ان جي ضرورت نه آهي. جو درد خدا مون کي ڏنو آهي ان تي راضي آهيان. ان راه ۾ جيڪي به ڏک ڏاکڙا مون تي ايندا تن کي خوشيءَ سان برداشت ڪندي يس.

آءٌ تنهنجي اچڻ جو انتظار ان لاءِ ڪري رهي آهيان جو منهنجي درد جو بار ايڏو وڏو ٿي ويو آهي جو برداشت ڪرڻ کان مٿي آهي. ممڪن آهـي، تنهنجي همدرد صحبت ۾ ان کـي ورهائـي ونـدي سگهان. تنهنجي همدردي، تنهنجي فراخدلي، تنهنجي انسانيت اميد اٿم ته منهنجو سهارو بنجي سگهندي.

آءٌ ان غرور ۾ هيس ته هو مون کـي پيار ڪري ٿو. جڏهن به مونسان هو سخت رويي سان هلندو هو ته سمجهندي هيس ته هو اها منهنجي چڱائي لاءِ ڪري ٿو. پر هاڻ حقيقتن کلڻ بعد سمجهڻ لڳي آهيان ته اهو صحيح نه آهي. ان جو احساس مونکي زخمي ڪري وڌو آهي ۽ طاقت نڪري ويئي اٿم.

هاڻ سمجهان ٿي ته مون زندگي صرف ٻين جـي راحت لاءِ گذاري ٿي.

پيارا ياءٌ ــ مون کي ڪا به روشني نظر نٿي اچي نه ڪا خوشي رهي اٿم. خود هن جي ڏسڻ کانپوءِ به خوشي محسوس نٿي ڪريان. چاڪاڻ ته آءٌ سمجهان ٿي ته هي منهنجو نه آهي، ۽ انڪري مونکي ڪو به حق نه آهي ته هن جي نزديڪ رهان. انڪري ڪوشش ڪريان پيئي ته پنهنجا احساس لڪل رکان. جيڪڏهـن هـو منهنجو نه آهي

ته هن دنيا ۾ پيو منهنجو ڪوبہ نہ آهي. هاڻ آءٌ چور چور ٿي پيئي آهيان. باوجود ان جي رات ڏينهن ۾ ان کي وساري نٿي سگهان. هن جو پيار اندر ۾ ويهي ويو آهي. ايتري قدر جو جنهن زمين تان هي گذري ٿو انکي بہ پوڄان ٿي.

آءٌ هن جي اکين ڏي نگاهہ نٿي ڪري سگهان ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڪيس پنهنجي بربادي، درد ۽ نااميدي جو احساس ڏيارڻ نٿي گهران.

ازانسواءِ آءٌ ذرا بہ ان جي همدردي جا ڳاٹڻ نٿي گهران نہ وري منجهس اهو احساس جاڳائڻ گهران ٿي تہ منهنجي هن ساري ماجرا جو ڪارڻ هو ئي آهي. مونکي درد هن نہ ڏنو آهي، اها منهنجي قسمت آهي، خدا مونکي دنيا ۾ آڻي بهشت جي خوشين سان مانوس ڪرايو. هاڻ مون کي دوزخ جي طرف جو سير ڪرائي ٿو.

شڪر خدا جو پتو پوڻ لڳو اٿم تہ هن جي محبت عارضي نشو هو. دائمي ۽ سچي محبت نہ هئي.

هاڻ آءٌ خاموشيءَ ۾ ويهي جيڪي گذريو آهي، هن جيڪي مون لاءِ چيو هو ۽ جيڪا محبت ڏيکاري هئي ان تي غور ڪري تصوير جا ٻئي رخ معلوم ڪري سگهان ٿي خدا پناهہ ۾ رکيس آءٌ ڪڪ پن وانگر ڇڻ بعد سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺي آهيان. باوجود ان جي آءٌ هن دنيا ۽ ٻي دنيا ۾ هن لاءِ دعا گهرندي رهنديس.

(جنهن مونکي محبت جهڙي لازوال شي سان واقفيت ڪرائي).

مٿين خبر مون کي ٢٠ جون تي پيئي جا ٿي سال اڳ ساڳي تاريخ اسان جي نزديڪ ٿيڻ جي هئي. مون کي ڪهڙي خبر تہ ساڳي ڏينهن ٽن سالن کانپوءِ ساڳي تڪري هيٺان آءٌ پيئي رت جا ڳوڙها هاريندس.

پيارا پاءُ – منهنجي ڪري تون غمگين نہ ٿج خدا هي سڀ اسان کي پاڻ ڏي نزديڪ ڪرڻ لاءِ ڏيکاري ٿو. جي خدا نزديڪ ٿيو تہ پوءِ ٻي ڪهڙي پرواهہ رهندي.

پيارا پاءُ – مون تي گهڻو گذريو آهي پر هي آخري وار هو.

پيارا پاءُ – تون غور ڪر تہ اها ڳالهہ ڪيتري قدر مون لاءِ

افسوسناڪ آهي جو هن جي ذهن ۾ خيال ڪانسواءِ هڪ پل به سهي نہ ٿي سگهان. جو باوجود جيڪي ٿي گذريو آهي هڪ سيڪنڊ لاءِ به هن کي دل کان ٻاهر ڪڍي نٿي سگهان.

پيارا پاءُ – مون کي يقين آهي تہ تون اڪيلو ماڻهو آهين جو منهنجي قبر تي ايندين پر بهتر ٿيندو جيڪڏهن بعضي ان کي به منهنجي قبر تي آڻين.

اها پرواه نہ آهي جو هو مونسان محبت نٿو ڪري پر هن جو منهنجي قبر مٿان هٿ ڦيرڻ مونکي سڪون جي ننڊ ڏيندو.

پيارا پاءُ – منهن جي ٻارن جي سنڀال ڪج، هن جي سنڀال ڪج، منهن جي والده کي ڪڏهن ڪڏهن ملندو ڪج، اها توکي پنهنجي پٽ وانگر پيار ڪندي جڏهن کيس خبر پوندي تہ سندس ڌي توکي پاءُ وانگر پائيندي هئي. خدا حافظ.

هو پلي سون لاءِ حقارت آميز طريقا استعمال ڪري، پر هاڻ سڀ ختم ٿي چڪو آهي. ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي، سڀ ڳالهہ مرده تاريڪ ۾ اڪيلي رهجي ويئي آهي. صرف هڪ ڳالهہ رهي آهي تہ آءٌ کيس پيار ڪريان ٿي، پوڄان ٿي، هو منهن جي لاءِ پاڪ ۽ روحاني آهي.

هو منهن جي گهر نہ ايندو. ماني نہ کائيندو، هو سمجهي ٿو تہ ان طرح سان مونکي ڏکوئي سگهي ٿو. ماڻهو پلي کيس مون کان پري رکن پر هو منهن جو معبود آهي.

جيڪڏهن هو منهن جي گهر نٿو اچي تہ اهو ڏوهہ گهر جو آهي نہ هن جو، معبود عابد جي گهران لاءِ نٿو اچي تہ مٿان ان ڪري هن جي گهٽتائي ٿئي ۽ هو نجس جاءِ تي اچڻ ڪري پليت ٿي پوي جيتوڻيڪ معبود پليت ٿي نٿو سگهي.

خدا مهربان آهي انهن تي جن کي پسند ڪري ٿو. شايد مون کو ڏوهہ ڪيو آهي جو سندس عام خواص واري مهر بہ مون تي نہ ٿي پوي.

تون نہ ايندين تہ مري ويندس، پر تڪليف نہ وٺ آءٌ انجي لائق نہ آهيان. اها هندو ڇوڪري سندس لاءِ سون وانگر پل سهارو ٿئي، اميد تہ هو سندس ڇڪ جلد ئي محسوس ڪندو جڏهن آءٌ هن جهان ۾ نہ هونديس.

ليڪن بعد از وقت پڇتاءَ ڪتب نہ ايندس.

خدا مون کي معاف ڪري جيڪڏهن آءٌ هن کي پوري طرح سمجهي نہ سگهي هجان، ۽ غلط نموني مٿس بهتان رکان ٿي.

آءٌ هاڻ خط بند ڪريان ٿي جو ڊاڪٽر چوي ٿو تہ دانهن نہ ڪر. آخر ڪيترو وقت اهڙي حالت ۾ جٽا ڪري سگهنديس.

آءٌ هن لاءِ ۽ تو لاءِ دعا گهران ٿي.

تنهن جي دلشڪستہ پيڻ (م)

نوٽ - جيڪڏهن توکي آخري ڏينهن ۾ ڏسي مرنديس تہ منهن جي روح کي راحت ملندي. منهن جي هڪ پيڻ ملائڪ آهي اها تنهن جي پيڻ ٿي رهندي" مون تي چا ﺑہ گذري تہ مون لاءِ ارمان نہ ڪج جو ان ۾ ﺑہ چڱائي هوندي. جيڪڏهن اچين تہ تار ڪج، مون کي تنهن جي ضرورت آهي. تنهن جي ڏسڻ تائين زنده رهنديس. آءٌ دلشڪستہ ٿي چڪي آهيان تون ڏ ڍ ڏئي سگهين ٿو ۽ همدردي ڪري سگهين ٿو.

توکي ملڻ بعد پتو پئجي سگهندو تہ زندگيءَ جو ڪو سهارو رهيو آدي يا نہ. هي خط سانڍي رکج جڏهن گذاري وڃان تہ هن کي ڏيکارج تہ ڪو ماڻهو سندس غم ۾ گذاري ويو آهي.

(م)

هن خط پهچڻ بعد ڪراچيءَ ۾ وڃي ڪيس سهارو ڏئي غمن جو پائيوار ٿي مٿانس بار جهڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم.

انسان جيتوڻيڪ نرم دل آهي تہ ﺑہ ڪڏهن ڪيڏا ﺑہ ڏک ڏاکڙا برداشت ڪيو وڃي. ان خط ۾ سندس دکن مون تي ساڳي حالت طاري ڪئي جا هن تي هئي.

اڇو سورن واريون ڪريون سورن جي پچار،
ڪن گهٽا ڪن ٿورا ڪانهي سورن ڏار،
ڏنا جي ڏاتار سي مون جهولي پائي جهليا.

ان حالت کان متاثر ٿي مون پنهنجي حالت هيٺين طرح قلمبند ڪئي.

فراق جون گهڙيون

دوست، جڏهن تو مونکان منهن موڙيو تڏهن کان وٺي منهنجي اکين تي اونده جا پردا چڙهي ويا آهن، ويهان ته ويهي نٿو سگهان. هلان ته اونده اندوڪار ۾ ڪرڻ، پڌڻ ۽ ڏڪ کائڻ جو امڪان آهي. منهنجي حالت هڪ آتش فشان پهاڙ مثل آهي جو رات ڏينهن پيو ٻري هڪ هڪ گهڙي قيامت آهي. سڄو ڏينهن دنيا جا ڌنڌا ڪريان هلان چلان پر هٿ ڪار ۾ دل يار ڏي. اکيان ڏينهن ياد ڪريو اڇيو اڏمان جاڳن پانيان ته ساڳيا ڏينهن موٽايان ۽ پڙهيل سبق ازسرنو تازه ڪريان پر شرم ۽ غيرت ان کان باز رکيو اچي. بيشڪ تنهنجي غلامي جا ڏينهن مسرت بخش هئا. ان وقت آءٌ هوس ٿي ڪونه رکو تون هئين، ۽ وري جڏهن تو پنهنجي حضور ۾ وصال ڪرايو تڏهن ته واقعي جنت‌الفردوس ۾ ٿي پاڻ کي پانيم. پر تنهنجي سخاوت بيٺي ڪانه، وٺين وڏيڪ مهربانيون ڪندو. هاڻ تو مون کي بالغ سمجهي آزادي ڏني آهي. ڊڪ دوڙ کان ڇڏائي آزاد ڪرڻ گهرين ٿو. تون بي پرواه ۽ بي نياز آهين. تون چاهين ته مون ۾ به اهي صفتون پيدا ٿين. پر اي دوست توکي خبر آهي ته هن وقت تائين تنهنجو وصال منهنجي قوت هو. ديدار زندگي بخش هو، سو اٿين اوچتو آزاد ڪرڻ تي سمجهين ٿو ته نتيجو ڇا نڪريو هوندو.

پڌ ته پڏايانءِ. آءٌ ماهي بي‌آب، مثل بنجي پيو آهيان. ظاهر جي ڊڪ دوڙ ۽ غلاميءَ کان ڇڏائي سو سچ آهي پر اندر جي آنڌ مانڌ ڪيئن لهي. اندر ڪورو ڪامي رهيو آهي. جنهن بي آرامي پيدا ڪري ڇڏي آهي. اڳي ڊڪ دوڙ ۾ وندريو ويٺو هوس، اندر جي طرف ڌيان ڪونه هوم هاڻ گهڙي وندر ڪريان. تنهنجو فراق وندر آهي. پر

باه سان کيڏنڻ سولو ڪم نہ آهي. هاڻ تون چئين ٿو تہ آزاد ٿو ڪريم، پر خبر اٿئي تہ اها آزادي بي ڪاري مثل آهي. اڳي وصال قوت هوم جا فراق ڪڍي ڇڏي آهي. شايد تنهنجو مقصد آهي تہ آءٌ بہ تو وانگر بي پرواهہ ۽ بي نياز ٿيان، پر تون لور آهين آءٌ خاڪ آهيان.

چہ نسبت خاک را باعالم پاک

انهي مشڪل منهنجي حالت نازڪ ڪري ڇڏي آهي. منهنجي خيال جي ڪشتي اڄ ڪلهہ بي پايان جي وچ ۾ باد مخالف ۽ رات اونداهي ۾ گهيريل آهي. ناخوه اميد ڪيس هٿان نٽو ڇڏي پر نااميديءَ جون نهرون وڃن مٿس غالب پونديون.

هاڻ رهبر راه ۾ رسج منهنجو حال ڪونہ اٿئي. خيال ڪريو ڪريو ننڊ اچيو وڃي ان ۾ ڪنهن وقت تو کي ملان ۽ ملاقات ڪريان ٿو پر تون بہ ڪو عجيب بهہ روپي آهين. ڪڏهن اپرين سنهڙو ڪڏهن اپرين ڳچ. ڪڏهن اڇو ڪڏهن ڪارو. ڪڏهن خوش ڪڏهن رنج، ڪڏهن ظاهر ڪڏهن غائب. منهنجي سمجهہ ۾ اهڙي تميز ڪٿي جو هرحال ۾ تو کي سڃاڻي سگهان. اهي روپ بہ جيڪڏهن هڪ عالم ۾ رهي ڪرين تہ چڱو پر جڏهن سمجهين ٿو تہ ناسوت جي سيني روپن ۾ سڃاڻجي بوندين ٿي ڏيو وڃيو ملڪوت ۾ پهچين ۽ آءٌ پيو ناسوت ۾ رلان. جڏهن نااميديءَ جي درياه ۾ ٻڏڻ کي ويجهو ٿيان ٿو تہ تنهنجي اميد جو ناخوه اچيو تاري پري ڪان ملڪوت ۾ ديدار ڪرائي. پوءِ پانيان تہ موز وٽ سدائين هوندين پر وريو گم ٿيو وڃين

آيل سپنورد، سيني ڪام وسهي،
ستي هنڙا گڏ، جان جاڳان تہ ناهہ پرين. (شاه ڪريم)

وري وڃيو عالم خيال ۾ لڪين اهو ملڪ دل جو سوڪرو آهي جنهن جو عرش ۽ زمين ٿي آسڻ آهن. تنهن جي سوز جي پکن سان پانيان تہ اڏامي دنيا جي سيني ڪندن ۾ تو کي ڳولي لهان تہ غيبن جا بار ٽڪائي ڪيرايو ڇڏين.

جبل ڇا سان ٽاڪيان ڪوڏر نہ ڪاتي،
هڪ فـوج فراق جي ٻي پيرين پيادي،
جيڪو جبل لنگهيان سو آهي هيبت جو هاٿي،
حق ميلين هادي، ناحق گهوري ناهيان.

هاڻ تو ڪان سواءِ اڇي پو يون پساه ٿيو آهي. دروازي جو کڙڪو، موٽر جو هارن، ٽرام جو آواز، ماڻهن جو ڳالهائڻ، پير جو کڙڪو سڀ مونتي کلي رهيا آهن. "پيريءَ ۾ پيئي اکيون تو ڏي کڻان." جڏهن مٿين آوازن مان ڪو آواز ٻڌان ٿو تہ پانيان ٿو تہ تون آئين، پر:

اڇي عزرائيل ستي جاڳائي سسئي،
ٿي ڊوڙائي دليل تہ پنهون ماڻهو موڪليو.

ايترن اوسيڙن ۽ الڪن بعد بہ نٿو اچين يا نياپو نٿو اچي تہ:

ایک ہوک دل سے اٹھتی ہے اور درد جگر میں ہوتا ہے،
ہم چپکے چپکے روتے ہیں جب سارا عالم سوتا ہے.

۵-۵-۳۴

اهو مجاز جو ابتدائي دور يا صغيرپڻ هو. جنهن مان خدمت، وصال جي خوشيءَ ۽ فراق جي غم جا تجربا پرايم.

وصال جي خوشي زندگيءَ ۾ سرور ۽ لگن پيدا ڪئي. لطف آميز ۽ خوش ڪن يادگيرين جو هنبار ڪئو ڪيو جنهن حياتيءَ ۾ يڪدلي ۽ مقصد پيدا ڪيا. فراق جي غم مان سوز، تانگهہ ۽ اولي العزمي پيدا ٿيا. جن زندگيءَ ۾ ورونهن، ڪيف، مستي، جوش و خروش، بي خوفي ۽ يقين ڪامل پيدا ڪيو.

خدمت جي جذبي مون ۾ سيمابي طبيعت، فرمانبرداري جي عادت ۽ بي‌طمعي پيدا ڪيا. عشق مجازي جي انهي مرحلي تي مونکي ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿيون جن جي اڳي ڄاڻ نہ هئي مثلاً، سوز ۽ گداز مون ۾ اها ڪيفيت پيدا ڪئي جنهن جي ترجماني حافظ شيرازي جي هيٺيان مصرع ٿي ڪري سگهن ٿا.

شب از مطرب کہ دل خوش باروي را،
شنيدم نالۂ جان سوزنے را،
چنان در جان من سوزش اثر کرد،
کہ بي رقت نہ ديدم هيچ شي را.

معنيٰ- ”رات آواز جي سردار کان خدا شل ان جي دل خوش رکي. نڙ جي درد پيدا ڪندڙ دانهن ٻڌم، انهيءَ دانهن منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو اثر پيدا ڪيو جو دنيا ۾ ڪنهن بہ شيءَ کي سوز کان خالي نہ ڏٺم.“

خوشيءَ اها حالت پيدا ڪئي هئي جو بهشت ۾ مس ملي سگهي. ان جي ترجماني بہ لسان‌الغيب حافظ شيرازي جي حوالي ٿو ڇڏيان.

مستي بچشم شاهد دلبند ما خوش است،
زانرو سپر ده اندبہ مستي زمام ما.

معنيٰ- ”مستي منهنجي محبوب جي نظر ۾ پسنديده آهي، ان ڪري منهنجي زندگيءَ کي مستي جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿس.“

عشق مجازي جي هن مرحلي تي سياسي زندگي ۾ پيدا ٿيل طمع جا سڀ وسيلا سڙي پسم ٿي ويا. قرباني جو ماده ۽ پراپڪاري جو جذبو پيدا ٿيو.

عشق مجازي مون ۾ اها همت ۽ مستقل مزاجي پيدا ڪئي جو فرهاد وانگر جبل ڏارڻ جي تمنا پيدا ٿي.

عشق مزاجي مونکي اهو نشو ميسر ڪري ڏنو جو بقول حافظ شيرازي:

مست مي بيدار گردد نيم سب،
مست ساقي روز محشر بامداد.

معنيٰ- ”دنياوي شراب جو نشو اڌ رات کان پوءِ لهي وڃي ٿو پر ساقي ازل جو پياريل نشو روزمحشر تائين قائم رهڻ وارو آهي.

عشق مجازي مونکي يڪدلي ۽ يڪجهتي جي نعمت سان مالامال ڪيو ان ڪري ڪثرت کان پاسي ٿي وحدت طرف رجوع ٿيس.

حديث — العشق ناراً يحرق ماسويٰ لمحبوب

يعني- ”عشق اها باهہ آهي جا محبوب کانسواءِ بي هر خيال کي ساڙي ڇڏي ٿي.“

عشق مجازي مان مونکي صاف گوئي ۽ مستقل مزاجي مان زندگي جي هر مسئلي ۾ ڪم ڪرڻ جي عادت پيدا ٿي. ۽ نقصان جي نتيجي جو خوف ۽ خطرو گهٽجي ويو.

مطلب تہ بقول شاعر:

عشق سيڪاريون نيون نيون ڳالهيون سلڻ نہ جهڙيون

مون اندر اجارڻ لاءِ روزا رکڻ، ذڪر ڪرڻ، پرهيزگاري، تقويٰ، نمازن، وظيفن وغيره جا سڀ طريقا آزمايا هئا پر ڪجهہ نہ ٿيو. عشق جي هڪ ڌڪ لهار جي ڌڪ وانگر سارا معاملا درست ڪري ڇڏيا.

عشق کے ایک جست نے کیا قصا تمام،
جس زمین و آسماں کو بیکراں سمجھا تھا میں.

عبادت، علم ۽ عمل جي زندگي بہ پنهنجو مٽ پاڻ هيون پر اهي سڀ عشق کانسواءِ بي معنيٰ ۽ مطلب رهجي وڃن ها. عشق ان کي بامعنيٰ ۽ بامقصد بنايو.

عبادت جيڪذهن سڪون ۽ دل جمعي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ علم کري ۽ کوٽي جي تميز پيدا ڪرائي ۽ عمل زندگي ۾ تحرڪ پيدا ڪيو ليڪن عشق مجازي انهي ۾ هم آهنگي، يڪجهتي پيدا ڪري منزل مقصد طرف هلڻ جي جرئت پيدا ڪئي.

عشق مزاجي مون جهڙي ڪمزور ۽ سياسي صحرا جي ٿڪل ماٺهوءَ کي نوشدارو پياريو. ان اها غيبي طاقت پيدا ڪئي جنهن سالن جي مسافت کي منٽن ۾ ڪرايو ٿي.

انهي ذريعہ زمان ۽ مڪان جا سنڌا سيڙها مٽجي ويا. فراق جون راتيون هزار ورهين جي برابر هيون تہ وصال جي رات ١٢ ڪلاڪن مان گهٽجي وڃي منٽن تي ٿي بيٺي.

عبادت مونکي خودي بخشي ۽ عشق بي خودي عطا ڪئي.

علم مونکي شڪ ۽ شبهن جي دنيا سان واقف ڪيو.

عشق انهن کي بدلائي يقين محڪم مان رڱي ڇڏيو.

عمل سون پر تگ ودو پيدا ڪئي، عشق انهي بيجا ڪارڪردگي کي سڌي راهہ ۽ رستو ڏيکاريو. مطلب تہ:

عشق سون کي عارضي شين جي محبت کان ٻاهر ڪڍي دائميت ڏي هلايو.

عشق سنهن جي ڌاسي کي سون ڪيو.

عشق مونکي اگهاڙپ سان ڍڪڻ ۽ ڍڪيل کي اگهاڙو ڏيڻ جي راز کان واقف ڪيو.

عشق بيڪار دنياوي لاڳاپن کان مستغني ڪري حقيقي لاڳاپي سان واقف ڪرايو.

عشق اها تمنا ڏياري جنهن ڪري وزارت، عزت، اقتدار ۽ مال ملڪيت جا قندا سون تان لهي ويا. اها عشق جي نعمت هئي جنهن بقول حافظ شيرازي:

چو بي خود گشت حافظ کي مشمارد، بيک جو سملکت کائوس کي را

معنيٰ- "جڏهن حافظ بي خود ٿئي ٿو، ڪيڪائوس جي شهنشاهي کي جو برابر بہ نٿو سمجهي" جي حالت تي آندو.

اها عشق جي ذات هئي جنهن مونکي اسلام جي صحيح معنيٰ کان واقف ڪيو.

"عشق سارو اسلام مذهب محبت عين مبارڪ"

عشق مونکي حب الوطني جي ترقي يافتہ مقام سان روشناس ڪرايو.

عشق اهي ڳالهيون سيکاريون جي نہ ذڪر، نہ علم نہ فڪر سيکاريون هيون.

محبت اتفاقاً آئي پر گهر ڪري ويئي. انهن مختلف شين جا قدر ۽ قيمتون بدلي ڇڏيا. ان رنديءَ جي راز کان واقف ڪيو.

عشق مونکي احد ۽ احمد جي وچ واري م جو مطلب سمجهايو.

عشق مونکي علي عليہ جي دروازي جي واقفيت ڪرائي.

عشق مونکي عيسيٰ عليہ جي صليبي عروج جي منزل کان متعارف ڪيو.

عشق مونکي شهادت حسين جي راز کان واقف ڪيو.

عشق مونکي منصور جي مام مان آگاھ ڪيو.
عشق مونکي شمس تبريز جي در جي ساڄاھ بخشي.
عشق مونکي خواجہ عطار ڙاري سر حقيقت جي خبر ڏني.
عشق مونکي ڪرشن جي مرلي جو آواز ڪنن تائين پهچايو.
عشق مونکي سرمد جي شهادت ۽ راسگوئي جي معنيٰ کان آگاھ ڪيو.
عشق مونکي شري رام جي بنواس اختيار ڪرڻ جي راز کان واقف ڪيو.
عشق مونکي شاھ بلاول عليہ جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ ڪري سنڌ جي دشمنن جي پاڙن پٽجڻ جو پتو ڏياريو.
عشق مونکي شاھ عنايت جي ڪلمہ حق ۽ يار جي راھ ۾ سر فدا ڪرڻ ۽ بارگران لاهڻ کان واقف ڪرايو.
عشق منهنجي سياست جو دائرہ وسيع ڪري سنڌ جي رهاڪن لاءِ بنا فرق مذهب ۽ ملت جي محبت پيدا ڪرائي.
عشق مونکي راتيون جاڳارايون. اکين آب وهارايو ۽ ساري جهان جو درد عطا ڪيو.
عشق مونکي سنڌ جي پنجن هزارن ورهين جي شاندار ماضي سان روشناس ڪرايو.
عشق مونکي عبادت ۾ تسڪين ڏياري.
عشق منهنجي علم ۾ رهبري ڪئي.
عشق مونکي عمل ۾ بي راھ روي کان هٽائي دڳ سان لايو.
عشق مونکي بت پرستي ۾ راحت بخشي.
عشق مون کان بت شڪني جا ڪم ڪرايا.
عشق مونکي مذهبي سنڌن سيڙهن کان مٿي چاڙهي ڪثرت ۾ وحدت جي پرک ڏياري.
عشق مون مان بي ايماني ڪڍي ايمان کي تازو ڪيو.
عشق مونکي هرجا پرين جو پرتو ڏيکاريو.
عشق مونکي سکن هوندي ڏکن کي کولي لهڻ لاءِ آمادہ ڪيو.

عشق مونکي شاه لطيف جي ڪلام جي معنيٰ ۽ مفهوم جي ساڃاه ڏني.

عشق مونکي سچل جي مستي جي سام ۽ منصوري نعري جي ڪجهه ڪان واقف ڪيو.

عشق مونکي مثنوي مولانا روم، حافظ شيرازي، حضرت جامي جي ڪلام سمجهڻ لاءِ ڪنجي عطا ڪئي.

عشق مون کي غلاميءَ ۾ لطف رسايو.

عشق مون ۾ آزاديءَ لاءِ تڙپ پيدا ڪئي.

عشق مون کي اها واقفيت عطا ڪئي ته عشق هر ڪنهن جي نجري ۾ ڪونه ٿو اچي، صرف خوش نصيبن کي ان مان نجرو ملي ٿو.

"مومل ماري مير آهيڙين کي آڪري" (شاه)

......

نگاه عشق دل زنده کی تلاش میں ہے،
شکار مرده سزاوار شاهباز نہیں. (اقبال)

مطلب ته:

شاد باد اي عشق خوش سوداي ما،
اي طبيب جمله علتهاي ما،
اي دواي نخوت و ناموس ما،
اي تو افلاطون و جالينوس ما. (رومي)

معنيٰ- خوش رهه اي عشق منهنجي درد جا دارو، تون منهنجي هر مرض جو علاج آهين، تون منهنجي عزت ۽ برتريءَ جو نوشدارو آهين. تون منهنجو افلاطون ۽ جالينوس آهين.

......

فصل ٽيون

مجاز جو سن بلوغ

چتان جي نہ چرن، الا ان ۾ وسران،
مون من آهي تن، مڙهيو منجهاران هنئين.

—

اڪين فصل ۾ مجاز جي ابتدائي دور جنهن ڪي معصوميت جي ٻالي سان تشبيهہ ڏني هيم جا تجربا بيان ڪيا اٿم. ان ۾ بنا سمجهہ ۽ سوچ جي معصومانہ انداز ۾ ڊڪ ڊوڙ پئي ڪيم. منزل مقصود جو پتو ڪونہ هو.

ڪس ندانست ڪہ منزل گهہ معشوق ڪجاست،
ايـن قدر هست ڪہ بـانگ جـرس مي آيد.

معنيٰ– ”ڪنهن کي عشق جي انتها جي خبر نہ هئي صرف ايترو هو جو هڪ آواز جي پويان پئي هليس.“

انهي عرصي ۾ جا خدمت ۽ عبادت ڪيم ٿي تہ بہ خلوص دل سان بنا مقصد جي معشوق حقيقيءَ جي رضامندي خاطر، ان ۾ آدم جي بهشتي دنيا وانگر اولو ۽ اوسيڙو ڪونہ هو. مراد ۽ مقصد ڪونہ هو. عبادت يا خدمت سان حاصل ڪيل سرور منهن جي لاءِ ڪافي انعام هو.

انهي زماني ۾ جيڪا علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ٿي ڪيم ڪتاب پڙهيم ٿي. مختلف ماڻهن سان ملاقاتون ڪيم ٿي، ته اهي ذهني وندر ۽ دماغي فرحت لاءِ هيون.

انهي دور اندر عملي دنيا ۾ جيڪي ڪم سرانجام ٿي ڪيم سي ٻارن وانگر دل وندرائڻ جهڙا هئا. مختلف ملڪي مسئلن ۾ رات ڏينهن مشغول رهڻ ۾ دل جي وروندهن ۽ وقت جي وندر برابر هئا.

عشق جي ابتدائي دور جي حالت ٻه ساڳي هئي.

"ٺئون نيهن لڳوس ڳري ۽ ڳالهيون ڪري"

جي حالت ۾ وصال جا مزا ۽ فراق جي سبقن پڙهڻ ۾ پيو وقت گذرندو هو. مقصد ۽ مراد ڪونه هئا رات ڏينهن هڪ قسم جي بي خوديءَ ۾ سرشار ٿي رهيس.

هن ٻئي دور ۾ حالتون بدلجڻ لڳيون آدم جي عقل جي داڻي چکڻ بعد دل جي دنيا ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ٿيڻ لڳا. لالچون ڏنون اپري آيون. دلي سڪون ۽ جميعت بدلجڻ لڳي.

هاڻ وڃايل سڪون جي ڳنتي ۽ پيدا ٿيل شبهن ۽ سوالن ۾ وقت گذرڻ لڳو. هيٺين قسم جي سوالن جي حل لاءِ فڪر ڪرڻ لڳس.

اڳي عبادت ۾ جا دلجمعي ۽ سرور حاصل ٿيندو هوان ۾ هيٺيون ڳالهيون حائل ٿيون.

(١) ڪنهن جي عبادت ڪئي وڃي.

(٢) ڇو ڪئي وڃي.

(٣) عبادت جو مقصد ۽ مراد ڪهڙا هئا.

اهي مسئلا عبادت بنسبت هئا، علم بابت ٻه ساڳي قسم جا سوال پيدا ٿيا ته:

(١) ڪهڙو علم حاصل ڪيو وڃي.

(٢) ان جا مقصد ۽ مراد ڇا هجن.

(٣) ان مان ڪهڙا فائدا نڪرندا؟

ساڳيو مونجهارو عملي ڪمن ڪرڻ وقت پيدا ٿيو ته:

(۱) ڪهڙو عمل چڱو هو ۽ ڪهڙو مدو هو.

(۲) انهن عملن مان نفعا ۽ نقصان ڪهڙا نڪرڻا هئا.

عشق جي عالم ۾ ٻه سوال پيدا ٿيا ته:

(۱) محبت ڇا آهي.

(۲) محبت جا مقصد ۽ مراد ڪهڙا هئا.

(۳) انهي مان ڪهڙا فائدا يا نتيجا نڪرڻا هئا.

اهي ۽ ٻيا اهڙا سوال هئا جن مون کي هن نئي مجازي دور ۾ ستائڻ شروع ڪيو. هي سارو فصل انهن جي چند ڇاڻ ۽ انهي ڏس ۾ حاصل ڪيل تجربن جي ذڪر تي صرف ڪندس. ان ۾ چئني مسئلن جهڙوڪ: مذهبي عبادت، علم، عمل ۽ عشق مان حاصل ڪيل معلومات پيش ڪندس.

عبادت ڪنهن جي، ڇو ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ

جڏهن اوائلي دور ۾ عبادت ڪندو هوس ته اهو ويساهه ويٺل هو ته جنهن مون کي ۽ ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي اهو خدا سائين هو. اهو اسان جو هرڪارنامون ڏسي رهيو هو. هو عبادت مان خوش ٿي ٿيو ۽ سندس وسارڻ مان ناراض ٿيو وڃي. انهي ويساهه ڪري عبادت مان سرور حاصل ٿيندو هو. نماز پڙهي سنت ۽ عاجزيءَ سان ٻاڏائي سندس رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هوس. مٿو زمين تي رکي آه و زاري ڪري رئندو هوس.

عارفانه راڳ ٻڌندي موج ۾ اچي ويندو هوس، پر جڏهن کان هن نئي دور ۾ مذڪور بالا سوال دل ۾ پيدا ٿيا ته حالت بدلجڻ شروع ٿي.

پهريون سوال انهي سلسلي ۾ اهو پيدا ٿيو ته هن ڪائنات ۽ منهنجو پيدا ڪندڙ، رزق ڏيندڙ ۽ فنا ڪرڻ واري جي شڪل ڪهڙي هئي ۽ ڪهڙي جاءِ يا مڪان تي ويٺل هو.

اول ۾ ته اهو ٻڌايل هو ته اهو ماڻهوءَ جي شڪل جو ستين آسمان کان مٿي ڪرسيءَ تي ويٺل هو. بائبل مان:

خلق الله الا آدم علي صورته

جو حوالو ڏنائون ٿي جي لفظ توريت جي ڪتاب پيدائش جا اوائلي لفظ هئا. اڳتي هلي جو علم ذريعي معلوم ٿيو ته ست آسمان هئا ئي ڪونه، نڪو انهن جي مٿان ڪرسيءَ تي ويٺل ماڻهوءَ جي شڪل جو خدا ويٺل هو. ته ان جي عيوض خدا جو ٻيو تصور پيش ڪيو ويو ته- هو هر هنڌ حاضر ناضر هو، بي شڪل، بي مثال، مڪان ۽ زمان کان بعيد هو، انجو پتو پوڻ انساني وهم و گمان- عقل کان بالا تر هو.

انهيءَ دليل منهنجي اوائلي يقين ۽ ويساه واري حالت تبديل ڪري ڇڏي ۽ انجي جاءِ ٻئي ڪنهن خيال نه ورتي.

خدا جي مجازي تصور جو منهن جي سمجهه ۾ اچڻ تي ويساه ويٺل هو، ليڪن نئون پيش ڪيل تصور منهن جي سمجهه کان مٿي هو، جو خدا فهم ۽ گمان ۾ سمائجڻ کان مٿي هو، هر جا حاضر ناضر هو، ساه جي رڳن کان به نزديڪ هو، ان جي عبادت ساڳي صدق دل ۽ يقين سان ڪرڻ مشڪل نظر آئي. نتيجو اهو نڪتو ته ابتدائي يقين ٽٽي ويو. انجي جاءِ ڪنهن نئي ويساه نه ورتي تنهن ڪري عبادت رسمي ٿي ويئي، ان مان پيدا ٿيندڙ ابتدائي سرور گهٽجي ويو.

اڳي عبادت لاءِ هيٺيان مقصد ڏسيا ويا هئا.

(۱) آخر ۾ بهشت ملندو ۽ دوزخ کان نجات ملندي.

(۲) خدا راضي ٿي مالا مال ڪري ڇڏيندو.

(۳) اندر اجري اسرار الاهي معلوم ٿيندا.

(٤) گناه معاف ٿي ثواب ملندا.

هاڻ آخرت ۾ بهشت ملڻ ۽ دوزخ کان نجات حاصل ٿيڻ وارو تخيل مستقبل سان واسطو رکڻ ڪري سمجهه ۾ نه پي آيو. خدا جي رضا مندي ۽ ناراضگي جي معنيٰ اها ٿي نڪري ته خدا انساني

صفتن سان موصوف هو پر جنهن صورت ۾ اهو خدائي تصور تني چڪو هو ان ڪري اها ڳالهه ئي بي معنيٰ ٿي لڳي.

اندر اجري اسرار الاهي معلوم ڪرڻ وارو تجربو به ناڪامياب ٿيو هو، اهڙيءَ طرح گناهن کان ڇوٽڪاري وارو خيال به صحيح نٿي ڏسڻ ۾ آيو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪڏا ڪم ڪري خدا جي عبادت ڪرڻ سان انهيءَ مان آزاد ٿي سگهي ٿو ته پوءِ عدل ۽ انصاف بي معنيٰ ٿي پيا ٿي. ليڪن باوجود انهيءَ ڳالهين جي عبادت ڪندو آيس. نه رڳو ايترو پر ماڻهن کي زوريءَ نمازون پڙهائڻ، مسجدون ٺهرائڻ ۽ مذهبي وعظ ڪندو آيس، ۽ سمجهيم ٿي ته ممڪن آهي مون کي ۽ ٻين ماڻهن کي ان مان فائدو پهچي. جيتوڻيڪ پڪ نه هئي.

ان وقت ڌاري جمع نماز ۽ عيد نماز پڙهائيندو هوس. انهي موقعن تي خطبه به پڙهندو هوس. گهڻي وقت تائين اهو سلسلو جاري رهيو. انهن مذهبي خطبن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل مضمونن جو احوال پيش ڪندو هوس، جي مون وٽ لکيل موجود آهن.

١- مذهب اسلام جي سمجهه آهر تشريح.
٢- گناهه ۽ ثواب ڇا هئا.
٣- ملڪي آزادي، ۽ قومي تصور تي پنهن جا رايا.
٤- تاريخ عالم ۽ اسلام تي روشني وجهڻ.
٥- قرباني جي مسئلي جي اهميت.
٦- عبادت، علم، عمل، عشق جي سمجهه آهر تشريح ڪرڻ.
٧- غلامي کان آزادي.
٨- سادگي مان فائدا.
٩- فنا ۽ بقا جي مسئلي تي روشني وجهڻ.
١٠- خدمت خلق جا فائدا بيان ڪرڻ.
١١- قومي اتحاد ۽ اتفاق جا فائدا بيان ڪرڻ.
١٢- حڪومت الاهي جو مقصد ڇا هو.

١٣- جهالت ۽ مفلسي کان آزادي.
١٤- بداخلاقي کان گوشه اختيار ڪرڻ.
١٥- رواداري جو جذبو پيدا ڪرڻ.
١٦- حب الوطني جو مقصد ڇا هو ۽ ان مان ڪهڙا فائدا هئا.
١٧- مذهبن جي ڪثرت پويان وحدت جو نظارو.
١٨- ايمان ڇا هو ۽ ڪهڙيءَ طرح مڪمل ٿي سگهيو ٿي.
١٩- عمل صالح مان فائدا.
٢٠- سنڌي قوم جي تشريح ۽ انجا مقاصد.
٢١- پر اپڪاري جو مطلب ۽ مراد.
٢٢- تميز ڇا هئي.
٢٣- ذهني تنسيخ.
٢٤- مسلمان هڪ قوم نه هئا.
٢٥- مذهب هڪ هو.
٢٦- مذهب جي الاهيات، اخلاقيات، عبادات جي جدا صيغن جي سمجهاڻي.
٢٧- اشتراڪيت ۽ سرمائيداري جي تشريح.
٢٨- شخصن جو معراج قوم ۾ فنا ٿيڻ ۾ هو.
٢٩- سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقي جي تشريح تي وعظ ۽ تقريرون ڪندو رهيس.

علم ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

پهرين دور ۾ ڪتاب معلومات وڌائڻ، وندر ۽ دماغي تفريح لاءِ پڙهندو هوس، سير و سياحت ۽ دانشورن جي صحبت به ساڳيو ڪم ڏيندي هئي. انڪري علم جي حصول لاءِ مقصد ۽ مراد ڪانه هئي. پر جڏهن کان زندگيءَ جو ٻيو دور شروع ٿيو جنهن کي سون سن بلوغ جي نالي سان سڏيو آهي ته ان ۾ هيٺيان چار سوال پيدا ٿيا.

(١) علم ڇو ٿو حاصل ڪجي.
(٢) انهي جي حاصل ڪرڻ مان فائدو ڪهڙو آهي؟

(٣) اهو خاص مضمونن تي حاصل ڪجي يا جيڪي سامهون اچي اهو پڙهبو وڃجي؟

(٤) منهن جي زندگيءَ لاءِ ڪهڙن مضمونن تي ڪتاب پڙهڻ ڪارائتا ٿيندا ؟

علم ڇو ٿو حاصل ڪجي

انسان کي قدرت چئن لياقتن سان نوازيو آهي.

(١) جبلتن (حيواني خواهشن) سان.

(٢) عقل (روحاني سمجهه) سان.

(٣) دل (جذبات) سان.

(٤) جماعتي زندگي (باهمي اتحاد) جي خاصيت سان.

ماڻهوءَ کي ڳالهائيندڙ جانور ۽ اشرف المخلوقات شمار ڪيو ٿي ويو. انهي ڪري هن کي قدرت ترقي ۽ تڪميل جي حصول لاءِ محدود وسيلا ميسر ڪري ڇڏيا هئا. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته انسان کي خدا "احسن تقويم" (بهترين ساخت، ڪري خلقيو هو. پر هو پنهنجي بدڪردارين ڪري هيٺ ڪري ڪمينو به بنجي سگهيو ٿي. هن لاءِ ترقي ۽ تنزل جا رستا کليل هئا. پوءِ جيڏانهن هو وڃي. انهي ڪري ڪن مذهبن تناسخ جي نظريه ۾ اعتماد رکي هن جي ذهني ترقي ۽ تنزل کي سندس ڪرمن جي ڦل تي مدار رکندڙ سڏيو هو. علم انهيءَ راه ۾ کيس تميز ڏئي صحيح يا غلط رستي تي هلائي سگهيو ٿي. جيڪڏهن ماڻهو صحيح علم حاصل ٿو ڪري ته پاڻ ۽ ٻين لاءِ باعث رحمت بنجي پوي ٿو. پر جي هو غلط علم حاصل ڪري ان کي ناجائز مقاصد لاءِ ڪتب آڻي ٿو ته پوءِ اسفل السافلين (ذليل ترين) بنجي پنهنجي ۽ ٻين لاءِ باعث ننگ بنجيو پوي ٿو. علم ۾ راه مستقيم حاصل ڪرڻ لاءِ تقاضا ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويئي هئي. جنهن سان پيغمبرن، فيلسوفن، حڪيمن ۽ درويشن کي نوازيو ويو هو. آئون اکي بنا تميز جي علم جي حصول لاءِ ڪوشان هوس هاڻ زندگيءَ جي سن بلوغ کي پهچڻ بعد جڏهين تميز جي صفت سان

نوازيو ويس ته مون کي غلط ۽ صحيح، فائديمند ۽ نقصانڪار شين جي وچ ۾ شناخت جو مادو عطا ٿيو. پر ان جو مطلب اهو ڪونه هو ته مون کي شناخت سان گڏ اها طاقت به حاصل ٿي ويئي هئي جنهن ڪري صحيح ۽ فائديمند ڳالهين طرف متوجهه ٿي قدم کڻڻ لڳس. ان لاءِ مون کي مختلف تربيت ۽ تجربي مان گذرڻو هو.

انهيءَ دور ۾ مون کي حيواني خواهشن جي چڙواڳ استعمال جي نقصان ۽ انهن جي ضابطي رکڻ بعد فائدن جو ٿورو ٿورو پتو پوڻ لڳو. ان مان علم حاصل ڪرڻ جي مقصد جو پتو پيو.

ٻيو سوال : اهو هو ته صحيح راه تي ڪهڙي طرح هلي سگهبو. ان لاءِ قرآن جي آيت ڪريم ته :

”قد بين الرشد من الغي“

معنيٰ، ”اونداهيءَ کان سوجهري وارو رستو پڌرو آهي“. جي هدايت موجب اهو ضرور ڏسڻ ۾ آيو ته هدايت جي رستي تي هلي شخصي ۽ مجموعي نجات، ترقي ۽ ڪمال حاصل ڪجي.

ٽيو سوال : اهو فيصلو ڪرڻو هوم ته ڪهڙن مضمونن تي علم حاصل ڪرڻ منهن جي فائدي وٽان هو. جيئن علم بحر عميق وانگر ماڻهوءَ جي محدود کوپڙيءَ ۾ سمائجڻ مشڪل هو. ازانسواءِ عمر محدود هئڻ ڪري زندگيءَ ۾ سڀ علوم تي عبور حاصل ڪرڻ ناممڪن هو. انڪري مخصوص مضمونن کي چونڊي ان تي ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت محسوس ٿي. انهيءَ بعد مون زندگيءَ جو مطمع نگاه ڏيان ۾ رکي انتي واقفيت حاصل ڪرڻ جي رٿ رٿي.

مون پنهنجي حياتي جو نقطه نگاه اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي نوع آدم رٿي ان جي حصول لاءِ ذهني، عملي ۽ جذباتي يڪ جهتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. جيئن ته انهي راهه ۾ مون کي مذهب، فلسفه، تاريخ، تصوف، سياسي، اقتصادي ۽ عام معلومات جا ڪتاب ممد و معاون ثابت وارا هئا. ان ڪري انهن مضمونن تي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. انهي جي پڙهڻ بعد انوقت

جيڪي سوچي سگهيو هوس. ان ڪي مون پنهنجي ڪتاب ” پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ ۾ قلم بند ڪيو هو.

ان ڪتاب جي جلد ٢- ڀاڱي پهرين جي پنجين باب مان ڪي حوالا پڙهندڙن جي معلومات لاءِ پيش ڪريان ٿو.

ذهني تجربا ۽ معلومات

هر جاندار شيءِ کي قدرت طرفان ٻه نعمتون عطا ٿيل آهن، هڪ نفس ٻيو عقل، نفس جو ذڪر اڳتي ڪندس. هتي پنهنجي ذهني معلومات جو احوال پيش ڪريان ٿو:

ٿورو گهڻو عقل هر جانور ۾ ٿئي ٿو. وبندي ڪيئن، ٽنبڻ، مک ۾ به عقل جو ڪجهه ذرو معلوم ڪيو ويو آهي. انسان اشرف المخلوقات صرف عقل جي زياده هئڻ ڪري سڏيو وڃي ٿو.

ليڪن ماڻهن ۾ عقل هڪ جهڙو نٿو ٿئي. انهي جو مدار سٺي تربيت، علمي معلومات، زندگي ۾ مختلف تجربن جي حاصلات، غور ۽ فڪر جي مادي ۽ جستجو جي خواهش تي رهي ٿو.

آءٌ جيڪڏهن سڀ ڪاڌ گهٽ لباس سان ملبوس هوس ته اهو علم هو ان جا مکيه ڪارڻ ٽي هئا. جهڙوڪ:

ڳوٺاڻي زندگي، درسي علم جي گهٽتائي، آس پاس جي محدود دائره جو ماحول ليڪن انهي سڀني ڪوتاهين هوندي قدرت مون کي ننڍ پڻ کان غور ۽ فڪر جو مادو عطا ڪيو هو. جنهن مون کي جستجو ڪندي عالمن ۽ صالحن جي صحبت، ڪتابن پڙهڻ جي شوق، سياسي مذهبي، سماجي ڪاروبار ۽ تجربن حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪيو.

زندگيءَ جي ڪٺن سفر ۾ بي سمر ۽ سامان علم جي داخل ٿيو هوس، آهسته آهسته ٿي محنت ۽ مزدوري سان ڪجهه ميراث ڪٺي ٿيڻ لڳي.

عشق منهنجي ساري تگ و دو ۾ طاقت ۽ همت جو ڪم ڏنو ٿي ته غور فڪر جي حاصلات مشعل راه جو ڪم ڏنو آهي.

ابتدا ۾ هوش کان جوش زياده هوم پر آهستي آهستي ٿي عمر ۽ آزمودي موجب هوش وڌڻ لڳو.

اڄ تائين زندگيءَ ۾ عمل جي واڳ جذبي جي ماتحت پئي رهي اٿم ليڪن ذهني اياقتن کي وڌائڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۾ رهيو آهيان.

مذهب، سياست، نفسيات ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي معلومات وڌائڻ واسطي هر موقعي مان پئي فائدو حاصل ڪيو اٿم. انهيءَ ڏس ۾ گوناگون فرصت، سير و سياحت، جيل ۽ نظربنديءَ جي زندگي، تاريخ، فلسفي، تصوف، سياست ۽ عام معلومات جي ڪتابن جي مطالع چڱي مدد ڪئي آهي. ليڪن باوجود ان جي هن نتيجي تي پهتو آهيان ته:

"منڍي ماڪوڙي گوهه ۾ پيئي ڪڇي آب"

(شاه ڪريم)

وانگر ساري ڪائنات جنهن ۾ ڪروڙها سج سندن نظام شمسي جي دائرن ۾ هزار ورهين جي روشني جي ميلن جي پنڌ تان پنهنجي دورن ۾ مشغول هجن. اتي هڪ محدود مغز واري کوپري کي ڪهڙي مجال آهي جو ان اڻ کٽندڙ خزاني جي معلومات کي پاڻ ۾ سمائي سگهي. جيتري قدر معلومات ٿي آهي اوتري قدر پنهن جي ڪم مايگي ۽ بي علمي جو راز بي ڪليو اٿم. نيٺ شيخ سعدي عليه وانگر چوڻو پيو:

اي مدعيان در طلبش بي خبرانند،
کانرا کہ خبر شد خبرش باز نيامد،
اي برتراز خيال قياس و گمان و فهم،
وزهر چہ گفتنداند، شنيده ام خوانده ايم،
مجلس تمام گشت بہ آخر رسيد عمر،
ماهمچنان دراول وصف تو ماندده ايم.

معنيٰ- سڀ دعوي ڪندڙ علم جا بي خبر آهن. جنهن کي ڪجهه پتو پيو ان کان خبر ٻاهر نہ نڪتي. اي خيال، قياس، گمان ۽ سمجهه کان مٿي هستي، جيڪي چيو اٿن ٻڌو اٿم يا پڙهيو

اٿم. ان ۾ ساري عمر گذري چڪي آهي، ليڪن آءٌ تنهن‌جي وصف جي ڄاڻ ۾ اهڙو رهيو آهيان جهڙو اول ۾ هوس.

سياسي معلومات ۽ تجربا

سياست ۾ حصي وٺڻ لاءِ ٻن قسمن جا محرڪ جذبا ماڻهوءَ کي ڇڪي وڃي سياسي زندگيءَ ۾ داخل ڪندا آهن.

(١) غلاميءَ کان آزادي، خدا جي رضامندي ۽ خدمت خلق جي‌خواهش.

(٢) نالي ۽ ناموس جي خواهش، اقتدار جي بک ۽ ذاتي فائدي جي لالچ.

آءٌ ١٥ ورهين جي عمر جو هوس، جڏهن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هوم. ان مان معلوم ٿي سگهي ٿو ته پهرين قسم جي جذبا جي ماتحت ڇڪجي وڃي سياست ۾ داخل ٿيو هوس.

درويشن جي صحبت ۽ صوفين جي تعليم مونکي سياست ۾ خدا جي رضامندي جي تمنا لاءِ راغب ڪيو هو. اڳتي هلي سياسي فلسفي جي پڙهڻ، صالحن جي هدايت مان خدمت خلق جو شوق جاڳيو. باوجود نيڪ نيت ۽ سالم جذبي جي مونتي هوش کان جوش غالب رهي اثرانداز پئي ٿيو آهي. ڪجهه وقت کانپوءِ سياست جي مختلف نظرين مان واقف ٿيڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب پڙهيم. پاڻ کي سٺن اصولن تي تهيل جماعتن ۾ داخل ڪري جمهور جي آواز پئيان هلڻ لاءِ حتي‌الامڪان ڪوشش ڪيم. پر اڪثري رد عمل جي ڪن ۾ پئي چڪر کائيندو اٿم. ان جو مکيه سبب منهنجي سياسي زندگيءَ ۾ عقل کان وڌيڪ جوش جو هئڻ هو. هن وقت سياسي نظرين جا مکيه رجحان دنيا ۾ هيٺيان آهن:

(١) عقل جي بنياد تي سياسي اصول ۽ پاليسي مرتب ڪري ان موجب هلڻ.

(٢) جذباتي ۽ هنگامي نقطہ نگاه کان سياست ۾ ڪم ڪرڻ.

مون اڪثر پوئين رجحان هيٺ پئي ڪم ڪيو آهي.

عمل ڇو ۽ ڇا لاءِ

اڳي جيئن ذڪر ڪيو اٿم ته عملي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ بعد صبح شام پيو ڪم ڪندو هوس. خانگي ڪمن کان علاوه سياسي

زندگيءَ ۾ جڏهن قدم وڌم ته پهرين خلافت تحريڪ ۾ دلچسپي ورتم. ان کان پوءِ سيدن جي ڪانفرنس سڏائي انهن جي انجمن برپا ڪرايم. تعلقه لوڪلبورڊ، ضلع لوڪلبورڊ، ڪراچي ميونسپالٽي، ڳوٺ سڌار هلچل، مطلب ته ڪيترا ئي مشغلا هئا جن ۾ دل وندرائڻ ۽ مشغول رهڻ خاطر پيو ڪم ڪندو هوس. ڳوٺ سڌار هلچل جي سلسلي ۾ جماعت ٺاهي ساري ضلع ڪراچيءَ جو گشت ڪيم. جلسا سڏايم، رستا، اسڪول، کوهه، اسپتالون، مسافرخانا ڏسي انهن جي درست ڪرڻ لاءِ تجويزون سوچيم. عام ماڻهن سان رابطو قائم ڪرڻ لاءِ جلسا ڪري ان ۾ تقريرون ڪيم. ديهات سڌار هلچل جون هيٺيون شاخون ٺاهي ان ذريعي ڪم ڪيم.

(١) ديهاتي زالن جي ڀلي لاءِ جماعت ٺاهي، ڳوٺن ۾ زناني تعليم، هنر، گهرن جي صفائي، ويم جي سهوليتن جو ڪم ڪرايم.

(٢) چوپائي مال وارن جي ترقي ۽ مدد لاءِ جماعت ٺاهرائي، روينيو کاتي ۽ ٻيلن سان چاري جون فيون گهٽائڻ، ڪراچي شهر جي نزديڪ مالدارن جي سروي ڪرائي انهن جي کير کي چڱي اگهه تي نيڪال ڪرائڻ ۽ تڪليفن دور ڪرڻ جو انتظام ڪرايم.

(٣) ڪراچي ضلع ۽ سمنڊ جي ميربحرن جي جماعت ٺاهي انهن جي ذريعي مڇي ۽ ڀلي جا ٺيڪا ميربحرن کي ڏيارڻ، سمنڊ جي مڇيءَ جي نيڪال لاءِ سٺو انتظام ڪرڻ وغيره بابت ڪوشش ڪيم.

(٤) سن ۽ شاه ڀٽ تي ادبي ۽ ڪلچرل ڪانفرنسون سڏائي سنڌي زبان ۽ ڪلچر کي ترقي وٺائڻ لاءِ بندوبست ڪرڻ.

(٥) ضلع جا رستا، کوهه، اسپتالون، اسڪول ٺهرائي، ڳوٺاڻي تعمير کي ترقي ڏياريم، انهي هل هلان بعد جڏهن عملي دنيا جو سن بلوغ شروع ٿيو ته انهي سلسلي ۾ پاڻ کي ته راهي تي ڪڙو تيل ڏنم.

(١) انهن ڪمن ۾ بي لوث مسلسل ڪوشش ڪرڻ بعد به دشمني

۽ مخالفت جو شڪار ٿيس ٿي ته بعضي اهڙا خيال پيدا ٿيڻ لڳا ته جڏهن ماڻهن ۾ سچائپ نه آهي ته پوءِ پنهن جو ڪائي محنت ڪري پاڻ کي آزار ۾ وجهڻ کان بهتر هو ته انهي مها چار کان پاڻ آزاد ڪري ڇڏجي.

(٢) ٻـي طرف نـالي، ناموس، اقتدار ۽ ملڪيت ٺهت ڪرڻ جون لالچون سامهون هيون. ڏٺم ٿي ته هرڪو ان مان نفع حاصل ڪري رهيو هو. مون ڇو نتي فائدو حاصل ڪيو. اهڙي طرح ايمان بگيڙڻ جي راهه ڏسڻ ۾ آئي.

(٣) ٽي طرف عملي زندگيءَ جو پراپڪاري نقطہ نگاهہ ۽ خدمت خلق ۾ روحاني ترقي ۽ عوامي ڀلي جا پهلو ڏسڻ ۾ آيا. انهي دور ۾ ٽنهي رستن جي وچ ۾ تميز پيدا ٿي چڪي هئي ليڪن اطمينان قلب حاصل نه ٿي سگهيو. منجهي ٿي پيس.

ڪنهن وقت سياست کان ڇڪ ٿي ان کي ڇـڏڻ جا خيال ستائيندا هئا. ڪنهن وقت اقتدار جي ٻـک، نالي ناموس جي لالچ ستائيندي رهندي هئي. ڪنهن وقت خلق خـدا، قوم ۽ ملڪ جي خدمت وارو جذبو همت پيدا ڪري ڪم ڪرڻ تي آماده ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾ سنڌ جي جدا ٿيڻ جا آثار ڏسي سنڌ اسيمبليءَ ذريعي ملڪي خدمت جـي جذبـي هيٺ هڪ عوامي پارٽي سر شاهنواز ڀٽي جي ليڊر شپ هيٺ ٿاهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. پر سر شاهنواز خان جي بمبئي ۾ وزير ٿي وڃڻ ڪري اها گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهي. پـوءِ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن وقت هڪ ٻي جماعت اتحاد پارٽيءَ جي نالي سان ٺاهي سر حاجي عبدالله هارون ۽ سر شاهنواز خان ڀٽي جي معيت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيم.

عشق مجاز جو سن بلوغ

اڳي فصل ۾ مختصر طور بيان ڪري آيو آهيان ته ڪهڙي طرح مون کي مجازي عشق جي واقفيت ٿي. ان مان ڪهڙا سبق پرايم

ڪهڙي طرح دوست جي بنا لالچ مدد ۾ سرور ۽ غم جا مزا چکيم.

هاڻ هن نئي دور ۾ مون کي هيٺين نين ڳالهين جو پتو پوڻ لڳو جهڙوڪ:

(۱) باغ حسن جا ميوا ۽ گل ڪهڙا هئا، ان جي لالچ ڪيتري قدر هرڪائيندڙ هئي.

(۲) انهي جي چکڻ، سنگهڻ ۽ استعمال جا نفعا ۽ نقصان معلوم ٿيڻ لڳا.

(۳) جائز ۽ ناجائز ڳالهين جو پتو پوڻ لڳو.

(۴) سوسائٽيءَ جي قاعدن ۽ قانونن جي اهميت.

(۵) سڌن کي مارڻ يا حاصل ڪرڻ يا سبليميٽ (پاڪيزه) بنائڻ جو پتو پيو.

(٦) انهن ڳالهين جي تشريح ڪرڻ بعد وري مذڪوره بالا دوست (م) جا وڏيڪ خط انهي وقت ۾ پنهنجي ڪيفيت تي لکيل ۽ انهن تي تبصرو ڪندس.

(۷) عشق جي عبادت تي اثر جو ذڪر.

(۸) عشق جو علم جي حصول تي اثر.

(۹) عشق جو عملي زندگيءَ تي اثر.

(۱۰) عشق جا رستا ۽ راهون ڪهڙا هئا.

هيٺ مذڪور بالا هرهڪ مسئلي تي مختصر روشني وجهان ٿو.

(۱) باغ حسن جا ميوا ۽ گل وغيره

شاعرن ۽ اديبن معشوق جي مختلف عضون کي ميون، گلن ۽ درختن سان تشبيهه ڏئي انهن جي خوبصورتي، خوشبوءِ ۽ نزاڪت جو ذڪر ڪيو آهي. اڳي انهن ڳالهين کي شاعرانا ۽ اديبانا مبالغ آميزي سمجهي ان طرف ايترو توجهه نه ڏيندو هوس ۽ نه ان جي ماهيت جو پتو پيل هو. ليڪن هاڻ عشق مجازي جي لهس لڳڻ، پسنديده صحبت ۾ رهڻ، جنسي خواهش جي جذبي ۽ جذباتي طبيعت انهن جي

معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ جو موقع ڏنو.

مثلاً شاعر هيٺيون تشبيهون ڏنيون هيون.

(١) محبوب جي وارن کي زنجيرن ۽ ڪارن نانگن سان مشابهت ڏني هئائون.

(٢) محبوب جي ڳلن کي گلاب جي رنگ سان تشبيهه ڏنائون ٿي.

(٣) محبوب جي ڪاڏي يا ز تحدان کي صوف سان مشابهت ڏني هئائون.

(٤) محبوب جي اکين کي نرگس جي برابر سڏيو هئائون.

(٥) محبوب جي ڏندن کي ڏاڙهون جي داڻن سان مشابهت ڏنائون ٿي.

(٦) محبوب جي پستانن کي ڏاڙهن يا قبن سان مقابلو ڪرايائون ٿي.

(٧) محبوب جي چپن کي لعل بدخشان، يا شراب سرخ جي نالي سان سڏيائون ٿي.

(٨) محبوب جي غبغب کي چاه يا کوه ڪوٺيائون ٿي.

(٩) محبوب جي ڀرن (ابرو) جي تلوار سان مشابهت ڪيائون ٿي.

(١٠) محبوب جي اکين جي ڇنبڻ کي ڀالا يا نيزا سڏيائون ٿي.

(١١) محبوب جي ٽنگن کي سنگمرمر جي ٿنڀ پاون سان تشبيهه ٿي ڏنائون.

(١٢) محبوب جي چيله، کي وار جي سنهائي سان مشابهت ٿي ڏنائون.

(١٣) محبوب جي قد کي سرو وڻ جي مقابل ڪڙو ڪيو هئائون.

(١٤) محبوب جي پيشانيءَ کي مسجد سمجهيائون ٿي.

عشق مجازي جي مرحلي ۾ انهي باغ حسن جي ميون، گلن، درختن جي سونهن، خوشبوءِ جو پتو پيو ۽ معلوم ٿيڻ لڳو ته انهي تشبيهن ۾ واقعي جان هئي.

(١) زنجير ۽ ڪارا نانگ بيشڪ ايذاء رسان هئا پر زلف جي ڏنگيل ۽ ايذايل جو رنگ ئي اور هو. مولانا همايوني واقعي سچ

چيو ٿي جڏهن چيو هئائين ته:

تنهن جي زلف جي بند ڪمند وڏا،
زنــدان هـزارين مـان نـہ رکيو.

(٢) گلاب جي سرخي نهايت خوشبودار ۽ خوبصورت هئي پر محبوب جا ڳل عاشق جي نظر ۾ ان کان هزار دفعا زياده خوبصورت ۽ خوشبودار هئا. صرف سڄاڻپ جي ضرورت هئي.

(٣) صوف بيشڪ سهڻو ۽ مقوي ميوه هئو پر عاشق کي تہ پتو هو تہ معشوق جي زنخدان اڳيان ان جو ملهہ ۽ مقدار ڪهڙو هو.

(٤) نرگس جو گل نهايت خوبصورت هو پر جو خمار، خوبصورتي گهرائي ۽ ڪشش محبوب جي اکين ۾ هئي ان جو ذڪر سائين مصري شاه کان ٻڌو:

کنيائون ڪلي نيڻ گهرا گلابي،
پري پاڄهہ نرگس عجب نيم خوابي.

شاهہ لطيف:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جانڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر جانب جي جمال سين.

(٥) باغ ۾ ٽڙيل ڏاڙهون جا داڻا نهايت خوبصورت ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جنهن کي شاعرن نارخندان سڏيو آهي پر معشوق جا ڏند پنهنجو مثل پاڻ هئا.

نارخندان باغ را خندان کند.

سچل سائين فرمائي ٿو:

ڏند تہ موتي محبوب جا هيرو لعل جواهر،

(٦) قبہ نور جي هاڪ گهڻن ٻڌي هوندي پر مولانا جامي ان جي هن طرح تشبيه ڪري ٿو:

دو پستان هريکے چون قبہ نور،
حبابے خــواستہ از عين کافور۔

معنيٰ- ٻه پستان هرهڪ قبہ نـور هو، ان جـي ٻنڊي چڻ تہ ڪافور جي نيل هئي.

(٧) لبن جـي بهتريـن تشبيهہ خواجہ حافـظ شيرازي هيئين؏ طـرح ڪري ٿو:

در ازل داده ست مارا ساقــي لعل لبت،
جرع جامي کہ من سرگرم آن جامم هنوز.

معنيٰ- ازل کان تنهن جي لعل لبن مون کي اهو پيالو پياريو آهي، جو زمانو گذري ويو آهـي ليڪن اڃان تائين ان جو خمار نہ لٿو آهي.

(٨) کاڏي يا زنخدان بابت خواجہ حافظ فرمائي ٿو:

غرق در چاه زنخدان توام کز هر طرف،
صد هزارش گران جان زير طوق غبغب است.

معنيٰ- تنهن جي کاڏيء جي کوه ۾ ڪيئي غرق ٿيل آهن،

(٩) ابرو- رخسار پرن لاء مولانا همايوني فرمائي ٿو:

ڪئين ابرو تيغ شهيد ڪيا، ڪئين ناز مزيد مريد ڪيا،
ري ناٽي ديد خريد ڪيا، قربان هزارين مـان نـہ رکھو.

(١٠) اکين جي پنبڻن کي سچل سرمست هھڙيء طرح بيان ڪيو آهي تہ:

سهڻيان دے هڻ مژگان دي، وه ڏنم تيزه بازي،
سيني مار تباه ڪين ڪر ايـڏي دست درازي،
عاشق جهل گچي وچ ڪپڙا آپے ٿيون ايلازي،
ڏيوين سر"سچل"آويکين غمزي دي وچ غمازي.

(١١) ٽنگن بابت مولانا جامي هيئين طرح تشريح ڪئي آهي.

سخن را نـرم زساق او کہ چون ست،
بنـائـے حسن را سيمين ستون ســت.

معنى- محبوب جون ٽنگون اهڙيون آهن ڄڻ ته حسن جي
محلات جا چانديءَ جا ٿنڀا آهن.

(١٢) چيلهه بابت به مولانا جامي هي فرمائي ٿو:

نيا رستن کمر از موئي بستين،
کزا مـوبـوديش بيم گستن. (جامي)

معنى- چيلهه وار وانگر نازڪ آهي جو ان جي ڇڄي پوڻ جو
خطرو آهي.

(١٣) قد لاءِ خواجه حافظ هيئن فرمائي ٿو:

نثار روئي تو هر برگ گل که در چمن ست
فدائي قد تو هر سرو بن که برلب جـو ست.

معنى- تنهن جي منهن تان باغ جو هر گل قربان پيو ٿئي،
تنهنجي قد تان دريا جي ڪناري وارو هـر سرو جـو
وڻ فدا پيو ٿئي.

(١٤) محبوب جي پيشاني لاءِ شاه سائين ۽ سچل سرمست جي شاهدي
ڪافي ٿيندي.

چنڊ چـوانءِ سچ جـي متو نه پانئين،
ڪڏهن اڀرين سنهڙو ڪڏهن اڀرين ڳچ،
منهن پريئيءَ سچ تو پرنا ۾ پيشاني پيرينءَ جي.
(شاهه)

چوڏس چنڊ هي منهن محبوبي، واه وسيع پيشاني،
ويکڻ نـال حيران رهيو سي، رنـگ سارا رحماني،
جهلڪ آهين دي ڪونه جهلي، جو بوئي نور پيشاني،
سچل حسن حسينان اتئون، جـان ڪيتي قـربانـي.

(٣) باغ حسن جي ميون چکڻ، سنگھڻ جا نفعا ۽ نقصان، جائز ۽ ناجائز

جھڙي طرح ڍور سائو گاھ ڏسي يڪدم گھرندو آهي ته ان کي کائي يا ٻڪيو جانور کاڌو ڏسي ان جي کائڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. جنهن ۾ هنن کي اها تميز ڪانه ٿي رهي ته اهو گاھ يا کاڌو پرائو آهي يا نقصانڪار آهي. ان وانگر عاشق ۾ به رواجي طرح مذڪور بالا حسن جي ميون ۽ گلن کي چکڻ ۽ سنگھڻ جو شوق پيدا ٿيڻ فطري ڳالھ آهي.

مجازي صغير پڻ جي دور ۾ اها خواهش پيدا نتي ٿئي پر جيئن مجاز سن بلوغ کي پهچي ٿو ته اها خواهش پيدا ٿئي ٿي. ان سان گڏ انهيءَ دور ۾ تميز جو مادو به منجھس پيدا ٿئي ٿو. جنهن مان ان جي نفعي ۽ نقصانن کان کيس واقفيت ٿئي ٿي. ليڪن جبلي خواهش ايترو تيز ۽ زوردار ٿئي ٿي جو رواجي طرح ماڻهو ان تي ضابطو رکي صحيح طرح جي استعمال تي قادر نٿو ٿئي.

مجازي عشق جي صغير پڻ وقت انهن خواهشن کان آزاد هوس پر جيئن مجاز جي سن بلوغ کي پهتس مون تي به باغ حسن جي پرفريب ۽ دلڪش ميون ۽ گلن جي چکڻ ۽ سنگھڻ جي زوردار خواهش پيدا ٿي.

اهي ڳاڙها گل جن لاءِ شاه سائين فرمايو آهي:

”پسي ڳاڙها گل متان ڪا گل چانگھي کي چاري“

دلربا هئا، انهيءَ باغ جو هر ميوه ـ گل، درخت هوشربا هو. ليڪن ساڳئي وقت تميز جي مادي پيدا ٿيڻ ڪري انهن جي استعمال جي نفعي ۽ نقصانن مان واقفيت ٿي. جماعتي دستورن، مذهبي قانونن، اخلاقي پابندين منهنجي جبلي خواهش پوري ڪرڻ تي روڪ وجھڻ شروع ڪئي، انهيءَ ڪري عجب ڪشمڪش ۾ ڦاسي شش پنج ۾ پئجي ويس. انهيءَ ڪيفيت کي ان وقت مون چند مضمونن ۾ قلمبند ڪيو هو جي مناسب موقعي تي پيش ڪبا.

(۴) سوسائٽيءَ جي قاعدن ۽ اخلاقي پابندين جو اثر

جانور ۽ انسان ۾ تفاوت اهو آهي ته جانور گهڻين پابندين کان آزاد آهي. ماڻهو اشرف المخلوقات جي صفت سان موصوف ٿيڻ ڪري پاڻ تي جماعتي نظام، نسل جي پاڪيزگي، باهمي فسق ۽ فساد کان بچڻ لاءِ ڪي جماعتي دستور ۽ اخلاقي پابنديون عائد ڪري ڇڏيون آهن. جنهنڪري هو جانور وانگر ڇڙواڳ نٿو رهي سگهي.

ماڻهن جماعتي قاعدا هيٺين مسئلن جي خاطرخواه حل لاءِ مرتب ڪيا آهن.

(۱) باهمي جنسي ميلاپ جا سنڌا ۽ سيڙها.
(۲) هڪٻئي جي ملڪيت يا لاڳاپي جو احترام.
(۳) باهمي رضامنديءَ لاءِ تشدد جي استعمال کان گريز ڪرڻ.
(۴) باهمي تعلقات ۽ ڏي وٺ بابت ڪي دستور مقرر ڪرڻ.
(۵) ملڪيت جي حصول لاءِ دغا، ڪوڙ، وعدي خلافي، تشدد، نفعي خوريءَ کان پرهيز ڪرڻ.
(۶) فرد جون سوسائٽيءَ لاءِ جوابداريون.
(۷) هڪڙين قومن جا ٻين قومن سان رابطي جا اصول.

انهن قاعدن ۽ دستورن جي تڏهن پوريءَ طرح پوئواري ٿي سگهندي جڏهن ماڻهو خود مطلبي ۽ نفس اماره جي پوئلڳي ڇڏي پراپڪاري ۽ قربانيءَ جون خاصيتون حاصل ڪندو.

انهن قاعدن کي مختلف مذهبي اڳواڻن، قومن جي قديم دستورن ۽ حڪومتن طرفان مقرر ڪيو ويو آهي. باوجود ان جي لکها ماڻهو سندن ذاتي ڪمزورين، جنسي خواهشن، سوسائٽيءَ جي جوڙجڪ، غلط ماحول ۽ ٻين انيڪ سببن ڪري انهن جي پابندي نٿا ڪن. جنهنڪري ملڪ ۾ جنسي بداخلاقي، چوري، ڌاڙيلزني، استحصال، خون خرابي، فساد ۽ ظلم جاري رهي ٿو.

ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو سفر گهڻين لالچن ۽ خطرن سان پريل رهي ٿو. انهيءَ کان آزاد ٿي زندگي صحيح ۽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ

هلائڻ ڏکيو ڪم آهي. اها ترڪ بازي آهي ان چاڙهيءَ کان جو چڙهيو اهو ڪامياب ليکبو.

اخلاقي اصولن جي پابندي انسان جي مادي ۽ روحاني تڪميل لاءِ ڪارآمد ٿئي ٿي. ان جي انحرافي ان کي هيٺ ڪرائي تنزل، فساد ۽ حيواني صفتن تائين پهچائي ٿي. عشق مجازي ۾ هيءَ دور نهايت نبرد آزما ٿئي ٿو ان سان چڙهڻ وڏو ڪم آهي.

خدا جي لطف، سٺي صحت، درويشن جي دعائن، علم جي رهنمائي ۽ حالات جي سازگاريءَ مون کي ان منزل تان چاڙهي ڇڏيو. قرباني ۽ پراپڪاريءَ جي نعمتن سان نوازيو. جنهن نه رڳو مون کي مجازي مرحلي ۾ مدد ڪئي پر زندگيءَ جي هر راهه ۾ رهبري ڪئي.

(۵) سبلائيميشن (ڪثافت کان لطافت طرف هلڻ)

هي لفظ علم نفسيات جي ماهرن جو ايجاد ڪيل آهي. جنهن مطابق ماڻهو حيواني جبلتن کي رواجي طرح پوري ڪرڻ جي خواهش جي عيوض اعليٰ اخلاقي، ذهني، روحاني قدرن جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻي ٿو. مثلاً عاشق ۾ محبوب جا ڳاڙها چپ ڏسي ان کي چمڻ مان خوشي حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي ٿي. يا شراب ڏسي ان مان ڍڪ پيري سرور حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳي ٿو.

اهي ٻئي خوشيون عارضي ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح حاصل ڪيل خوشيءَ جي عيوض يا نفعي تي غور ڪرڻ بعد هن ۾ بعضي اهو خيال اچي ٿو ته عارضي خوشي يا سرور جي عيوض دير پا خوشي ۽ سرور ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪري سگهبو.

ترقي يافته روح انهيءَ جذبي مان عارضي خوشي حاصل ڪرڻ جي عيوض ان کي عقيدن تي عمل ڪرڻ، روحاني (ذهني) سرور يا قومي خدمت ۾ وقت صرف ڪرڻ مان جا خوشي حاصل ٿئي ٿي ان طرف مبدل ڪن ٿا. ان ڳالهه کي سبليميٽ ڪرڻ سڏجي ٿو.

اهڙيءَ طرح زلفن کي فراق ۽ قيد سان مشابهت ڏني ويئي آهي. رواجي طرح ماڻهوءَ جي هميشه اها خواهش رهي ٿي ته فراق

جا ڏينهن گذري وصال حاصل ٿيس. پر گهري غور ڪرڻ بعد اهو پتو پوي ٿو ته فراق مان حاصل ٿيندڙ درد يا غم خود هڪ انتها درجي جي خوشي ٿئي ٿي. شاهه سائين فرمائي ٿو:

ڳوليان ڳوليان م لهان، شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، سا ملڻ مان مائي ٿئي.

وڌيڪ غور بعد پتو پيو ٿي ته اهي هڪ ئي شيءِ جا ٻه پاسا هئا. ليڪن ڪن درويشن ته موڙهو خوشي ۽ غم کي هيٺيون درجو ڏنو هو. جي ماڻهوءَ کي ان درجي تي پهچڻو هو جتي ٻنهي جي اثر کان آزاد ٿي وڃڻو هوس. اهو بيخودي يا حيرت جو مڪان هو.

مولانا روم فرمائي ٿو ته

"خوشتران باشد که سر دلبران، گفته آيد در حديث ديگران."

ان وانگر موٽي مجاز جي درسگاهه ۾ اچي ڪي سبق پڙهي ٻڌايان ٿو:

مجاز جي پهرئين دور ۾ جنهن کي معصوميت جي زماني سان تشبيهه ڏني اٿم (م) دوست هڪ استاد، مرشد ۽ رهبر جو ڪم ڏنو ٿي.

هن ٽئين مرحلي تي پهچڻ بعد عقل ۽ سڌن جي وڌڻ سبب همسري جي درجي تي پهتس. جتي اهو دوست مجازي مجسم، درسگاهه ۽ مسجد جو درجو وٺي ويو. آءٌ عاشق، شاگرد ۽ عابد بنجي ويس. انهيءَ وقت جو هيٺيون خط پڙهو.

دوست جو خط

ڪراچي، ١٦- جولاءِ ١٩٣٣ع يا علي مدد (هن خط تي سندس نالي جا ٻه انيشل رت سان لکيل هئا)

منهنجا عزيز ياءٌ، منهنجا هن منافقن، خود مطلبن ۽ جاده پرست ماڻهن جي وچ ۾ اڪيلا رازدان!

عزيز ياءٌ، گذريل رات کان آءٌ نهايت غمگين رهي آهيان. مون هڪ خط هن کي موڪليو جو مون گهريو ٿي ته هو مون بابت ڪجهه فڪر ڪري ته ان ڪري مونکي آٿت ٿئي ها ۽ ڪيس منهنجي

درد جو پتو پوي ها. مون گهريو ته ڪيس سلان. رواجي طرح آءٌ ميٽنگ ۾ وڃڻ بعد ڪيس ڏسي سگهان ها. پر مون کي خيال آيو ته عام مجمعي اڳيان آءٌ ڪيس پنهنجا جذبات ڏيکاريان سو ٺيڪ نه هو. چاڪاڻ ته ڪالهه آءٌ ان سوچ ۾ هيس جو ساري مجمعي جي سامهون ڪيس پاڪر پائڻ کان پاڻ روڪي نه سگهان ها. تنهنڪري گهر ۾ رهي پيس، ۽ ڪي ڪتاب ڪڍي پڙهيم. ميرزا عبدالقادر جو هي شعر نظر مان گذريو جو توکي موڪليان ٿي.

خبر نه آهي ته ڇو آءٌ اهڙو آزادانه طور توکي لکي رهي آهيان. ها مون کي معلوم آهي ته تون شريف انسان آهين ۽ مون کي خبر آهي ته توکي خدا جو خوف آهي. سڀ کان وڌيڪ اها ڳالهه آهي ته درد پري دل رکين ٿو. توکي اولاد آهي تنهنڪري ٻين جي اولاد لاءِ به همدرد آهين ۽ قدر ائين. جن کي مائٽن لاڏلو ڪري نپايو هو هاڻ ڪجهن جي حوالي وڃي ٿي آهي. خدا توتي پنهنجي رحمت موڪلي. مون کي خبر آهي ته تون پارسي چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو تنهنڪري هنن شعرن جي معنيٰ توکي سمجهائڻ جي ضرورت نه رهندي.

آءٌ توکي ايترو لکان ٿي ڇاڪاڻ ته مون کي خبر آهي ته تون ان ڪري ڪک نه ٿيندين، نه هن ڳالهه کي شرمناڪ سمجهندين، توکي جيڪڏهن هزارها خط موڪليان ته به تون صبر سان برداشت ڪندين. دل سان پڙهندين، قدر ڪندين، مهربان ماءُ وانگر مونکي هنن ڏکن ۾ ڏڍ ڏيندين.

هنن ڏکن بابت جڏهن آءٌ توکي لکان ٿي يا حال ڪريان ٿي ته پڪ اٿم ته هڪ همدرد پاءُ سان درد اوريان ٿي. ڇاڪاڻ ته مونکي معلوم آهي ته توکي عورتن جهڙي دل آهي، ۽ مردن جهڙي همت اٿئي. اهي ٻئي صفتون هڪ ماڻهوءَ ۾ گڏ هئڻ نادر ڳالهه آهي. ٻڌ ته مون کي نه ننڊ ٿي اچي نه کاڌو ٿو وڻي، جنهن ڏينهن کان تون ويو آهين هتي ٻيو ڪو به ڪونه آهي جنهن سان دل کولي درد ونڊيان. هاڻ جڏهن درد اپري ٿو ته اندر ڪاڇي پيو.

منهنجا عزيز ياءَ، توکي خبر نہ آهي تہ هنن ڳالهين ڪهڙيءَ طرح مون کي دک رسايو آهي. آءٌ ساڳي عورت نہ رهي آهيان. آءٌ دنيا اڳيان اندر جا راز کولي نٿي سگهان. مون کي صرف هن جو خيال آهي ۽ جيڪي مون ۾ بچيو آهي سو هن کي قبول آهي. هاڻ خبر پوي ٿي تہ خدا واقعي آهي ۽ خدا جي سچائپ هن جي ذريعي ٿي اٿم. تنهن لاءِ باوجود هن جي بي التفاتيءَ جي سندس شڪرگذار آهيان.

بيدل جا شعر هي آهن.

ز چاڪ سينہ آهي مي نويسم، ڪتانم ماهي مي نويسم
غبار انتظار ڪيست اشڪم، ڪہ هرسطري بر آهي مي نويسم
برنگ سايہ عشق ديگرم نيست، همان روزسياهي مي نويسم
نياز آئينہء اسرار نازست، شڪست، ڪج ڪلاهي مي نويسم
ز دل نقش اميدم جلوه گر نيست، بر اين آئينہ آهي مي نويسم
دو عالم نسخہ حيرت سوادست، بهر صورت نگاهي مي نويسم
چو صبحم صفحہ بي نقش بيدل، شڪست رنگ گاهي مي نويسم

هي پيو شعر ان ڪان بہ بهتر آهي جو ماڻهوءَ کي ايترو مٽي ڪٽي وجي ٿو جتي هو صبر سان همڪنار ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ انهيءَ جي پڙهڻ ڪان پوءِ مون کي پنهنجي دانهن تي قبضو اچي وڃي ٿو، هاڻ مون کي پتو پوي ٿو تہ هن کي خدا موڪليو آهي تہ مون تي ذهن نشين ڪري تہ منهنجو ههڙو حال سندس لاءِ ٽڪو(داغ) آهي، مونکي مضبوط ٿيڻ گهرجي. مضبوط ٿيڻ بعد ئي خدا مونکي نوازيندو، خدا مونکي هنن آزمودن ۾ ان لاءِ وڌو آهي تہ باوجود جدائيءَ جي آءٌ سائس هڪ ٿي وڃان.

شعر ميرزا عبدالقادر "بيدل"

ز پيرهن برون آئي شڪوهي نيست عرياني،
جنون ڪن تا حبابي را لباس بحر پوشاني

نمو هائي بهار اعتبار افسردگي دارد ،
نمي بار و بهار فصل سبحاني به آساني
بيكرم خاموش نتوان زكلفتها برون جستن ،
نفس را آب كن چندانكه گرد خويش بنشاني
محبت نيست آهنگي كه آفت جو شد از سازش ،
گسستن بر نمي آرد ز زنار مسلماني
حيا ايجادم از مي بي نقابي ها نمي آيد ،
اگر مژگان كشودم چشم پوشيدم به حيراني
نه دارد نقشي از حيرت دبستان خود آرائي ،
ازدرد دل چه مي پرسي هنوز آئينه مي خواني
محبت تهمت آلود جفا شد از شكست من ،
حبابم گرد بر دريا نشاند از خانه ويراني
دو چار هر كه گشتم چشم پوشيد از غبار من ،
درين صحرائي عبرت امتحاني بود عرياني
هوس از نسخه تسليم من صورت نمي بندد ،
نگهه نتوان نوشتن بر بياض قرباني

پويان شعر لاجواب آهن اهي سنهنجي اهڙي ترجماني ٿا ڪن جو تعجب وٺيو وڃيم ان ۾ شڪ نه آهي ته خدا رحيم آهي هو بي وسيلن جو وسيلو ۽ اڇايلن جو آب رسان آهي. هو غفور رحيم آهي. آءٌ شڪسته ٿيل آهيان پر سنهنجي شڪستگيءَ ۾ انبار خوشيءَ جو پريو پيو آهي. آءٌ هزار بار شڪسته ٿيڻ گهران ٿي، ۽ ان تجربن مان گذرڻ چاهيان ٿي. اهڙيءَ طرح خدا کي ماڻهوءَ جي معرفت ڏسي سگهي آهيان.

عزيز ياءَ، جلد اچ گهٽوئي ان مسئلي تي توسان ڳالهائڻو اٿم. اسان هڪ ٻين سان دل جا راز کوني سگهون ٿا پر تعجب ان ڳالهه تي آهي ته جڏهن پاڻ ۾ ملون ٿا ته گهٽو کونه ڳالهايون ٿا. جيئن گذشته دفعي بي زباني جي زبان ڪانسوءَ نه توڳالهايو نه مون ڳالهايو.

اسان صرف هڪ پئن ۾ نهاريو ۽ هڪ پئن جي مصيبتن ۽ پريشانين کان واقف ٿيا سون. تو مان سان منهن جي درد تي دانهن ڪئي ۽ مون جيڪي اندر ۾ دانهون پي ڪيون سي صرف تو جهڙو حساس دل ماڻهو سمجهي سگهيو ٿي.

عزيز ڀاءُ. خدا تو تي برڪت مرڪلي. اها وڏي نعمت آهي. جيڪا مون کي محبت هن لاءِ آهي انهي جو سمجهڻ به جهڙي تهڙي جي وسعت کان مٿي آهي. مون کي خبر آهي ته اها ذات توکي خدا کان مليل آهي.

جڏهن آءٌ باغ ۾ اڪيلي وهان تي، پکين جي چون چون ٻڌان ٿي ۽ سهڻا وڻ ۽ گل ڏسان ٿي ته مون کي اهو احساس ٿئي ٿو ته درخت جي هر هڪ پن ۽ گل مان منهنجي محبوب جو ظهور ٿي رهيو آهي. هن جو جمال هرجائي تي آهي. هو مون ۾ اندر آهي، ٻاهر آهي چوطرف آهي. آءٌ پنهن جو منهن سندس هنج ۾ رکي دانهون ڪري ساڻس راند ڪريان ٿي. ڪلان ٿي، رئان ٿي، مطلب ته اهو وقت منهن جي لاءِ ناياب ٿئي ٿو. پوءِ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن اچي مونکي ان خوش خواب مان بيدار ڪن ٿا. بعد ۾ انهن ماڻهن سان گفتگو ڪري وري اچي گوشہ خلوت ۾ رهان ٿي. جتي ساڳي حالت ۾ پنهن جي دنيا ۾ رهان ٿي ۽ سندس پرچا ڪريان ٿي. اها حالت سون کان ڪوبہ کسي نٿو سگهي نہ ان حالت ۾ اسان تي ڪو نظر بد وجهي سگهي ٿو. نہ ڪوئي گلا ڪري سگهي ٿو. ان مهل سارو وقت ساڻس گڏ رهان ٿي. سارو وقت سندس خوبصورت اکين ۾ ڏسي رهي آهيان. سندس چپن کي چمان ٿي. کيس پاڪر پايان ٿي. ان وقت هو منهنجو رهي ٿو ۽ آءٌ هن جي ٿيان ٿي. اهڙو اظهار ڪندي ممڪن آهي دنيا مونکي بي حيا تصور ڪري، پلي پئي ڪري مون کي ان جي ذري برابر بہ پرواهہ نہ آهي. اهو سڀ خدا جي سامهون ڪري رهي آهيان. جيڪڏهين خدا جو خوف نٿو ٿئي ته پوءِ ماڻهو ڇا ڪندا.

خدا مونکي اهو نعمت ڪري ڏنو آهي پوءِ ڏوهہ گناهہ ڪٿي ايندا. پوءِ حياءَ ڪنهن جو ٿيندو. اسان عرب جي صحرا جي پيدائش

آهيون، اسان گذشته زندگي جهنگلي گذاري هئي اتي پيار ڪندي ساه ڏنو هوسون.

هاڻ اسان هن مهذب دنيا ۾ جئين ماڻهو ان کي سڏين ٿا پر پتو نه آهي ته واقعي اها مهذب آهي، هتي مذهبي دستورن، اخلاقي قانونن جي ڪري مچي پاڻيءَ کان ٻاهر وانگر تڙپي رهيا آهيون. اسانجو خون اهو آهي جو پيغمبر خدا ۾ هو. اسان جو هر ڳالهه ۾ طور طريقه ساڳيو آهي، دنيا جي ڪابه شي اسان کي جدا ڪري نٿي سگهي. دنيا ڇا به ڪري. آه! آءٌ ڇا لکي رهي آهيان. شايد ستين آسمان تي پهچي ويئي آهيان. اهو ئي سبب هو جو نه ميٽنگ ۾ وڃي کيس مليس نه خط موڪليومانس پر باوجود ان جي باغ ۾ ساڻس گڏ هيس. عين انهي وقت جڏهين هن جو بدن ميٽنگ جي ڪاروبار ۾ مشغول هو. باوجود انهي ملاقات جي آءٌ دلشڪسته آهيان. دل تي بوجو اٿم. بنگلا جي روم ۾ دروازا بند ڪري تو خدا جي بندي ڏي هي خط لکي رهي آهيان. جو صاحب دل ۽ خدا وارو آهين. توکي دنيا تنگ ڪيو آهي. تون محبت جي آتش جو تجربو ڪري چڪو آهين جنهن ڪري توکي هر ڳالهه سمجهڻ جو ساده آهي. خدائي ذات واري دل اٿئي. خدا توتي رحمت ڪري، خوش رکي، خدا حافظ منهن جا پياءَ.

آءٌ تنهن جي دائمي ٿورائتي آهيان، منهن جي سموري محبت جا هن کان بچيل هوندي (جا نه آهي) تنهنجي سپرد آهي. تنهن ڪري شڪر گذاري ڪريان ٿي. آءٌ سمجهان ٿي ته تون سمجهندين ته منهن جي محبت ۽ عزت سڀ هن جي حوالي آهي. خط جي ڪناري تي رت سان لکيل لفظ منهنجو هن ڏاهن هدبه هئا. پر مون کيس موڪلڻ جي عيوض توڏي لکي موڪليا جو سمجهيم ته هڪ ته توکي هن لاءِ پيار ۽ عزت آهي پيو ته تو وٽ ان جو زياده قدر ۽ سمجهه آهي.

هاڻ ٽيو شعر لکان ٿي

شنيدم کہ شيخ زمان بايزيد، شب داشت از عشق گفت و شنيد
بہ بهر حضور حقائق شهود، خيالش نقاب تمنا کشود
کہ، چہ آمن بوالفضول، کہ يا بد دريں رنگ قبول
ندا آمد از حضرت ذوالجلال، کہ فرش اين جا دوعالم کمال
ز جنسي عبادات و علم و عمل، مراست اين کشور بي خلل
متاعي بجز نقص در کار نيست، کمال ترا کس خريدار نيست
شکستہ تو اينجا دوستي نماست، کہ بحر کرم سر بسر موماياست
ز جنسي شکستہ آنچہ پيدا شود، بر اين آستان قيمتش را شود
بران گل کند گريہ ابر بهار، کہ رنگ شکستن نکرد اختيار

خدا حافظ. منهنجو خون خشڪ ٿي رهيو آهي ظاهري ڪلي رهي آهيان، پر اڪين مان رت وهي رهيو آهي. جيڪڏهن آءٌ ورهين جا ورهيہ عبادت ڪريان ها، پرهيزگار ۽ متقي ٿيان ها تہ بہ مون جيڪي هن ڏهن مهينن جي ڏک مان پرايو آهي سو حاصل نہ ٿئي ها.

پيارا ياءٌ جي زندگي اهڙي گذرڻي آهي تہ ان کان پلي سري زمين ۾ آرام حاصل ڪريان. بهتر ائين آهي تہ هن کان هي ڳالهہ ڏان تہ هو مونکي پيار ڪري ٿو پوءِ سران.

عزيز ياءٌ، جيڪڏهن آءٌ سچي آهيان. منهنجي محبت سچي آهي تہ ائين ضرور ٿيندو خدا منهنجو شاهد آهي آءٌ سندس پيرن تي مٿو رکي موڪلائي مرڻ گهران ٿي. وڌيڪ لکي نٿي سگهان."

هيٺ آءٌ انهن خطن بعد جن مان هڪ مثال طور پيش ڪيو اٿم. پنهنجي ان وقت جي حاصل ڪيل تجربي ۽ تصور جو ذڪر ڪريان ٿو. جن کي مون ان وقت مضمونن جي صورت ۾ لکي ڇڏيو هو.

مضمون

٧-٥-١٩٣٤ع

ان منهنجي بي لوث غلامي، اوجاڳن ۽ اوسيڙن ڪري دوست ريو مونکي قريب ڪندو. آخر مون کي خاص حلقہ بگوشيءَ ۾ داخل ڪيائين."

جنهن تي منهنجي خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي. مون بادشاهن تي بہ اک نہ چنبڊي پاڻ جهڙو بخت وارو ڪنهن کي نہ ٿي سمجهيم. هن آسمان جي مالڪ جي غلامي ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي. ان غلاميءَ جي لطف جي مونکي خبر هئي، آءٌ يڪتا ٿي ويو هوس. دنيا مونلاءِ بهشت بنجي ويئي هئي. ڏاڏي آدم جو مثال منهنجي سامهون هو.

”انه کان ظلوماً جهولا“

جي فرموده کان ٻاهر نڪري نہ سگهيس ۽ منع ٿيل درخت (راز) جي سواد وٺڻ لاءِ آماده ٿيس. مونکي ”لولاڪ لما خلقت الافلاڪ“ جي راز جو پتو نہ هو. آءٌ غلام هوس منهنجو ڏنڊو بنا مقصد ۽ لالچ جي خدمت ڪرڻ هو. نہ عاشق معشوقي جي رازن کان واقف ٿيڻ هو. آءٌ هن لاءِ هوس نہ هو مون لاءِ هو. هن جو راز صرف سندس معشوق کي معلوم ٿيڻو هو. پر ”الانسان مرڪب من سهو والنسيان“ ’انسان خطا جو گهر آهي‘ سو مونکي بہ سڌ جا ڳي تہ غلامي ۽ خدمت جو صلہ ملڻ گهرجيم. ان لالچ ۽ تميز مونکي معصوميت جي اعليٰ مڪان مان لاهي بهشت تان زمين تي آڻي ڦٽو ڪيو. اڳي معصوميت ۾ منهنجا عيب ڍڪيا پيا هئا، سي ظاهر ٿي پيا. ان حالت تي زار زار رنم پنهن جي ڪئي تي پشيمان ٿيس توبهہ قبول پيئي پر بهشتي حالت واري معصوميت وري نہ موٽي. عالم عبديت ملائڪن جو ملڪ هو. ان کان ٻاهر نڪري ٻي عالم اچڻو پيم.

تجھ قيد سے دل ہوکر آزاد بہت رويا،
لذت کو اسيری کے کر ياد بہت رويا.

١٩-٥-١٩٣٤ع ان جي غلامي منهن جي لاءِ باغ عدن برابر هئي پر ان کان ٻاهر نڪرڻ بعد بہ مون تي احسان جو هٿ ڍرو نہ ٿيو.

هاڻ آءٌ غلام جي عيوض دوست سڏجڻ لڳس. ان ۾ مون ڪيئي منزلون طي ڪيون مون کي ياد آهي تہ سارا ڏينهن ۽ راتيون ان جي بارگاه اعليٰ ۾ مون کي شرف بار يا بي نصيب هوندو هو. منهن جي هن جي وصال کان سواءِ ڪانہ سرندي هئي، هن جي لطف

جو اهو حال هو جو ويل بہ نہ وساريندو هو. هو ۽ آءٌ هئاسون، هن جون اکيون جڏهن منهنجي اکين سان ملنديون هيون تہ ” فکان کاب قوسين او ادنيٰ“ جو نظارو نظر ايندو هو. اهي دريون هيون جن مان دوست پي ديدار ڪرايو. ان جي پيشاني منهنجي مسجد هئي، جنهن جي صاف ميدان ۾ بجليءَ جي روشنيءَ يا چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ وڃي دنيا جي مها چار کان نجات ۽ سڪون حاصل ڪندو هوس. ان جي رخ انور مصحف جو ڪم ٿي ڏنو. جنهن جي هرهڪ آيت الهام الاهي هئي. ان جيڪي چيو يا لکيو يا سبق ڏنا سي اهڙا هئا جهڙا موسيٰ کي طور سينا تي مليا هئا. ان جي پريم جي پيالي ۾ اها مستي هئي جنهن جي ترجماني خواجہ حافظ نهايت عمده پيرايہ ۾ ڪئي آهي.

رهانيدي مرا از شر هستي، چوپچودي پيا پي جام مئي را.

معنيٰ- ”جڏهن شراب محبت جا جامن مٿان جام پيارئي تہ هستي جي مها چار کان آزاد ڪري ڇڏيئي.“

خواجہ صاحب وڏيڪ فرمائي ٿو-

مست مي بيدار گرد نيم شب، مست ساقي روز محشر بامدار.

معنيٰ- شراب جو نشو اڌ رات تائين هلي ٿو. محبوب جو نشو روز محشر تائين رهي ٿو.“

منهن جو اهڙو حال هو. انهي محبت جي مئي بلاشبہ مستان ڪري ڇڏيو هو. ہر اهڙي اوج واري حالت ۾ بہ بيتاب هوس. اندر جي آگ صبر وچائي بيقرار بنائي ڇڏيو هو. پاڻ کي پلصراط تي بيٺل پئي معلوم ڪيم. محبوب جي دلربا صفاتي باغ جو هر هڪ ميوه گل عجيب ميٺاج ۽ خوشبوءَ وارو هو. جنهن ڪيترن ئي زاهدن جا روزا پيچي ڇڏيا هئا. انهي ميدان ۾ سندس ڪمان ابرو ڪيترن عاشقن کي گذرا جٽي گهايل ڪري ڇڏيو هو. ان جي ديدن جي دونالي اج ڪلهہ جي جرمن مشين گن کي شهہ ڏئي ڇڏي هئي. ان جي پيشاني جي ميدان ۾ ڪيئي عاشق زلفن جي ڪمند جا اسير ٿي چڪا هئا. اهي عشق جا اڇايل عاشق، معشوق جي لعل لبن جي سرڪي لاءِ جا آب ڪوثر کان زياد، جا تائون ٿي. العطش جو نعرو گذر ڪري ويا هئا.

اي دوست آءٌ ٿامون هوس تنهن جي ڇهڻ سونکي سون بنائي ڇڏيو هو.

”راڻا هيس ريءَ، توسائين مون سون ڪيو“

تنهن جي جهولي ۾ ننڍ اڳيان حوران بهشت جا هندورا مات هئا. تنهن جي لبن جي لعاب ۽ اکين جي گرم آب، آب حيات جو ڪم ڏنو ٿي.

مطلب ته تنهن جي باغ صفات جي ڪهڙي ساراهه ڪريان، ان ڪان قلم قاصر آهي. اهي سڀ دل وٽندڙ شيون ڏسي دل ٿيم ته، انهي صفاتي بهشت جي باغ جو ميوو چکان ته هاتف ڪان آواز آيو ته منع ٿيل شي کي ويجهو وڃڻ ڪري بهشت عبوديت مان تڙئين هاڻ ڪثرت جي عالم ۾ اچي ڪنهن به صفاتي شيءِ کي هٿ لائيندين ته قرب ڪبريائي ڪان تڙجي ويندين.

”پسي ڳاڙها گل، متان ڪا چانگي کي چاري“

نيٺ سندس لطف ۽ احسان سان اها چاڙهي چڙهي جاءِ امن تي پهتس ۽ باغ صفات جي ڪنهن به شيءِ کي هٿ نه لاتم. پاڻ کي اڇوتن جي قطار ۾ داخل سمجهي نياز ۽ ادب جي واٽ وٺي وقت گذار يم.

چا لڳي باهه چا ڪپاهه پر انجي مهرباني سونکي فائر پروف ڪري ان جي تجلي صفاتي ۾ جلڻ ڪان بچائي ورتو.

جڏهن سونکي ان باغ صفات مان ميوي چکڻ يا گل سنگهڻ جي اجازت ملي ته مون سواءِ سندس ذات جي ٻي ڪنهن به شيءِ جي تمنا نه رکي. مون پنهن جي تمنائن کي عشق جي آتش ۾ ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو. ليڪن منهن جي حالت بهتر ٿيڻ جي عيوض بدتر ٿي. صفات کي هٿ لائڻ ڪان گوشو ڪيم. ان لاءِ ته ذات تائين پهچي سگهان. پر ان جو حصول منهنجي طاقت ڪان ٻاهر هو. آخر ان بعد اهو راز کلي پيو ته ذات اعليٰ کي تسلط ۾ آڻڻ ممڪن هو. اتي صرف ان جي تسلط ۾ رهڻو هو.

عشق نه آهي راند جا کيڏن ڳپرو، سسي نيزي پاند اڇل ته اڏ ٿئي.

مون مان اجا ڪڪ ڇهي رت پئي نڪتو سو ڪٿي تي ان اعليٰ مڪان تي پهچي سگهيس. ان ڪانپوءِ منهنجا آزمودا شروع ٿيا. پهرين ان محبت جي مڪتب مان سورن جا سبق سکيم. ڇاڪاڻ ته ان ڪانسواءِ عاشقن کي بارگاه حقيقي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملڻي ني هئي.

١٠-٥-١٧٣٤ع

محبوب جو مڪتب

اڻين ته ڄمڻ کان وٺي دنيا جي مڪتب ۾ تعليم شروع ٿئي ٿي: گهر جي تربيت، سنڌي اسڪول جي تعليم، قاضين ۽ مولوين کان پارسي ۽ عربي تعليم.

خلافت، ڪانگريس، لوڪلبورڊ وغيره جاين تي سياسي سکيا، بيشڪ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. راتيون جاڳي ڪتاب پڙهڻ، سوز ۽ عشق جا ڪلام ٻڌڻ، ست سنگ جو ساٿ وٺڻ، تن بہ وڏا پال پلايا. دنياوي دشمنن کان جي سبق سکيس سي بہ نهايت ڪارآمد هئا. پر محبوب جي مڪتب جو رنگ ئي اور هو.

وسريوم سبق پهرين سٽ نہ سڃاڻان،
اجا هي ورق مون مطالع نہ ٿئي. (شاه)

هتي پيا سڀ سبق وسارڻا پيا. پهرين تنهنجي وصال جو مطالع ڪيم.

تنهن ۾ تون ئي هئين، ٻي لات لحظي جيتري ڪان هئي. هي جاءِ سانڍڻ جي نہ هئي اتي اٺموٽ ئي اچي سگهيا ٿي. جن جا سر سٽ ۾ هئا. اتي وجود وڃائڻ ڪانسواءِ پڙهڻ پڙهائڻ جي ڳالهہ ئي نہ هئي.

مون سمجهيو تہ ان جي وصال ۾ وقت خير سان گذرندو پر:

ديکهہ تو عشق کی دهڑکی شب وصل میں آه،
گرچہ ہے پاس تیرے، تو بھی ہے ششدر عاشق.

ان ڪشمڪش اڳيان چقمق جي لوهہ کي چڪ، باهہ جو پتنگ کي

سڏ، سپ جو برسات لاءِ واجھائڻ سڀ مات هئا.

ان وقت ظاهر ۾ هن کي ڏنم ته پئي ۽ ان جي حضور ۾ حاضر به هوس، ته به بي تابي لڳي پيئي هئي. جنهن سڪ نه ٿي ڏنو.

بلبل برگ گل خوش رنگ در منقار داشت،
وندران برگ و نوا خوش نالهائي زار داشت،
گفتمش در عين وصل اين ناله و فرياد چيست،
گفت مارا جلوه معشوق در اين ڪار داشت.

معنيٰ- بلبل کي خوش رنگ گل جي پنکڙي چهنب ۾ هئي. اها پنکڙي چهنب ۾ هئڻ جي باوجود دانهون پئي ڪيائين. مون پڇيومانس ته وصال جي وچ ۾ هي دانهون فرياد ڇا جي لاءِ هئا. چيائين معشوق جي جلوه مونکي هن بي تابي جي حالت ۾ آندو آهي."

ان وقت معلوم ٿيو ته ڏسڻ ۽ ملڻ ۾ وڏو فرق آهي. عجب اهو هو ته محبوب جي حضور ۾ حاضر به هوس، گڏ به ويٺو هوس پر ان کي آءٌ پهچي نٿي سگهيس. اهو پردو ڪهڙو هو جو آڏو هو. بقول شاعر اهو پردو:

تون پاڻ پير پردو آهين پيل پرين تي،
تون نيست ٿي ته نازڪ ساڻ ٿئي وصال تنهنجو.
(اصغر)

اهو پردو ڪيئن هٽي ان لاءِ هڪ جهرڪ جي مثال منهنجي رهبري ڪئي.

"هڪ ڏينهن ڏٺم ته هڪ جهرڪ آئيني ۾ پنهنجي تصوير ڏسي انتي عاشق ٿي پيئي پاڻ پتوڙيو. اها حالت ڏسي ڏينهن جا ڏينهن هلي، ان جدوجهد ۾ اهڙو مستغرق ٿي ويو ٿي جو پر ۾ ڪنهنجو به سڏ سماءُ ڪونه ٿي پيس. محبوب ئي محبوب سامهون هوس، محبوب کي ڏسڻ جي باوجود به انکي پهچي نٿي سگهيو. پاڻ جو پردو هن جي اڳيان حائل ٿيو بيٺو هو. جيستائين ان کي دور نٿي ڪيائين ان وقت تائين حقيقت جو معلوم ٿيڻ مشڪل هوس."

ان ڪري مون ٻه جيسيتائين سوز جو سبق پڙهي پاڻ وڃائڻ نه سکيو هو ان وقت تائين اها دوئي جي تصوير سامهون ٿي ڏوڪو ڏئي رهي هئي. پاڻ وڃائڻ بعد ظاهر جون اکيون بند ٿي جڏهن اندر جون اکيون کليون ته پتو پيو ته:

اسين سڪون جن کي، سي تان اسان پاڻ،
پڇي وڃ گمان، مون صحيح سڃاتا سپرين.

جيسيتائين مون پاڻ نه وڃايو هو ان وقت تائين دوست کي ملڻ محال هو. ان سلسلي ۾ دوست سوز جا سبق پڙهائڻ شروع ڪيا تن پاڻ وڃائڻ جو رستو ڏيکاريم. ان ڪانپوءِ پتو پوڻ لڳو ته جنهن کي تو اکين آڏو سمجهيو ٿي ان ۽ تنهنجي وچ ۾ فراق جو اڇها ڳ سمنڊ بيٺو هو جو سمورو پار لنگهڻو هوم. اهو پنڌ پراهون ۽ منزل ڏور تي هو.

شاهه سائين ان لاءِ چيو آهي ته:

"جي قيام ملن ته ٻه ويجها پائنج سپرين"

هي مڪان ۽ زمان کان ٻاهر جو عالم هو جنهن کي ابديت سڏي سگهجي ٿو. عالم مڪان جي جانچ ٿي ڪيم ته عقل اڏامي ٿي ويو. پهريون مڪان دل هئي جنهن ۾ محبوب وٽ سندس معشوق کانسواءِ ٻي ڪي جاءِ ڪانه هئي.

ٻيو مڪان بدن هوس سو شريعت جي حوالي ۾ هوس. ٽيون مڪان سندس گهر هو جو ستايل عاشقن جي آرام لاءِ هو.

وري جي زمان جي عالم ۾ ڪيس هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيم ته اتي ٻه ڪيترين مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو ٿي. جڏهن غفلت جو نشو چڙهيل هو ۽ عشق جي احوال کان غير واقف هوس ته ڏينهن ٻارنهن ڪلاڪن تي مشتمل ڏٺم ليڪن عشق جي دنيا سان روشناس ٿيڻ بعد ان جا معيار ئي بدلجي ويا. وصال جي وقت اهي ١٢ ڪلاڪ گهٽجي وڃي چند منٽ ٿيا ٿي ۽ فراق جي حالت ۾ اهو ساڳيو ڏينهن وڌي هزارن ورهين جو ٿي ويو ٿي. اها فراق جي سمنڊ

جي سفر جي تياري هئي، خدا ڄل احسان سان پار اڪاري.

جيڪي منجهه جهان سو تاريءَ تڳي تنهن جي،
لطف جي لطيف چئي تو وٽ ڪمي ڪانه،
عدل ڇنان آءٌ نه ڪو قيرو ڪج فضل جو.

دوست سان ٻه ٻي ڳالهيون (مضمون)

اي دوست - آءٌ هڪ نابلد، اڻ گهڙيو ڪاٺ هوس، تو لطف ۽ ڪرم سان مون کي ملڪ جي ڪنڊ مان هٿ ڪري پنهن جي غلاميءَ ۾ حلق بگوش بنايو.

"راڻا هيس رئي، تو سائين مون سون ڪيو."

تنهن جي غلامي کي ڪهڙن اکرن ۾ ادا ڪريان، حافظ شيرازي فرمائي ٿو:

"اسير بند تو از هر دو عالم آزاد ست."

معنيٰ- "تنهنجو قيدي ٻنهي جهانن کان آزاد آهي."

آءٌ هڪ وحشي جانور مثل هوس تنهنجي قرب جي ڪڙي مون کي مهذب صحبت جو لائق بنايو. منهنجي خوديءَ کي تو ڪانئين ڇڏيو. گهڻن درن کان پاسي ڪري هڪ پنهنجي طرف راغب ڪيو اها ڪثرت کان وحدت طرف نيڻ جي شروعات هئي.

هر چند که صد دوست بمن دشمن شد،
از دوستيءَ يکي دلم ايمن شد،
وحدت بگزيديم زڪثرت رستم.
آخر من از و شدم و اواز من شد.

(عمر خيام)

معنيٰ- سوها دوست دشمني جو باعث بنيا پر دوست رکڻ ڪري دل کي تسڪين آئي. ڪثرت کان نڪري وحدت ۾ آيس، نتيجو اهو نڪتو ته هو منهنجو ۽ آءٌ هن جو ٿي وياسون جڏهن غلاميءَ جو زنجير پاتم ته منهنجون عبادتون گم ٿي

ويئون، تنهنجي غلامي منهنجي عبادت هئي.

”ہو وہ کافر جسکو دیدار خدا کی ہو ہوس،
اي بت کافر تیرے ہی طالب دیدار ہم.“

تنهنجي غلاميءَ جا ڏينهن سڀ وارا هئا، آءٌ ٻي جان پتلو هوس، تون منهنجو ساهه هئين. منهنجو اٿڻ، ويهڻ سمهڻ، ڳالهائڻ تنهن جو هو. جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ کي جن جو آسيب ٿيڻ بعد ماڻهو سندس قبضي هيٺ اچي وڃي ٿو پوءِ ڳالهائيندو، اٿندو، ويهندو صرف جن ٿي هوندو آهي اهڙو تنهن جو مون تي قبضو هو. اوچتو ڪو جو واءُ لڳو جنهن منهنجي حالت بدلائي غلامي مان ڪڍي همسريءَ هڪجهڙائي درجي تي آڻي ڇڏي.

لذت کو اسیری کے کر یاد بہت رویا،
تجھہ قید سے دل ہوکر آزاد بہت رویا“
(سودا)

مون کي تنهنجي غلامي سون هئي، پر تو نوازش ڪري ترقي ڏيئي خالص محبت کي عشق جي درجي تي آڻي ڇڏيو. اڳي صغير هئڻ ڪري بار سمورو توتي هو. پر هاڻ آدم وارو داڻو کارائي بلوغت ۾ آنديئم. اڳي لالچ ۽ لوڀ ڪونہ هو. هينئر ٿيڻ لڳم. دل ۾ انعام جي حصول جي اميد پيدا ٿي. راجا وٽ موتين جو ڪال ڪانہ هو. تو پنهنجا خزانا منهن جي لاءِ کولي ڇڏيا. آءٌ خطا جو گهر هوس. سو گمراه ٿيڻ کي ويجهو آيس، ۽ امڪان هو تہ تنهنجي لطف ڪرم جو ٻي جا فائدو وٺان. پر وري تنهنجي هدايت نصيب ٿي پاڻ سڄاڻي پري رهيس.

چنيسر سين چاڳ متان ڪا منڌ ڪري،
ڏسريو ڏهاڳ ڏئي کي سهاڳڻين.

جڏهن نوازش مان مستفيد ٿيڻ جو وقت آيو تہ تو وصال کان پاسي ڪري مون کي خود پسنديده فراق طرف راغب ڪيو. ظاهر ۾ منهن جي بدن جو قوت ۽ اندر جو آسانگو بند ٿيڻ تي هو پر رحمت ايزدي جي آثار تي دل جهلي فراق جي سفر جي تياري ڪيم.

هاڻ آءٌ پاڻ کي بالغ سمجهي آزاد ۽ پاڻ تي ڀاڙيندڙ سمجهان ٿو. البت فراق لاءِ "الفراق اشد من الموت" جا لفظ ٻڌي دل پيئي گهبرائي. ليڪن انهي فراق منهن جي خودي کانئين ظاهري ڀڄ ڊوڙ کان پاسي ڪري اندر جي ڊگهي ڊوڙ طرف راغب ڪيو آهي. هاڻ چوڻ لڳو آهيان.

اگرش وفا ست خود مي آيد، در آمد نش و است خود مي آيد.
بيهوده چرا در پي اوميگر دي، بنشين اگر او خدا ست خود مي آيد.
(خيام)

معنيٰ- "جيڪڏهن هن ۾ وفا آهي پاڻهي ايندو. جيڪڏهن اچڻ ضروري ڄاڻندو پاڻهي ايندو، اجايو ان جي پويان ڇو پيو ڦرين ويهه، جيڪڏهن هو خدا آهي ته پاڻهي ايندو."

هاڻ خودداري سکي پيو آهيان، تـون سون جو سائين آهين مون جهڙا ڪيئي توتي مستان آهن. هاڻ پنهن جي دل جي چوديواري ۾ پهنجو گهر صفا ڪري تو وهان ۽ انتظـار ڪندو رهندس، روز پيو راهه نهاريندس ته ڪڏهن تو ڪرم جا پير پري اچي مون وٽ مهمان ٿين پوءِ توکي دل جي مسند تي وهاري عشق جـي نماز پڙهندس. توکي روئي ريجهائيندس ۽ چوندس ته:

تـو اے حقيقـت منتظـر نظـر آ لباس مـجـاز ميں،
کہ ہزاروں سجده تڑپ رہی ہیں میرے جبین نیاز میں.
(اقبال)

اکين ۾ ٿي ويهه تـه واري ڍڪئين،
توکي نه ڏسي ڏيهه آءٌ نه ڏسان ڪي پيو.
(شاهه)

خطن ۽ مضمونن تي تبصرو

ائين ته ناولن، قصن، ڪهاڻين ۽ شعر ۾ عشق بابـت گـهڻو ڪجهه پڙهيو هوم پر جهڙي طرح سائنس جي ٿيوري پڙهڻ بعد جيستائين

انجا ليباڙي ۾ تجربا ڪتا ڪيا وڃن ان وقت تائين صحيح حقيقتن بابت پوري آگاهي نہ ٿي ٿئي. ان وانگر جيسين تائين مذڪور بالا دوست (م) سان واقفيت نہ ٿي هئي ان وقت تائين عشق جي ماهيت کان واقف نہ ٿي سگهيو هوس. اها عورت وڏي گهراڻي جي اعليٰ تعليم يافته، بااخلاق، مهذب ۽ شادي شده هئي.

هن جي محبت منهن جي هڪ دوست سان جو بہ تعليم يافته، بااخلاق، مذهب، ۽ شادي شده هو. ٿي ويئي. اها محبت ايتري قدر زور وٺي ويئي جهڙي سندس خطن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنون جي حد کي وڃي پهتي هئي. ٻنهي ماڻهن ۾ تفاوت هي هو تہ مرد صاحب دل نہ هو. صرف صاحب دماغ ۽ تاجر ذهنيت جو هو ۽ عورت صاحب دل، وفا ۽ قرباني جو مجسمہ هئي. هڪ پازيٽو هو ٻي نيگيٽو هئي انهي جي امتزاج سان بهتر مرڪب بنجي سگهيو ٿي.

جنهن صورت ۾ ٻئي شادي شده، صاحب اولاد ۽ بااخلاق هئا انڪري جنسي خواهش جي ڪشش جو سوال وڏي اهميت رکندڙ نہ هو. پر جنهن صورت ۾ اڪثري مجازي محبت ۹۰ سيڪڙي جنسي خواهش جي اثر هيٺ زور وٺي ٿي تنهن ڪري جيستائين طالب علم ۽ فڪر ذريعي ان ساري مسئلہ جي سبلائيمشن (روحاني تعويل) نہ ٿي ٿئي تہ ان وقت تائين اهو مسئلو منجهائيندڙ ٿي پيو ٿي. هن حالت ۾ منهن جي مرد دوست انهي محبت کي سواءِ هم خيالي يا وقتي ملاقات جي زياده اهميت نہ ٿي ڏني. ليڪن منهن جي (م) دوست ان ساري معاملي کي زندگيءَ جو ماحصل سمجهي رات ڏينهن ان فڪر ۽ خيال ۾ گذارڻ شروع ڪيو" جنهن ڪري هوءَ نهايت پريشاني ۽ دک ۾ گذارڻ لڳي اهڙي حالت ۾ ڪيس ڪنهن سونت غمخوار ۽ همدرد دوست جي ضرورت هئي جو ان کي انهي مشڪلات ۾ سهارو ڏئي سگهي. هن ڪيئي تجربا ڪيا. جڏهين سون سان واقفيت ٿيس تہ هن کي اهو ماڻهو ملي ويو جنهن جي ضرورت هيس. هن جو آهستہ ٿي سون تي ڀروسو ٿي ويو ۽ سمجهيائين تہ ممڪن هو سندس مشڪل

منهن جي ذريعي حل ٿي سگهندي. تنهنڪري هوءَ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون سان حال اورڻ لڳي. ۽ منهن جي معرفت دوست سان ملڻ ۽ ٻنهي جي وچ ۾ جا ڳالهه حائل هئي ان کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳي. ان ۾ دوست جي ظاهري بيالتفاتيءَ تي نااميد ۽ دل شڪسته ٿيڻ ۽ ڪيئي شڪ شبها پيدا ٿيڻ شامل هئا.

وچڙندڙ بيماري وانگر عشق به وچڙندڙ آهي. آءٌ جذباتي ته اڳي هوس ويتر هاڻ جو هن نئين معلومات جي بناتي تجربا ٿيڻ لڳم تنهن مون کي "ڪارو ٻڌ ڪمري سان رنگ نه مٽائي اوساڻ ضرور مٽائيندو" وانگر آهسته آهسته ان عشق جي بيماريءَ جو مريض بنائي ڇڏيو.

پهرين ته مون کي پتو ئي ڪونه پيو ته آءٌ به ڪو عشق جي مرض ۾ گرفتار ٿي ويو هوس. صرف ٻنهي دوستن جي باهمي مشڪلات دور ڪرڻ ۽ همدردي لاءِ (م) جي مدد ڪندو رهيس.

منهنجي ۽ دوست (م) جون طبيعتون جذباتي هئڻ ڪري قريباً ساڳيون هيون. ان ڪري هڪ ٻئي جي جذبات کي سمجهڻ ۾ تڪليف نه ٿي ٿي. هن کي پتو نه پيو ته آءٌ انهن ڏکين ملاقاتن ۽ حال اورڻ ۽ همدرديءَ جي وجهه ڪري سندس محبت ۾ گرفتار ٿيندو ويس ۽ مونکي پتو نه پيو ته منهنجي هيتري همدردي، دلچسپي ۽ ساٿس اتساه جو ڪارڻ ڪهڙو هو.

پهريون دور ته بنا لالچ جي خدمت ۽ همدردي ڪرڻ ۾ گذري ويو. ليڪن ٻئي دور ۾ داخل ٿيڻ بعد جنهن کي سن بلوغ سڏيو اٿم جڏهن تميز جو مادو پيدا ٿيو ۽ سڏن جنم ورتو تـه پتو پوڻ لڳو تـه حڪيم پاڻ مريض بنجي چڪو هو.

جن ڳالهين منهنجي دوست (م) کي منجهايو هو سي ساڳيون ڳالهيون منهنجي سامهون اچڻ لڳيون. مونتي جنسي خواهش، رقابت ۽ حصول مطلب وغيره ڳالهين اڻ سڏيءَ طرح حملو ڪرڻ شروع ڪيو. وصال جي حالت ۾ به بي صبري هئي ۽ فراق ۾ به بي قراري هئي. انهن ڳالهين منهنجي طبيعت تي گهڻو اثـر ڪيو. ان حالت ۾ مونلاءِ ٻه رستا کليل هئا،

هڪ ته ان جذبي کي فطري ڪشش سمجهي جنسي خواهش جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيان. پيو تہ ان ڳالھ کي بيڪار ۽ بي معنيٰ سمجهي ڇڏي ڏيان.

ٻيهرين راهه ڪان سونکي مذهبي، اخلاقي، سوشل اثرن باز رکيو. ٻيءَ کي درويشن جي صحبت ڪري سعادت سمجهي ڇڏڻ جي عيوض وڏيڪ دلچسپي وٺي ان جي سبلائيميشن (روحاني تعويل) لاءِ ڪوشش ڪيم.

منهنجا مضمون انهي غور ۽ فڪر جي ڪڙي معلوم ٿين ٿا. ان سلسلي ۾ منهنجي زندگيءَ جي مختلف شعبن تي ڪهڙو اثر پيو سو مختصر طور هيٺين طرح پيش ڪندس. انهي عشق جو منهنجي عبادت تي هيٺيون اثر پيو.

عشق جو عبادت تي اثر

اڳي جنهن وقت خدا جو تصور مجازي هوم ۽ خيال هوم ته خدا سائين مٿي آسمان تي ويٺو آهي سڀ ڪجهه ڏسي پيو. سڀ ڪم ان جي رضامندي ۽ حڪم سان سرانجام ٿيا ٿــي، عبادت ڪرڻ تي راضي ٿي ٿيو. ته ان وقت سندس عبادت مان سرور حاصل ٿيندو هو ليڪن بعد ۾ جڏهن علم جي داڻي چکڻ بعد خدا جو مجازي تصور بدلجي بي مثال ۽ بي صورت، فهم، گمان ڪان بلند سامهون آيو، ان ڪانپوءِ عبادت مان اڳوڻو مزو نڪري ويو هو. پر جڏهن ڪان مجازي عشق سان واسطو پيو ته خدا آسمان مان لهي اچي ماڻهوءَ جي صورت ۾ سامهون بيٺو هو. هاڻ ڪثرت ڪان نڪري وحدت کي پهتو هوس. محبوب حقيقي جو تصور به مجازي بنجي پيو هو.

”دوستان عيب نظربازي حافظ مکنيد، کہ من اورا از محبان خدا مي بينم“

”دوستو نظر بازي حافظ کي عيب نہ سمجهو. ڇاڪاڻ ته آءٌ هن کي خدا جي دوستن مان ڄاڻان ٿو.“

ظاهري نمازون ۽ روزا ختم ٿيڻ لڳا.

صحبت سپريان جي وڏي پائنج هاج،
قضا ڪج نماز، وقت ورائڻ سڙو.

رکو فراق جي حالت ۾ دل کي آتت ڏيڻ لاءِ ڪنهن وقت عبادت ڪندو هوس.

ڪي جو ڪيڏاهين، اکيون پسي آئيون،
تـائين تيڏاهين، پيئون پـاڻ مـراديـون.

اڳتي هلي جڏهن عشق مجازي کي حقيقي عشق طـرف نيڻ جي خواهش پيدا ٿي ته خيال آيو ته چو نـه مرشد جي ذڪر اذڪار ذريعي مجاز مان چڙهي حقيقت کي پهچان. انهي خيال سونکي خواجه محمد حسن جان سرهندي جي خدمت ۾ موڪليو، جنهن جو احوال اڳي ڪري آيو آهيان. ان حقيقت ۽ مجاز جي وچ ۾ دوئي جي خيال مونکي راه راست ڏيکارڻ جي عيوض پاڻ گمراه ڪيو.

نہ خدا ہی ملا نہ وصال صنم، نہ اِدھر کے رہے نہ اُدھر کے رہے.

وارو حال ٿيو. پـر ان تجربي مان معلوم ٿيو ته ظاهري عبادت مان ڪجهه نـه وريو هو. خصوصاً ان حالت ۾ جڏهن دل بتن سان پري پيئي هئي.

عشق جو علم تي اثر

ابتدا ۾ علم عام معلومات لاءِ پڙهندو هـوس ۽ جيڪي نظر سامهون ايندو هوم پڙهندو هوس. هن نئين دور ۾ اچڻ بعد مون کي علم جـي حصول لاءِ ڪي خـاص معيار مقرر ڪرڻـا پيا جهڙوڪ : ١- سرور دل جو حصول ٢- پاڻ وڃائڻ جي معنيٰ سمجهڻ ٣- پاڻ سڃاڻڻ ٤- فراق ۽ وصال جا تفاوت معلوم ڪرڻ.

(١) علم مان سرور دل جو حصول

عشق مجازي جي هن دور ۾ اچڻ بعد علم جا رستا ۽ راهون به تبديل ٿيڻ لڳا. اڳي علم معلومات جي ذخيره وڌائڻ، ذهني عياشي، مختلف مقصدن جي حصول لاءِ مددگار طور حاصل ڪندو هوس. اڳي ڪتابن، صالحن جي صحبت، غور ۽ فڪر جا ذريعا علم جي حصول لاءِ ڪم ڏيندا هئا. هاڻ ته محبوب جو منهن مصحف جو ڪم ڏئي ڪيئي اڻ ڏٺل نظارا ڏيکاري ڇڏيا هئا. ساري ڪائنات ۾ ان مجازي

محبوب جون نشانيون نظر اچڻ لڳيون هيون.

عالم صفات سندس اصل رنگ ڍنگ ۾ ڏسڻ ۾ آيم. حسن ڪل جو جلوه جڏهن جز ۾ ڏٺم ته هر شيءِ ان جي حسن سان معمور ڏسڻ ۾ آئي. محبوب جون اکيون، دريون هيون جن مان جهاتي پائي نوان نوان نظارا پئي ڏٺم. ساري ڪائنات جا مختلف مظهر جي اڳي مونلاءِ بي جان شيون هئي معلوم ٿيون تن ۾ زندگيءَ ڪي روان ۽ دوان ڏٺم. جبل، زمين، دريا، سمنڊ، وڻ، گل ۽ پن، زبان زندگيءَ سان سون سان ڳالهائڻ لڳا. هاڻ ڪتابن جي گهڻي ضرورت نه رهي.

سون ڪي اکڙين وڏا ٿورا لائيا، ته پڻ پرين پسن ڪٺان جي ڪر سامهون.
(شاهه)

اڳي پڌو هوم ته مختلف قسم جا نشا سرور پيدا ڪري زندگيءَ ڪي پرلطف بنائين ٿا. شراب، ڀنگ، چرس وغيره جا نشا عارضي طرح غم غلط ڪري سرور پهچائڻ لاءِ مشهور هئا پر انهن جو نشو عارضي هو. نشي اترڻ بعد ٿڪاوٽ، ڪمزوري ۽ بدحواسي نتيجن ۾ حاصل ٿي ٿيا. راڳ ۽ سرود جو سرور به نشه آور شيءِ وانگر ماڻهوءَ ڪي هن دنيا ۾ وٺي ٿي ويو. سهڻا نظارا، سهڻا ماڻهو، عمديون آڪاٽيون سڀ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. پر مجازي عشق جي هن دور انهن جي قيمت ڪيرائي ڇڏي.

بي جان شين ۾ جان ڏسڻ ۾ آئي. بي رنگ نظارن ۾ رنگ نظر آيو. بي معنيٰ ڳالهين جي معنيٰ معلوم ٿيڻ لڳي ۽ عارضي ۽ دائمي ڳالهين جي تميز ٿيڻ لڳي. آهستي ٿي پتو پوڻ لڳو ته صحيح علم اهو هو جو سرور دل پيدا ڪري دنيا ومافيها کان تارڪ ڪري ڇڏي.

(٢) علم مان پاڻ وڃائڻ جي خبر

شاهه لطيف فرمايو هو ته:

جي ٿي پڙهيم پاڻ لاءِ سيئي سيلهه ٿيام،
واڳو ٿي وريام اڌر اکيان اپري.

هن وقت تائين عبادت، علم، عمل خودي پيدا ڪئي هئي جا محبوب جي ميلاپ کان پڙدو بڻيو بيٺي هئي. ڪيئي عقيدا، محبتون،

تعصب دل ۽ دماغ تي حاوي ٿي ويل هئا.
حڪايت ٻڌي هيم ته "ڪي ماڻهو حضرت علي عليه السلام وٽ راهه هدايت لاءِ آيا ۽ فيض لاءِ عرض ڪيائون." حضرت جن جي پر ۾ هڪ وڏو پيالو پاڻيءَ جو ڀريو رکيو هو، پاڻ هنن کي فرمايائون ته ننڍن پيالن ۾ پاڻي ڀري هن ۾ وجهو جنهن تي هنن چيو ته حضرتا هي پيالو اڳ ۾ ڀريل آهي ان ۾ وڌيڪ پاڻي پئجي نه سگهندو. ان تي پاڻ فرمايائون ته جهڙي طرح هي اڳ ۾ ڀريل پيالو وڌيڪ پاڻيءَ جو متحمل ٿي نه ٿو سگهي اهڙي طرح جيسيتائين دل ۽ دماغ مان اڳيان عقيدا، محبتون، تعصب ڪڍي صاف ڪري رهبر اڳيان پيش نه ٿيا آهيو، ان وقت تائين نوان پيغام ۽ هدايتون حاصل ٿي سگهڻ مشڪل آهي."
پر ان جي معنيٰ پوريءَ طرح سمجهڻ ۾ نه آئي هيم. عشق مجازي بعد سون کي پتو پوڻ لڳو ته عشق جي راهه ۾ پهريون قدم اهو آهي ته پاڻ کي وڃائين.
"جنين ڀانيو پاڻ، ڪيائين توائي تن کي"
بيدل فقير فرمايو آهي ته:
سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي، نينهن حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.
انڪري علم مان فائدو ئي تڏهن پهچندو جڏهن عاشق دارين ۾ معشوق کانسواءِ سڀ کي پنهنجي جدا گانه وجود سوڌو فنا ڪري ڇڏي.
نازڪ سان وصال سواءِ نيست ٿيڻ جي حاصل ٿي نه سگهندو.
پرين اهيئي پسي سگهندا جي ٻئي اکيون غير کان پوريندا.
پاڻ وڃائڻ جي ڪنجي فراق جي هٿ ۾ هئي.

(۳) پاڻ سڃاڻڻ جو علم

مجاز جي ٻي درجي ۾ تعميز پيدا ٿي عاشق دوئي جي دنيا سان دوچار ٿئي ٿو. انهي کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ طالب کي هڪ طرف چوندڙو آهي. جو لازمي طور معشوق جو طرف ئي ٿيڻو آهي. پاڻ ئي فنا ڪرڻ بعد ئي اهو درجو حاصل ٿي سگهي ٿو.

اول ۾ ائين معلوم ٿيندو ته طالب سڀ ڪجھ وڃائي پرين جي پلاند ۾ وجهڻ وارو آهي. پر وڃائڻ بعد ڪيس پتو پوندو ته:

اسين سڪون جنهن ڪي سي تان اسان پاڻ،
هاڻ وچ گمان اسان صحيح سڃاتا سپرين.
(شاهه)

مذهب جي ابتدائي دور ۾ بنده ۽ معبود جدا هستيون هئا، مجاز جي اوائلي درجي ۾ معبود خود بندو هو. يعني حقيقت هئي ڪانه رڳو مجاز هو. اڳتي هلي معلوم ٿيڻ لڳو ته مجاز ۽ حقيقت هڪ تصوير جا ٻه پاسا هئا.

”ڏسڻ جي ڏسين، ته هم ڪي حق چئين،
شارڪ شڪ ۾ ني انڌا انهي ڳالهه ۾.“

اهي ڳالهيون علم تصوف جي ذريعي اڳي پڙهيل هيون، پر جيسين تائين مجازي ليبارٽري ۾ انهن ڳالهين جي ڇاڻ بين نه ڪئي ويئي هئي ان وقت تائين انهن جي صحيح خبر پئجي نه سگهي هئي. اهو عشق ئي هو جنهن سان ان جو عملي ثبوت مليو.

(۴) وصال ۽ فراق جا فرق معلوم ڪرڻ

مجازي عشق جي ابتدائي دور ۾ وصال ۽ فراق ڪي ٻن جدا حقيقتن ۾ ورهايل سمجهيو ٿي. ليڪن آهسته آهسته ٿي هن ٻئي دور ۾ مون ڪي معلوم ٿيو آهي ته اهي محبت جي سفر جون ٻه منزلون هيون. وصال سان عشق جي ابتدا ٿئي ٿي ۽ فراق ان جي ترقي يافته منزل آهي. اهي ٻه جدا حقيقتون ڪونه هيون.

هڪ ڏينهن انهي مسئلي جي نازڪ ڳنڍ ڪي سلجهائڻ لاءِ فڪر ڪندي ٽڪجي پيس ۽ علامه آءِ-آءِ-قاضي وٽ ان مسئلي تي سمجهائي وٺڻ لاءِ ويس. مون سوال ڪيو ته سائين درد ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته درد خوشيءَ جو ترقي يافته درجو آهي. جهڙي طرح سڪرين ذائقه ۾ تيز ۽ ڪڙي ٿئي ٿي پر ان جا داڻا ساري پاڻي جي پيالي ڪي

منو ڪري ڇڏين ٿا. اهو سميٽل خوشي آهي. مجاز جا مرحلا طي ڪندي اڳتي ٻنهي کي اثر وجائيندو ڏٺم.

انهن جو مثال اهڙو هو جهڙو گهڙيال جي پينڊيولم جو. اهو بعضي هڪ طرف ته ٻي وقت ردعمل ۾ ٻي طرف هلندو رهي ٿو. اهو تحرڪ جو درجو آهي ليڪن آخر اهو درجو به اچڻ وارو آهي جنهن ۾ ظاهري تحرڪ ڪثرت تحرڪ ڪري سڪون ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. اهو مجاز هو جنهن انهن مختلف تصورن جي پويان بنيادي وحدت جو راز افشا ڪيو.

عشق جا منهنجي عملي زندگيءَ تي اثر

زندگيءَ جي ابتدائي دور ۾ جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان عملي طرح آءٌ هرطرف پيو هلندو هوس. لوڪلبورڊ ڪراچي ميونسپالٽي ڪوآپريٽو تحريڪ ۽ ادبي سنگتن جي معاملن ۾ مستغرق هوس.

هاڻ جيئن سنڌ جي بمبئي کان جدائي جا امڪان ظاهر ٿيڻ لڳا، مون ضلع جي حد کان ٽپي ساري سنڌ جي سطح تي سياست ۾ ڀهرو وٺڻ جي تياري ڪئي. پهرين سنڌ پيپلس پارٽي سر شاهنواز ڀٽي جي ليڊرشپ هيٺ ٺاهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. پر سرشاهنواز خان جي بمبئي طرف وزير مقرر ٿيڻ ڪري اها پارٽي هلي نه سگهي. وري صوبه سنڌ جي جدا ٿيڻ وقت چونڊن کان اڳ اتحاد پارٽي نالي جماعت سرشاهنوازخان ڀٽو ۽ سرحاجيعبدالله هارون جي معاونت سان ٺاهي چونڊون لڙيس. سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊ جي اچڻ بعد سرشاهنوازخان ۽ حاجي عبدالله هارون جي نه چونڊجڻ ڪري جڏهن گورنر سنڌ باوجود پنجن ميمبرن جي مدد هئڻ جي سر غلام حسين هدايت الله کي وزارت ٺاهڻ لاءِ دعوت ڏني ته هن هندن جي آزاد پارٽي ۽ اتحاد پارٽي جي ميرگروپ کي وزارتون ڏئي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو. اسان خانبهادر الهه بخش کي رهيل پارٽي جو ليڊر چونڊي مخالفت ۾ ويهي ڪم ڪرڻ لڳاسون ڪانگريس ٻي جماعت هئي جا اسان سان گڏ مخالفت ۾ ويٺي. پوءِ ٻنهي جماعتن گڏجي سنڌ ۾ عام راءِ کي هموار ڪرڻ لاءِ ميٽنگون

سڏايون. انهي ڪري هندن جي عام راءِ مخالف ٿيندي ڏسي ڪي هندو ميمبر وزارت جو ساٿ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا.

هاڻ سرغلام حسين ميمبرن جي تعداد وڌائڻ لاءِ لالچ ۽ خوف جي ذريعي ميمبرن کي هٿ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪن کي پارليامينٽري سيڪريٽري مقرر ڪيائين، ڪن کي دڙڪا ڏنائين. مون تي دوستن جي معرفت وزارت جو طرف وٺڻ لاءِ زور وڌو ويو پر انڪار ٿيڻ تي منهنجي ٻن ساٿين مسٽر منگهارام ٽهلراماڻي ۽ پير علي محمد راشديءَ کي دڙايو ويو ته مون کي باز آڻين. ٽهلراماڻي وٽان جواب ملڻ تي هن کي چيف آفيسري سان ڪڍيو ويو.

هنن جو خيال هو ته ان ڪري هيسجي حالتون تبديل ٿينديون ليڪن مون جڏهن سندن انهي ڪارنامي خلاف مهملي جو ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ته هندو ميمبر سڀ ڦري وين قوي امڪان هو ته ٺهراءُ پاس ٿي وڃي جو ٻي اعتباريءَ جي ٺهراءُ برابر هو. اسپيڪر جي مدد سان هنن ٺهراءَ کي ٽاڪ آئوٽ ڪرائي حال جان بچائي ورتي ان کان پوءِ اتحاد پارٽي سان پروگرام جي بنياد تي ٺهراءَ ڪري وزارت هلائڻ لڳو.

ليڪن پروگرام تي عمل نه ڪرڻ ڪري سنڌس وزارت کي ڪانگريس ۽ هندو ميمبرن جي مدد سان شڪست ڏئي خانبهادر الهه بخش جي هٿ هيٺ اتحاد پارٽي جي وزارت ٺهرائي سون. اسان کي اميد هئي ته عوام لاءِ جنهن جي اڪثريت مسلمان هئي هن نئين وزارت کان ڪو ڪم ڪرائي سگهنداسون. پر جنهن صورت ۾ مسلم ميمبرن تي اعتبار ڪونه هو، ان ڪري خانبهادر الهه بخش هندو ميمبرن جي ناراض ٿيڻ جي خوف کان سنڌ جا مکيه مسئلا قرضن جي معافي ۽ قانون انتقال ايراضي جا قانون پاس ڪرائي نه سگهيو. عين انهيءَ وقت ڏيلون وڌائي ڇڏيائين جنهن تان اتحاد پارٽي ٽڪرا ٿي پيئي ۽ اسان مخالفت ۾ وڃي ويٺاسون. سگهوئي خانبهادر الهه بخش لالچ ۽ خوف جي ذريعي مسلم ميمبرن کي پنهنجي طرف ڪري ويو. هندو ته

اڳيئي ساڻس هئا. انهي تي مشورو ٿيو ته مسلم عوام کي مذهب جي نالي ۾ گڏ ڪري وزارت کي مرعوب ڪري سڌاري جا ڪم ڪرايا وڃن پر جيئن ته تيئن خانبهادر عام راءِ جي نه هئڻ ڪري ڪا به پرواه نه ڪرڻ لڳو. مجبور ٿي اسان به آل انڊيا جماعت مسلم ليگ جي سهاري هيٺ سنڌ ۾ ڪانفرنس سڏائي عوام کي منظم ڪرڻ جي شروعات ڪئي. اهڙي طرح سان آل انڊيا جماعتن کي سنڌ ۾ زور آزمائي جو موقعو مليو.

اڳتي هلي مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڊر سر غلام حسين ۽ ڊپوٽي ليڊر مير بنده علي خان وزارتون وٺي وڃي الهه بخش سان شامل ٿيا. اسان چند ماڻهو مسلم ليگ ۾ رهجي وياسون. جن اڳتي هلي مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نعره هيٺ مسلمانن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

ان مسئلي بابت جا وهيو واپريو ان جو مفصل ذڪر مون "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۽ "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" ۾ ڏنو آهي ان ڪري هتي دهرائڻ ضروري نٿو ڄاڻان.

هتي آءٌ ان کي مجازي پهلو جي نقطه نگاه کي پيش ڪندس. جڏهن سر غلام حسين مون کي لالچ يا دٻاءُ تي مرعوب نه ڪري سگهيو ته هن منهنجي دوست (م) ذريعي پنهنجي طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي اثر کان مٿي دنيا ۾ ڪو به اثر مون تي ڪونه هو. مون وٽ (م) کي ان وقت مجازي رهبر، محبت جي مرشد ۽ استاد جو درجو حاصل هو. مون سياست جي خلفشار کان پاسي ٿيڻ واسطي وڃي (م) دوست جي پناه ورتي هئي. هاڻ خود ان جي طرفان زور بار پيو ته سر غلام حسين سان شامل ٿيان پر ان عرصي ۾ منهن جا سياسي عقيدا ۽ ارادا پڪا ٿي چڪا هئا. ان ڪري آءٌ انهي اثر هيٺ مڙي نه سگهيس. منهنجي زندگيءَ ۾ اها نهايت نبرد آزما گهڙي هئي جنهن سان چڙهي پار پيس.

زالن کي مردن کان به وڌيڪ ڪن حالتن ۾ رقابت ٿئي ٿي

دوست کي وهم ۽ گمان به نه هو ته آءُ جو کيس آقا سڏيندو هوس، سو ڪيئن سندس حڪم جي انحرافي ڪري سياسي معاملن ۾ سندس دست اندازي کي قبول نه ڪندس. ان تي هن جو توجهه ٻن ڳالهين ڏي ويو. هڪ ته هن کي گمان پيدا ٿيو ته شايد هن کان علحده مون تي ڪنهن ٻي عورت جو اثر پيو هو جا ڳالهه سراسر غلط هئي ۽ ٻيو وهم جو ڪو علاج ئي ڪونه ٿيندو آهي.

ٻيو هن کي خيال ويئو ته ممڪن هو هن پوري طرح پنهنجي اثر رسوخ جو استعمال مون تي نه ڪيو هجي. پهرين سبب ڪري ناراضگي ڏيکاريائين ٻي جي ڪري وري اثر هلائڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين، پر ٻنهي حالتن ۾ نتيجو ڪوبه نه نڪتو. آءُ پنهنجي ارادي تي اٽل رهيس. خواجه حافظ فرمايو آهي ته:

بمي سجاده رنگين کن گرت پير مغان گويد،
که سالک بي خبر نه بود زراه درسم منزلها.

معنيٰ- ”جيڪڏهن مرشد چوئي مصليٰ شراب سان آلو ڪر ته ائين ڪر ڇاڪاڻ ته سالڪ سفر جي منزلن کان اڻ واقف نه هوندو آهي.“

هاڻ سوال اٿندو ته ان حالت ۾ مون ڇو انحرافي ڪئي. ان جو جواب اهو آهي. انهي دوست جي صحبت ۾ آءُ ارادي جو پختو، سمجهه، قدر عقيدن ۾ راسخ ٿيندو ويس. سنهنجي زندگي ۾ مذهب، علم، عمل ۽ عشق کي جدا جدا ڪردار ادا ڪرڻو هو.

جيئن يوناني حڪيم چوندا آهن ته ماڻهوءَ تي چئن طبيعتن جو اثر رهي ٿو. سودا، دم، بلغم ۽ صفرائي. انهن جي توازن سان تندرستي ٺيڪ رهي ٿي. انهن مان هڪ ۾ واڌارو يا گهٽتائي اچي ويئي ته ساري جسماني حالت جي بگڙڻ جو امڪان ٿي پوي ٿو.

ان وانگر مون کي انهي مذڪور بالا جدا صيغه زندگيءَ ۾ توازن رکڻ ضروري هو. ائين ٺيڪ نه هو ته هڪ وڏي ٻين کي بيڪار بنائي ڇڏي.

مذهب کي پنهنجو دائره عمل هو. علم کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو هو. عمل کي ڪن مقرر مقصدن ۽ مرادن سان هلائڻو هو عشق کي انهي سڀني جو روح روان ٿيڻو هو. انهن ۾ قوت پيدا ڪري زندگيءَ جي مذڪور بالا شعبن کي ڪارآمد بڻائڻو هو نہ انهن سان هڪ يا ٻئي کي معطل ڪري ڇڏڻو هو.

مون سنڌ جي پنج هزار سالہ شاندار تاريخ کي زنده ڪرڻ.

سنڌ جي ڪلچر ۽ زبان جي ترقي.

سنڌ جي سياسي آزادي ۽ اقتصادي خوشحالي.

سنڌ جي جدا قومي وجود جي بحالي.

سنڌ جي غيرت، حميت ۽ شاندار روايات جي زنده ڪرڻ.

جو عهد ڪري سياست ۾ پير پاتو هو. ڪابہ ڳالهہ جا انهيءَ راه ۾ رنڊڪ وجهڻ واري هئي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس ڀلي ڪنهن جي طرفان بہ پيش ڪئي وڃي.

مون کي پتو هو تہ ملن ڪهڙي طرح مذهب کي هر شعبہ تي حاوي ڪرڻ لاءِ معاشري کي مفلوج بنايو هو. مون ڏٺو هو تہ صوفين، مرشدن ۽ روحاني رهبرن ڪهڙي طرح پنهنجي حد کان ٽپي سوسائٽي کي بيڪار بنايو هو. مون ڏٺو هو تہ عالمن علم کي ڪيئن نہ مستقل مفاد جو آلہ ڪار بنائي ڪتب آندو هو. سو پنهنجي مقرر ڪيل راهہ کان هٽڻ لاءِ انڪار ڪيم. دوست جي انهي ڪوشش مون کي ڊال طور ٻي دوست(س) سان واسطو رکائڻ لاءِ مجبور ڪيو.

ان ٻي دوست سان نہ مونکي جنسي ڪشش هئي، نہ روحاني رستو هو. صرف سياسي دنيا ۾ سپر ڪري ڪم آڻڻ لاءِ لاڳاپا وڌايم. مونکي سياست ۾ ڪيئي صلاحڪار ۽ دوست رهيا آهن، پر مذڪور بالا اصولن جي بنياد تي هر هڪ کي ڪچي انهن جي صلاح ورتي اٿم ۽ لاڳاپا هلايا اٿم. نتيجو اهو نڪتو آهي نہ ڪيترائي دوست ڪجهہ وقت رهي وري ڇڏي ويا آهن.

عشق جون راهون ۽ رستا

تجربي بعد آهستي ٿي سونکي پتو پوڻ لڳو ته مجازي محبوب چرڻ لاءِ پور (Embass) يا ذريعه هئا. جيئن شاه فرمايو آهي:

چوربون چرڻ سکيون پنهون ڪيائون پورو"

پر خود مقاصد نه هئا، مقصد عشق هو. اهو آها طاقت هئي جنهنجي زندگيءَ جي طويل ۽ مشڪل سفر کي سهل ڪرڻ لاءِ ضرورت پوي ٿي. عشق مذهبي صيغه، علمي شعبه، عملي زندگي ۾ محرڪ جذبه ٿي ڪم ڏئي ٿو

عملي زندگيءَ ۾ عشق کي هيٺين مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻو هوم.

(۱) مجازي عشق طالب جي دل مان خوف ڪڍي بي ڊپو بنائڻ لاءِ مدد ڪري ٿو، هرطرح جو خوف بزدل ۽ ڪمزور ڪري ٿو.

(۲) مجازي عشق طالب کي هر لالچ کان مستغني ڪري صحيح رستي تي هلائي ٿو.

چورين ڏنا چال ته به لاهوتي لنگهي ويا.

(۳) مجازي عشق خسيس ڳالهين کان مٿي ڪري اولالعزمي ڏي راغب ڪري ٿو.

تو باز ساعد شاهي منگرز استخوان،
همائي همت خود را به بلند ده پرواز.

معني:- "تون بادشاهن جي همت جو باز آهين، تو کي خسيس شين کي چڏي مٿي اڏامڻو آهي."

(٤) مجازي عشق گهٽن درن کان پاسي ڪري هڪ طرف متوجه ڪري ٿو.

ڪي جي ڪيڏانهن چانگو چکي آئيو،
تاٽيو تيڏاهين نيت چنائي نڪري.

(٥) مجازي عشق خود مطلبي کان پاسي ڪري قرباني سيکاري ٿو

اصل عشق جو، سر نہ سانڍڻ ڪم،
سو سنٺان اڳرو سندو دو سان دم.
هي هڏو ۽ چم، پڪ پريان جي نہ پڙي.

(٦) مجازي عشق مشڪلاتن کي منهن ڏيارڻ لاءِ طالب کي تيار ڪري ٿو.

اوجهڙ وتان آءٌ پيو سپ سگهر ساٺ سان،
جا نيهن گهنهندي نانءُ سا، ون جيئن پوندي مامري.

(٧) مجازي عشق پاڻ وڃائڻ سيکاري ٿو ڇاڪاڻ تہ پاڻ وارا راه راست کان پلجيو وڃن.

جنين پانيو پاڻ ڪيئن توائي تن کي.

(٨) مجازي عشق پاڻ سڃاڻڻ جي راھ ڏيکاري ٿو.

مون کي اکڙين وڏا ٿورا لائيا،
تہ پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪر سامهون.

(٩) مجازي عشق سونکي آسمان کان لاهي زمين تي آڻي ان جي مسئلن کي منهن ڏيڻ سيکاريو.

دوش از مسجد سوئي ميخانہ آمد پير ما،
چيست ياران طريقت بعد ازين تدبير ما،
ما مريدان رو بسوئي ڪعبہ چون آريم چون،
روئي بسوئي خانہ خمار دارد پير ما.

معنيٰ- ”ڪالهہ منهنجو مرشد مسجد کان نڪري شرابخاني ۾ آيو، دوستو هاڻ ڪهڙي صلاح آهي تہ پاڻ ڇا ڪريون. (جواب ۾ اچي ٿو) اسان مريد ڪعبہ ڏي منهن ڪهڙي طرح ڪري سگهون ٿا. جڏهن اسان جي مرشد جو منهن شرابخاني ڏي آهي.“

(١٠) مجازي عشق مون کي هر شيءِ جي قدر ۽ قيمت مان واقف ڪيو.

اڄ نہ مارن ريت جو سيڻ سنائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت ماڙين تي نہ مٽيان.

(۱۱) مجازي عشق سونکي وطن جي حب ۽ مارن جي پريت سيکاري.
"سچڻ ۽ سانيهہ ڪنهن اٺاسي وسري."

(۱۲) مجازي عشق دنيا جي مختلف بي جان نظرين جي معنيٰ ۽ مقصد کان واقف ڪيو.

(۱۳) مجازي عشق مون کي ٻتن جي بنائڻ ۽ ڊاهڻ جي راز کان واقف ڪيو.

"دلان تا کي درين ڪافي مجازي،
لڪين مانند طفلان خاکبازي."

معنيٰ- "اي دل ڪيترو وقت ٻارن وانگر هن مجازي دنيا ۾ مٽيءَ جون ماڙيون اڏيندو ۽ ڊاهيندو رهندين."

(۱۴) مجازي عشق مون کي ذهن نشين ڪيو تہ زندگيءَ جو لطف دائمي انقلاب ۾ آهي.

موجيم کہ آسودگي ما عدم ما ست،
ما زنده بہ آنيم کہ آرام نگيريم.

معنيٰ- اسين اهڙا لهر آهيان جا جيستائين موج ۾ آهيان زنده آهيان، هلچل بند ٿيڻ سوت برابر اٿم.

(۱۵) مجازي عشق مون کي زندگي جي لاهن چاڙهن جنهن کي شڪست ۽ فتح جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو، سمنڊ جي مد ۽ جزر وانگر لازمي قرار ڏئي انهي کان مرعوب ٿيڻ کان بچائڻ ۾ مدد ڏني.

(۱۶) مجازي عشق شڪست ۽ ناڪاميابي ۾ راضي رهڻ سيکاريو.

(۱۷) مجازي عشق ڪاميابيءَ ۾ دماغ درست ڪرڻ جي تعليم ڏني.

(۱۸) مجازي عشق اڻ ڏٺي، اڻ ٻڌي نامعلوم ملڪ ڏي هلڻ جي ترغيب ڏياري.

"ڳوليان ڳوليان ۾ لهان شال ۾ ملان هوت،
من انـدر جا لوچ سا ملڻ سان ماتي ٿئي."

(۱۹) مجازي عشق مون کي خبر ڏني ته دائـره عقل کان مٿي به
ڪا دنيا آهي.

ستارون سے آگے جهان اور بهي هين.

(۲۰) مجازي عشق صفا تي (مادي) دائره ۾ رهڻ جي باوجود حقيقت
جي رهبري ڪئي.

متاب روز عشق گر مجازي است،
ڪه آن بهر حقيقت ڪار سازي است.

معنيٰ- عشق کان منهن نه موڙ جيتوڻيڪ اهو مجازي هجي
چاڪاڻ ته اهو حقيقت جي رهبري ڪري ٿو.

فصل چوٿون

مجازي عشق جي جواني

اڳين فصلن ۾ مجاز جي سن بلوغ جو ذڪر ڪندي لکيو هوم ته انهي دور ۾ ڪجهه شعور ۽ سڌون پيدا ٿيون هيون.

مذهب جي اڳوڻي تخيل ۾ شڪ شبها پيدا ٿي عبادت الاهي مان اڳوڻو سرور گهٽ ٿي ويل هو.

اڳي علم حاصل ڪرڻ واسطي جيڪي سامهون ايندو هوم تنهن کي بنا مقصد ۽ مراد جي تفريح طبعي لاءِ پيو پڙهندو هوس، هاڻ ان کي تبديل ڪري معنيٰ ۽ مقصدن وارن ڪتابن پڙهڻ جو خيال پيدا ٿيو هو.

اڳي عملي زندگي جو دائرو صرف ڪراچي ضلع تائين محدود هو انکي حالتن موجب وڌائي سنڌ تائين ڪيم. مجازي عشق جي دنيا ۾ سڌن جي پيدا ٿيڻ عجيب اضطراب پيدا ڪري ڇڏيو هو.

هن نئين دور ۾ مونکي نئين پيدا ٿيل مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪم ڪرڻو پيو.

هن دور ۾ مونکي هيٺيان مسئلا درپيش آيا جن تي ڪيل تجربن جو احوال هن فصل ۾ ڏيندس.

(۱) مذهب جو زندگيءَ تي اثر. (۲) علمي معلومات ۽ تجربا (۳) عملي دائره خدمت (۴) مجازي عشق جا تجربا.

هيٺ آءٌ مذڪور بالا هر هڪ مسئلي تي پنهنجي تجربن جي روشنيءَ ۾ ذڪر ڪندس.

مذهب جو زندگيءَ تي اثر

انهي مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انکي وراهي هيٺين ٽن شعبن ۾ ڪيل تجربن جو احوال پيش ڪريان:

(١) مذهب جو ذهني يا روحاني شعبو.
(٢) مذهب جي اخلاقي تهذيب جو شعبو.
(٣) نظام اسلامي جو شعبو.

(١) مذهب جو ذهني يا روحاني شعبو: جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته انساني ڪمال ۽ ترقي خدا شناسي جي معاملي سان مشتمل ٿي ڪئي ويئي، خدا شناسي لاءِ مختلف ڪوشش جو به ذڪر ڪري آيو آهيان. هڪ جاءِ تي چاڙهيو هوم ته خواجه محمد حسن جان سرهندي کان ذڪر ولي روحاني ترقيءَ لاءِ جا ڪوشش ڪئي هيم ان مان ڪو روحاني فائدو ڪونه پهتو. اڳي دور ۾ جيئن ته مقاصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ خواهشون پيدا ٿي چڪيون هيون انهن کي مدنظر رکي هاڻ منهنجي سامهون ٻه راهون کليل نظر آيون.

(١) مذهب، اسلام دنيا جو آخري، مڪمل ۽ عالمگير هئڻ ڪري خدا شناسي ۽ روحاني ترقي صرف انهيءَ جي ذريعي حاصل ٿيڻ واري هئي.

(٢) دنيا جي جملي مذهبن پوريان بنيادي وحدت سمايل هئي، جا اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي نوع انساني تي مشتمل هئي. ان ڪري ڪهڙي به مذهب جا پوئلڳ انهن بنيادي اصولن کي مڃڻ بعد باهمي تعاون ۽ بقائي باهمي جي نقطن تي عمل ڪرڻ سان انهي مقصد کي حاصل ڪري سگهن ٿا.

جواني عمل جي دعوت ڏيندڙ آهي ان ۾ تعطل جو پيدا ٿيڻ بيڪار ٿئي ٿو. تنهنڪري پهرين رستي جي تجربي لاءِ عمل شروع ڪري ڏنم. جنهن صورت ۾ اسلام کي افراد ۽ اقوام عالم جي ترقيءَ

جو واحد ذريعو تسليم ڪري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هوم تنهن حالت ۾ اتحاد انساني ۽ امن عالم جو حصول فروغ اسلامي ۾ مضمر ڄاڻي ان جي تبليغ ۽ تربيت ضروري ڄاتم.

ان سلسلي ۾ مسجدون ٺهرائڻ، مذهبي واعظ ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ اسلام لاءِ محبت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. جيئن مٿي ڄاڻائي آيو آهيان تہ مون اسلام کي آخري، مڪمل ۽ عالمگير مذهب ڄاڻي ڪم ڪيو ٿي تنهن ڪري بهتر ٿيندو تہ انهن ٽنهي مسئلن جي تشريح ڪري روشني وجهان.

(١) اسلام دنيا جو آخري مذهب آهي

اول ۾ جڏهن روايتي ملن طرفان اهو تخيل پيش ڪيو ويو تہ ١٣ سؤ ورهيہ اڳ عرب جي ريگستان ۾ پيغمبر خدا حضرت محمد صلعم طرفان جو مذهب پيش ڪيو ويو هو سو دنيا جي مذهبن ۾ آخري ۽ مڪمل مذهب هو.

ان جو پيش ڪندڙ دنيا جو آخري نبي هو. انسانذات جي تڪميل ۽ فلاح صرف انهي مذهب ذريعي حاصل ٿيڻ واري هئي. اهو دين مڪمل ضابطہ حيات جو حامل هو. آئينده دنيا ۾ ڪوبہ پيغمبر يا دين اچڻ وارو نہ هو. ان دين کان ٻاهر جملي ماڻهو گمراهہ هئا. اهو دين وحدت خيال ۽ عمل جي بنياد تي معاشره قائم ڪري نجات انساني جو حامل ٿيڻ وارو هو تہ عقل جي نقطہ نگاه کان اهڙي دعويٰ مضحڪہ خيز پئي نظر آئي. ليڪن علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ علامہ عنايت الله مشرقي جي صحبت ۽ سمجهاڻين بعد منهنجا خيال بدلجي ويا ۽ مونکي دين اسلام ۾ انسانذات جي روحاني تڪميل ۽ ترقيءَ جو راز ڏسڻ ۾ آيو.

اوهان ضرور چاهيندا تہ اهو ڪهڙو جادو هو جنهن سان علامہ قاضي عليه ۽ علامہ مشرقي عليه مونکي تبديل ڪري ڇڏيو هو.

تنهن ڪري انهن بزرگن جي اسلامي تشريح جو ذڪر هيٺ ڏيڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

علامہ آءِ۔آءِ قاضي جي تشريح

هن صاحب جو چوڻ هو تہ دنيا جا مذهب بنيادي طرح علحده ڪونہ هئا. اهي هڪ ئي دين فطرت جون شاخون هيون.

قرآن جي سمجهاڻي مطابق دنيا جي هر ملڪ ۽ قوم ۾ مختلف زمانن جي وقتي تقاضائن ۽ ضرورتن مطابق خدائي عزوجل طرفان ڪي برگزيده حضرات ماڻهن جي هدايت ۽ رهبري لاءِ آيا ٿي جن هڪ ئي مقصد، اتحاد انساني، امن عالم، ترقي نوع انسان لاءِ ماڻهن جي ذهني ارتقا مطابق هدايتون ڏنيون ٿي. دين مجمد ڪونہ هو. ارتقا پذير هو. ابتدا کان وٺي ترقي ڪندو آيو آهي، معاشري جي تبديليءَ ۽ حالتن جي ضرورتن مطابق ان ۾ نت نوان اضافا ٿيندا هئا.

اسلام جي آخري مذهب ۽ پيغمبر اسلام جي آخري نبي هئڻ جي معنيٰ اها هئي تہ انساني معاشره ۽ ذهن اهڙي درجي تي پهچي چڪو هو جنهن ۾ آئنده پيغمبرن ذريعي نئي الهامي علم جي ضرورت ڪانہ هئي. مذهب ابتدائي دور مان نڪري انهي حالت تي رسيو هو جتان خودڪار طريقن تي ارتقا ڪرڻ وارو هو.

پيغمبر اسلام جي آخري پيغام جو لب لباب هيٺين رڪنن تي ٻڌل هو.

(۱) جملي مذاهب ۾ بنيادي وحدت سمايل هئي.

(۲) انسان ذات ان ذهني ارتقائي درجي تي پهتل هئي جو آئينده ڪيس الهامي رهبري جي ضرورت نہ هئي.

(۳) دين سٺن خيالن ۽ عملن جو مجموعو هو ان ڪري جو ماڻهو صالح هو اهو مسلمان هو.

علامہ عنايت الله خان مشرقي

هن صاحب جي چوڻ مطابق اسلام جو ڪمال ۽ حرف آخر هن ڳالهہ ۾ هو تہ جنهن ماڻهوءَ انسان ذات جي اصلاح، ترقي ۽ وحدت الاهي جي عقيدن ۾ يقين رکيو ٿي ۽ چڱا ڪم ڪيا ٿي سو

بنا تميز ظاهري مذهبي پوئلڳيءَ جي صالح هو ۽ هر صالح ماڻهو مسلمان هو. انهي ڳالهين جي تبليغ ۾ هن غلبہ اسلام جو راز مضمر ڏٺو ٿي.

مذڪور بالا بزرگن جي ھڏاہل تشريحن بعد مون اسلام کي آخري مذهب ڄاڻي، ان جي عقائد ۽ مقاصد کي دين فطرت سمجهي، انهي جي احڪام جي فروغ لاءِ ڪوشش شروع ڪئي.

آءٌ اڳي لکي آيو آهيان تہ ٿيوري، نظريہ يا عقيدي کي جيستائين عمل جي ليبارٽري (تجربہ گاہ) ۾ کوجنا ڪري صحيح ثابت نہ ڪيو ويو اهي ان وقت تائين ان کي مجرب نسخہ تسليم ڪري نہ سگهبو. تجربہ لاءِ شروعات ڪرڻي هئي انهي ڪري اسلامي نظريہ جي بنياد تي ان جي شروعات ڪيم.

(٣) اسلام دين مڪمل هو

روايتي ملن طرفان جڏهن ائين پڌڻ ۾ ايندو هو تہ تيرهن سؤ ورهيہ اڳ عرب جي بدويانہ معاشره جي رهنمائي لاءِ جا شريعت اسلامي پيش ڪئي ويئي هئي سا باوجود معاشرن جي تبديل ٿيڻ جي جملہ انسانذات لاءِ تا قيامت مڪمل ضابطہ حيات جو ڪم ڏئي سگهندي تہ ان تي اعتبار ئي ڪونہ ايندو هو. ليڪن مذڪور بالا بزرگن جي نئي تشريح ان تي تجربہ ڪرڻ لاءِ مونکي رستو ڏسيو.

سندن چوڻ هو تہ اسلام جي دين مڪمل هئڻ جي معنيٰ اها هئي تہ اتحاد انساني ۽ امن عالم لاءِ جملي صالح ماڻهن طرفان ٿيندڙ ڪوششون فطرت الاهي مطابق هيون ۽ هاڻ انسان ذات عقل جي نعمت سان نوازي ويئي هئي. جن سان آينده حڪيم ۽ مدبر معاشره جي ضرورتن پٽاندڙ وقت بہ وقت نوان قانون ٺاهي ڪم هلائيندا رهندا.

دين جي تڪميل اصولن ۾ هئي. فروعي ڳالهين جي تڪميل ٿيڻي ڪانہ هئي. مذهب (اسلام) وهندڙ دريا وانگر روز نوان نوان نياپا آڻڻ وارو هو. معاشري جي تبديلي سان ان جا قانون بہ بدلجڻا هئا.

دين بنيادي اصولن تي ٻڌل هو، نہ روزمرہ جي محدود دائره

۽ وقت اندر معاشره جي مطابق مقرر ڪيل قانونن تي ٻڌل هو. تنهن ڪري اسلامي اصول بدلجڻا ڪونه هئا ليڪن شريعت اسلامي اڳين مذهبن جي شريعتن وانگر بدلجي سگهي ٿي.

(٣) اسلام عالمگير مذهب هو

روايتي ملن طرفان دعويٰ ڪئي ٿي ويئي اسلام عالمگير مذهب هو ان جي معنيٰ وارا دنيا جي مثالي قوم هئا، انهن کي انسان ذات جي رهبري ۽ هدايت لاءِ ڪم ڪرڻو هو. اهي پاڻ مڪمل هئا ڪين پين کي مڪمل بنائڻو هو، جملهٔ انسان ذات کي دين اسلام تي اچڻو هو. انهي مقصد جي تڪميل لاءِ امام مهدي پيدا ٿيڻ وارو هو وغيره.

انهيءَ دعويٰ تي ڪين جڏهن يورپ جي مهذب قومن سان پيٽ ڪيو ٿي ويو ته معلوم ٿيو ٿي ته اها دعويٰ نه صرف غلط هئي پر شيخ چليءَ جهڙي بڪواس هئي. انهي چاڙهيءَ مان بہ مون کي مذڪور بالا بزرگن جي رهبري ۽ هدايت مٿي چاڙهيو. هنن جي چوڻ مطابق اسلام جا بنيادي اصول جهڙوڪ اتحاد انساني، امن عالم، ترقي بني آدم بيشڪ عالمگير هئا، انهي مقاصد جي حصول لاءِ راسخون في العلم ۽ صالحن ماڻهن کي ڪم ڪرڻو هو. اهي هر مذهب جي پوئلڳن ۾ موجود هئا، جن کي باهمي تعاون ۽ بقائي باهمي جي اصولن مطابق گڏجي ڪم ڪرڻو هو. انهي واسطي مسلمانن مان چونڊ ماڻهن کي ڪم ڪرڻو هو. جن کي ”وسطو التكونو شهديٰ على الناس“ جي بنياد تي تربيت حاصل ڪري مذڪور بالا مقاصد جي حصول لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي. انهي لاءِ مسلمانن کي تربيت ڏئي منظم ڪرڻو هو. انهي واسطي اخلاقي تهذيب جو ڪم ڪرڻو هو.

(٤) مسلمانن جي اخلاقي تهذيب جو شعبو

مسلمانن جي اخلاقي تهذيب لاءِ هيٺيان طريقا مقرر ڪيا ويا ٿي.

(۱) اسلامي اخلاق جو علم.
(۲) اسلامي طريقہ زندگي لاءِ تربيت.
(۳) اسلامي طريقہ هدايت ۽ رهبري.
انهن ٽنهي طريقن جي مختصر تشريح هيٺ ڏجي ٿي.

(۱) اسلامي اخلاق جو علم

روايتي ملن طرفان چيو ٿي ويو تہ "تخلقوا باخلاق الله" يعني "پاڻ کي الله جي اخلاقي قانون مطابق بڻايو" ان جي تشريح ۾ ملن جو چوڻ هو ١٣ سؤ ورهيہ اڳ جي شريعتي دستور مسلمانن جي معاشري جي تنظيم ۽ تربيت لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا تن کي خدائي اخلاق سمجهي انهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. انهن اخلاقن جي تشريح ۾ هيٺيون ڳالهيون ٻڌايون ويئون ٿي.

(۱) ڏاڙهي رکڻ، مڇون ڪتائڻ.
(۲) ختنہ ڪرائڻ.
(۳) پيڊيءَ کان مٿي سٿڻ پائڻ
(۴) ويٺي پيشاب ڪرڻ.
(۵) ڪي کاڌا کائڻ ۽ ڪي نہ کائڻ.
(۶) چئن زالن تائين شاديون ڪرڻ.
(۷) زانيءَ کي سنگسار ڪرڻ.
(۸) چور جا هٿ پير وڍائڻ.
(۹) مخالف خيالن جي ماڻهن کي زوري موافق بنائڻ يا قتل ڪرڻ.
(۱۰) غير مسلمن کي نفرت سان ڏسڻ.
(۱۱) پاڻ کي ناجي ۽ غيرمسلمن يا جدا عقيده مسلمانن کي ناري سمجهڻ.
(۱۲) مذڪور بالا ڳالهين جي حاملن کي بنا چڱن ڪمن ڪرڻ جي مسلمان قوم ۾ شمار ڪرڻ.

اهڙين ڳالهين کي اسلامي اخلاق سان تشبيهه ڏيڻ بيوقوفي ئي معلوم ٿي. ليڪن علامہ آءِ-آءِ- قاضيءَ جي صحبت ۾ اسلامي اخلاق جو ٻيو پهلو معلوم ٿيو. جهڙوڪ:

(١) مذهبي رواداري.

(٢) محبت کي مذهب جو روح سمجهڻ.

(٣) تشدد کان ڪناره ڪري ماڻهن سان نرمي اختيار ڪرڻ.

(٤) سڀ ۾ پر ٻين پسڻ.

(٥) پراپڪاري جا ڪم ڪرڻ.

(٦) حال تي مستقبل کي ترجيح ڏيڻ.

(٧) صالح ڪم ڪرڻ.

(٨) بقائي باهمي جي اصول تي هلڻ.

(٩) اتحاد انساني لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(١٠) امن عالم لاءِ فضا سازگار بنائڻ.

(١١) جيڪي چوڻ ان تي عمل ڪرڻ.

(١٢) بزرگيءَ ۽ تقويٰ، عمل صالح شمار ڪرڻ.

انهن ڳالهين کي مد نظر رکي اسلامي اخلاق کي ملن جي نقطہ نگاه کان علحده سمجهي انهي مطابق معنيٰ ڪيم.

(٣) اسلامي طريقہ زندگيءَ لاءِ تربيت

روايتي ملن اسلامي طريقہ زندگيءَ کي فقهي قانونن جي ماتحت رکي ان مطابق ماڻهن کي هلائڻ گهريو ٿي.

مون کي مختلف تهذيبن جي ماڻهن سان رابطہ ۾ اچڻ بعد ان قسم جي طريقہ زندگيءَ جو کوکلپڻو معلوم ٿي چڪو هو. مون کي مذڪور بالا حضرات جي صحبت مان پتو پيو هو تہ زمانہ جا دور ۽ معاشره حالات دهرجي ضرورتن مطابق بدلبا رهيا ٿي تنهنڪري انهن جا دستور ۽ طريقا بہ بدلجڻ لازمي هئا. جهڙي طرح مغربي ملڪن گهڻي علم ۽ تجربہ بعد ملڪي حالتن ۽ ضرورتن کي مد نظر رکي

عام راءِ مطابق وقت بہ وقت قاعدا قانون پڻ ٺاهيا هئا اهڙي طرح اسان بہ ٺاهي سگهياسون ٿي.

منهنجي سامهون علامہ آئي - آئي قاضي جو مثال هو. هو روح اسلام مان پوريءَ طرح واقف هئڻ جي باوجود ڪلين شيو (ڏاڙهي ميڇون ڪوڙيل) رهندو هو. سوٽ بوٽ پائيندو هو. سحبت جو پندار هو سندس مجلس ۾ تصنع جي بوءِ ڪانہ ايندي هئي. ساري زندگي عزلت ۽ گوشہ نشيني ۾ گذارڻ جي باوجود بہ ماڻهن جي صحيح رهبري ڪندو هو. مذهبي رواداري ڪري هرمذهب ۽ ملت جا ماڻهو سندس صحبت مان فيض پرائيندا هئا. موجوده ملن جي عين ابتڙ هلندو هو. ان مان مون تي ذهن نشين ٿيو تہ ملن وارو طريقو زندگي هرو ڀرو اسلامي نہ هو. علامہ مشرقيءَ جي چوڻ مطابق هرصالح ماڻهو مسلمان هو. انهي نقطہ نگاه کان سندس چوڻ مطابق مغربي تهذيب جا ماڻهو زياده مسلمان هئا بنسبت هنن ملن جي ايجاد ڪرده فقهي طريقہ اسلامي جي.

(٣) اسلامي طريقہ هدايت ۽ رهبري

روايتي ملن جي نقطہ نگاه موجب راهہ هدايت اها هئي جا شريعت جي نالي ۾ فقهي ملن تسليم ڪئي هجي. جيتوڻيڪ ان جو گهڻو حصو تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي غلط ثابت ٿي چڪو هجي. درحقيقت راهہ هدايت اسلامي، هندو يا ڪرشچن ٿي نٿي سگهي. سچ ۽ راهہ هدايت هڪ ٻالهہ هئا، سچ ڪنهن مخصوص طبقہ، فرقہ يا گروه جو ورثہ ڪونہ هو. اهو جملہ انسان ذات لاءِ کليل هو جنهن کي نصيب ۾ اچي. انهي نقطہ نگاه کان آءٌ ملن جي ٻڌايل راهہ هدايت جو اصل کان قائل نہ رهيو هوس.

(٤) نظام اسلامي جو شعبو

مسلمانن جي هڪ گروه جو چوڻ هو تہ اسلام مڪمل ضابطہ حيات پيش ڪيو ٿي ان جي ذريعہ ئي انسان ذات جي نجات، فلاح ۽ بهبودي حاصل ٿيڻ واري هني. مسلمان جدا قوم هئا، جنهن قوم جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، تواريخي روايات سياسي ۽ اقتصادي مفاد

جي عيوض وحدت خيال ۽ عمل تي رکيل هو. انهي اصول جي تبليغ ۽ غلبي لاءِ مسلمانن جو هڪ نظام ٿاهي ساري دنيا جي رهبري ۽ امامت ڪرڻي هئي. انهي مقصد جي حصول لاءِ ڪنهن هڪ ملڪ ۾ مرڪزي اداره قائم ڪري جملي مسلمانن جو نظام قائم ڪرڻو هو. انهي ڪري جڏهن مسلمانن جي جدا گاني قوم جو نظريو، مسلمانن جي تنظيم لاءِ نظام ۽ پاڪستان جي قيام جا نعره بلند ڪيا ويا ته پين وانگر آءُ به ان دام تزوير (ڏوڪي) ۾ ڦاسي ويس. جواني سيمابي طبيعت جي حامل ٿئي ٿي. عملي زندگي ۾ عشق مجازي جي جوش خروش سان قدم کڻڻ لاءِ دل اڳيئي تيار هئي ان ڪري مون مسلمانن جي جدا گاني قوم جي نظريه کي قبول ڪيو ۽ اسلامي نظام حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ آواز اٿاريو ۽ انهي مقاصد جي حصول لاءِ مرڪزي ملڪ پاڪستان کي ڪتب آڻڻ جو ارادو ڪيو.

مسلمانن جي جداگاني قوم بابت منهنجا ان وقت ظاهر ڪيل رايا

ماڻهو جڏهن مختلف سببن ڪري ڪنهن نقطه نگاه ۾ ميڃڻ لڳي ٿو ته پوءِ ان جي جواز ۾ دليل پيش ڪري دل کي به آٿت ڏي ٿو ۽ پين کي به قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مون به ائين ڪيو.

پڙهندڙن کي معلوم آهي ته جڏهن ڪيترن وجهن ڪري آءُ مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو هوس ته ان جي فروغ لاءِ هڪ آرگنائيزيشن ڪميٽي جناح صاحب جي حڪم سان سنڌ ۾ قائم ٿي هئي. ان جي چيرمن جي حيثيت ۾ مون هڪ ميٽنگ ۲۲- فيبروري ۱۹۴۱ع تي سن ۾ سڏائي، ان جي سامهون تقرير ذريع هڪ پروگرام رکيو هو. ان تقرير جا ٽڪرا ملاحظه لاءِ هيٺ پيش ڪريان ٿو.

”انسان‌ذات جي تاريخ ۾ نيٺ اها منزل به آئي جتي ملڪي، نسلي ۽ زباني امتيازن جي حدن کي ٽوڙي عالم انساني اڳيان هڪ نئون نصب العين رکيو ويو، جنهن موجب ملڪ، زبان، رنگ ۽ نسل جي بنيادن تي قائم ٿيل قومي ديوارون ٽوڙي اسلامي نظرئي جي آڌار

تي انسان ذات جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ نئين قوم جو بنياد رکيو ويو. مسلم قوم دنيا ۾ ان مقصد جي حصول لاءِ وجود ۾ آئي ۽ مسلمان اهو ئي پيغام کڻي دنيا ۾ پکڙجي ويا. سندن فتحن جو مقصد ملڪن کي محڪوم بنائڻ جو نه هو پر ماڻهن جي دلين کي درست ڪري انسان ذات ۾ سچي مساوات ۽ عدل قائم ڪرڻ هو. ساري دنيا هنن جو گهر بڻجي هئي. انسان ذات جو اتحاد، امن ۽ ترقي سندن مطمع نگاه رهيو هو. ڪين دنيا کي دارالسلام بنائڻو هو." انهي نقط نگاه مطابق مسلمانن جي آئنده پروگرام بابت مون پنهنجا رايا هيٺين پوسٽر ذريعي ڇپائي پڌرا ڪيا.

پوسٽر

مسلم ليگ جي گهر آهي پاڪستان
پاڪستان جي معنيٰ اسلامي حڪومت

(۱) جنهن ۾ قرآن شريف جي اصولن مطابق حڪومت قائم ڪئي ويندي.

(۲) جتي سڀني ماڻهن کي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي هڪجهڙائي ميسر ڪئي ويندي.

(۳) جنهن ۾ حڪومت هلائڻ جون واڳون سچن پرهيزگار مسلمانن جي هٿ ۾ هونديون.

(۴) جنهن ۾ غير مسلمانن جي حقن جي خاص طرح حفاظت ڪئي ويندي.

(۵) جتي حڪومت جو پهريون فرض ملڪ مان غربت، ظلم، بي علمي ۽ طبقاتي مفاد خاطر عوام کي ناجائز طرح ڪتب آڻڻ کي بند ڪرڻو هو.

(۶) جتي جوا، زنا، شرابخوري ۽ وياجخوري جي قانونا منع هوندي.

(۷) جنهن ۾ عدل ۽ انصاف پئسن تي نه وڪامندو پر هرهڪ کي مفت نصيب ٿيندا.

(۸) جنهن ۾ عزت جو معيار طاقت ۽ پئسي تي نه پر چڱن اخلاقن تي مقرر ڪيو ويندو.

غلام مرتضيٰ شاه
چيرمين مسلم ليگ آرگنائيزيشن ڪميٽي

ان ڪان پوءِ ساري سنڌ ۾ مسلم ليگ جي مقاصد جي مشتهري ڪئي ويئي ۽ منهنجي تجويز تي آل انڊيا مسلم ليگ مجلس عمل هيٺين مقصد لاءِ هڪ عالمن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي جنهن جو ڪنوينر مونکي مقرر ڪيائون. ٺهراءُ "مسلمانن ۾ ڪهڙي طرح اسلامي جذبو پيدا ڪري، منجهانئن غير اسلامي رسمون ۽ عقائد ڪڍي از سرنو صحيح اسلامي جماعت جو نظام قائم ڪجي."

ان جي ڪنوينر جي حيثيت ۾ مون علامه آءِ-آءِ- قاضي جي مشوري سان ۹- فيبروري ۱۹۴۴ع تي هڪ سوالنامو تيار ڪري هندوستان جي عالمن، فيلسوفن ۽ مذهبي بزرگن ڏي هيٺين خط سان موڪليو. جنهن جا ٽڪرا پڙهندڙن جي ملاحظه لاءِ پيش ڪريان ٿو:

"توهان کي معلوم هوندو ته مسلمانن جو موجوده نسل انساني زندگيءَ جي غير معمولي تبديلين ۽ انقلاب جي منهن مقابل آهي.

موجوده ۽ آئنده نسلن جي نقطه نگاه کان اسان کي دنيا جي ضرورتن ۽ حالتن کي مدنظر رکي اهڙو لائحه عمل تيار ڪرڻو آهي جنهنڪري مسلمان خوشحال ۽ سڌريل زندگي گذارڻ جي لائق ٿي سگهن.

اسان پاڻ کي چوڌاري ڪهڙين حالتن ۾ گهيريل ڏسون ٿا؟ اڄڪله مذهب ماڻهن کي متحد ڪرڻ ۽ امن آڻڻ جي طاقت وڃائيندو ٿو وڃي.

نتيجو اهو نڪتو آهي جو نسلي ۽ وطني تعصب زور وٺندا وڃن ٿا ويتر اقتصادي جهيڙن انساني زندگيءَ جي يڪجهتيءَ کي ٽوڙي ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي.

اهو ساڳيو منظر جنهن مغرب کي پاڻ ۾ ويڙهائي تباهيءَ جي دروازي تي آندو آهي. سو اڄ هندوستان ۾ اسان جي سامهون اچي رهيو آهي.

جيئن وقت گذرندو تيئن حالتون شايد زياده نازڪ ٿين ۽ مسلمانن کي عيسائي قومن جي افسوسناڪ تجربن مان لنگھڻو پوي، ان ڳالھ لاءِ علاج ڪھڙو آھي؟

ڇا اسان پنھنجي زندگيءَ جي سموري نقطہ نگاھ کي بدلائي پنھنجا قديم عقيدا، نظريا ۽ اصول وري زنده ڪري سگھون ٿا، جيئن ھن نازڪ دور مان سلامتيءَ سان پار لنگھي پئون. جي ھا تہ اسان انھيءَ طريقي سان زندگيءَ جو سرشتو بدلائڻ بعد موجوده دور جي خاص حالتن ۽ ضرورتن مطابق خوشحال ۽ ترقي پذير حياتي گذارڻ لاءِ لائق ٿي سگھنداسون؟

ھن مان اھو امڪان آھي تہ مذھب ذريعي زندگيءَ جي مسئلن کي فيصل ڪرڻ سبب شايد وري مذھبي فرقن جي موجوده تعداد ۾ اضافو ٿي وڃي. اتحاد ۽ طاقت ھٿ ڪرڻ جي عيوض مسلمانن جو قومي شيرازو ويتر ڪمزور ٿئي. پر انھيءَ خوف ڪري ھن اھم سوال کي نظر انداز ڪري مغربي قومن جي پوئلڳي ۾ ساڳين حالتن ۽ مشڪلاتن کي منھن ڏيڻ ڪيتري قدر مناسب ٿيندو.

انھن سڀني نڪتن تي تفصيلوار غور ۽ فڪر ڪري ڪا مڪمل تجويز تيار ڪرڻ جي ضرورت آھي. وقت نزديڪ اچي رھيو آھي جڏھن اسان کي انھن سوالن جو جواب ڏيڻو پوي تنھنڪري ضروري آھي تہ اڳواٽ ئي انھن سوالن تي غور ڪرڻ شروع ڪجي."

آءٌ اھڙن خيالن ۾ رھڻ ڪري رات ڏينھن مسلم قوم ۽ اسلامي حڪومت جي نالي ۾ مسلمانن ۾ ڪم ڪندو رھيس.

(١) مونکي جوانيءَ جي جوش ۽ غير تجربيڪاريءَ ڪري اھو پتو نہ پيو تہ اسلام جي انھيءَ تعبير ۾ ڪيترا ماڻھو مون سان متفق ھئا.

(٢) مونکي اھا ڳالھ خيال ۾ نہ آئي تہ دنيائي اسلام ۾ اھڙي قسم جون اڳي ڪيتريون ڪوششون ٿيل ھيون جي سڀ ناڪامياب ٿيون ھيون.

(٣) مونکي اھو بہ خيال ۾ نہ آيو تہ ان مسئلي ۾ مون جن ماڻھن سان رفيق بنجي ڪم ڪيو ٿي انھن جا عقيدا، نقطہ نگاھ ۽ عمل ڪھڙا ھئا

(۴) مونکي اها پروڙ نہ پئي تہ مسلم ليگ جماعت جنهن جي ذريعي اسان مذڪور بالا مقاصد حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو سا رجعت پسند، انگريزن جي پوئلڳن، يو- پي ۽ سي- پي جي مستقل مفاد جي نمائنده جماعت هئي.

(۵) منهنجو ان ڳالھہ ڏي توجھہ نہ ويو تہ واقعي جملي مسلمان باوجود مختلف فرقن، عقيدن، طبقن ۽ ڪردارن جي خيال ۽ عمل ۾ هڪ قوم بنجي ويا هئا.

(٦) منهنجو توجھہ هن ڳالھہ ڏي بہ نہ ويو تہ جناح صاحب ۽ سندس حوارين ذريعي ڪهڙي طرح اسلامي حڪومت قائم ٿي سگهندي.

(٧) مونکي اها ڳالھہ خيال ۾ بہ نہ آئي تہ مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو، پاڪستان جو قيام، مسلم اقليت وارن صوبن ۽ پنجابي مستقل مفاد جا ايجاد ڪيل نظريا سندن حڪومت برپا ڪرڻ لاءِ تاهيل هئا.

(٨) ان وقت مونکي اهو وهم ۽ گمان بہ نہ آيو تہ دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ مذهب جي بنياد تي ڪنهن قوم کي تسليم نہ ڪيو ويو ٿي.

(٩) مونکي اها ڳالھہ ذهن ۾ نہ ويٺي تہ مسلمانن جي جدا قوم جي نظريہ کي مڃڻ ڪري آءٌ سنڌين جي هزارها ورهين جي تسليم ٿيل قوميت کي ختم ڪرڻ لاءِ مهر ثبوت هڻي رهيو هوس.

(١٠) منهنجي وهم ۽ گمان ۾ اها ڳالھہ نہ ويٺي تہ انهيءَ نظرئي کي مڃڻ ۽ ملڪ جي ورها ڱي بعد سنڌين جي زبان، ڪلچر، سياسي آزادي، زمين، ڪارخانا، واپار ۽ نوڪرين تي پاهريان ماڻهو قابض ٿي کين محڪوم ڪري ويندا ۽ پنهنجن حقن جي حفاظت لاءِ آواز ڪڍڻ تي سزائن ۽ غدار ملڪ ۽ ملت جي لقبن جا مستحق ٿيندا.

اهو سڀ ٿيو، بيخبري يا ساده طبعي ڪري، پنهنجي ڪئي جو نہ ويڄ نہ طبيب.

علمي معلومات ۽ تجربات

جڏهن مسلمانن جي جدا گانہ قوم اسلام جي دين مڪمل هئڻ، پاڪستان کي نظام اسلاميءَ جي مرڪز ڪري ڪتب آڻڻ جو خيال

دماغ ۾ ويهي ويو تہ پوءِ ان لاءِ جواز پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. ان واسطي مونکي هيٺين ذريعن مان مدد ولٹي پيئي.

(۱) هندوستان ۾ مسلم تاريخ جي معلومات
(۲) سر سيد احمد خان، علامہ اقبال جي ڪتابن جو مطالعو
(۳) خاڪسار تحريڪ جي باني علامہ مشرقي جا ڪتاب
(۴) مسلم ليگ لٽريچر
(۵) فسطائي نظريہ سياست

انهيءَ مطالع مان مونکي جيڪي حاصل ٿيو ان جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

(۱) هندوستان جي مسلم تاريخ

هن جي مطالعي بعد معلوم ٿيو تہ برصغير هند ۾ گهڻي وقت کان علماءِ ڪرام ۽ صوفياءِ عظام ۾ ٻن خيالن جا ماڻهو موجود هئا:

(۱) هڪڙن جو چوڻ هو تہ جنهن صورت ۾ مسلمانن جو گهڻو تعداد مڪاني ماڻهن مان تبديل ٿيل هو. انهن جي زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد لوڪل ماڻهن سان هڪجهڙا هئا. هو هندن جي مقابلي ۾ تعداد ۾ ٿورا هئا. مڪاني ماڻهن ۾ اختلاف هئڻ ڪري مسلمان عارضي طور تلوار جي زور تي ٿن مسلط ٿي ويا هئا پر انهيءَ تسلط جو گهڻي وقت تائين قائم رهڻ ممڪن نہ هو. تنهنڪري مڪاني هندن سان تاليف قلوب ۽ محبت جي ذريعي هڪ ٿي کين حڪومت جي ڪاروبار ۾ شريڪ ڪري ڪم هلائڻ لاءِ وڏيڪ دانشمندانہ قدم هو.

(۲) ٻين جو چوڻ هو تہ مسلمان مذهبي، نسلي نقط نگاه کان هندن کان برتر ۽ اعليٰ هئا. اها سندن لياقت ۽ قوت هئي جنهن کين هندن تي حاڪم بڻايو هو. سندن منزل مقصود ٻين مذهبن کان عليحده رهي پنهنجي برتري قائم رکڻ هو. انهيءَ لاءِ مسلمانن جي جدا قومي تنظيم ۽ اتحاد کي مستحڪم بنائي سندن حاصل ڪيل تسلط کي قائم رکڻ ضروري هو.

اهڙيءَ طرح ذهني ۽ مذهبي نظرين ۾ ٻه ٻنهي گروهن جا نقطهٔ نگاه علحده هئا. پهرئين گروه جو خيال هو تہ جنهن صورت ۾ جملي مذاهب جي پويان بنيادي وحدت ڪم ڪري رهي هئي. مختلف ادوار ۾ ماڻهن جي ذهني صلاحيت ۽ حالات مطابق فروعي ڳالهين ۾ اختلاف ٿيل هو.

اسلام دين فطرت هو جنهن جو مدار محبت تي هو، جنهن جي وسيلي ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪري امن ۽ ترقي حاصل ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري هندوستانين ۾ بنا تميز مذهب جي اتحاد پيدا ڪري بقاءِ باهمي جي اصول تي هڪٻئي کي ويجهو آڻڻ سان مقصد پورو ٿي سگهيو ٿي. اهائي دين فطرت جي تقاضا هئي.

ٻئي گروه وارن جو چوڻ هو تہ مسلمان مذهبي ۽ اخلاقي طور هندن کان ارفع ۽ اعليٰ هئا. ان ڪري مسلمانن جي جدا تنظيم جي ضرورت هئي.

مسلمانن جي اصل مشن اها هئي تہ جملي مڪاني ماڻهن کي تبليغ ۽ جهاد جي ذريعي مسلماني مذهب تي آندو وڃي. ان ڪري مسلمانن جي تنظيم ۽ اخلاقي درستي ذريعي اقتدار جو قائم رکڻ ضروري هو. انهيءَ ڪري انهيءَ گروه جي درويشن مسلمانن کي اخلاقي تربيت ڏيڻ ۽ غير مسلمن کي مسلم بنائڻ طرف زيادہ توجه ڏنو. اڳتي هلي انهن ٻنهي گروهن جي پوئلڳن سندن نقطهٔ نگاهن کي فلسفن جي صورت ڏياري.

پهرئين گروه وحدت الوجود جي فلسفي جو آڌار ورتو. جو ويدانت جي بنياد تي برپا ڪيل هو. جنهن مطابق بنيادي طرح وجود هڪ هو ان جا پاسا ٻہ هئا جن نظر ۽ عقل جي ڪوتاهي ڪري دوئي جي صورت اختيار ٿي ڪئي.

ٻئي گروه وحدت الشهود جي فلسفي کان مدد ٿي ورتي. جو فلسفو زراشتر جي دوئي جي بنياد تي تعمير ٿيل هو. ان موجب خير ۽ شر کي ٻہ جدا وجود ڪري مڃيو ٿي ويو. انهن خيالن کي سياسي طرح طاقت ۽ اهميت ٻن مسلمان حاڪمن جي دور ۾ ملي.

پهرئين گروه جي سرپرستي اڪبر اعظم ، ملا مبارڪ، سندس ٻن پٽن ابوالفضل ۽ فيضي جي مشورن سان ڪئي ٿي. جنهن جي ٻين مذهبن جي عالمن به حمايت ڪئي ٿي.

خواجه معين الدين چشتي ۽ ان جا پوئلڳ نظريه وحدت الوجود جا هندوستان ۾ باني هئا.

ٻئي گروه جي طرفدارن اورنگزيب عالمگير جي دور حڪومت ۾ حضرت غلام احمد صاحب رباني سرهندي جي تعليم جي مدار تي زور ورتو هو.

تاريخ شاهدي ڏئي ٿي ته پهرئين نظرئي جي سبب اڪبراعظم جي ڏينهن ۾ مغل سامراج طاقتور ٿيو. اقليت ۾ هئڻ جي باوجود مسلمان برصغير تي حڪمران رهيا. ۽ ٻئي نظرئي جي اورنگزيب عالمگير جي ڏينهن ۾ عارضي ڪاميابيءَ کان پوءِ مغل سلطنت جو زوال شروع ٿي مسلمانن جو تسلط برصغير تان ختم ٿي ويو.

انهن ٻنهي نظرين جا پوئلڳ مسلمانن جي حڪومت وڃڻ بعد به برصغير ۾ هلندا آيا.

انگريزي دور حڪومت جي اول ۾ پهرئين نظرئي جي پوئلڳن ديوبند ۾ مرڪز قائم ڪري هندن جي شموليت سان وري مسلمانن جو رڃايل اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. انهن مان ٻن بزرگن شاه اسماعيل ۽ سيد احمد بريلوي جون ڪوششون ناڪامياب ويون. انهيءَ گروه ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ لاءِ هندن جي شموليت ۾ حصو ورتو پر ناڪامياب ٿيا. انهيءَ وقت ڏاري هڪ صاحب، سر سيد احمد خان جو انگريزن جي نوڪريءَ ۾ هو، بدليل حالات کي مد نظر رکي مسلمانن جي طريقه ڪار لاءِ نئين سر پاليسي مرتب ڪئي.

(١) هن صاحب اسلام جي جديد نموني تي تشريح ڪئي.

(٢) هن صاحب جي راءِ مطابق انگريز برصغير تي جديد علم ۽ سائنس جي آڌار تي قابض ٿيا هئا. سموري ملڪ تي هنن جو قبضو ٿي چڪو هو. جديد اسلح سان مسلح هئڻ ڪري سندن اخراج قريباً ناممڪن هو. ان ڪري آئنده مسلمانن جي مستقل مفاد کي بچائڻ

خاطر اهو امر لازمي هو ته مسلماني حڪومت جا خيال ترڪ ڪري انگريزن جي حمايت ڪجي، انهيءَ طرح سان مخالفت کان بچي، مسلمان پنهنجا حق محفوظ رکي سگهندا.

ٻئي طرف حضرات ديوبند جو چوڻ هو ته انگريزن جي غلاميءَ تي مسلمانن کي مانوس ڪرائڻ منجهن بزدلي، بي غيرتي پيدا ڪرائڻ جي مترادف ٿيندو ۽ جذبه آزادي منجهان نڪري ويندو. ان ڪري ملڪي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ضروري هئي.

غور ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو ته ٻئي ڏريون ڪجهه قدر صحيح ۽ ڪجهه قدر غلط هيون. مسلمان سندن موجوده حالت ۾ جا مغل شهنشاهي دور ۾ عياشي ڪري ويتر خراب ٿي ويل هئي اهڙي پوزيشن ۾ نه هئا جو انگريزن جو مقابلو تن تنها ڪري، وڃايل وقار حاصل ڪري سگهن ها. تنهنڪري ٻاهرين طاقت جي آڌار تي حڪومت هٿ ڪرڻ جا خواب لهڻ ۾ حضرات ديوبند وارا غلط هئا.

سر سيد احمد خان جي پاليسي مطابق مسلم مستقل مفاد عارضي طرح پنهنجي مفاد جي حفاظت ڪري سگهيا ٿي ليڪن دائمي طور اها پاليسي سندن ۽ ملڪي مفاد جي خلاف هئي. سر سيد احمد خان جي نظريه مسلمانن کي ملڪي مفاد کان زياده فرقيوارانه مستقل مفاد جي تحفظ جي تعليم ڏني ٿي. عارضي طرح ڪيتري قدر به اها پاليسي فائديمند ٿي سگهي ها پر انڪار وطن تي هڪ فرقي جي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ ديرپا مصلحتن جي خلاف هو. اهڙيءَ طرح اڳين ٻن گروهن جا پوئلڳ مسلمان وري وراهجي ويا.

حضرات ديوبند ملڪ جي مجموعي مفاد کي مد نظر رکي اڳتي هلي ڪانگريس سان گڏجي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني. سر سيد احمد خان گروه جي مسلمانن اڳتي هلي انگريزن جي مشوري سان فرقيوار مسلم ليگ برپا ڪري ان جي ذريعي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ابتدا ۾ منجهن گهڻو اختلاف ڪونه هو. مسلمانن مان ڪيترا قوم پرست مسلمان مسلم ليگ سان تعلق رکيو آيا. سندن ڪوشش

هئي تہ ان ڪري ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي گڏي ملڪ جي آزادي لاءِ ڪم آڻڻ ڪري ملڪ جي انگريزن خلاف مجموعي طاقت وڌندي.

جناح صاحب منڍ ۾ قوم پرست ڪارڪن هو تنهن انهي نقطہ نگاہ کان مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪري پنهي جماعتن کان لکنو پئڪٽ ڪرايو.

انڪري ڪانگريس مسلمانن جي جدا چونڊن جو حق تسليم ڪيو ۽ ان جي عيوض ۾ مسلم اڪثريت وارن صوبن جي نمائيندگي گهٽائي انهن ۾ غير مسلمن کي اڪثريت ڏني ويئي، چند سيٽون مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلمانن کي وڌائي ڏنيون ويون.

جيئن ملڪ کي وڌيڪ آئيني سڌارا انگريزن طرفان ملڻ جو امڪان پيدا ٿيو تہ تيئن يو- پي ۽ سي- پي جي مستقل مفاد کي خطرو نظر ايندو.

جيئن ڪانگريس وارا آزاديءَ جي هلچل تيز ڪندا ويا تيئن هي بہ سوداگري جي طريقي تي پنهنجون گهرون وڌائيندا ويا. ايتري قدر جو گول ميز ڪانفرنس جي موقع تي اهي گهرون وڌي جناح صاحب جي چوڏهن لفظن ۾ نمودار ٿيون. پر اهي سڀ گهرون جدا مسلم اقليت طرفان هيون جن جي حصول جو مدار انگريزن جي مدد کان سواءِ ٿيو ڪونہ هو. عين انهيءَ وقت علامہ محمد اقبال الهہ آباد ۾ مسلم ليگ جي ساليانہ اجلاس وقت سندس خطبہ صدارت ۾ ان مسئلي کي نئين تشڪيل ڏني تہ:

”مسلمان مذهب جي بنياد تي وحدت خيال ۽ عمل ڪري جدا قوم هئا.

انهن جي قسمت مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ جدا حڪومت ٺاهڻ ۾ مضمر هئي ڪوبہ نئون نظريو ماڻهن تي جلد اثر نہ ڪندو آهي جيستين تائين ڪہ حالتون سازگار نہ ٿين. ليڪن ڪانگريس جا ڪارڪن پنهنجي تنظيم جي پيروسي ۽ دنيا ۾ مروج جديد قوميت جي اصول کي مد نظر رکي برصغير هند جي مخصوص حقيقتن کان منهن موڙي متحده

قوميت هند جي اصول تي قائم رهندا آيا.

سنڌ ۾ اسان سنڌ اتحاد پارٽيءَ جي بنياد تي جماعت ڏاهي اسيمبليءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو ليڪن سواءِ پروگرام جي اسان ڪي ڪنهن نظريه جي پشت ڪانه هئي.

ان وقت ڏاري مولانا عبيدالله سنڌي ٢٤ سالن جي جلاوطني بعد موٽي سنڌ ۾ آيو هو. هو ديوبند جي مڪتب فڪر جو حامل هو. هن دنيا ۾ افغانستان، روس، ترڪي، عرب ممالڪ سير ڪري حالات کي جانچي غور ۽ فڪر بعد نئين نظريه جو اظهار ڪيو ته "هندوستاني هڪ قوم نه هئا ۽ نه مسلمان جدا قوم هئا. بلڪ برصغير هند جا گرافيائي حدن، زبانن، ڪلچرن، سياسي اقتصادي مفاد جي بنياد تي مختلف قومن جو مجموعو هو" جي صرف باهمي تعاون سان آزادي حاصل ڪري سگهيا ٿي.

اهو نئون لفظ نقطه نگاهه هو ڪانگريس ڪارڪنن ان کي سندن سياسي نظريه ۽ مفاد جي خلاف سمجهو.

مسلم ليگ جا مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلم مستقل مفاد جي نمائنده جماعت هئي. ان به انهي کي سندن مفاد جي خلاف سمجهو. هندوستاني سياستدانن مان صرف هڪ راجا گوپال آچاريه هو جنهن ان نظريه جي حمايت ڪئي پر هن کي ڪنهن نه ٻڌو.

آءٌ خواجه محمد حسن جان سرهندي جي اثر هيٺ فرقه پرست بنجي ويو هوس. ليڪن سنڌ سان ابتدا کان وٺي محبت هيم، سنڌ جي غريب عوام جي محبت سنڌ جي مترادف ٿي سمجهيم. ان وقت سنڌ اندر ٽي مستقل مفاد طبقا هئا جن عوام جو استحصال ٿي ڪيو.

(١) وياج خور ۽ واپارين جو گروه

(٢) ڪامورن جو گروه

(٣) زميندار ۽ جاگيردارن جو گروه

پهرين ۽ ٻي گروهه ۾ اڪثريت هندن جي هئي ۽ ٽي ۾ اڪثريت مسلمانن جي هئي اسان اول ۾ پهرين ٻن گروهن جي چنبي مان عوام جي جان ڇڏائڻ لاءِ پروگرام رٿي ڪم ڪرڻ چاهيو ٿي، چاڪاڻ ته

سنڌ اسيمبلي ۾ مسلمان زميندار ۽ جاگيردار ميمبرن جو تعداد زياده هئڻ ڪري اسان تنهي گروهن سان هڪ وقت پڇي نه ٿي سگهياسون. اسان کي ڪانگريس جماعت ۾ اميد هئي ته هو هندوستان جي ٻين صوبن وانگر هتي اسان جي مدد ڪندا پرجدا چونڊن هئڻ ڪري هندو مستقل مفاد ووٽرن جي اثر هيٺ هو اسان جي مدد ڪري نه سگهيا جيتوڻيڪ اسان ڳوٺن ۾ ماڻن شامل ٿي گڏيل پروگرام جي بنياد تي ڪانفرنس ۾ شرڪت پئي ڪئي.

سنڌ ڪانگريس ڪارڪنن جي اهڙي روش ڪري اسان ردعمل ۾ اچي بنا سمجهه جي وڃي مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪئي. اسان سمجهيو هو ته انهي ذريعي مسلمانن کي متحد ڪري عوامي مسئلا حل ڪرائي سگهنداسون. پر نه تجربو هوسون نه پورو سياسي شعور هوسون. جنهن ڪري اسان اهو ڪونه سمجهي سگهياسون ته جيڪڏهن هتي سنڌ ۾ ڪانگريس هندو مستقل مفاد جي خلاف قدم کڻي نٿي سگهي ته ٻئي طرف مسلم ليگ مسلم اقليت وارن مسلمانن جي مستقل مفاد جو اڏو هئي. سنڌ ۾ ان کي زور وٺڻ جو نتيجو اهو نڪرڻو هو ته هتي جا خود مطلب زميندار ميمبر جي عهدن خاطر هندن جي پوئلڳي ڪري عوام جي ڀلي لاءِ باوجود اڪثريت هئڻ جي ڪجهه ڪري نٿي سگهيا سي اڳتي هلي يو-پي ۽ سي-پي جي مستقل مفاد مسلمانن سان ملي سنڌي عام جا حق نون حاڪمن جي حوالي ڪري ڇڏيندا. پر جوش وقت هوش سالم نه رهندو آهي. اسان جي حالت به اها ٿي.

تنهن ڪري اسان مسلمانن جي جداگانه قوم کي حقيقت سمجهي ان لاءِ پرچار ڪرڻ لڳاسون.

انهي پرچار وقت اسلامي حڪومت، فروغ اسلام، دنيا جي مسلمانن جي اتحاد غلبہ اسلام جا نعرا هنيا ويا ۽ ماڻهن کي چيو ويو ته دور خلافت راشده کي موٽائي آڻينداسون، اسان کي اهو خيال نه رهيو ته جناح ۽ لياقت علي خان ڪهڙي طرح اسلام جا علمبردار ٿي خلافت راشده جو زمانو آڻيندا.

ان تحريڪ کي يو-پي مسلمان جي دماغ ۽ پنجابي مسلمان

جي مستقل مفاد جي نئين حڪومت تي قبضي جي خواهش زور وٺايو. اسان سنڌ ۾ مذهبي جنون جذبي ۾ لڙهي وياسون. اسان کي پتو نہ، پيو تہ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئاسون.

نہ مولانا عبيدالله سنڌي جي، سنڌي جداگانہ قوم جي نظريہ اسان تي اثر ڪيو. نہ حضرات ديوبند جي عالمن جي مشورن اسان کي راهہ راست ڏيکاري.

حالات کي مدنظر رکي خانبهادر الهہ بخش سومري اها پاليسي اختيار ڪئي جا جيڪڏهن ڪامياب ٿيئي ڏيون ها تہ سنڌ هن وقت يو - پي ۽ پنجاب جي مستقل مفاد جي تسلط هيٺ نہ رهي ها ۽ ممڪن هو تہ پاڪستان ئي موجوده صورت ۾ قائم نہ ٿئي ها. پر اسان تي مذهب جو جنون سوار ٿي ويل هو. اسان حالتن جو صحيح اندازو ڪري نہ سگهياسون.

ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي مسلمانن جي جداگانہ قوم، اسلامي حڪومت ۽ پاڪستان جي قيام جو پرچار ڪيوسون. منزل گاهہ پيري هڪ ڏئل ۽ ويران مسجد جي سرڪار کان قبضي وٺڻ لاءِ هلچل ۾ حصو ورتوسون. مسلم ليگ کي سنڌ ۾ زور وٺايوسون. اسان کي جوش ۾ پتو نہ پيو تہ سر سيد وارو مسلمانن کي هندن کان علحده رکڻ وارو نظريو عارضي ۽ يو - پي مسلم مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ايجاد ڪيل هو. علامہ اقبال جي مسلمانن جي وحدت خيال ۽ عمل جي بنياد تي ايجاد ڪيل نظريہ جي پويان پنجابي مسلمانن جي برتري، فسطائي نظريہ سياست ۽ شعرانہ بلند خيالي ڪانسواءِ بي ڪا صحيح حقيقت ڪانہ هئي. اسان لاءِ مسلم ليگ اسلام جو نشان بنجي ويئي. باوجود ان جي، جو اسان کي اڪثر مسلم ليگ ڪارڪنن جي شخصي اخلاق ۽ انگريزن جي غلامانہ ذهنيت جو پتو هو. پر هندو مستقل مفاد جي ضد ۽ الهہ بخش مرحوم جي روش ايترو تنگ ڪيو جو سڀ ڳالهيون پويان اڇلائي مسلمانن جي جداگانہ قوم، مسلم ليگ واحد نمائينده جماعت، پاڪستان جي مسلمانن جي مطمع نگاهہ جو پرچار ڪندا آياسون.

مون نہ صرف سنڌ ۾ مسلم ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش

ڪئي ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽي ۽ ڪاميٽي آف
ائڪشن تي مسلسل ڪم ڪري آل انڊيا مسلم سياست ۾ حصو ورتو.
خاڪسار تحريڪ ۾ به انهي جذبي هيٺ داخل ٿيس. علامه عنايت الله
خان مشرقي جي اسلامي تشريح ترقي پسندانه هئي، هن جي تعليم ۾
ٽي ڳالهيون نهايت عمده هيون.

(۱) مسلماني صلاحيت تي مدار رکندڙ هئي اها ڪنهن مخصوص
فرقه يا گروه سان وابسته نه هئي. هر صالح ماڻهو مسلمان هو. پوءِ هو
ڪهڙي به مذهب سان واسطو رکندڙ هجي.

(۲) اسلام جو فروغ ۽ غلبو صحيح اخلاق ۽ خدمت خلق
ذريعي حاصل ٿي سگهندو.

(۳) مسلمانن جي ترقيءَ جو راز سادگي ۽ سپاهيانه زندگيءَ
۾ مضمر هو. ليڪن علامه مشرقي جيتري قدر اسلامي تشريح ۾ بلند
۽ بالا هو اوتري قدر جذباتي هئڻ ڪري ڪيترين ڳالهين ۾ غلط
پاليسي اختيار ڪري ناڪامي جو باعث بنيو. جهڙوڪ:

(۱) هٽلر جي فسطائي تحريڪ کي مدنظر رکي هن خاڪسار
هلچل ذريعي جنهن جو مدار تشدد تي هو، مسلمانن کي منظم ڪيو
۽ تربيت ڏيڻ شروع ڪئي.

(۲) جمهوريت جي نظريه کي بيڪار سمجهي ڊڪٽيٽرشپ جي
تعليم ڏني.

(۳) جيتوڻيڪ نظرياتي طور هن سڀني مذهبن جي صالح ماڻهن
کي مسلمان سمجهي انهن جي تنظيم ڪرڻ ٿي چاهي پر عملي طرح
سان ان ۾ مسلمان اڪثريت شامل ڪيائين.

(۴) هن خاڪسار تحريڪ ذريعي نه صرف سياست ملڪ ۾ حصو
ورتو ٿي پر مسلمانن جي اصلاحي، معاشرتي ۽ سپاهيانه ٽريننگ ۾ به
دلچسپي ورتي.

جنهن صورت ۾ ملڪ ۾ جمهوري سرشتو رائج هو، ان ڪري
چونڊن جي معاملي ۾ هي عوام کي پنهنجي راه تي راغب ڪري
نه سگهيو.

ڊڪٽيٽرشپ جي اصول ۾ مڃڻ ۽ سخت ضـابطہ رکڻ ڪري مخلص ماڻهن کان سواءِ عام سياسي ماڻهو سنڌس طرف اچي نہ سگهيا.

ازانسواءِ هيٺيون ڳالهيون سنڌس ناڪامي ۽ بدنـامي جو باعث بنيون.

(۱) لاهور ۾ شهيد گنج مسجد جي معاملي ۾ حڪومت سان بي موقع تصادم ڪرڻ.

(۲) يوپي ۾ شيعن ۽ سنين جي صدين جي اختلافن کي زوريءَ ڳاهہ ڪرائڻ جي پاليسيءَ ڪري حڪومت سان ٽڪر ۾ اچي جيل ۾ وڃڻ ۽ معافي وٺي ٻاهر نڪرڻ.

(۳) مسلم ليگ ليڊرن سان تصادم ۾ اچڻ.

(٤) مهاڀاري جنگ جي عرصي ۾ ملٽري ٽريننگ خاڪسارن کي ڏيڻ ڪري انگريزي حڪومت کي خوفزده ڪرڻ سبب جيل ۾ وڃڻ وغيره.

انهن ڳالهين سنڌس بهترين نظام جي باوجود عوام وٽ کيس مرغوب نہ ڪيو. ان جا ٻيا بہ ڪيترا ڪارڻ هئا.

(۱) هن جو جميعت العلماءِ هند ۽ احرار اسلام جي ترقي پسند علماء سان سمجهوتو نہ ٿي سگهيو.

(۲) خاڪسار جماعت ۾ داخل ٿيڻ بعد سيني ڪارڪنن کي سنڌس سخت نگراني هيٺ رهڻو ٿي پيو.

(۳) نالي خاطر مجلس مشاوره رکيائين ٿي پر انهن جي صلاح ۽ مشوره موجب نٿي هليو.

آءٌ ۽ ٻيـا ڪيترا ڪارڪن جي ان جي تحريڪ ۾ هئاسون، آهستي ڪري مجبوراً ان مان ٻاهر نڪري وڃي مسلم ليگ جي جهولي ۾ ڪرياسون.

ازانسواءِ علامہ کي بہ هيٺين سببن ڪري شڪستہ دل ٿي ردعمل ۾ ڪي اهڙا قدم کڻڻا پيا جي مناسب نہ هئا.

(۱) هن کي معلوم هو تہ هزارن جي تعداد مسلمانن ۾ هن جذبہ حريت پيدا ڪيو هو.

(۲) هن کي پتو هو تہ سندس تحريڪ ۾ وڏي تعداد ۾ سرويچ ڪارڪن موجود هئا.

(۳) سندس ڪارڪن مخلص، ساده مزاج ، بي لالچ ، پنهنجو ڪائي ڪم ڪندڙ هئا.

(۴) هن مقابلتاً ڏٺو تي تہ مسلم ليگ جا ليڊر فرعون صفت، انگريزن جا پوئلڳ، اقتدار جا بکيا، مستقل مفاد رکندڙ هئڻ جي باوجود بہ مسلمانن جي اڪثريت هنن جي پويان هلي ٿي.

(۵) هو ۽ انجا پوئلڳ مذهب جا پابند، نماز باجماعت پڙهندڙ، سادو ڪائيندڙ ۽ پيئندڙ، چنده بازي کان پاسي هئا تہ بہ عوام کي مذهب جي نالي ۾ گمراه ڪري مسلم ليگ جي پويان هلايو ٿي ويو. اهڙي حالت ۾ کيس جوش اچڻ لازمي هو.

اهڙن سببن ڪري سندس هڪ پوئلڳ جناح صاحب تي بمبئي ۾ ناڪامياب حملو ڪيو. دهلي ۾ مسلم ليگ ڪنوينشن جي موقعي تي زوريءَ مسلم ليگ ليڊرن کي نيچو ڏيکارڻ لاءِ ناڪامياب ڪوشش ڪيائون. اها ڳالهہ مسلم تاريخ ۾ نئين نہ هئي. امام حسين عليہ السلام سان باوجود صداقت جي ڪٽنب سميت صرف ٿورا افراد هئا ۽ ٻئي طرف يزيد جي لشڪر ۾ هزارها ماڻهو هئا جن رسول جي خدا ترس ڏهٽي کي فاسق، فاجر حاڪم جي چند پيسن تي شهيد ڪري سر نيزي تي گهمايو هو. مسلمانن جي ملن، حاڪمن جي چوڻ تي درويشن ۽ عالمن کي قتل ڪرائڻ ۽ سختين ڪرڻ لاءِ فتوائون ڏنيون هيون.

منصور حلاج عليہ، امام حنبل، امام حنيف، سرمد، شمس تبريز، مخدوم بلاول ۽ شاه عنايت عليہ جا نالا انهي لاءِ مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

اسان کي مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ تجربي بعد پتو پوڻ لڳو تہ مسلم ليگ جو اسلام سان ڪو واسطو نہ هو اها يو- پي ۽ سي- پي جي مستقل مفاد ۽ انگريزن جي دلالن جي جماعت هئي. پر باوجود انهيءَ علم جي ان اميد تي تہ ممڪن آهي اسان ان جي خامين کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ان ۾ رهي ڪم ڪندا آياسون.

ان ساري دور ۾ آءٌ فسطائي سياست، فرقہ پرستي، مسلم قوم جي ٽوڪي ۽ پاڪستان جي چڪمي مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيس. عام مسلمانن جي اها حالت هئي جو هندن جي ڪثرت مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا حسين احمد مدني، خان عبدالغفار خان جهڙن خدا ترس مذهب جي پابند قرباني جي پتلن، جيل ۽ سختيون سهندڙ مخلص ڪارڪنن کي ٽڪاري ڦٽو ڪيو انهن جي عيوض جناح، لياقت علي ۽ ٻين ڪيترن ئي بدڪردار، ابن الوقت، مذهب کان عاري، فرعون صفت ليڊرن کي اسلام جو علمبردار بنائي ڇڏيو. شڪر آهي تہ آءٌ ۽ ٻيا منهنجا دوست مذڪور بالا قوم پرست بزرگن جي توهين ۾ شريڪ نہ ٿياسون.

جڏهين جناح صاحب مولانا ابوالڪلام آزاد کي هندن جو 'شوئباءُ' سڏيو، جڏهين عليگڙهہ جي شاگردن مولانا آزاد جي 'بي عزتي' ڪئي.

جڏهن يو-پي جي انگريز پرست نوابن مولانا آزاد کي 'مهابڪو ڇتيرا' لقب ڏنو تہ عام مسلمان تماشبين ٿي ڏسندا رهيا.

اسان بہ بيوسيءَ ۾ ويچارا ٿي اهو تماشو ڏسندا رهياسون. جواني جي ڪري جنهن رد عمل ۾ داخل ٿيو هوس ان مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيس. ۽ جڏهن بہ مسلم ليگ ليڊرن جي اهڙين حرڪتن کي ڏٺم ٿي تہ ان لاءِ سندن شخصي خامين کي جوابدار ٺهرائي مسلم ليگ جماعت کي مستثنيٰ ٿي سمجهيم.

جواني انڌي سڌي آهي پر مون کان جواني اهي ڪم ڪرايا جن جي سزا ۱۳ سالن جي نظر بندي ۽ جيلن وسيلي ڪاٽي چڪو آهيان پر انهي ڪري مذهب اسلام، سنڌو ديش، بلوچستان، پختون ايراضين ۽ بينگال کي جو نقصان پهتو ان جو سدباب تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اهو ٽوڪي جو قلع پاڪستان ختم ٿيندو.

چوٽي آهي تہ دوزخ ڏي رستو بہ چڱن ارادن سان ٻڌل ٿئي ٿو ان وانگر مون بہ خدا شناسي، اسلامي اصولن جي سربلندي، دنيا کي

دارالاسلام بنائڻ، روحاني ترقي جي ڏوڪي هيٺ اهي ڪرتب ڪيا جن کي ڏسي هوند شيطان به شرمائجي وڃي.

پر هڪ ڳالهه جو آڌار اٿم ته اهي سڀ ڪم گهٽ عقل، غلط نظرين ۾ ڦاسڻ تجربن جي نه هئڻ ۽ ساده مزاجي سبب ڪجي ڪيا.

خدا شاهد آهي ته مون ڇاڻي واڻي جناح، لياقت علي، يو- پي ۽ پنجاب جي مستقل مفاد وانگر پنهنجي ذاتي يا طبقاتي مفاد کي سڌ ڪرڻ لاءِ اهي ڪم نه ڪيا هئا، نه وري سر غلام حسين ۽ ٻين سنڌي مسلم ليگ ليڊرن وانگر اقتدار جي قيام لاءِ يو- پي ۽ پنجابي سامراجي جنتا جي پوئلڳي ۾ اهي ڪم ڪيا هئا.

شيخ عبدالمجيد سنڌي پهريون شخص هو جو ان ڏارين جي ڏوڪي مان واقف ٿي مسلم ليگ کان ٻاهر نڪتو ۽ وري ان ۾ داخل نه ٿيو. ان کان پوءِ آءٌ پنهنجي ساٿين رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي ۽ حسن بخش شاهه وغيره سان ٻاهر نڪتس.

عملي دائره خدمت

اڳئين فصل ۾ ذڪر ڪيو هوم ته جڏهن سنڌ جي جدائي جا آثار نظر آيا ته پوءِ ڪمن تان هٿ کڻي سنڌ جي سياسي پارٽي ٺاهي انهي ذريعي ڪم ڪرڻ لڳس.

سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون اتحاد پارٽي جي ٽڪيٽ تي لڙي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيس.

پارٽيءَ جا مکيه ليڊر سرشاهنواز خان ڀٽو ۽ سرحاجي عبدالله هارون چونڊن ۾ شڪست کائي ويا هئا. ان تي اسان خانبهادر الهه بخش سومري کي اسيمبليءَ پارٽي جو ليڊر چونڊي ڪانگريس سان گڏ مخالفت ۾ ويهي عوامي نقطه نگاه کي سوالن، ٺهرائن ۽ تقريرن ذريعي اسيمبلي جي اڳيان پيش ڪندا رهياسون.

سرغلام حسين هدايت الله جنهن جا صرف ۵ ميمبر چونڊيا هئا. گورنر سر رانسليٽ گرهام طرفان کيس وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرائڻ بعد

اسان جي ڪيترن ميمبرن کي وزارت جي لالچ ڏئي پنهنجي طرف پڄائي ويو. مير گروپ، ميربنده علي خان جي پوئلڳي ۾ پهرين دغا ڏني. ان کان پوءِ برادرم ميران محمد شاهه پارلياميني سيڪريٽري جو عهدو وٺي اسان کان علحده ٿيو.

هاڻ پارٽي جو ليڊر الهه بخش سومرو رهيو ۽ محمد هاشم گزدر سيڪريٽري ٿي ڪم ڪرڻ لڳو سر غلام حسين هندو آزاد پارٽي کي ۾ عهدا وزارت ۽ اسپيڪر ڏئي پنهنجي طرف ڪيو.

اسان ۽ ڪانگريس پارٽي جڏهن مخالفت ۾ وچي سرڪاري ڪامورن جي رشوت خوري ۽ عوام جي ٻين مشڪلاتن جي اپٽار ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ سنڌ جي جدا جاين تي ڳڏيل ڪانفرنسن ۾ حڪومت جي خامين جو پرچار ڪيو ته هندو عام راءِ وزارت جي مخالف ٿيڻ لڳي. جي هندن کي ٻن جاين ملڻ مان ڪو نفعو ڪونه هو اهو فائدو ٻن شخصن جو هو. هندن ۾ سياسي شعور هو جي شخصي ۽ ملڪي نفعي جي وچ ۾ تفاوت معلوم ڪري سگهيا ٿي. ان ڪري ڪي هندو ميمبر وزارت ڌر کي ڇڏي اچي مخالفت ۾ ويٺا هئا. ان تي سر غلام حسين مسلمان ميمبرن کي هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن ته آءٌ اتحاد پارٽي جو باني ۽ روح روان هوس ان ڪري مون کي ڦيرائڻ لاءِ ٽن طرفان زور وڌو ويو.

سيد ميران محمد شاهه ۽ صاحبزادي عبدالستار جان سرهندي معرفت مون تي شخصي اثر آندو ويو پر ان ۾ ناڪامي نصيب ٿيڻ بعد هنن مسٽر منگهارام ٽهلراماڻي جو منهنجو ٿياسافسٽ دوست هو ۽ سنڌس والد سن ۾ هيڊ ماسٽر ٿي رهڻ ڪري گهڻي وقت کان واقف هو. ان وقت دادو ضلع لوڪلبورڊ ۾ چيف آفيسر هو. جي معرفت اثر وجهڻ شروع ڪيو. مسٽر ٽهلراماڻي سمجهدار ماڻهو هو هن کين چيو ته ”سيد سياسي عقيدن ۾ پڪو ماڻهو هو. اتحاد پارٽي جي باني مان هو ان مان اهو توقع رکڻ ته پارٽي کي خير آباد چئي شخصي لڳ لاڳاپن جي اثر هيٺ وڃي سرڪاري بينچن تي ويهي ناممڪن هو. ازانسواءِ

آزاد خيال ماڻهو هئڻ ڪري سندس اثر مٿس پئي نہ سگهندو.“

ان تي هنن ناراض ٿي خانبهادر نور نبي خان ڪليڪٽر دادو جي معرفت هن ڪي بنا سبب چيف آفيسري تان هٽائي خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي جي سالي ميان عبداللطيف پنوهر کي چيف آفيسر ڪري رکيو.

مون ان بي واجبي قدم تي اسيمبليءَ ۾ مهملي جو ٺهراءُ پيش ڪيو.

هندو ميمبرن ان کي هڪ هندو آفيسر سان بي واجبي روش سمجهي ٺهراءَ جي طرفداري ڪئي. اڪثر هندو ميمبر اسان سان ووٽ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. جي ٺهراءَ پاس ٿي وڃي ها تہ اهو بي اعتباري جي ٺهراءَ وانگر سمجهيو وڃي ها. ان تي سر غلام حسين ديوان پوچسنگ اسپيڪر سنڌ اسيمبليءَ کي منت ڪري ٺهراءَ ٽاڪ آئوٽ ڪرائي ڇڏيو.

اهڙي طرح وزارت بچي ويئي. ليڪن وزارت ڊر کي سندن ڪمزوري معلوم ٿي ويئي. مخالف ڌر جا حوصلا بلند ٿي ويا. اهڙي نازڪ حالت ۾ وزارت گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهي ها: تنهنڪري سر غلام حسين اتحاد پارٽيءَ سان سمجهوتہ ڪرڻ لاءِ گفتگو ڪئي. ڪجهہ وقت ڳالهين هلڻ بعد اتحاد پارٽيءَ هڪ گڏيل پروگرام جي بنياد تي وزارت سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ليڪن مخالفت ۾ بدستور رهي نقطہ چيني ڪرڻ جو حق قائم رکيو. ان ٺهراءَ موجب وزارت جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل ورڪنگ ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهن جي مشوره مطابق ڪم هلائڻو هو. پوءِ هر مهيني ۾ هڪ يا ٻہ دفعا ورڪنگ ڪاميٽي گڏ ٿي ٺهراءُ پاس ڪري حڪومت کان ڪم ڪرائيندي هئي. باوجود ان توقعات جي پروگرام مطابق مکيہ ڪم نہ ٿي سگهيا.

ان جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ مير بنده علي خان ۽ سکي گوبندرام ڪمزور وزير هئا جي سيڪريٽرين کان پروگرام مطابق ڪم ڪرائي نہ ٿي سگهيا.

ازانسواءِ مڪيہ مسئلا جهڙوڪ قانون انتقال ايراضي ۽ قرضن جي معافي جي بلن تي انگريز عملدارن ۽ هندو ميمبرن جي دٻاءُ ڪان هو قدم کڻڻ لاءِ تيار نہ هئا.

هو صرف ننڍا ڪم جهڙوڪ درٻارين جون ڪرسيون ۽ ريوينيو پنچري معاف ڪرائي سگهيا. ان وچ ۾ مکي گوبندرام ڪن خانگي سببن ڪري وزارت تان استعيفا ڏئي ٻاهر نڪري ويو ۽ ديوان پوچسنگ اسپيڪر وفات ڪري ويو. انهن جي خالي ٿيل جاين جي پرڻ تي وري ڪشمڪش پيدا ٿي. هندو ميمبرن جي اڪثريت اڳيئي مخالفت ۾ ويٺل هئي.

جملہ مسلمان ميمبر سر غلام حسين جي وزارت جا حامي هئا. انهي تي سرغلام حسين مسلمان ميمبرن کي راضي ڪرڻ لاءِ سيد ميران محمد شاهہ کي اسپيڪر چونڊائي ڇڏيو ۽ هندن مان ڊاڪٽر هيمنداس کي وزير ڪري رکيو. هندن جي راءِ مسٽر نيچلداس جي فائدي ۾ هئي ان تان ويتر هندو ميمبر وڏيڪ ناراض ٿي پيا. ليڪن باوجود مسلمان ميمبرن جي اڪثريت سانس شامل هئڻ جي هن هندو عام راءِ کان ڊڄي مکيہ بل پاس ڪرائڻ کي پوئتي اڇلائي ڇڏيو. ان تي اتحاد پارٽيءَ وارن ڪيس ناراض ٿي ہہ شرط ڏنا تہ يا بل پاس ڪرائي يا ہہ وڏيڪ باهمت وزير وڏائي تہ هو پاڻهي بل پاس ڪرائي ڇڏيندا. پر اهي ٻئي شرط هو مختلف وجوهات ڪري پورا ڪري نہ سگهيو جن جو تفصيل "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۽ "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" جي ڪتابن ۾ ڏنل آهي.

آخر ناراض ٿي اسان ڪانگريس ۽ هندو ميمبرن سان گڏجي وزارت ڊاهڻ لاءِ ڪٽ موشن پيش ڪيو. ان تي سر غلام حسين مون تي (م) دوست جو زور بار وڌو پر ان ڪري ہہ آءٌ پنهنجي راءِ کان ڪونہ هٽيس ۽ وزارت ڊاهي نئين وزارت اتحاد پارٽي جي وجود ۾ آنديسون. جنهن جو وزيراعليٰ خانبهادر الهہ بخش، وزير ثاني پيرالاهي بخش ۽ ٽيو وزير مسٽر نيچلداس وزيراٺي مقرر ٿيا.

نئين وزارت ٺهڻ تي پير الاهي بخش ڪي سنڌ جو دورو ڪرائي ڪامورن جي اثر گهٽ ڪرڻ لاءِ مهم هلائيسون. ان ڪانپوءِ پروگرام موجب توقع رکي سون ته اتحاد پارٽيءَ جي دستورالعمل مطابق مکيه بل ٽين پر هندو مستقل مفاد جي اثر ڪري نئين وزارت اهي بل پاس ڪرائي نه سگهي. الهه بخش ڪي مسلمان ميمبرن جي وفاداريءَ تي اعتبار ڪونه هو. هنن جي اڪثريت بزدل، دغاباز ۽ خود مطلب هئي. مسلم عوام خواب غفلت ۾ ستل هئا. منجهن سياسي شعور ڪونه هو. هو ڪامورن، زميندارن، پيرن ۽ ملن جي ماتحت هئا. ڪين سندن نفع نقصان جي پرواهه ڪانه هئي. پر آءٌ جنهن سر غلام حسين جي وزارت کي پروگرام تي عمل نه ڪرڻ ڪري ڪرايو هو. مات ڪري نه ويٺس ۽ وزارت تي بلن پاس ڪرائڻ لاءِ زور رکندو آيس.

انهي وقت ڏاري گورنر وزيرن کي زرعي ڏلون وڌائڻ لاءِ زور رکيو جيئن ته ڏلن وڌائڻ جو سوال نهايت نازڪ هو انڪري الهه بخش ان مسئلي ۾ منهنجي مدد گهري. مون کيس مشورو ڏنو ته جمله پارٽين کي جن جي مدد سان هن وزارت ٺاهي هئي گهرائي سندن رايو معلوم ڪري. جنهن تي هن اتحاد پارٽي، هندو آزاد پارٽي ۽ ڪانگريس پارٽين جون ميٽنگون گهرائي راءِ ورتي. جنهن تي سڀني پارٽين ڏلن کي مهمل ڪري نئين سر جانچ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. پر وزارت گورنر جي زور بار ڪري پارٽين جي ٺهرائن جي خلاف ملڪ تي ڏلون مڙهي ڇڏيون. ان تان اتحاد پارٽيءَ ۾ اسان ناراض ٿياسون ۽ هندو ۽ ڪانگريس پارٽين پهرين مخالفت ڪري بعد ۾ ٻاهرين اثرن ڪري ڦيرو کائي وري وزارت کي مدد ڪرڻ جو دلاسو ڏنو. ان تي احتجاج ڪرڻ لاءِ سون مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ سردار ولڀ ڀائي پٽيل ڪانگريس پارلياميٽري بورڊ جي ميمبرن کي فيصلو ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ گهرايو پر اهي به خاطرخواه فيصلو ڪري نه سگهيا نتيجو اهو نڪتو ته اسان عام راءِ پيدا ڪرڻ واسطي آل انڊيا مسلم ليگ ليڊرن کي سنڌ پراونشل مسلم ليگ جي اجلاس ۾ گهرايو. ان موقع تي پنجاب جو وزيراعليٰ سر سڪندر حيات خان، بنگال جو وزيراعليٰ مولوي فضل الحق

۽ سر سعد الله خان آسام جو وزير اعليٰ ۽ جناح صاحب ۽ پيا آيل هئا. انهي ڪان مرعوب ٿي الهه بخش مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ قبول ڪيو ميني ميمبرن مسلم ليگ پليج تي صحيحون ڪيون.

الهه بخش کي اميد هئي ته پنجاب ۽ بينگال وانگر هو آل انڊيا مسئلن ۾ مسلم ليگ سان شامل هوندو ۽ سنڌ ۾ ڪيس مذڪور بالا صوبن جي وزارتن وانگر هلڻ ڏنو ويندو.

مگر غلام حسين ۽ سندس ساٿين جي چوڻ تي جناح صاحب الهه بخش کي استعيفا ڏئي وري مسلم ليگ پارٽيءَ جي ليڊر چونڊجڻ لاءِ زور رکيو جا ڳالهه هن قبول نه ڪئي. نتيجو اهو نڪتو ته سمجهوتو ٽٽي پيو ۽ هو وزارت ۾ رهجي ويو ۽ اسان مسلم ليگ ۾ ٿي رهيا سون. ان ڪانپوءِ جناح صاحب جي چوڻ تي اسان سر غلام حسين کي مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڊر ۽ مير بنده علي خان کي ڊيپوٽي ليڊر چونڊيو.

جناح صاحب جي موجودگيءَ ۾ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي مون کي الهه بخش وزارت خلاف بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ پيش ڪرڻ لاءِ چيو.

بعد ۾ جڏهن اهو ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ اڳيان پيش ٿيو ته مسلم ليگ جو ليڊر سر غلام حسين ۽ ڊيپوٽي ليڊر مير بنده علي خان، الهه بخش کان وزارتون وٺي وڃي سرڪاري بينچن تي ويٺا. ان بابت مفصل احوال "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۽ "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" ڪتابن مان ملي سگهندو.

اهڙي طرح الهه بخش وزارت جي مخالفت ڪري اسان مسلم ليگ جي دامن ۾ وڃي ڦاٿا سون. حاجي عبدالله هارون صوبه سنڌ مسلم ليگ جو ان وقت صدر هو. اهو مسلم ليگ کي زور وٺائڻ ۽ وزارت کي نقصان پهچائڻ لاءِ ايترو منتظر هو جو جڏهن سکر جي مسلمانن جي هڪ گروه منزلگاه جي مسجد کي سرڪاري قبضه مان ڇڏائڻ لاءِ گهر ڪئي ته يڪدم ان سوال کي هٿ ۾ کڻي سنڌ سرڪار سان مسجد موٽائڻ لاءِ لکپڙه ڪئي. خاطر خواه جواب نه ملڻ تي صوبه مسلم ليگ

جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ اڳيان سوال پيش ڪري ستياگرهه ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايائين ميٽنگ ۾ مون ان جي مخالفت ڪئي ته مذهبي ڳالهين کي سياسي ڳالهين سان سلوٽ نه ڪجي پر ٺهراءُ پاس ٿي ويڻ بعد ستياگرهين جي چارج هٿ ۾ وٺي پين سائين سان گڏ نومبر ١٩٣٩ع تي جيل ۾ ويس، جنهن ڪري سنڌ ۾ هندو مسلم فساد ٿي پيا. هندن جڏهن ڏٺو ته الهه بخش وزارت هندن جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪامياب ثابت ٿي هئي ته هنن مجبور ٿي جيل مان ٻاهر نڪرڻ بعد الهه بخش وزارت کي شڪست ڏياري اسان کن وزارت ۾ آندو.

باوجود ان جي جو الهه بخش هندن جي رضامندي خاطر مسلمانن کي جيلن ۾ وجهي ، منزلگاهه ۾ مارون ڏياري مسجد جو قبضو خالي ڪرايو هو، هوڏانهن مسلمان ميمبرن جي اڪثريت ووٽ کيس ڏنا چاڪاڻ ته مسلمان زميندار ميمبرن جي اڪثريت ۾ سرڪار وقت جي مخالفت ڪرڻ جي همت ئي ڪانه هئي. ڪجهه وقت وزارت ۾ رهڻ بعد مونکي معلوم ٿيو ته هندو ميمبرن جن اسان کي وزارت ۾ آندو هو ۽ جن تي ئي اسان جو مدار هو تن پروگرام مطابق اسان کي ڪم ڪرڻ نه ٿي ڏنو. تنهنڪري سگهو ئي مون جناح صاحب سان صلاح ڪري وزارت کان استعيفا ڏئي سمورو توجه مسلم ليگ جماعت کي منظم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ليڪن مکيه سوال منهنجي اڳيان اهو هو ته وزارت کي ڪهڙي طرح مضبوط ڪري پروگرام مطابق سنڌي عوام جي ڀلي جا بل پاس ڪرائجن. ان لاءِ رستو صرف هڪ هو ته جملي مسلمان ميمبرن کي ڪٺو ڪري هندو مستقل مفاد جي چنبي مان آزاد ڪجي. ان لاءِ مون الهه بخش کي وزارت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو پر جنهن صورت ۾ هن کي هندن طرفان وزير اعلي ڪرڻ جو دلاسو مليل هو ۽ مسلم ليگ ميمبرن جي وفاداريءَ تي سواءِ سنڌس پوٺلڳن جي کيس پروسو نه هو، ان ڪري انڪار ڪيائين. تنهنڪري مون مولانا ابوالڪلام آزاد کي گهرائي ان جي معرفت اثر وجهارايو ته وزارت ۾ شامل ٿئي جنهن جي چوڻ تي هو گڏيل ورازت ۾ اڌ وزيرن جي شرط تي رضامند ٿيو.

فيصلو اهو ٿيو ته هڪ جاءِ يڪدم خالي ڪري الهه بخش کي آندو وڃي ۽ ٻيءَ جاءِ هڪ مهيني کان پوءِ خالي ڪري هن جي ڌر کي ڏني ويندي.

مون بروقت استعيفا ڏني الهه بخش کي وزارت ۾ آندو. ان تي جناح صاحب ڪاوڙجي پيو. هو ڳنڍيل وزارت جي فائدي ۾ نه هو. سندس خيال هو ته سموري وزارت مسلم ليگي مسلم ميمبرن تي مشتمل رهي. اها ڳالهه سنڌ جي حالتن ڪري ناممڪن هئي. ان حالت لاءِ جوابداري مٿس ۽ سندس مسلم ليگ حوارين مسلم اقليت وارن صوبن تي پئي ٿي، جن سندن نفعي خاطر سنڌ جي مسلم ميمبرن جو تعداد ۽ نمائندگي گهٽارائي ڇڏي هئي.

جناح صاحب جي ضد ڪرڻ سبب ٺهراءُ ٽٽي پيو ۽ بجيٽ جي موقعي تي الهه بخش هندن سان گڏجي مسلم ليگ وزارت کي شڪست ڏئي وزارت ٺاهي.

مسلم ميمبرن مان صرف ٻه ميمبر کهڙو صاحب ۽ گزدر هٿا جي لالچ تي الهه بخش سان وزارت ۾ شريڪ نه ٿيا ۽ اسان سان گڏ مسلم ليگ ۾ رهيا.

١٩٤٢ع ۾ ڪانگريس انگريزن خلاف ستياگره ڪيو جنهن کي ڪئٽ انڊيا تحريڪ جي نالي سڏيو ويو.

ان وقت ڏاري حاجي عبدالله هارون وفات ڪري ويل هو.

الهه بخش هاڻ ڪانگريس سان پڪو ٿي ويو هو تنهنڪري ان آزاديءَ جي ڪارڪنن تي انگريزن طرفان سختيون ڪرڻ تي پنهنجي لقبن تان احتجاج طور دستبرداريءَ جو اعلان ڪيو.

جيئن ته ان وقت ٻي مهاڀاري لڙائي هلي رهي هئي انگريزن الهه بخش جي اهڙي قدم کي سندن لاءِ نقصانڪار سمجهي کيس وزارت اعليٰ تان ڊسمس ڪري ڇڏيو ۽ سندس وزير سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ سڏيو، جنهن پير الاهي بخش کي وزارت ڏيئي الهه بخش کان ڦيرائي ورتو. پير صاحب جو اصل کان اهو دستور رهيو هو ته اقتدار جي حصول لاءِ هر بروڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو تنهنڪري

سندس دوست الهه بخش کي ڇڏي وڃي سر غلام حسين سان شامل ٿيو، وري به شايد مسٽر نيچلداس وزيراڻي کي هجي جنهن سر غلام حسين جي وزارت ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو. ان کان پوءِ سر غلام حسين مسٽر کهڙي ۽ مسٽر گزدر کي وزارت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آڇ ڪئي ليڪن جناح صاحب انهيءَ جي خلاف هو. سندس چوڻ هو ته جنهن صورت ۾ مسلم ليگ سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف پارٽي هئي تنهنڪري سر غلام حسين جي عيوض مسلم ليگ ليڊر خانبهادر کهڙي کي وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرايو وڃي ها. پر گورنر اها ڳالهه قبول نه ڪئي نيٺ مذڪور بالا ٻئي صاحب سر غلام حسين جي وزارت ۾ ان شرط تي داخل ٿيا ته سر غلام حسين مسلم ليگ ۾ ايندو ۽ وزارت مسلم ليگي سڏبي. اهڙيءَ طرح سان سنڌ ۾ مسلم ليگ انگريزن جي آڌار تي وري طاقت ۾ آئي. مونکي جناح صاحب آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي اڳيئي ميمبر نامزد ڪيو هو. ان ڪري آل انڊيا آئيني مسئلن ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري منهنجي سياسي ڪم جو دائرو وڌي ويو.

حاجي عبدالله هارون جي وفاتيءَ کان پوءِ مونکي جناح صاحب صوبه سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊايو هو ۽ خانبهادر کهڙي کي ان جي جاءِ تي آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ميمبر نامزد ڪيو هو.

ڪانگريسي جيلن ۾ هئا جناح صاحب ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ بمبئي ۾ گهرائي ان ۾ اهڙو ٺهراءُ پاس ڪرڻ گهريو ٿي جنهن ۾ انگريزن جي همدرديءَ ۾ هلچل جو ذڪر ڪانگريس تي وجهڻ گهريائين ٿي. مون ان وقت ڪانگريس سان سمجهوتو ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي جنهن تي ناراض ٿي پيو.

اهڙيءَ طرح مونکي آهستي ٿي پتو پوڻ لڳو ته مسلم ليگ جي سياست مسلم اقليت وارن مسلمان مستقل مفاد ۽ انگريزن جي فائدي خاطر هلائي ٿي وڃي. ٿوري وقت بعد سنڌ ۾ سر غلام حسين وزارت بد نام ٿيڻ لڳي.

مون صوبه سنڌ مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت ۾ حالتن سڌارڻ لاءِ جناح صاحب کي رپورٽون ڪيون پر هن صاحب انهن کي ٻڌو

اڻ پڌرو ڪري ڇڏيو. ان تان منهنجي ۽ وزارت جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا.

جڏهن خانبهادر کهڙو الهه بخش مرحوم جي شهادت جي ڪيس ۾ جيل ۾ ويو ته پوئتان سر غلام حسين اڪثر مسلم ليگ ميمبرن جي راءِ خلاف سير غلام علي خان کي سندس جاءِ تي وزير نامزد ڪري ڇڏيو.

هاڻ سر غلام حسين انگريز گورنر جي آڏار تي اهڙا ڪم ڪرڻ لڳو، جي جماعت جي بدنامي‌ءَ جو باعث بنيا ٿي پر باوجود ان جي جناح صاحب هن جو حامي رهيو. وڌيڪ احوال ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ مان ملي سگهندو.

سون باوجود انهن ڳالهين جي ۱۹۴۳ع جي ۳-مارچ تي سنڌ اسيمبلي‌ءَ ۾ پاڪستان جي قيام لاءِ تجويز پيش ڪري ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان وقت ڪيل تقرير جا ڪجهه ٽڪر ناظرينن جي ملاحظه لاءِ هيٺ ڏيان ٿو.

۳-مارچ ۱۹۴۳ع تي سون سنڌ اسيمبلي‌ءَ ۾ هيٺين تجويز پيش ڪئي:

ٺهراءُ

”هي اسيمبلي سنڌ سرڪار کي سفارش ٿي ڪري ته وائسراءِ هند جي معرفت بادشاه سلامت جي حڪومت کي صوبه سنڌ جي مسلمانن جي جذبات ۽ خواهشن کان واقف ڪري ته:

جنهن صورت ۾ هندوستان جا مسلمان مذهب، فلسفه حيات، معاشرتي رسمن، ادب، روايات، سياسي ۽ اقتصادي عقيدن جي جدا هئڻ سبب هڪ جدا قوم آهن. تنهنڪري جدا قوم جي حيثيت ۾ هندوستان جي جنهن خطه زمين ۾ هو اڪثريت رکن ٿا اتي هو ’آزاد ۽ خود مختيار قومي حڪومتن‘ قائم ڪرڻ جا حقدار آهن. ان ڪري سنڌ جا مسلمان پرزور طريقي پنهنجي راءِ جو اظهار ٿا ڪن ته ڪين ڪو به اهڙو آئين قبول نه ٿيندو جو کين هڪ مرڪزي حڪومت ۾ بي ’اڪثريت واري قوم‘ جي ماتحت رهڻ لاءِ مجبور ڪري.

اينديڙ حالتن هيٺ زندگي‌ءَ کي آزاد ۽ پنهنجي نقطه خيال مطابق

بسر ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪين پنهن جون قومي حڪومتون قائم ڪرڻ ڏنيون وڃن. تنهن ڪري ڪابہ اهڙي ڪوشش، جا هندوستان جي مسلمانن کي سندن سرضيءَ جي خلاف هڪ مرڪز جي ماتحت رکندي، سا کين قبول نہ آهي. بلڪ اهڙي ڪوشش لازمي طور ملڪ ۾ خانہ جنگي، نامناسب ۽ خوفناڪ نتيجن جي صورت اختيار ڪندي."

انهيءَ ٺهراءَ پيش ڪرڻ بعد جا سون تقرير ڪئي ان مان ڪي ٽڪرا ملاحظہ لاءِ پيش ڪريان ٿو:

جناب صدر !

اڄ هن ٺهراءَ ذريعي سنڌي مسلمانن جي عيوضي جي حيثيت ۾ هندوستان جي ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جي مطالبہ پاڪستان کي هن ايوان ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. اهو مطالبو قومن جي حق خود ارادي جي اصول مطابق، مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ ضمانت جي صورت رکي ٿو.

دنيا اڄ ڪلهہ سياست جي انهي ارتقائي دور مان گذري رهي آهي. جو دور هر قوم کي هڪجهڙن موقعن ۽ حقن سان آزاديءَ جي نعمت ماڻهن لاءِ اميدون ڏياري رهيو آهي.

اها آزاديءَ جي تمنا هئي جنهن هندن ۽ مسلمانن کي خلوص دل سان جدوجهد ڪرڻ تڪليفن سهڻ ۽ قربانين ڏيڻ لاءِ آماده پي ڪيو آهي.

اڄ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ مسلمان قوم جنهن انگريزي حڪومت کان اڳ ست سو ورهيہ هندوستان ۾ حڪومت ڪئي هئي تنهن کي سندس نفسياتي ساخت . قومي ڪردار ۽ روايات ڪري هندوستان جي آزادي لاءِ ايتري خواهش ۽ جذبو پي رهيو آهي. جهڙو هندوستان جي ٻين رهاڪن کي آهي.

پاڪستان جي گهر مسلمانن جي جدا قوم هئڻ جي بنياد تي

ڪئي وڃي ٿي. برصغير هند جا گرافيائي طور هڪ ملڪ شمار ڪري نٿو سگهجي...

بلڪ انکي هڪ ملڪ سڏڻ حقيقتن جي برعڪس ٿيندو...

جيڪڏهن يورپ کي انهي نقطہ نگاه کان هڪ ملڪ سڏ بو ته مثال ٺهڪي ايندو پر يورپ اڃا تائين مختلف قومن جو مجموعو آهي، اهو فيڊريشن جي درجي تائين به پهچي نه سگهيو آهي.

هتي جيڪڏهن گجرات ۽ سنڌ صوبن جا مثال ونبا ته حقيقتن تي پوري روشني پئجي سگهندي. باوجود پنهي جي سرحد ملڻ هئڻ جي هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ پهچڻ لاءِ ٢٨ ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ جو پنهي جي وچ ۾ وڏو رڻ پٽ حائل آهي. ٻئي طرف فرانس ۽ جرمنيءَ جو مثال ونبو ته معلوم ٿيند و تہ فرانس مان جرمني پهچڻ ۾ صرف پنج منٽ لڳن ٿا... هندوستان برصغير ٿي سگهي ٿو. يورپ، افريقا، اتر ۽ ڏکڻ امريڪا جا مثال ساڻس مشابهت رکن ٿا... جيڪڏهن هندوستان کي هڪ ملڪ شمار ڪبو ته امريڪا، ڪئناڊا، ميڪسيڪو ۽ الاسڪا کي به هڪ ملڪ شمار ڪرڻو پوندو. ليڪن اهي ملڪ علحدہ تسليم ٿيل آهن... ڪئناڊا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا رهاڪو ساڳي نسل، لباس ۽ ٻولي وارا آهن... ليڪن باوجود ان جي اهي ملڪ جدا قومي وجود قائم رکيو ويٺا آهن.

ساڳي حالت ڏکڻ امريڪا جي آهي جو هڪ خط ايراضي ۾ مختلف حڪومتن جو مجموعو آهي. جن ۾ گهڻن جي زبان اسپيني آهي. لباس، طرز معاشرت ۽ مذهب به ساڳيو اٿن، ليڪن باوجود ان جي هو پنهنجي نموني جدا رهڻ پسند ڪن ٿا. انهن مثالن کي نظر ۾ رکندي صرف جاگرافيائي وحدت، متحده قومي وجود لاءِ دليل ٺهرائي نہ ٿي سگهجي...

يورپ جي تاريخ تي سرسري نظر ڊوڙائبي ته پتو پئجي ويند و ته جمهوريت ۽ نيشلزم ان کي اتحاد ۽ ميلاپ طرف ڇڪڻ جي عيوض جدائي طرف پئي گهليو آهي.

نيشنل ۽ جمهوري حڪومتن جو زوريءَ ڳانڍاپو ڪا معني نٿو رکي ··· صرف باهمي سمجهوتي ۽ مسلسل لاڳاپن ذريعي ديرپا اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو. فطري قانون پٽاندڙ انساني اتحاد جي ترقي مقرر حد کان مٿي تيز نه ٿي سگهندي. ان کي مصنوعي طريقن سان گهٽائبو ته فائدي بجاءِ نقصانڪار رد عمل پيدا ڪندو.

ميوي کي درخت ۾ پچڻ کان اڳ ڪٽو ٽيٽو پوي ٿو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان کي قبل از وقت پٽيندو ۽ مٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته سندس فطري مٺاس گهٽجي ويندي. اختلاف جيتوڻيڪ اڻ وڻندڙ ڳالهه آهي، ليڪن ترقيءَ جي راهه ۾ مقابلي جو هئڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

ڪليل مقابلي کان سواءِ مصنوعي ۽ زوريءَ اتحاد پيدا ڪرڻ قومي زندگي ۾ جمود ۽ خوف پيدا ڪرڻ جي مترادف آهي.

اسان جيڪڏهن هندوستانين جي مذهبي نقطه نگاه کان پيٽ ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته انهن مان هڪ فرقو ٻئي سان سوشل تعلقات نٿو رکي ······ پنگتي جدائي هنن ۾ عام قبوليل اصول ٿي ويل آهي.

جيڪڏهن ڪو پڇي ته سندن اختلافن جو بنيادي سبب ڪهڙو آهي ته ان جو جواب ملڻ ڏکيو نه ٿيندو. هن زماني ۾ اسان جن ڳالهين کي نظرين جي نالي سان سڏيون ٿا تن کي اڳئين وقت ۾ مذهب جو نالو ڏنل هو.

جماعتون به اڪثر مذهبي نقطه نگاهه تي ٺهنديون هيون.

يورپ جا ترقي يافته عناصر ۽ جديد خيالن جا حامل گهڻين تڪليفن ۽ قربانين کان پوءِ مس انهي مذهبي تنگ خيالي جي پيدايائن کان پاڻ ڇڏائي سگهيا آهن.

ليڪن پنهنجي پيل ملڪن جا قدامت پسند فرقا اڃا تائين فرقه بندي ۽ پنگتي پيد پاون ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ دنيا جي ارتقائي رفتار ۾ پوئتي رهجي ويا آهن.

هتي جي قدامت پسنديءَ جو ثبوت ان مان ملندو ته ٻڌ ڌرم جو هندن جي مذهب ۾ هڪ ارتقائي قدم هو جو سوسائٽي جي گهٽين خامين کي مٽائي اڳتي وڌائي سگهيو ٿي. تنهن کي هتان جي قدامت پسند گروهه قبولڻ جي عيوض مخالفت ڪري ٽڏي پاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان وڃي سيلون، چين، تبيت ۽ برما ۾ پناهه ورتي. جاهل برهمڻ اڄا تائين چون ٿا ته گوتم ٻڌ هندو ڌرم کي ختم ڪرڻ آيو هو.

بنيادي طرح برهمزم نان مشنري ۽ قدامت پسند مذهب رهيو آهي. سندن چوڻ مطابق برهمڻ صرف ڄمي پيدا ٿيندو آهي. ٻين مذهبن مان شڌ ٿي برهمڻ بڻجي نٿو سگهي.

ڪو به ماڻهو ڪيترين سرويتون يا سمرتيون ڪٿي ڄاڻندو هجي ۽ نسل به آريا مان هجي پر نه برهمڻ ۽ نه کتري بڻجي سگهي ٿو. البت وئش يا شودر بڻجڻ لاءِ رستا کليل اٿس.

جيڪڏهن ڪنهن نسل يا فرقي جو جوڙجڪ اهڙو محدود ۽ سخت ٺهيل هجي جو ان ۾ ڪنهن به ڦيرڦار جي گنجائش نه هجي ته جيسيتائين انهن حالتن ۾ تبديلي نه آئي آهي تيستائين اتي جمهوري ۽ نيشنل حڪومت آساني سان ٺهي ان تي عمل درآمد ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي.

پوءِ انهي مذهبن جي اختلافن تي روشني وجهندي سون چيو ته "جيسين تائين ٻنهي مذهبن جي عوام مان ڪٽرپڻو گهٽ نه ٿيو آهي. ان وقت تائين انهن جو گڏجي هڪ قومي قالب ۾ سمائجڻ مشڪل پيو نظر اچي.

پروفيسر رينان جيڪو نيشنلزم جي موضوع تي ماهر سمجهيو وڃي ٿو تنهن جو چوڻ آهي ته:

> "قوميت هڪ روحاني ۽ نفسياتي جذبات تي ٻڌل حقيقت ٿئي ٿي هم جنسيت جو خيال ٿي مختلف فردن کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي ٿو اها هم جنسيت ٻه ڌاري تلوار مثل آهي جا جيڪڏهن ڪن کي حقيقتن جي بنياد تي گڏي ٿي ته ڪن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ٿي."

عام طرح انهن پيو چوڻ ۾ اچي ته عوام لاءِ اقتصادي مسئلو بنسبت مذهبي، پنگتي نظرين جي زياده اهميت رکي ٿو ۽ انهي مسئلي کي پوري طرح سلجهائڻ بعد فرقيوار سوال ازخود ختم ٿي ويندا. ليڪن سماج موجوده ذهني ۽ پنگتي پست حالـيءَ ۾ انهيءَ مسئلي جو ترت حل نظر ئي ڪونه ٿو اچي.

جيڪڏهن اسان جو آخري مقصد هڪ آزاد ۽ ترقي يافته متحده قوم بنائڻ جو آهي ته ان جو بهتر ذريعو اهو آهي ته هندن ۽ مسلمانن کي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ انهن جي ڪلچر، فلاسافي ۽ روايات جـي مد نظر ترقـي ڪرڻ لاءِ مناسب مـوقعا ۽ سهولتون مهيا ڪيون وڃن ته پوءِ اڳتي هلي هو خوشنما مرڪب جو مجموعو بڻجي پوندا . . . . . .

جمهوريت جي معنيٰ عوام جي حڪومت آهي پر ان عوام جو هر جنس هئڻ سڀ کان ضروري آهي. انهي آزادانه طور بنا خوف ۽ خطري جي ڪم ڪرڻ لاءِ درمياني عرصي جي ضرورت آهي."

آءٌ ١٩٣٨ع کـان مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيس. ١٩٤٠ع ۾ مسلم ليگ وزارت جو رڪن بنيس. سال جي آخر ۾ سنڌ جي مسلمان اسيمبلي ميمبرن ۾ اتحاد آڻي پروگرام موجب عوام جي ترقيءَ واسطي مون وزارت تان استعيفا ڏني. ساڳي سال جناح صاحب مون کي سنڌ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ لاءِ آرگنائيزيشن ڪميٽي جو چيرمن مقرر ڪيو جنهن بعد مون مسلم ليگ جي مقصد پاڪستان جي لاءِ سنڌ جي گوشه گوشه ۾ وڃي پرچار ڪيو.

ان ڪري مون کـي جون ١٩٤١ع ۾ آل انـڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر نامزد ڪيو ويو.

١٩٤٣ع ۾ مونکي صوبا سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو جنهن عهدي تي ١٩٤٥ع جي آخر تائين رهندو آيس.

١٩٤٣ع جيآخر ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ڪراچيءَ جي آخري اجلاس وقت استقباليه ڪميٽيءَ جو صدر هوس. اجلاس جي ڪاميابيءَ لاءِ حتي‌الامڪان ڪوشش ڪيم. انهي وقت ڏاري مون کي آل انڊيا

مسلم ليگ جي مجلس عمل جو ميمبر نامزد ڪيو ويو. انهي زماني ۾ مون کي مسلم ليگ اندر رهي ڪم ڪرڻ ڪري منهنجي سياسي ۽ مذهبي معلومات ۾ اضافو ٿيو.

تجربي بعد آهستي ٿي منهنجي خوش فهمي جا خواب پريشان ٿيڻ لڳا. معلوم ٿيڻ لڳو ته مسلم ليگ جماعت جو اسلام سان واسطو ڪونه هو. ان جي ڪارڪنن مذهب کي عوام کي دوکي ڏيڻ لاءِ استعمال ٿي ڪيو اها جماعت يو- پي ۽ سي- پي مسلم مستقل مفاد لاءِ ڪم ڪري رهي هئي. مسلمانن جي جدا گانه قوم جو وجود ئي ڪونه هو. مسلم ليگ وزارتون زميندار ۽ وڏن سائن جي طبقاتي ۽ ذاتي مفاد لاءِ هلايون ٿي ويون.

مسلم ليگ ليڊر شپ ابن الوقتي حرص و هوس جي چار ۾ قائل هئي، انهن اصول پرستي کي بيوقوفي سمجهي ان تي ٽڪليو ٿي.

هنن کي عوام جي ضروريات ۽ تڪليفن سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. دولت ۽ سياسي اقتدار جو حصول مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ وٽ اهم ڳالهه هئي. سرڪاري نظام حڪومت جي تطهير ۽ ملڪي تعمير جا مسئلا هنن قبل از وقت سمجهي پاڪستان جي حصول تائين پوئتي ٿي اڇلائي ڇڏيا. هنن اخلاقي ۽ جمهوري اصولن کي بي معني ڳالهه سمجهيو ٿي.

مسلم ليگ جي نالي سان عوام کي منظم ڪرڻ جو خيال غائب ٿيڻ لڳو. هندن کان وڌيڪ هاڻ مسلم وڏيرن عوام جو استحصال ڪرڻ شروع ڪيو هو. مسلم ليگ جي واڳ يو- پي ۽ پنجابي مستقل مفاد جي هٿ ۾ هئي.

انگريزن جي مسلم ليگ کي پشتي ڏسي سنڌي وڏيرا اقتدار جي حصول خاطر سنڌ جي مسئلن کي وسارڻ لڳا.

ايتري قدر جو جنهن قانون انتقال ايراضي لاءِ اسان لڙندا آيا هئاسون. ان کي جڏهن سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪيو ته مسلم ليگ ليڊرن ان جي منظوري نه ڏني چاڪاڻ ته هاڻ هندن جي جاءِ هنن کي والارڻ جو ارادو هو.

اسان کي ڪهڙي خبر ته جنهن پاڪستان لاءِ اسان رات ڏينهن ڪم ڪيو ٿي سو اڳتي هلي ”گلن جي هار بدران سورن جو سگهڙو بنجي پوندو.“

ان ۾ سنڌ جي وجود کي مٽائڻ لاءِ ڪوششون ٿينديون.

ان ۾ سنڌين جي جداگانه قومي وجود کان انڪار ڪيو ويندو.

ان کي مهاجر پنجابي سامراج جي ڪالوني طور ڪتب آندو ويندو.

ان ۾ سنڌي وڏيرن جا ذهن مسخ ڪري سياسي طرح گمراه ڪيو ويندو.

ان ۾ سنڌ جي هزارن ورهين واري زبان سان ماٽيجي ماءُ وارو برتاءُ ڪيو ويندو.

ان جي نوڪرين، واپار، ڪارخانن، بئنڪن، زمينن، اقتصادي ادارن تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي مسلط ڪيو ويندو.

جهڙي طرح ان جي قيام لاءِ محنت ڪرڻي پئي سون اهڙي محنت سان ان کي ڊاهڻ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندوسون.

مجازي عشق جا تجربا

زندگي سان واسطو رکندڙ هر ڳالهه ساڳي حالت ۾ قائم رهڻي نه آهي. جيئن جانور ۽ ماڻهو ڄمي، ضغيرپڻ، سن بلوغ، جواني ۽ پيريءَ جي مرحلن مان گذرن ٿا. اهڙي طرح ساڻن واسطو رکندڙ شين جي حالت رهي ٿي. شخصي طبيعت، علم، عقل، لڳ لاڳاپا بدلبا رهن ٿا. اهي ڳالهيون نه صرف شخص سان وابسته آهن پر قومن جي معاشري، تهذيب، نظرين، مذاهب سان به ان جو واسطو رهي ٿو.

مون مجاز جي ٽن مرحلن جو اڳين فصلن ۾ ذڪر ڪري ان ۾ پنهنجي تجربن ۽ تاثرن جو احوال ڏنو آهي، انهن ٽنهي دورن کي آءٌ جيڪڏهن جامع لفظ سان سڏيان ته ”رومانس“ جو زمانو ٿي سگهي ٿو.

جنهن ۾ حقيقتن سان گهٽ واسطو رهيو ٿي، خيال آرائي، تخيل ۽ مبالغ سان زياده هو. جواني جي وقت ماڻهو حقيقتن کي مدنظر

رکي عملي طرح ڪم ڪري ٿو، هن دور ۾ منهنجي اها حالت هئي.
آءٌ اڳي چئي آيو هوس ته شخصي مجاز تن سببن ڪري وقوع ۾ اچي ٿو.

جنسي خواهش، طبعي انس، هم خيالي

آءٌ جڏهن پهرين (م) دوست سان لاڳاپي ۾ آيو هوس ته جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته نادانسته طور مختلف سببن ڪري ان طرف ڇڪجي ويس. انهي دور ۾ پنهنجي دنيا بنائي زمين کان مٿي ڪجهه خيالي دنيا ۾ اڏامڻ لڳو هوس. ليڪن گذشته دورن جي تجربي بعد حقيقتن جي منهن مقابل ٿيڻ ڪري آهستي ٿي اهي خيالي تصور غائب ٿيڻ لڳا. معلوم ٿيڻ لڳو ته هر شخصي مجاز ۾ گهڻو حصو نادانسته طور جنسي خواهش جو ٿئي ٿو. جنهنکي مٿي چاڙهي عاشق روحانيت جي درجي تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

حافظ شيرازي انجي تشبيهه هيئين طرح ڪري ٿو:

”ازان افيون ڪ، ساقي درمي افگند، حريفان راذ سرمانند ن دستار“

معني:- ”ساقي شراب ۾ جو آفيم وجهي ٿو، اهو اهڙو تيز ٿئي ٿو جو پيئندڙ جو دماغ سالم نٿو رهي.“

مونکي به اڳتي هلي هن دور ۾ پتو پوڻ لڳو ته منهنجي هن رومانس ۾ بہ نادانسته طور گهڻو حصو جنسي خواهش جو هو، جو هيئين سببن ڪري گهٽجڻ لڳو.

(١) شادي هئڻ ڪري جنسي خواهش جي پورائي جو انتظام هو.
(٢) معاشري جي اخلاقي قدرن جو اثر مسلط هوم.
(٣) مذهبي تربيت ۽ انجي اثر ممانعت ٿي ڪئي.
(٤) مجاز کي حقيقت جي چاڙهي سمجهڻ ڪري خوف هو ته ان خواهش جي پورائي ڪري بنيادي مقصد فوت ٿي وڃڻ جو امڪان هو.
(٥) جنسي خواهش ٻن طريقن سان پوري ٿي سگهي ٿي، هڪ ناجائز جنسي خواهش جو پورائو جنهنجي معاشره، اخلاق، مذهب ۽ روحاني ڪشش اجازت نٿي ڏني.

ٻي شادي ذريعي هم رفيق ٻنائي پوري ڪرڻ سان حالتن مطابق اها ٻه ممڪن نه هئي.

انهي ڪري مون زبردستي پنهنجي نفس اماره تي قبضو رکي دوست جي باغ حسن جي گلن سونگهڻ يا ميون چکڻ کان پرهيز ڪئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته شراب خالص مان آفيم جي نڪري وڃڻ ڪري انجو جنون ساز اثر گهٽجي ويو ۽ آسمان مان لهي هيٺ زمين تي اچي پهتس. هاڻ دوستيءَ لاءِ باقي ٻه ڪارڻ وڃي رهيا هئا.

(۱) هم نفسي صحبت (۲) هم خيالي لاڳاپو.

ان مان پهريون ڪارڻ نهايت دلفريب هو. اول ۾ ڏينهن جا ڏينهن ان جي صحبت ۾ رهي نهايت خوش پيو گذاريندو هوس. اهو هڪ نشو هو جنهن مان عمده سرور ميسر ٿي ٿيو. پر منهنجي زندگي صرف هڪ طرفي نه هئي. مذهب، علم، عمل سان ٻه واسطو هوم. اهي راتيون ۽ ڏينهن جي سرور جي حالت ۾ گذاريم ٿي تن سونکي پنهنجي پين ڳالهين جي فرض ادائي ۾ رڪاوٽ ٿي وڌي.

هاڻ مون کي فيصلو ڪرڻو پيو ته يا ته موالين وانگر دوست جي صحبتي سرور ۽ لهو ۽ لعب ۾ گذاريان يا زندگي جي تڪميل لاءِ ان جي پين شعبن کي ٻـ وقت ڏيان. مون اڳيئي مذڪور بالا ٽنهي شعبن ۾ چڱي ترقي ڪئي هئي ان ڪري بقول حافظ شيرازي:

”نگويم ڪه هم سال مي پرستي ڪن،

سه ماه مي خور و نهه ماه پار ساقي باش.

معنيٰ- ”آءٌ نٿو چوان ته سارو سال عشق عاشقي ڪندو رهه. ٽي مهينا عشق سان رهه نو مهينا دنيائي ڪاروبار سان.“

انهي تميز جو اثر ٻنهي طرفن تي پيو. منهنجو دوست (م) ٻـ پنهنجي ڪثير عملي سرگرمين ۾ مشغول هو ۽ آءٌ پنهنجي مذڪور بالا ٽنهي شعبن جي ڪاروبار ۾ رڌل رهيس. سياست ملڪ ۾ هن ۽ منهنجا طريقا عمل مختلف هئا. سياست ۾ حصي وٺڻ بعد مونتي سنهنجي حريفن پيا طريقا آزمائڻ بعد دوست جي اثر جو فائدو وٺي ان جي ذريعي مونکي پنهنجي راهه تان ٽيڙڻ جون ڪوششون ڪيون. ان لاءِ مثل

طور تي ڳالهيون بيان ڪريان ٿو:

(۱) **پهريون دفع** ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽيءَ وقت هڪ لوڪلبورڊ عملدار هڪ انگريزي حاڪم جي آڌار تي منهنجي قوم پرست ۽ ڳوٺ سڌار هلچل جي مخالفت ڪري منهنجي لوڪلبورڊ زندگيءَ کي تلخ ڪري ڇڏيو هو.

هن جي جملي خامين تي آءٌ راهبانه صبر سان خاموش رهندو آيس. ليڪن ڪجهه وقت کانپوءِ هن سان سندس ئي دوستن ناراض ٿي ان جي عيبن جي اپٽار ڪري لوڪلبورڊ نوڪريءَ مان ڪڍڻ جي تجويز بورڊ اڳيان پيش ڪري مونکي رهبري ڪرڻ لاءِ تار رستي ڳوٺان گهرائي ورتو. ان تي هن عملدار پيو رستو نه ڏسي اچي منهنجي دوست (م) جو سهارو ورتو. جنهن تي دوست مونکي هن جي مخالفت ڪرڻ کان روڪيو. مون هيٺين سببن ڪري آڻ مڃي.

(۱) دوست جي بي انتها اثر کان انڪار ڪري نه سگهيس.

(۲) هن عملدار جي ڪسمپرسي ۽ پنهنجي سرندي ٽرڻ جي جذبي ڪري .

(۳) ڪمزوري طبع ، جنهن ڪري ناجائز اثر کان مرعوب ٿي ويس.

(۴) شرافت طبعي ، جنهن ۾ پنهنجي توڙ نباهه هن جي هو چاٽي جو خيال غالب هو.

نتيجو اهو نڪتو ته پوئلڳ دوستن جي پڇڻ کانسواءِ يڪطرفو فيصلو ڪري مخالف کي معاف ڪرڻ ڪري منهنجا دوست منهنجي ليڊريءَ کان نااميد ٿي ويا ۽ سندن اعتبار ٽٽڻ کي نزديڪ اچي ويو.

(۲) **ٻيو دفعو** سرغلام حسين جي وزارت خلاف ڪنموشن جي اچڻ بعد مون کي عين ووٽن جي موقع تي وري (م) دوست طرفان زور بار وجهايو ويو پر هن دفع ڪجهه اڳئين تجربي، ڪجهه خانبهادر الهه بخش جي مشوري ۽ ڪجهه (س) دوست جي مدد اهڙي ڪمزوري کان بچائي ورتو. نه ته ممڪن هو آئنده آءٌ نه سياست ۾ ڪو اهم

ڪردار ادا ڪري سگهان ها نه وري سون تي ڪو سياسي طور اعتبار ني ڪري سگهي ها.

سياسي معاملن ۾ به ڪي اخلاقي اصول ٿين ٿا، جيڪڏهن ڪو مکيه ڪارڪن مقرر ڪيل معيارن تان ڪري پوي ٿو ته ان جو وقار گهٽجيو وڃي. ان ڪري سندس ڪم جي صلاحيت ۾ رخنو پئجيو وڃي.

(٣) **دفعو**- مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف وقت مون کي (م) دوست مسلم ليگ ليڊرن سان زوري نهراءَ ٿي ڪرايو ليڪن ان وقت تائين آءٌ پنهنجي ارادي ۾ پختو ٿي ويو هوس ۽ انڪار ڪري پنهنجي راءِ تي قائم رهيس. انهن ۽ اهڙين ڳالهين ڪي مد نظر رکي مون کي سندس صحبت ۾ رهڻ جي وقت کي گهٽائڻو پيو جو مون کي معلوم ٿيو ته اها جاءِ هاڻ منهن جي لاءِ سياسي آرائش کان آرام وٺڻ واري نه رهي هئي بلڪ خلاف مصلحت جي ڦاسجڻ جو ڪوڙڪو ٿي پيئي هئي.

ان ڪري هاڻ گذريل رومانس واري دور جو ٻيو پهلو ڏسڻ ۾ آيم. ”لاحب الافلين“ معنيٰ رفتار ٿيندڙ شين سان محبت نٿو ڪريان چئي پاند بچائڻ لڳس.

جڏهن فري ميسنري ۾ داخل ٿي رهيو هوس ته اتي مون کي ٻڌايو ويو هو ته ميسنري جي جنهن به لاج ۾ ٻهرين داخل ٿجي ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪيترن سببن ڪري ٻين لاجن ۾ داخلا وٺڻي پوي ته به اصل لاج جنهن کي مدرلاج سڏبو آهي کان منهن نه موڙبو آهي. مون ساڳي طرح (م) دوست لاءِ ساڳي عزت ۽ احترام برقرار رکيو آهي.

شاه صاحب فرمايو آهي ته:

منهن جنهين جي مون، ڏٺو منهن ميهار جو،
سو اتم ساه سڻون، اهو گهڙو آءٌ ڪيئن گهوريان.

هاڻ ڪجهه احوال دوست (س) بابت به بيان ڪريان ٿو.

هن عورت سان منهنجو لاڳاپو جذباتي نه هو. سياسي دنيا ۾

رهڻ ڪري اڪثري پيو ملڻ ٿيندو هو. هن عورت جي سموري دنيا سياسي هئي. هن جون دوستيون ۽ مخالفتون سياسي هيون. مونکي خبر آهي هن جا دوستاڻا تعلقات ڪيترن ماڻهن سان هئا. پر اهي جنسي خواهش يا جذباتي سڌن ڪان بالاتر هئا. انهن جو ڪارڻ سياسي يا سماجي لاڳاپا هئا. هي عورت ملڪي سياست، قومي آزادي، سماجي خدمت جو مجسمو هئي. مون سان ان جا سياسي يا شخصي تعلقات ابتدا ۾ ڪونه هئا. جڏهن کان تعلقات ٿيا ته هن ڪڏهن به منهنجي سياسي ڳالهين ۾ دست اندازي نه ڪئي. سواءِ مشوري، مدد ۽ همدرديءَ جي. سياسي معاملن ۾ هن سان گهڻو وقت واسطو رهيو آهي جنهن جا مختلف دور گذريا آهن ان ڪري ان جي هڪ سؤ کان مٿي خطن مان چند هيٺ پيش ڪريان ٿو. اميد ته اهي يڪمشت نمونه خروار جو ڪم ڏيندا. هڪ خط پنهنجو ان ڏي موڪليل ڏيندس.

"ڪراچي، ١٤-١١-١٩٤٠ پيارا ڀاءُ سيد

مونکي تنهنجي تندرستيءَ جو فڪر رهي ٿو. مونکي خبر موڪل ته هن وقت تنهنجي حالت ڪيئن آهي.

اڄ گرونانڪ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن اسان وٽ هندو مسلم اتحاد جو پيغام آندو هو:

"رام، رحيم، قران، پران، ڪهي مت ايڪ"

خدا ڪري ان جي پيغام جي اڄ سندس جنم ڏينهن صحيح معنيٰ سمجهي سنڌ جي تاريخ ۾ نئون ورق واريون، ۽ اسان پاڻ کي سنڌ ۽ هند جا نياڻيون ۽ فرزند سمجهي ملڪ جي آزاديءَ جي صف اول ۾ ڪڙا ٿي بيهون. اها منهنجي دعا آهي. خدا اسان سڀني کي تڏهن ئي منزل مقصود تي پهچائيندو جڏهن اسان جون دليون صاف ۽ سچيون هونديون.

برادرم عزيز، اچو ته اسان صحيح رستي تي هلون، خدا شل اسان کي غلط رستن تي هلڻ کان بچائي. پوءِ يقين آهي ته اسان منزل تي پهچي سگهنداسون.

تنهنجي مادر وطن جي محبت ۾. خيرخواه پيرڻ (س)"

بهتر ٿيندو ته ان خط جي پس منظر بابت ڪجهه ذڪر ڪريان.

هي اهو وقت آهي جڏهن آءٌ پنهنجي دوست (ت) جي ناگهاني وفات ڪري افسرده دل هوس. انهي وقت ڊاڪٽر سون وزارت تان استعيفا ڏئي الهه بخش کي وزارت ۾ آڻي سنڌ ۾ آل پارٽيز وزارت بنائڻ جو قدم کنيو هو.

آئنده جي لائحه عمل تي غور ڪرڻ لاءِ سن ۾ اچي ايڪانت ۾ رهڻ لڳو هوس. بهتر ٿيندو ته وڌيڪ خط ڏيڻ کان اڳ (ت) دوست بابت ذڪر پيش ڪريان.

هن سان واقفيت پرپٽ برادرم ميران محمد شاه جي معرفت ٿي هئي جنهن هڪ خط ذريعي هن جو تعارف ڪرايو هو. ان خط جو ٽڪرو ملاحظه لاءِ پيش ڪريان ٿو.

”جڏهن سون ان ماه دش کان سندس تعريف لاءِ التجا ڪئي ته هن هيٺيون احوال پيش ڪيو.“

”آءٌ هڪ آواره سر، پريشان دل، سراسيمه، وارفته عورت آهيان جنهن جي رڳن ۾ والد جي طرفان تيونس (آفريڪا) جي عرب شيخ جو خون ۽ والده جي طرفان هڪ فرانسيسي جاگيردار جي ڌيءَ جو خون اختلاط ٿيل آهي. پئرس يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽ ۽ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس جي ڊپلوما حاصل ڪيل آهيان. هندوستان جي سرزمين جو شوق الن ورهين جي عمر کان اسڪول ۾ پڙهندي دامنگير ٿيم. جنهن لنڊن وڃي انگريزي سکڻ تي مجبور ڪيم. فلاسافي ۽ ايٿڪس (اخلاقيات) سان خاص دلچسپي اٿم.

سرزمين هند ۾ ڪن وڏن آسرن ۽ اميدن جي ترهي اچي نڪتس پر ساحل مراد تي پهچڻ کان اڳ، ناخدا جي بيوفائي ۽ ڪج ادائي جو شڪار ٿي قعر غم و الم ۾ مبتلا ٿي ويئي آهيان.“

”انهي بيان پڏڻ بعد منهنجو سڄو جسم ڪانڊارجڻ لڳو.........
افسوس جو پارسيءَ ۾ درڪ نه اٿس جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ ماهر آهي...
”طعام تناول ڪرڻ کان فارغ ٿي... حياتيءَ جي دقيق نڪتن ۽

خلقت انسان جي عميق مسئلن تي گفتگو ڪرڻ لڳاسين، سندس خيال ۾ دل جي خوشي ۽ اطمينان حاصل ڪرڻ حياتي جو لب لباب آهي. انهي مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا به ڪثر نہ ڇڏجي، چاهي انسان کي جسم خاڪيءَ کي قربان ڇو نہ ڪرڻو پوي ...... تنهنڪري آئڊيلسٽ کي... جماعت جي دستورن ۽ رواجن کي مسمار ڪري به منزل مقصود کي پهچڻ گهرجي نہ تہ حياتي جو مقصد هڪ کيل ۽ تماشو ٿي پوندو......

انهي تي مون هن کان هڪ سوال پڇيو تہ "انتهائي ۽ دائمي خوشي ۽ اطمينان قلب ڪيئن حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ بعد انسان ڇا ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي ڪهڙو فائدو رسي ٿو."

جواب ۾ چيائين تہ "دائمي خوشي هڪ اڻ ڏٺل وهم ۽ گمان کان متي، حقيقت اشياءَ ۽ رازهائي حيات جو معلوم ڪرڻ آهي، جنهن جي جستجو ۽ ڳولا ۾ هزارن ورهين کان درويش، فيلسوف ۽ اهل دل ماڻهو پئي رهيا آهن. ڪي انهيءَ راهہ ۾ هلندي گذر ڪري ويا ڪن کي انهي آئڊل جي جهلڪ محو حيرت بنائي ڇڏيو. مغرب کي ڇڏي مشرق طرف مون کي اهو اشتياق ڇڪي آيو آهي. آءٌ صرف هيترو چئي سگهان ٿي تہ ان سڻاڏي سفر ۾ هڪ همخيال، همنفس، باڪمال، باوفا، بيغرض ۽ سچي دوست جو ساٿ هجڻ، تسڪين جو سبب ۽ سهارو ٿئي ٿو. پوءِ "دو دل يڪ شوند بشڪند ڪوه را" وانگر انسان جي دسترس لامحدود ٿي پوندي. هن کي پارس هٿ اچي ويندو. جنهن کي لڳائڻ سان خاڪ بہ سون ٿي پوندي. اطمينان قلب حاصل ٿيڻ بعد هو نہ رڳو پاڻ مستفيد ٿيندا پر آسپاس کي بہ رڱي سگهندا......

پيو نڪتو جو بيان ڪيائين سو اهو هو تہ اڪثري ماڻهو جسم ۽ ان سان تعلق رکندڙ شين کي وڌيڪ پيارو رکندا آهن ۽ انهن جي خوشيءَ کي حقيقي خوشي سمجهندا آهن. آئڊلسٽ جو تعلق روح

سان آهي هو فطرت جي پابندي ڪندي دائمي خوشيءَ جو متلاشي آهي ۽ مٽيرياسٽ جسم جي رضامندي خاطر عارضي خوشيءَ تي راضي ٿيو وڃي." ان تي هڪ دوست مذاق طور ڪيس چيو ته "جي جسم کي تو وٽ فوقيت نه آهي ته تو کي تنهنجي جسم جي ڪنهن به عضوي جي حفاظت جي پرواه نه هوندي."

ان تي چيائين ته برابر مون کي عضون جي پرواه نه آهي... پر جيستائين انهن جو روح جي پاڪيزگيءَ سان تعلق آهي، تيستائين انهن جي حفاظت مون لاءِ لازمي ٿئي ٿي... ليڪن جسمي خواهشن کي ايتريقدر وڌڻ نه ڏيو جو بنيادي شيءِ يعني روحاني خوشيءَ جي جستجو وسري وڃي "انهي نوع جي گفتگو ڪرڻ ۽ اهڙي بلند حوصلگي ۽ فلسفه حيات جي باريڪ نڪتن جي اپٽار بعد بي اختيار اوهان جو نالو پيش ڪيم ته منهنجو هڪ عزيز انهي راه جي رهنمائي بابت ڪجهه خبر ڏيئي باقي اسان انسانن جي اتي پهچ نه آهي." پاڻ اوهان سان تبادلہ خيالات جو اشتياق ڏيکاريائين، خير نياپو اسان پهچايو، آئينده پاڻ مالڪ آهيو."

سانس پهريون ۽ پويون دفعو ملاقات سيپٽمبر ۱۹۴۰ع تي بمبئي ۾ ٿي. ان موقعي تي دوست (س) به ساڻ هو، سارو ڏينهن ميٽنگن ۽ پين موقعن تي (س) سان گڏجڻ جو موقعو ملندو هو ۽ شام جو چار پنج دفعا (ت) دوست کي ملڻ ٿيو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مختلف مسئلن تي گفتگو ٿي. آخري ڏينهن تي گهڻو وقت مون سان گڏ هئي ۽ اسٽيشن تائين اماڻڻ آئي. ان کانپوءِ آءٌ سوئي اچي پنهنجي سياسي معاملن ۾ مشغول رهيس. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته منهنجي واپس اچڻ بعد هن کي مون سان وڌيڪ ملاقات ڪرڻ جو شوق جاڳيو ان لاءِ سنڌ ۾ اچڻ بابت هن مونکي ۽ منهنجي دوست کي خط لکڻ شروع ڪيا جي آءٌ ملاحظہ لاءِ پيش ڪريان ٿو.

بمبئي ۲۰-۹-۱۹۴۰ع

پيارا سيد

جيڪڏهن مريض کي حڪيم جي علاج جي ضرورت آهي ته

پوءِ حڪيم پنهنجو مجرب نسخو ڏيندو. پر توکي معلوم هئڻ گهرجي مجرب نسخو تڏهن ئي ڪارگر ثابت ٿي سگهندو جڏهن صدق دل سان مريض علاج لاءِ آمادگي ڏيکاريندو. ڇا توکي علاج جي ضرورت آهي؟ آءٌ تنهنجي ها يا نه جي جواب لاءِ انتظار ڪنديس.

(ت)

ان ڪانپوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مون ڪيس ڪو جواب نه ڏنو آهي، ان ڪري هن هيٺيون خط منهنجي دوست ڏي لکيو.

خط

بمبئي ٢٥- سيپٽمبر ١٩٤٠ع پيارا ميران شاه

مون کي تنهنجو گذريل خط پهتو. ان جي ادبي طرز کان وڌيڪ ان جي مواد مون تي اثر وڌو. مونکي خبر پيئي آهي ته تون ڪهڙو نه منهنجو وفادار ۽ خيرخواه دوست آهين، اهو منهنجي اميدن کان مٿي آهي. مونکي اهو ارمان نه ٿيندو ته مون پنهنجي دل جو راز انهيءَ ماڻهوءَ کي ٻڌايو آهي جو صحيح رازدان نه آهي. آءٌ توکي ساڳي اعتماد سان پنهنجو احوال صاف دلي سان موڪليندي رهنديس جيتري قدر ممڪن ٿي سگهندو.

جيئن ته تنهنجي صلاح ۽ رايو منهنجي دل تي روشني جي جهلڪ آڻيندو جو منهنجي زندگيءَ جي تاريڪ ۽ اونداهي گوشن ۾ مدد ڏئي سگهندو. تنهنجي خط ۾ هڪ جملو آهي جو پوريءَ طرح مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي جيتوڻيڪ نهايت اهم ڏسڻ ۾ اچي ٿو. آءٌ توکي عرض ڪنديس ته ان کي کولي لکي موڪل.

اهو جملو هي آهي ته ”آءٌ صدق دل سان تنهنجي خوابن جي تعبير ڏسڻ گهران ٿو ۽ پوريءَ طرح ڪوشش ڪندس ته توکي هو پنهنجي دل ۾ جڳهه ڏي، باوجود هن جي ته وٽس منهنجي پهچ گهٽ آهي، آءٌ تنهنجي هن لاءِ اشتياق جو پورو احساس رکان ٿو.“ ان جملي جي معنيٰ مونکي سمجهه ۾ نٿي اچي ڇاڪاڻ ته مونکي مسٽر سيد

جي طبيعت جو پورو پتو نه آهي. شايد توکي ان جو وڌيڪ پتو آهي. مونکي صرف ان جي اندر ۾ هڪ ٻي ڏني هئي، جيتوڻيڪ اها ڪافي هئي ته آءٌ هن بحر بي پايان جي گهرائي جو پتو ڪڍي سگهان. مون ڏٺو آهي ته مون کي هن جي صحبت مان روشني نصيب ٿيندي جنهن رستي رهبري حاصل ڪري هن جي هٿ هيٺ آءٌ منزل مقصود تي پهچي سگهندس. مون کي پتو نه آهي هن جو منزل مقصود ڪهڙو آهي. ان بابت آءٌ اونده ۾ آهيان. پر مونکي يقين آهي ته جيڪڏهن هو گهري ته منهنجي لاءِ رهبري ڪري سگهي ٿو.

پيارا شاه! اها تجويز نهايت عمده آهي ته سندس ڳوٺ ۾ تون هاليڊي ملهائڻ گهرين ٿو. آءٌ ان موقعي تي سندس علم مان بخرد حاصل ڪري سگهندس. ممڪن آهي هو مون ۾ پاهرائيءَ جهڙي سائنٽيڪ ماحول ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي. آءٌ گهران ٿي ته ڪو وقت هو پڻ ڪمن ڪان آجو ٿي منهنجي دل جي گهراين ۾ وڃي مونکي انهن زنجيرن مان آزاد ڪري جن مونکي بيڪار ڳالهين ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ۽ مونکي نجات جي راه ڏيکاري.

هي منهنجي زندگيءَ ۾ جوت جلائي سگهي ٿو.

هن وقت تائين مون جهنگلي جانور وانگر پئي گذاريو آهي پنهن جي جبلتن ۽ وجدان جي ما تحت پئي گذاريو اٿم. جيڪڏهن هو گهري ته ان ڪان مونکي توڙي صحيح راه تي آڻي سگهي ٿو.

ان ڪان اڳ آءٌ پنهنجي مستقبل بابت ڪوبه فيصلو ڪري نٿي سگهان جيستائين شانتي جو تعلق آهي مونکي ڪوبه شڪ نه آهي ته اهو منهنجي زندگي جي ان ڳاله سان واسطو رکي ٿو جنهن کي ظاهري چئي سگهجي ٿو. ان ظاهري ڳالهين جو مون وٽ قدر صرف ان وقت تائين آهي جيسين تائين اهي روحاني سچائپ ۾ مدد گار ٿي سگهن. تنهنڪري تون سمجهي سگهين ٿو ته ان سلسلي ۾ سيد پنهنجي آزادي برقرار رکي سگهي ٿو. باوجود ان جي آءٌ هن سان تعلق رکي سگهان ٿي. آءٌ زال ٿي رهڻ نٿي گهران. ان جي معنيٰ ۾

جنهن ۾ ان کي هن دنيا ۾ سمجهيو وڃي ٿو. انهي کان علاوه مرد ۽ عورت جي وچ ۾ پيا تعلق بہ ٿي سگهن ٿا جي اهڙائي گهاٽا ۽ عميق يا ان کان بہ وڌيڪ ڳوڙها ٿي سگهن ٿا جهڙا زال ۽ مڙس ۾ ٿين ٿا، آءٌ ان ڪري ڪنهن بہ صورت ۾ هن جي گهرو زندگي ۾ رڪاوٽ نہ ٿينديس ۽ هن جي سياسي ڪاروبار ۾ بوجهو نہ ٿينديس.

آءٌ هن سان ان حد تائين وابستہ رهڻ چاهيان ٿي جيتري قدر هو رهڻ جي اجازت ڏيندو. آءٌ سمجهان ٿي منهنجو سندس نزديڪ هئڻ سندس لاءِ بہ ڪارآمد ٿيندو. ان ۾ منهنجي لاءِ دائمي خوشي ٿيندي.

پيار مان (ت)

اهو خط مونکي ڏيکاريو ويو ۽ دوست جي جذبات ۽ خواهش کان واقف ڪيو ويو. ليڪن هن وقت تائين آءٌ عورتن جي رومانٽڪ آبسين (محبتي تخيل جي تسلط) کان ڪجھ واقف ٿي چڪو هوس. مون سمجهيو تہ هي بہ مٿس هڪ عارضي دور هو جو وقت گذرڻ بعد جهڪو ٿي ويندو. آءٌ ڪنهن جي روحاني رهنمائي ڪري سگهان ها سا مونکي خبر هئي.

خود گم ست کرا رهبري کند.

معنيٰ- ”جو پاڻ گمراھ آهي سو ٻين جي ڪهڙي رهبري ڪري سگهندو.“

ان ڪري مون ان ڳالھ کي ايتري اهميت ڏني جيتري جي اها لائق هئي. سگهوئي مونکي ٻيو خط لکيائين جو هيٺ ڏجي ٿو.

بيچ ڪئنڊي بمبئي

٦- آڪٽوبر ١٩٤٠ع منهنجا پيارا سيد

”منهنجي اڳي پيش ڪيل نسخي توتي هن حالت ۾ اثر نہ ڪيو ٿو ڏسجي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ حڪيم ۽ مريض جي وچ ۾ مفاصلو گهڻو هو.

اهو دستور آهي تہ حڪيم جو مريض جي پر ۾ هئڻ ضروري آهي تہ وقت بوقت ان جي نظرداري ڪري مدد ڪري سگهي. اها

منهن جي غلطي هئي. پر ان جو ڪارڻ اهو به هجي ته جيڪڏهن توهان ڪوشش ڪريو ها ۽ پنهن جي ضرورتن کان پوري طرح حڪيم کي واقف ڪريو ها ته توکي حڪيم فائدو پهچائي سگهي ها. مون کي پتو آهي ته تنهن جي لاءِ اها خبر پهچائڻ ناممڪن نه هو پر منهن جي لاءِ ايتري پنڌ تان پتو لهڻ مشڪل مسئلو آهي.

آءٌ اڃان تنهن جي درجي تي پهچي نه سگهي آهيان ۽ اهو توتي ڇڏيل آهي ته مون کي پاڻ جهڙو ڪر. آءٌ گهران ٿي ته توکي کهڙي به طرح پهچان ۽ ان خواهش مونکي سڪرات جهڙو بيمار ڪري ڇڏيو آهي مون کي تنهن جي عيادت جي سخت ضرورت آهي. ڇا منهن جي تيماري ڪري سگهندين؟

تون ڏسي سگهين ٿو ته منهن جي بيماري سبجيڪٽو (اندروني روحاني) ۽ پڻ آبجيڪٽو (ظاهري) آهي. تنهن لاءِ تنهن جي حاضري ۽ علاج پنهي جي ضرورت اٿم. جيڪڏهن تون اجازت ڏين ته آءٌ آڪٽوبر جي آخر ۾ هڪ مهيني جي هاليڊي (ڇٽي) تي ايڏانهن اڃان وڏيڪ به جيئن توکي سهوليت وارو ٿئي."

تنهنجي (ت)

اڃان آءٌ خط جو جواب ڏيان ته ان وچ ۾ مون کي هڪ ٻيو خط ٨- آڪٽوبر ١٩٤٠ع تي لکيو اٿس.

ولا فاطمه

بريچ ڪئنڊي واردن روڊ بمبئي

٨- آڪٽومبر ١٩٤٠ع

منهنجا پيارا سيد

ان خط ۾ هڪ ماڻهوءَ جي ڪم جي سفارش ڪندي آخر ۾ لکي ٿي ته اميد ته ٻه ڏينهن اڳي موڪليل خط پهتو هوندو. آءٌ تنهن جي جواب لاءِ منتظر آهيان. جيڪڏهن اعتبار ڪرين ته آءٌ ايترو ٿڪل ۽ ڪمزور آهيان جو صرف تنهن جي نزديڪيءَ ۾ مڪمل آرام

ملي سگهندم. جيڪڏهن نون سنڌ مان ٻاهر هاليڊي لاءِ نڪري ڪا جاءِ منتخب ڪرين ته آءٌ توکي اتي اچي ملان جلدي جواب موڪل."
پيارن سان تنهنجي (ت)

انهي ڏينهن تي ميران محمد شاه کي خط لکيائين جنهن جي آخر ۾ لکي ٿي ته "سيد کي منهن جو اڳوڻو خط ڏيکاريئي يا نه؟ ان ڪهڙو جواب ڏنو. هو هن وقت گشت تي آهي."

وري هڪ خط ١٧- آڪٽوبر تي لکي ٿي.

فاطمه ولا بريچ ڪئنڊي واردن روڊ بمبئي

١٧-١٠-١٩٤٠ع

منهن جا پيارا سيد

منهن جا خيال منهن جي لاءِ اذيت بنجي پيا آهن. چاڪاڻ ته مون کي پتو نه آهي ته اهي ڇا آهن. آءٌ سخت تاريڪيءَ جي دنيا ۾ هٿ پير هڻي رهي آهيان ۽ چاهيان ٿي خيال ڪرڻ ڇڏي ڏيان ليڪن ڪا نامعلوم طاقت مون کي گمنام گوشن ۾ ڇڪي وڃي ٿي جتي آءٌ ختم ٿيو وڃان.

آءٌ تنهن جي لاءِ ايترو خيال ڪري رهي آهيان. ممڪن آهي تنهن جو حضور مون ۾ آتت آڻي سگهي. اهو رڳو تون ئي آهين جو مون کي هن زندگيءَ جي مها چار سان جو مون کي هيتري مدت تائين پنهنجو قيدي بڻايو ويٺو آهي ٻاهر ڪڍي سگهي ٿو.

آءٌ ان قيد مان ٻاهر نڪرڻ گهران ٿي. آءٌ گهران ٿي ته هي ذهني بيماري ڇٽي وڃي. پر منهن جي خواهش ان لاءِ ڪافي نه آهي. آءٌ اڄا طفل مڪتب آهيان مون کي استاد ڪامل جي رهبري جي ضرورت آهي. صرف تون ئي منهن جي ان راه ۾ مشڪل ڪشائي ڪري سگهين ٿو.

جڏهن آءٌ دوستن سان ڳالهائيندي آهيان ته ڪنهن وقت سمجهندي آهيان ته هو مون کي سمجهي سگهندا هوندا پر اوچتو پتو پوندو اٿم ته اسان هڪ ٻئي جا ضد هئاسون ۽ سموري محنت رائگان

وجي ٿي. ليڪن توسان ٻي حالت محسوس ڪئي اٿم، ان ڪري منهن جو اشتياق تنهن جي نزديڪ رهڻ لاءِ روزانو وڌي رهيو آهي.

آءٌ ڪراچي اچڻ جو هڪ مهيني لاءِ انتظام ڪري رهي آهيان پوءِ اسان ڏسنداسون ته آئنده لاءِ ڇا ڪجي.

پر سون ڪي تنهن جي اجازت جي ضرورت آهي آءٌ صرف ان لاءِ اچان ٿي ته تنهن جي نزديڪ ٿيان. آءٌ ٻي ڪنهن سان ملڻ لاءِ ڪونه ٿي اچان.

مون کي پڪ نه آهي ته تون منهن جو اچڻ چاهين ٿو ممڪن آهي آءٌ تنهن جي مداخلت جو باعث بڻجان ۽ تون ان کي اهميت نه ڏين يا پسند نه ڪرين. ممڪن آهي ٻيا سماجي لحاظ ان لاءِ مانع بڻجن.

آءٌ گهران ٿي ته تنهن جي ايترو ويجهو گذاريان جيترو سماجي طرح ممڪن هجي. يا جيترو ويجهو رکڻ گهرين.

مون کي پتو نه آهي تون ان لاءِ ڪهڙي طرح انتظار ڪري سگهندين. جيڪڏهن تون ٻاهر ڇٽي وٺي نڪري سگهين يا ڳوٺ ۾ رهي سگهين ته بهتر ٿيندو. بهرحال ڪنهن نه ڪنهن طرح جي تون منهن جو اچڻ قبولين ته پوءِ پاڻهي طريقو کولي لهندين.

مون ميران محمد شاهه کي لکيو هو جنهن جواب ڏنو ته هو توسان گفتگو ڪرڻ کان پوءِ جواب موڪليندو مون کي ڊپ آهي ته هو مون کي پوريءَ طرح سمجهي نه سگهيو هجي. پر مون کي يقين آهي ته تون ضرور سمجهندين. تنهن ڪري اهو توتي ڇڏيل آهي ته فيصلو ڪر.

تنهن جي وفادار (ت)

انهي وچ ۾ آءٌ ڪراچي ضلع جي گشت تي ويل هوس. ان وقت ۾ آئون سنڌ حڪومت ۾ وزير هوس. ان ۾ پوري طرح ڪم نه ڪرڻ سبب تنگ ٿي استعيفا ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هوم. ضلع ۾ گشت وقت تقريرن ۾ مون عام ماڻهن کي حقيقتن کان واقف ڪري

بنهن جي وزارت چڏي عام راءِ کي منظم ڪرڻ جي ارادي کان آگاهه ڪيو جنهن لاءِ پنهن جي بمبئي جي گشت وقت مسٽر جناح سان پي ڪيو جنهن لاءِ پنهن جي بمبئي جي گشت وقت مسٽر جناح سان بہ مشورو ڪري چڏيو هوم. هن دوست جا مون کي ۽ برادرم ميران شاهه کي خطن پنيان خط پي آيا. ان ڪري هو مونوٽ ٽنڊومحمدخان ۾ آيو ۽ ڪيس آيل خط ڏيکاري اجازت گهريائين تہ دوست کي سنڌ ۾ ٽاڻ بولا خان گهرائجي جتي پاڻ صاحب آرام لاءِ رهندو هو ان تي ڪيس گهرائڻ جو فيصلو ٿيو. ان وقت ڏاري هڪ بيو خط بہ ميران محمد شاهه کي لکيائين، جنهن جو هڪ پنو غائب ٿيل آهي. پر باقي حصو هيٺ ڏيان ٿو.

ولا فاطمه بريچ ڪئنڊي واردن روڊ بمبئي

۱۸-۱۰-۱۹۴۰ع

پيارا ميران شاهه

تنهن جو خط هاڻ پهتو آهي. مونکي هتي پهچڻ ۾ هڪ هفتو لڳو آهي، جنهن سان پتو پوي ٿو تہ تون ڪنهن ڏوراهين برپٽ جي خيابان ۾ آهين. مون تنهن جو خط ۽ دفعا پڙهيو آهي وڌيڪ دفع پڙهنديس. چاڪاڻ تہ ان جي مواد کي چڱي طرح سمجهڻ چاهيان ٿي تنهن ڪري توکي مون کان هن کان پوءِ بہ خط پهچندا.

هي خط صرف تنهن جي مون ۾ دلچسپي ۽ مدد جي شڪرگذاري لاءِ لکي رهي آهيان. آءٌ توسان قبول ڪريان ٿي تہ هرڪا ڳالهہ سيد بنسبت منهن جي لاءِ وڏي اهميت واري ٿئي ٿي، ۽ تنهن جو خط مون کي قيمتي علم جو ذخيرو پهچائي ٿو.

آءٌ تنهن جي ڪهڙي طرح شڪرادائي ڪريان تہ تون منهنجي خاطر تڪليف وٺي وڃي هن سان گشت ۾ ملئين ۽ احوال ڪيو مون کي خوشي ٿي آهي جو ان ڪري معاملو هن کي پوري طرح سمجهہ ۾ اچي سگهندو. اميد تہ هاڻ هو ان کي اسان جي تسلي موجب فيصل ڪري سگهندو.

ان وچ ۾ مون بہ بہ خط ڪيس موڪليا آهن پويون خط ڪالهہ

موڪليو اٿم. جنهن ۾ پنهن جو مطمع نگاه صاف طور بيان ڪيو اٿم.

... هڪ پنو غائب ...

حياتي ۾ هن قسم جي خوشي ۽ حقيقي زندگي ئي اهم آهي. آءٌ انهيءَ سواد سان تعمير ٿيل آهيان جنهن سان ڪي ٿورا ٿهيل هوندا. اسان جي سماجي زندگيءَ جو معيار مونتي ڪوبہ اثر نہ ڪري سگهي ٿو جڏهن آءٌ تحريڪ ۾ اچان ٿي. تنهنڪري جيتري قدر سيد سان واسطو آهي مونکي پنهنجي آسائش جو فڪر نہ آهي، مونکي ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ جيترو جلد ٿي سگهي آءٌ ڪجهہ وقت تائين هنجي اثر هيٺ رهي پاڻ سڃاڻي سگهان ۽ هن کي سڃاڻان. مون کي خيال آهي تہ هو بہ ساڳي طرح سوچيندو هوندو.

جيستائين هن جي جسم جو واسطو آهي مونکي اهو مشڪل مسئلو نٿو ڏسڻ ۾ اچي. ان سلسلي ۾ جيڪي واقع ٿئي يا نہ ٿئي ان جو فڪر نہ آهي. ان مسئلي ۾ آءٌ صاف آهيان. آءٌ شانتي سان وفادار رهي آهيان ۽ رهڻ گهران ٿي، ۽ آءٌ وهم ۽ گمان ۾ بہ ان سان بيوفا ٿيڻ نٿي چاهيان.

سيد جو معاملو علحده آهي اهو منهنجي شانتي سان تعلقات تي اثرانداز نہ ٿيندو. ان ڳالهہ جو جڏهن پتو پيم تہ عجب وٺي ويم. پر هاڻ اهو مسئلو صاف ٿي ويو آهي. آءٌ خاص طرح انهي معاملي ۾ سيد بنسبت صاف آهيان، پر ممڪن آهي ان جي اثر هيٺ اچڻ بعد منهنجي ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجي تني پوي باوجود ان جي جو سيد سان چا بہ ٿي پوي، آءٌ پنهنجي بدني آزادي قائم رکندس. شانتي سان بہ مون ساڳي آزادي قائم رکي آهي. آءٌ ڪنهن بہ حالت ۾ شادي نہ ڪنديس. مسٽر سيد کان سندس ۾ اچڻ لاءِ خط جو انتظار ڪري رهي آهيان. پر تون خط لکندو رهج.

تنهنجي (ت)

اهو سندس آخري خط هو، هاڻ سندس ٿاڻ بولا خان اچڻ جو فيصلو ٿي چڪو هو. پر مون کي ڪي نامعلوم ڳالهيون اندر ۾ هري

رهيون هيون جي آءٌ هن وقت غور ڪرڻ بعد سمجهان ٿو ته ممڪن آهي هيئيون هجن.

(١) آءٌ وزيري ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪو هوس، ان ڪانپوءِ جو سفر جو رستو مونکي اختيار ڪرڻو هو سو سچ وارو هو. هن وقت آءٌ وزير هوس، ان سان گڏ انجو فريب حسن (Glonom) به هو. استعيفا ڪانپوءِ مون کي گوشن ۾ وچي در در پرچار ڪرڻو هو. ان حالت ۾ هن کي گهرائڻ پيڙي چاڙهي ڦرهي ڪيڻ جي برابر ته نه ٿئي ها.

(٢) هو ولايت جي عورت هئي سندس معيار زندگي بلند هو آءٌ غريب گوناٽو هوس. اسان جي رهڻي ڪهڻي سادي، پيدائش ٿوري، ڇا اهو اچو هاٿي ته نه ڏارڻو هو.

(٣) آءٌ مجازي عشق جي تجربي مان اڳي گذري چڪو هوس جنهن مون کي شاه صاحب جي هيئين چوڻي مطابق بنائي ڇڏيو هو.

مون کي ساءُ مجاز، پجاري جيئن پچيو،
هٿن ڇڏي هاج، ويئي سار سنڌن مان.

ان شراب پيڻ کان توبهه ڪرڻ جي نزديڪ هوس، ڇا وري توبهه توڙي ان ۾ ته ڦاسڻ جو امڪان نه هوم.

(٤) هن دوست کي سواءِ ذهني لاڳاپي ۽ روحاني ڪشش جي منهنجي لاءِ نه جنسي ڪشش هئي نه سياسي لاڳاپو. آءٌ سياسي معاملن ۾ گچي تائين ڦاٿو پيو هوس. مونکي پاڻ تي اعتبار نه هو ته وري ان معاملي ۾ اٽڪڻ بعد پنهنجي سياسي فرض ادائين کان قاصر نه ٿي وڃان.

(٥) مون کي خبر هئي ته هن عورت جيڪي مونکي سمجهيو آهي، اهڙو آءٌ ڪونه هوس. ممڪن هو ته ڪجهه وقت مون سان رهڻ بعد اها خوش فهمي مٿانس لهي وڃي ۽ آءٌ ڪيس اصل صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچان.

(٦) مون کي اهو وهم ۽ گمان نه آيو ته هو مونکان صرف روحاني رمز حاصل ڪرڻ لاءِ نه ٿي آئي پر منهنجي خامين کي درست

ڪرڻ ۽ زندگيءَ جي ڪٺن سفر ۾ پاڻهن پيلي ٿيڻ لاءِ اڃي سگهي ٿي.

(٧) هن وقت تائين آءٌ شخصي مجاز جي ڪشش کان نڪري آئڊيل يا اصولي مجاز طرف روانو ٿي چڪو هوس، مون کي ڊپ هو ته متان هي انهي راهه ۾ رنڊڪ وجهي. انڪري نادانسته طور مون کيس هيٺيون خط لکيو:

خط

حيدر منزل مسلم ڪالوني
ڪراچي ٢٣-١٠-١٩٤٠ع

پياري خانم

تنهنجو ٦- آڪٽوبر جو موڪليل خط ظاهر ڪري ٿو ته ڪهڙي طرح حڪيم ڦري مريض ٿي پيو آهي ۽ ڪالهوڪي مريض کان علاج ڪرائڻ لاءِ آماده ٿيو آهي.

آءٌ انهي صاف بياني جي تعريف ڪريان ٿو پر مون کي خوف مريض جي حڪيم بابت خوش فهميءَ جو آهي. باوجود انجي آءٌ هن راءِ جو آهيان ته حڪيم جو منصب قبولڻ کان اڳ اهو ضروري ٿو ڄاڻان ته موجوده حالتن جي صفائي مستقبل جي رهبري لاءِ ڪئي وڃي.

(١) اها حقيقت آهي ته تون ان ماڻهوءَ جي نزديڪ رهي فيض وٺڻ ٿي گهرين جنهن کي سندس ٿورين ملاقاتن ۾ تون پوريءَ طرح سمجهي نه سگهي آهين. جنهن سندس گفتگو ذريعي تنهنجي دل تي حيرت انگيز اثر پيدا ڪيو آهي ۽ تنهنجي شوق تجسس ڪري تون گهرين ٿي ته هن پراسرار ماڻهوءَ جي صحيح حقيقت کان واقف ٿين .

جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته آءٌ توکي يقين ڏياريان ٿو ته تون ان تفتيش ۾ نااميد ٿيندين جو اها تنهنجي علم جي کوجنا لاءِ دائمي پياسي دل جي تمنا آهي جنهن توتي اهو اثر وهاريو آهي ورنه مون کي ايترو علم ئي ڪونه آهي.

مون کي خبر آهي تہ اهو مشڪل مسئلو آهي تہ تنهنجي بلند خيال دماغ لاءِ ڪو وسيع ميدان ميسر ڪري سگهبو مون کي محسوس ٿو ٿئي تہ جلد ئي تون جڏهن منهنجي دماغي دسترس ماپي ڇڏيندين تہ نااميد ٿي پوندين. جا نااميدي آءٌ پيدا ڪرڻ نٿو گهران بلڪ آءٌ گهران ٿو تہ تون انهي ڪيفيت ۾ وڌيڪ وقت رهين جيستائين جذبي جي جاءِ عقل والاري ۽ اها ڪشش وقت جي ڪڙاهي ۾ پچي راس ٿئي.

(٢) جيڪڏهن آءٌ غلط نہ آهيان تہ ٻيو سبب تنهنجو مون ۾ دلچسپيءَ جو اهو هجي تہ گهڻين واقفيتن جي باوجود تون ڪو مثالي دوست ڳولي نہ سگهي آهين جو تنهنجي فلاسافر ۽ دوست جو ساٿي وقت ڪم ڏئي سگهي. توتي اهو اثر ويٺو آهي تہ آءٌ اهو شخص آهيان جو تنهنجي علم جي پياس دور ڪري مضطرب دل کي تسلي بخشي سگهندس جيڪڏهن ائين آهي تہ مونکي ڏپ آهي تہ تون مونکي ان جو لائق نہ ڏسندين.

جنهن ماڻهوءَ کي تو پنهنجي دل جي اضطراب دور ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي اهو پاڻ مضطرب دل آهي. حساس دل رکڻ ڪري چوڌاري جي ماڻهن جون مصيبتون ۽ غم منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويون آهن. ڪو وقت اهڙو بہ ٿئي ٿو تہ اهي ڳالهيون جنون جي درجي تي پهچي دماغي توازن وڃايو ڇڏينم. آءٌ نٿو سمجهان تہ جو ماڻهو ذهني ۽ مجموعي مسئلن سان وابستہ هجي سو ڪهڙو شخص انصاف ڪري سگهندو. آءٌ سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن منهنجي تشخيص پنهنجي بنسبت صحيح آهي تہ مونکي ڏپ آهي تون مون ۾ اهو مثالي ماڻهو نہ ڏسين، جنهن جي توکي ڳولا آهي.

صرف هڪ ڳٺتين ڪان واندو ۽ علم عقل سان مزين شخص جنهن کي اشياء ۽ افراد جي چڱي ڄاڻ هجي سو تنهنجو رفيق بنجي زندگيءَ جي منزل مقصود تي پهچائي سگهي ٿو.

(٣) منهنجي اڳيان انسانذات جي بي لوث خدمت جو واضح پروگرام مطمع نگاه آهي. جيڪي پنهنجون زندگيون انهيءَ مقصد لاءِ وقف ڪرڻ واسطي تيار هجن ۽ انهي لاءِ تيار هجن تہ جملي

مشڪلاتن جي انهي مقصد جي حصول جي رستي ۾ سامهون اچن تن کي خوشيءَ سان برداشت ڪري سگهندا تہ اهي سون سان پلي انهي ڪارڪنن جي صف ۾ شامل ٿين ۾ جي جاءِ نہ آهي.

گانڌي جي ۽ مس مسليڊ جو مثال اهڙن ڪارڪنن سان مشابهہ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن باوجود انجي جو مون ستي لکيو آهي تون گهرين ٿي تہ هيڏانهن اچين تہ پلي ۱۰ نومبر يا ان کانپوءِ ڏاري اچ.

آءٌ وڏيڪ ٻڌائڻ گهرانءِ تہ جنهن حالتن ۾ سياسي يا سماجي طرح آءٌ گهيريل آهيان. اهو تنهنجي لاءِ مصلحت پريو ڪم نہ ٿيندو تہ تون ڪراچيءَ ۾ مونسان گڏ رهين جو تمام قدامت پسند ۽ پابند رسوم شهر آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ توکي پاڻ هتي جي سماجي ۽ رسم رواجي پابندين جو احساس ٿيو آهي جنهن جو ذڪر تو خط ۾ ڪيو آهي.

انهي رڪاوٽن کان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ٻيو رستو جو مونکي سجهي ٿو سو اهو آهي تہ تون اچي برادرم ميران محمد شاہ وٽ ٽاٽي بولا خان ۾ رهہ. اها جاءِ ڪراچيءَ کان گهڻو پري نہ آهي اهو ڳوٺ منهنجي تڪ ۾ واقع آهي. آءٌ اتي چند ڏينهن لاءِ اچي توکي رفاقت ڏئي موٽي ڪراچي پيو ايندس، آءٌ اهو انتظام ڪندس تہ تون اتي نهايت آرام ۽ آسائش سان رهي سگهين.

تون ٻہ وقتن تي ڪراچيءَ ۾ اچي سگهين ٿي. منهنجي ڳوٺ ۾ رهڻ سهوليت پريو نہ ٿيندو جو آءٌ اڪثري ڪراچيءَ ۾ رهان ٿو ۽ هيڊڪوارٽرس کي گهڻي عرصي لاءِ ڇڏي نہ سگهندس. تنهن ڪري اها جاءِ سهائتي نہ ٿيندي.

ٽاٽي بولا خان کان اسان ضلع جا ٻيا ٻہ دلچسپ مڪان ڏسي سگهنداسون ۽ اتي پروگرام مطابق رهي سگهنداسون جو ۱۰ نومبر کان پوءِ رٿيان ٿو. جيڪڏهن تون دل جهلي اچڻ گهرين تہ مونکي اڳواٽ اطلاع ڏج تہ آءٌ ضروري انتظام ڪريان.

جي - ايم - سيد

انهي خط لکڻ بعد سندس اچڻ جي اشتياق کي مدنظر رکي ٽاٽي بولا خان ۾ پير رسول بخش شاہ جي وساطت سان ۽ برادرم

ميران محمد شاه جي نگرانيءَ هيٺ سندس رهائش لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا ۽ انتظار هو تہ خط جو جواب جلد ايندو. پر چوٽي آهي تہ بنده جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي دل ۾ ٻي. ان مطابق اوچتو ٣٠ تاريخ آڪٽوبر ١٩٤٠ع تي مونکي هن ڪان هيٺين تار پهتي.

"سڀ ڳالهہ لاءِ شڪريہ، آءٌ اسپتال ۾ وڃان ٿي ميران شاه کي خبر ڏي، عيد مبارڪ"

(ت)

انهي تار انتظار ۾ شڪ پيدا ڪيا، يڪدم سندس ٽيليفون تي گفتگو ڪرڻ گهريم پر گهر بند هئڻ ڪري جواب ڪونہ آيو ٻي طرح سان بہ پتو پئجي نہ سگهيو. اهو انتظار ٩ نومبر تائين هليو ۽ ٻي ڏينهن مسٽر جهانگياڻي اسلامڪ پريس جي رڪن ڪان هيٺيون خط پهتو.

"پيارا سائين

مونکي افسوس سان اطلاع ڏيڻو پوي ٿو تہ مس طريقي موسيڪس کي گذريل هفتي ۾ ماتا جي بيماري ٿي هئي سا اڄ ٦ نومبر ١٩٤٠ع تي اسپتال ۾ گذر ڪري ويئي. مون کي معلوم ٿيو آهي تہ سيد ميران محمد شاه اسپيڪر سنڌ اسيمبلي بہ انجي دوستن مان هو انکي اطلاع ڏيندا."

ڪرشن - ڊي - جهانگياڻي

اتفاق اهو ٿيو تہ جنهن وقت خط پهتو انهي وقت ٽاٽي بولا خان مان پيرن جو ماڻهو خبر وٺڻ لاءِ ڪراچي پهتو. انهيءَ اميد تي، ڪڏهن تہ ٽاٽي بولا خان هلون. تار ڪانپوءِ دوستن ڪيئي شڪن گمانن جو اظهار ڪيو.

جي عورت جي دل نهايت نازڪ ٿئي ٿي، تنهنجو خط سنگدلي سان پريل ۽ صدمہ ڏيندڙ هو. ممڪن آهي ان نااميديءَ ڪان هن زهر ڪائي پاڻ کي اسپتال ۾ داخل ڪيو هجي وغيره. مطلب تہ جيترا رازدان دوست اوترا رايا. ازانسواءِ سندس اچڻ جي توقعات ۽ پروگرامن جو ائين اوچتو ختم ٿيڻ بہ غمناڪ هو.

ساري زندگيءَ جيئن مون پڌايو آهي ته عورتن سان منهنجي محبت جو لاڳاپو ٿيو. پهرين (م) هئي جا ٻي کي پيار ڪندي هئي، آءٌ صرف سندس بي انتها رومانس جي اثر هيٺ لهسجي ويو هوس. همخيالي ۽ هم آهنگي ڪانه هئي. (س) سان صرف سياسي لاڳاپو هو، هي ئي هڪ عورت هئي جنهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مونکي نه صرف پيار ڪيو ٿي پر هڪ مثالي انسان سمجهي منهنجي نزديڪ ويهي روحاني ترقي ڪرڻ جا خواب لڌا ٿي. پر مون مذڪور بالا سببن ڪري ان طرف توجهه نه ڏنو.

ان اوچتي وفات مونکي نهايت صدمو پهچايو. جذباتي ته اڳي هوس سو ايتري قدر اثر ٿيو ته جهڙي طرح هن انقلابي قدم کنيو آهي ان طرح آءٌ به ڪي قدم کڻان.

شاه صاحب جا هيٺيان بيت رات ڏينهن زبان تي رهڻ لڳا:

امڙ کڻ هتان، چرکو چيهاڙيون ڪري،
مچڻ هوت چتان، مون سور ينديو وسري.

امڙ وجي آڻ، چوکو آتڻ وچ سان،
ڪتيم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

انهي ساري ماجرا لاءِ مون تن ڳالهين کي جوابدار ڄاتو:
(۱) هڪ وزارت جي ڪاروبار (۲) پيو (م) دوست جي اثر، (۳) پنهنجي ڪنور دلي. تنهنڪري فيصلو ڪيم ته تنهي سان جند ڇڏائبي. وزارت مان استعيفا ڏيڻ جو اڳي فيصلو ڪري ويٺو هوس پر ٽائيم ۽ آخري فيصلو ڪيل ڪونه هو. ان ۾ تکڙ ڪري جلد جان ڇڏائڻ جو آخري فيصلو ڪيم.

(۲) دوست (م) جو ان ۾ ڪو به قصور نه هو پر سمجهيم ته اڻ سڌيءَ طرح انهيءَ لاڳاپي مونتي اثر وجهي اهڙي بي اتفاقي ڪرائي آهي.

انڪري انجو فوٽو مونوٽ هو ۽ روزانو انتي گل چاڙهيندو

هوس انکي ويڙهي واپس (م) کي ڏياري موڪليم، جنهن جي معنيٰ هئي ته انهي قيد مان به پاڻ کي آزاد ٿي ڪرايم.

(۳) پاڻ کي سخت سزا ڏيڻ لاءِ طريقا ڳولڻ لڳس. انهيءَ کان بچائڻ لاءِ پير حسام الدين راشدي، علي محمد راشدي، ميران محمد شاه، رئيس پرڳڙي ۽ حسن بخش شاه مونتي نظرداري رکي ته اڳتي ڪو اوچتو قدم نه کڻي ڇڏيان. هڪ رات ته هنن ساري جاڳندي گذاري.

پيو جنهن ماڻهوءَ منهنجي ٽٽل دل تي چندڙو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي سو دوست (س) هو. هن رنل پيار وانگر مونکي پرچائڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلايا. زوريءَ موٽر ۾ چاڙهي گهمائي دل وندرائيندي هئي. گهر گهرائي چانءِ پياري گفتگو ڪري دل کي آٿت ڏيندي هئي.

مطلب ته بدن جي بيماريءَ جي تيمارداري ته نرسون خوب ڪري سگهن ٿيون پر هن دل جي بيمار جي جنهن احتياط ۽ نزاڪت سان تيمارداري ڪئي.

ان ٽئي قدم کڻڻ کان باز آڻي زندگيءَ ۾ وري ويساه پيدا ڪرايو نه ته مڪمل طرح سان دل شڪسته ٿي چڪو هوس.

پيو ماڻهو جنهن کي ان واقعي صدمو پهچايو سو برادرم ميران محمد شاه هو. جهڙي طرح هن دوست مونکي ٿي پيار ڪيو ۽ مثالي انسان ٿي سمجهيو اهڙي طرح برادرم ميران محمد شاه وري هن کي پيار ٿي ڪيو ۽ مثالي عورت ٿي سمجهيو.

ان کي جڏهن بولا خان ۾ ان ڳالهه جو پتو پيو ته ذري گهٽ غش ٿي ويو هو.

هڪ ٻن ڏينهن ۾ پير رسول بخش شاه جي ڳالهين کيس ڪجهه آٿت ڏنو پر هڪ ڏينهن پير صاحب کان شاهه جو هيٺيون بيت اوچتو وات مان نڪري ويو.

اڄان پئي جيئن، سڄڻ ساريو نه مرين،
وتيون وهم ڳاڙريون، پري ڇو نه پئين،
لڳئي ڪونه هنئين، ڪو ڳڻ پاروچل جو.

ان بيت پڙهڻ سان هن کي ڏندڻ پئجي ويا ۽ ٽن ڪلاڪن ڪانپوءِ وڏي تڪليف ڪانپوءِ مس هوش ۾ آيو. پير صاحب خط لکي مونکي به ڪجهه آئت ڏنو ۽ ڪجهه تنبيهه ڪئي.

سندس خط جو هيٺيون ٽڪر ملاحظه لاءِ ڏيان ٿو.

”جا ڳالهه خوشيءَ جو باعث ٿيڻ جائجي ها سا اسان جي سيئه ڪشي ۽ بي پرواهي ڪري هٿان ويئي. وڏيڪ توهان کي چوان فقط ايترو چوندس ته اسان جي سنگ دلي ۽ بي پرواهي بيشڪ تحسين جوڳي آهي... حيرت جي ڳالهه آهي ته ڪٿي پرس، ڪٿي ٻمٻئي، ڪٿي سنڌ. يعني ڪٿي جو انسان ڪٿي جائو، ڪٿي پليو ۽ ڪٿي گرفتار ٿيو.

مرغ ڪه دانه ديد گرفتار دام شد.

سائين منهنجا اندازو ڪريو ته جڏهن مرحوم اڪيلي اسپتال ۾ هوندي ته ڇا نظر آيو هوندس، اتي توهان جي ضرور يادگيري آئي هوندس ته سبحان الله نه سڄڻ ساٿيهه، نه مارو نه مليره ڪاش جي اهي هجن ها (يعني توهان) ته سندس جيئڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪن ها ۽ اسپتال ۾ ائين نڌڻڪو نه ڇڏين ها پر:

جنين لاءِ مياس سي ڪلهي ڪانڌي ڪين ٿيام.

توهان لاءِ هي بيت معنيٰ رکي ٿو:

سڪي سنگ ڪيوم، لکي ڇپي لوڪ ڏان،
سنگت سپريان جو، اپر منو هوم،
هاڻ سمهڻ سور ٿيوم، ٿي گهنگر گهاريان ڏينهڙا.

مجاز ۾ مون وصال جو لطف به ڏٺو هو ته فراق جو ڏک به سٺو هو ليڪن ترڪ يا تياڳ رهيل هو جو مجازي دنيا ۾ انقلابي قدم آهي. اهو هاڻ حاصل ٿيم.

سنجهي مون نه سنڀاليو، ته ڪي اوٺي ڪندا ائين،
ڪهي ڪميٺي ڪيئن، جڏي رات جتن ڪئي.

ماڻهن جي جواني خوشيءَ ۾ گذري ٿي، منهنجي ساري عمر، ۾ گذري.

مذهبي تخيل جو تجربو غلط ثابت ٿيو.
علم صحيح رستي جي عيوض غلط رستو ڏيکاريو.
عملي زندگي بي نتيجي ثابت ٿي.
مجازي طرح وڏي عمر سان منهن مقابل ٿيس.

گهوڙن هنيون گهٽيون، آئـن هئين آئـون،
جا نينهن ڪنهندي ناڻ سا مون جيئن پوندي سامري.

فصل پنجون

مجاز جي پيري

بدنامي حيات دو روزي نبود بيش
آن هم، كليم، با تو بگويم چسان گذشت
يک روز صرف بستن دل شد به اين و آن
روز دگر بكندن دل زين و زان گذشت

(كليم كاشاني)

معنيٰ- زندگيءَ جي بدنامي صرف ٻن ڏينهن تي مشتمل هئي، كليم چوي ٿو ته اها به هن طرح سان گذري هڪ ڏينهن هن ۽ هن سان دل ۽ لاڳاپا لڳائڻ ۾ صرف ٿيو بيو ڏينهن انهن جي ٽوڙڻ ۾ گذري ويو."

مجازي (جسم) سان واسطو رکندڙ هر شيءِ مختلف دورن مان گذري وري پرده غيب ۾ غائب ٿيو وڃي.

اها حالت مادي دنيا جي هر ڳالهه سان واسطو رکي ٿي. وءِ اها جمادي، نباتي، حيواني درجن سان واسطو رکندڙ هجي، يا قومن تهذيبن، مذهبن، نظرين ۽ حكومتن سان متعلق هجي.

مٿي آءٌ پنهنجي جواني تائين مجاز تجربن کي بيان ڪري آيو آهيان. هاڻ هيٺ آءٌ مجز جي پيري واري زماني جو ذكر

ڪندس. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ اول ۾ مجاز جي جن شين کي دائمي ۽ حقيقي ٿي سمجهيو سي تجربا ۽ وقت گذرڻ بعد فاني ڏسڻ ۾ آيو. ڪو وقت هو جو حسين شڪل، خوبصورت نظارو، مٺو آواز ۽ عمده ماحول دل تي اثرانداز ٿيندا هئا. انهن کي دائمي سمجهي چوندو هوس تہ:

دم فرصت غنيمت دان داد خوشدلي بستان،
بسي گردش کند گردون، بسي ليل و نهار آرد.

معنيٰ- فرصت جو وقت غنيمت ڄاڻ ۽ ان مان پورو فائدو وٺ. ڇاڪاڻ تہ زمانو بدلجي ڪيئي راتيون ڏينهن آڻيندو."

پر هاڻ تصوير جو ٻيو رخ بہ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو.

هيٺ آءٌ زندگيءَ جي هيئين شعبن جي ٻي طرف جو ذڪر ڪندس. (١) مذهبي شعبو، (٢) علمي شعبو، (٣) عملي شعبو، (٤) مجازي عشق، انهن چئن شعبن جي ڪارگذاري بابت اڳين دورن جو احوال ڪري آيو آهيان هاڻ پيري جي دور وارن تجربن جو هيٺ بيان ڪندس.

شعبہ مذهب جو ٻيو طرف

اڳين فصلن ۾ مون ٻڌايو هو تہ مذهب اسلام بابت بہ نظريا منهنجي اڳيان پيش هئا:

(١) اسلام دنيا جو آخري، مڪمل ۽ عالمگير مذهب هو.
(٢) ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت مضمر هئي.

جيئن اڳين فصلن ۾ بيان ڪيو اٿم تہ مون پهرين نظرئي جي صداقت ۾ ويساہ رکي ان تي عمل ڪرڻ جو تجربو پيش ڪيو.

(١) اسلام دنيا جو آخري مذهب هو

اسلام جي آخري مذهب ملا جي نقطہ نگاہ واري ۾ مون کي اڳيئي شڪ هو پر جيئن اڳي فصل ۾ لکيو اٿم تہ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

۽ علامه مشرقي جي تشريحن بعد انهي نظريه جي صداقت ۾ اعتماد رکي تجربه ڪرڻ شروع ڪيم. ڪجهه وقت اڳتي هلي تجربه بعد معلوم ٿيم ته مذڪوربالا ٻنهي بزرگن جي تشريح واري اسلامي سڪي جو رواج ملڪ ۾ چالو ڪونه هو. اسلام جي آخري مذهب جي تشريح ۽ تعبير يو- پي ۽ پنجابي مستقل مفاد مسلمانن جي نمڪخوار ملن جي هٿ ۾ هئي. هنن جي نقطه نگاه وارو سا ڳيو ۱۳ سؤ ورهيه اڳي عرب معاشري لاءِ ايجاد ڪيل فقهي قانون وارو اسلام آخري دين هو. جو هر ترقي پسند خيال ۽ ايجاد جو مخالف هو. جنهن ۾ هر معاملي ۾ ماڻهو دقيانوسي ملن جي تعبير جو محتاج رهيو ٿي.

دنيا جي هر نئين ڳالهه بدعت هئي. ان ۾ عقل جي استعمال تي بندش هئي. انهي اسلام جي نئين تعبير لاءِ هر ڪوشش ناڪامياب ويل هئي. انهيءَ ڪري نيٺ آءٌ هن راءِ جو ٿيس ته انهيءَ اصول ۾ مڃڻ ڪري پاڻ کي مستقل مفاد گروه جي چنبي ۾ ڦاسائڻ برابر هو. ان لاءِ بهترين طريقو اهو هو ته انهيءَ اصول جي مڃڻ کان انڪار ڪجي. ملا واري اسلام کي دنيا جو آخري دين ڪري مڃڻ پاڻ کي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائڻ جي برابر هو.

(۲) اسلام دين مڪمل آهي

سونکي مذڪوره بالا عالمن جي صحبت ڪري ذهن ۾ ويٺل هو ته اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم لاءِ صالحن جي جماعت طرفان ٿيندڙ ڪوششون دين اسلام جو روح هيون. دين اسلام جا مٿي بيان ڪيل ٽي مقا بنيادي ۽ مڪمل هئا. انهي ۾ ڦيرگهير نه ٿيڻي هئي. ليڪن انهن جي حصول لاءِ طريقه ڪار حالات زمانه ۽ تقاضائي وقت مطابق وقت به وقت ايجاد ڪري ڪم هلائڻو هو.

تجربه بعد معلوم ٿيم ته علامن جي تشريح اسلامي کي موجوده مستقل مفاد جي قدامت ۽ رجعت پسند ملن طرفان قبول نٿي ڪيو ويو. هن جو چوڻ هو ته تيرهن سو ورهيه اڳ عربستان جي معاشري جي ماڻهن جي رهبري لاءِ جي قاعده ۽ قانون يا شريعتي دستور مقرر ڪيا ويا هئا،

اهي هر دور ۾ معاشره جي ماڻهن لاءِ مڪمل ضابط حيات ٿي ڪم اچڻا هئا. انهن کانسواءِ انسانذات جي نجات ممڪن نہ هئي. جيئن تہ ڪثرت تعداد ملن جو پوئين فڪر جو قائل هو ان ڪري عام طرح دين مڪمل مان معنيٰ سندن نقط نگاه واري ورتي ٿي ويئي. جنهن نقط نگاه کان مون دين اسلام کي دين مڪمل تسليم ڪيو هو ان کي خود ساخته اسلام جي دعويدارن قبول نہ ٿي ڪيو. تنهڪري تجربہ بعد مون کي پنهنجي غلطي معلوم ٿي، هاڻ مون تي اها ڳالهہ ذهن نشين ٿيڻ لڳي تہ مذهب جي ملن واري تشريح روح اسلام جي خلاف هئي ان ذريعہ اتحاد انساني جي عيوض نفاق پيدا ٿي ٿيو. امن پيدا ٿيڻ بدران بدامني پيدا ٿي ٿي. انهي مذهبي تخيل انسانذات جي ترقيءَ جي راه ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي ٿي. ملن طرفان پيش ڪيل اسلامي تخيل فروعي، قسطائي، مادي، تشدد جو حامي ۽ گمراه ڪن هو. تنهڪري اهڙي تشريح واري مذهب کي دين مڪمل تسليم ڪرڻ بي سود هو. انهي عقيده مان فائدي جي بدران نقصان جو انديشو هو.

(٣) اسلام عالمگير مذهب هو

ملن جي ٿي اسلام بابت دعويٰ اها هئي تہ اسلام عالمگير (يونيورسل) دين هو ۽ ان جي مڃڻ وارا مثالي قوم هئا. انهن کي انسانذات جي رهبري ڪرڻي هئي. مسلمان وحدت خيال ۽ عمل ڪري مڪمل قوم ۽ راه راست جا پيروڪار هئا. هاڻ صرف هن کي رهيل دنيا جي پين ماڻهن کي راه راست تي آڻڻو هو. انهي نظريہ کي بہ تجربہ جي ڪسوٽيءَ تي آزمائي ڏٺم ۽ معلوم ٿيو تہ هندوستان جي ڪن مستقل مفاد مسلمانن جو اهو عقيدو بہ غلط ۽ خوش فهمي تي برپا ڪيل هو. رسول مقبول صالح ماڻهن کي اعتقاد ۽ عمل جي بنياد تي جنهن سوسائٽي بنائڻ جو اظهار ڪيو هو سا مختلف وجوهات ڪري وجود ۾ اچي نہ سگهي هئي. صوفيائي ڪرام، سنتن ۽ پين بزرگن طرفان ڪوششن جي باوجود ان خواب جو پوريءَ طرح تعبير نہ ٿي سگهيو هو. پاڪستان جي مسلمانن کي ان مثالي قوم سان تشبيهہ ڏيڻ خود فريبي هئي. هتي

مسلمانن جي نالي هيٺ ڪئي ٿيل جبر غفير ڪي صالحن جي جماعت سمجهڻ غلط هو. هنن دنيا جي پست پيل، بداخلاق، متضاد عقائد ۽ عمل جي ماڻهن کي عالمگير قوم تصور ڪري دنيا جي رهبريءَ جو لائق سمجهڻ جهالت هئي.

پاڪستان جي قيام بعد ٿيل واقعن جي تجربي بعد هنن اسلام جي دعويدارن جي اڪثريت جي عقيدن، عملن، طريقہ ڪار، تشدد، ظلم، استبداد ۽ استحصال جي ڪارنامن سونتي وڏيڪ واضح ڪيو تہ هي اهڙا قوم بنيل نہ هئا جنهن لاءِ "شهدائي علي الناس" جو معيار ٺهڪي اچي.

انهي ڪري گذريل ٣١ سوورهين جي تاريخي تجربي ۽ پاڪستان جي روئداد کي مدنظر رکي اڄ هن راءِ جو ٿيو آهيان تہ مذڪوربالا ملا جي تشريح ڪيل بنيادن تي عام ماڻهن جي ترقي ۽ سڌارو ناممڪن هو. دنيا جي ٻين مذهبي تجربن بہ انهي ڳالهہ جي تصديق تي ڪئي. تنهنڪري مسلمانن جي جدا گانہ قومي نظريہ کي ڦٽو ڪري قوم جو بنياد ملڪ، زبان، تاريخي روايات، ڪلچر ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي رکي محدود دائره ۾ ماڻهن جي يڪجهتي ۽ هم خيالي لاءِ ڪوشش کي وڌيڪ ڪارگر سمجهيان ٿو. اهو قومي نظريو فطري ۽ ديرپا هو، هي يو-پي ۽ پنجاب جي مستقل مفاد مسلمانن جو ايجاد ڪيل نظريو غلط هو. ان مان ملڪ ۽ ماڻهن کي فائدي جي عيوض نقصان پهتو هو.

دين اسلام اتحاد انساني آڏو وارو هو ڇا؟

ملن جو چوڻ هو تہ اسلام، انسانذات ۾ اتحاد، مساوات ۽ محبت آڏو وارو هو. اهو خيال بہ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي غلط ثابت ٿيو هو. اسلام انسانذات ۾ وحدت تہ نہ آندي آهي پر جملي مسلمانن ۾ بہ يڪجهتي، اتحاد، مساوات نہ آڻي سگهيو آهي.

ان سلسلي ۾ مسلمانن طرفان جملي ڪوششون رائگان ويون آهن. پين اسلامزم جو تجربو بہ بيڪار ثابت ٿيو آهي.

پاڪستان ۾ چند مستقل مفاد انهيءَ تاريخي تجربي جي آڌار تي ناڪامياب ٿيل نظرئي کي دوباره اسان جي اڳيان صرف ماڻهن کي بيوقوف بنائي پنهنجا مقاصد حاصل ڪرڻ لاءِ پيش ڪري رهيا هئا. انهيءَ نالي ۾ سنڌين، بلوچن، پٺاڻن، بينگالي قومن جي جدا گانه وجود کي ختم ڪرڻ جي سازش هئي. ان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي برتري قائم رکڻ جو منصوبو هو. ان نالي جي پويان سامراجي ذهنيت ڪم ڪري رهي هئي.

ان ذريعي سنڌ جي مسلمانن کي ڏوڪو ڏئي، سندن ذهن مسخ ڪري، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي غلاميءَ لاءِ رضامند ڪرڻ جو راز سمايل هو.

دنيا ۾ ڪٿي به ڪنهن به مذهب وارا عقيدي ۽ عمل ۾ هڪٻئي سان متفق ڪونه هئا. يورپ جا مهذب ڪرستان ملڪ ۽ قومون پاڻ ۾ اتحاد نه ڪري سگهيا آهن. عرب ملڪ پاڻ ۾ اتحاد ڪري مٺ جيترن يهودين جي تسلط کان آزاد ٿي نه سگهيا آهن.

مذهب جو پيو مکيہ صيغو اخلاق آهي - انهيءَ سلسلي ۾ (۱) اسلامي اخلاق (۲) اسلامي طريقہ زندگي (۳) اسلامي راهہ هدايت جا نالا ورتا وڃن ٿا. انهن ٽنهي مسئلن تي تجربي بعد اڳ هيٺين نتيجن تي پهتو آهيان.

(۱) اسلامي اخلاق

ملن طرفان اسلامي اخلاق بابت جيڪي ظاهر ڪيو ٿي ويو ان جو احوال اڳي ڏنو اٿم. ازانسواءِ علامہ آءِ - آءِ - قاضي صاحب طرفان ان جو پيو پهلو به پڌو هوم. جنهن تي وسهجي وبو هوس تہ ممڪن آهي تہ اسلام جا موجوده ٺيڪيدار به انهيءَ پهلو واري اخلاق ۾ اعتماد رکندا هجن.

جناح صاحب، لياقت علي خان وغيره مسلم ليگ ليڊرن ۽ ملن جي مقرر ڪيل اسلامي نشانن مان هڪ به ڪونه هو تہ به انهن کي اسلامي علمبردار سڏيو ٿي ويو ان تي مونکي اهو گمان ويٺو هو تہ

ممڪن آهي اسلامي اخلاق سلن طرفان مقرر ڪيل نہ هجي. پر ان هوندي بہ مسلم ليگي ليڊرن جڏهن بار بار اسلام جو نالو ٿي ورتو ۽ ڪم ان جي مخالف ٿي ڪيا تہ بہ ملا ساٿ ۾ رهندا آيا.

مسلم ليگي ليڊر نالو اسلام جو وٺندا آيا، ڪم پنهنجي مرضي مطابق ڪندا آيا. تنهنڪري اسلام جا علامہ قاضي صاحب طرفان ٻڌل اصول ڏسڻ ۾ آيم تہ يڪي بعد ديگري قربان ٿي رهيا هئا. جهڙوڪ:

(١) اسلامي رواداري: اصول کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي انتها درجي جي تعصب کي اختيار ڪيو ويو هو.

(٢) محبت: محبت کي مذهب جو روح سمجهڻ جي عيوض مذهب کي مخزن نفرت بنايو ويو هو.

(٣) عدم تشدد: عدم تشدد جي اصول تي هلڻ بجاءِ هر ڳالهہ ۾ تشدد جو استعمال ڪيو ويو نہ رڳو ايترو پر خود اسلام جو بنيادي ستو تشدد بنائي ان کي فسطائي نظرئي تي تعمير ڪيو ويو هو.

(٤) بيخودي: جي اصول کي وساري سڀ ۾ پرين پسڻ جي عيوض خوديءَ کي زور وٺائي ان جو پرچار ڪيو ويو ٿي.

(٥) پراپڪاري: جي جذبي کي وساري هرڪو سامراجي ايجنٽ سنڌ ۾ استحصال، بليڪ مارڪيٽ، سمگلنگ ۽ ملاوت جي پيشي کي اختيار ڪري پيٽ پرڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو ۽ اهڙن ڪڌن ڪمن تي فخر ڪري ان کي ”هذا من فضل ربي“ سڏي انهن گناهن جي پاداش ۾ مسجدن، مقبرن جي تعمير ڪرائڻ ۽ سلن کي فربہ ڪرڻ سان ڪفاره ادا ڪرڻ لڳو هو.

(٦) آخرت ۾ ايمان: هي ظالم ان کي قيامت جو نالو ڏئي ملڪ ۽ قوم جي مسئلن سان غير تعلقي ڏيکاري سندن شخصي ۽ طبقاتي مستقل مفاد جي ڳنڍي ۾ رهيا ٿي.

(٧) اعمال صالح: اعمال صالح طرف توجه ڇڏي سارو ڌيان ذاتي ۽ طبقاتي مفاد جي حاصل ڪرڻ طرف ڏنو ويو ٿي صحيح ذريعن اختيار ڪرڻ کان دلچسپي کڻي ويئي هئي.

(٨) بقاءِ باهمي: جي زرين اصول کي ترڪ ڪري جهنگلي قانون
بقاءِ اصلح تي اعتبار رکي هرڪو ڏاڍو ڪمزور کي ختم ڪرڻ
جي پويان پيل هو.
سنڌ جا رهاڪو سندن سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل
ترقيءَ لاءِ سندن جارحيت جو شڪار رهيا ٿي.

(٩) اتحاد انساني: جي مقصد کي وساري سندن گروه جي ترقيءَ لاءِ
هنن برا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. جملي مذاهب جي اتحاد، جملي
مسلمانن جي مختلف گروه جي اتفاق کي وساري، انهن مسلمانن
خلاف به جارحيت ڪئي ٿي جي سندن سامراجي سياسي تسلط،
اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي جي خلاف هئا.

(١٠) امن عالم: هنن امن عالم لاءِ سازگار فضا بنائڻ جي عيوض چند
پيسن خاطر دنيا جي سامراجي طاقتن سان جنگي معاهدن ۾ شامل
ٿي فساد عالم جي طاقتن کي زور وٺايو ٿي.

(١١) قول ۽ فعل جي يڪساني: قرآن جو حڪم هو ته جيڪي چئو
اهو ڪري ڏيکاريو. عين ان جي خلاف هنن ڪم ڪرڻ شروع
ڪيا هئا. سندن قول ۽ فعل يڪسان نه هئا. نالو اسلام جو ورتائون
ٿي، ڪم ڪفر جا ڪيائون ٿي. نالو اخلاق جو پر مينا بازارون،
شراب، جوا، زنا، وياجخوري جاري رکيائون، بلڪ ان کي زور
وٺائڻ لاءِ حالتون سازگار بنايائون ٿي.

(١٢) بزرگي تقويٰ تي مدار رکڻ جي عيوض هنن ان جو مدار پيسي جي
جي فراواني، اقتدار جي حصول ۽ ڌوڪيبازي ۾ قابليت تي شمار
ڪيو ٿي.

اهڙين حالتن کي ڏسي منهنجا اسلامي اخلاق جي باري ۾
خواب پريشان ٿيڻ لڳا. ان ڪري مونکي احساس ٿيڻ لڳو ته جڏهن
نوجوان تعليم يافته طبقي جي چند ماڻهن رد عمل ۾ اچي مورڳو مذهب
کان بيزاري تي ڏيکاري ته ڪين ڏوهه ڏيڻ مشڪل هو.

(٢) اسلامي طريقہ زندگي

روايتي ملن اسلامي طريقہ زندگيءَ کي قديم فقهي قانونن جي ماتحت رکي ان کان علاوه هر ڳالهہ کي بدعت ۽ گناه ٿي ٺهرايو.

ڏاڙهي رکڻ، مڇون ڪتائڻ، ويٺي پيشاب ڪرڻ، خاص قسم جو لباس پهرڻ، ويندي اٽڻ ويهڻ تائين هنن لڪير جي فقير وانگر جيڪي اڳين ماڻهن کي ڪندي ڏٺو هو ان کي اسلامي طرز زندگي تسليم ڪري ان کان ٻاهر هر ڳالهہ کي غير اسلامي ٿي چاتو.

پر انهن ملن سندن مسلم ليگي آقائن کي اهڙي طرز زندگي اختيار نہ ڪرڻ تي چشم پوشي ٿي ڪئي. جناح صاحب جنهن کي ذري گهٽ هنن اسلام جو علمبردار پئي سمجهيو، ان جي ڏاڙهي مڇن کوڙڻ، روزا نہ رکڻ، نماز نہ پڙهڻ، بيٺي پيشاب ڪرڻ، ملن جي مقرر ڪيل لباس نہ پهرڻ، ابن الوقت پاليسي، انگريزن جي دلالي ڪرڻ تي ڪجهہ نہ ڪڇيو.

اهڙيءَ طرح جڏهن لياقت علي خان اسلامي آئين نافذ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري شرابخوري، زنا، جوا، گهوڙي ڊوڙ، وياجخوري، مينا بازارن کي قائم رکيو ويٺو هو تہ اڪر بہ خلاف نہ ٿي ڳالهايائون. ازانسواءِ لياقت علي خان جڏهن اسلامي آئين جو نالو وٺي ان ۾ صرف ٻہ جملا وڌا ١. ڪوبہ قانون قرآن ۽ سنت جي خلاف نہ ٺهندو. ٢. پاڪستان جي ريپبلڪ اسلامي هوندي ۽ ان جو صدر مسلمان هوندو. تہ هي خوش ٿي ويا باوجود ان جي جو ملڪ جا فوجداري قانون ساڳيا انڊين پينل ڪوڊ يا ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ انگريزن جا رومن قانون جي بنياد تي قائم ڪيل هئا. ملڪ ۾ ٻيا سڀ قانون قريباً انگريزي دور وارا ساڳيا هئا پوءِ بہ هنن ماڻهن کي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ اسلامي طريقہ زندگيءَ جو راڳ آلاپڻ کان شرم نہ ٿي آيو. ۽ اسلام، مسلم ليگ پاڪستان جا نالا وٺي ماڻهن کي ڌوڪو ڏنو ٿي ويو.

(٣) اسلامي نظام حڪومت

هنن مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ سندن ايجنٽن جو چوڻ هو تہ

(١) مسلمان مذهب جي بنياد تي جدا قوم هئا.
(٢) انهن کي هڪ مرڪزي حڪومت پاڪستان ۾ بنائي دنياءِ اسلام جي رهبري ڪرڻي هئي.
(٣) ان ملڪ ۾ حڪومت جو آئين ۽ نظام اسلامي ڪرڻو هو.

سندن مذڪور بالا دعوائن جو تجربي بعد پتو پيو ته غلط هيون.

(١) مسلمان مذهب جي بنياد تي جدا قوم هئا؟

(١) اهو نظريو مسلمانن جي تاريخي روايات جي خلاف هو. تاريخ ۾ ڪڏهن به مسلمان هڪ قوم نه رهيا هئا. مسلمان قومن ۽ حاڪمن جون باهمي جنگيون ٿيون هيون. هو نه عمل نه اعتقاد ۾ يڪسان رهيا هئا ۽ آهن.

(٢) اهو نظريو مذهبي وحدت خيال ۽ عمل جي نقطهٔ نگاه کان به غلط هو مسلمانن ۾ ٣٥٠ کان به گهڻا فرقا پيدا ٿيل آهن جن مان هر هڪ پاڻ کي ناجي ۽ ٻين کي ناري ٿي سڏيو.
مسلمانن ۾ ڪي ماڻهو زاني، رشوت خور، استحصالي، شرابي ۽ بدڪردار هئا ته ٻيا پرهيزگار، غريب صاحب اخلاق هئا. اهي ٻئي گروه ڪهڙي طرح هڪ جهڙا ۽ هڪ قوم جا فرد ٿي سگهيا ٿي.

(٣) دنيا ۾ موجوده مسلمان ملڪ جهڙوڪ افغانستان، ايران، عراق، ترڪي، لبنان، شام، ڪويت، يمن، سعودي عربيا، جورڊان، مصر، سوڊان، لبيا، تيونس، الجيريا، سومالي لئنڊ، نائجيريا، گني، بنگلہ ديش، مليشيا ۽ انڊونيشيا وغيره سڀ جديد نظريهٔ قوميت تي جدا قومون سڏيا ٿي. جن جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي هو.

(٤) دنيا جو ڪو به مسلمان ملڪ مذهبي بنياد تي قوم نٿو سڏائي سواءِ پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجي خيال ماڻهن جي.

(٥) اهو دنيا جي وڏن سياسي ۽ مذهبي ڏوڪن مان هڪ آهي جنهن جو سمورو مدار ڪوڙ ۽ ڏوڪي تي آهي.

(٢) پاڪستان مرڪز اسلام هو

جي غور سان نگاه ڪبي ته پاڪستان ڪڏهن اڪي هڪ ملڪ نه رهيو هو نه وري هن وقت ئي يڪسان مفاد جو ملڪ آهي. ان ۾ چار قومون رهن ٿيون: سنڌي، بلوچي، پٺاڻ، پنجابي. جن کي پنهنجا جـا گرافيائي وطن، پنهنجون زبانون، تاريخي روايات ۽ ڪلچر آهـن. سندن سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا آهن.

هن ملڪ کي برپا ڪرڻ وقت ان جي رهندڙ قومن سان جي عهدناما ڪيا ويا هئا ته ان ۾ شامل ٿيندڙ ملڪ آزاد ۽ خود مختيار رياستون ٿي رهنديون، سي ٽٽي چڪا آهن.

هي سارو ملڪ هن وقت مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت سندن طبقاتي ۽ قومي مفاد جي استحصال لاءِ ڪتب اچي رهيو آهي. جنهن ۾ گهٽي ۾ گهٽو نقصان سنڌو ديش کي پهتو آهي، سنڌ کي هيٺيان نقصان پهتا آهن:

(١) سنڌ جا رهاڪو جـدا قوميت وڃائي پنجاب جي وڏي قـوم جي اقليت بنجي پيا آهن.

(٢) پاڪستان جي ڪري سنڌين جي جدا قوميت، وطن ۽ حق خود ارادي کان انڪار ڪيو وڃي ٿو.

(٣) پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد سنڌ جي زمين، ڪارخانا، واپار، نوڪريون، پيسو، غير ملڪي ماڻهن جي حوالي ٿيو آهي.

(٤) پاڪستان جي قيام بعد پين صوبن جا رهاڪو ٥٠ ڪروڙ روپيا ساليانو سنڌ مان ڪمائي ٻاهر کڻي سنڌ جي معيشت کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

(٥) پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌين جو نظريہ پاڪستان، اسلامي آئين ۽ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ استحصال ٿي رهيو آهي.

(٦) پاڪستان جي قيام ڪري، ٻاهرين مٽاسٽا، واپـار، بئنڪون، ريلوي، ٽيليگراف، ريـڊيو، ٽيليويـزن، ڪاٽيون، اقتصادي ادارا، مرڪزي حڪومت جي نالي ۾ مهاجر پنجابي سامراجين جي حوالي ۾ ڏنا ويا آهن.

(٧) پاڪستان جي آئين مطابق سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٣٥. ڪروڙ روپيا ساليانہ ٽيڪس جا پيسا مرڪز جي حوالي ڪري مهاجر پنجابي سامراج جي هٿ ۾ ڏنا ويا آهن.

(٨) پاڪستان جي مرڪزي حڪومت ۾ دفاع، خارجہ معاملات، ڪرنسي کاتن تي ٨٠ سيڪڙو خرچ سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽيڪسن مان خرچ ڪرڻ جي باوجود پنجن هزارن پويان هڪ سنڌيءَ کي بہ نوڪري نہ ملي سگهي آهي.

(٩) پاڪستان جي حڪومت کي هڪ قوم جي بنياد تي برپا ڪرڻ ڪري مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سنڌين کي ٢١ سيڪڙو نمائندگي ڏني ويئي آهي.

(١٠) انهيءَ تصور جي بنياد تي مرڪزي حڪومت تي سدائين مهاجر پنجابي سامراجين جو قبضو رهندو آهي. سنڌي سنڌن رحم ڪرم تي رهندا آهن.

(١١) انهيءَ هڪ قومي نظريي جي بنياد تي سنڌين کي مرڪزي حڪومت جي نوڪرين ۾ هڪ سيڪڙو بہ نوڪريون نصيب نہ ٿيون آهن.

(١٢) پاڪستان جي قيام ڪري غير ملڪي اردو زبان کي قومي زبان بنائي هزارها سالن جي سنڌي زبان جي حق کي ريٽيو ويو آهي. ۽ ساري ملڪ تي مهاجر ڪلچر کي مسلط ڪرڻ لاءِ دروازو کوليو ويو آهي.

(١٣) پاڪستان جي قيام ڪري ملڪ ۾ سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ جي بهاني تي مهاجر پنجابي سامراجين کي مسلط ڪيو ويو آهي.

(١٤) پاڪستان جي قيام ڪري برصغير هند ورهائجي ٻاهرين سامراجي طاقتن جي باهمي اختلافن جو اکاڙو بنجي پيو آهي.

(١٥) پاڪستان جي آزار تي ٻين صوبن جي ماڻهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ دروازو کوليو ويو آهي.

(١٦) پاڪستان جي قيام بعد سنڌي قوم کي پنجابي اڪثريت، پيسم ۽ تشدد جو محتاج بنايو ويو آهي.

(١٧) پاڪستان جي آڌار تي سنڌ مان ٻاهر موڪليل مال جي مٽاسٽا جو پيسو مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿي سنڌين جي فائدي لاءِ ڪم اچڻ کان روڪجي پيو آهي.

(١٩) پاڪستان جي قيام بعد هندوستان کان لکها ماڻهو آڻي انهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪري سنڌ جي اقتصاديات جي واڳ سندن حوالي ۾ ڏني ويئي آهي.

(٢٠) پاڪستان جي قيام بعد مهاجر پنجابي حڪام سنڌي سياستدانن کي ڊپ ۽ لالچ جي آڌار تي مطيع ڪري سنڌي مفاد جي خلاف ڪتب پئي آندو آهي.

(٣) اسلامي نظام حڪومت

سنڌي مسلمانن جي مذهب سان محبت جو ناجائز فائدو وٺي کين اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت جي ڏوڪي هيٺ برغلايو ويو آهي.

آئين هندو يا مسلمان ڪونه ٿيندو آهي، آئين جا مکيہ شعبا پنج آهن. (١) عوام جا بنيادي حق، (٢) مرڪزي حڪومت جا اختيار، (٣) صوبائي حڪومتن جا اختيار، (٤) عدالتن جا اختيار، (٥) ٽيڪسن جي ورهاست ۽ لڳائڻ جا اختيار.

انهن پنجن ئي شعبن جي رهبري لاءِ اسلام مان ڪابہ مدد حاصل ٿي نہ ٿي سگهي.

موجوده آئين ۾ هيٺيان فقرا ته

(١) ريپبلڪ اسلامي هوندي ۽ ان جو صدر مسلمان هوندو.

(٢) ان ۾ قرآن ۽ سنت جي خلاف ڪوبہ قانون پاس نہ ٿيندو. داخل ٿيڻ ڪري اهو آئين اسلامي ڪونہ ٿي پيو ان جا اڪثري قانون

روايتي اسلام جي خلاف آهن. شرابخوري، وياج خوري، جوا، عوام جو استحصال عام جام آهن.

اهڙي طرح اسلامي نظام حڪومت جو خيال به غلط آهي. اسلامي نظام حڪومت جا حامي ماڻهن کي ڏوڪو ڏئي سندن توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ اهڙو آواز اٿارين ٿا. ريوينيو کاتو، پوليس کاتو، ميڊيڪل کاتو، پبلڪ کاتو، تعليم کاتو، مالي کاتو، بچاءَ کاتو، خارجي معاملات جو کاتو، پوسٽ ۽ ٽيليگراف، ريڊيئي ۽ ٽيليويزن کاتن کي اسلامي يا غير اسلامي بنائڻ جي گفتگو ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ واري آهي.

هرحڪومت ۾ ورثي، شادي جا قانون، هرهڪ مذهب جي پوئلڳن سان سندن مذهب ۽ مرضي مطابق لاڳو ٿيندا آهن.

ليڪن ٻين سڀني مذڪور بالا کاتن سان تعلق رکندڙ قاعدا ۽ قانون حالتن ۽ ضرورتن مطابق باهمي سمجهوتي سان ٺاهيا وڃن ٿا. حقيقت ۾ جي اسان اسلامي قانونن جي اصول کي قبول ڪنداسون ته پوءِ قومي ۽ جمهوري حڪومت جو سمورو نظام بيڪار ٿي پوندو. ان مان هيٺان اختلافي سوال پيدا ٿي پوندا.

(۱) اهي قانون عام ماڻهن جا چونڊيل نمائندا ٺاهيندا يا ملا ٺاهيندا؟

(۲) اهي قانون جيڪڏهن مذهبي ماڻهن کي ٺاهڻ جي اختياري ڏجي ته ڪهڙي مذهب ۽ فرقي جي ماڻهن کي قانون ٺاهڻ جي اختياري هوندي؟

(۳) انهن ماڻهن جي چونڊ جي اختياري عام ووٽرن کي هوندي يا مذهبي سند يافته عالم اها چونڊ ڪندا؟

(۴) جي قانون ٺاهڻ وقت مختلف عالمن ۽ فرقن جي نمائندن جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان اختلاف ٿي پوي ته فيصلو ڪير ڪندو ۽ ڪهڙن اصولن تي فيصلا ڪيا ويندا.

(۵) شرعي قانون ٺهڻ بعد ان جي هلائڻ لاءِ ڪورٽون موجوده ججن ۽ ماجسٽريٽن تي مشتمل هونديون يا قاضي ۽ مفتين کي ڪيس

هلائڻ لاءِ ڏنا ويندا.

(٦) ڪورٽن ۾ ڪيسن جي سربراهي لاءِ وڪيل ملا مقرر ڪيا ويندا يا موجوده وڪيلن کان ڪم ورتو ويندو.

(٧) انجنيري، ميڊيڪل، ايڪسائيز، پيلا، ڊفينس، ٻنڪن جي کاتن سان تعلق رکندڙ قانونن ٺاهڻ لاءِ ملا جي تصور واري شريعت ڪهڙي طرح جي رهبري ڪري سگهندي.

(٨) انتظامي کاتو: انتظامي کاتي جو مکيه عملدار ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ۽ ڊيپوٽي ڪمشنر ٿئي ٿو. ان جي جاءِ تي ملا جي تعليمي نصاب جو سند يافته عملدار رکڻو پوندو يا ملن کي موجوده سول آفيسرن جي هدايتن لاءِ هر هڪ آفيس ۾ رکڻو پوندو.

(٩) پوليس کاتو: پوليس کاتي جي عملدارن لاءِ ملا صاحب ڪهڙي علمي لياقت جائز ٺهرائيندا. پريڊ ڪرڻ، جاسوسي ڪرڻ، چورن کي هٿ ڪرڻ، ٽريفڪ تي ڪنٽرول رکڻ، فسادن جي روڪ ٿام ڪرڻ وغيره ڪمن لاءِ ملا جي شريعت ڪهڙي رهبري ڪري سگهي ٿي. ڇا موجوده پوليس عملدارن کي شريعت موجب هدايتون ڏيڻ لاءِ هر هڪ ٿاڻي سان ڪو ملا ملحق ڪيو ويندو.

(١٠) انجنيري کاتو: انجنيري کاتي جا ڪم براج ٻڌڻ واهه کوٽائڻ پاڻيءَ جي ايڪڙن ۽ فصل پٽاندڙ ورهاست ڪرڻ، رستا، بلڊنگون ٺهرائڻ وغيره ٿين ٿا. ان ڪم ۾ ملا جي شريعت ڪهڙي رهبري ڪري سگهندي. انجنيري کاتي کي ڪهڙي طرح مشرف به اسلام ڪري سگهبو.

(١١) ريلوي کاتو: انهي کاتي سان واسطو رکندڙ ڪم ريلون ڪيڙڻ اسٽيشنون ٺاهڻ، ريلن جا گاڏا ۽ انجڻيون ٺاهڻ ۽ هلائڻ، ريلوي لائين جون پلون ٻڌڻ، ٽڪيٽون ٺهرائڻ ۽ ڏيڻ سگنل ۽ تارن وغيره جا ڪم ٿين ٿا. جنهن لاءِ انجنير، تارن وارا، اسٽيشن

ماستر ٽڪيٽن ڏيڻ وٺڻ وغيره لاءِ رکيا پون ٿا. نظام اسلامي جا حامي ٻڌائي سگهندا ته انهي کاتي کي ڪهڙي طرح شرعي نظام موجب هلائڻ لاءِ تجويز اٿن.

(۱۲) تعليم کاتو: دور جديد ۾ تعليم جو دائرو ايڏو وسيع ٿي ويو آهي جو ان جون ڪيئي شاخون ٿي ويئون آهن. مثلاً ۱- سائنس ۲- آرٽس ۳- مڊيسن ۴- انجنيرنگ ۵- ائگريڪلچر ٦- جنگي تعليم ۷- ميڪينيڪل ۸- پاليٽڪنڪ ۹- آرڪيالاجي ۱۰- جيالاجي وغيره.

انهن لاءِ اسڪول، ڪاليجن، يونيورسٽيون، لئبريريون، ليبارٽريون وغيره کولڻيون پون ٿيون جي سڀ دور جديد جي پيداوار آهن. ۱۳ سو ورهيه اڳي معاشري لاءِ رٿيل شريعت ان راهه ۾ ڪا به هدايت ڪري نٿي سگهي. نظام اسلامي جي نالي ۾ ڌوڪو ڏيندڙ مهاجر ۽ ان جا ايجنٽ ٻڌائي سگهندا ته يونيورسٽين ۽ ليبارٽرين ۾ ملا صاحب ڪهڙي رهبري ڪري سگهندا؟ جي نٿا ڪري سگهن ته پوءِ ڇو هرو ڀرو ماڻهن کي اسلام جهڙي روحانيت ۽ اخلاق جي علمبردار مذهب جي نالي ۾ گمراه ڪري پنهنجا طبقاتي مقاصد حاصل ڪن ٿا.

(۱۳) بچاءَ کاتو: اڄ ڪلهه ٽينڪون، بم گولا، هوائي جهاز، مشين گنون، ميزائيل وغيره جنگ يا بچاءَ لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا. اهو کاتو جديد سائنس جي نين کوجنائن مطابق هلي ٿو. ان کي اسلامي آئين بنائڻ لاءِ جيڪڏهن ملا صاحب چون ته اهي سڀ کوجنائون بدعتون آهن. صحيح اسلامي جنگ اٺن، گهوڙن تي تلوارن ۽ ڀالن سان ٿيڻ گهرجي ته ان جو ڪهڙو جواب ڏيڻو پوندو هرهڪ ڪمانڊ آفيس ۾ جنرل جي هدايت ۽ رهبري لاءِ ملن جو رکڻ لازمي ٿي پوندو ڇا؟

(۱۴) خارجه معاملات: انهي کاتي ذريعي ڌارين حڪومتن سان تعلقات قائم ڪرڻ، ٻاهرين ملڪن سان واپار ڪرڻ، جاسوسي ڪري ٻين ملڪن جي چرپر ۽ ارادن کان واقفيت حاصل ڪرڻ

ٻاهرين ملڪن سان آمدرفت جا ڪم سرانجام ڪرڻ ڏين ٿا. ملا جي شريعت موجب جهاد اسلام جي بنيادي اصولن ۾ داخل آهي. ان حالت ۾ دوستانه تعلقات صرف مسلمان ملڪن سان رکي سگهجن ٿا.

اوائلي خليفن جي دستور موجب غير مسلم ملڪن جي حڪومتن کي هدايت ڪرڻي آهي ته دين اسلام قبولين نه ته سندن خلاف جهاد ڪري پڪيڙڻو پوندو. امريڪا، روس، چين جا ملڪ جيڪڏهن اسلام نه قبولين ته انهن سان جنگ ڪرڻي پوندي ڇا؟ ٻاهرين ملڪن ۾ سفير موڪلڻا پون ٿا. انهن جي لياقت، سيرت ۽ صورت لاءِ نظام اسلامي وارن جو ڪهڙو حڪم ڏيندو؟ اهي سفير ملا مدرسن جا تعليم يافته عالم هوندا ۽ ڏاڙهيون هونديون ۽ ڪين زالن کي پردو ڪرڻ ضروري هوندو ڇا؟ يا خارجه معاملن کي شريعت مطابق هلائڻ لاءِ وزارت خارجه سفارت خانن ۾ عالمن جو تقرر لازمي ڏيندو؟

(١٥) مالي کاتو: اڄ ڪلهه ملڪن جي ضروريات، ترقي ۽ تعمير لاءِ سوها ٽيڪس ۽ ڍلون ماڻهن تي وڌيون وڃن ٿيون. ملا انهن جو جواز قرآن ۽ حديث مان ڪهڙي طرح ڪندا. فقه موجب ته سواءِ زڪوات جي پيو ڪو ڇٽو ٽيڪس ذڪر ڪيل آهي، زڪوات موجوده دور حڪومت ۾ بيڪار ٿي چڪي آهي. دنيا جي اڪثر مسلمان ملڪن ۾ انجي وصولي نه ٿي ڪئي وڃي. وياج وٺڻ ۽ ڏيڻ شريعت جي خلاف آهي پر ڪهڙو مسلمان ملڪ آهي جنهن ۾ بئنڪون نه هجن. جي اهي نه هجن ته واپار، ڪارخانا، ترقي ۽ تعمير جو ڪاروبار هلي نه سگهي. ملڪ ۾ ٩٠ سيڪڙو ماڻهو غريب، بيروزگار، بيمارين ۾ مبتلا آهن. انهن جي آبادڪاريءَ، معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جو ڪم جيڪڏهين ڪا حڪومت ڪندي ته ان لاءِ پيسي جي ضرورت پوندس. ان واسطي حڪومت سوشلزم موجب ڪي قدم کڻڻ چاهي ته ملن ڌرفان شخصي ملڪيت جي بچاءَ جي بهاني سان

مخالفت ڪئي ويندي. پوءِ ان حالت ۾ ڪوسڌاروئي نہ سگهندو.

(١٦) صحت کاتو: اڳين زماني ۾ بيمارين لاءِ ڏنپ ڏيڻ، رما هڻڻ، سيرون چوڙڻ، بيمارن کي جنن جو اثر سمجهي مارون ڏيڻ يا سرندا وچائڻ جا علاج ڪيا ويندا هئا.

هن وقت ايڪسري ايجاد ڪيا ويا آهن، انجيڪشنون هنيون وڃن ٿيون. ميڪر اسڪوپ ريڊيا گرام وغيره ڪتب آندا وڃن ٿا. طبي تعليم لاءِ ميڊيڪل ڪاليج، ليبارٽريون کوليون وڃن ٿيون. انهي ڏس ۾ شريعت اسلامي ڪهڙي مدد ڏئي سگهي ٿي. جيڪڏهين خدانخواسته ڪا وچڙندڙ بيماري ڪالرا، پليگ، انفلوئنزا وغيره پيدا ٿي پوي تہ صحت کاتہ وارا جديد دوائون ڪتب آڻيندا يا مان کي گهرائي ورد، وظيفن ۽ دعائن ذريعي ان جو سدباب ڪندا. جن ماڻهن نظام اسلامي جو نالو ورتو ٿي تن کي يا تہ خبر نہ هئي تہ جديد حڪومت ڪهڙي ٿيندي هئي يا ڄاڻي واڻي ماڻهن کي دوکي ڏيڻ لاءِ ائين ڪيائون ٿي. عام ماڻهو مذهب جي نالي ۾ سولائي سان گمراه ٿيو وڃن. ابن الوقت سياستدان ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن جنهن ڪري ماڻهو ناراض ٿين. پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ ماڻهن کي چيو ٿي ويو تہ پاڪستان بعد هو اسلامي نظام حڪومت قائم ڪندا پر ٢٦ سالن جي گذرڻ بعد بہ اهو نظام قائم نہ ٿيو آهي نہ وري ماڻهن کي سمجهايو ويو آهي تہ اها بلا ڪهڙي ٿيندي آهي پلا جنهن حڪومت کي اسلامي بنائڻ جي واڳ جناح صاحب، لياقت علي خان، ايوب خان، يحيٰ خان، ڀٽي صاحب جي هٿن ۾ هوندي انهي مان ڪهڙو تجديد اسلامي جو توقع رکي سگهبو. تنهن ڪري اها ڳالهہ صاف ظاهر پئي ڏسڻ ۾ اچي تہ اهي نظريا مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ سندن ايجنٽن مسلم عوام کي دوکي ڏيڻ ۽ سندن مفاد سڌ ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيا هئا!

(٢) شعبہ علم جو ٻيو طرف

مون اڳي ڄاڻايو آهي تہ ٻهرين خداشناسي ۽ روحاني ترقي لاءِ پرهيزگاري، تزڪيہ نفس، صحبت صالحان جي ذريعي ڪوشش ڪيم. ان ڪان پوءِ جڏهن تميز پيدا ٿي عقل جي دوراهي تي اچي بيهاريو تہ علم جي معاملي ۾ هڪ طرف وحدت الشهود ، ٻي طرف وحدت الوجود جا فلسفا نظر آيم. ٻهرين مان اورنگزيبي سياست، علي ڳڙهہ مڪتب فڪر، علامہ اقبال جي اسلامي تشريح نڪتا ٿي. ٻي مان اڪبري سياست، ديوبند مڪتب فڪر ، صوفيانہ اسلامي تشريح نڪتا ٿي.

گذريل دور جواني ۾ جڏهن دل عمل لاءِ آماده هئي مون مسلمانن جي جداگانہ قوم، اسلام دين مڪمل هئڻ ۽ پاڪستان کي نظام اسلامي جي مرڪز ڪري ڪتب آڻڻ جي عقيده کي قبولي ان جي جواز لاءِ ڪتاب پڙهي ان مطابق هلڻ کي راه نجات سمجهيو. ان جو ذڪر گذريل فصل ۾ ڪري آيو آهيان. تجربي بعد مونکي معلوم ٿيو تہ وحدت الشهود جو فلسفہ زرا شتر جي فلسفہ دوئي جي بدليل صورت هئي. انهي اتحاد جي عيوض نفاق ٿي پيدا ڪيو. انهي مطابق پاڪ ۽ پليت، حق ۽ ناحق، نور ۽ ظلمت ٻہ جدا حقيقتون هيون.

اسلام پاڪ هو جنهن حق ۽ نور طرف رهنمائي ٿي ڪئي. ان کان ٻاهر پليتائي، ناحق ۽ ظلمت هئا. تنهنڪري راهہ نجات صرف اسلام جي پوئلڳ مسلمانن کي حاصل ٿين واري هئي، ان کان ٻاهر ماڻهو سڀ گمراه ۽ گناهگار هئا.

ليڪن آءٌ اڳي ٻڌائي آيو آهيان اسلام جي دين مڪمل ، مسلمانن جي جدا گانہ قوم ۽ پاڪستان جي نظام اسلامي جي مرڪز جا نظريہ تجربي ۽ وڌيڪ معلومات ميسر ٿيڻ بعد غلط، فرسوده ۽ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا ايجاد ڪرده معلوم ٿيا.

مون کي اول ۾ اسلام جي دين مڪمل هئڻ جو خيال ويٺل هو اهو تاريخي تجربي جي بنياد تي غلط ثابت ٿيو. جن بنيادن ۽ اصولن تي اسلام کي دين مڪمل ٿي سمجهيم ان اسلام جو تصور

مسلمانن ۽ خاص ڪري پاڪستان ۾ عدم موجود هو، جنهن اسلام جو سڪو ملڪ ۾ چالو هو ان جا مٿا هيٺيان هئا :-

١- ان اسلام جو مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم نہ هو بلڪ هڪ مخصوص طبقہ مسلمان جي بلندي، اقتدار ۽ خوشحالي هو.

٢- ان اسلام مان مساوات انساني جي تعليم نڪي ملي بلڪ فسطائي بنياد تي انسان ذات کي لائق ۽ اڻ لائق ۾ ورهائي اوچ ۽ نيچ جا سنڌا قائم ٿي ٿيا.

٣- ان اسلام موجب پيغمبر خدا حضرت محمد صلعم کي رحمت العالمين شمار نڪي ڪيو ويو بلڪ مسلمانن جي مستقل مفاد طبقہ جو ليڊر سمجهيو ٿي ويو.

٤- انهي اسلام کي اتحاد انساني لاءِ ڪتب نڪي آندو ويو بلڪ فساد في سبيل الله لاءِ استعمال ڪيو ٿي ويو.

٥- انهي اسلام جي پوئلڳن محبت جي عيوض نفرت جو پرچار ٿي ڪيو.

٦- انهي اسلام جي حامين امن جي عيوض بدامني لاءِ فضا هموار ٿي ڪئي.

٧- انهي اسلام جي طرفدارن هرمعاملي ۾ تشدد کي رهبر راهہ بنايو هو.

٨- انهي اسلام جي مڃيندڙن عقيده ۽ عمل مطابق صالح ماڻهن کي مسلمان مڃڻ جي عيوض هڪ مخصوص رسم و رواج ۽ دستور جي جهم غفير کي مسلمان ٿي سڏيو.

٩- انهي اسلام جا پيروڪار قانون فطرت جي خلاف گذشتہ ٻن هزار سالن جي تاريخ خلاف ملڪ ۾ انتشار ڦهلائيندا رهيا آهن.

١٠- انهي اسلام کي هرقسم جي وهم پرستي، اشتعال انگيزي، استحصال جو پندار بنايو ويو آهي.

سون پاڪستان ڪي صحيح اسلامي تعليم، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي آدم جو مرڪز سمجهي ان جي قيام لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، پر تجربي بعد معلوم ٿيو ته ان ۾ هيٺيون ڳالهيون ٿي رهيون هيون.

١- گذريل ٻن هزار سالن جي تاريخي ارتقا خلاف مسلم مستقل مفاد جي سامراجي مقاصد ۽ استحصال لاءِ ان کي وجود ۾ آندو ويو آهي.

٢- ان جو وجود سنڌي، بلوچي، پنجابي، پٺاڻ ۽ بينگالي قومن جي مفاد ۽ انهن جي انفرادي وجود خلاف سازش ذريعي برپا ڪيو ويو آهي.

٣- اهو اتحاد، امن، ترقي ۽ پاڪيزگي جي عيوض بدامني، بداخلاقي، ظلم، تشدد ۽ استحصال جو مخزن ٿي ڪم اچي رهيو آهي.

٤- پاڪستان انگريز سامراجي گروه جي ايما تي وجود ۾ آيو ۽ امريڪي سامراجيت جي ايجنٽ طور ڪم اچي رهيو آهي.

٥- پاڪستان نفرت جي بنياد تي قائم ٿيو ۽ انهي جي بل بوتي تي هلايو وڃي ٿو.

٦- پاڪستان مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فائده لاءِ وجود ۾ آندل هو ۽ انهن جي استعمال غرضي لاءِ هلايو وڃي ٿو.

٧- پاڪستان جي قيام کان وٺي ٻاهرين سامراجي حاڪمن سنڌي وڏيري کي شو ٻڌاءِ بنائي سنڌي مفاد خلاف غداري جا ڪم ٻي ورتا آهن.

٨- پاڪستان جي قيام سبب ان ۾ شامل قومن جهڙوڪ: سنڌي، بلوچي، پٺاڻ، پنجابي جي قديم زبانن کي ريٽي انهي تي غيرملڪي اردو زبان کي مسلط ڪيو ويو آهي.

پاڪستان جي قيام سبب رڳو سنڌ کي هيٺيان نقصان پهتا آهن.

١- سنڌ مان ١٣ لک هندو، جي شاهه لطيف، سچل، سامي ۽ گرونانڪ جي تعليم محبت انساني جا سچيندڙ هئا، جي سنڌي زبان جا ڄاڻو هئا، جي ٻاهران سنڌ ورڪ مان ڪمائي سنڌ ۾ پيسو خرچ ڪندڙ

هئا، جن ۾ ڪيترا انجنير، ڊاڪٽر، پروفيسر، اديب، سائنسدان هئا، ڪي زوريءَ لڏائي، انهن جي جاءِ تي ۳۰ لک ٻاهريان ماڻهو آندا ويا آهن جي غير زبانن جا ڳالهائيندڙ، فرعون صفت، نفرت جا پنڌار، اسلامي محبت جي صفت کان عاري، سنڌين جا جاني دشمن، وطن جي بنياد تي قوميت جا منڪر آهن.

۲- اهي سنڌين جي جدا قوميت، جدا ملڪ، جدا مفاد کان انڪار ڪري خود ساخته نظريہ پاڪستان جي بنياد تي ٻاهرين جو سامراج قائم ڪرڻ جا حامي آهن.

۳- سنڌ جي هزارن ورهين جي زبان کي منظم سازش جي ماتحت ختم ڪرڻ لاءِ سئنيمائن، اخبارن، ڪتابن، ريڊين، ٽيليويزن، ڪاليجن، سرڪاري دفترن ۽ حڪومت جي سرپرستي هيٺ نقصان پهچائي اردو زبان کي زور وٺائڻ جي پاليسي هلائي وڃي ٿي.

۴- سنڌي هندن کي زوريءَ لڏائڻ بعد انهن جي ڇڏيل ۲۰ لک ايڪڙ کان بہ مٿي زمين ٻاهرين ماڻهن کي گهرائي مفت ڏني ويئي آهي، جي هنن اسلام خاطر ستو هو، جيتوڻيڪ انهن ماڻهن کي منظم منصوبہ هيٺ گهرائي ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ گهرايل هو.

۵- سنڌي هندن جا ڇڏيل ڪروڙن روپين جا شهري گهر، دڪان، سامان، ٻاهرين ماڻهن جي حوالي ڪري کين آباد ڪيو ويو آهي.

۶- سنڌي هندن جا ڪروڙن جا ڇڏيل ڪارخانا. واپار جون منڊيون ٻاهرين ماڻهن جي حوالي ڪيا ويا آهن.

۷- سنڌي هندن جون خالي ڪيل نوڪريون جملہ ٻاهرين ماڻهن جي حوالي ڪيون ويئون آهن. سنڌي بيروزگار گهمندا وتن ٿا.

۸- سنڌي ڪلچر ۽ معاشرت تان ڪلون ڪري سنڌين ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪري مهاجر ڪلچر جي اختيار ڪرڻ لاءِ ماحول سازگار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

(۹) سنڌين مان غدار قوم بنائي انهن کان سنڌ دشمنيءَ جا ڪم ڪرايا وڃن ٿا. جهڙوڪ: جناح کان نظريہ پاڪستان قبول

ڪرائڻ، ڪراچي سنڌ کان کسائڻ، مهاجرن کي ڪثير تعداد ۾ آڻڻ، اردوءَ کي قومي زبان بنائڻ، بعد انهيءَ مٿان قبو اڏائي ماڻهن ۾ سندس رتبو وڌايائون. جيئن آئينده ماڻهن جي ذهن تي اها ڳالهه وهي ته سنڌ دشمني مان فائدو حاصل ٿئي ٿو.

(١٠) پاڪستان حڪومت هڪ قوم جي بنياد تي ٿاهي سنڌين کي اقليت بنائي ڇڏيو آهي.

(١١) اڪثري اختيار مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪري سنڌين کي ڪسمپرسي جي حالت ۾ ڇڏيو ويو آهي.

(١٢) مرڪزي سرڪار جي نوڪرين ۾ سنڌين کي هيٺين نمائندگي ڏني ويئي آهي.

(الف) مرڪزي حڪومت جي سيڪريٽريٽ ۾ سنڌين کي پنجن هزارن پويان هڪ جاءِ مس نصيب ٿيل آهي.

(ب) بچاءَ کاتي ۾ ڏهن هزارن پويان سنڌين کي هڪ جاءِ مس حصي ۾ آيل آهي.

(ت) خارجه معاملات کاتي ۾ اڪثري سنڌين کي دور رکيو ويو آهي انهيءَ کاتي ۾ سنڌي پنجن هزارن پويان مس هڪ ملندو.

(ث) مالي کاتي جي ساڳي حالت آهي، سنڌي اتي ۾ لوڻ برابر آهن.

(ج) اسٽيٽ بئنڪ جي ڪلاس ون ۽ ٽو ۾ جملي ٩٥٩ آفيسرن مان سنڌي صرف ٽي آهن. هيٺين ٽن هزارن جي عملي ۾ سنڌي ٢٠ آهن.

(ح) نيشنل بئنڪ جي ڪلاس ون ۽ ٽو جي جملي ١٢٠٠ سؤ عمل مان سنڌي ٥ هئا ۽ هيٺين ٣٥٠٠ عملي مان سنڌي ٤٠ هئا.

(خ) ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾	هڪ هزار تي	هڪ سنڌي
پوسٽ ۽ ٽيليفون کاتي ۾	"	"
ٽيليگراف	"	"
پورٽ ٽرسٽ	"	"
ڪسٽمس	"	"

پي - آءِ - ڊي - سي " "

ريڊيو ۽ ٽيليويزن " "

سرڪاري ڪارخانن ۾ " "

يونيورسٽين ۾ " "

(د) سنڌين جي جداگانه قوميت کي ختم ڪري ڪليل مقابلي ۾ نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون. پبلڪ سروس ڪميشن تي اڪثريت انهن ماڻهن جي رکي ويئي آهي جي غيرسنڌين جا حمايتي آهن.

(ذ) سنڌين لاءِ سرڪاري نوڪرين ۾ تعداد مقرر ڪرڻ جي گهر ڪندڙن کي علائقائي تعصب رکندڙ نظريه پاڪستان جا مخالف، اسلام جا دشمن ۽ دشمنن جو ايجنٽ سڏيو وڃي ٿو.

(ر) اردوءَ کي قومي زبان تسليم ڪري سنڌين کي غير مساوي حيثيت ۾ رکيو ويو آهي. ان لاءِ پهرين ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي حدن مان سنڌيءَ کي بي دخل ڪيو ويو. پوءِ سنڌ اندر زوريءَ اردوءَ کي مسلط ڪيو ويو. انگريزن جي ڏينهن ۾ سنڌ اندر نوڪري ڪندڙ عملدارن کي سنڌي سکڻ لازمي هئي. هاڻ ان کي معطل ڪيو ويو آهي.

(ز) ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن جي گهٽين جا اصلوڪا نالا مٽائي انتي غير سنڌي نالا رکي قديم تاريخي روايات کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

(س) شهرن ۾ سنڌي زبان ۾ تقرير ڪندڙن تي غنڊن کان چوري حملا ڪرايا وڃن ٿا.

(ش) سنڌ ۾ اسٽيشنن، روڊن، ٻين جاين تي سنڌي نالا اردوءَ ۾ لکائڻ جي ڪري مضحڪه خيز ٿي پيا آهن.

(ص) ريڊيو، ٽيليويزن کي اردو زبان، ڪلچر جي پروپيگنڊا جو آلہ ڪار ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو.

(ض) مهاجرن کي گهڻي تعداد ۾ ڪالونائيز ڪرڻ بعد ڪين همتايو

ويو آهي تہ هنن لاءِ مهاجرستان صوبو قائم ڪيو وڃي.

(ط) سنڌ ۾ هر طرف ڪان ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ لاءِ رستو کليو ڇڏيو ويو آهي. جي سنڌ ۾ ڪمائي ٥٠ ڪروڙ روپيا ساليانہ ڪان مٿي پيسا سنڌ ڪان ٻاهر موڪلي رهيا آهن.

(ظ) ٻيهرين صوبہ سنڌ کي پنجاب سان ملائي ون يونٽ قائم ڪيو ويو، هاڻ مضبوط مرڪز هيٺ ان کي تباهہ ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن.

(ع) سنڌ مان وصول ٿيندڙ (٣٥٠) ٽي سؤ پنجاهہ ڪروڙ روپين ٽيڪسن جو پيسو مرڪزي حڪومت جي حوالي ۾ ڏنو وڃي ٿو جنهن مان هڪ سيڪڙو بہ سنڌ تي خرچ نٿو ڪيو وڃي.

(غ) سنڌ کي ١٩٤٥ع جي عهدنامي مطابق سنڌوندي ءَ جي دريائن مان جيڪو پاڻي مليو هو ان جي ڀيڪڙي ڪري نوان ڊيم ۽ براج ٺاهي سنڌ جي آبادي ءَ کي سڪائڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن.

(ڪ) سنڌ جي واپار، انڊسٽريز، بئنڪن کي منصوبي تحت غيرسنڌين جي حوالي ڪري اقتصادي طرح اصلوڪن سنڌين کي نادار بنايو ويو آهي.

(ق) سنڌ ۾ ٻاهران آيل ماڻهن جي ڪثير تعداد کي نوان ڳوٺ ٺاهي آباد ڪيو ويو آهي ليڪن سنڌ جا اصل باشندا خانہ بدوشي جي حالت يا جهوپڙين ۾ رهيا پيا آهن.

اهي سڀ ڪم اسلام، پاڪستان، مسلم قوم ۽ نظام اسلامي جي نالي ۾ ڪيا ويا آهن، انهن ڳالهين کي مدنظر رکي منهنجو رد عمل مذڪور ذيل ڳالهين بابت هيٺون ٿيو آهي.

پاڪستان

(١) پاڪستان، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين ۽ سندن آقا امريڪن حڪومت جو اڏو ٿي ڪم اچي رهيو آهي.

(٢) پاڪستان ۾ اصلي رهاڪو قومن کي ريڊ انڊين وانگر سندن

جدا قومي وجود، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي ختم ڪرڻ جي منظم سازش هلي رهي آهي.

(٣) پاڪستان جو وجود ننڍين قومن خاص ڪري سنڌ لاءِ زهر قاتل برابر آهي.

(٤) پاڪستان جو وجود اسلام جي بنيادي اصولن جي فروع لاءِ هاڃيڪار آهي.

(٥) پاڪستان جو وجود ظلم، استبداد، استحصال، بداخلاقي ۽ سامراجي سازشن جو مرڪز آهي.

(٦) پاڪستان جو وجود اتحاد انساني لاءِ نقصانڪار آهي.

(٧) پاڪستان جو وجود مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن ۽ فلسفن جي وچ ۾ امتزاج اچڻ لاءِ رڪاوٽ آهي.

(٨) پاڪستان جو وجود امن عالم لاءِ خطرو آهي.

انهي پاڪستان جو خاتمو اهڙو ضروري آهي جهڙو ڪنهن وچڙندڙ بيماري جو سمجهيو وڃي ٿو.

آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته سنڌ مڪمل آزاد ٿيڻ گهرجي. ان جو پاڪستان سان ڪنهن به طرح جو لاڳاپو نه هئڻ گهرجي. سنڌ جي هر قوم پرست کي پاڪستان جي نظريه، وجود، قوميت، جهنڊي ۽ مفاد کي سنڌ لاءِ نقصانڪار سمجهي ان کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. حق اهو آهي ته پاڪستان ۾ رهڻ جي لاءِ اسان کي بهشت آڇيو وڃي ته، ان کان دوزخ کي زياده ترجيح ڏيڻ گهرجي.

اسلام

آءٌ مسلمان آهيان، ان جي هئڻ لاءِ فخر اٿم ليڪن مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين ۽ سنڌن ايجنٽن جي اسلامي تعبير بعد مونتي اهو رد عمل ٿيو آهي ته اسلام جي نالي ۾ جيڪا به سياسي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي، ان کي ڏوڪو، بدمعاشي ۽ استحصال سمجهڻ

لڳو آهيان. ازانسواءِ تجربي بعد آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ:

"مسلماني در ڪتاب و مسلمانان در گور"

ڪانسواءِ هاڻ ڪجهہ نہ رهيو آهي انڪري:

(١) مغربي قومن جي تجربي مان سبق وٺي مذهب کي ماڻهن جو شخصي معاملو تصور ڪري ان کي سياست کان علحده رکڻ نهايت ضروري آهي.

(٢) جنهن صورت ۾ اسلام جو اصل مقصد اتحاد انساني، امن عالم، ترقي بني آدم آهي. جنهن صورت ۾ قرآن ۽ جيد عالمن جي تشريح مطابق چڱن اخلاقن ۽ عملن وارو هر صالح ماڻهو بنا تميز مذهب جي مسلمان هو. تنهنڪري سنڌ ۾ دائمي رهندڙ، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ، سنڌي ڪلچر رکندڙ، سنڌ جي سياسي آزادي ۽ اقتصادي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪندڙ ماڻهن کي بنا تميز مذهب هڪ قوم شمار ڪري انهن جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، راهہ هدايت هئي.

اتحاد عالم لاءِ سنڌ ۽ سنڌي هيٺين سببن ڪري زياده موزون ٿي سگهن ٿا:

(١) اها گذريل ٣ هزارن ورهين جي تاريخي روايات ڪري محبت ۽ امن جي فروغ لاءِ بهترين جڳهہ آهي.

(٢) ان ۾ آزادي حاصل ڪرڻ بعد بقائي باهمي جي اصولن تي مختلف مذهبن، سياسي نظرين، طبقن جي ماڻهن جي وچ ۾ امتزاج ٿيڻ سهل ڪم ٿيندو.

(٣) سنڌ جي آزاد مملڪت، مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن ملائڻ، روس ۽ هند جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ ڪار نمايان ادا ڪري سگهي ٿي.

(٤) سنڌ ۾ جمهوريت، عدم تشدد، سيڪيولرزم، سوشلزم ۽ قوم پرستي سهوليت سان زور وٺي سگهن ٿا.

(٥) سنڌ کي روحاني ۽ مادي فلسفن جي وچ ۾ امتزاج آڻڻ جي مشن ادا ڪرڻي آهي.

مسلم قوم

تجربي بعد معلوم ٿيو اٿم ته مسلمانن جي جدا قوم دنيا ۾ ڪٿي به موجود نه آهي. اهو نظريو مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن مغربي هند ۾ سامراج قائم ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيو آهي.

مسلمان نه عقيدي جي نقط نگاه کان هم خيال قوم آهن، نه عمل جي نقط نگاه کان هڪڙي مقصد لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

مسلمانن جي نه هڪڙي زبان آهي جنهنجو هئڻ قومي وجود لاءِ ضروري ٿئي ٿو.

مسلمانن جو نه هڪڙو ڪلچر آهي جنهنجو هئڻ قومي وجود لاءِ ضروري آهي.

مسلمانن جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد به هڪجهڙا نه آهن.

مسلمان نه تواريخي روايات موجب متحد ۽ يڪسان رهيا آهن.

مسلمان قوم جو وجود دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ تسليم نه ڪيل آهي.

تنهنڪري آءٌ سمجهان ٿو ته مذهب کي قومي ۽ سياسي معاملن کان علحده ڪري آئينده قوم جو وجود وطن، زبان، ڪلچر، تواريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي رکڻ گهرجي، نه مذهب جي بنياد تي. جيڪڏهن مذهب کي سياست سان ڳنڍي هلائڻ جي وڏيڪ ڪوشش ڪئي ويئي ته مذهب جي هٿان به ائين پاڙ پٽجي ويندي، جهڙي ڪميونسٽ ملڪن مان پٽجي ويئي آهي.

جناح، لياقت علي ۽ پيٽي کي مسلم قوم ۽ اسلام جو علمبردار تسليم ڪرڻ اسلام لاءِ زهر قاتل برابر ٿيندو.

نظام اسلامي

تاريخي تجربي مان ائين پيو ڏسڻ ۾ اچي ته دنيا جي اڪثر ملڪن مان مذهب کي سياست کان علحده ڪري حڪومت جو نظام سيڪيولر طرز تي قائم ٿي رهيو آهي. اهو صرف پاڪستان جو ملڪ

آهي جتي هر قسم جو زنا، رشوت خوري، ظلم، استبداد، استحصال جو ڪم جاري رکندي، اسلامي نظام حڪومت جو ڍوڪو ماڻهن کي ڏنو وڃي ٿو.

هاڻ وقت آيو آهي جو صاف طرح ظاهر ڪيو وڃي ته جيڪي ماڻهو نظام اسلامي جو نالو وٺن ٿا، سي ڍوڪيباز، احمق ۽ استحصال ڪندڙ آهن.

موجوده معاشره ۾ قديم مذهبي شريعتن مطابق حڪومتي نظام قائم ڪرڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري اهڙي گفتگو ڪندڙن کي يا گدو بندر موڪليو وڃي يا جرمنيءَ جي يهودين وانگر تباهه ڪيو وڃي. جنهن صورت ۾ سنڌ کي جاءِ اسن بنائڻو آهي انڪري سنڌ ۾ هيٺين خيالن جي ماڻهن جي موجودگي ان جي قيام لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي.

(١) جي ماڻهو نظريہ پاڪستان کي مڃين ٿا.
(٢) جي ماڻهو اسلام جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد واري تشريح ۾ اعتماد رکن ٿا.
(٣) جي ماڻهو انڪار وطن جي بنياد تي قومي تخيل ۾ مڃين ٿا.
(٤) جي ماڻهو سنڌ ۾ رهي ان جي ٻولي نٿا سکن، سنڌي ڪلچر نٿا اختيار ڪن ۽ سنڌ جي قديم رهاڪن خلاف سازشون ڪن ٿا.
(٥) جي ماڻهو پاڪستان جي مفاد کي سنڌي مفاد تي ترجيح ڏين ٿا.
(٦) جي سنڌ جا اصل رهاڪو ٻاهرين سامراجين جا ايجنٽ ٿي ڪم ڪن ٿا.

هر بقا کان اڳ فنا جو حصول لازمي آهي. تنهنڪري جيڪڏهن سنڌ کي آزاد ڪرائڻو آهي، جيڪڏهن سنڌ کي صالحن جو دارالامان بنائڻو آهي. جيڪڏهن سنڌين کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي لاءِ مشنري ٿي ڪم ڪرائڻو آهي ته ان واسطي پاڪستان جي وجود، نظريہ پاڪستان، انهي ۾ مروج مهاجر پنجابي تشريح واري اسلام، اسلامي نظام حڪومت جي ڍوڪن کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي.

اهي بت آهن انهن جو ٽوڙڻ نهايت ضروري آهي.

شعبہ عمل جو ٻيو طرف

چوڻي آهي تہ " بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي " ڪنهن کي پتو هو تہ ڪجهہ وقت سنڌ جي بمبئي علائقي سان گڏ رهڻ بعد ڪانگريسي ليڊرن سيٺ هرچندراءِ وشنداس ۽ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي کي بمبئي کان سنڌ جي عليحده ڪرائڻ جو خيال پيدا ٿيندو ۽ ان جي مخالفت ٻہ ڪانگريسي ليڊر شري جيرامداس دولترام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي طرفان ٿيندي ڏسي شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون کي مجبور ٿي خلافت ڪانفرنس جميعت‌العلماء هند ۽ مسلم ليگ جي مدد وٺڻ جي ضرورت پوندي ۽ هندوستان جا مسلمان ليڊر سنڌ جي آزاد ڪرائڻ جي عيوض انکي لنگڙي لولي حيثيت ۾ آزاد ڪرائي اسان کي آزمائشن ۾ وجهي ڇڏيندا. سنڌ کي ٽن خامين سان جدا ڪرايو ويو.

(١) جدا چونڊن جو سرشتو ان ۾ برقرار رکيو ويو جي اڪثريت لاءِ هميشه نقصانڪار ٿينديون آهن.

(٢) سنڌ ۾ غير مسلم آبادي ٢٥ سيڪڙو هئي پر هندستان جي مسلم اقليت وارن صوبن جي فائدي خاطر سنڌ ۾ غير مسلمن کي نمائندگي وڌائي ٤٠ سيڪڙو ڏني وئي ان جي عيوض هندستان جي مسلم اقليت کي ڪجهہ سيٽون وڌائي ڏنيون و يون.

(٣) سنڌ اسيمبلي ۾ ميمبرن جو تعداد گهٽ رکيو ويو ٦٠ مان ٣٥ ۽ ٢٥ غير مسلم نمائنده چونڊڻا هئا جنهنڪري صرف ڇهن ميمبرن جي ڦيري ڪائڻ ڪري مسلم اڪثريت اقليت ۾ بدلجي سگهي ٿي.

باوجود انهن ابتدائي ڪوتاهين جي، سنڌ جي ماڻهن شادناما ڪيا ۽ نئين صوبي جي چونڊن ۾ حصي وٺڻ لاءِ پارٽي ٺاهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيوسون.

اڳي سنڌ ۾ گروه بندي هوندي هئي جي، سر غلام حسين گروہ ۽ سر شاهنواز خان ڀٽو گروه سڏبا هئا، جن کي ڪي اصول ڪونہ هوندا هئا. اهي گروه ليڊرن جي نفع خاطر برٽش سرڪار سان ساٿ ڏيندا هئا.

نون سڏارن ملڻ بعد پنجاب جي مدبر سياستدان سر فضل حسين جي راءِ ٿي تہ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ فرقيوار پارٽيون مسلم مفاد لاءِ نقصانڪار هئڻ ڪري اتي غير فرقيوار پارٽيون ٺاهيون وڃن.

هن ان لاءِ پنجاب ۾ يونينسٽ پارٽي ٺاهي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ اسان ان جي تتبع تي سنڌ اتحاد پارٽي ٺاهي چونڊون لڙيون. پهرين سنڌ جا جملي مسلمان سياستدان ان پارٽي ۾ شريڪ ٿيا. سيٺ حاجي عبدالله هارون جي ليڊرشپ هيٺ سر غلام حسين ۽ سر شاهنواز ڀٽو ڊپوٽي ليڊر ٿي رهڻ قبول ڪيو. پر ڪنوينشن جي ميٽنگ ۾ ٿئي ٿالي سيد ميران محمد شاه ڊپوٽي ليڊر چونڊجڻ تي سر غلام حسين احتجاج طور اتحاد پارٽي ڇڏي وڃي نئي فرقيوار مسلم سياسي پارٽي ٺاهي ان تي چونڊون لڙيون. انهن چونڊن ۾ اتحاد پارٽيءَ جا ٢٤ ميمبر چونڊيا ۽ سر غلام حسين گروه جا ۵ ميمبر چونڊيا. چونڊن ۾ اتحاد پارٽيءَ جا ٻہ مکيہ ليڊر سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ سر حاجي عبدالله هارون شڪست کائي ويا. ان جو بهانو بنائي گورنر سنڌ سر لينسليٽ گرهام ۵ ميمبرن جي ليڊر سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرايو. جنهن وزارت جي لالچ ڏئي مير گروپ جي ميمبرن کي اتحاد پارٽيءَ مان ٽوڙيو ۽ هندو ميمبرن کي هڪ وزارت ۽ هڪ سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪريءَ جي جاءِ ڏئي پنهنجي طرف ڪيو. ان طرح شروعات ۾ ئي هندو ۵۰ سيڪڙو عهدا حاصل ڪري ويا.

سنڌ جي عوام جي اڪثريت مسلمان هئي جن جو ٽن مستقل مفاد گروهن استحصال ٿي ڪيو. (١) ڪامورو گروه (٢) واپاري ۽ وياج خور گروه (٣) زميندار ۽ جاگيردار گروه. پهرين ٻن گروهن ۾ هندن جي ڪثرت هئي ۽ ٽئي گروه ۾ مسلمان ڪثرت ۾ هئا. وزارت جي قيام بعد اتحاد پارٽي خانبهادر الهہ بخش جي ليڊرشپ هيٺ مخالفت ۾ ويٺي ۽ ٻي پارٽي جا مخالفت ۾ ويٺي سا ڪانگريس جي هئي. اسان اتحاد پارٽي وارن جي ڪوشش هئي تہ عوام کي پهرين ٻن گروهن جي چنبي مان آزاد ڪرايون.

ڪانگريس پارٽي هندستان ۾ جتي برسراقتدار هئي، اهڙا قدم کنيا هئا جنهنڪري اسان کي اميد هئي تہ هتي بہ هو ان ڏس ۾ اسان جي مدد ڪندا. ابتدا ۾ سر غلام حسين وزارت تي زور ٻار آنديوسون تہ هو قانون انتقال ايراضي ۽ قرضن جي گهٽائڻ جا بل پاس ڪرائي ليڪن هن جي وزارت جو مدار هندو ميمبرن تي هئڻ ڪري هو اهو ڪم سرانجام ڪري نہ سگهيو. انڪري اسان مجبور ٿي ڪانگريس ميمبرن جي مدد سان سر غلام حسين جي وزارت کي ڪيرائي خانبهادر الهہ بخش جي ليڊري هيٺ اتحاد پارٽيءَ جي وزارت ٺهرائي. ليڪن ان وزارت کي بہ ساڳي هندو مستقل مفاد مذڪور بالا ڪم ڪرڻ نہ ڏنا جنهن تان مجبور ٿي اسان اتحاد پارٽي ڇڏي سنڌ ۾ مسلم ليگ جي نالي ۾ مسلم عوام کي ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو. اسان جڏهن مسلم ليگ ۾ وياسون تہ اميد هئيسون تہ انهيءَ جي معرفت اسان سنڌي عوام لاءِ مذڪور بالا ڪم ڪرائي سگهنداسون. اسان کي پتو نہ هو تہ خود مسلم ليگ ليڊرشپ مستقل مفاد جي هٿن ۾ هئي.

مون کي اول ۾ ١٩٤٢ ع ۾ پتو پيو جڏهن جناح صاحب مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ ڪانگريس سان سمجهوتہ ڪرڻ جي عيوض انگريزن جي رضامندي خاطر ڪانگريس جي تحريڪ آزاديءَ لاءِ ستياگره کي مسلمانن جي خلاف ٺهرائي ڏوهہ ڏنو.

ان کانپوءِ جڏهن مسلم ليگ وزارت سنڌ ۾ عوام جي نقصان جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا ۽ مون لاهور ۾ جناح صاحب جي ڌيان تي صوبہ مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت ۾ اهي ڳالهيون آنديون تہ هن وزارت خلاف شڪايت ٻڌڻ کان انڪار ڪيو.

ٽيو تجربو تڏهن ٿيو جڏهن سر غلام حسين مسٽر گزدر مسلم ليگي وزير ٽي وزارت مان ڪڍي هڪ انگريز سر ٿامس کي گورنر جي چونڊ تي وزير ڪري رکيو جو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ نہ هو. جڏهن مون صوبہ مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت ۾ جناح صاحب جي ڌيان تي اها ڳالهہ آندي تہ هن ان لاءِ خاطرخواه سد باب نہ ڪيو.

چوٿون دفع اهو هو ته جڏهن مسلم ليگ وزارت کي مسلم ليگ جي ميمبرن تنگ ٿي ڪرايو ۽ ان جو اطلاع جناح صاحب کي ڪيو ويو ته وزارت جي فائدي ۾ صوبه مسلم ليگ تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪري وري ميمبرن کي وزارت بحال ڪرڻ لاءِ چيائين.

پنجون دفع جو تجربو شمله ۾ وائسراءِ جي گهرايل ميٽنگ وقت ٿيو جڏهن منهنجي طرفان کيس ڪانگريس سان سمجهوته ڪرڻ لاءِ چوڻ ٿيو ته ان تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪيائين.

ڇهون دفع نئين چونڊن وقت ترقي پسند مسلم ليگ ڪارڪنن کي مسلم ليگ مان ڪڍي آفيسرن جي آڌار تي چونڊون ڪرائي رجعت پسند ماڻهن کي اسيمبليءَ ۾ چونڊايائين.

اهڙي طرح سان مسلم ليگ هائي ڪمانڊ سنڌي عوام جي خير خواه گروه کي اسيمبليءَ مان ڪڍائي خود مطلب ۽ جي حضور ۽ بي غيرت سنڌي وڏيرن جي آڌار تي حڪومت هلائڻ لڳو.

ان بابت مفصل احوال منهنجي ڪتابن ”نئي سنڌ لاءِ جدوجهد ۽ پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ مان ملي سگهندو. ان کانپوءِ سگهوئي هندوستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ انگريزن طرفان مسلم ليگ کي پاڪستان جي حڪومت سپرد ٿي. جنهن ۾ جناح صاحب کي گورنر جنرل ۽ لياقت علي خان کي وزير اعظم نامزد ڪيو ويو. جي ٻئي مهاجرن جا نمائنده هئا.

هنن حڪومت جي چارج وٺڻ بعد ڪراچيءَ کي پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪري هيٺيان ڪم ڪيا.

(١) نظريه پاڪستان کي مشتهر ڪرڻ لاءِ اخبارن، ريڊين، تقريرن ذريع پروپگينڊا ڪري مڪاني ماڻهن جا ذهن مسخ ڪيا.

(٢) هندوستان کان مسلمان عملدار گهرائي پاڪستان ۾ مکيه عهدن جي چارج هنن جي حوالي ڪئي ويئي.

وزير اعظم لياقت علي خان جو پاڪستاني حڪومت جي پاليسي مقرر ڪرڻ لاءِ جوابدار هو هيٺيان ڪم ڪيا.

(١) هن عوام جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ ۽ پنهنجي ڪيترن سببن ڪري هندوستان خلاف مخاصمت جي پاليسي اختيار ڪئي.

(٢) هن امريڪن بلاڪ سان جنگي عهد نامه ڪري روس ۽ ڀارت سان دشمني پيدا ڪري ملڪ کي بلاڪ پاورس جي تصادم ۾ ڦاسايو.

(٣) هن مڪاني قومن جي وجود کان انڪار ڪري انهن کي ٻاهران آيل مهاجر سامراجين جي زبان ۽ ڪلچر ۾ ضم ڪرڻ جي شروعات ڪئي جنهن مان اڃانتائين آزاد نه ٿي سگهيا آهيون.

(٤) هن سنڌ ۾ مهاجرن کي ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ کوکراپار، سمنڊ ۽ واگهه جي رستي کان ماڻهن اچڻ لاءِ رستا کولائي ڇڏيا. جڏهن پنجاب، سرحد ۽ بنگال جي صوبائي حڪومتن وڏيڪ ماڻهن جي آمد تي بندش وڌي ته به هي سنڌ جا رستا کولايو ويٺو هو.

سنڌ جي وزير اعليٰ کهڙي جڏهن انهن جي اچڻ تي بندش وڌي ته ان سان دشمني وڌائين.

(٥) هن پنهنجي ماڻهن هٿان سازش ڪرائي ڪراچي، نواب شاه ۽ جيڪب آباد ۾ هندن خلاف فساد ڪرائي انهن کي لڏائڻ گهريو ان مان سندس مقصد هندن جي جاين ۽ ملڪيت تي سندس ملڪ مان ماڻهو آڻائي ڪالونائيز ڪري سنڌ کي مهاجرن جي زير تسلط آڻڻ هو.

(٦) هن ڪراچيءَ کي مهاجرن جو مرڪز بڻائڻ لاءِ جناح صاحب کي گمراه ڪري سنڌ کان ڌار ڪرايو.

(٧) هن ڪراچيءَ جي جدا ڪرڻ وقت واعدو ڪيو هو ته ان ۾ سنڌ سرڪار طرفان ڪيل خرچ ۽ نئين ڪئپيٽل ٺهرائڻ لاءِ مرڪزي سرڪار کان معاوضو وٺي ڏيندو پر جڏهن سنڌ سرڪار طرفان ان جي گهر ڪئي ويئي ته چيائين ته "فتح ڪيل ملڪ جو عيوضو ڪونه ٿيندو آهي."

(٨) هن ساري پاڪستان جي قومي ٻولي اردوءَ کي ٺهرايو ۽ سنڌ ۾ اردوءَ کي زوريءَ مسلط ڪرائڻ لاءِ پير الاهي بخش

وزير اعليٰ سنڌ کان اردوءَ کي لازمي پڙهائڻ جو حڪم جاري ڪرايو. ڪراچي شهر مان سنڌيءَ کي خارج ڪرايو.

(٩) هن منظم منصوبي جي ماتحت هندوستان کان مهاجر گهرائي سنڌ جي سڀني شهرن ۾ آباد ڪرائي سنڌ کي مهاجرن جي ڪالوني بنائڻ جي شروعات ڪئي. جنهن کي پوين مرڪزي حڪومتن پايہ تڪميل تي پهچائڻ جون ڪوششون پئي ڪيون آهن.

(١٠) هن جي سنڌي زبان ۽ ڪلچر کي نقصان پهچائڻ جي شروعات کي ڏسي سيد حاجي علي اڪبر شاه صدر مسلم ليگ سنڌ هڪ وفد وٺي وٽس ويو تہ سنڌ جي زبان ۽ ڪلچر جي سرڪار طرفان حفاظت ڪئي وڃي تہ ان تي هن ڌڪار جي لفظن ۾ ڪين جواب ڏنو تہ "سنڌين جو ڪلچر گڏهہ هڪلڻ ۽ اٺ ڪاهڻ جو هو ان جي ڪهڙي حفاظت ڪري سگهبي."

(١١) هن جي دور حڪومت ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙو سنڌ جو وزير اعليٰ هو، جو مضبوط ماڻهو هو. هن کي جڏهن لياقت علي خان جي سنڌ کي مهاجرن جي ڪالوني بنائڻ جو پتو پيو تہ ان هن جي هيٺين ڪمن جي مخالفت ڪئي: ١- ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ؛ ٢- اردوءَ کي زوريءَ سنڌ ۾ لازمي تعليم ٺهرائڻ؛ ٣- هندوستان کان مهاجرن جي آمد جي ڇوٽ ڏيڻ؛ ٤- ڪراچي ۽ سنڌ ۾ هندن خلاف فساد ڪرائڻ؛ ٥- سنڌ سرڪار جي صوبائي معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ. تہ ان تي ناراض ٿي هن جناح صاحب کي کهڙي خلاف ڇيڙائي، سر غلام حسين، مير غلام علي ۽ پير الاهي بخش کي اقتدار جي لالچ ڏئي کهڙي خلاف ڪري، کهڙي وزارت کي ڊسمس ڪري پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ نامزد ڪيو ۽ کهڙي کي ڪوڙي ڪيس ۾ جيل موڪليو.

(١٢) هن نہ صرف سنڌ ۾ مهاجرن جو تعداد وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پر بينگال ۾ لکها مهاجر آڻائي آباد ڪرايو.

(١٣) هن سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بينگال جي عوامي وزارتن کي ڪيڏي پنهنجون هٿ ٺوڪيون وزارتون نامزد ڪيون.

(١٤) هن باوجود وعدن جي بلوچستان کي ٻين صوبن جهڙا سڌارا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ اتي جي قوم پرست ڪارڪنن کي جيل ۾ موڪليو.

(١٥) هن دوغلي پاليسي اختيار ڪري هڪ طرف اسلامي نظام حڪومت جو نالو ٿي ورتو ته ٻئي طرف سندس زال طرفان مينا بازارن جو پاڪستان ۾ رواج وجهي بي پردگيءَ کي زور وٺايو ٿي.

(١٦) هن پاڪستان جي حڪومت فسطائي، فرقيوارانه، رجعت پسند بنيادن تي هلائي، جمهوريت، سيڪيولرزم، قوم پرستي ۽ سوشلزم جي مخالفت ڪرائي. هر ترقي پسند ڪارڪن کي هن هندوستان جو ايجنٽ، پاڪستان جو دشمن، علاقائي ذهنيت رکندڙ، دهريو، انتشارپسند سڏي تڪليف ڏني.

(١٧) هن پاڪستاني مسلمانن جو توجه ملڪ جي حقيقي مسئلن جهڙوڪ ١- عوام جو معيار زندگي بلند ڪرڻ؛ ٢- ملڪ ۾ جمهوري نظام حڪومت رائج ڪرڻ؛ ٣- تحرير ۽ تقرير جي آزادي؛ ٤- آئين پاس ڪرڻ؛ ٥- ننڍين قومن جي خود مختياري جي سوالن کان هٽائي. نون مصنوعي نعرن جهڙوڪ ١- هندوستان کان خطرو؛ ٢- ڪميونزم کان خطرو؛ ٣- علاقائي تعصب جي وڌڻ؛ اسلام کي خطرو؛ طرف موڙي عوام جي آزاديءَ کي سلب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

(١٨) هي زبان جو ڪچو، سفله مزاج ۽ آمر وزير اعظم هو.

(الف) هن خان عبدالغفار خان ۽ سندس ساٿين کي هندوستان جو ايجنٽ ۽ غدار ملڪ سڏي جيل ۾ موڪليو.

(ب) هن حسين شهيد سهرورديءَ کي هندستان جو جاسوس ۽ ڪتو سڏي آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرايو.

(ت) هن سولوي فضل الحق کي هندن جو غلام سڏي سياست
کان خارج ڪرايو.

(ث) هن بلوچستان ۾ خان عبدالصمد خان ۽ شهزاده عبدالڪريم
وغيره قومي ڪارڪنن کي جيل ۾ موڪليو.

(ج) هن سونکي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي هندن جو ايجنٽ
۽ غدار قوم سڏي، سونکي نظربند ڪيو.

(١٩) هن سنڌ ۾ هندن ۽ سکن جي ڇڏيل جملي زرعي زمين کي
هندوستان مان لڏائي آندل مهاجرن جي مفت حوالي ڪيو.
انهن جي ورهاست لاءِ آبادڪاري ۽ ڪسٽوڊين جا کاتا قائم
ڪري انهن جي سموري واڳ مهاجر عملدارن جي حوالي ۾ ڏني.

(٢٠) هن سنڌ ۾ هندن ۽ سکن جي ڇڏيل دڪانن، واپار جي منڊين،
رهائشي جاين، ڪارخانن کي مهاجرن جي حوالي ڪيو.

(٢١) هن مرڪزي اسيمبليءَ ۾ پروڊا قانون پاس ڪرائي عوامي نمائنده
وزيرن کي هيسائي پنهنجي قبضي هيٺ رکڻ جو دستور وڌو.
جنهن صوبائي حڪومتن کي مرڪز جي آمرانه تسلط جو محتاج
بنائي ڇڏيو.

(٢٢) هن شهرن ۾ مهاجرن جي رهائش لاءِ نوان ڳوٺ سرڪاري خرچ
تي ٻڌارايا ۽ سنڌ جي مڪاني خانه بدوش ۽ جهوپڙين ۾ رهندڙ
ماڻهن لاءِ ڪجهه نه ڪيو.

(٢٣) هن حڪومت جي پاليسي اهڙيءَ طرح هلائي جو جملي مرڪزي
نوڪرين، بئنڪن، ريلوي، پوسٽ، ٽيليگراف، ريڊيو وغيره ۾
سنڌين کي محروم ڪيو ويو. نه صرف ايترو پر انهيءَ پاليسيءَ
ڪري خانگي فرمن ۽ ڪارخانن ۾ به سنڌين کي ڪونه رکيو ويو.

(٢٤) هن مهاجرن جي اهڙي حوصله افزائي ڪئي جو هو پاڻ کي
ملڪ جا فاتح سمجهي پاڪستان جي اصل رهاڪن سان بدسلوڪي
ڪرڻ لڳا، جا اڃا تائين جاري رکيو اچن.

(٢٥) هن پختونن سان بد سلوڪي اختيار ڪري افغانستان سان مخالفت جو ٻج پوکيو.

(٢٦) هن جناح صاحب جي انتقال بعد غير آئيني طرح اسيمبليءَ جي مشوري کان سواءِ بينگال مان خواجه ناظم الدين کي گهرائي گورنر جنرل مقرر ڪيو.

(٢٧) هن مرڪزي حڪومت ۾ ٽيو حصو وزيرن جو مهاجر رکيو، جهڙوڪ پاڻ، چندريگر، اشتياق حسين قريشي، ڊاڪٽر محمود حسين.

(٢٨) هن جاڳي واڳي آئين پاس ڪرڻ ۾ دير وجهي حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ رکي هند مان مهاجر گهرائي سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ گهريو.

(٢٩) هن چند ڪامورن جي همت افزائي ڪري ڪاموري ڪلاس جي طاقت وڌائي ڇڏي، جن اڳتي هلي ملڪي سياست ۾ دست اندازي ڪئي.

(٣٠) هن ڪشمير ۾ ماڻهو موڪلي بغاوت ڪرائي پارت سان لڙائي ڪري ماڻهو مارائي ان کي بند ڪري ڇڏيو.

(٣١) هن حيدرآباد دکن جي نظام کي همٿائي هندوستان سان ويڙهائي ان جي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

(٣٢) هن فسطائيت کي زور وٺائڻ لاءِ شهر مان سرگس ڪڍارائي مسوليني وانگر بنگلي جي دريءَ مان بيهي ماڻهن کي تقرير ڪندي چيو ته آئنده اسان جي سياست جو نشان مکو هوندو. ان جي پوئلڳي ۾ ٻين شهرن ۾ سرگس نڪتا جتي مهاجر مکو ڏيکاريندا هليا ٿي.

(٣٣) هن پاڪستان تي اسلامڪ ريپبلڪ جو نالو رکي ان ۾ شرابخوري، جوا، گهوڙي ڊوڙ، سمگلنگ، مينا بازارون جاري رکيون.

(٣٤) هن پاڪستان جي ڇئن ملڪن کي هڪ ملڪ سڏي انهن جي صدين جي جداگانه انفراديت کي ختم ڪري مهاجر پنجابي

سامراج ۽ ان جي ايجنٽن جي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي لاءِ راهه هموار ڪئي.

(٣٥) هن پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ چئن قومن جي وجود کان انڪار ڪري ان کي مذهب جي بنياد تي هڪ قوم سڏي مهاجر پنجابي سامراج جو محتاج ڪيو.

اهي مختصر ڳالهيون آهن جي پاڪستان جي شروعات ۾ پهرين مهاجر وزير اعظم جي ڏينهن ۾ رونما ٿيون. ان کان پوءِ ٨ سالن اندر سنڌ ۾ مرڪزي سرڪار جي دست اندازي سبب سنڌ اسيمبليءَ جي مشوري ۽ منظوريءَ کان سواءِ ٨ حڪومتون بدلي حڪومت هلائي ويئي. جڏهن ته سنڌ جي حڪومت يو-پي جي نوابن ۽ پنجابي عملدارن کي جاگيرون ملي هئي جنهن جي سنڀال لاءِ جنهن کي وٺين ان کي رکن.

پهرين کهڙو وزارت هئي، ان کي ڪڍي (ٻي) پير الاهي بخش وزارت آندائون، ان جي نڪرڻ بعد (ٽي) يوسف هارون کي وزارت ۾ رکيائون، ان جي وڃڻ بعد (چوٿين) قاضي فضل الله کي وزير اعظم ڪيو ويو، ان کان پوءِ وري (پنجين) کهڙو وزارت ۾ آندائون، پوءِ (ڇهون) گورنري راڄ هلايائون، پوءِ (ستين) پيرزادو عبدالستار وزارت ۽ (اٺين) کهڙو وزارت، ان جا مثال آهن.

ان کان پوءِ سنڌ جي جداگانه وجود کي ختم ڪري ون يونٽ ۾ داخل ڪرايو جنهن ۾ سورهن سالن جي عرصي اندر سنڌي حقن جي اهڙي پائمالي ڪئي ويئي جهڙي جرمن جي نازي حڪومت جي ڏينهن ۾ مفتوح ملڪن سان ڪئي ويئي هئي.

١٩٥٨ع کان ملڪ سان ١٢ سالن تائين مارشل لا لاڳو رکي ملٽري حڪومت هلائي ويئي. ان کان پوءِ پاڪستان ۾ ١٩٦٩ع ۾ عام چونڊون ڪرائي جڏهن مرڪزي ۽ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ بينگالين کي اڪثريت حاصل ٿي ته ان کي حڪومت جون واڳون ڏيڻ جي عيوض هنن جا ٣٠ لک ماڻهو قتل ڪري، ٢ لک عورتن جي عصمت دري ڪري هڪ ڪروڙ ماڻهن کي ملڪ بدر ڪري ملڪ کي اربن روپين

جو نقصان پهچائي نيت ڪين زوريءَ مجبور ڪري پاڪستان کان جدا ڪرايو ويو. خاص ڪري ان لاءِ ته الهندي پاڪستان جي ننڍن صوبن تي مهاجر پنجابي سامراج جو تسلط مڪمل ٿئي.

ان کان پوءِ انهيءَ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجي گروه سنڌ جي هڪ ”شوئباءَ“ پٺي کي اقتدار ۾ رکي سنڌ کي هيٺيان نقصان پهچارايا آهن:

(۱) سنڌ کي ٻن زبانن جو صوبو تسليم ڪيو ويو آهي.

(۲) سنڌ ۾ مهاجرن جي اهڙي همت افزائي ڪئي ويئي آهي جو هاڻ هو سنڌ کي ورهائڻ جي تقاضا ڪري رهيا آهن.

(۳) سو ها قوم پرست سنڌين کي جيلن ۾ موڪليو ويو آهي.

(٤) مهاجر فسادين کي سنڌن نقصان ۾ پيسا ڀري ڏنا ويا آهن.

(۵) مهاجرن جي فساد ڪرڻ جي باوجود صدر ساري سنڌ ۾ گشت ڪري سنڌين کي ڏوهاري ٺهرائي هدايت ڪئي ته مهاجرن جو نالو نه وٺن. گشت پوري ٿيڻ بعد حيدرآباد ۾ مهاجرن سنڌس بيعزتي ڪئي ته به کين ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو ته کين معاف ڪن، جي کين پيو حيا نــ، پوي ته اهو خيال ڪن ته هو سنڌن مائٽ هو (کين به سنگ ڏنا هٿائين).

(٦) ٻيا شخصي شرط جي مهاجرن سان هن جا ڪيل ٻڌڻ ۾ اچن ٿا سي هيٺان آهن:

۱- ڪراچيءَ کي جدا صوبو بنايو ويندو.

۲- مهاجر ڪامورن کي مکيہ عهدن تي رکيو ويندو.

۳- مهاجر ڪامورن کي ۱۲ سال سنڌي نه سکڻ جي وڏيڪ ڇوٽ ڏني ويندي. انگريزن جي دور ۾ نون آيل آفيسرن لاءِ ۱۸ مهينن اندر سنڌي سکڻ لازمي هئي.

٤- بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي.

۵- سنڌين کي اردو لازمي سيکارڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي.

(٦) قوم پرست سنڌين جي جلسن تي پابندي وجهي ڪين جيل ۾ موڪليو وڃي ٿو پر مهاجرن کي پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ ڪا به منع نہ آهي.

(٧) مهاجرن جي صوبائي ۽ مرڪزي نوڪرين ۾ موجوده برتري ۽ اڪثريت کي بحال رکڻ جو واعدو ڪيل آهي.

(٨) ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو قبضو اردو دانن جي حوالي ڪري اردو زبان جي فروغ لاءِ ڪنب آئي سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي واڌاري جي راھ ۾ رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون.

(٩) سنڌي زميندارن کان زمينون کسي هارين کي ڏنيون وڃن ٿيون ليڪن سنڌي هندن جي ڇڏيل زمين، جا بي واجبي مهاجرن کي ڏني ويئي هئي انکي هٿ نہ ٿو لڳايو وڃي.

(١٠) سنڌ يونيورسٽيءَ کي مهاجر پاليسي مطابق هلائڻ لاءِ پنهنجي سرڪار مدد ڪندي.

(١١) بهترين سنڌي رٽائرڊ آفيسرن کي بہ نوڪري ۾ نہ رکيو ويندو پر مهاجر ۽ پنجابي رٽائرڊ آفيسرن کي پينشن کانپوءِ بہ نوڪريءَ ۾ رکڻ تي بندش نہ رهندي.

پنهنجي سرڪار جو تازو مهاجر پنجابي سامراجين جي خوش ڪرڻ لاءِ آئين پاس ڪرايو آهي، ان مان سنڌ کي هيٺيان نقصان پهتا آهن:

(١) ان آئين جي آڌار تي پنجاب جو اڪثريت وارو صوبو سنڌس تعداد، پيسي، ملٽري ۽ سول سروس جي گهٽائي ڪري سنڌ تي حاوي رهندو. اهو صوبہ سنڌ جي بيوسي تي حڪومت هلائيندو رهندو.

(٢) انهيءَ آئين جي آڌار تي سنڌ جي ڪمائي، ٽيڪسن، زمين، ڪارخانن، واپار ۽ نوڪرين تي ٻين صوبن جي رهاڪن جو استحصال رهندو.

(٣) انهي آئين جي آڌار تي نظريہ پاڪستان، اسلامي آئين ۽ مضبوط مرڪز جي ناليءَ ۾ سنڌي، مهاجر پنجابي سامراج جي ڪالوني تي رهندا.

(٥) انهي آئين جي آڌار تي ٻاهرين مئاسنا، واپار، بئنڪن، ريلوي، پوسٽ، ٽيليگراف، ريڊيو، ٽيليويزن، ڪاٽين ۽ اقتصادي ادارن تي مرڪزي حڪومت جو قبضو رهڻو آهي جنهن تي مهاجر پنجابي سامراج جو قبضو آهي ۽ رهڻو آهي.

(٦) انهيءَ آئين جي آڌار تي دفاع، خارجه معاملات ۽ ڪرنسي مرڪز جي حوالي هئڻ ڪري ملڪي سياست تي مهاجر پنجابي سامراج جي قبضي لاءِ حالات سازگار رهندا.

(٧) انهي آئين جي آڌار تي سنڌي قوم کي اقليت جو درجو ڏئي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ آباديءَ جي لحاظ سان نمائندگي ڏني ويئي آهي.

(٨) انهي آئين جي آڌار تي سنڌ کي مرڪزي حڪومت جي نوڪرين ۾ هڪ سيڪڙي کان وڌيڪ نوڪريون ملي نٿيون سگهنديون. حالانڪ مرڪزي حڪومت جا ٨٠ سيڪڙو ٽيڪس سنڌ مان وصول ٿين ٿا.

(٩) انهيءَ آئين جي آڌار تي سول سروس مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ رهڻ ڪري صوبائي خودمختياري بيڪار ٿي پوي ٿي.

(١٠) انهيءَ آئين جي آڌار تي پاڪستان جي جهوني ۽ ترقي يافته سنڌي زبان کي ريٽي پاڪستان کان ٻاهر جي اردو زبان کي قومي زبان بنايو ويو آهي.

(١١) انهي آئين جي آڌار تي ملڪ ۾ مذهب کي سياست سان گڏي انجي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي ٿي.

(١٢) انهي آئين جي آڌار تي پروارن ملڪن، ڀارت، بنگلا ديش ۽ افغانستان سان مخاصمت جي پاليسي چالو رهندي.

(١٣) انهيءَ آئين جي آڌار تي پين صوبن جي ماڻهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز جي ڇوٽ رهندي.

(١٤) انهي آئين جي آڌار تي سوشلزم جي بنياد تي ملڪ جو معيار

زندگي بلند ڪرڻ جي راھ ۾ رڪاوٽ رھندي.

هن وقت حڪومت پيپلس پارٽيءَ جي هٿ ۾ آهي، جماعت اسلامي نالي خاطر مخالفت ۾ آهي. هي ٻئي جماعتون امريڪن سامراج جي ايجنٽ طور ڪم ڪري رهيون آهن. اها امريڪي سامراج جي چال آهي جو هڪ کي حڪومت ۾ ۽ ٻئي کي مخالفت ۾ رکيو اٿن. پاليسي ٻنهي جماعتن جي مکيه مسئلن بابت ساڳي آهي.

نظريہ پاڪستان، اسلامي حڪومت جو ڍونگ، مضبوط مرڪز، ڀارت دشمني، امريڪن عهدنامن ۾ شرڪت، سنڌ جو استحصال، اردو زبان ۽ ڪلچر جي فروغ ۾ ٻئي شامل آهن.

پيپلس پارٽي ۾ ملڪ جا بداخلاق، ڪوڙا، ظالم ۽ استحصالي وڃي گڏ ٿيا آهن. سندن مکيه ڪردار مهاجر پنجابي سامراج جي دلالي ڪرڻ ۽ امريڪي سامراج جي پوٺلڳي آهي.

(١) اها ڳالھ ڪنهن کان لڪل نہ آهي تہ شخصي ۽ سياسي مخالفن کي پاڪستان جي بچاءَ جي قانون هيٺ سون جي تعداد ۾ جيلن ۾ موڪليو ويو آهي.

(٢) اها ڳالھ بہ گهٽ کان لڪل نہ آهي تہ شخصي ۽ سياسي مخالفن کي جيلن ۾ ڏنڀ ڏيڻ، پيشاب پيارڻ، ڪرفتي مڪارائڻ ۽ ٻيا عذاب ڏيڻ جو ڪم هي نام نهاد عوامي حڪومت ڪري رهي آهي.

(٣) اها ڳالھ بہ مخفي نہ آهي تہ عذابن جي خوف کان ڪي گهربل مخالف روپوش ٿي وڃن ٿا يا نٽا لين تہ انهن جي عزيزن کي يرغمال طور ٿاڻن تي بند ڪيو وڃي ٿو.

(٤) اها ڳالھ ڪنهنکان لڪل نہ آهي تہ اڪثر وزير ۽ انهن جا مکيه ڪارڪن شرابي، زاني، رشوت خور ۽ سمگلرس آهن.

(٥) اها ڳالھ بہ لڪل نہ آهي، تہ مکيہ پارٽيءَ عهديدارن کي رضامند ڪرڻ جو هڪ ذريعو رنون مهيا ڪرڻ، ۽ شراب ڪباب ميسر ڪرڻ آهي.

(٦) هن حڪومت سندس آقا مهاجرن کي رضامند ڪرڻ خاطر هڪ مڪيه پيپلس پارٽيءَ جي گورنر کي ڪڍي رسوائي ملڪ لياقت علي خان جي زال کي گورنر ڪري رکيو آهي.

(٧) انهي حڪومت جي پاليسيءَ جو ان مان پتو پوي ٿو ته هڪ طرف هنن مهاجرن جي رضامندي خاطر سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن کي جيلن ۾ وڌو آهي ۽ رسٽيڪيٽ ڪيو آهي ٻي طرف سنڌي گورنر جي ڪراچي يونيورسٽي ۾ مهاجر شاگردن طرفان سخت بي عزتي ٿيڻ ۽ وزير تعليم مسٽر پيرزادي کي جوتا لڳڻ جي باوجود نه ڪو شاگرد رسٽيڪيٽ ڪيو آهي نه جيل موڪليو آهي.

(٨) پيپلس پارٽيءَ جو ليڊر حد درجي جو ڪوڙو، ابن الوقت ۽ بداخلاق ماڻهو آهي. انهي ماڻهو جنرل ايوب خان کي راضي ڪرڻ لاءِ کيس لينن، ڪمال اتاترڪ، صلاح الدين ايوبي، ابراهيم لنڪن جو همسر بنايو ۽ شاه لطيف جي هٿان هار پارائڻ جو مستحق قرار ڏنو هو.

انهي ماڻهو جنرل يحيٰ ۽ ٻين جنرلن کي ١٧ جنوري ١٩٧١ع تي لاڙڪاڻي ۾ گهرائي مشورو ڏنو ته عوامي ليگ کي ملڪ جي حڪومت حوالي ۾ نه ڏجي، بينگالي جي مخالفت ڪن ته مٿن فوجي قدم کنيو وڃي.

انهي ماڻهو بينگال ۾ وڃي جنرل يحيٰ خان کان عوامي ليگ خلاف فوجي قدم کڻائي واپس اچڻ تي ڪراچيءَ ۾ چيو ته:

"شڪر خدا جو، جو بروقت قدم کڻي جنرل يحيٰ خان پاڪستان کي بچائي ورتو."

انهي ماڻهوءَ شمله ۾ وڃي ڀارت سان باهمي سمجهوتي سان فيصلا ڪيا، جيتوڻيڪ هو ذهني طرح صاف هو ته اهو صرف ڏوڪو ڪري وچايل ايراضي ملڪ جي وراثڻ لاءِ ائين ڪري رهيو هو. انهي ڪري مون سانس شمله ۾ گڏجي وڃڻ کان انڪار ڪيو هو.

اهڙين حالتن هيٺ جڏهن اسان ١٩٢٠ع کان بمبئي کان سنڌ کي جدا ڪرڻ جي تحريڪ تي نظر ڪري ان جو هن وقت جي

حالتن سان مقابلو ڪريون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته اسان سنڌ جي رهاڪن کي وڏيڪ نقصان پهتو آهي ۽ وڏيڪ غلاميءَ ۾ جڪڙيو ويو آهي.

(الف) انهي وقت منظم سازش ذريعي هندستان، پنجاب ۽ سرحد کان ڪثير تعداد ۾ ماڻهو گهرائي انهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز نه ڪيو ويو هو.

(ب) انهيءَ وقت سنڌ ۾ سنڌي ٻولي رائج هئي ۽ هر هڪ ٻاهرين نوڪري ڪندڙ لاءِ انجو سکڻ لازمي هو. هينئر وانگر سنڌ کي ٻن زبانن جو صوبو نه بنايو ويو هو.

(ت) انهي وقت جيڪڏهن هندو واپارين ۽ سرڪاري نوڪرن عوام جو استحصال ٿي ڪيو ته اهي پيسا به هتي خرچ ٿي ڪيا نه هينئر وانگر ڪروڙن جي تعداد ۾ ساليانه پيسا ٻاهر کڻي ويندا هئا.

(ث) انهيءَ وقت جا هندو ڏيساور تي وڃي ڪروڙن جي تعداد ۾ ٻاهران ڪمائي سنڌ ۾ خرچ ڪندا هئا.

(ج) انهيءَ وقت جا واپاري هڪ روپيه تي پيسو يا ٽڪو نفعو ڪمائيندا هئا. نه هن وقت جي واپارين وانگر روپئي تي روپيو نفعو ڪاڻيندا هئا.

(ح) انهي وقت جي هندن شاه لطيف، سچل سرمست، روحل فقير، شاه جهانيان وغيره جي درگاهن جي حاضري ڀري انهن جي ڪلامن جا شرح لکيا، سنڌي زبان ۾ ڪيئي ڪتاب لکي انکي مالا مال ڪيو نه هن وقت جي رهاڪن وانگر سنڌي زبان جي دشمني اختيار ڪئي هئي.

انهن حالتن کي مدنظر رکي اسان جو مثال ان تتر وارو ٿيو آهي جو پاڻکي باز کان بچائڻ لاءِ اچي هڪ فقير جي گوڏڙيءَ ۾ لڪو. جنهن تي فقير انکي بچاءُ ڏيڻ جي عيوض سور کڻو کڻڻ لڳو. انتي تتر چيس ته "مون ڄاتيو فقير، پر تون ته باز کان بچڙو آهين. هنن مهاجر پنجابي سامراجين اسان جي حالت نهايت ابتر بنائي آهي.

(١) اسان سمجهيو هو تہ پنهنجي ديـن ڀائين جي مدد وٺـڻ ڪري اسان هندو مستقل مفاد جي چنبي کان آزاد ٿينداسون پـر اسان کي ڪهڙي خبر تہ انڪري سورڳو اسان مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جا غلام ٿي وينداسون.

(٢) اسان سمجهيو هو تـہ پاڪستان بنجڻ بعد **دارالاسلام** قائم ٿي ملڪ ۾ محبت ۽ امن جـو دور دوره شروع ٿيندو. اسان کي ڪهڙي خبر تـہ پاڪستان بنجڻ بعد نفرت، نفاق ۽ استحصال جو راج قائم ٿيندو.

(٣) ابتدا ۾ جيڪي قتل غارت، خون خرابيون ٿيون هيون انهن کي انقلاب جـو لازمي نتيجو سمجهي صبر ۾ رهياسون اسان کـي ڪهڙي خبر تہ روز بروز ان ۾ حالتون خراب ٿينديون وينديون.

(٤) ٢٥ سالن جـي تجربـي بعد آءٌ هن نتيجي تـي پهتو آهيان تـہ هي ملڪ غلط بنيادن تـي برپا ٿيل هو. انجي درست ٿيڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونہ آهي، انجو علاج صرف ان کي ختم ڪري سنڌ کي آزاد ڪرڻ ۾ مضمر آهي. هن جو مثال مسجد ضرار جهڙو آهي، جنهن کي رسول اڪرم ڊاهرائڻ مفيد ڄاتو هو.

(٥) هنن سامراجين سنڌ جي مکيہ ڪلاس کي بي غيرت بنائي ڇڏيو آهي. پِڙي صاحب خوشامد ڪري ۽ سنگ ڏئي مهاجر پنجابي حاڪمن کي راضي ڪرڻ ۾ مشغول آهي. پير صاحب پاڳارو مهاجرن جي رضامندي خاطر لـکين بهاريـن کي سنڌ ۾ آٿائـي سنڌ جي اصلوڪن رهاڪـن کي اقليت ڪرڻ جي ڪڌي ڪم کان نٿو رهي.

سنڌين لاءِ ٻہ رستا رهيل آهن يا تہ بيدار ٿـي پاڪستان کي ڊاهي آزاد سنڌ جي حڪومت ٺاهين. يـا ريڊانڊين وانـگر ختم ٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿين. اسان جي دانهون ڪريون ٿا تـہ ان جي پاداش ۾ سزا ڏني وڃي ٿي.

مرغ بسمل مت رو يہاں آنسوں بہانا ہے منع،
اس قفس کے قيديوں کو آب و دانہ ہے منع.

هاڻ تہ آءٌ ان حالت کي پهتو آهيان جو رات جو اٿي خدا کان روزانو هي دعا گهران ٿو تہ:

ياخدا پاڪستان جي ظلم، استبداد ۽ غلاميءَ کان سنڌين کي آزاد ڪر.

ياخدا مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ايجاد ڪرده نظريہ پاڪستان مان سنڌين جي جان آزاد ڪرائي منجهن سنڌي قوميت جو جذبو پيدا ڪر.

ياخدا هن فسطائي نظريہ اسلام جو نفرت جو مخزن آهي مان اسان کي آزاد ڪرائي راهہ راست تي هلاءِ.

پاڪستان، نظريہ پاڪستان، مهاجر پنجابي تشريح واري اسلام کي آءٌ سنڌ لاءِ زهر قاتل ٿو سمجهان ۽ انشاءَالله باقي زندگي ان جي پاڙ پٽڻ ۾ صرف ڪندس.

مجازي عشق جي ارتقا

مري جي تہ ماڻهين جانب جو جمال،
ٿيين هوند حلال جي پند اهائي پارئين. (شاھ)

اڳي ٻڌائي آيو آهيان تہ مجازي مڪتب ۾ منهنجا ٽي استاد يا ائين ڪٽي چئجي تہ سفر مجاز ۾ ٽي رهبر ساٿي هئا. جن کي (م) (س) ۽ (ت) جي نشانن سان منسوب ڪيو اٿم.

(م) مونکي مرشد وانگي رهنمائي ڪري حقيقت منتظر کي لباس مجاز سان منهن مقابل ڪيو.

(س) مونکي سهارو بنجي زندگيءَ جي ڪاروبار کان علحده ٿيڻ يا رهبانيت اختيار ڪرڻ کان بچائي ورتو.

(ت) مونکي مجاز جي فاني هئڻ جو مثال پيش ڪري لاڳاپن لاهڻ ۽ تياڳ جو سبق سيکارڻ سان روشناس ڪيو.

پوئين الميہ بعد شخصي مجاز سون تان سندس پنڌڻ جو چارو وڃائي ويٺو هو.

ڪجهه وقت اها جاءِ خالي رهي جيسين تائين منهنجي محبت نئون جنم ورتو ۽ اڳي ان محبت جو قسم سومل رائي جي پيار جو هو. هاڻ ان صورت بدلائي مارئي جي ملير ۽ مارن جي پريم جي شڪل اختيار ڪئي هئي.

منهنجي محبت افراد جي عيوض هاڻ سنڌ ۽ سنڌين جي صورت ورتي. اها محبت نيم مجازي ۽ نيم حقيقي قسم جي هئي. ان راهه ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ رهبري ڪرڻ لاءِ هيٺيان ماڻهو مونکي مددگار ثابت ٿيا.

(١) شاهه عبداللطيف ڀٽائي، (٢) مولانا روم عليه رحمت، (٣) علامه آءِ - آءِ - قاضي، (٤) مولانا عبيدالله سنڌي، (٥) هشوڪيولراماڻي (٦) دادا چيتمل پرسرام، (٧) (س) دوست.

هيٺ آءٌ مذڪور بالا اصحاب کان پرايل سبقن جو مختصر ذڪر ڪندس:

(١) شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه

رسالي شاهه لطيف جي سرمارئي ۾ حب الوطني جو ذڪر اڳي پڙهيو هوم. ازانسواءِ ١٩٣٠ع ۾ خواب ۾ سندس ڪيل تلقين ته "توڪي خداشناسي جي راهه ۾ حب الوطني، مذهبي رواداري ۽ سماجي ڀلائي جا ڪم گهڻو مدد ڏئي سگهندا. جنهن لاءِ پهرين سنڌ جي محبت ۾ مستغرق رهڻو هو"، ياد هئي.

پر جڏهن شاهه جي شارحن کان حب الوطني جي معنيٰ پڇندو هوس ته اڪثر ان جي معنيٰ روحاني ٻڌائيندا هئا. جي شاهه صاحب جنهن وطن جو ذڪر ڪيو آهي اهو وطن عالم ارواح جو هو. جتان جدا ٿي ماڻهو عارضي وقت لاءِ هتي آيل هو ان ڪري ان اصلي وطن جي حب رکڻ ضروري هئي. سندن چوڻ هو ته شاهه جو اصل وطن مان مقصد روحاني وطن هو.

شاهه صاحب رڳو استعارن ۾ ملير ۽ مارن جو نالو ورتو آهي. ليڪن جڏهن مون ڪي هن پوئين دور جي تجربي بعد وحدت الوجود

جي فلسفي جي تُوري گهٽي سمجهه اچڻ لڳي ته آهستي تي پتو پوڻ لڳو ته ظاهري وطن ۽ باطني وطن جدا نه هئا بلڪ هڪ تصوير جا ٻه پهلو هئا. روح ۽ جسم جدا حقيقتون نه هيون بلڪ هڪ ئي مسئلي جون ٻه سمجهاڻيون هيون.

ڪجهه ڪجهه ان ڳالهه جو پتو اڳي هوم پنهنجي ڪتاب پيغام لطيف ۾ ٢٢ سال اڳي هيٺين طرح خيالن جو اظهار ڪيو هوم.

"شاه صاحب جي ڪلام ۾ مارئي جي سر اندر حب‌الوطني، عوام جي محبت، آزاديءَ جي تمنا، قديم روايات کي برقرار رکڻ، ڌارين جي لالچن کان پرهيز ڪرڻ، غير جي ڏاڍائي اڳيان سر نه نمائڻ، جا جذبات پريا پيا آهن.

جيڪڏهن ان جي سياسي معنيٰ وٺبي ته مارئي کي محب وطن عمر کي ظالم حاڪم، عمر ڪوٽ کي غلاميءَ جي زندگي ۽ ملير کي آزاديءَ جي دنيا سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي.

شاه صاحب مارو سنڌي عوام کي سمجهي ٿو ۽ ملير مان سندس مراد "آزاد سنڌ" آهي. ملير طرف مينهن وسڻ مان سندن مقصد ان جي ترقي جي اميد جو پيدا ٿيڻ آهي. هن کي سنڌ جي بدوياڻه تهذيب تي فخر آهي. ان ڪري سنڌين کي چوي ٿو ته ٻين جي محلاتن، پلنگن، سيجن، نرم وهاڻن، زري ۽ زربفت جي ڪپڙن، طرح طرح جي طعامن، عطرن، عبيرن وغيره کان پنهنجون جهوپڙيون، کٿا، لوبون، ڏٿ ۽ پيرون هزار دفعا بهتر آهن.

سنڌي عوام (مارن) سان گڏ زندگي گذارڻ، لوئيءَ جي لڄ رکڻ عمر جي ڏاڍائي اڳيان سر نه نمائڻ، بند ۾ خوشي نه ملهائڻ، آزادي مائڻ کان اڳ بند ۾ مرڻ کان پناهه گهرڻ، ڪوٽن جي ڪڙن ۽ زنجيرن جي ٽٽڻ جي آس رکڻ هن سر جا خاص جزا آهن. سنڌين لاءِ شاه چوي ٿو ته:

چئي ڪن فيڪون، جڏهن خلقيا روح خدا،
ڳڏ جت ڳنڍران هو، جڙ لڳي تنهن جاءِ،
مون تون هين سين آهه، اها ساڃاهه سپرين.

(شاهه)

شاهه کي سنڌين (مارن) لاءِ ڏاڍي محبت آهي انهن سان آزادي ۾ زندگي گذارڻ، پنهنجي وس ڪان ٻاهر ڏسي رت روئي چوي ٿو ته

ري اعرابين هت گهنگهر گهارڻ مون ٿيو،
بقت‌المينين فـي دمـا پچـان سان پـرت،
مـن اکيون تـن تت، جتي جنم جيـڏئين.

سنڌ وطن سان جا ڪيس محبت آهي ان جو پتو سندس هيٺين بيت مان پوي ٿو:

پهي ۽ سک، پيرن کيهه، ڪونيهن نيا پو ماروئين،
ات اڪيـندي آهيـان، تـن آتـن تـن ڏيهه،
سندي جـا سـاٿيهه، کيه ڪتـوري پـانئيـان.

پنهنجـي وطني پـاڙن جـي محبت ۽ پيار کـي ههڙي طرح ادا ڪري ٿو:

ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر مـاروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئي لاڪ،
عمر ڪريو آڪ، پهريو ٿي پن چران.

سنڌين جي بدويانه تهذيب، سندن خانه بدوش زنـدگي، جهنگلن ۽ برن ۾ رهڻ کي فخر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ انهي کي عيب سمجهي شرمائجي نٿو.

اسين ٿئـان آئيون جـت کهنبو نـاهه،
جي وڃون ڪنهن وهان‌ته پڻ مٿهون لوئيون.

آئيـن ۽ چـاڙهين، ڏت ڏيهائـي سومـرا،
ستا ڪيو سيد چوي، سـائـون سڪائين،
پلاهه نـه پـاڙيـن، عمـر آراڙي سين.

هڪ جاءِ تي چئي ٿو ته اگرچ، مسڪيني ۽ غلاميءَ جي زندگي سنڌين جو حال هيٺو ڪري ڇڏيو آهي پر هنن جو ست ايڏو آهي جو آزاديءَ جي آسري تي ڪيڏي به قيمت تي پنهنجي روايات نه وساريندا.

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪاڻ ڪيام،
جا ڏٺ ڏڪيام، تنهنجو پرور پن رهائين.

سنڌي عوام جي غربت ۽ غلامي جي قيد ڪي ڏسي ارمان ٿيئس ٿو پر دل مضبوط ڪري کين دلاسو ۽ ڏڍ ڏيئي چوي ٿو ته پنهنجي روايات کي نه وسارجو ڏکيا ڏينهن جلد گذري ويندا. آخر آزادي ۽ ترقي نصيب ٿيندي.

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾ لوئي هڏ م لاهه،
ڪامڻ اوهان جي ڪر جي اي آڏ وڏائي آهه،
ستي سيل نباهه ملير ويندين مارئي.

سنڌين جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن هوندي به سنڌن ست ۽ همت جو هيئين طرح ذڪر ڪري ٿو:

زيرين پيڙين لوهه ۾ ڳتن ڪيس ڳاهه،
سنڪي سنڌي سومري هڏ نه چاڙهيم ماهه،
سرتيون دعا ڪجاهه، ته پرم پاروڙيءَ رهي.

ملڪي حاڪم ۽ سنڌن حواري حڪمران طبقا جڏهن ملڪ جي سموري پيداوار تي قبضو ڪري رنگ رليون ۽ خوشيون ملهائين ٿا ته ان حالت ۾ شاهه چوي ٿو ته جيستائين اسان آزاد نه ٿيا آهيون ان وقت تائين خوشيون نه ملهائينداسون.

عمر اڇا ڪپڙا ڪانڊياريون ڪيئن ڪن،
جنهين جاتن ۾ ورتا ويڻ سهن،
هوءَ جي حق پچن، سي ڪيئن ستيون سومرا،

آئون ڪيئن سوڙهين سمهان، مون ور گهاري ولهه،
ڪتيري تان ڪل، عمر ڪج نه اهڙي.

غلاميءَ جي زندگيءَ جو ذڪر هيئين طرح ڪري ٿو:

سونهن وڃايم سومرا ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم جت هلڻ ناهه حسن ري.

حڪمران طبقه ۽ ڌارين جي ساز سامان، حڪومت جي دٻدٻي، علم ۽ عقل ڪي ڏسي جي ماڻهو عارضي نفعي خاطر پنهنجي روايات کي ڇڏي اندي تقليد ڪن ٿا ۽ ملڪي معاملات ۾ غداري ڪن ٿا تن کي چوي ٿو ته:

هي منهن ڏيئي ٻن، تون وهه ڪائـي نه مرين،
تان جي ملير ڇائيون، تو سين سگ نه ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، ٻاڻ ڪوٺائين مارئي.

وري ڪنهن وقت وجد ۾ اچي دعا گهري ٿو ته خدا ڪري اهو ڏينهن نه ٿئي جو ملڪ ۽ قوم کي غير جي غلامي کان آزاد ۽ مسڪيني جي حالت کان ٻاهر ڏسڻ کان اڳ مري وڃي.

الله ائين م هوءِ جيئن آءٌ مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾ راتو ڏينهان روءِ،
ٻهرين وڃان لوءِ پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

ڪڏهن سنڌين جي ملڪي مسئلن طرف ڪم توجهي ڏسي چوي ٿو ته انهن ۾ قومي احساس هجي ها ته غلامي گهڻو وقت ڪانه رهي سگهي ها. ۽ کيس ايتري اذيت نه ٿئي ها.

جي ڪر لڌائون ته بنديءَ بند نه ساريو،
ماروئڙن آءٌ جيڪس ويس وسري.

ڌاريان جڏهن کيس طعنا ڏيئي چون ٿا ته سنڌي جاهل، بزدل ۽ اڻ سڌريل آهن ته کين چوي ٿو ته:

جيها جـي تيهـا ســون ســارو مجيـا،
سون جيڏيون ملير ۾ چونڊين سوڪ مها،
منهنجي آسا ها ڪيڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي.

مطلب ته شاه صاحب حب الوطني کي ايمان جو جزو ۽ مذهب جو جوهر سمجهي ٿو."

(٢) مولانا جلال الدين رومي عليه

ٻيو بزرگ جنهن ماڻهن جو توجهه پنهنجي اصل طرف ڇڪائي نڙ جي واتان پنهنجي وطن "نيستان" (نڙلي) کان جدا ٿيڻ بعد هن ۾ جو سوز فراق پيدا ٿيو آهي ان جو ذڪر هيٺين طرح ڪيو آهي.

بشنوازني چون حکايت مي کند،
وز جدا ئيها شـکايت مـي کند،
کـز نيستان تـا مرا ببريده انـد،
از نـغيـرم وزن نـاليده انـد،
سينه خواهم شرح شرح از فـراق،
تـابـگويم شـرح درد اشـتياق،
هر کسي کو در ماند از اصل خويش،
باز جو يد روزگال وصل خويش.

معنيٰ - مولوي دين محمد اديب:

ٻڌ تـه نـڙ ڪهڙي ٿـو دانهن ڪري،
۽ جـداين جـي شڪايت ٿـو ڪري،
مونـکي ٻوڙي مان جڏهين ڪپيو اٿن،
منهنجي دانهن کان روئن ٿا مـرد زن،
دل وچـوڙي کان هجي جا چـور چـور،
سڪ سـنـدا ان کي ٻسايان سـوز سور،
اصـل پنهنجي کان ٿئي جيڪو پـري،
وصل لئي سو ٿـو وري ڪوشش ڪري.

مولانا مذڪور بالا سطور ۾ پنهنجي اصل ڪان جدائي جي شڪايت ڪري ساري مثنوي ۾ محبت جو ذڪر ڪري ٻڌندڙن کي اصل جي باريابيءَ لاءِ صلاح ڏني ٿو. مولانا نڙ ذريعي پنهنجي نڙلي واري دنيا مان ڪٽجي اچڻ جو احوال ڪري ٿو ۽ شاه صاحب مارئيءَ جي واتان ملير ۽ مارن کي ملڻ جي خواهش جو اظهار ڪري ٿو:

هن پڻ پنهنجا ساريا، ڄي هنجهون هڏن لئي هاري.

جيتوڻيڪ مارئي هڪ گهر جو فرد هئي، پر هن کي گهر سان گڏ ملير ۽ مائٽن سان گڏ مارو ياد هئا. اهڙيءَ طرح نڙ به هڪ تيلي مان ڪپيو هوندو. پر هتي مولانا نڙ ڪان سڄي نيستان (نڙلي) جي ياد جو ذڪر ڪرائي ٿو.

انسان ٻن جزن جو مرڪب آهي. هڪ ماده ٻيو روح، يعني ماده ۽ جوهر. پهرئين کي مجاز جي نالي سان سڏين ٿا، ٻئي کي حقيقت. ليڪن ٻنهي جو تعلق هڪٻئي سان اهڙو گهاٽو آهي، جو مولانا ان بابت فرمائي ٿو ته:

سر من از نالهٔ من دور نیست، لیک چشم و گوش را آن نور نیست،
تن زجان و جان ز تن مستور نیست، لیک کس را دیده جان دستور نیست.

معنيٰ – مولوي اديب:

راز منهنجو دانهن کان دور ناهه، ڪن ۽ اک کي سمجهه جو پر نور ناهه،
جان کان بت ۽ بت کان جان دور ناهه، پر ڏسڻ جو عام کي دستور ناهه.

هتي وري وحدت الشهود ۽ وحدت الوجود جو تفاوت معلوم ڪرڻو پوندو. روح ۽ ماده کي جدا وجود ڄاڻڻ شهود آهي ۽ ٻنهي کي هڪ شيءِ جا ٻه پاسا سمجهڻ وجود آهي. جيڪڏهن روح جو وطن ٿي سگهي ٿو ته جسم جو به وطن ٿئي ٿو. روح جو وطن ڪي صوفياءِ ڪرام ڪٿي عالم الارواح ٻڌائين، ذات حق قرار ڏين يا بحر محيط سان تشبيه ڏين ته به ان جو ظهورو جسم ۾ ٿئي ٿو. جيڪڏهن روح جي آزادي صرف جسم کان جدائي ۾ هجي ها ته اها خودڪشي

ذريعي ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي. پر خودڪشي کي وڏو گناهہ ٺهرايو ويو آهي. اصل مقصد روح جي وطن سان ملڻ جو تڏهن حاصل ٿي سگهي ٿو، جڏهن جسم کي پنهنجي تجربي سان مالامال ڪري فرض ادائي پوري ڪري جسم ۾ رهڻ وقت هن کي جسم جي وطن جو به لحاظ رکڻو آهي. روح کي جيستائين جسم جي وطن لاءِ ڪشش پيدا نه ٿي آهي ان وقت تائين هن جو ايمان ئي ڪامل نٿو ٿئي.

فرد جي سڄاڻپ قوم سان ٿئي ٿي ۽ قوم جي سڄاڻپ وطن سان ٿيندي آهي. ان ڪري مولانا صاحب جي ساري فلسفہ محبت جو مرڪز وري وطن ئي وڃي بيهندو.

رسول مقبول صلعم جي حديث "حب الوطن من الايمان" رومي جو مرڪزي لفظ آهي. انهن ٻنهي بزرگن جي تعليم اڳ ۾ منهنجي دل ۾ وطن سنڌ جي حب پيدا ڪئي هئي. ليڪن عشق جو دستور آهي ته ان ۾ ٻن شين جي محبت هڪ وقت رهي نه سگهندي آهي. جهڙيءَ طرح ٻه ترارون هڪ مياڻ ۾ نه ماپي سگهنديون آهن.

ان ڪري پاڪستان نظريہ يا چئجي ته اسلام جي محبت ۾ ڦاسڻ ڪري ان حقيقي طرف کان غافل رهيس. جيستائين مجاز جي ابتدائي مرحلہ جو تجربو پئي ڪيم ٻئي طرف نگاهه نه ڪري سگهيس. پر هاڻ سمجهان ٿو انهيءَ تجربي جي ضرورت هئي جو ان کان سواءِ وطن جي محبت جي صحيح شناخت نه ٿي سگهي ها.

جيڪڏهن (م) جي محبت، وصال ۽ فراق جا سبق سيکاري دلي تعلق ۽ انهن کان دوريءَ جي مختلف پهلن کان واقف نه ڪري ها ته تجربو ئي نه ٿئي ها.

اڳي آءٌ چئي آيو آهيان ته اڳتي هلي مونکي معلوم ٿيو هو ته فراق ۽ وصال ٻئي دلي لاڳاپي ۽ ڪشش جا درجا هئڻ ڪري ساڳي ڳالهہ هئا.

اڳتي ترقي ڪرڻ لاءِ مونکي انهن ٻنهي جي اثرن کان آزاد ٿيڻ جي ضرورت هئي. اها ضرورت منهنجي (ت) جي اوچتي انتقال پوري

ڪئي، جنهن مونکي دنيا جي جملي تعلقن جن ۾ دلي ڪشش به اچي ٿي ويئي، کي ترڪ يا تياڳ ڪرڻ جو سبق سيکاريو. اهو مجاز جي شخصي عشق ۾ فنا جو درجو هو. پر فنائون به ڪيتريون ٽين ٽيون هي پهرين هئي.

(۳) علامہ آء۔ آء۔ قاضي

هن صاحب جي تعليم مونکي سنڌ جو دنيا ۾ مقام، ان جي رهاڪن جي مشن ۽ ان جي سرانجاميءَ جي اهميت کان واقف ڪيو. آل انڊيا مسلم ليگ منعقده ڪراچي ۱۹۴۳ع ۾ مون سندس هدايتن موجب پنهنجي استقباليہ ڪميٽيءَ جي صدارتي خطبي ۾ هيٺينءَ طرح خيالن جو اظهار ڪيو.

”دوستو- فطرت زمين سنڌ جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو ۽ اسان کي اميد آهي ته ان جو مستقبل به اهڙو ئي روشن ٿيندو. ڪيترين ڳالهين ڪري هن زمين جي تاريخ بينظير پئي رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي ۽ ٻين آثار قديمہ مان ملي سگهي ٿي. هيءَ ئي سرزمين آهي جتي دنيا جا ڪيئي نسل ملي جلي هڪ ٿي ويا.

دراوڙ، آريا، سامي، منگول نسلن جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي لهبا. نہ صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو ليڪن مختلف مذهبن ۽ انهن جي فلسفن جو هڪٻئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ جهڙو هتي ٿيو اهڙو ٻيءَ جاءِ تي چٽو ٿيو هوندو.

ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندوستان ۾ پيدا ٿيو ليڪن اهو وڌيو ويجهيو هن سرزمين تي. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم ٻڌ جو نفيءَ وارو سبق اجا نہ وساريو هو. جڏهن اسلام هن سرزمين ۾ پير پاتو ته ٻڌ ڌرم اجا مروج هو. اسلام صرف اڳين تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو.

ويدانت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوڳي تي اثر وڌو ۽ بت پرستيءَ کي گهٽايو ته ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي

تصوف جو جزو بنايو. هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرو نانڪ جي سکيا انهيءَ ميل جول جو نچوڙ، مکيه مثال ۽ نتيجو آهي.

مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاه عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي اتحاد جو پرچار ڪري مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت، رواداري پيدا ڪئي. جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو.

قدرت هن ملڪ کي واپار جي ذريعي دنيا جي گهڻي حصي سان ڳنڍي ڇڏيو هو. سرسري نظر وجهڻ سان هتي بابل، مصر، ايران، يونان، عرب ۽ افغانستان جا سياسي ۽ ڪلچرل اثر نمايان صورت ۾ نظر اچي سگهندا.

سون هن زمين جي قديم شان شوڪت جو ذڪر معزز مهمانن جي حافظي تازي ڪرڻ جي ارادي سان ڪيو آهي. ليڪن منهنجو اصل مقصد هن سرزمين جي روشن مستقبل بابت چند تجويزون ڏيڻ جو آهي.

انسانذات ابتدائي زماني کان وٺي مختلف ارتقائي دور طي ڪندي پنهنجي آخري مقصد انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي.

مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي، اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوشش ان مقصد کي پهچڻ لاءِ جدا جدا طريقن جو ڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق ان ارتقائي جدوجهد جي مثالن سان ڀرپور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍن ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. توري وقت گذرڻ بعد اهي ڪٽنب وڌي ويجهي قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر ۾ اهي قبيلا قومون بنيا.

ماڻهن جي وچ ۾ باهمي ميلاپ ۽ اتفاق جا مختلف بنياد پئي رهيا آهن. جاءِ رهائش، زبان، ڪلچر، خيالات انهن مان مکيه آهن.

عرب جي زمين مان پيدا ٿيل آواز خيالات جي بنياد تي انساني اتحاد جي تعمير ۾ نئون روح ڦوڪيو، انهيءَ ڪري ماڻهن مان رنگ،

نسل، جاءِ رهائش، زبان وغيره پنهنجي طاقت وڃائڻ لڳا. جيتوڻيڪ ابتدائي جوش ۾ اهو آواز دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيو. ليڪن ٿوري وقت گذرڻ بعد ماڻهو ساڳي مادي طريقن طرف موٽڻ لڳا. عالمگير برادري ۾ اتحاد جي شروعات ٿي چڪي آهي، ليڪن جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي، مذهبي نظرين جي اختلاف مٽائڻ لاءِ حل ڳولي نه ڪڍيو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي امن ۽ اتحاد ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي. انهي حل ڳولي لهڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ ذهني تربيت جي حاصلات لازمي شرط آهي. انهي مشن جي سرانجامي لاءِ سنڌ ديش جا رهاڪو زياده موزون آهن. تاريخي دفتر ان جا گواهه آهن ته ڪيئن نه هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن.

دنيا جي نئي تعمير لاءِ جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويچا مٽجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن. سرزمين سنڌ ڪي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي.

مونکي هن انڌوڪار جي زماني ۾ ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. هن جسماني ولوڙ بعد ذهني مکڻ هٿان ئي نڪرڻو آهي.

سنڌ جا رهاڪو نه صرف هندستان جي اتحاد جا طالبو آهن پر هو اتحاد عالم ۾ اعتقاد رکندڙ آهن. پر انهي جي حصول جي لاءِ عارضي ۽ مصنوعي طريقا ڪتب آڻڻ بدران باهمي سمجهوته، تاريخي حالات ۽ ضروريات پٽاندر اختيار ڪرڻا آهن.

هي تعليم هئي جا مونکي علامه صاحب کان حاصل ٿي.

مولانا عبيدالله سنڌي

مولانا صاحب نه صرف وڏو عالم، سياسي مفڪر ۽ سياح هو ليڪن هو اهل دل ۽ روحانيت جو مالڪ به هو.

سر زمين هند ۾ هي ئي سياسي مفڪر هو جنهن مسلمانن جي جداگانه قوم جي نظريه ۽ هندوستانين جي واحد قوم جي نظرين جي مخالفت ڪري جديد نظريه قوميت مطابق جاگرافيائي وطن، زبان،

ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفادجي بنياد تي سنڌين لاءِ جدا گانہ قوميت جو نظريو پيش ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ:

هندستاني مسلمانن جي ذهن تي سنڌن ”شخصيت“ بنسبت هڪ وهمي تصور ويٺل آهي، جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونہ آهي.

اسان ڪنهن زماني کان وٺي اهڙي اسلامي جماعت ۽ قوم جو نالو وٺي رهيا آهيون جنهن بابت نہ اسان جي ذهن ۾ ڪو صحيح نقشو موجود آهي نہ اها دنيا ۾ ڪٿي وجود ۾ آهي. اسان پاڻ کي هڪ اهڙي خيالي دنيا ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي جو نہ رڳو اسان ٻين مسلم ملڪن جي آزاديءَ ۽ ترقي لاءِ جدوجهد جي تاريخ کان غير واقف رهجي ويا آهيون. پر خود پنهنجي ملڪ ۾ اسانجي سامهون ڪو مقرر ڪيل عملي نظريو موجود نہ آهي.

هن کي پتو هو تہ سنڌ هڪ جدا قوم جو ملڪ هو. ان کي مستقبل ۾ اتحاد انساني ۽ امن عالم لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪرڻو هو. ان ڪري ئي هن پاڻ کي **باوجود پنجابي هئڻ جي سنڌي سڏايو.** سنڌي مرشد ورتو. سنڌ ۾ پنهنجو دارالحڪمت قائم ڪرڻ گهريو. پر حالتن جي سازگار نہ هئڻ ڪري اهو ڪم وچ ۾ رهجي ويو. مولانا سان منهنجون ڪيئي ملاقاتون ٿيون پر ان وقت مسلم ليگ جي جنون ڪري سندن خيالن مون تي اثر نہ ڪيو. ليڪن تجربي بعد سمجهہ اچڻ کانپوءِ سندس نتيجي فڪر جي پوئلڳي ڪري رهيو آهيان.

هرچہ کند دانا کند نادان ليک بعد از خواريءِ بسيار

هشو ڪيولراماڻي

هي نوجوان پهريون سنڌي هو جنهن جديد نقطہ نگاہ کان سنڌين جي جدا گانہ قوم ۽ سنڌ جي آزادي ۽ خود مختياري بابت سوچڻ شروع ڪيو هو. سندس صحبت مونتي گهڻو اثر ڪيو. مون جڏهين پاڪستان جي عوامي جماعت ٺاهڻ لاءِ سياسي ڪارڪنن جي ڪنوينشن ٨-٩-١٠ مئي ١٩٤٨ع تي ڪراچيءَ ۾ خان عبدالغفار خان

جي صدارت هيٺ مسلم ڪالوني ڪراچي ۾ سڏائي هئي ته ابتدائي تقرير ۾، هشو ڪيولراماڻي جي اثر هيٺ جا تقرير ڪئي هئي، ان جا ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو.

سنڌو ديش ۾ ان جو مکيه شهر ڪراچي پاڪستان جي نوزائيده رياست ۾ مکيه جڳهه والاري ٿو. هي ئي اها جاءِ آهي جتي پاڪستان ۾ رهندڙ مختلف ماڻهن جي قسمت جا فيصلا ٿيندا آهن. انهي ئي جاءِ تان عوام جو آواز پوري زور سان ظاهر ٿيڻ گهرجي. جيئن نئين آئين تاهڻ وقت سندن موجوده حالت ۾ مستقبل ۾ ايندڙ نسلن لاءِ انصاف ۽ جمهوري مساوات جو خيال رکيو وڃي.

دوستو: سنڌين جون بي نظير تاريخي روايتون رهيون آهن تنهنڪري اها سندن فطري خواهش هئڻ گهرجي ته هو سندن مستقبل جي روشن ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن خصوصاً ان حالت ۾ جڏهين ان بابت ڪين **خطري جا آثار** نظر اچي رهيا هجن.

پوءِ سنڌين جي ماضي جو ذڪر ڪندي چيو هوم ته:

قومن جي قديم ورثن ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ڪوششن ڪان انڪار ڪرڻ تاريخي حقيقتن ڪان انڪار ٿيندو......

نئي پاڪستاني رياست ۾ سنڌي، پٺاڻ، بلوچ، پنجابي ۽ بينگالي متي ذڪرڪيل بنيادن تي **جدا قومون آهن**......

ڪابه مرڪزي حڪومت ملڪ کي مضبوط ڪري ترقي وٺائي نه سگهندي جنهن جا وفاقي حصا سدائين مرڪزي حڪومت تي قابض ٽولي جي دست درازين ڪان نالان ۽ ظلم ڪان بچڻ لاءِ ڪشمڪش ۾ مشغول هوندا.

اها هڪ وڏي تاريخي دوکيبازي ٿيندي جيڪڏهين مسلم ليگ طاقت ۾ اچڻ بعد پنهن جا وعدا ۽ نهراءُ وساري پاڪستان ۾ سنڌ کي باهران آيل لوٽو ٽولن ۽ وڏن ماڻهن جي چراگاه طور ڪتب آڻي.

اها ڳالهه تسلي بخش نٿي ٿي سگهي ته هندن جي طبقاتي غلامي مان نڪري مسلم طبقن جي غلامي هيٺ وڃجي. غلامي نيٺ غلامي

آهي پوءِ اها ڪنهن جي ٻه هجي. "اهو هرهڪ قوم جي جنم جو حق ٿئي ٿو ته انهي بند ڪان آزاد ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪري.

هي نوجوان پاڪستان سرڪار جي ظلم ڪان لڏي پارت هليو ويو. شايد ڪي ماڻهو چون ته هي نوجوان پاڪستان قائم ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌين جي جدا گانه قوميت ۽ آزادي جو قائل ٿيو هو پر ائين نه آهي. هي اول ڪان وٺي ان راءِ جو هو. سنه ١٩٥٦ع ۾ منهن جو لنڊن وڃڻ ٿيو. جتي هڪ تقريب ۾ مسٽر ڪرشنامينن سان منهن جو ملڻ ٿيو. هن ۾ هشو ڪيولراماڻي ملڪ جي آزاديءَ ڪان اڳ گڏجي لنڊن ۾ ڪم ڪيو هو. جڏهن مون ڪيس اهو حوالو ڏنو ته تنزيه طور چيائين ته: "هشو اهو نوجوان آهي جو سنڌين کي جدا قوم سمجهندو هو". اسان تي نزديڪيءَ ۾ گهٽيون ٿوڪون ٿيون آهن. سردار پٽيل "سنڌ کي ننڍو صوبو ۽ ننڍي دماغ" سان سڏيو هو. نوابزاده لياقت علي خان: سنڌين کي گڏهن هڪلڻ ۽ انن ڪاهڻ وارا ماڻهو سڏيو هو، هاٺوڪي حاڪمن کي "سنڌو ديش" جي نالي وٺڻ تي باهه وٺيو وڃي. شايد ڪين اهو پتو نه آهي ته مون سنه ١٩٤٣ع جي آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس وقت استقباليه ڪميٽي جي خطبه صدارت ۾ سندن آقا جناح صاحب جي موجودگيءَ ۾ "سنڌو ديش" جو نالو ورتو هو جنهن جو حوالو اڳي ڏئي آيو آهيان ۽ مٿي ذڪر ڪيل عوامي جماعت اڳيان ڪيل تقرير ۾ به ساڳي ڳالهه دهرائي اٿم انهي وقت جناح صاحب حيات هو.

دادا چيتمل پرسرام

هي صاحب سنڌ جو صوفي منش بزرگ هو. هي سنڌس سنڌ جي محبت ڪان مشهور هو. جڏهين سنڌ جي ڪيترن هندن طرفان سنڌ جي بمبئي ڪان جدائي جي مخالفت هلي رهي هئي ته به هي صاحب ڪليو ڪلايو سنڌ جي جدائي جي فائدي ۾ هو.

هي سر زمين سنڌ جي دنيا کي اتحاد ۽ امن جي پيغام ڏيڻ جو قائل هو. هي ٻڌ ڌرم، جين مت، ڪرشچنٽي، ويدانت، سک پنٿ

۽ اسلام جو ڇاڻو هو. هن ڪي انهي ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت نظر آيو جنهنڪري هن جو تڪيه ڪلام روحل فقير جو هي بيت هوندو هو.

هڪ هندو ٻيا مسلمان ٽيون وچ وڏائون وير
انڊن اونڊهه نه، لهي تن ڪي سچ چوندو ڪير
روحل راهه پرين جي گهمي ڏٺوسون گهيڙ
رب مڙني ۾ هيڪڙو تنهن ۾ ڦند نه ڦير.

هي اعليٰ درجي جو ٿياسافسٽ هو چوندو هو ته "مان مسزا ينتي بيسنٽ جو چوڻ هو ته مستقبل ۾ سنڌ ڪي اتحاد ۽ امن عالم جو امباڊسر (سفير) ٿي ڪم ڪرڻو هو". هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هي صاحب سن ۾ درياه جي ڪپر تي منهن جي ٿلهي واري ڇپر تي صبوح جو درياء سنڌ مان سج ايرڻ جو نظارو ڏسي موج ۾ اچي ويو هو ۽ شاه صاحب جو هي بيت پڙهي رهيو هو.

نيرا نائي نيڻ نيئي آڇ پرينءَ کي،
تن ستر ڪاڏا ڪيڻ جن ڏٺو منهن محبوب جو.

ان وقت سون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته درياه مان سج ايرڻ وقت هن کي ڪهڙي محبوب منهن ڏيکاري وجد ۾ آڻي ڇڏيو هو. هاڻ جڏهن مونکي ڪجهه سمجهه اچڻ لڳي آهي ته هن چوڻ کان رهي نٿو سگهان ته سنڌونديءَ ۾ سج جي تجلي ۾ هن سنڌو ماتا جي هزارن ورهين جي شاندار ماضيءَ جي تصوير ڏٺي هئي.

دوست (س)

اڳي ذڪر ڪري آيو آهيان ته جڏهن دوست (ت) اوچتو وفات ڪئي ته مونکي نراسائي ويڙهي ويئي هئي. دنيا جا لاڳاپا ڪمزور پئجي ويا هئا، ان جو هر مسئلو بي جان نظر آيو. اهڙي حالت مان مونکي جن دوستن ڪڍي وري آسانگا برپا ڪرايا تن ۾ هن دوست جو وڏو هٿ هو. سندس چند خط پڙهندڙن جي ملاحظه لاءِ پيش ڪريان ٿو. هي خط سنڌ اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ ميمبرن جي

گهٽ هئڻ ڪري اسپيڪر استعيفا ڏئي وزارت ڪي بچائي ورتو هو ان موقعي تي لکيل آهي.

پيارا سيد

اڄ جي شڪست منهنجي ڪاميابي ۽ هي ڏر جي شڪست هئي. هنن مان گهڻا اهڙي ماڻهوءَ کي ڪرسي ۾ رکڻ کان شرمنده هئا. مونکي شڪست ڪڏهن به ناامين نه ڪيو آهي، خود موت به مونکي شڪست ڏئي نه سگهيو آهي. جو آءٌ پنهنجي وفات ڪيل دوستن سان هاڻ به صلاح مشوره ڪندي رهندي آهيان. وري تنهنجي شڪست جو ڪارڻ پاءٌ ڪڏهن ٿو تنهنجي گهر تي قبضو ڪري، اميد ته خوش هوندين دل وڏي ڪج.

(س)

هي خط ۱- اپريل ۱۹۴۵ع تي دهلي وڃڻ وقت مون کي لکيو اٿس.

پيارا دوست

دهليءَ ۾ چا وهيو واپريو ان جو مونکي انتظار آهي. ضرورت پوي ته ٽيليفون تي مون سان ڳالهائج. اسان تڪڙ ڪري حالتن کي خراب ڪيو پيرزاده هاڻ وزير آهي.

توکي شڪست فتح جي پرواه نه آهي تون سمجهين ٿو ته اهو به پيلي پڌڻ وارو مثال آهي. پر مون ۽ پين دوستن لاءِ اسان جي صوبي جي قسمت جو سوال نهايت اهم آهي. آءٌ ان وقت تائين مرڻ نٿي گهران جيستائين سنڌ لاءِ وقف ڪيل زندگيءَ جو مقصد پورو نه ٿيو آهي.

گهڙيا سي چڙهيا ائين اٿيئي،
سئي متي مهراڻ ۾ پئو ٽپو ڏيئي،
ته ميهار مليئي سنهوڙو سيڻاه سان.

(شاه)

دهليءَ ۾ اميد ته مهاتما گانڌي، سردار پٽيل ۽ مولانا ابوالڪلام سان ملي سنڌين جو نقط نگاه پيش ڪيو هوندو. دل ۾

ڪجھ نہ رکج. هنن کي سنڌ کي قربان ڪرڻ ڪيتري قدر زيبائتو ٿيندو اهو ٻڌائج. مسٽر ظهير هٿ خط موڪليان ٿي.

مسلم ليگ طرفان اوهان جي هوائي جهاز جي حادثي بابت ڪوڙي خبر ڦهلايل جو احوال مسٽر ظهير روبرو ٻڌائيندو.

(س)

۷- مئي ۱۹۴٦ع

پيارا سيد

مونکي تنهنجي ڊاڪٽر جي تار جي جواب ۾ لکيل خط پڙهي تعجب وٺي ويو. جنهن ۾ تو لکيو آهي تہ، تون اچي نٿو سگهين.

جيڪڏهن تنهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي تہ سوال پيو آهي پر توکي اهو خيال تہ ڪرڻو هو تہ تار، جا ڪئي اٿن سو ضرور خاص ڪم هوندو. هتي سڀئي پارٽيءَ جا دوست تنهنجي انتظار ۾ آهن آءٌ تہ عرض ڪنديس تہ اسٽريچر تي پاڻ ڪٽائي اچ.

(س)

منهنجو جواب ۾ موڪليل خط.

۹ مئي ۱۹۴٦ع

پيارا دوست

تنهنجو ۷ مئي ۱۹۴٦ع جو خط پهتو. يادگيري لاءِ مهرباني منهنجي طبيعت ٺيڪ آهي سواءِ هميشه وانگر گئس جي تڪليف ۽ مٿي جي سور جي. پيو خوش آهيان، آءٌ بدني طرح بيمار نہ آهيان، تنهن ڪري اسٽريچر ۾ ڪٽائي اچڻ جي ضرورت نہ ٿيندي.

آءٌ ڪجھ وقت کان ڪنهن ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا آهيان. اهو پهريون دفعو نہ آهي اهڙي حالت زندگيءَ ۾ ڪيترا دفعا واقع ٿي آهي. تاريخ جي ڪن نازڪ موقعن تي غور فڪر ڪرڻ بعد ڪن فيصلن تي اچڻ جي ضرورت آهي. ان کانسواءِ ساٿهو همت سان مشڪلات کي منهن ڏئي نہ سگهندو. اهڙي حالت ۾ هتي سڪون ۾ غور ڪري رهبري حاصل ڪرڻ جو ارادو اٿم. اميد تہ پارٽيءَ وارن

صلاح ،صلاحت ڪري ڇڏي هوندي. حال منهنجي ضرورت کان، پوندي،
سيد

پيارا دوست

غلام حيدر شاه چند ڏينهن اڳي هتي هو. چيائين ته تون ڳوٺ پارٽي ورڪرس جي ڪانفرنس سڏائي رهيو آهين، خدا ڪامياب ڪندو. هن شاه کي شڪسته دل ڏٺم. چيائين ته گهڻا دوست مسلم ليگ جي ساري چڙهندي ڏسي ان ۾ شريڪ ٿيڻ گهرن ٿا.

آءٌ نٿي سمجهان ته انهن ۾ رئيس پرڳڙي به هوندو. تنهنجي عالم دوست ۽ خاڪسار مير کي اوچتو الهام ٿيو ۽ ليگ ۾ هليو ويو. جتي هن شاه جا بيت ۽ قرآن جون آيتون پڙهي جواز پيش ڪيو.

(س)

پيارا دوست

مون کي تنهنجو پهريون ۽ پيو خط نه پهتو آهي. منهنجي ۽ تنهنجي ٽپال سينسر ٿي ٿئي، پر ان جو مقصد اهو نه آهي لکڻ بند ڪري ڇڏجي.

آءٌ سومر ڏينهن ملڪ ڇڏي ويندس. پر آءٌ توکي ۽ جملي سنڌي دوستن کي نه وساريندس. مفاصلو اسان جي سنڌ جي محبت کي جهڪو ڪري نه سگهندو. سنڌ کان ٻاهر وڃڻ بعد به اسان جو تعلق سنڌ کان نٿي ٽٽو سگهي جڏهن به گهرج پيئي آءٌ اچي سگهان ٿي. ڪراچيءَ جي مرڪز ۾ وڃڻ تي هنگامو ڪرڻ ايڏي اهميت وارو نه آهي، پيا وڏا مسئلا تنهنجي توجهه ڇڪائڻ جو مستحق آهن. (س)

ان ڪانپوءِ به سوين خط آيل آهن پر يڪمشت نمبروار پيش ڪريان ٿو.

ان ڪانپوءِ شاه صاحب جي هيٺين بيت مطابق پي وقت گذاريو اٿم ڪيترو عرصو نظربندي ۽ جيل ۾ گذارڻو پيو. ڪيترا ڪتاب لکيم.

هيڪلائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏو ڏونگر لڪيون، سوريون سجڻ سيل،
ته ڪر پيلي آهن پيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.

مجازي معراج جو اوچو منظر

٣٠ مئي ١٩٧٣ع تي آڌي رات کان پوءِ هيٺيون نظارو ڏسڻ ۾ آيو. پوڻين رات جو ڏسان ٿو ته سنڌونديءَ جي ڪناري جي قلعي ڏڙن ۽ پڙن مان چوڏهين جو چنڊ اڀري رهيو آهي. آهستي آهستي انهي چنڊ خوبصورت عورت جي شڪل اختيار ڪئي. ان جي حسن جهان افروز ۽ رعب ۽ جلال جو تاب نه جهلي احترام ۽ عزت کان ڪنڌ هيٺ ٿي ويو.

دل ۾ سوچي رهيو هوس هوءَ ڪير هئي ته پر مان آواز آيو ڪنڌ مٿي ڪئي نهاريان ته ڪيئي درويش نزديڪ ادب ۾ ويٺا آهن. انهن مان هڪ شاه عبداللطيف ڀٽائي هو. ان مون کي ٻڌايو ته اهو سنڌو ماءُ جو منظر اٿئي جا سنڌ جي پنجن هزارن ورهين جي تاريخي ڪنڌرن مان نئين سرجنم وٺي تنهنجي رهبري ۽ روح ڦوڪڻ لاءِ نمودار ٿي آهي وڌيڪ چيائين ته مون جو مارئي جي زبان ۾ مارن ۽ ملير جو ذڪر ڪيو هو اهو انهي ماتا جي اثر هيٺ ڪيو هوم. منهنجو هيٺيون بيت سنڌس شان ۾ چيل آهي.

”ڪٿي نيڻ خمار مان جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيون، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين“.

وڌيڪ ياد ڏياريائين ته ١٩٣٠ع ۾ ڀٽ شاه جي ميلي جي موقع تي مون کي خواب ۾ ارشاد فرمايو هئائين ته ”سنڌ جي بي لوث خدمت ڪندو رهندين ته پاڻهي ڪجهه وقت کان پوءِ تنهنجي وڌيڪ رهبري ٿيندي.“ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته تو ۾ ڪا گهٽتائي هئي جو هن سلطان خوبان تو کي هن کان اڳ ديدار نه ڪرايو آهي. هاڻ تنهنجي مسلسل نظر بندين غير جا پردا چاڪ ڪري تو کي حقيقت منتظر جو مجازي لباس ۾ ديدار ڪرايو آهي.“

اتي وري هڪ سهڻي شڪل واري دراز ريش بزرگ تي نظر پيئي، جنهن لاءِ چيائون ٿي ته اهو مولانا جلال الدين رومي هو. ان چيو ته بابا تون جو منهن جو مثنوي ۾ نڙ جي زباني سوز ۽ گداز جو احوال پڙهي موج ۾ اچي ويندو هئين ان ۾ جنهن نيستان (نڙلي) جو اشارو آهي جنهن دنيا ۾ سوز پيدا ڪيو هو اها هن سنڌو مادر جي ملڪ مان شروع ٿي.

پوءِ منهنجي نظر شاه عنايت عليه رحمت تي پيئي. ان مون کي ياد ڏياريو ته جڏهن آءٌ سندس مرقد تي ١٩٢٩ع ۾ زيارت لاءِ ويو هوس ان کان پوءِ مون خواب ۾ هڪ عاليشان مذهبي هال ڏٺو هو جنهن ۾ سوها جدا جدا مذهبن جا محراب هئا. جتي ڪن ماڻهن مون کي چيو هو ته آءٌ به هڪ محراب جي سامهون ويهي رهان ۽ مون جڏهن جواب ڏنو هو ته اهي سڀ محراب منهنجا آهن آءٌ هڪ جاءِ تي نه وهندس ته هڪ هاتفي آواز منهنجي همت افزائي ڪئي هئي. چيائين ته اهو هاتفي آوازسندس هو ۽ اهو مذهبي هال هن سنڌو ديوي جي جاءِ رهائش سنڌ هئي.

هڪ طرف سچل سائين کي ٻين صوفي درويشن سان گڏ ڏٺم، سرمست مون کي چيو ته رومي، عطار، شمس تبريز، خيام سڀ جنهن ميخانه جا خماريل هئا ان ميخانه جي مالڪ تنهن جي سامهون براجمان آهين، تون ادب سان اکيان پنهنجو سر تسليم خم ڪر. ان وچ ۾ ڪيترن ئي شاعرن کي ڏٺم ته حسينه عالم سنڌوءَ ماتا جي تعريف ۾ پنهنجا شعر پڙهي رهيا هئا. جن سان چارسچاتم. هڪ مرحوم حيدربخش جتوئي هو جو پنهنجي انداز ۾ سندس مشهور مسدس جئي سنڌ جئي سنڌ پڙهي رهيو هو.

ٻيو شيخ مبارڪ اياز هو جو سنڌو ديش مهان جو شعر چئي رهيو هو.

ٽيون نياز همايوني هو جو سندس مشهور شعر جئي سنڌوديش، جئي سنڌوديش هميشه وانگر خوش الحاني سان پڙهي رهيو هو.

چوٿون محمد ابراهيم منشي هو جو سندس شعر

"مون پڪ سچاتا پنهن جا هئا،

ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،

ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي،

وانگيئڙن جي واڙي ۾."

پڙهي رهيو هو. پريان يڪتاري جي آواز سان فقير عبدالغفور کي ڳائيندو ڏٺم ته:

سنڌڙي تان سر ڪير نه ڏيندو سهندو ڪير ميار،

جهول جهليندو جنهن وقت پٽائي ڪرندا ڪنڌ هزار.

تعجب ٿيم جڏهن ڪيترا سر واقعي ڪرندا ڏٺم. جن ۾ راجا ڏاهر، دودي سومري، شاه بلاول، دولهه درياه خان، شاه عنايت، الهه بخش سومري ۽ عبدالرزاق سومري جي سرن کي سڃاتم.

ان تي منشي دانهن ڪري مون کي چيو ته ڏارين سان ڏاڙي وارن پنهنجن کي به سڃاڻي ڇڏ. ان تي هن هڪ گروه ڏانهن اشارو ڪيو جن ۾ چار ماڻهو مون کي سڃاڻڻ ۾ آيا.

(١) چنيسر سومرو، (٢) سيٺ نائونمل، (٣) مسٽر جناح، (٤) مسٽر ذوالفقار علي خان ڀٽو.

پري کان ڏٺم ته ڪيترا ماڻهو جن ۾ آرڪيٽيڪيٽ، انجنير، سائنسدان، ڊاڪٽر وغيره شامل هئا. سي هڪ محلات جي تعمير ۾ مشغول هئا.

پڇڻ بعد معلوم ٿيم ته اهو محلات سنڌو ماءُ جي آرام گاه جو ڪم ڏيندو. ان محل تائين پهچڻ لاءِ ڪيترا تار پخدان ڏٺم ته ڪنڊرن کان رستو صاف ڪري سنڌو ماءُ جي محل تائين پهچڻ لاءِ راهه هموار ڪري رهيا هئا. جن ۾ به سڃاتم. هڪ پير حسام الدين راشدي ۽ ٻيو ڊاڪٽر حميده کهڙو هئي.

جڏهن مون سندن همت افزائي ڪئي ته مون کي چيائون ته رستي ۾ ڪيئي رنڊڪون هيون پتو نه هو ته ان ڪم کي سر انجام ڪري سگهندا يا نه؟ مون سندن عمردرازيءَ لاءِ دعا ڪئي. ان کان

پوءِ ڏٺم تہ ماءُ سنڌو ڪجھہ ڳالهائي رهي هئي. جنهن ۾ سندس شاندار ماضي، تاريخ ورثي، موجوده پنتي پيل حالت، روشن مستقبل ۽ دنيا لاءِ پيغام جو ذڪر بيان پئي ڪيائين.

هن جي هٿ ۾ هڪ جهونو خوبصورت ڪتاب هو جنهن جي جلد تي آمري ۽ موهن جي دڙي جا ڪنڊر، دراويدي، آرين ۽ سامين جي قافلن جون تصويرون، مهاتما گوتم ٻڌ، مهاتما مهاوير، ڪرشن مهاراج ۽ پيغمبر زردست جون تصويرون ۽ حضرت موسيٰ عليه، حضرت عيسيٰ عليه، حضرت محمد صلعم جا اقوال درج ٿيل هئا. ان جي ٻولي ڏکي هئي.

سنڌو ماءُ اهو ڪتاب مون کي هٿ ۾ ڏئي حڪم ڪيو تہ هن ۾ منهنجو دنيا لاءِ ڏنل پيغام درج آهي ان کي ترجمون ڪري عالم اڳيان پيش ڪر. پر ۾ ڏٺم تہ منهنجي نياڻي در شهوار بيٺي هئي ان کي چيم تہ بابا مون ۾ طاقت نہ رهي آهي تون ان ڪم جي سر انجامي ڪر.

چيائين تہ بابا ڪم دشوار آهي ان تي شاہ لطيف ۽ سچل سائين کيس چيو تہ بابا پرواہ نہ ڪر اسان تنهن جي ان ڪم جي سرانجامي لاءِ مدد ڪنداسون. جيڪڏهن تو کي ان ڪم جي سرانجامي لاءِ ايران هند، عرب ۽ يورپ وڃي کوجنا ڪرڻ جي ضرورت پوي تہ بہ منهن نہ موڙج، هي سعادت جهڙي تهڙي کي سپرد نہ ٿيندي آهي. تون ٻيءَ جي نقش قدم تي هلي ان ڪم جي سرانجامي ڪج."

هاڻ سنڌو ماءُ سندس جاه جمال سان نزديڪ آئي اتي سجاڳي ورتم تہ هي صورت ساڳئي هئي. جنهن ٣٠ سال اڳ ڪراچيءَ جي بنگلہ ۾ پاڻ پسائي مدهوش ڪيو هو، ۽ ان وقت حافظ جو هي شعر درد زبان ٿيو هوم.

در ازل داده ست مارا ساقي لعل لبت،
جرعٔ جامي کہ من سرگرم آن جامم هنوز.

معنيٰ- "ازل کان تنهن جي ڳاڙهن چپن مان جا چاشن چکي اٿم اڄا تائين ان جو نشو برقرار آهي.

انهيءَ خيال ۾ ويٺو هوس تہ پري کان آواز آيو تہ سڀ سائين هيڏانهن ٻہ نهاريو. جان ڏسان تہ محمد امين کوسو ۽ ان جي پر ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ويٺا هئا. ۽ چون پيا تہ اسان سن کي سنڌ جو سياسي مرڪز اجايو ڪونہ سڏيو هو. اسان کي خبر هئي تہ سنڌو سادر جڏهن هلڻ لڳي تہ ڪيترا ماڻهو سنڌس راهہ ۾ رڪاوٽ بنجي محل تائين پهچڻ لاءِ رنڊڪون پيدا ڪرڻ لڳا. ان تي ڪيترا نوجوان اڳتي وڌي سر جان جي بازي لڳائي رنڊڪون دور ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. جن مان ڪي سڃاتم. يوسف لغاري، امان الله شيخ، اسماعيل وساڻ، شاهہ محمد شاهہ، عزيز ٻنگوار ۽ سڪندر ٻنگوار، لال بخش لغاري هئا.

پري کان ڏٺم تہ ماٿ ۾ مسزاندرا گانڌي ۽ برزنيف اهو نظارو ڏسي رهيا هئا. ڪين دانهن ڪري چيم تہ "اوهان جيڪڏهن مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن جو امتزاج

"امن عالم، ترقي بني آدم"

سرانجام ڪرڻ چاهيو ٿا تہ ماءُ سنڌوءَ کي سنڌس محل تائين پهچڻ ۾ مدد ڪريو.

انهي نظاره کي ڏسي رهيو هوس تہ ملان فجر نماز جي بانگ ڏني ۽ اک کلي پيئي ١٢ سال اڳ جيل مان اهڙي خوشيءَ جي اظهار ۾ پاءُ حسام الدين شاهہ کي هيٺيون بيت لکيو هوم.

سکر سيٺي ڏينهن جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا مٿي ماڙيءَ مينهن،
نير منهن جي مينهن اجاري اڇو ڪيو.

فصل ڇهون

حقيقت جو انڪشاف

هرگز نہ ميرد آنکہ دلش زنده شد بہ عشق،
ثبت است برجريده عالم دوام ما ۔
(حافظ)

معنيٰ- "جيڪا دل عشق جي ذريعي زنده ٿيل آهي، اها مري نہ سگهندي. دنيا جي دفتر تي دائميت ثابت ٿي چڪي آهي."

ابتدا ۾ جڏهن مجازي ملڪ مان حقيقت جي ڳولا پئيان هوس تہ اول ۾ مونکي ائين پئي معلوم ٿيو تہ اها ڪنهن ٻي دنيا جي ڳالهہ هئي جا ظاهري طرح ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ کان مٿي هئي. ان ڪري پهرين تقويٰ، تزڪيہ نفس ۽ صحبت صالحن جي ذريعي انجي ڳولا ڪيم پر پتو ڪونہ پيو. نيٺ ان حقيقت منظر ڪي مجازي عشق آڻي مجازي لباس ۾ منهنجي سامهون پيش ڪيو. انڪان پوءِ ائين ڏسڻ ۾ آيم تہ حقيقت هئي ڪانہ، سڀ ڪجهہ مجاز هو.

هاڻ جڏهن حقيقت جو انڪشاف ٿيو آهي تہ ابتدا ۾ مجاز جو مان گهڻجي ويو ۽ سڀ شيءِ جو بنياد حقيقت تي سمجهڻ لڳس. مجاز صرف انجي صفت وچي رهيو هو. حقيقت ذات ڏسڻ ۾ آيم. انهي ابتدائي حالتن ۾ اڃا دوئي جي دائره کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو هوس. ليڪن

اڳتي هلي آهستي ٿي پتو پوڻ لڳو آهي ته حقيقت ۽ مجاز ذات ۽ صفات سڀ هڪ ئي وجود جا ٻه پهلو هئا. ان ڳولا ۾ جيڪي تجربه بعد مون کي معلوم ٿيو سو مذڪور ذيل چئن شعبن جي تجربي ۾ علحده ڪري پيش ڪندس.

(١) مذهبي شعبو (٢) علمي شعبو (٣) عملي شعبو (٤) عشقي شعبو.

مذهبي شعبي جو مذڪور

حقيقت جي انڪشاف بعد مذهب بابت هاڻ آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته:

(١) دنيا جي ٻين نظرين وانگر مذهب به حرف آخر ٿي نٿا سگهن. جيئن ٻيا نظريا زماني جي تبديلي ۽ وقت جي تقاضا بعد پئي بدليا آهن، تيئن مذهبن ۾ تبديلي لاحق ٿي سگهي ٿي ۽ پئي ٿي آهي. انهن جي بنيادي اصولن کي ڇڏي انهن جي فروعي قاعدن، قانونن ۾ تبديلي ۽ تنسيخ پئي آئي آهي.
اهو جنرل قانون اسلام جي شريعت سان به لاڳو آهي.

(٢) دنيا جي عام قانون وانگر مذهبن سان به ڪارآمد ۽ مفيد ڳالهيون چونڊي بيڪار ۽ غير ضروري ڳالهين کي ڦٽو ڪري سگهجي ٿو.

(٣) مذهبن جي هر عقيده جي انڌي تقليد ڪرڻ غلط آهي.

(٤) مذهبن کي بيڪار ۽ بعد از وقت سمجهي انهن جي هر ڳالهه کي رد ڪرڻ به ٺيڪ نه آهي. انهن جي ڪا تعليم ۽ تربيت سفر زندگيءَ لاءِ مفيد سمر ميسر ڪري ٿي.

هن مقام تي پهچڻ بعد مون کي هيٺين سوالن تي غور ڪري فيصلا ڪرڻا پيا.

(١) حق ۽ ناحق جو مسئلو. (٢) ثواب ۽ گناهه جو مسئلو. (٣) روح ۽ ماده جو مسئلو (٤) حسن ۽ اگلائپ جو مسئلو. (٥) جلال ۽ پستيءَ جو مسئلو.

(۱) حق ۽ ناحق جو مسئلو

جيئن اڳي ظاهر ڪري آيو آهيان تہ ماڻهوءَ جي ترقي ۽ ڪمال لاءِ خدا جي سڃاڻپ ۽ محبت ضروري ڀانئيون هيون.

انهي مقصد جي حصول لاءِ مون عبادتون ۽ رياضتون ڪيون جن مان ابتدا ۾ سرور ايندو هو. پر آهستي تي جڏهن علم ۽ تجربي بعد خدا جي شخصي تصور جي عيوض ٻي تصور جاءِ ورتي تہ اهو سرور گهٽجڻ لڳو.

خدا جو ٻيو تصور جو منهنجي سامهون آيو. ان موجب خدا هر جاءِ تي حاضر ناظر هو. ساهہ جي رڳ کان ويجهو هو. هر شيءِ ۾ سمايل هو.

ان کانپوءِ خدا جو ٽيون تصور پيش ٿيو. ان موجب خدا، خيال، قياس، گمان ۽ فهم کان مٿي هو. ان کي نہ اکيون ڏسي سگهيون ٿي نہ ڪن ٻڌي سگهيا ٿي، نہ دل ۾ سمائجي سگهيو ٿي نہ دماغ کي ان بابت ڪجهہ معلومات ميسر ٿي سگهي ٿي.

انهن خدا جي مختلف تصورن نہ صرف مونجهارو پيدا ڪيو پر ڪيئي مشڪل مسئلا سامهون آڻي ڇڏيا. اهڙي خدا جي سڃاڻپ ۽ محبت ڪيئن حاصل ٿي سگهي ها جو سمجهہ ۾ اچڻ کان مٿي هو. انهي مشڪلات مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ مونکي چيو ويو تہ خدا جي سڃاڻپ کان اڳ پاڻ کي سڃاڻڻ ضروري هو.

"من عرف نفسه فقد عرف ربه"

معني- "جنهن پاڻکي سڃاتو اهو خدا کي بہ سڃاڻي سگهندو."

انتي مون پاڻ سڃاڻڻ لاءِ ڳولا شروع ڪئي. سوال اٿيو تہ اهو پاڻ ڪهڙو هو جنهن جي سڃاڻڻ لاءِ هدايت ڪيل هئي. غور ڪرڻ بعد پتو پيو ٿي تہ:

ان پاڻ ۾ جسم بہ هو تہ روح بہ هو. ان پاڻ ۾ برو بہ هو تہ ڀلو بہ هو. ان پاڻ ۾ ظالم بہ هو تہ رحمدل بہ هو. ان پاڻ ۾ دنيا بہ هئي تہ دين بہ هو.

انتي سوال اٿيو تہ انهن مان ڪهڙي پاڻ جي سڃاڻپ جي هدايت ڪيل هئي. جواب مليو تہ اهو پاڻ ضرور روح، چڱائي، رحمدلي ۽ دين وارو هوندو.

جنهن جي سڃاڻپ سان خدا جي سڃاڻپ ٿيڻ جو آسرو هو. انتي وري هينيان سوال پيدا ٿي پيا هئا تہ:

(١) روح ڇا هو. (٢) چڱائي ڪهڙي ڳالهہ هئي. (٣) رحمدلي ڇا هئي. (٤) دين جو مطلب ڪهڙو هو.

اهي ايڏا وسيع مسئلا هئا جن تي غور ڪرڻ بعد پاڻ وڏيڪ مونجهاري پيدا ٿيڻ جو امڪان هو. آخر ۾ وڃي انهي نتيجي تي پهتس انهن سوالن جا حل حق جي پروڙ پوڻ بعد حاصل ٿي سگهندا. تنهن ڪري انهن سڀني مسئلن جي حل لاءِ حق جي ڳولا طرف متوجهہ ٿيس.

"عشق ٿي آسان پانيم، پر نيئهن ٿيو اوکو اديون."

اول ۾ مونکي ٻڌايو ويو تہ اسلام دين حق هو. انکي سمجهڻ مان حق يا سچ جو پتو پئجي سگهندو. پر اڳتي هلي پتو پيو تہ اسلام جون بہ سوها تعبيرون ڪيل هيون. جنهن مان هر هڪ تعبير واري گروهہ پاڻکي حق تي ۽ ٻين کي ناحق تي ٿي سمجهيو. ساڳي حالت ٻين مذهبن جي سمجهاڻين جي هئي. جڏهن مذهب اسلام جي مختلف فرقن جي عقيدن، اسلام ۽ ٻين مذهبن جي نقطہ نگاهن تي نظر ٿي ڪيم تہ انهن ۾ ڪيئي متضاد ڳالهيون نظر ۾ اچڻ لڳيون. ڪن هڪ شيءِ کي حق ٿي سمجهيو تہ ٻين انهن کي ناحق ٿي قرار ڏنو. نہ رڳو ايترو پر ساڳي ڳالهہ ساڳي ماڻهو کي هڪ وقت صحيح ٿي ڏسڻ ۾ آئي تہ ٻي وقت غلط ٿي معلوم ٿي. غلط ۽ صحيح جو معاملو ايتري قدر منجهائيندڙ ٿي پيو جو پتو نٿي پيو تہ آخر اهو مسئلو ڪٿي وڃي انتها ڪندو. آهستي ٿي پتو پوڻ لڳم تہ نہ رڳو آءٌ پر ساري دنيا انهيءَ ڏوڪي جي مونجهاري ۾ مستغرق هئي. نيٺ گهڻي غور، فڪر ۽ تجربي بعد معلوم ٿيڻ لڳو تہ وجود صرف حق جو هو، ناحق صرف ان جو ابتو طرف هو. جنهن کي ترانجهڙي نظر ڪرڻ وارن جدا سمجهي غلطي ٿي ڪئي. ناحق جو جدا وجود هو ئي ڪونہ.

اهو مختلف ماڻهن جي دماغي وسعت جو قصور هو جن حالات زمان، شخصي ضرورتن وغيره سببن ڪري انکي جدا صورت ۾ ڏٺو.

انهي نقطہ نگاه اختيار ڪرڻ بعد وري معترضن طرفان سوال ٿي اٿيو تہ جي ناحق جو جدا وجود هو ئي ڪونہ تہ پوءِ بداخلاقي، ظلم، استحصال، چوري، زنا بہ سڀ جائز شمار ٿي سگهيا ٿي. انساني معاشرو اهڙي چڙواڳي جي ڪري سڌرڻ جي عيوض بگڙٽو هو. معاشره جي مهذب بنائڻ لاءِ ڪن بنيادي اصولن کي اختيار ڪرڻو هو. جي بنيادي اصول هيٺين قسم جا هئا:

(۱) جا ڳالهہ يا متو قومي يا انساني اتحاد لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

(۲) جا ڳالهہ يا متو قومي يا انساني امن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

(۳) جا ڳالهہ يا متو مجموعي ترقي لاءِ مددگار ثابت ٿئي.

ليڪن ڪي ڳالهيون ادنيٰ بہ هيون جي معاشره ۾ انتشار، بدامني ۽ ترقيءَ جي راه ۾ رڪاوٽ جو باعث بنجي ٿي سگهيون. تنهنڪري اعليٰ ۽ ادنيٰ ڳالهين جي وچ ۾ تميز جي ڪسوٽي مقرر ڪرڻ ضروري هئي. اهڙين ڳالهين جو فيصلو بنيادي اصولن کي مدنظر رکي عقل سليم ۽ ڪثرت راءِ جي مشوره مطابق ڪرڻ گهرجي. ڪي سوال ٿا ڪن تہ حق جي ابتدا ڪٿان ٿي ۽ انتها ڪٿي وڃي پهندي ان جو جواب اهو ئي ٿيندو تہ جهڙيءَ طرح زندگيءَ جي ابتدا ۽ انتها جو پتو پوڻ مشڪل آهي.

خدا جي ذات جو پتو پوڻ مشڪل آهي.

عشق جي انتها جو پتو پوڻ مشڪل آهي.

اهڙي طرح حق بہ بي انت بحر جو خزانو آهي ان جو پروپاند لهڻ مشڪل آهي.

شيوا ڪر سمونڊ جي، جتي جر وهي ٿو جال،
سوين سپجن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو جڙي مال، تہ پوڇارو پر ٿئي.

(٢) ثواب ۽ گناهہ جو مسئلو

هي ٻيو مسئلو هو جـو مذهبي شعبي ۾ مختلف تشريحن سان پيش ڪيو ويو تي. مذهبي زندگيءَ ۾ معاشره جو سارو مدار انهيءَ مسئلي جي آڌار تي رکيل آهي. انهي بابت مذهبن ۽ ان جي فرقن جي راين ۾ اختلاف هئا.

ڪرستانن جو چوڻ هو تہ انسان اول کـان وٺي گناهگار ۽ ناقص هو. انهي حالت کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪيس قرباني ۽ عبادت ذريعي ڇوٽڪارو ملي سگهيو ٿي.

هندن ۽ ٻڌن جو چوڻ هو تہ ثواب ۽ گناهہ ماڻهن جي عملن تي مدار رکندڙ هئا. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي روح اڳوڻي زندگي ۾ ڪي گناه جا ڪم ڪيا آهن تہ ان سان نڪرڻ لاءِ هن کي عبادت ۽ چڱا ڪم ڪرڻا پوندا.

مذڪور بالا ٻنهي مذهبي گروهن ماڻهن کي ماضيءَ جي ڪيل گناهن جو هڪ حد تائين پابند ٿي رکيو. ٽئي طرف مسلمانن جو چوڻ هو تہ ماڻهو فطري آزاد پيدا ٿئي ٿو پوءِ ماحول ۽ حالات مطابق گناه ڪيائين ٿي. ان کان بچڻ لاءِ هن کي تقويٰ، عبادت، عمل صالح مددگار ٿي سگهن ٿا.

مٿيون ڳالهيون مذهبي اعتقادن جون آهن. ليڪن ڪن دانشورن جو چوڻ هو تہ گناهہ ۽ ثواب تقابلي مسئلا هئا. جهڙي طرح واگهہ کي ڪن مفيد ۽ ڪن بادي ٿي سمجهيو. يا ڪير کي ڪن فائدي وارو ۽ ڪن نقصانڪار ٿي سمجهيو، اهڙي طرح هرڪا ڳالهہ ساڳي طرح سڀني لاءِ مفيد ۽ مضير ٿي نہ ٿي سگهي. هر ڳالهہ جي صلاحيت ۽ غير صلاحيت، مختلف حالات، افراد، ضروريات ۽ مفاد جي ڪسوٽيءَ تي مقرر ٿي سگهي ٿي.

تنهنڪري گناهہ ۽ ثواب کي ڪن مخصوص مذهبي احڪامن جو پابند ڪري هميشه لاءِ مقرر ڪري ڇڏڻ نہ صحيح هو، نہ هو ترقي انساني لاءِ فائديمند هو.

ڪن درويشن تہ گناهہ ۽ ثواب کي ماڻهن طرفان مصنوعي

پابنديون تي شمار ڪيون. انهي نظريہ تي اعتراض ڪندڙن جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن انهي رايہ کي مڃبو تہ سارو معاشرو درهم برهم ٿيڻ جو امڪان هو.

انهي رايہ مطابق هڪ ماڻهوءَ جي صحيح روزگار جي ذريعي گڏ ڪيل ملڪيت ٻيو ماڻهو چوري، زوري يا ٺڳي ذريعي کٽي سگهيو ٿي.

انهي رايہ مطابق هڪ ماڻهوءَ جي زال سان ٻيو ماڻهو زنا ڪري سگهيو ٿي.

انهي رايہ مطابق ڏاڍو ماڻهو يا قوم هيڻي ماڻهو يا قوم کي تشدد ذريعي پنهنجي مرضي ۽ مفاد خاطر ڪم آڻي سگهيو ٿي.

انهي رايہ مطابق اقتدار ۾ آيل ماڻهو يا قوم طاقت، پيسي ۽ عقل جي ذريعي ڪمزور، مسڪين ۽ بي سمجهہ ماڻهو يا قوم جو استحصال ڪري سگهيو ٿي.

انهن ڳالهين تي غور ڪرڻ بعد اهو جواب ٿي مليو تہ درويشن جو چوڻ صحيح هو تہ معاشره جي طرفان مقرر ڪيل پابنديون ان جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ حالتن مطابق وقت بہ وقت لاحق ڪرڻ غلط نہ هو پر ان کي دائمي طرح مقرر ٿيل سمجهڻ ٺيڪ نہ هو، حالتن جي تقاضا، ضروريات وقت مطابق ڪن ڳالهين کي جائز، ڪن کي ناجائز ٺهرائڻ جو سوسائٽيءَ کي حق هو پر دائمي طرح ڪن ڳالهين کي ٺپو (ٺپيت) ڪري ڇڏڻ ۽ ڪن کي پاڪ سمجهڻ غلط هو.

(٣) روح ۽ مادہ جو مسئلو

گهڻو ڪري سڀني مذهبن طرفان دنياوي شين جي اڪثريت کي روح ۽ مادہ جو مرڪب تسليم ڪيو ويو آهي. ڪيترن جمادات، نباتات ۽، حيوانات ۾ بہ هڪ حد تائين روح جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. پر ترقي يافتہ روح جو اطلاق صرف ماڻهو تائين محدود ڪيو آهي. انهي بابت دنيا ۾ مختلف نظريا مروج آهن.

(١) هڪڙن هر هڪ روح جي وجود کي علحده تسليم ڪندي ان جي ترقي جو مدار نيڪ عملن تي رکيو آهي.

(٢) ٻين انساني ۽ ترقي يافته جانورن جي روحن کانسواءِ ٻين روحن جي علحده وجود ۽ عاقبت کي تسليم نه ٿي ڪيو.

(٣) ٽيان ان راءِ جا هئا ته روح حقيقت يا ذات هو اهو ابدي ۽ ازلي هو سندس جسم عارضي لباس وانگر بدلجي سگهيو ٿي.

(٤) چوٿان ان راءِ جا هئا ته حقيقي وجود ماده جو هو روح ان جي عارضي پيداوار هئي.

انهن روحن جي جدا گانه وجود ۽ حيات بعد الممات کان انڪار ٿي ڪيو. پنجن وٽ ٻئي شيون هڪ ئي وجود جا ٻه طرف هيون.

اهي سوال خلقت جي ابتدا کان وٺي ماڻهن جي کوجنا ۽ تفتيش جا باعث رهيا آهن، آئنده به رهندا ايندا. جيتري قدر مونکي سمجهه ۾ آيو آهي ته آڳ پوئين نطرئي کي وڏيڪ قرين قياس ٿو سمجهان. روح ۽ ماده جي وجود کان علاوه ٻيا هيٺيان سوال به ماڻهن جي زير غور رهيا آهن.

(١) ماده ۽ روح جي ڪڏهن ابتدا ٿي ۽ ڪهڙيءَ طرح انتها ٿيڻ واري آهي.

(٢) بدن کان ٻاهر روح ڪهڙي صورت اختيار ڪري ٿو.

انهن ڳالهين تي قديم زماني کان قياس آرايون ٿينديون رهيون آهن. پهرئين سوال جي جواب ۾ گهڻو ڪجهه معلوم نه ٿي سگهيو آهي نه ڪو اهڙو امڪان نظر اچي ٿو. ٻئي سوال بابت مختلف مذهبن طرفان جدا رايا ڏنا ويا آهن. ڪي ان کي جدا جدا جوڻن جي چڪر ۾ ڦيرائين ٿا، ٻيا ان کي بدن کان ٻاهر نڪرڻ بعد عالم برزخ ۾ نيئي قيامت جي ڏينهن ڏوهه ثواب جي حساب سان بهشت ۽ دوزخ ۾ وڃڻ جو عقيدو رکن ٿا.

انهن جو چوڻ آهي موت کان پوءِ ماڻهوءَ جي روح جي صورت جن ۽ ملائڪن وانگر ملڪوتي شڪل جي ٿئي ٿي. انهن جي جدا وجود کي مڃين ٿا.

اهي عقيدا يا معلومات هن وقت جون آهن ممڪن آهي انساني عقل جي ارتقا سان گڏ انهن نامعلوم مسئلن بابت اڳتي هلي زياده معلومات ميسر ٿئي.

آءٌ سمجهان ٿو اها طرز فڪر ٺيڪ نہ آهي تہ ماده پرست وانگر روح جي حقيقت کان پوريءَ طرح آگاهي نہ هئڻ ڪري ان جي جدا گانہ وجود کان انڪار ڪجي يا روحانيت جي ڪن دعويدارن وانگر جسم کي مورڳو صفات سمجهي انجي جدا وجود کان انڪار ڪجي.

ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ انهيءَ مسئلي تي مذهبي نظرين يا فيلسوفن جون موجوده تحقيقات ڪافي نہ آهن. زماني گذرڻ بعد وڏيڪ لڪل راز ظاهر ٿي ماڻهن جي معلومات ۾ اضافو ڪن.

(۴) حسن ۽ اگلائپ جو مسئلو

حسن جو ٻيو نالو جمال آهي. عربي مقولو آهي تہ "ان الله جميل ؕ يحب الجمال" (الله حسين آهي ۽ حسن کي پسند ڪري ٿو.) حسن عشق جو محرڪ جذبو آهي، حسن ماڻهوءَ ۾ بهترين ذهني ۽ روحاني قوتن کي بيدار ٿو ڪري. اهو حسن جو پرتو هو جنهن حضرت موسيٰ عليه کي طور سينا تي جلوو ڏيکاري بيهوش ڪري ڇڏيو ۽ جبل طور کي جلائي ڇڏيو. اهو حسن جو جلوو هو جنهن شاه نصير عليه جي واتان چوارايو تہ

"شاه حسن جي شوق ۾ لاٿاپا ويا لهي."

اهو حسن هو جنهن جي لاءِ شاه لطيف فرمائي ٿو

"سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، تنهن کان تاب تکو هو."

حسن هر جڳهہ ۾ جلوه نما آهي، جيڏانهن نظر ڪبي ان طرف سامهون ٿئي ٿو. ليڪن ڪي ماڻهو حسن سان گڏ قباحت جي جدا وجود کي بہ مڃين ٿا. سندن چوڻ آهي تہ جهنگلن، جبلن، دريائن، ميدانن ۽ صحرائن جا خوبصورت نظارا بلاشبه دل کي تسڪين وٺائي زندگيءَ ۾ خوشي پيدا ڪن ٿا. ليڪن ان جي خلاف ساڳين جاين

جو ٻيو بدصورت طرف به جدا حيثيت رکي ٿو. جهڙيءَ طرح جهنگلن جا ڪنڊا، درنده جانور ۽ غليظ جڳهيون آهن. جبلن جا گهٽ، گهيڙ، ٽڪا ڦٽر ۽ خوفناڪ منظر ٿين ٿا. دريائن ۾ ڪن، ڪڙڪا، دهشت ۽ ڊوم، واگهو ۽ سيسار موجود آهن. سمنڊ ۾ لهريون ۽ طوفان، اڻ کٽ سفر، مگرمڇ ۽ ٻيا خطرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ميدانن جا ڪلر، جهنگ، جهاڙيون، بي آب ۽ گاهه دل ڏهڪائين ٿا. صحرائن جو ڊوڪو ڏيندڙ رڃ، پاڻيءَ جي قلت، گرمي، اڻ کٽ اڪيلائي خوفناڪ ٿين ٿا.

انهيءَ مان هو اهو مطلب ڪڍن ٿا ته جيئن گلاب جي گل سان ڪنڊا به شامل رهن ٿا، اهڙيءَ طرح هر خوبصورت نظاري پويان بدصورتي به ڇپيل رهي ٿي.

پر حقيقت جي نظر سان ڏسڻ مان پتو پوي ٿو ته اهي سڀ نظر جا ڊوڪا هئا، ورنه حسن جي حڪومت هر جاءِ تي قائم آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو:

ڏسڻ جي ڏسين ته همه کي حق چوين،
شارڪ شڪ نه نين انڊا انهيءَ ڳالهه ۾.

بزرگن جو چوڻ آهي ته: حسن عشق جو ڪارڻ ۽ روح جي راحت اهي. حسن نعمت عظمي ۽ دل جي قوت آهي. حسن ذات حق جو پرتو ۽ خوشيءَ جو باعث آهي. حسن ڪائنات جو پرجهلو ۽ زندگيءَ جو آڌار آهي. حسن خلقت ڪائنات جو محرڪ آهي.

پوءِ ڪي سوال ڪن ٿا ته قدرت حسن سان گڏ بدصورتي پيدا ڪري زندگيءَ کي بي مزي ڇو ڪيو آهي. ان جو درويشن طرفان اهو جواب ملي ٿو ته اها نظر جي غلطي آهي جو ڪن ماڻهن کي حسن ۾ قباحت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

مونکي اکڙين وڌا ٿورا لائيا،
ته پڻ پرين پسن، ڪُٺان جي ڪر سامهون.

حسن جي جهلڪ نه صرف ظاهري جسم ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر ان جو اثر طبعيتن تي به پوي ٿو. شاهه سائين فرمائي ٿو:

ويني جنين وٽ، ڏکنـدو ڏور ٿئي،
تون تنين سان ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

صحبت سپيريان جي، وڏي پانئنج هاج،
قـضـا ڪج نـمـاز، وقت ورائـڻ سڙو.

اهڙيءَ طرح حسن جو اثر خيالن تي ٻ. پوي ٿـو. ڪي اهڙا ساٿهو آهن جن جي صحبت سان هدايت پهچي خراب خيال مٽجي وڃن ٿا. مولانا رومي فرمائي ٿو ته:

يک زمانہ صحبت با اوليا، بهتر از صد سال طاعت بي ريا.

معنيٰ - هڪ زمانو خدا رسيده جي صحبت ۾ گذارڻ سو ورهين جي بي ريا عبادت کان مٿي هو.

دنيا ۾ اڄڪلهه جيڪا تـرقي، اتحاد، تعمير، درستي مـوجود آهي، سا سڀ اهڙن عمدن خيالن جي ساٿهن جي محابي آهي. ان ڳالهه کان انڪار ڪرڻ اجايو ٿيندو ته دنيا ۾ دوئي ڪانه آهي. هڪ طرف حسن آهي ته ٻئي طرف بدصورتي آهي. هڪ طرف محبت آهي ته ٻئي طرف نفرت آهي. هڪ طرف تعمير آهي ته ٻئي طرف تخريب آهي.

انهيءَ مان ڪيئن ڇوٽڪارو نصيب ٿئي، اهو دنيا جي اهل دل، صحيح مفڪرن، محسن انسانن، حڪيمن ۽ عالمن جي تفتيش جو موضوع بنيل آهي.

حقيقت جي نگاهه سان نظر ڪبي ته اها دوئي هڪ وجود جا ٻه طرف ڏيکاريندڙ آهي. جهڙيءَ طرح ڪڙي کان سواءِ مٺي جي شناخت نٿي ٿي سگهي، اهڙيءَ طرح بدصورتي حسن جو قدر ڪرائي ٿي.

(٥) جلال ۽ پستيءَ جو مسئلو

جلال طاقت جو اظهار آهي. جلال زندگيءَ جو محرڪ جذبو آهي. جلال عشق جو مظهر آهي. جلال صور اسرافيل آهي. جڏهن حسن ازلي جلال ۾ اچي ٿو ته ڪن جو آواز منجهانس نڪري ٿو پوءِ ڪائنات

پيدا ٿئي ٿي. ٻيٺل پاڻي جوش مان هر طرف پسارو ڪرڻ لڳي ٿو. اهو سيلاب طوفان نوح وانگر هر جاءِ ڪي پنهنجي اثر هيٺ آڻي ڇڏي ٿو. ان مان زندگي پيدا ٿئي ٿي. جا سدائين چالو رهي ٿي. جا صورتون بدلائي ٿي ليڪن هميشه روان دوان رهي ٿي.

شعبهٔ علم جو ذڪر

مجازي نقطهٔ نگاهه کان جڏهن علم جي مختلف پهلوئن تي نظر ٿي ڪجهه ته هر ڳالهه جا ٻه طرف ڏسڻ ۾ ٿي آيا جن معاملو منجهائي ٿي ڇڏيو. مثلاً:

١- هڪ طرف روحانيت هئي ته ٻئي طرف ماده پرستي هئي.
٢- هڪ طرف علم هو ته ٻي طرف جهل هو.
٣- هڪ طرف جمهوريت هئي ته ٻي طرف آمريت هئي.
٤- هڪ طرف اشتراڪيت هئي ته ٻي طرف سرمائيداري هئي.
٥- هڪ طرف محبت هئي ته ٻي طرف نفرت هئي.
٦- هڪ طرف تعمير هئي ته ٻي طرف تخريب هئي.
٧- هڪ طرف اسلام هو ته ٻي طرف ڪفر هو.
٨- هڪ طرف اتحاد هو ته ٻي طرف نفاق هو.
٩- هڪ طرف امن هو ته ٻي طرف فساد هو.

مطلب ته ان ٻيائي جو چوطرف دور دوره هو.

ان لاءِ شاه صاحب جو مٿي هاٿيءَ ڪي انڌن جي ڏسڻ وارو مثال ٺهڪي آيو ٿي.

مٿي هاٿيءَ تي مامرو اچي ڪيو انڌن،
مناڙيـن هٿن سين اڪئيـن ڪين پسن،
فـي الحقيقت فيل ڪـي مڇا سڃاڻـن،
سـنـدي سـردارن بصيرت بينا ڪـري.

—

بهتر ائين ٿيندو مذڪور بالا مسئلن جي ٻنهي پهلوئن جي تشريح ڪري انهي تي ٽئين نقطہ نگاه پيش ڪريان.

(١) آئڊيلزم (روحانيت) جو فلسفو

انهي نقطہ نگاه ڪان روح ذات هو ۽ ماده روح جي صفات هو ان جي موجودگي سراب مثل هئي. جنهن جو حقيقي وجود ڪونہ هو. سندن چوڻ هو تہ جيئن خواب ۾ ماڻهو ڪيئي شيون ڏسي ٿو. پر سجاڳ ٿيڻ بعد هن ڪي معلوم ٿئي ٿو تہ خواب ۾ ڏٺل شڪليون سڀ خيالي هيون، انهن ڪي ڪو وجود ڪونہ هو. اهڙي طرح هي مجازي دنيا ۽ ان جي متعلق معاملا سڀ وڏو خواب هئا جن جو پتو مرڻ بعد پوندو تہ انهن جي ڪا جدا حيثيت ڪانہ هئي.

(٢) مٽيريلزم (ماده پرستي) جو فلسفو

انهي نقطہ نگاه موجب زندگي پيداوار هئي ماده جي مختلف اجزا جي ڪردار جي ۽ ظاهري حواص مدار رکندڙ هئا زندگيءَ تي تنهن ڪري هنن جي خيال موجب روح جو ماده ڪان علحده وجود هئڻ جو امڪان ئي ڪونہ هو.

انهي فلسفہ جي پوئلڳن انهي بنيادي نقطہ تي ڪوجنائون شروع ڪري سندن دعوي ڪي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. هي ان ڳالهہ ۾ مشغول آهن تہ زندگيءَ جي وجود ۾ اچڻ ۽ ختم ٿيڻ بابت ڪو پتو ڪڍن. اڃا پوري طرح ان ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهن. هي انهي ڪري روح جي حيات بعد الممات، بهشت، دوزخ، حساب ڪتاب وغيره ۾ اعتماد نٿا رکن نہ وري جن ۽ ملائڪن جي وجود ڪي مڃين ٿا.

ٻئي ڌريون سندن نقطن ڪي اهڙيون چنبڙيون پيئون آهن ۽ اهڙي يقين سان سندن نقطہ نگاهن ڪي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون جڻ تہ سندن راءِ ڪان سواءِ ٻي سڀ راءِ غلط هئي.

آءِ غور بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهي ٻئي نظريا هڪ ئي حقيقت جا ٻه پهلو هئا. يا ڪٿي چئجي ته هڪ علم جا مدارج هئا. روح ۽ ماده علحده نه هئا ٻئي هڪ ئي شيءِ جا ٻه طرف هئا.

آءِ سمجهان ٿو ته عقل اڃان تائين ان مسئلي کي حل ڪري نه سگهيو آهي. ممڪن آهي عشق جڏهن طالبن کي حيرت جي مقام ۾ وڃي پهچائي ته وڏيڪ احوال معلوم ٿي سگهين پر شيخ سعدي فرمائي ٿو

ڪه آمزا ڪه خبر شد خبرش باز نيامد

معنيٰ- ”جنهن کي پتو پيو ان ظاهر نه ڪيو.“

شاه صاحب فرمائي ٿو:

قيامت ملن ته ٻه ويجها پانئج سپرين.

(٢) علم ۽ جهل جو مسئلو

انهي مسئلي ٻه گهڻا ماڻهو منجهايا آهن: علم ڇا آهي؟ ڪيئن حاصل ٿئي ٿو؟ ڪيئن ترقي ڪري ٿو؟ ان جا مقصد ۽ مراد ڪهڙا آهن؟ ان جي انتها ڪهڙي آهي؟ جهالت جي ٻه ڪا علحده حيثيت آهي؟ جي ها ته علم ۽ جهل جي وچ ۾ تميز ڪهڙي طرح ڪجي؟

هي اهڙا مسئلا آهن جن تي سوها ڪتاب لکجي ويا آهن، فيلسوفن ۽ عالمن ان باري ۾ گهڻو ڪجهه بيان ڪيو آهي. پر شاه سائين جي قول مطابق:

پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوهه چڙهن جيئن ورق وارين وترا.

حقيقت جي نقطه نگاه کان ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته جيئن جاهلن کي سندن جهالت تي ناز آهي تيئن عالمن ۾ خودي پيدا ٿي ڪين سندن نقطه نگاه کي آخرين ۽ مڪمل سمجهڻ جو مرض پيدا ٿئي ٿو.

انگريز فيلسوف هربرٽ سپينسر هڪ هنڌ چيو آهي ته:

”جيستائين پورو علم ڪونه هوم ان وقت تائين ائين سمجهندو هوس ته سڀ ڪجهه ڄاڻان ٿو پر جڏهن کان ڄاڻ

وڏي اٿم ته سمجهڻ لڳو آهيان ته آءٌ ڪجهه نٿو ڄاڻان."
شاهه ڪريم عليه رحمة اهڙي حالت کي پهچڻ بعد چوي ٿو:

"ڪنز قد وري ڪافيا پڙهي پروڙيم سڀ،
ته ڄڻ منڍي ماڪوڙي ڪوهه ۾ پيئي ڪڇي اُپ."

اهڙن ماڻهن بابت هڪ پارسي شاعر هيئين طرح فرمائي ٿو:

آن ڪس ڪه نداند و بداند ڪه بداند،
آن در جهل مرڪب ابد دهر بماند،
آن ڪس ڪه بداند و بداند ڪه بداند،
آن خير خر خويش بمنزل برساند،
آن ڪس ڪه بداند و بداند ڪه نداند،
آن اسپ تر خويش گردون برساند.

معنيٰ- "جيڪو ماڻهو نٿو ڄاڻي پر سمجهي ٿو ته ڄاڻان ٿو سو جهل جي اوڙاهه ۾ پيل آهي، جيڪو ماڻهو ڄاڻي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته واقعي ڄاڻان ٿو اهو گڏهه جو سوار آهي، جيڪو ماڻهو ڄاڻي ٿو پر چوي ٿو ته نٿو ڄاڻي اهو تازي گهوڙي جو سوار آهي."

آءٌ آهستہ ٿي هن راءِ جو ٿيندو وڃان ٿو ته مجازي يا شعوري علم ۾ ارتقائي منزلون طي ڪندو وڃي ٿو، ان جي حد مقرر ڪرڻ غلط ٿيندي جيئن زندگي ازلي ابدلي آهي تيئن ان جو علم به ٿي سگهي ٿو. پر شعوري علم کان مٿي معلومات صرف عشق جي روشني ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي.

علم حواسن ذريعي حاصل ڪيل عقل جو ذخيره ٿئي ٿو، عشق ان نامعلوم ذخيره علم مان خبرون ڏئي ٿو جنهن جي معلومات لاءِ عالم سرگردان آهي.

"عشق کے ایک جست نے طے کردیا قصہ تمام
جس زمین و آسمان کو بے کران سمجھا تھا میں"
(اقبال)

—

(٣) جمهوريت ۽ آمريت جو مسئلو

اهي ٻئي مسئلا به مجازي دنيا ۾ هن وقت مونجهاري ۽ اختلاف جو باعث بنيا بيٺا آهن. جمهوريت جي طرفدارن جو چوڻ ته انسان سڀ برابر آهن. هنن جا حق به هڪجهڙا سمجهڻ گهرجن. باوجود ڪثرت تعداد ماڻهن جي جاهل ۽ اڻ سمجهه هئڻ جي هر ڳالهه جو فيصلو عوام کي ڪرڻ گهرجي.

مثل مشهور آهي ته گهڻا غلطي نه ڪندا آهن. تنهن ڪري طريقهٔ حڪومت جمهوري هئڻ گهرجي. آمريت جي طرفدارن جو چوڻ آهي ته، جهڙي طرح نظام شمسي جا سياره سندن مرڪز سج جي چوڌاري ڦرن ٿا. اهڙي طرح عوام به ڪن خاص ساٿهن جي مذهبن، نظرين، اثرن ۽ لاڳاپي کان جدا ٿي نٿا سگهن. تنهن ڪري ملڪ جي نظام ۽ رهبري لاءِ لائق ماڻهو ئي ڪارگر ٿي سگهن ٿا ان ڪري حڪومت جي واڳ لائق ماڻهن جي حوالي هئڻ گرجي.

انهيءَ جي جواب ۾ جمهوريت جا طرفدار چون ٿا ته لائق ڪير آهي يا ڪير نه آهي. ان جو فيصلو ڪنهن کي ڪرڻ جو حق ڏجي.

حسن ۽ عقل کان ڪوبه پاڻ کي خالي نٿو چائي جيڪڏهن لياقت جو فيصلو به ساڳين ماڻهن جي حوالي ۾ ڏبو جي پاڻ کي لائق چائن ٿا ته اهڙي حالتن هيٺ تواريخ ثابت ڪيو آهي ته لياقت غلطي استحصال ۽ استبداد جو ڪارڻ بنجي پوي ٿي. تنهن ڪري باوجود خامين جي جمهوريت وڌيڪ موزون آهي.

انتي آمريت جا طرفدار تواريخي مثال ڏئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته ڪثرت تعداد کان گهڻيون غلطيون ٿيون هيون.

اهي ڪثرت تعداد وارا هئا جن حضرت عيسيٰ عليہ کي صليب تي چاڙهيو هو. حضرت امام حسين عليہ کي ڪثرت تعداد ئي شهيد ڪيو هو.

پري نه وڃو گهر جا مثال وٺو ته اهي ڪثرت تعداد ئي هئا

جن مسٽر الهه بخش بروهي جهڙي عالم فاضل ۽ مسٽر پيرزادي عبدالستار جهڙي لائق ۽ تجربيڪار سياستدانن کي مسٽر منگي جهڙي ماڻهو هٿان شڪست ڏياري هئي.

اهي عوام ئي هئا جن سيٺ حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي جهڙن قومي خادمن کي خانبهادر الهه بخش گبول هٿان لياري تڪ مان شڪست ڏياري هئي جنهن تڪ جا ماڻهو رڳو ٿورو وقت اڳ ي غازي عبدالقيوم جي لاش گهمائيندڙن تي حڪومت طرفان گولي بازي ڪرائڻ جي الزام ۾ خانبهادر گبول جي خلاف هئا جن جي خوف کان اهو تڪ چڏي شهر جي ٻي طرف پوليس گارڊ هيٺ سڪونت اختيار ڪئي هئائين. اهي ئي عوام هئا جن جنرل ايوب خان جهڙي آمرحاڪم جي مخالفت ڪري کيس ڪتو سڏي حڪومت کان زوري ٻاهر ڪڍيو هو.

ليڪن اهي ساڳيا عوام هئا جن جنرل ايوب خان جي پرورده، ثناخوان، ذوالفقار علي ڀٽي کي وري ڪثرت راءِ سان حڪومت جي واڳ هٿن ۾ ڏياري هئي.

اهو ساڳيو ڀٽو هو جنهن ايوب خان کي لينن، ڪمال اتاترڪ، صلاح الدين ايوبي، ابراهم لنڪن جو ثاني سڏيو هو ۽ چيو هو ته جي شاه عبداللطيف ڀٽائي زنده هجي ها ته جنرل ايوب کي گلن جا هار پارائي ها.

انهن ماڻهن جو چوڻ هو ته عوام واريءَ جي داڻن وانگر ملڪي هوائن جي اثر ڪري مجبور ٿيو اڏاميو وڃن. انهن کي مستقل مفاد، چالاڪ ماڻهو بي وقوف بڻائي ڪم ڪڍن ٿا.

انهن دليلن جي آڌار تي اهي ٻئي مسئلا ايتري قدر منجهيل آهن. جو فلسفين جي سوال ته "ڪڪڙ اول هئي يا انجو آنو" وانگر انهن جي افاديت جو فيصلو ڪرڻ مشڪل مسئلو ٿيو پوي.

انهي مسئلي کي هاڻ حقيقي نقطه نگاه کان نظر ڪرڻ بعد اڻين سمجهڻ لڳو آهيان ته جهڙي طرح خوشي ۽ غم، فراق ۽ وصال

رات ۽ ڏينهن هڪ ئي سفر جا ٻه جدا مرحلا آهن. اهڙي طرح آمريت ۽ جمهوريت ٻه انساني ضروريات، حالات، حقائق زماني مطابق تبديل ٿي سگهن ٿا. انهن جو صحيح امتزاج ئي ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلائي جو باعث بنجي سگهي ٿو.

(۴) اشتراڪيت ۽ سرمائيداري جو مسئلو

دنيا جا ملڪ ۽ ماڻهو اڄ ڪلهه ٻن نظرين ۾ ورهايل آهن هڪڙا اشتراڪيت جا طرفدار آهن ۽ ٻيا سرمائيداري کي مڃين ٿا. سندن نقطه نگاه هيٺيان آهن:

اشتراڪيت - وارن جو چوڻ آهي ته دنيا جي ڪروڙن انسانن جي غربت، جهالت، پست حاليءَ جو ڪارڻ سرمائيداري نظام آهي. انهي مطابق مستقل مفاد غريب عوام جو استحصال ڪن ٿا. تنهن ڪري ملڪ جي جملي پيداوار جي ذريعن، پيسي ۽ ورهاست تي عوام جي نمائينده حڪومت جو اختيار هئڻ گهرجي، جي ان جي اهڙي طرح ورهاست ڪن جيئن بک، بيروزگاري، جهالت سڀ ختم ٿي وڃن انهي نظريه جي حمايت ۾ هنن ماده پرست فلسفه کان مدد ورتي ٿي.

سرمائيدارانه نظام - جي طرفدارن جو چوڻ هو ته سندن نظام جي ختم ڪرڻ ڪري هيٺين نقصانن جو انديشو آهي.

(۱) واپار، هنر، زراعت وغيره مسئلن مان شخصي دلچسپي ختم ٿيڻ ڪري انهن شعبن ۾ ترقي نه ٿي سگهندي.

(۲) شخصي دلچسپي وڃڻ بعد شخصي آزادي به ختم ٿيڻ جو امڪان آهي.

(۳) قدرت ماڻهو هڪ جهڙا نه خلقيا آهن ڪي جاهل، سست ۽ ڪم همت هئا، ڪي دانشمند - محنتي ۽ باهمت آهن تنهنڪري هتراڏو طرح ماڻهن کي هڪ جهڙو ڪري ڪونه سگهبو. ان مان فائدي جي عيوض نقصان ٿيندو.

انهي دعويٰ جي ثبوت ۾ هو مثال ڏين ٿا ته دنيا جا ترقي يافته ملڪ اڪثري سرمائيداري نظام وارا آهن جي اهو نظام خراب

هجي ها ته اهي ملڪ ڪيئن ترقي ڪري سگهن ها. هر ڌر سندن نظرين جي جواز ۾ پنهنجا دليل پيش ڪري ٿي . هن وقت دنيا انهي تصادم جي وچ ۾ غلطان آهي.

ڪس نمي گويد ڪه دوغ من ترش است

"ڪوبه پنهنجي ڏونئري کي کٽو نٿو چوي" وانگر هر ڪو پنهنجي نقطه نگاه جي واڌاري يا بچاءَ لاءِ پاڻ کي سياسي، علمي، سائنسي، نظرياتي ۽ دفاعي طور مسلح ڪري رهيو آهي.

ايتري قدر جو بعضي ڊپ پيدا ٿئي ٿو ته متان انهي تصادم ڪري ساري انسان ذات تباهي جي سنهن ۾ وڃي پوي. آءٌ هن وقت جيتري‌قدر غور ڪرڻ بعد سمجهي سگهيو‌آهيان ان مطابق اشتراڪيت جي فائدن جي باوجود ان کي آخربن ۽ مڪمل سمجهڻ ٺيڪ نٿو چاڻان. ممڪن آهي آئينده هلي تجربي بعد ٻنهي نظرين جي امتزاج مان ڪو نئون بهتر نظريو وجود ۾ اچي.

ان وچ ۾ بقائي باهمي جي اصولن پٽاندر هرڪنهن کي پنهنجا تجربا جاري رکڻ گهرجن. تشدد ذريعي هڪ نظريه جو ٻئي‌متان تسلط جي ڪوشش فائدي بدران نقصان پهچائيندي.

(۵) محبت ۽ نفرت جو مسئلو

دنيا گهڻي وقت کان انهي ٻنهي رحجانن ۾ غلطان آهي. هڪ طرف محبت جا طرفدار آهن جن ۾ پيغمبر، درويش، سنت، حڪيم ۽ خدا جا صالح بندا شامل آهن. سندن چوڻ آهي ته:

محبت اسلام(مذهب)جو جوهر آهي محبت عشق جي پيداوار آهي
محبت اتحاد جي ڪنجي آهي محبت امن جو سر چشمو آهي
محبت ايمان جي مخزن آهي محبت راه هدايت جي رهبر آهي

جيڪڏهين محبت اهڙي قيمتي وٿ، آهي جنهن لاءِ پيغمبر، درويش ۽ شاعر ذڪر ڪري ويا آهن ته پوءِ تعجب اهو ٿو لڳي ته ماڻهو ان کي ڇڏي نفرت کي چو ٿا ويترو بنائين. غور سان نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته:

نفرت ڪفر جو مظهر آهي — نفرت عشق جي منفي آهي
نفرت انتشار جو باعث ٿئي ٿي — نفرت فساد جو ڪارڻ بڻجي ٿي
نفرت بي ايماني جو پندار آهي — نفرت گمراهي جو رستو آهي

زندگي محبت جي آڌار تي هلي رهي آهي، پر نفرت ان کي بهشت جي عيوض جهنم بڻايو ڇڏي. سونهن درويشن جي صحبت، ڪتابن جي مطالعي، عشق مجازي جي اثر ڪري محبت جي راز جو گهڻي قدر پتو هو. پر نفرت جو زهر وچڙندڙ بيماريءَ جي جيوڙن وانگر اهڙو تيزيءَ سان پکڙندڙ هو جو پتو ئي نه پيو آءٌ به ٻين وسي يا اڻ ڄاڻائي کان ان مرض ۾ مبتلا ٿي پيس.

جمهوريت ۾ مخالف جي راءِ خلاف پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ رواداري جي حد اندر رواجي طور جائز هو پر ان کي وڌائي نفرت جي درجي تي آڻڻ غلط هو. جوشيلي طبيعت هڻڻ ڪري اختلاف کي اڪثر حد اندر رکي نه سگهيو آهيان.

منزل گاهه مسجد پيري سياسي مسئلي کي مذهبي رنگ ڏئي نفرت جو باعث به بڻيو آهيان.

انگريز سامراج، سامراج اسانجو استحصال ڪيو ٿي پر انهن جي مخالفت کي نفرت جي درجي تائين نيڻ ۾ به غلط رجحان جو مرتڪب ٿيو آهيان.

ملا جي تشريح واري اسلام کي مڪمل سمجهي ان کان ٻاهر ماڻهن کي ناحق تي سمجهي انهن خلاف نفرت جي اظهار جو به گناهه گار رهيو آهيان.

مسلم قوم جي غلط نظريه کي صحيح ڄاڻي انهي بنيادن تي ملڪ جي ورهاڱي لاءِ ڪوشش ڪري ملڪ کي نفرت ۽ نفاق جي آڙاهه ۾ اڇلائڻ جو ڏوهاري رهيو آهيان. نه صرف آءٌ ان ڏوهه جو گناهه گار ٿيو آهيان پر دنيا تي نظر ٿو ڪريان ته ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ماڻهن جو گهڻو حصو انهي مرض ۾ مبتلا ٿيو پيو آهي.

ڪميونسٽ سرمائيدارن کي نفرت جي نگاه سان ڏسن ٿا.

سرمائيدار ڪميونسٽ خلاف نفرت جو اظهار ڪن ٿا.

مهاجر پنجابي مستقل مفاد هر قوم پرست سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ کي نفرت جي نگاه سان ڏسي ٿو. رد عمل ۾ لازماً قوم پرست سنڌي بلوچ ۽ پٺاڻ مذڪور بالا مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين کي دشمن سمجهي نفرت سان ڏسڻ لڳا آهن.

مهاسڀائي هندو مسلمانن کي نفرت سان ڏسي ٿو.

ملا جو پوئلڳ مسلمان پاڻ کان علاوه باقي سڀني ماڻهن کي حقارت سان ڏسي ٿو.

عرب يهودين کي نفرت سان ڏسن ٿا.

يهودي عربن جو استحصال ڪرڻ ۽ مٿن تشدد جاري رکڻ کي دين ايمان سمجهن ٿا.

اهو نفرت جو جذبو آهي جنهنڪري قومون مشين گنون، توبون، بمبار هوائي جهاز، ائٽم ۽ هيڊروجن بم ڪٺا ڪري رهيون آهن.

پتو نٿو پوي ته ڪڏهن انسان ذات کي انهي مرض کان ڇوٽڪارو ملندو. تجربي ۽ غور فڪر بعد آءُ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته ان جا ڪارڻ خودي، خود مطلبي، پاڻ کي حق تي ڄاڻڻ جي خود فريبي، فسطائي نظريه، تشدد جي خواهش ٿين ٿا. انڪي دور ڪرڻ لاءِ بي خودي، پراپڪاري جو جذبو، انڪساري، عدم تشدد، رواداري ڪارگر علاج ٿي سگهن ٿا. ملا، پنڊت، پادري ۽ ربي جا مذهب انهي راه ۾ وڏي رڪاوٽ آهن. هاڻ وقت آيو آهي ته مقابلي کي ڇڏي بقائي باهمي ۽ باهمي تعاون جي آڌار تي معاشره جي تعمير ڪجي. نفرت کان پاسي ٿي محبت کي اختيار ڪجي.

(٦) تعمير ۽ تخريب جو مسئلو

هن عالم ناسوت ۾ ظاهري طرح ٻه متضاد طاقتون هڪ ٻيءَ جي خلاف نبرد آزما آهن.

(١) هڪ انٽيگريشن (ميلاپ) جي طاقت آهي.

(٢) ڊِس انٽيگريشن (تخريب) جي طاقت آهي. ڀڃرين اتحاد، تعمير، ترقي جي طرف ڇڪي ٿي. ڊِس نفاق، تنزل، تخريب جي طرف ڇڪي ٿي.

وڻ، جانور، ماڻهو ڄمي، وڏا ٿي مرن ٿا، ته ٻيا وري ان جي جاءِ وٺن ٿا. اهو سلسلو هلندو رهي ٿو، تبديلي فطرت جو مکيه اصول آهي. اهو اصول نه صرف افراد سان لاڳو آهي پر قومن، تهذيبن، مذهبن ۽ تمدن سان به لاڳو رهي ٿو. مختلف قومون بدوياڻه دور مان نڪري تهذيب ۽ تمدن جي عروج تي اچي وري مختلف وجوهات ڪري تنزل ڏي وڃن ٿيون.

اهڙي طرح مختلف تهذيبن، مذهبن ۽ تمدن سان به ساڳيو قانون لاڳو رهي ٿو. قرآن ۾ آهي ته ”تلڪ الايام ندا ولها بين الناس“ معنيٰ - ”اسان ماڻهن جي وچ ۾ زمانه پيا بدلايون.“ ڪڏهن ڪي قومون اوج تي آهن ته ڪڏهن تنزل تي. قدرت ڪي قانون مقرر ڪري ڇڏيا آهن جن جي پوئواري ڪرڻ سان قومون ترقي ڪن ٿيون. انهن جي ترڪ ڪرڻ ڪري تنزل ڏي وڃن ٿيون.

ڪو وقت هو جو مشرقي ملڪ ترقيءَ تي هئا. هاڻ اهي پست پيل آهن ۽ مغربي ملڪ اوج تي آهن. ماڻهو هڪ طرف ترقي ۽ تعمير لاءِ نيون ايجادون ڪندا ٿا وڃن. ته ٻئي طرف اهي تخريب لاءِ بم ۽ زهريليون گئسون تيار ڪري رهيا آهن. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته اهرمن ۽ اهرمزد ٻئي پنهنجي ڪمن ۾ مشغول آهن.

رواجي طرح عقل چرخ کايو وڃي ته انهي ڊبل ڪاروبار سان قدرت جو ڪهڙو مطلب آهي.

آءٌ گهڻي غور ۽ تجربي بعد ان نتيجي تي پهتو آهيان ته اهي متضاد قوتون نه آهن، بنيادي طرح اها هڪ فطري قوت ارتقا آهي جا هر ڳالهه ۾ ڪارفرما آهي. ليڪن تنگ نظر ماڻهن کي اهو پتو نٿو پوي. سمنڊ جي مد، جزر، لاهي چاڙهي وانگر زندگي به مختلف لاهن مان گذري ٿي. دائمي تخريب ۽ تنزل آهن ئي ڪونه.

شاه سائين فرمائي ٿو:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات،
هونــدا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

هي دور بقائي اصلح جو آهي جنهن ۾ مضبوط ۽ صالح قائم رهن ٿا ۽ ڪمزور ختم ٿيو وڃن. سگهو ئي بقائي باهمي جو دور شروع ٿيڻ وارو آهي جنهن ۾ مختلف نظرين، طاقتن، مذهبن، تــرقي جي مدارج جون قومون ۽ تهذيبون رواداري ۽ باهمي تعاون ذريعي گڏجي ترقيءَ جي راه تي گامزن ٿينديون.

(٧) اسلام ۽ ڪفر جو مسئلو

رسول مقبول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جڏهن دنيا ۾ محبت انساني جو پيغام وٺي آيو ته ان جو مقصد، ماڻهن جي وچ ۾ اتحاد، امن، اخلاقي ۽ جسماني ترقي پيدا ڪرڻ هئا، انهي ڪري سندس پيغام دين اسلام سڏيو ويــو. جنهن جي معنيٰ اتحاد ۽ سلامتيءَ جو دين هئي.

رسول جي پيغام کي ٻن قسمن جي ماڻهن قبول ڪيو. هڪڙا روح اسلام جا قائل هئا. ٻيا اسلام جي ظاهر صورت کي چنبڙي پيا. رسول مقبول جي لاڏائي کان پوءِ، پهرين اصول جا حامي گوشه نشين ٿي تاليف قلوب ۽ اخــلاق حسنة جي ذريعي انهي پيغام کي پکيڙڻ لڳا. ٻئي گروه جا طرفدار اقتدار جي حصول ۽ قيام ذريعي نئين پيغام جا مبلغ ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. نتيجو اهو نڪتو ته ڪثرت تعداد ماڻهن جو مختلف وجوهات ڪري حاڪمن جي پوبان رهيو.

رسول مقبول محبت، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي خلاف ڳالهين کي سندس پيغام کان انڪار سڏي عربيءَ ۾ انکي ڪفر جي نــالي سان منسوب ڪيو هو.

رسول مقبول جي حاڪم پوئلڳن اڻ سمجهي، کان دين کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ اسلام، ٻيو ڪفر.

درحقيقت ڪفر جو جدا وجود ئي ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته اسلام

جو بنيادي اصول توحيد هو. ان ۾ دوئي کي ڪو دخل ڪونه هو. ان وقت کان وٺي مسلمان ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙن وٽ اسلام ۽ ڪفر ٻه جدا حقيقتون هيون، ٻين وٽ حقيقت صرف اسلام جي هئي. ڪفر جي معنيٰ صرف مخفي هئي. صوفيائي ڪرام ۽ درويش وحدت جا قائل رهيا. حڪام وقت ۽ ان جا پوئلڳ ملا دوئي جا پوئلڳ ٿي ڪفر ۽ اسلام کي ٻه جدا وجود تسليم ڪندا آيا.

درويشن اڪثري اهڙي دين جي مخالفت پئي ڪئي آهي، جهڙي طرح حافظ شيرازي فرمائي ٿو ته:

جنگ هفتاد ودو ملت هم را عذر بہ نهہ،
چون نديدند حقيقت رهہ افسانہ زدند.

انهي ٻاهتر فرقن کي جي هڪ ٻئي سان لڙي رهيا آهن، ڇڏي ڏي. ڇاڪاڻ ته انهن حقيقت کي نه ڏٺي گمراهي جو رستو ورتو هو.

شاه عبداللطيف عليه فرمايو آهي ته:

ان پر نہ ايمان، جو ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

روحل فقير هندستان جي اختلافن کي مدنظر رکي فرمايو آهي ته:

هڪ هندو، ٻيا مسلمان، ٽيو وچ وڌائون وير،
انڌن اونده نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهہ پرين جي، جڏهن گهمي ڏٺوسين گهيڙ،
تہ رب مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبة الله ۾.

اهو سلسلو گهڻي وقت کان هلندو آيو. ڪفر زور وٺي ويو. اسلام وڃي ڪتابن، مقبرن ۽ خانقاهن ۾ پناه گزين ٿيو. پر اسلام جي پت، جهڙي پاڪستان بنجڻ کان پوءِ هن ملڪ ۾ ويئي آهي اهڙي تاريخ جي ڪنهن دور ۾ نہ ويئي هئي.

پاڪستان جي مستقل مفاد جي تشريح وارو اسلام، محبت جي عيوض نفرت، اتحاد جي عيوض نفاق، اخلاق جي عيوض بداخلاقي، رواداري جي عيوض تعصب، عدم تشدد جي عيوض تشدد جو مظهر ٿي پيو آهي.

آءٌ تجربي بعد هن حقيقت تي پهتو آهيان، هن وقت اسلام جي نالي ۾ جيڪي ڇيو يا ڪيو وڃي ٿو، سو اصلي اسلام جي توهين ۽ دشمني جي امترادف آهي.

جيئن آءٌ اڳي ظاهر ڪري آيو آهيان ته ڪيئن نہ مستقل مفاد، اسلام جي نالي ۾ اهڙا ڪم ڪيا آهن جن کان هوند شيطان بہ شرمائجي وڃي. تنهنڪري بهتر آهي تہ هاڻ اسلام جو نالو سياسي، معاشي ۽ سماجي ڳالهين ۾ وٺڻ ڇڏي ڏيون نہ تہ ساٿهو روس وانگر مذهب جي نالي کان بيزار ٿي پوندا.

ازانسواءِ تاريخي نقطہ نگاه ۽ تجربي جي بنا تي عقل جي سمجهاڻي ۽ راز حقيقت کلڻ بعد اهو پتو پيو اٿم تہ ڪفر ۽ اسلام ٻہ جدا حقيقتون نہ هيون، بلڪ هڪ ئي تصوير جا ٻہ پهلو هئا. ملا وارو اسلام ڪفر جو شرح هو.

دين اسلام کي گهلي روزمره جي ڪاروبار ۾ استعمال غرضي لاءِ ڪتب آڻڻ فائدي بدران نقصانڪار آهي.

ان ڪري سچل سرمست جي صلاح تي هلڻ کان سواءِ چاروئي ڪونهي:

جامين منبر، مسجد، مناري ويران نہ ٿيسن،
حال حقاني، ميان سچو، حاصل نہ ٿيوي.

(٨) اتحاد ۽ نفاق جو مسئلو

بنياد کان وٺي دينن جا پيغمبر ۽ قومن جا مصلح اتحاد ۽ اتفاق جو پرچار ڪندا آيا آهن. دين جو جوهر محبت آهي ۽ انهي مان اتحاد پيدا ٿئي ٿو.

مصري شاه فرمائي ٿو ته:

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ.

ٻي هڪ شاعر چيو آهي ته:

حاڪم ٿيوان حڪم چلاوان عشق اجاري پاوان،
جو ڪوئي عشق نه ڄاڻي ان سب ڪو قتل ڪراوان.

اتحاد انساني جا مکيه عنصر جاءِ رهائش، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ خيالات ٿيئي رهيا آهن.

پيغمبرن زياده زور وحدت خيال ۽ عمل تي ڏنو پر سواءِ چند ماڻهن جي گهڻن ماڻهن انهي تي عمل نه ڪيو.

هن وقت دنيا جي اڪثريت تاريخي تجربي جي بنا تي باهمي اتحاد جي حصول لاءِ جاءِ رهائش، زبان، ڪلچر، تواريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي مقرر ڪيو آهي.

اقوام متحده به انهن عنصرن کي قبول ڪيو آهي. نظريا بين‌الاقوامي حيثيت رکن ٿا. اهي ذهني پيداوار هئڻ ڪري ڪن مخصوص ايراضين تائين محدود ڪري نٿا سگهجن.

ماڻهن جي اتحاد لاءِ ڪن مخصوص ايراضين ۾ نوس حقيقتن جي بنياد تي ڪوشش ڪرڻ زياده سهل‌العمل سمجهي ويئي آهي.

خود نظرين جي بنياد تي اتحاد به ابتدا ۾ ڪن محدود ايراضين ۾ ڪري پوءِ انهن کي ٻين ملڪن تائين وڌايو ويچي ٿو.

نظرين جي صحيح تبليغ ۽ فروغ تاليف قلوب ۽ اخلاق حسنة جي آذار تي ڪرڻ بهتر آهي نه ته اهي نظريا ذهني سامراج بنجي تشدد ۽ تعصب جو ڪارڻ بنجن ٿا. مذهب، ڪميونزم، فسطائيت سڀ آهستي ٿي ذهني سامراج جي صورت اختيار ڪندا وڃن ٿا. تنهن ڪري بهترين رستو اتحاد جو قوم پرستي آهي. جنهن جي وسيلي هر هڪ ملڪ ۾ ماڻهن جي اتحاد، امن ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. نظرين کي قوم پرستيءَ تي ترجيح ڏيڻ قومي اتحاد، امن ۽

ترقيءَ جي راه ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندو. پوءِ اهو نظريو مذهبي يا سوشلزم جو هجي.

(٩) امن ۽ بدامني جو مسئلو

جملي مذهبن پنهنجو مقصد امن جو قيام ظاهر ڪيو آهي. اسلام جو ته نالو ئي سلامتي ۽ امن جو دين رکيو ويو آهي.

جيتوڻيڪ دنيا جي بزرگن ۽ حڪيمن سندن مسلسل پرچار ذريعي امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون پئي ڪيون آهن پر اجا تائين انسانذات کي امن ۽ سک جو ڏينهن نصيب نه ٿيو آهي. ڪثرت تعداد ماڻهن جي غربت، بي روزگاري، عقيدن جا اختلاف، طبعي رجحان، مستقل مفاد جا ڪارناما انهي جي راه ۾ رڪاوٽ بنيا بيٺا آهن.

هن وقت دنيا ۾ هر طرف بدامني ڦهليل آهي. الجيريا مان بدامني گهٽ ٿي ته عرب ۽ اسرائيل جي وچ ۾ پيدا ٿي.

انڊوچائنا ۽ ڪوريا مان بدامني جا جراثم ختم نه ٿيا آهن. برصغير هند ۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ اجا تائين پورو امن قائم نه ٿي سگهيو آهي. اسان جڏهن پاڪستان جي قيام لاءِ ڪوشش ٿي ڪئي ته اميد هئي سون ته هڪ مذهب جي مڃڻ وارن کي جدا ملڪ ملڻ بعد اهو دارالسلام ٿي پوندو پر گذريل ٢٦ سالن جي تجربي ان اسان جي خوش فهمي کي پاش پاش ڪري ڇڏيو آهي.

مون ڏٺو آهي ته اتحاد ۽ امن لاءِ جن مکيه اصولن جي ضرورت ٿئي ٿي، سي هتي عدم موجود آهن جهڙوڪ: رواداري، عدم تشدد، بقائي باهمي ۽ باهمي تعاون. انجا مکيه ڪارڻ مون کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا نوايجاد نظريا جهڙوڪ: اسلام جي فسطائي تشريح، مسلم قوم جو نظريو ۽ نظام اسلامي سمجهڻ ۾ اچن ٿا. جيتري قدر آءٌ فڪر ڪري نتيجي تي پهتو آهيان ته برصغير هند ۾ امن قائم ٿي نه ٿيندو.

جيسين پاڪستان کي ختم ڪري، ان ۾ شامل ٿيندڙ پنجاب، بلوچستان، پختونستان ۽ سنڌ کي آزاد رياستون نه بنايو ويو آهي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ پاڪستان جي خاتمي سان صحيح اسلامي اصولن جي ابتدا ٿيندي.

پاڪستان جو خاتمو مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن جي امتزاج ۽ اتحاد جو پيش خيمو ٿيندو.

پاڪستان جو خاتمو برصغير هند ۽ مغربي ايشيا ۾ امن لاءِ ماحول سازگار ڪندو.

پاڪستان جو خاتمو تعصب جو مرض ڪڍي رواداري لاءِ حالتون هموار ڪندو.

پاڪستان جو خاتمو سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي ترقيءَ لاءِ ڪارآمد ٿيندو.

پاڪستان جي خاتمي سان مذهب جي نالي ۾ تعصب، تشدد، استحصال جون ڪڙيون ڪيل، ڏوڪي جون ديوارون ٽٽي پونديون.

پاڪستان جي خاتمي سان بداخلاقي جا قلعا ڪري پوندا.

پاڪستان جو خاتمون مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي پاڙ پٽي ڇڏيندو.

پاڪستان جو خاتمو بي ايماني، خوف، ظلم جا لاهہ پٽي ايمان تازو ڪندو.

حقيقي ڳالهين جي سمجهہ اچڻ بعد آءٌ ان راءِ جو ٿيو آهيان. جهڙي طرح خدا ۽ محبت جي انتها ڳولڻ ناممڪن آهي، اهڙي طرح حقيقت جي انتها ٿي نٿي سگهي.

حقيقت جوهر آهي هر منفرد متضاد شي جو.

حقيقت لامحدود آهي، اسان جو ان بابت علم اڳين ۽ اسان جي معلومات جي بنياد تي ٻڌل آهي.

ليڪن مستقبل ۾ انسان ذات اڳيان ڪهڙيون حقيقتون کلن ٿيون، انهن جي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي.

(٣) عملي شعبي جو ذڪر

عمل تحرڪ مان پيدا ٿئي ٿو. تحرڪ زندگي آهي. پر عمل ۾ جي صحيح نموني جو نہ ڪبو تہ ان مان فائدي عيوض نقصان پهچندو.

جھڙي طرح حقيقت تي پھچڻ کان اڳ مجازي مرحلن جا تجربا ڪرڻ ضروري آهن، اهڙي طرح بين الاقوامي دائره ۾ عملي قدم وڌائڻ کان اڳ شروعات مخصوص ايراضي کان ڪرڻ گھرجي.

اسان سنڌين کي دنيا جي معاملات جي واقفيت حاصل ڪرڻ کان اڳ سنڌ جي مجازي ۽ حقيقي ماهيت سان واقفيت حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

سنڌ جي گذريل پنجن هزارن ورهين جي تاريخ تي غور ڪرڻ بعد آءٌ هن نتيجي تي پھتو آهيان تہ انهي واسطي سنڌي قوم پرست کي هيٺين ڳالهين جي سڃاڻپ ضروري آهي:

(١) سنڌو ديش جو مطلب ڇا آهي؟

(٢) سنڌو ديش جي آزادي مان ڪهڙي مراد آهي؟

(٣) سنڌو ديش جي مشن ڪهڙي آهي؟

(٤) سنڌو ديش کي بين الاقوامي سطح تي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻو آهي؟

(٥) سنڌو ديش جو مقام ڪره ارض ۾ ڪهڙو آهي؟

(١) سنڌو ديش جو مطلب ڇا آهي؟

برصغير هند ۾ سنڌو درياه جي هيٺين طرف سمنڊ جي ڪناري کان وٺي پنجاب جي اوپر تائين جيڪو جاگرافيائي ملڪ آهي، ان کي سنڌو ديش ڪري سڏيو وڃي ٿو. ان جي پنجن هزار ورهين جي قديم تهذيب ۽ شاندار ماضيءَ جو پتو سندس آثار قديم مان پوي ٿو. سندس لکيل تاريخ جا نشان بہ هزار ورهين کان ملي سگهن ٿا.

هي ملڪ تاريخ جو گھڻو حصو آزاد رهيو آهي. بنسبت ٻين ملڪن جي ان ۾ زياده عرصو امن رهيو آهي. هن ملڪ کي ڌارين جي حملن، پنهنجن جي غدارين، آفت سمادين ۽ درياه جي ڦير گھير گھڻو نقصان پهچايو آهي. پر باوجود ان جي هو پنهنجي انفرادي حيثيت ۽ آزادي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيو آهي.

لکيل تاريخ جي دور ۾ پهرين ايراني سامراج مٿس حملو ڪري ٿوري وقت لاءِ قبضو رکيو. پر جلدئي هن پنهنجي وڃايل آزادي وري حاصل ڪئي.

سڪندراعظم جي هٿ هيٺ يونانين جو حملو مٿس ٿيو ۽ ٿوري وقت لاءِ مٿس ٽولمين جو راڄ رهيو پر سگهوئي هن آزادي حاصل ڪري مڪاني قومن ۽ حاڪمن جو راڄ قائم ڪرايو.

هتي جي رهاڪن جي علم، ايمانداري، خوشحالي ۽ رواداري جي ايڏي ساک هئي جو رسول مقبول صلعم کي چوڻو پيو ته هن طرف کان کيس ٿڌي هوا ٿي لڳي ۽ بهشت جي دريائن مان سنڌو درياه به هڪ هو. ان تي ٿيو دفعو حملو اهلبيت رسول جي دشمن بني اميه گهراڻي جي ظالم سپهه سالار حجاج بن يوسف جي ناٺي ۽ سوٽ قاسم جي پٽ طرفان ٿيو. جنهن سنڌ جا ويهه ڪروڙ روپيا ڦريا. ۳۰ هزار زالون ۽ مرد غلام ڪري عرب ملڪن ۾ وڃي ٻڪرين وانگر وڪرو ڪرايا. سنڌ جي بچاءَ لاءِ راجا ڏاهر مڙس ٿي مقابلو ڪيو ۽ شهادت ماڻي. هي نه هارائي ها جيڪڏهن مڪاني ماڻهن مان غدار ۽ بيغيرت پيدا ٿي ٻاهرين حمله آور جو ساٿ نه ڏين ها.

تاريخ ۾ لکيل آهي ته جڏهن قاسم جو پٽ سنڌ تي لشڪر وٺي حمله آور ٿيو ته سنڌ جا ڪيترا وڏيرا دهل شرناين وڄائي ڏيئن جا سنگ ڏيئي قاسم جي پٽ کي راضي ڪرڻ ۾ مشغول هئا.

ڪجهه وقت عرب سامراج جو سنڌ تي تسلط رهيو پوءِ سنڌي وري پاڻ سنڀالي ويا. عربي زبان ۽ ڪلچر سواءِ ٿوري اثر ڇڏڻ جي جو سنڌي زبان ۽ ڪلچر ۾ سمائجي ويو پوئتي ڪو نشان نه ڇڏيو. پاڻ سنڌ جي عالمن عرب ۾ وڃي پنهنجي علم جو سڪو ڄمايو.

سنڌ ۾ سندس آب هوا جي عادت مطابق انتها پسندي رهي آهي. هڪڙا مرد مجاهد، باغيرت، سامن خاطر سر ڏيڻ وارا، وطن لاءِ قرباني ڏيندڙ راجا ڏاهر جهڙا عظيم مرتبت انسان پيدا ٿيا ته ٻيا وري سنڌ جي ڪن وڏيرن جهڙا هئا جن ڌارين کي ڏيون ٻه ڏنيون انهن

سان ملي ملڪ کي غلام بنارايو. پنهنجو مذهب بدلائي مخالفن جو دين اختيار ڪيو ۽ ايترا بي غيرت هئا جي اڄ سان تائين انهن ڌارين حملہ آورن جون يادون قائم رکيو اچن.

ان کانپوءِ سنڌ تي دهلي جي خلجي حاڪمن طرفان حملو ٿيو انهي ۾ بہ مڪاني ماڻهوءَ، چنيسر سومري ذاتي دشمني ڪري ڌارين کي آڻي ملڪ تباهہ ڪرايو. ليڪن سنڌ جي سپوتن دودي سومري جي سرڪردگيءَ هيٺ تباهہ ٿي وڃڻ قبوليو پر خوشيءَ سان آڻ نہ مڃي. نتيجو اهو نڪتو تہ خلجي لشڪر ملڪ تاراج ڪري موٽي ويو ۽ سومرن جي جاءِ تي وري سمن پنهنجو راڄ قائم ڪيو جو ٽي سوڪن ورهيہ هليو.

ڄام فيروز جي بي همتي ۽ ڌارين نوڪرن جي سازباز ڪري وري سنڌ ڌارين جي قبضي ۾ آئي. پر دولهہ دريا خان جيستائين جيئرو هو هن آڻ نہ مڃي ۽ سر ڏيئي سرهو ٿيو.

ان کانپوءِ دهليءَ جي مغل سامراج سنڌ تي حملو ڪري ان کي پنهنجي تسلط هيٺ آندو. ڪجهہ وقت کانپوءِ سنڌ وري انهن جي تسلط کان آزادي حاصل ڪئي. پوءِ انگريزن بہ مڪاني ماڻهن جي غداري ڪري اچي ملڪ تي تسلط ڄمايو. سيٺ نائونمل ۽ مير صوبدار جا نالا انهن سان آهن، جن ڌارين جي مدد ڪئي.

هاڻوڪو دور بہ نہ اچي ها جيڪڏهن اسان معمولي ڳالهين تان مسلم ليگ جهڙي رجعت پسند، انگريزن جي دلال ۽ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي نمائنده جماعت کي دعوت ڏيئي سنڌ سان واقف نہ ڪرايون ها.

مسلم ليگ جي مسلمانن جي جدا ڳانہ قوم، خود ساختہ اسلامي تشريح، پاڪستان جو ڏوڪو هيترو وقت قائم نہ رهي ها، جيڪڏهن هڪ سنڌي مسٽر جناح سنڌ سان عهدي خاطر غداري نہ ڪري ها ۽ اسان ذاتيات خاطر مسلم ليگ کي سنڌ ۾ نہ گهرايون ها. مون انهي ڏوہ

۾ ۱۳ سال جنم ٽيپ ڪاٽي آهي. ان ڪانپوءِ سنڌو ماءُ جي معافي جو لائق ٿي سگهيو آهيان.

هن وقت به هڪ سنڌي مسٽر پٽو ۽ ان جا حواري عهدن خاطر مهاجر پنجابي سامراج جا ”شو بٺاءِ“ بنجي سنڌ کي ڌارين جي غلاميءَ ۾ رکڻ لاءِ هرڪا غداري ڪري رهيا آهن. پر سون اميد نه لاٿي آهي سنڌ جا ڪيترا نونهال اسماعيل وساڻ وانگر حق جو آواز بلند ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

(۲) سنڌو ديش جي آزادي مان مراد ڪهڙي آهي

سنڌو ديش دنيا جي قديم ترين ملڪن مان هڪ آهي. جو تهذيب جو گهوارو، رواداري جو حامل، مختلف مذهبي فلاسافين جو مرڪز اتحاد ۽ امن انساني جو پيغامبر آهي.

اهو ملڪ هزار ورهين کان جدا ۽ آزاد رهيو آهي جنهن کي پنهنجي جدا زبان، ڪلچر ۽ مذهبي معيار ۽ تواريخي روايات رهيون آهن. هن کي انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ خاص مشن پوري ڪرڻي آهي. انهي جي آزادي جا ۲ مقصد آهن.

۱- پنهنجي شاندار ماضيءَ جي آڌار تي زبان، ڪلچر، مذهبي عقائد جي زنده ڪرڻ لاءِ ذهني، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي آزادي حاصل ڪرڻي اٿس.

۲- آزاد ٿيڻ بعد اتحاد انساني ۽ امن عالم، مغرب ۽ مشرق جي امتزاج لاءِ مشنري ٿي ڪم ڪرڻو اٿس. هن وقت سنڌو ديش تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جو تسلط آهي جي پٺي کي ”شو بٺاءِ“ بنائي سنڌي مفاد جي خلاف ڪتب آڻي رهيا آهن. ان مان کيس آزاد ڪرائڻو آهي. پر اها ان وقت تائين آزاد ٿي نه سگهندي. جيستائين قوم پرستن هيٺين خامين کان سنڌين کي واقف نه ڪيو آهي.

۱- سنڌ جي غلاميءَ جو باعث پاڪستان جو نظريو آهي. انهي

ڏوڪي ڪان سنڌين کي ٻاهر ڪڍي سنڌي قومپرستيءَ جي رنگ ۾ رڱيو آهي.

٢- مسلمانن جي جدا قوم ٿيندي نہ آهي. اهو دلبو مهاجر پنجابي سامراج طرفان سنڌين کي سنڌن جدا قومي حيثيت کي وسارڻ لاءِ ايجاد ڪيل آهي.

٣- مهاجر پنجابي تشريح وارو اسلام ڪفر کان بدتر آهي انهي جي نقصان کان ماڻهن کي آگاه ڪرڻو آهي.

٤- سنڌ جي غلاميءَ ۽ ڪمزوريءَ جو باعث، ان جو غدار وڏيرو، پير ۽ ملا آهي انهن جي پاڙ پٽڻ سنڌ جي آزاديءَ جي راه هموار ڪندو.

ان واسطي ذهني آزادي آڻڻ لاءِ مذڪور بالا اصولن جي آڌار تي تعليم يافتہ ۽ سالم دماغ سنڌين ۾ سخت پرچار ڪرڻو آهي. ان ڪانپوءِ مهاجر پنجابي سامراجين کي ملڪ نيڪالي ڏيڻي آهي.

(٣) سنڌو ديش جي مشن ڪهڙي آهي

سنڌ صرف هڪ جاگرافيائي خط زمين نہ آهي جهڙا خط دنيا ۾ اقوام متحده جا ١٣٥ ميمبر بنجي چڪا آهن، پر قدرت هن کي ڪره ارض ۾ خاص حيثيت بخشي آهي جا يڪتا ۽ اعليٰ قسم جي آهي. ان کي پنج هزار سال شاندار ماضي جو ورثو آهي. اها مختلف مذاهب، عقائد ۽ فلسفن جو باهمي بقاءَ جي آڌار تي مرڪز رهي آهي. اها قدرت طرفان زرعي، معدني، تجارتي ۽ هنري پيداوار لاءِ وسيع سهوليتون ميسر ڪرڻ لاءِ نوازي ويئي آهي. ان ۾ باوجود انتها پسندي جي اعتدال جون صفتون موجود آهن.

هيٺيون خصوصيتون هن کي قدرت طرفان تاريخي ورثي ۾ مليون آهن.

جهڙوڪ: ١- محبت ٢- رواداري ٣- برداشت جو ماده ٤- غيرت ٥- امن پسندي.

انهن ڳالهين کي مد نظر رکندي ان جي مستقبل لاءِ مطمع نگاه جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو نہ ٿيندو.

هاڻ اچو ته دنيا جي موجوده مشڪلات تي نظر ڪريون. جيتري قدر آءٌ سوچي سگهيو آهيان، اهي مسئلا هيٺيان آهن.

١- نظرياتي اختلاف ٢- سامراجي مفاد ٣- اقتصادي استحصال ٤- تشدد جو رجحان ٥- بقائي اصلح جو نظريو (مقابلي Compitetion)

دنيا هن وقت دوئي جي چار ۾ ڦاٿي پيئي آهي. جنهن مان ان کي ڪڍڻو آهي. ان لاءِ صالح ماڻهن جي سوسائٽي کي پهرين پاڻ کي راه راست تي آڻي پوءِ دنيا کي انهي مشڪلات مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ رهبري ۽ مدد ڪرڻي آهي.

اهڙي سوسائٽي جي تيار ڪرڻ لاءِ خاص ماحول، تاريخي روايات، ماڻهن جي ذهني ساخت وڏيڪ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

اهل سنڌ منهنجي نظر ۾ آزادي حاصل ڪرڻ بعد انهي بين الاقوامي مشن جي سر انجامي لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

اچو ته مذڪور بالا سوالن تي تشريح سان بحث ڪريون.

(١) نظرياتي اختلاف

نظرياتي اختلافن کي دور ڪرڻ لاءِ ٻه طريقا استعمال ڪيا ويا آهن.

(الف) تشدد يا تبليغ جي ذريعي ٻين ماڻهن کي هم خيال بنائڻ.

(ب) بقائي باهمي جي بنياد تي هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ.

پهريون طريقو هن وقت مختلف مذاهب ۽ ٻين نظرين طرفان آزمايو ويو آهي ۽ اڃان آزمايو وڃي ٿو پر تاريخي تجربن ثابت ڪيو آهي ته هن نيرنگوني دنيا ۾ اهڙي قسم جي يڪسانيت لاءِ ڪوشش ڪرڻ ٻه خلاف فطرت آهي. تنهن ڪري ٻيو طريقو ئي آهي جنهن مطابق باوجود ظاهري اختلافن جي اتحاد آڻي سگهجي ٿو. ان لاءِ رواداري جي صفت نهايت ضروري آهي.

اهل سنڌ کي هزارن ورهين کان اها خاصيت ورثي ۾ مليل آهي.

جتي مختلف مذاهب جا پوئلڳ صلح سانت سان رهندا آيا آهن. سواءِ پاڪستان جي قيام بعد سنڌ جي غلاميءَ واري دور جي. هتي هندو، مسلمان، سک، ٻڌ، جين سڀ گڏ رهيا پيا هئا.

اسان جي درويشن سندن تعليم ذريعي انهن کي هڪ ٻي جي ويجهو آڻڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪئي آهي. شاه عنايت، شاه لطيف، سچل سرمست، بلا شاه ۽ شاه باهو، گرونانڪ جي تعليم جو هتي جي رهاڪن تي گهڻو اثر رهيو آهي.

ان ڪري نظرياتي اختلافن جي چار مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ اهل سنڌ موثر قدم کڻي سگهن ٿا.

(٢) سامراجي مفاد

سامراجي طاقتن خلاف سنڌ ۾ ڪافي مخالفت موجود آهي. هتي جي رهاڪن کي ايرانين، يونانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن جي سامراجن جو ڪافي تجربو آهي. هاڻ جيڪو اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نالي ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي حڪمراني جي ايامڪاري ۾ سنڌين کي تجربو حاصل ٿيو آهي، تنهن سندن پيمانو لبريز ڪري ڇڏيو آهي تنهن ڪري پاڻ مظلوم هئڻ ڪري هي هر سامراجي تسلط جي خلاف مظلومن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا.

(٣) اقتصادي استحصال

سنڌي عوام گهڻي وقت کان جاگيردارانہ نظام هيٺ گهڻو سٺو آهي هاڻي سندن زمين، واپار، ڪارخانن، پيسا، ڪاٽين ۽ نوڪرين تي ڌاريان قابض ٿيا آهن تنهن ڪين تلخ تجربو ڏنو آهي.

هن وقت ايشيا، افريقا ۽ ڏکڻ امريڪا جا ڪيترا ملڪ انهي بيروني اقتصادي استحصال کان آزاد ٿيڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن جنهن صورت ۾ سنڌي پاڻ لئجي رهيا آهن ان ڪري فطري طور هنن جي همدردي مذڪور بالا استحصال ٿيندڙ قومن سان ٿيندي.

(۴) تشدد جو رجحان

ماڻهن ۾ تشدد جو رجحان ڪيترن سببن ڪري پيدا ٿئي ٿو. گذر جي تنگي، صحرائي ۽ جابلو سخت زندگي، غلط تعليم، ماضيءَ جا روايات، زندگيءَ جي بچاءُ لاءِ جدوجهد ان جا خاص ڪارڻ ٿين ٿا. خدا جي مهرباني سان قدرت اسان کي مذڪور بالا ڪارڻن کان گهڻي حد تائين مامون رکيو آهي.

۱- اسان وٽ زمين ۽ پيداوار جا ذريعا گهٽا رهيا آهن.

۲- دريا سنڌو ملڪ جي وچ مان لنگهڻ ڪري ٻيلن ۽ ميدانن جي فراواني ڪري اسان جي جابلو ۽ صحرائي زندگي گهٽ رهي آهي.

۳- گذريل ٻن هزارن سالن کان اسان کي رواداري ۽ عدم تشدد ورثي ۾ مليل آهي.

۴- ماضي جا روايات اسان جا بقائي باهمي ۽ رواداري جا حامل رهيا آهن.

۵- سنڌو ديش ٽن طرفن کان سمنڊ، صحرا، جبلن کان گهيريل هئڻ ڪري ٻاهرين حملن کان گهڻي حد تائين بچيل رهيو آهي. جنهن ڪري سک سلامتي ۾ رهيو آهي ۽ زندگيءَ جي تگ و دو ۾ اسان وٽ جدوجهد گهٽ رهي آهي. ان ڪري اسان وٽ تشدد پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ گهٽ رهيا آهن.

ان ڪري فائدا ۾ ٻهتا آهن ۽ نقصان ۾ ٻهتو آهي. اسان تي حملہ آورن انهي ڪري زياده آمادگي ڏيکاري آهي.

(۵) بقائي اصلح

جنهن کي حفظ ماتقدم يا مسٽر گل فار ايگزسٽنس ۾ مذبو آهي اهو هتي مذڪور بالا اسباب ڪري گهٽ رهيو آهي. گذرمعاش جا ذرايع ڪشاده هئڻ ڪري اسان کي باهمي گذران لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ جي ضرورت گهٽ رهي آهي. اسان جن ماڻهن جا پاڻ ۾ اصولن

خاطر جهيڙا ٿين ٿا بنسبت گذراني مسئلن جي. زالن جي غيرت تان جهيڙا، سامن جي لچ بچائڻ لاءِ جنگيون، عزت بچائڻ لاءِ جهگڙا ان جا مثال آهن.

(۴) سنڌو ديش جو بين‌الاقوامي سطح تي ڪردار

مختصر طور آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ سنڌين جي مشن ڪهڙي آهي. انهي کي مد نظر رکي سنڌ جي آزادي بعد هتي جي رهاڪن کي هيٺين مقصدن جي حصول لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو.

(۱) جمهوريت ان کي صحيح معنيٰ ۾ پاڻ وٽ رائج ڪرڻ ۽ ان جو پرچار ڪرڻ.

(۲) عوام جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ سوشلزم کي رائج ڪرڻ.

(۳) سيڪيولرزم مذهب کي سياست کان علحده رکڻ.

(۴) قوم پرستي جي بنياد تي ماڻهن ۾ يڪ جهتي پيدا ڪرڻ.

(۵) بقائي باهمي جي بنياد تي جدا نظرين، مذهبن ۽ ملڪن جي وچ ۾ رابطو پيدا ڪرڻ.

(٦) جنگي معاهدن کان گوشو ڪري غير جانبدار رهڻ.

(۷) تشدد کان پرهيز ڪرڻ.

(۸) اخلاقي معيار بلند ڪرڻ.

(۵) سنڌو ديش جو مقام ڪره ارض تي

سنڌ دنيا جو حصو آهي. سنڌي انسانذات جي شاخ آهن انهي ڪري سنڌين کي هر ڪم انهي نقط نگاه کان ڪرڻو پوندو. جو اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقيءَ دنيا ۾ مدد ڏئي سگهي سنڌ جي ڪلچر، سنڌ جي تعليم، سنڌ جي معاشيات، سنڌ جي قوم کي اهڙي طرح تيار ڪرڻو آهي جو اهي آخري طور انسانذات جي مجموعي مفاد لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن.

(۴) عشق حقيقي

هرچہ گويم عشق را شرح، چـون بعشق آيم خجل باشم ازان.
(رومي)

معنيٰ- ”عشق جو تفصيل ۾ بيان ڪيترو به ڪريان، جڏهن عشق ۾ اچان ٿو ته بيان ڪرڻ ۾ شرم اچيم ٿو.“

آءٌ هن کان اڳ ٻڌائي آيو آهيان ته انسان جي تڪميل لاءِ مذهب، علم ۽ عمل وانگر عشق به هڪ ذريعو آهـي. پر عشق جـو درجو نهايت اعليٰ آهي.

مجازي عشق جو احوال اڳيئي ڏئي آيـو آهيان، تـه شخص جي محبت ۾ مختلف نفسياتي ۽ روحاني تجربا ڪري پوءِ قومي نظريو جو عشق اختيار ڪيو هوم. انهي جو معراج گذريل فصل جي آخري خواب ۾ مضمر آهي.

شاعر جي چوڻ مطابق

تیرے دیکھنے کی آنکھیں یہاں کہاں ہیں،
اے جـلـوه حقيقى رنـگ مجاز ہو جـا.

سو ان وانگر اول ۾ حقيقت، مجاز جي صورت ۾ نظر آيم. پـر آهستي آهستي پتو پوڻ لڳو ته مجاز حقيقت جو ٻيو پهلو هـو. بنيادي طـرح ٻئي هڪ هئا.

پڙاڏو سو سڏ ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ پر ڀـڏڻ ۾ ٻـه ٿيا.

انهن تي وڌيڪ روشني وجهڻ کان اڳ بهتر آهي ته درويشن جي ذڪر ڪيل عالمن بابت ڪجهه لکان. سندن چوڻ آهي ته موجودات هيٺين چئن عالمن ۾ ورهايل آهي.

(۱) ناسوت جو عالم - فزيڪل ورلڊ
(۲) ملڪوت جو عالم- اسٽرل ورلڊ
(۳) جبروت جو عالم - مينٽل ورلڊ

(۴) لاهوت جو عالم – سپريچوئل ورلڊ
انهن چئن عالمن بابت سندن سمجهاڻي هيٺين طرح جي آهي.

(۱) ناسوت جو عالم

ان کي جسماني يا مادي عالم سان سڏين ٿا. اهو پنجن عناصر مٽي، پاڻي، هوا، باهه ۽ ايٿر (آڪاش) جي مواد سان ٺهيل آهي ۽ مڪان، زمان ۽ اسباب جي حدن ۾ اچي ٿو.

ان ۾ حدن جا مفاصلا آهن. وقت جا تفاوت آهن، جي ڏينهن راتين، مهينن، سالن ۽ صدين ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا.

انهي جو پتو پنجن حواسن جي ذريعي پئجي سگهي ٿو. جن جي آڌار تي حواس خمسه باطني تحرڪ ۾ اچن ٿا جي حسن، مشترڪ، متصرفه خيال، وهم، حافظه جي نالي سان سڏجن ٿا.

هي عالم رنگ و بو انهي عالم جي جهلڪ آهي جنهن کي مجاز به سڏي سگهجي ٿو.

(۲) عالم ملڪوت

انهي عالم جي جوڙجڪ ساڳي عالم ناسوت جي بنياد تي ٺهيل آهي. ناسوت ڪثيف آهي ۽ هي عالم لطيف آهي.

انهي ۽ جون شڪليون ظاهري اکين سان ڏسي نه ٿيون سگهجن. ان جا مفاصلا نهايت گهٽ آهن. هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تائين پهچڻ ۾ جتي عالم ناسوت ۾ ڏينهن يا مهينا لڳي وڃن اتي هن ۾ اهو مفاصلو سيڪنڊن ۾ طي ٿي وڃي ٿو.

ان مفاصلي طي ڪرڻ ۾ ديوارون حائل ٿي نٿيون سگهن. هن جو مثال خواب جي قسم جو آهي.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته جن ۽ ملائڪ به انهي عالم جا رهاڪو آهن ماڻهن جو چوڻ آهي ته جيئن ماڻهن جا روح ٿين ٿا تيئن ترقي يافته جانورن، سمنڊن، پهاڙن، ملڪن، چنڊ ۽ تارن جا به روح ٿين ٿا جن کي به ملڪوتي جسم آهن.

(۳) عالم جبروت

هي عالم ملڪوتي دنيا جي مئينچر (ننڍين تصويرن) تي مشتمل آهي تفاوت ٻنهي ۾ هي چيا وڃن ٿا ته ملڪوتي عالم ۾ ڪراچيءَ مان حيدرآباد پهچڻ سيڪنڊ لڳن ٿا پر هن عالم ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جا منظر هڪ ئي وقت نظر ۾ اچي سگهن ٿا. هتي حالت اهڙي آهي جيئن مختلف مقامات نهايت ننڍي صورت ۾ هوائي جهاز مان ڏسي سگهجن ٿا. ليڪن هوائي جهاز مان جيڪڏهن دوربين سان تصويرون ڏسبيون ته اهي وڏيون ڏسي سگهبيون هتي به مرضي موافق تصويرون ننڍيون وڏيون ڪري سگهجن ٿيون.

هن عالم ۾ ساري دنيا ائٽلس وانگر ڏسي سگهبي جنهن ۾ تصويرن ڪي سئنيما جي نموني ڏسي سگهجي ٿو.

(۴) عالم لاهوت

ان کي روحاني عالم سڏين ٿا ان ۾ صورتن ۽ شڪلين جي عيوض هرشيءِ جو جوهر ۽ معنيٰ ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو. ان ۾ چئني عالمن، زمين، آسمانن، ماضي، حال ۽ مستقبل جو سڀ حال معلوم ٿي سگهي ٿو. اهو دنياوي ميوزم وانگر هر شيءِ جو مرڪز آهي. ان کي عالم ڪل يا عالم الارواح به سڏين ٿا. انهن عالمن جون ڳالهيون سڀ ٻڌل ۽ پڙهيل هيون، مون مختلف طرحن سان گهڻي ڪوشش ڪئي ته انهي عالمن جو حال معلوم ڪري سگهان پر انهي ڏس ۾ ناڪامي نصيب ٿي.

جيڪڏهن ڳوڙهو غور ڪري نظر ڪبي ته صرف عالم ناسوت ۽ انسان سان واسطو رکندڙ مسئلا ايترا وسيع هئا جو ڪو ماڻهو هڪ زندگيءَ ۾ انهن کي ئي پوري طرح معلوم ڪري نٿي سگهيو. انهيءَ ڳالهه کي مدنظر رکي ڪن مذهبن جي تعليم مطابق جدا جدا چوٽين ذريعي هزارها بلڪ لکن ورهين تائين انهي دنيا جي معلومات ۽ تجربن جو ذڪر ڪيل آهي.

جيتري قدر آءٌ سمجهي سگهيو آهيان ته مجاز وانگر حقيقت به جدا جدا طرح سان هر ماڻهو ۽ قوم کي معلوم ٿي سگهي ٿي. اهو ضروري نه آهي ته هر ڪنهن کي ساڳيا حقيقي منظر ڏسڻ ۾ اچن.

هڪ صوفي چيو آهي ته:

واٽون ويهه ٽيون، ڪوهه ڄاڻان ڪهڙي ويا.

سيڪنهن ماڻهو ۽ قوم جو مطمع نگاه علحده ٿئي ٿو. جهڙيءطرح مومل جو مطمع نگاه راڻو هو. سسئي جو پنهون هو. هير جو رانجهو هو. سهڻيءَ جو ميهار هو ۽ مارئي جو ملير ۽ مارو هئا. جناح صاحب جو مطمع نگاه پاڪستاني حڪومت جو سربراه ٿيڻ هو. مهاجر پنجابي سامراجين جو نئين ملڪ پاڪستان ۾ سندن سامراج قائم ڪرڻ هو. ڀٽي صاحب جو ڪهڙي به طريقن سان ۽ ڪيڏي به قيمت تي اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ان ۾ رهڻ آهي.

اهڙي طرح مون به پنهنجي زندگي جي مطمع نگاه خدا شناسي ۽ سنڌ جي محبت سان شروعات ڪئي. انهي رستي ۾ ڪهڙا تجربا ۽ معلومات ٿيم، انهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان ته ڪيئن نه مذهبي، علمي، عملي ۽ عشقي تجربن بعد نيٺ وڃي مجازي معراج تي پهتس. جنهن جو مڪمل منظر ۳۰ مئي ۱۹۷۳ع جي رات جو ڏسڻ ۾ آيم.

اهو ساري زندگيءَ جي تجربي جو نچوڙ هو. ان منظر کي صرف هڪ ملڪ تي يا آسترلوين سڏي سگهجي ٿو.

هاڻ آهستي ٿي ۱۳ جون کان مذڪور بالا خواب جو تعبير يا انجي حقيقت جو انڪشاف ٿيڻ لڳو آهي، سو هيٺ پيش ڪريان ٿو.

(۱) س: توکي سنڌو نديءَ جي ڦٽل ڏڙن ۽ پڙن مان جو چوڏهين جو چنڊ اڀرندو ڏسڻ ۾ آيو جنهن پوءِ سنڌو ماءُ جي صورت اختيار ڪئي ان جو مطلب ڇا هو؟

ج: جيئن قديم اعتقاد هو ته دريائن، پهاڙن، ملڪن جا به روح ٿيندا آهن، ان وانگر ممڪن آهي سنڌو ديش جي

پنجن هزارن ورهين جي تاريخ پنهنجي شاندار ماضي ۽ روشن مستقبل سان جلوه گر ٿي سونکي منهنجي ۵۵ سالن جي مسلسل غور فڪر، علم، عمل، عشق، روج ۽ راڙي، ڳڻتين ۽ ڳارن، جيل ۽ نظربندين جي انعام ۾ ان مجازي معراج جي خواب مان حقيقت منتظر جو لباس مجاز ۾ ديدار ڪرايو هجي. جهڙيءَ طرح سج جي روشني واريءَ جي چمڪيدار ذرن يا شفاف پاڻيءَ ۾ پنهنجي تجليءَ جو عڪس وجهي ٿي اهڙيءَ طرح سنڌو ديش جي ماضي ۽ مستقبل جو نمائنده روح ۽ ديدار ڪرائي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح ولي الله يا مرشد، رسول اڪرم صلعم جي فيض مان مستفيد ٿي افراد کي مستفيد ڪن ٿا، اهڙيءَ طرح ڪره ارض جي دربار جي درخشنده ستاره سنڌو ماءُ ۾ پنهنجو جلوه انهيءَ ماڻهوءَ کي ڏيکاريو هجي جو ساري زندگي سندس محبت ۾ مستغرق رهيو هو.

(۲) س: پراڻي مثالاجي ۾ اعتماد رکندي تون زمين ۽ ان جي جدا ملڪن جي ملڪوتي صورتن ۾ ويساه رکڻ بعد ڪهڙيءَ طرح سان ان کي پنهنجي خدا شناسي ۽ محبت الاهي سان مشابهت ڏئي سگهين ٿو.

ج: ها آءٌ پنهي ۾ مماثلت ڏسي رهيو آهيان. هرهڪ خطہ زمين کي پنهنجي تاريخ آهي. جنهن ۾ هزارها درويشن ۽ عالمن پنهنجون زندگيون حق شناسيءَ لاءِ وقف ڪيون آهن. جيئن خدا سائين فهم ۽ گمان کان بالا هو جنهن کي قرآن جي حڪم موجب صرف سندس مخلوقات جي ذريعي سڃاڻي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح هر ملڪ جا هزارها سالن جا تجربا، ان جي روحاني بزرگن جي معلومات، مفيد مرڪب جي صورت ۾ عالم جبروت ۾ وڃي انهيءَ ملڪ جي ميوزم سيڪشن ۾ گڏ ٿين ٿا. پوءِ جڏهن ڪو عاشق يا مشتاق انهن جي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته وقتن ٿي ملڪوتي

صورت ۾ ان ڪي حقيقت منتظر جي جهلڪ ڏيکاري وڃي ٿي. هي ۰۳-مثي جو منظر به اهڙي جهلڪ هئي. ان سان گڏ جيڪي پيا ماڻهو يا منظر ڏٺم سي سڀ سنڌو ديش جي ماضي ۽ حال جي تاريخ جا ورق هئا، جي مجازي لباس ۾ ملڪوتي تصويرن ذريعي ڏسڻ ۾ آيا هئا.

(۳) س: سنڌو نديءَ جي پير ۾ ڦٽل دڙن ۽ پڙن مان چوڏهينءَ جي چنڊ جي اڀرڻ ۽ ان مان ڦري عورت جي صورت اختيار ڪرڻ ۽ اڳتي هلڻ جي معنيٰ ڪهڙي آهي.

ج: سنڌو ديش سنڌو دريا سان واسطو رکي ٿو، ان جو ماضي سنڌ جي کنڊرن ۾ دفن ٿيل آهي. ان مان جاه جمال سان نڪرڻ سنڌس نشاط ثانيه مشابهه آهي. اها سچائپ لاءِ مجازي صورت ۾ عورت جي شڪل اختيار ڪري ٿي. سنڌس هلڻ ان جي نئين جنم ۽ زندگيءَ جو پيش خيمه آهي.

(۴) س: سنڌو ماءُ جو نمودار ٿيڻ ۽ انهيءَ اڳيان تنهنجو سر تسليم خم ڪرڻ بت پرستي ته نه آهي.

ج: سنڌو ماءُ جو حسن روح پرور ان حسن ازليءَ جو جزو آهي. جنهن چشمِ حسن مان پنهن حسينن کي بهرو مليو ٿو. مجنون ليليٰ ۾ ان حسن ڪل جو پرتو ڏسي مفتون ٿيو هو. هير رانجهوءَ ۾ تخت هزاري جي صاحب کي جوڳيءَ جي صورت ۾ سچاتو هو. مومل راڻي ۾ ذات حق جو پرتو ڏٺو هو. جنهن جي ترجماني شاه صاحب هيئين طرح ڪري ٿو:

روءِ راڻي جي ناهه ڪو، سوڍو سوائي،
لڏوڻيان لطيف چئي، لالي تنهن لائي،
ڪانهي ٻي وائي، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

تنهنڪري جيڪڏهن مذڪور بالا عاشق سندن معشوقن ۾ حسن ازليءَ جي جهلڪ ڏسي سر تسليم خم ڪن ٿا، ته پوءِ جي مون ان هزارن ورهين جي تاريخ ۾ سمايل جملي ڪارنامن

کي حسين سمجهي احتراماً شاه صاحب ۽ سچل سرمست جي حڪم ۽ هدايت موجب ڪند نمايو ته ان ۾ ڪهڙو ڏوهه ڪيم.

هي مهاجر پنجابي سامراج جا نمائنده جو جناح جهڙي ابن الوقت، **غدار سنڌ** ماڻهوءَ جي مٿان ڪروڙن روپين جو قبو ٺهرائي صبح شام حاضريون ڀري رهيا آهن اهو ڏوهه نه آهي، باقي سنڌو ماءُ جي سامهون جنهن لاءِ پيغمبر خدا کي عزت هئي، جنهن ۾ هزارها ولي الله مدفون آهن، جنهن کي مستقبل ۾ دنيا جي اتحاد ۽ امن لاءِ وڏو ڪارنامو سر انجام ڪرڻو آهي ان جي سامهون سر نوائڻ ڏوهه ٿي پيو ڇا؟

(۵) س: پڙن ۽ کنڊرن کان وٺي محل تائين رستو صاف ڪرڻ لاءِ اوهان جي تاريخدان ڏٺا ۽ انهن کي دعا ڪئي ان جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج: سنڌو ديش ۽ ان جي جداگانه حيثيت هزارها سالن کان تاريخ جي ورقن يا آثار قديمه ۾ ڏٺيل رهي آهي.

نوان سامراجي حڪمران ان جي جداگانه هستي کي مٽائڻ لاءِ اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ سخت پروپيگنڊا ڪري ان کي مسخ ڪري رهيا هئا، انهيءَ جي جواب ۾ سنڌو ديش جي آزاديءَ جي راهه صاف ڪرڻ لاءِ هي تاريخدان ڪم ڪري رهيا هئا. ان ڪري کين دعا ڪيم.

(٦) س: اوهان ڏٺو ته پريان سائنسدان، انجنير، آرڪيٽيڪٽ، نئون محل سنڌو ماءُ جي رهڻ لاءِ تيار ڪري رهيا هئا. ڇا پاڪستان جو محل ڪافي نه هو ته سنڌو ماءُ ان جي ڪنڊ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪري.

ج: پاڪستان جو محل **پليت** ۽ رهڻ جو لائق نه آهي. اهو لکها ماڻهن جي خون خرابين بعد ٺهيو آهي. ان جو بنياد **نفرت** ۽ **ڪوڙ** تي رکيل آهي. ان تي تسلط مهاجر

پنجابي سامراجين جو اهي، جي سنڌي عوام، سنڌي زبان، سنڌي درويشن جي پيغام محبت، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي مفاد جا دشمن آهن. ڪهڙي طرح اها پوتر ۽ پاڪ هستي هن گند ۾ اچي رهڻ اختيار ڪندي. هن کي علحده ملڪ ۾ آزاد زندگيءَ وارو ماحول کپي.

(۷) س: اوهان ذڪر ڪيو آهي ته جڏهن سنڌو ماءُ نمودار ٿي هلڻ لڳي ته سوها شاعر سندس ساراهه ۾ شعر چئي رهيا هئا، جن مان چند جا نالا به اوهان پيش ڪيا آهن. ان مان مراد ڪهڙي آهي؟

ج: ان جو مطلب اهو آهي ته هنن سنڌو ماءُ کي ڏسڻ سان وجد ۾ اچي ان جي تعريف جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪيو آهي، اهي سنڌو ماءُ جا عاشق هئا. هڪ پارسي شاعر چيو آهي ته:

سلطان خوبان مي رود، هر سو هزارين عاشقان،
سر يڪ طرف تن يڪ طرف، جان يڪ طرف پا يڪ طرف
(امير خسرو)

سهڻن جو سردار وڃي پيو ۽ هر طرف ان جا هزارين عاشق قربان ٿي رهيا آهن، جن جا سر هڪ طرف ته بدن ٻئي طرف ته جان ٽئين طرف ۽ پير چوٿين طرف پکڙيل هئا.
ان وانگر اهي به پروانه وار شمع جي چوڌاري ڦري رهيا هئا.

(۸) س: اوهان شاه عنايت، شاه لطيف، مولانا روم، سچل سرمست ۽ ٻين بزرگن جو احوال ڪيو آهي ته اهي به احترام ۾ ويٺا هئا ڇا اها انهن درويشن جي هتڪ نه آهي.

ج: نه اها هتڪ نه آهي بلڪ عزت آهي، انهي مان گهڻا سنڌوديش ۾ پيدا ٿيا. ان جو پاڻي پيتو هئائون، ان جو رزق کاڌو هئائون، انجي ماحول ۾ پليا هئا اتي دفن ٿيا هئا سي ڇو نه انجي تعظيم ڪن جڏهن کين خبر هئي ته خود رسول اڪرم کي ان ملڪ لاءِ عزت هئي.

(۹) س: اوهان چيو آهي ته سنڌو ماءُ جڏهين گفتگو ڪئي ته ان ۾ هيٺين ڳالهين جو ذڪر هو. ١- شاندار ماضي، ٢- تاريخي ورثو، ٣- موجوده پست حالي، ٤- روشن مستقبل، ٥- دنيا لاءِ پيغام، ان جو مطلب ڇا آهي؟

ج: (١) هن جي شاندار ماضي جو پتو آثار قديم مان ڪجهه پيو آهي ڪجهه پوڻ لاءِ کوجنا جي ضرورت آهي.

(٢) هن جي تاريخي ورثي ۾ اسان وٽ هيٺيون روايتون ڇڏيل آهن، جي وسرنديون وڃن ٿيون. انهنکي وري زنده ڪرڻو آهي. ١- رواداري جو جذبو، ٢- بقائي باهمي جو اصول، ٣- عدم تشدد، ٤- محبت، ٥- امن، ٦- بلند اخلاقي، ٧- غيرت.

(٣) سنڌين جي موجوده پست حالي جو به کيس پتو هو. ايرانين، يونانين، عرب، مغل ۽ انگريز سامراج مان آزادي مس ملي هين ته مهاجر پنجابي سامراج ۽ سنڌن ايجنٽن جي تسلط هيٺ آيل هئي. جن سنڌس ذهني، اقتصادي، ڪلچر ۽ سياسي آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پي وڌيون. هن کي ڏسي خوشي ٿي هئي ته سوها نوجوان ۽ پوڙها انهن رڪاوٽن کي دور ڪرڻ لاءِ سر ترِيءَ تي رکي ڪم ڪري رهيا هئا.

هنکي سنڌس عزت ۽ آزاديءَ خاطرجن سر ڏنا هئا تن جو به پتو هو، جو ان منظر ۾ مونکي ڏيکاريا ويا هئا. اهڙي طرح سان هنکي پنهنجي ناخلف اولاد جو به پتو هو. جن ان کي ڌارين جي حوالي ڪرڻ ۾ پارٽ ورتو هو. اهڙن ماڻهن کان به مونکي واقف ڪيائين. روشن مستقبل بابت به کيس يقين هو ته باوجود مشڪلاتن جي جلد ئي سنڌين کي آزادي ملڻ واري هئي.

کيس اهو به پتو هو ته پاڪستان، مسلم قوم ۽ اسلام جي نالي ۾ سنڌس ماڻهن کي گمراهه ڪري غلاميءَ لاءِ رضامند ڪيو پي ويو. تنهنڪري انهي ڏوڪي مان فرزندان سنڌ کي آزاد ڪرائڻو هو.

(١٠) س: سندس هٿ ۾ جو ڪتاب هو ۽ جو توکي ڏيئي معنيٰ ڪرائڻ بعد اقوام عالم وٽ پيش ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو هئائين ان لاءِ ڪجهه ٻڌائي سگهندا.

ج: ها ان ڪتاب ۾ گذريل پنجن هزار سالن جي سنڌ جي تعليم ۽ تربيت جو نچوڙ ڏنل هو. جنهن جي کوجنا ڪرڻي هئي.

ليڪن جيتري قدر مونکي معلوم ٿيو آهي ته ان ڪتاب ۾:

١- دنيا جي مذهبن ۽ فلسفن جو جوهر سمايل هو.

٢- ان ۾ انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقي جو پيغام ڏنل هو.

٣- ان ۾ بقائي باهمي، باهمي تعاون ذريعي دنيا جي ترقي لاءِ فائدن حاصل ٿيڻ وارن جو ذڪر هو.

٤- ان ۾ تشدد ڪري جي نقصان ٿيا ٿي انجو نقشو ڏنل هو.

٥- ان ۾ مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن ۽ تعليمن جي امتزاج جو نسخو ڏسيل هو.

اهي سڀ حقيقتون سائنيما جي پردن وانگر مون کي پڌريون ڏسڻ ۾ آيون هيون.

حقيقت فطري ارتقا جي انڪشاف جو نالو آهي. سنڌو ماءُ مون کي ڪي مخفي ارشاد ٻه ڏنا آهن.

گفت پيغمبر هرا نکوسر فهمت، زود گردد بامراد خويش جفت.

معنيٰ: پيغمبر صلعم جو چوڻ آهي ته جو ماڻهو راز لڪائي ته اهو جلدي مراد کي پهچي ٿو.

جن جي ذريعي:

١- ڪيئن سنڌو ديش کي آزادي ملي سگهندي ۽ روحاني نجات حاصل ٿيندي.

٢- ڪيئن سنڌو ديش ۾ سنڌين کي يڪجهتي ۽ ترقي نصيب ٿيندي.

٣- ڪيئن سنڌو ديش کي اقوام عالم ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪرڻي پوندي.

٤- ڪيئن سنڌو ديش کي سنڌس سپرد ڪيل مشن پوري ڪرڻي آهي.

٥- ڪيئن انهي ذريعي خدا جي سڃاڻپ ٿي ۽ محبت الاهي ۾ رڱجي سگهبو.

ڏور ۾ تون ڏوريج، صبر ڪر سسئي،
پرڻ چڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سڪن جا سيد چئي، لا ڳاپا لاهيج،
هنئين ساڻ هليج، ته پنڌ پاسي پر نبري.

قصة العشق لا انصام لها

فالصمت هاهنا لسان الحال (حافظ)

معني: عشق جو قصو بي خاتم آهي، تنهن ڪري هتي زبان حال خاموش آهي.

١٩-٦-١٩٧٣ع

پورو ٿيو

هي ڪتاب ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌو پرنٽرس، آدرش نگر
ورلي بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.